نئين مصر
جا
پراڻا ورق

DRY LEAVES
FROM
YOUNG EGYPT

By E. B. Eastwick

از:

اي - بي ايسٽوڪ

•

ترجمو:

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

ميرر رستم خان، خيرپور

عمر 81 سال، انگريزن جو خيرخواه پر انهيءَ هولڊي ۾ قيدي.

نئين مصر جا پراڻا ورق

DRY LEAVES
FROM
YOUNG EGYPT

By E. B. Eastwick

از:

اي - بي ايسٽوڪ

ترجمو:

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

تعارف

محمد حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

[هن سنڌي ترجمي جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.]

پهريون ايڊيشن : سال 1973ع ڪاڻيٽو: هڪ هزار
ٻيون ايڊيشن : سال 1978ع ڪاڻيٽو: ٻه هزار

هن ڪتاب لاءِ مرزا عباس علي بيگ صاحب اصل انگريزي نسخي ۾ ڏنل تصويرون اشاعت لاءِ مفت مهيا ڪري ڏنيون ۽ مسٽر محمد حنيف صديقي صاحب سنڌ جي تاريخ ۽ ادب سان محبت جي ڪري، بنان معاوضي، ڪتاب جو علمي تعارف لکي ڏنو، جنهن لاءِ ادارو ٻنهي صاحبن جو نهايت ٿورائتو آهي. ـ ناشر.

قيمت : پنجويهه روپيا
[Price: Rs. 25.00]

NAEEN MISR JA PURANA WARQ: A Sindhi translation of the book 'Dry Leaves from Young Egypt', Written by E.B. Eastwick and translated by Dr. Mumtaz Pathan.

Published by: Sindhi Adabi Board.
P. O. Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan.

English Edition: First published from London, 1849.
Sindhi Edltion: First published: 1973.
This 2nd Edition: 1978.

تعارف

چارلس نيپئر ١٨٤٣ع ۾، سنڌ جي ميرن سان اچرائي ڪري، مٿن حملو ڪري، ملڪ فتح ڪيو. تنهن کان اڳ، ئي خدا ترس ماڻهن جي دلين ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو ۽ نيپئر جي بددياڻت ارادن بابت شڪ شبها پيدا ٿيا هئا ۽ هنن هندستان ۽ ولايت جي اخبارن ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

نيپئر جي سياسي ڪمشنر ميجر آئوٽرام جي شروع کان ئي ميرن سان همدردي هئي ۽ هوڪيس جارحانه ڪارروائي ڪرڻ کان روڪيندو ايندو هو. ساڳئي وقت، بمبئي ٽائيمس جو ايڊيٽر، مسٽر بيوسٽ به دل کولي پنهنجي اخبار ۾ گورنر جنرل ۽ نيپئر جي ڪارروائين تي نڪته چيني ڪندو رهندو هو. لڙائيءَ کان پوءِ بيوسٽ صاحب لنڊن جي "ٽائيمس" اخبار جو هندستاني - خاطو به هو. اهڙيءَ طرح، لنڊن جي اخبارن کي به صحيح خبرون پهچنديون هيون ۽ اهي انهن خبرن کي وقت بوقت مشهوري ڏينديون هيون. لڙائيءَ کان پوءِ آئوٽرام بمبئيءَ موٽي ويو ۽ گورنر سان مليو ۽ ڪيس نيپئر جي زيادتين کان واقف ڪيائين ۽ اهو به ظاهر ٿيو ته نيپئر پنهنجن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل کي ڪيترن حقيقتن کان غافل رکيو هو يا انهن کي مروڙي سروڙي پيش ڪيو هو. نيپئر ڏاڍو غصي وارو آدمي هو. ڪراڙيءَ کي جڏهن انهن ڪارروائين جي خبر پئي ته باهه ٿي ويو! هوڏانهن اخبارن به باهه ٻاري ڏني. ١٨٤٥ع ۾، چارلس نيپئر جي ڀاءُ وليم "سنڌ جي فتح" نالي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن فاتح سنڌ جي حد کان وڌيڪ تعريف ڪئي ۽ ميجر آئوٽرام تي حملا ڪيا.

آئوٽرام ان جو جواب پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌ جي فتح بابت ٽيڪا ٽپڻي" Conquest of Sind — a Commentary. ۾ ڏنو، جنهن ۾ هن سمورين حقيقتن بابت ليپٽر جي حرڪتن کي بي نقاب ڪيو. الهيءَ جو جواب وري رچرڊ ليپٽر ڏنو. پوءِ تہ عام بحث شروع ٿي ويو، جنهن ۾ پنهي ڌرين جي حمايتن بهرو ورتو. جنرل جان جيڪب ان معاملي ۾ آئوٽرام جو طرف ورتو. هوڏانهن ليپٽر جي چاٽي ۽ اي-وي-سي مانٽگو مئڪمرڊي وري چارلس ليپٽر جي وڪالت شروع ڪري ڏني. چارلس ليپٽر جي ٻئي پائٽي ۽ اي-ڊي-سي، وليم ليپٽر، جو سندس ڀاڻو ٻہ هو، ٻئي خاصيءَ سرجوشيءَ کان ڪم ورتو. حيدرآباد جو ڪلڪٽر رئڊبورن ٻہ هن جي مدد ڪندو هو ۽ Omega جي ڏالي سان پنهنجا ليک ڇپائيندو هو. الهي جا مضمون Karrachee Advertiser ۾ ڇپيا هئا، جو هفتي ۾ ٻہ دفعا شايع ٿيندو هو ۽ شايد حيدرآباد يا ڪنهن ٻئي ضلعي جي ليٿو پريس ۾ ڇپبو هو. پر اهي همراهہ چالس ليپٽر جا نادان دوست ثابت ٿيا ۽ سندس شهرت کي ڪافي نقصان پهچايائون. هوڏانهن ولايت ۾ Edinburgh Review ۽ Examiner Times ٻئي الهيءَ ويڙهہ ۾ خاص بهرو ورتو. انهن سڀني اخبارن جا نوٽو اسٽيٽ نقل، ضروري آهي، تہ سنڌي ادبي بورڊ ۽ اسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي لاءِ حاصل ڪرڻ ڪپن، جو اهي اخبارون ۽ رسالا ان وقت جي تاريخ جو سرچشمو آهن.

ڪئپٽن ڊبليو. جي. ايسٽوڪ، جيڪو شايد Dry leaves جي مصنف جو ڀاءُ هو، تنهن اهو سوال ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جنرل ڪورٽ ۾ اڀاريو. تان جو معاملو وڃي برطانيہ جي پارليامينٽ ۾ پهتو. ١٨٩٤ع ۾، اچانڪ Dry leaves From Young Egypt شايع ٿيو، جنهن ۾ ١٨٣٩ع ۾ سنڌ ۾ جيڪي حالتون هيون، تن جي چٽي تصوير ڏني وئي ۽ ڏيکاريو ويو تہ ڪيئن ڊ

نئیں مصر

جا

پرانا ورق

ان ڳالهه جو ذڪر اڳي ئي ڪري چڪو آهيان تہ اهڙا گهٽائي مرد مولا جا ان وقت هئا، جن سچ جو هوڪو ٻڌي ڏنو.

جن بہ ڏارين ماڻهن سنڌ ۽ سنڌين کي ويجهو ڏٺو آهي ۽ الهن سان گڏ گهاريو اٿن ۽ کين پنهنجا ڪي خاص مقصد سنڌ ڪرڻا نہ آهن، تن سنڌين ۽ الهن جي ڪردار ۽ سادگيءَ جي تعريف ڪئي آهي.

حيدرآباد سنڌ.
١-مارچ ١٩٧٣ع

محمد حنيف صديقي

هن ڪتاب جو ڪوَر ۽ شروعاتي 28 صفحا، چارٽ ۽ فوٽو سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد صفحي ١ کان صفحي ٠٠ع تائين پرواز پرنٽنگ پريس، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ ظفرحسن، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڪوڙين تهمتن جي بنياد تي ميرن سان ڏني وائني ارهه زورائي ڪئي ويئي هجي. دراصل، انهيءَ ڪتاب جو مصنف E. B. Eastwick هو، ليڪن اهو ساڳيو ماڻهو نه هو، جنهن لنڊن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جنرل ڪمپنيءَ ۾ تقريرون ڪيون هيون ؛ شايد مصنف جو ڪو ڀاءُ يا ويجهو عزيز هو، ١٨٥١ع ۾ انهيءَ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ظاهر ٿيو. جنهن ۾ مزيد معلومات ڏني وئي هئي. ڪتاب جو برطانيا ۾ چڱو اثر ٿيو ؛ ميرن لاءِ همدردي پيدا ٿي، جيتوڻيڪ ان جو ڪو ڪڙ تيل ڪوله نڪتو. انهيءَ وقت تائين سنڌ تي جيڪي ڪتاب لکيا ويا هئا، تن ۾ تعصب کان ڪم ورتو ويو هو، سواءِ ڊاڪٽر برنس جي ڪتاب A Visit to the Court of sind جي. ايسٽوڪ صاحب سفارتي عملي جو رڪن هو ؛ سنڌي، بلوچي ؛ فارسي زبانن کان چڱيءَ طرح واقف هو. هن جي سنڌين ؛ ميرن سان همدردي هئي. شايد Cap. Browne سان، جو اڀر سنڌ ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ هو، هن جي اڳبطت هئي. هن کي اڀر سنڌ ڏانهن ١٨٣٩ع ۾ ڪرنل پاٽنجر، جيڪو ڪچ ۾ ايجنٽ هو، موڪليو هو. رچرڊ برٽن پنهنجن ڪتابن ۾ سنڌين تي چوهه انهيءَ ڪري چنڊيا آهن جو هو اڃا سنڌ ۾ نئون آيو هو ؛ چارلس نيپئر کي خوش ڪرڻ ٿي چاهيائين. هونءَ نه هن جي مشرق جي ماڻهن سان همدردي گهٽ هئي.

ڪن ماڻهن کي گمان آهي ته هي ڪتاب ميرن يا سنڌن ڪن وڪيلن، مسٽر ايسٽوڪ جا ڪيسا ڀري، ڪانئس لکرايو هو. ٻر مون کي پنهنجي مطالعي مان اهڙي ڪا ڳالهه معلوم ڪانه ٿي آهي. جي واقعي ائين هجي ها ته چارلس نيپئر جا حواري ضرور پنهنجن ڪتابن ؛ ليڪن ۾ ان ڳالهه ڏي اشارو ڪن ها. مان

نئين مصر

جا

پراڻا ورق

مصنف: هڪ اڳيون پوليٽيڪل عملدار

”—؟ ڪيئن نہ اهي راڪاس پنهنجن ٻارن کي تباهہ ڪري ڇڏيندا هئا. پهريائين تہ هو هڪ قسم جو اوڊالسڪيز نالي عرق، زالن کي ڏيئي ٻار ڪيرارائي ڇڏيندا هئا. پر جيڪڏهن اهو طريقو ڪامياب نہ ويندو هو، تہ پوءِ هُو ٻار کي جمڻ کان پوءِ پنهنجن هٿن سان ٽڪر ٽڪر ڪري ماري ڇڏيندا هئا. نہ تہ گهٽو ڪري ٻارن کي طَول يا گَديءَ هيٺان رکي پوءِ بيفڪريءَ سان انهيءَ تي چڙهي ويهندا هئا، ۽ ڪائيندا پيئندا ۽ تماڪ جا دولهان ڪڍندا رهندا هئا. انهيءَ ظالمانہ ڪم تي هو هڪيئي سان چرچا ۽ گهڻا بہ ڪندا رهندا هئا، ۽ سندن ٻار سندن هيٺان دٻجي مري ويندا هئا.“ ”سنڌ جي فتح“ حصو ٻيو. ص ٣٤٨.

”تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا بيان ڏنل آهن، جن جي ٻنهرائي ڪرڻ يا جن کي غلط ثابت ڪرڻ، ڪاڻ اهميت نٿو رکي. ماڻهن جي ڪيل چڱائيءَ نيت بہ چڱائي پيدا ڪئي آهي، بشرطيڪ انهيءَ جو دارومدار سچ تي آهي. پر جڏهن ڪنهن فرد جو ڪردار خطري ۾ اچيو وڃي تہ پوءِ هڪ ڏاهو ليکڪ مٿس لڳل بهتانن تي غور ۽ ويچار ڪندو ۽ انهيءَ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اهو ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح وجود ۾

آيو آهي. اهو بهتان گهڙي طريقي ايجاد ڪيل آهي ۽ ان ڪيئن هُلايو ويو آهي، الهيءَ تي به هُو ٻنهن و خيال ڊوڙائيندو. ۽ انهيءَ ڪم لاءِ ڪيس هڪ اهڙي ڏکئي دؤر مان گذرڻو پوندو جنهن ۾ ڪيس تمام ڪورا وَجهڻ الهيءَ کي ڪوڙو يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ملندا."

—"گريٿن جون تصنيفات" جلد 2، ص 242.

انتساب

ليفٽيننٽ ڪرنل جيمس آئوٽرام سي- بي. جي ٽالي تي-
سندس اوچي ۽ بلند ڪردار،
سندس بيلوث خدمت ۽ مستقل مزاجي،
۽ سندس عوامي خدمت ۾ اٿڪجندڙ چاهه جي مدنظر
هي
واقعن جا مختصر نقش
جن ۾ هُن مشهور ڪردار ادا ڪيو آهي
۽
ان انهن ماڻهن لاءِ جن سان انصاف ٿيڻ لاءِ
هُن ڪهڙوئي ٻاڻ ٻڌوڙيو،
مصنف نهايت احسانمنديءَ ۽ دلي محبت سان
هي ڪتاب ڪيس منسوب ڪري ٿو.
— مصنف

پهرئين ڇاپي جو ديباچو

هن ياد داشتنامي جي پهرين سٽ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو، ته مون نهيءَ کي انهيءَ وقت کان ٿي سال اڳ لکڻ شروع ڪيو، جڏهن سنڌ جي ميرن جا وڪيل پنهنجي ملڪ لاءِ انصاف وٺڻ جي سيني ڪوشش ۾ ناڪامياب ويا. مون انهيءَ اميد سان ڪتاب لکڻ شروع ڪيو هو، ته خيرپور جي ميرن سان جيڪو اٿسهائيندڙ سختيءَ جو ورتاءَ ڪيو ويو آهي، اهو ثابت ڪريان ته نه ٿيڻ ڪپندو هو. جيئن ته اڳرائي اسان جي طرفان ٿيل هئي، ان ڪري اسان کي ڪين اهڙيءَ طرح ستائڻ نه ڪپندو هو، پوءِ پل ته انهن جي اسان ڏانهن دشمني ثابت به ٿي هجي ؟ پڻ "پلو بڪ" ۾ جيڪي ڪجهه لکيل آهي، انهيءَ کان به وڌيڪ سنڌن خلاف ثابتي ملي هجي. جڏهن مون ڏٺو ته انهن سان ڪوبه انصاف نٿو ٿي سگهي، تڏهن مون پنهنجو قلم اچلائي ڇڏيو. پر جيئن ته بنگال جي خراب آبهوا جي ڪري ؟ پڻ دل جي ڏک سبب مير صوبدار خان، سندس ماءُ ؟ وڏي پٽ جي مرتيي جي خبر پيئي آهي، جي اسان جا پڪا دوست ؟ ساٿي هئا، انڪري آءٌ پاڻيان ٿو ته مون لاءِ هيءُ هڪ سونهري موقعو آهي ته باقي جيڪي وڃي بچيا آهن ؟ قيد ۾ آهن، تن لاءِ عوام ۾ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪريان ؟ سنڌن باري ۾ ڪو عوامي رايو پيدا ڪرائي وٺان.

سو، مون چڪ انهيءَ چٽيءَ روشنيءَ ۾، جا انهيءَ معاملي ٿي ميجر آئوٽرام ؟ سڳيوان اڳيئي وجهي ڇڏي آهي، فقط هڪ

ڪمزور ميڙ بتيءَ جي روشنيءَ جو اضافو ڪيو آهي. هن لکڻ جي ڪري جيڪڏهن آءٌ ڪيريل ميرن جي اڳوڻن دوستن جو رايو سندن فائدي ۾ آڻي سگهيس تہ ٻيو آءٌ سمجهندس تہ منهنجو مطلب پورو ٿي ويو.

ٻئي ڇاپي جو ديباچو

اهو مرحوم لارڊ جيفري، جو نقادن جو ليويٿان آهي، ۽ جنهن جي وفات تي گهڻو ڏک ظاهر ڪيو ويو هو، تنهن هن ڪتاب جي اشاعت کان پوءِ مون کي هڪ خط لکي منهنجي جهڙيءَ ٿهڙيءَ لکڻيءَ جي ساراهه ڪئي ۽ چيائين ته ”ميرن کي ختم ڪرڻ جي ٻاليسي يا انهن سان انصاف ڪرڻ لاءِ وڏيڪ ٻيا ڳاڻا ڪرڻ ضروري هئي، ۽ هاڻي اسان کي انهيءَ سچي معاملي کي پنهنجو ڪيل ڪرتوت سمجهي قبول ڪرڻو پوندو. جنهن نمولي ۾ تو واقعات، فردن ۽ ڪردارن جو نقشو چٽيو آهي، اهو تمام دلچسپ ۽ دل ليائيندڙ آهي. ۽ مون کي تنهنجو هر هر سوال ڪرڻ جو نمونو البت ڪونه ٿو وڻي، ڇاڪاڻ ته اهو مناملو ڪڏهوڪو پورو ٿي چڪو آهي، جيتوڻيڪ ڪن ڇڪن ماڻهن اسان جي انهيءَ ڪردار تي پنهنجو راضپو نه ڏيکاريو آهي.“ ان ڪري اهو قاعدو ٿي وڃي آهي ته اسان جا داناءَ ماڻهو، اسان کي ڪالونين مان ڀڄندڙ (اتي جي ماڻهن تي ٿوپيل) مصيبت ۽ بي انصافيءَ جي خبرن تي ڪوبه غور نٿا ڪن. ڇڪا چوڪا ماڻهو جي هن ملڪ ۾ ماڻهن جي آزاديءَ جي ٿوري به پڇڪڙيءَ تي اليو ڪڙا ٿين، سي اسان جي طرفان ڪيل ظلم ۽ بي انصافيءَ جو ڪوبه خيال نٿا ڪن. ڪرنل ڊڪسن جو ’مارواڙ‘ ۾ چوڻ آهي ته ”هاڻوڪو راجا مانسنگهه اهڙن موقعن تي فقط ’ٺيڪ‘ ’ٺيڪ‘ چوندو هو.“ فقط ’ٺيڪ‘ ’ٺيڪ‘ چوندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ته ائين، بلڪل سچ وغيره وغيره. (۽ رعيت تي ٿيل ظلم جو ڪوبه خيال نه ڪندو آهي). حقيقت هيءَ آهي ته انگريز عوام کي سچ ۽ ڪوڙ جو ڪو پتو ئي نٿو پئجي سگهي.

سنڌ جو مثال وٺو، انهيءَ تي هڪ طرف اسان کي سر چارلس نيپئر جو بيان ملي ٿو ۽ ٻئي طرف ميجر آئوٽرام جو. ٻنهي جو بيان هڪٻئي جي ابتڙ آهي. دنيا جي نظرن ۾ اهي ٻيئي ڇڙا سنڌ جي معاملي ۾ ڀڙ سمجهيا وڃن ٿا، جن کي انهيءَ ملڪ جي ٻوري ڄاڻ هئي. ٻنهي جو بيان هڪٻئي سان اختلاف ٿو رکي، اڪري انهيءَ تي ڪهڙو فيصلو ٿي سگهي ٿو؟ آهي ڪو اهڙو ماڻهو جو ويهي شاهديون ٻڌهي؟ شاهديون وري اهڙيون ته ڊگهيون، جو جن جو فرض آهي ته اهي ٻڌهي ڏسن، سي به ڪوله ٿا پڙهن. فرض ڪريو ته اهي پڙهن به ڪٽي ۽ الهن ۾ اهڙا ڪيترا ماڻهو آهن جو انهن کي پڙهي ٻوءِ ڪو قدر ڪندا. جيڪڏهن انهيءَ شهادت يا ثابتيءَ کي مڃيو به وڃي، تڏهن به ڇا، اسان جو عوام اهڙو آزاد آهي جو ان تي ڪجهه ڪري سگهي! ڇا اهو سچ آهي ته انهيءَ معاملي تي وڏيڪ ٻيا انهيءَ ڪري ڪانه ڪئي ويئي آهي، جو انهيءَ تي ٻطرفو مواد موجود آهي، ۽ جيئن ته انهيءَ تي به متضاد ٻا هڪٻئي جي اُبتڙ بيان موجود هئا، ان ڪري ته ٻاڻ وڏيڪ ٻيا ڳاڇا ڪرڻ ڪپندي هئي. هتي ٻارهن ڪن اهڙا ماڻهو به موجود آهن، جن مان ڪي تمام وڏي رتبي تي ٻهتل آهن. ٻڻ اُهي انهن ماڻهن مان آهن، جن جي اخلاق تي ڪنهن به قسم جو شڪ نٿو ڪري سگهجي. انهن جو به اهو چوڻ آهي ته "ميرن سان بلڪل زور آوري ڪئي ويئي آهي ۽ ڪانئن سندن ملڪ ڪوڙين ۽ بي بنياد شاهدين تي ڪسيو ويو آهي. سچيءَ ڳالهه جي لاءِ شروعات ۾ هميشه گهٽ شاهدي ميسر ٿيندي آهي، ۽ دال ۾ مڙيئي ڪجهه ڪارنهن آهي. هيترن سارن ماڻهن کي ٺڳي نٿو سگهجي.

هڪ، به يا ٽي ماڻهو هڪ ڪمزور ڪيس پيش ڪري سگهن ٿا ۽ ٻر ڊزن ڪن ماڻهو انهيءَ معاملي بابت مشڪل ڪا

غلطي ڪن، جيڪي هنن ٻڌو يا ڏٺو هو. جڏهن اسين چئون ٿا ته مير رستم خان سان زيادتي ٿي آهي، تڏهن اسان نٿا چاهيون ته سر وليم نيپئر جي افواهي ۽ ٻڌل ڳالهين کي سچ سمجهي سندس ڳالهه تي اعتبار ڪريون. اسان کي سچي خبر آهي، چاڪاڻ ته اسان انهيءَ ڪيل زيادتيءَ کي پنهنجن اکين سان ڏٺو آهي ۽ ڪنن سان ٻڌو آهي. اوهان کي ثابتيءَ لاءِ ٻيو وڌيڪ ڇا ڪپي. سيٽي، جيڪڏهن "هائوس آف ڪامنس" انهيءَ معاملي تي جاچ پڙتال لاءِ ڪا ڪميٽي مقرر ڪري ته ٻوءِ اسان جو فرض آهي ته اسين انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪريون ته انگريزن، سنڌ جي ميرن تي تمام گهڻيون زيادتيون ڪيون آهن. اهڙا ڪيترائي مرد، عورتون ۽ ٻار آهن، جي اڃا نائين (آءٌ اهو نٿو چوڻ گهران ته اهي ڪهڙيءَ نه اوچائي تان ڪيري هيٺ ڏوڙ ۾ وڃي پيا آهن) اسان جي هٿان جيلن ۾ پيا آهن، ۽ پڻ ملڪ بدر آهن. سنڌن خلاف اختيار ڪيل بي انصافي، جيئن ته پڌري آهي، ان ڪري ڪوبه ماڻهو انهيءَ جي ثابتيءَ لاءِ جاکوڙ نٿو ڪري. اسان انومان ڪڍندي جيڪي زيادتيون سنڌن خلاف ڪيون آهن، انهن جي ثابتي هاڻوڪن دستاويزن مان ملي ٿي، جي اسان کي مير علي مراد جي خلاف مليا آهن. ڇا انهيءَ ۾ خدا جو هٿ نٿو ڏسڻ ۾ اچي! ڇا انهي شهزادي اسان جي مفاد تي ڏاڙو نه هنيو آهي! آءٌ نٿو سمجهان ته اسين ڪڏهن به انهن بدنصيب امين جي بيگناهيءَ بابت ڪو فيصلو ڏيئي سگهنداسين. اسان جو جيستائين پنهنجو مطلب ڦاٽل هو، تيسين اسان سنڌن مٿان، هڪ نه ٻيو بهتان ٻڌي مڙهيو. پر جڏهن اسان جي حقن جي مير علي مراد جي هٿان تلافي ٿي آهي، تڏهن اسان اهي حقيقتون پيش ڪيون آهن جن مان ٽالپرن جي بيڏوهي هجڻ جي ۽ پڻ اسان جي مٿن مڙهيل زيادتين جي خبر پوي ٿي.

انهن زيادتين بابت پڙهندڙ لاءِ هن ڪتاب جي ٻوئين باب ۾ گهڻو ڪي ڏنل آهي، پر ان هوندي به ڪيس يقين ٿيڻ گهرجي ته جيڪا به ٻتاڙ ڪئي ويئي آهي، اها سچ ته هڪ ڊنل خاڪي واڱر آهي.

مون جيڪو بي انصافيءَ جو نقشو چٽيو آهي، انهيءَ تي ماڻهو منهنجي خلاف ٿيندا، پر مون کي ڪابه پرواهه نه آهي. مون تي هڪ فرض عائد ٿي ويو هو، جو مون بنان ڪنهن دشمنيءَ يا بغض جي ادا ڪيو آهي. جتي به مون ڪنهن جو ڏوهه ڏنو آهي، اتي پڇت آهر تمام گهڻ نالا ڏنا اٿم. پر ڪن حالتن ۾ نالن ڏيڻ کان سواءِ مون لاءِ ٻيو ڪوبه چارو نه هو. مون جيڪي به لکيو آهي، اهو ايمان جي سلامتيءَ سان سچ لکيو آهي ؛ آءٌ سمجهان ٿو ته هن آزاد ملڪ ۾ ڪوبه ماڻهو هڪ سچ چوندڙ ماڻهوءَ سان دشمني نه وجهندو.

هاڻوڪي ڇاپي جي باري ۾ مان ڪرنل آئوٽرام، ڪرنل ڊڪنز، هزهائينس نظام علي محمد خان جي وزير شجاع الملڪ ؛ ٻين انگريز ؛ هندستاني ماڻهن جو ٿورائتو آهيان، جن هن ۾ دلچسپي ورتي. آءٌ مسٽر گرانٽ ڪاڪتي جي مشهور آرٽسٽ جو به ازحد ٿورائتو آهيان، جنهن ميرن جي تصويرن ناهڻ ۾ نهايت ايمانداريءَ ؛ جذبي کان ڪم وٺي تمام سٺيون ڪيون ڏيون.

هڪ نندڙي ڳالهه: هڪ اڳاڻ دوست مون کي صلاح ڏني آهي ته مان هن ڪتاب جو نالو بدلائي ڇڏيان. انهيءَ ڏس ۾ آءٌ قبول ٿو ڪريان ته مون پنهنجي ڏنل خاڪن کي اهڙو ته نالو ڏنو آهي، جو عام پڙهندڙ سمجهي نه سگهندو، پر هاڻي انهيءَ کي بدلائي نٿو سگهجي. ٻيو اعتراض مون تي اهو آندو ويو آهي، ته مون اوير جي ماڻهن جا نالا عجب نموني ۾ ڏنا آهن، انهيءَ لاءِ هڪ مختصر جواب ڏيڻ ڪافي ٿيندو. آءٌ پانڌيان ٿو ته اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونه آهي، جو مشرق (اوير) جي

نالن کي هڪڙي نموني ۾ لکي سگهي. انهيءَ لاءِ پيغمبر اسلام جي سڳوري نالي جو مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندو، جنهن لاءِ انگريزن طرفان هيٺان نالا استعمال ڪيا ويا آهن:

(١) مَحوَند	(اولڊ بيلڊ)	Mahound
(٢) مَحومت	(پريڊڪس)	Mahomet
(٣) مَحومد	(اورمي)	Mahomed
(٤) مَحومَد	(ڊَو)	Mohmmad
(٥) مُحامد	(نيپئر)	Mohamed
(٦) موحمّد	(ميل ۽ سيل)	Mohammad
(٧) موحامّد	(لين)	Mohammad
(٨) مُحمّد	(جانسن)	Muhammad

انڪري ظاهر آهي ته هرڪو انگريز جڏهن به مشرق جي نالن کي لکندو، ته ٻوءِ ٻل هو انهيءَ ٻولين کان واقف هجي ٻه ان هوندي به هو انهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ جدا جدا نموني ۾ اُچاريندو. انهيءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ آهي ته ٻوءِ هو ٻل وڃي ڊي- هربيلاٽ جي آتم ڪهاڻين واري ڊڪشنري ڏسي، چاڪاڻ ته ڪيس ٻڪ ٿيندي ته جيسين اڳيون آزمودو نه هوندو، تيسين ڪيس صحيح حقيقت معلوم ڪرڻ ۾ ڪلاڪ لڳي ويندا.

ٻولين جي نقطه نگاهه کان انگريزي هڪ اهڙي ٻولي آهي، جنهن ۾ هڪجهڙائي بلڪل گهٽ آهي. اهو ڏسي عجب ٿو لڳي ته ڪيئن نه يُو، اي لاءِ، آءِ، اِي لاءِ، او، يو لاءِ ؟ ڪهڙو به اکر ڪنهن ٻئي هڪ جهڙي اکر لاءِ استعمال ٿيندا رهن ٿا. آءِ جو ئي مثال وٺو. انهيءَ کي جداجدا اُچارن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. جهڙوڪ:

(١) ٻڪ ۾ آءِ	i
(٢) مٿائن ۾ آءِ اي	ie

(٣) رسيو ۾ اِي آءِ ie
(٤) ايڪئل ۾ اِي e
(٥) ميٽ ۾ اِي اِي ee
(٦) ميٽ ۾ اِي اي ea
(٧) ائجس ۾ اي اِي ae
(٨) ٻيپل ۾ اِي او oe
(٩) اوئسوفيگس ۾ او اي oe
(١٠) ڪيي ۾ اِي واءِ ey
(١١) ليفٽيننٽ ۾ آءِ اي يو ieu
(١٢) گوريلا ۾ يُو اِي ue
(١٣) گيٽار ۾ يُو آءِ ui

اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر لاٿام انگريزن جي حرف علت واري سرشتي کي رد ڪندي، ٻڌايو آهي ته انگريزي زبان ۾ ڏاريءَ لفظن کي اُچارڻ جو ڪوبه مقرر اصول ڪونه آهي، چاڪاڻ ته هڪجهڙائي فقط يافتي ٻولين ۾ ٻڌ سنسڪرت ۾ ڏني ويئي آهي. سنسڪرت زبان ۾ هر هڪ اکر لاءِ هڪ آواز آهي ۽ فقط هڪڙو.

حرف علت سرشتو به انهيءَ جو سولو آهي، چاڪاڻ ته ان کي تمام آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.

اسان وٽ ڇهه حرف علت آهن:

a	a	آ	آئُو
x	i	اِي	اِيئُو
u	u	اُو	يُو

چار حرف علت جا گڏيل آواز آهن:

e	آئُو ۽ اِيئُو = اِي
o	اَئُو ۽ يُو = او

آ ۽ ايئو=آئي ai

آ ۽ يئو=آئو au

اهي نشان هندستاني ٻولين جي آوازن کي اُچارڻ لاءِ ڪافي آهن، ۽ ٻڌ عربي ۽ فارسيءَ جو به ساڳيو حال آهي، انڪري ڇو نه انهن کي اسين پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪم آڻيون. Consonant يا حرف صحيح جي باري ۾ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته اسين ڪيئن انهن کي صحيح طور اچاري سگهون ٿا، جڏهن ڪه يوروپي ٻولين ۾ سندن لاءِ ڪوبه برابر لفظ ڪونه آهي. مثال طور عربيءَ جي 'ح' اسان جي (H) ايچ کان وڌيڪ زوردار مخرج رکي ٿو. انڪري اسان انهيءَ لاءِ ايچ (H) جي هيٺان نقطو ڏيئي ان جي برابر بيهاريو آهي. انهيءَ طرح عربي جي 'ع' لاءِ جيئن ته ڪوبه اکر انگريزي زبان ۾ ڪونهي. انڪري اسان يئو کي اضافت جي نشاني ڳنڍي 'ع' لاءِ هڪ نئون اکر ٺاهيو آهي. جهڙو عذر کي Uzr ڪري لکندا آهيون، ۽ اهو ته ٻاڻ وڌيڪ مونجهارو پيدا ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهو هڪ ته U (يئو) جي مثان اڏ ۾ وانگر پيو لڳي، ۽ پيو ته اهو 'ع' جي علامت حذف جو به ڪم ڏيو وڃي. انهن نشانن استعمال ڪرڻ سان هڪ اکر جون گهڻيئي معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون، انڪري بهتر آهي ته نشانن جي بدران ڇو نه اصل اکر ڪم آڻجي. جاجهه ۾ ٻوڻ جو ڪو ضرور ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ٻوءِ اها ڏاڍي تڪليف ٿي ڏئي.

انگريزن ۽هندڙ جيڪڏهن ٻاڻ وندرائڻ لاءِ هندستاني سفرنامي تي ڪو واهيات ڪتاب، جنهن کي هئو ڏسڻ به پسند نه ڪندو هجي (جهڙوڪ هاڻي سندس هٿ ۾ آهي) ڪٽندو ته ٻوءِ هئن کي اهڙن ڏنگن- قڏن ڪرهت آميز اکرن ۽ جملن تي ڪاوڙ لڳندي، جي هئن کي بلڪل نرالا ۽ ڌاريا لڳندا.

آهي تہ اهو هڪ گنڀير معاملو، جنهن تي ويچار ڪرڻ لازمي آهي ۽ جيڪڏهن اسان کي هڪ دفعو انهن لفظن کي چڱيءَ طرح استعمال ڪرڻ جو ڍنگ اچي ويو ۽ تہ پوءِ اها سڄي تڪليف دُور ٿي ويندي ؛ جيڪي غلطيون ڪيون وڃن ٿيون، اهي بہ پوءِ ڪونہ ٿينديون. ڪي اهڙا بہ رستا آهن، جي نقشي ۾ تہ ڪونہ ڏنل آهن، ۽ ڪوارٽر ماسٽر جنرل جي ڪاتي ۾ مذڪور آهن. ڪي وري هُتي ڪونہ آهن، نہ نقشي ۾ وري ظاهر ظهور ٻيا آهن. ڪوبہ ماڻهو انهيءَ ڳالهہ جي اڳڪٿي نٿو ڪري سگهي تہ هيءَ سڄاڳي جي دؤر ۾ ڪو اهڙو وقت اچي وڃي، جڏهن اسين ڪيترن هنڌن تي هڪ عالمي ٻولي استعمال ڪريون. اهڙيءَ حالت ۾ پوءِ هڪ فرينچ ريگنبرگ کي ريسٽبون ؛ انگريز ميونچين کي ميونچ چوڻ ڪان گسائيندو ؛ هڪ انگلو انڊين سولائيءَ سان گنگا جو لفظ اُچاري ويندو. ساڳيءَ طرح قاهرہ جي بدران جو هڪ گندو ؛ اٿسهائيندڙ لفظ 'ڪيرو' استعمال ڪيو وڃي ٿو، اهو بہ بند ٿي ويندو منهنجي خواهش آهي ؛ ۽ اميد اٿم تہ اهو طريقو جلد از جلد رائج ٿي ويندو.

ـ مصنف

فهرست

باب پهريون ۱-۲۳

ديسا- آبو جبل جو ديدار- اتي جا تاثرات- ڪاٺياواڙ ڏانهن رستو- منڊ يڪراجو بنان بت جي مندر- راجڪوٽ- ڪالا ڊگلا والا جا فرض- چوماسي جو گڏ ٿيڻ- سنڌ ڏانهن خشڪي رستو- پڻچ- ڪچ جو راءُ- لکپت بندر- رڻ لتاڙڻ- سنڌين جي هلت- سنڌوءَ ۾ ٻوڏ- لنگر ٿٿو.

باب ٻيون ۲۴-۵۹

پهريون تاثر- سليمان جو فيصلو- لنگر ٿٿو- حيدرآباد ڏانهن سفر- شڪارگاهه- سيوهڻ- منچر جي ڍنڍ- نارو درياءُ- سکر بکر- سکر جو طواف- الور جو سير- درياهه جو الور کان وهڪرو ڦيرائي روهڙيءَ وٽان وهڻ جي تاريخ- روهڙيءَ جو وار مبارڪ- بلوچن جون آڪاڻيون- ڪوسا بلوچ.

باب ٽيون ۶۰-۸۱

سنڌ ۽ افغانستان جي والارڻ تي تبصرو.

باب چوٿون ۸۲-۹۱

۱۸۳۹ع جي هوري ٿيڻ وقت سنڌ جون حالتون- قيدي ايرالي- رنجيت سنگهه لاءِ سوڪڙيون- فوجي ۽ سياسي ماڻهن ۾ نا اتفاقي- سکر جي چوطرف قبن جي بيعزتي ڪرڻ جو الزام- قلات جو شاهنواز خان- عاميل جو فوجي رسالو- الف خان ٽرين.

باب پنجون ۹۲-۱۰۰

جهنگلي سوئرن جو درياهه اُڪرڻ- پوليٽڪل ايجنٽ جو سکر ڇڏڻ- ايجنسي جي چارج وٺڻ تي هدايتون-

حريف سيد - بهاولپور جو وڪيل - فرسٽ گرينڊيئر جي ڪن سپاهين خلاف دانهن ته هنن ڪيس ڦريو آهي - انهن جو بلوو - ڏيهي آفيسرن جو اثر - پنچات - هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون.

باب ڇهون ۱۰۱-۱۳۰

ڏياري - شڪارپور - جئت سنگهه هندو صراف محمد حسين داروغو - عظيم خان بارڪزئي - ابراهيم شاهه - جگن ۽ جانيد يرو - عاميل جي شڪست - ليفٽيننٽ والپول ڪليرڪ - بگٽي قيدي - يارو خان ڪوسو - سانولو بڙدي - قلات جو دشمن جي هٿ چڙهڻ - اسان جي فوجي جٿن جي واپسي - خطرناڪ بيماري - باز جي شڪار جون ڀارتيون - آرٿر ڪونولي - سيد زين العابدين - ڪمال خان ڪهيري - بجر خان، سندس مشهور گهوڙيءَ جو وڪرو.

باب ستون ۱۳۱-۱۴۳

سرتاف جي جنگ ۽ والپول ڪليرڪ جو موت - عاميل جي ڪلپرس جي ٻنيان ٻوڙڻ ۾ ڪاميابي - ڪڇيءَ جو نائب محمد شريف - انهيءَ علائقي جي بد انتظامي - سنڌي الف - ب - ت - شڪي خط.

باب اڻون ۱۴۴-۱۵۷

سرهند جو پير - ڪراڙيءَ عورت جي ڳالهه - اڻسهائيندڙ مهمان - شال ۾ بلوو ۽ ان تي تبصرو - عبدالله ڪهيريءَ جي رپورٽ.

باب ناڻون ۱۵۸-۱۷۹

نفشڪ جي جنگ - ڪليبارن جي فوج جو پوئتي هٽڻ - پاڳ ڏانهن سفر - ملڪ جي تشويشناڪ حالت - لهڙي - گنداوا جو ساڙڻ - شڪارپور ڏانهن واپسي.

باب ڏهون ١٨٠ - ١٩٢

شاهپور - عاميل جو همراز ترڪ علي - رئيس العلماء سان ملاقات - ڪانڌا ۽ پاڳ وٽ جهڙهون - دادر تي حملو - ليفٽيننٽ لَوڊيءَ جو خون - ميرنور محمد جي وفات - گنداوا وٽ نصير خان جي هار - بروهي قيدي - شڪار ڳڙهه ۾ شڪار.

باب يارهون ١٩٣ - ٢١٩

١٨٤١ع جي شروعات ۾ سنڌ ۽ خراسان جي حالت - ميرستم سان ملاقات - ڪاجڪ جي فتح - روهڙيءَ ۾ وڳوڙ - جنرل ونچورا - رنڌڻي ۾ هڪ عجيب مهمان - سنڌو جو چڙهڻ - صمد خان - پوليٽيڪل ايجنٽ جو موت - درياهه ۾ لهوارو سفر.

باب ٻارهون ٢٢٠ - ٢٥١

حيدرآباد - اميرن سان ملاقات - حيدرآباد جي اميرن جو ڪردار ۽ سندن مڪيه آفيسر - ڪراچيءَ جو رستو - مگر تلاءَ جي زيارت - سنڌ چڏڻ وقت ويچار - بمبئي ڏانهن روانگي.

باب تيرهون ٢٥٢ - ٣٩٩

ڪتاب جي خاتمي تي سنڌ ۾ ٻاران اڀيل - ميرن تي ڪيل زيادتين جو وڏي صحرا ۾ ٻڙلاءِ - سنڌ سان اسان جي تعلقات جي مختصر تاريخ - انهيءَ جعلسازيءَ جو هاڻي ظاهر ٿيڻ جنهن جي ڪري ميرستم خان کي تخت تان لاهو ويو - ميرن سان جنگ ڪرڻ ۾ بي انصافي.

ميرستم جون تڪليفون ڏسڻ ۽ سندس موت - سندس وزير فتح محمد جو قيد ٿيڻ - فتح محمد جو وري اسان جي

دوست بهاولپور جي خان جي وچ ۾ ٻوٽ ڪري آزاد ٿيڻ - فتح محمد جو سکن کي ملتان وٽ شڪست ڏيڻ ۽ مولراج باغيءَ جي خلاف ٻهرين سوپ -

ميرن رستم جي وڏي ٻٽ محمد حسين کي ديس نيڪالي ۽ تڪليفون - ميرن شهداد کي پنج سال هڪ معمولي ڏوهاريءَ وانگر قيد ڪرڻ - انهيءَ کان پوءِ مٿس تهمت مڙهيل ڏوهه - جو مقدمو هلائڻ ۽ سندس عزت سان آزاد ٿيڻ - ميرن نصير خان، ميرن صوبدار خان ۽ سندس وڏي ٻٽ ميرن فتح علي خان جي وفات - ٻين ميرن تي ٿيل زيادتون - سنڌ جي اُمت جي تفصيل کي ڏسندي، سنڌ کي ٻهڻجي هٿ هيٺ رکڻ ۾ انگريزن جو نامناسب قدم.

سنڌ جي تاريخ جو اختصار ۱۴۰۰

ضميمو -١

آبوءَ وٽ ٿرماميٽر جي الڳ اکرن جي فهرست

ضميمو -٢ ۽ ٣

ميرن جي وڪيلن جي خطن ۽ درخواستن جو تفصيل

ضميمو -٤

ميرن جي معاملي جو سندن ٻنهنجي چوڻ موجب تفصيل

ضميمو -٥

مياڻيءَ جي جنگ جو اکين ڏٺو احوال

ضميمو -٦

حيدرآباد جي مير نصير خان جي ٻنهنجي روايت

ضميمو -٧ ۽ ٨

حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن جو شجرو

ضميمو -٩

مياڻيءَ جي جنگ تي ميجر ويڊلگٽن جي ڏنل بيان تي ميجر جنرل سر وليم ليپٽر جو ڏنل تبصرو ۽ ان جو جواب.

باب پهريون

ديسا - ابوجبل جو ديدار - آتي جا تاثرات - ڪانيلواڙ ڏانهن رستو-
منڊيگرا جو بت ڪان سواءِ مندر - راجڪوٽ - ڪالاڊگلا ولا
جا فرض - چوماسي جو گڏ ٿيڻ - سنڌ ڏانهن خشڪي
رستو - پچ - ڪچ جو راءُ - لکپت بندر - رڻ لتاڙڻ-
سنڌين جي هامت - سنڌوءَ ۾ ٻوڏ - ننگرنٿو.

مون پنهنجو سفر سال ١٨٣٩ع ۾ شروع ڪيو هو، جنهن وڃي مون کي سنڌوءَ جي تاريخي ۽ ڪي قدر لڙاڻيل پاڻيءَ تائين پهچايو. پر ترسو، اهو اڪيلو سفر اهڙو ته اڙانگو هو جو آءٌ چاهيندو هوس ته ڪو حاليائي ملي، ته ويهي ساڻس اورجي، سو پڙهندڙ اچ، ته ويهي اوريون. اهو هڪ تمام وڻندڙ دورو هو جو ڪنهن پاڳ واري کي به مشڪل ملي. نقشي ڏانهن ته نظر ڪر، ديسا (١) ڪان وڻي هالار تائين جيڪا به ايراضي آهي انهيءَ کي ڏس. رڳو واري ئي واري لڳي پيئي آهي. ڪٿي ڪٿي ان کي پير ۽ آڪ جو غريباڻو لباس پيل آهي؛ ڪن ڪن هنڌن ته وري اهو پاڻ کي آڻيو سائي جهالر سان پرگهٽ ڪري، پر اهو هڪ چڊي پوشاڪ تائين محدود آهي. بناس ڪان وڻي سنڌوءَ تائين، آءٌ نٿو پاڻيان ته ڪا ٻي نهر هوندي. اعتبار ڪريو ته رڳا ڪينا ڪوهه آهن. آسٽريليا (٢) جو رهاڪو

---

(١) ديسا جو شهر گجرات جي پالنپور رياست ۾ آهي ۽ ريلوي اسٽيشن آهي. (٢) آسٽريليا جو گهڻو برپٽ آهي، جتي ڪاڏو ۽ پاڻي مشڪل سان ملي ٿو.

به هتي جي رهندڙ ماڻهوءَ کان چڱي حالت ۾ آهي. اوهان جي ڌرتي به ڪيني ته اوهان جا ماڻهو به اهڙا ئي خراب. اهوئي ڪافي آهي جو اهي Avrxbo'ves آهن. منهنجي ڄاڻ ۾ ٻي ڪابه قوم اهڙي واهيات نه هوندي، ڇاڪاڻ ته اهي اهڙائي نيچ ۽ ڪنجوس آهن جهڙي اٿن واري، جنهن کي اهي لٽاڙيندا رهن ٿا ۽ ان سان گڏ وري زُود رنج ۽ چيڙاڪ به آهن. سچ ته قومن جي ڪاهه ۽ ملڪگيري جو هتي ڪوبه اثر نه ٿيو آهي. محمد بن قاسم جي وقت کان وٺي ڪن ٿورن انهيءَ ملڪ تي حملو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته رڻ جي ڦورن ۽ سنڌو ڊيلٽا جي مهاڻن مان ڪي به پراپت نٿو ٿئي. سو اچو ته انهيءَ ڳالهه تي بحث ڪريون ته ديسا جهڙي ٻڪئي ملڪ ۾ بيادي پلٽڻ ڇالاءِ رکي ويئي آهي، ۽ نه وري آءٌ اتي فوجي ڇانوڻي رکڻ جي ضرورت ٿو سمجهان. پر جيئن ته گهٽا ڪم ٻي سبب ڪيا ويندا آهن ان ڪري هن تي بحث ڪرڻ اجايو ٿيندو ۽ اهوئي ڪافي آهي ته انهن کي به ٻي سبب ڪن جي دائري ۾ شمار ڪيو وڃي. ننگرپارڪر جي ڦورن ۽ سندن پاڙيسري رڻ جي ڌاڙيلن کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ گهوڙسوارن جو جٿو رکڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جي پريان واريءَ ۾ ڊوڙڻ اسان جي سپاهين کي ڪلٿهارڪو ڪيو وڃي. ديسا ۾ اسان جون به پلٽڻون آهن جن مان هڪ يورپي آهي، جا سخت گرميءَ ۾ ماندي هوندي به هر وقت چُست رهي ٿي ته مٿان سندن لاڏيون هڪ نه ٻي رات ڀيلن جي هٿان ٻُهارجي وڃن. ديسا کي گرو ۽ خشڪ چوڻ سراسر سچ آهي، جا حقيقت ۾ هڪ تمام غيرآباد جاءِ آهي. جيتوڻيڪ اهو شهر ٢٤-١٥ ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڪوسي ڪمربند کان ٻاهر آهي پر ان هوندي به منجهس تيز جيترو به فرق نه آهي. اسان جو يار، سج به لاهي پاهي اهڙي طرح اچيو انهيءَ برپٽ مٿان بيهي جو انهي تاؤ کان بچڻ لاءِ ململ جي ڪپڙي کي ويڙهي سيڙهي، اڇي ٽوپي جي چوڌاري ٻڌو پوندو آهي.

مٿي سان تہ ٿي اهڙي ويڙن، پر پيرن جو بہ ڪو چڱو حال ڪونهي، جو آهي بہ هرهڪ وک ۾ ڇهہ انچ ٽيٽ واريءَ ۾ ٽنبجو وڃن، جنهن جي گرمائش رت جي دوري کي جوڪائتي رفتار ۾ وجهيو ڇڏي. افسوس آهي، انهن لاءِ جن جا نيٽ انگلنڊ جي سرسبز ميدانن ۽ ٽڏين هيرن تي هريل آهن. انهي هوندي بہ شڪار جي چاهنا رکندڙن لاءِ هيءَ مزي جهڙي جاءِ آهي. ڏڦو هجي، بڙڇي ۽ پڻ موٽمار ناليءَ واري رائفل، هتي ڪڏهن بہ سست نٿي رهي. شڪار جي پنيان وڃڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي ۽ سچ پچو تہ جي شڪار نہ ڪندؤ تہ پاڻ شڪار ٿي ويندؤ. مون پاڻ اسپتال جي چوڌاري شينهن جو پيرو ڏٺو هو. ڪئمپ کان ٿورن ميلن جي پنڌ تي هڪ جاءِ آهي، جتي هڪ نامياروهندستاني ڪيڏاري، پنهنجي مرضيءَ جي آبتڙ هڪ مشهور ڪيڏ ڪيڏي رهيو هو، جنهن ۾ هُن پنهنجي مندي ڪٽي واڳهہ جي وات ۾ وڌي(١). پهريائين تہ هو پوٽتي هٿيو پر پوءِ واڳهہ اڳتي وڌي، سندس منديءَ کي اهڙيءَ طرح چڪ پائي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جوڙي طرح ٻار ليار جو داڻو ڪائيندو آهي. پر سندس دوست جي هڪ گولي لڳڻ ڪري واڳهہ جي موٽمار جاڙي بند ٿيڻ کان رهجي ويئي. اهڙن چوٽڪارن يا پين عجيب ڪرشمن لاءِ مون کي ڪينهي چوٽو، چاڪاڻ تہ آءٌ اتي اڃا رهيو ئي ٿورو وقت هوس تہ سٽن اکرن ۾ لکيل هڪ خوشخبري ڏينڌڙ، ننڍي پني جو ٽڪر اچي پهتو. جنهن ۾ منهنجي دوست صوبيدار غلامعلي جي اکرن ۾ مون کي "ڪاري ڪوٽ"(٢) جي اعزاز ملڻ جو مضمون لکيل هو. انهيءَ کان

---

(١) هي ڪرتب اصل ۾ هندستان جو آهي پر هاڻي يورپ ۾ بہ رائج آهي. انهيءَ ڪرتب جي پوري تصوير لاءِ ڏسو "جنگ" جو ٢٩-جولاءِ١٩٦٤ع وارو پرچو (آج کي تصوير). (٢)ڪاروڪوٽ يا ڪالاڊگلا جي اعزاز کي اڇوڪن تمغن سان پيٽي سگهجي ٿو.

پوءِ آءٌ "ڪالادگلاولا" تي ويس. انهيءَ ڏينهن ماڻهو انهيءَ اعزاز لاءِ سڪندا هئا، چاڪاڻ تہ "صحت جو جام"(١) واري رٿا، جنهن کي سياسي ماڻهن لاءِ ڦٽڪار سان تشبيه ڏجي، اڃا وجود ۾ نہ آئي هئي.

منزل مقصود لاءِ اڳتي وڌڻ کان اڳ مون پڪو پرن ڪيو تہ ابوجبل جو ديدار ڪجي چاڪاڻ تہ منهنجي ضمير مون کي انهيءَ عجوبي کي ڏسڻ کان سواءِ، خيرآباد چوڻ تي سخت تاڪيد ڪيو هو، جو پريان پئي ڏٺو ۽ هو بہ ويجهڙائي ۾؛ انهيءَ کان سواءِ منهنجو اصول "هلندي پلي" ۾ هو. سفر ۾ آخر آهي ڇا، جو هيترين جوکن تڪليفن هوندي بہ منجهائن راحت نٿي ملي. مون کي ياد آهي تہ سفر ۾ ماڻهو پاڻ کي بيمار، چيڙاڪ، گرمي جو ماريل ۽ گهٽو ڪري بي آرام محسوس ڪندو آهي پر جڏهن سفر پورو ٿي ويندو آهي تہ پوءِ دل پيئي ان کي ياد ڪندي آهي. جيڪي بہ وٽندڙ شيون ڏسبيون آهن سي هزار دفعا وڌيڪ وٽندڙ ٿيو پون ۽ پڻ اٿوٽندڙ لوڏا ۽ ڏوڏا، جي رستي تي نصيب ٿيندا آهن، بلڪل وسريو وڃن. منهنجو ابوجبل واري سفر جوبہ اهوئي حال هو، جنهن ۾ مون کي نہ چڱو ڪاڏو ئي مليو ۽ نہ وري ڪو رهڻ جو سٺو بندوبست هو پر ان هوندي بہ آءٌ انهيءَ کي خوش ذوقيءَ سان ياد ڪندو آهيان. ابُو، اراولي جبلن جي قطار جو هڪ جدا ٿيل جبل آهي جو راجپوتانا جي مٿانهين پٽ کي انهيلوارا جي ميدانن کان جدا ٿو ڪري ۽ سندس بيهڪ ديسا کان اتراوپر طرف چاليهہ ميلن جي فاصلي تي ٿيندي. اهو پنهنجي پروارن جبلن مٿان اڏين اڏو ٿيو بيهي جيئن هڪ ڊگهي قد وارو اڳواڻ پنهنجي پوئلڳن آڏو بيهندو آهي. مون کي انهيءَ کي ڏسڻ ۾

---

(١) شراب جو پيالو ڪنهن ماڻهو جي صحت ڏانهن منسوب ڪري پيئبو آهي.

ڪو گهڻو وقت ڪونہ لڳو چاڪاڻ تہ هندستان ۾ چاليهہ ميل سولائي سان لتاڙي سگهجن ٿا. اوهان وٽ جيڪڏهن پنهنجو گهوڙو نہ آهي تہ ٻئي ڪان اڌارو وٺي سگهو ٿا پر انهيءَ ۾ اوهان جي پڪائي بہ ڪانہ هلندي، چاڪاڻ تہ اوهان کي بہ ساڳيءَ طرح سواري اڌاري ڏيڻي پوندي. جيئن تہ اهڙا سوال هر وقت ٿيندا رهن ٿا ۽ پڻ ضرورت جي مدنظر، ڪيترائي حرفتي ۽ پراڻا آزموديگار ماڻهو پنهنجي جند ڇڏائڻ خاطر ٿُٽل هَنو ۽ جڏو گهوڙو ڌارينداآهن. جيئن تہ شروعات ڪان وٺي مون کي هڪ ننڍي خچر تي چاڙهيو ويو، جنهن کي پستي ڪتي وانگر پوين پيرن تي بيهڻ جي عادت هئي؛ ان ڪري مون هڪ گهوڙو ڏسي ان جي سئس کان پڇا ڪئي تہ چا، تنهنجو مالڪ انهيءَ ٽٽوءَ تي چڙهندو آهي؟" جواب ڏنائين تہ "نہ، اهو هميشہ ڌارين ماڻهن کي اجرت تي سواريءَ لاءِ ڏيندو آهي." ديسا ڪئمپ کان ٽن ميلن جي پنڌ تي مون بناس ندي کي آڪري پار ڪيو، جا ان وقت (مارچ جي وچ ڌاري) گهڻو ڪري سڪي پيئي هئي. سندس ڪنڌيءَ وارا ٻيلا جهنگلي جانورن سان ڀريا پيا آهن، خاص ڪري شينهن ۽ واگهہ هتي گڏ رهن، جيتوڻيڪ اهي هاڻي اٽلي جانورن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا. اهي جهنگ جا بادشاه شايد انهيءَ پراڻي اصول تي راضي ٿي ويا آهن تہ "ورهائي ڪائجي" پر ڪڏهن بہ گڏ ڪونہ ڏٺا ويا آهن. جبل جي پاڙ تائين باقي رستو واريءَ جي ميدان منجهان ٿي ويو، جو تڏي وانگر اڪ ۽ ڪانڊيري جي ٻوٽن سان شوَ جي وار جيان گهاڻو ۽ سينگاريل هو. هڪ هنڌ شينهن جي چنبي جي تازي نشان کي، جو ماپ ۾ ننڍي ڀيٽ جي برابر هو، ڏسڻ سان آءٌ سمجهي ويس تہ انهيءَ ٻيلي جي سوڙهي ۽ گهاڻي ماڙ ۾ اسان جا رفيق ڪير هئا.

ابوجبل جي پاڙ کان چئن ميلن جي فاصلي تي ڀيلن جو هڪ گوٺ آهي جنهن کي انادرا ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. هي

اهو هنڌ آهي جتي مسافر ٿورو ڊاهو ڪري ڪير پيئندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪير پيئڻ جي مرضي نه به هجي، پر ان هوندي به ان جي ضرورت محسوس ڪبي آهي، ڇاڪاڻ ته اڃا اڌورو ڪشالو رهيل هوندو آهي. "ابو دروبش"، جيئن اهو ماڻهن ۾ مشهور آهي، ان جي چوٽيءَ تي چڙهڻ کو سٽائو ڪم ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اها آپي ڪڙڙ ۽ پگهر ڪيندڙ آهي. ماڻهو ان جي چوٽيءَ تائين پهچي سنت ته ٿيو وڃي پر ان تائين پهچڻ خاطر ڪيترائي اچرج جهڙا مڪروهه ۽ ڪفرائتا گفتا استعمال ڪرڻ لاءِ مائل ٿي ويندو آهي. چار هزار فوٽ مٿي! ۽ اها به آپي چڙهائي. ڪيئن نه اهو فاصلو ساڳئي مفاصلي جي سڌي سنواٽي پنڌ کان مختلف آهي. مان انادرا کان دل جي سادگي سان پيرين پيادو هليس، جيتوڻيڪ هن هنڌن تي سواري ڪم آڻبي آهي. مون هڪ پگهي يا پيري، ديسا مان پاڻ سان گڏ آندو هو جو اڳيان انهيءَ گوٺ جي پيل سان گڏيو پئي وڃو ۽ رستي تي وندرائڻ لاءِ، هن هڪڙي راجا جي ڏندڪتا پئي ٻڌائي جنهن پهاڙ ۾ رهندڙ هڪ غريب جي ڌيءَ سان شادي رچائي هئي، جنهن جو ڏاج انهيءَ ڪنيا جي ڪنوارپ کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين هو. پيچرو پيلي جي وچان هو، جنهن ۾ تمام ڊگها وڻ هئا، جن جي هيٺان سامپرن جهڙا گجراتي نسل جي ڍڳن جا ڪيترائي ڌڻ پئي چرنا. اسان انهن جي ڳوڪ ۽ رنپ جو آواز، ٿورو پرپرو ۽ هرهر سچو وقت پئي ٻڌو. اسان جي ويجهو پوڻ تي اهي جهنگلي ڍڳا سڀ گڏجي هڪ ٿي ويا ۽ فوجي چوٽي موجب قطارجي ويا. اهڙيءَ طرح جو اسان سمجهيو ته ضرور ڪا شرارت ڪندا پر ائين ڪرڻ انهن لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اها جوءِ واگهن(١) سان پريل هئي. آخر اسان مٿي چڙهڻ شروع ڪيو ۽ جيتوڻيڪ آءٌ هن کان

---

(١) واگهه، شينهن جو قسم آهي - هن کي انگريزيءَ ۾ ٽائيگر سڏبو آهي.

اڳ ڪيترا اڙانگا هنڌ چڙهيل هوس پر مون کي ياد آهي ته هن جهڙي ڏکي چڙهائي ڪا ورلي هجي. اُنهيءَ تي نه ته ڪا لاهي هئي ۽ نه وري هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ جي ڪا جاءِ ۽ ائين به ڪونهي ته ڪو ٿورڙي چڙهڻ کان پوءِ سمجهجي ته اجهو ٿو فاصلو پورو ٿئي، بلڪل نه. اهو ڪم تمام ڏکيو ڪشالو آهي جنهن ۾ هرهڪ قدم تي به ريڙهيون آهن. پهريون قدم تنهنجي ساڄي گوڏي کي آڻي ذري گهٽ تنهنجي کاڏيءَ تائين پهچائي ته پيو وري کاڀي ٽنگ کي گهلي آڻي ساڄيءَ جي ويجهو ڪري.

آخر آءٌ ٽڪجي پيس ۽ ڪئي ٻاڻ کي هڪ چڙ ۾ اچلايم، جتي مون کي گهاٽي ننڊ اچي ويئي. آءٌ ڀانيان ٿو ته انهيءَ وچ ۾ پيل ڳوناڻن کي شايد محسوس ٿيو هجي ته مون کي هاڻي سندن خدمت جي ضرورت ٿي هوندي؛ چاڪاڻ ته جڏهن آءٌ جاڳيس تڏهن ڏٺم ته انهن جو هڪ ٽولو منهنجي پر ۾ بيٺو هو. انهن وٽ هڪ نيٺ جي ٺهيل ڪرسي هئي، جنهن تي هنن مون کي چڙهڻ لاءِ عرض ڪيو ته جيئن باقي چڙهائي سندن ڪلهن جي مدد سان پوري ڪئي وڃي. ان هوندي به آءٌ پنهنجي مرسيءَ تي رڙهي ذري گهٽ وڃي چوٽيءَ تائين پهتس، پر پوءِ ڏيئي-وٺي بيٺس ۽ آڻ مڃڻي پيئي جو نيٺ انهن مهذب وحشين جي خاص ورجائي منٽ ڪرڻ تي مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻو پيو. جيڪڏهن اوهان کي چرچي خاطر ڪلڻو هجي ته پوءِ ڪنهن کي نمرن ڏيڻ کان سواءِ، تنگ پتلون ۾ ابوءِ تي چاڙهيو. قصو ڪوتاهه، جڏهن جبل جي چوٽيءَ تي پهتس تڏهن مون کي محسوس ٿيو ته ڪڍيل ڪشالي جو مون کي پورو پورو عيوضو مليو آهي. پري پري تائين ويڪرا ميدان ۽ پهاڙن جون عجيب چوٽيون جن کي طرح طرح جا اٽلڻ گل ۽ ٻوٽا، جهڳٽن وانگر تاج پهرايو بيٺا هئا، چوڌاري پئي ڏٺا. بيدولي مورتن ۽ قديم سينگار سان سجايل، سفيد رنگ

جا مندر، ۽ پڻ شفاف پاڻي واري مانيڻي ڏيڻ به پئي ڏٺي، جنهن جي مٿان ڪيترين ئي ڪلنگيون، جن کي هندن جي ڏنڊ ڪتا ۾ پاڪائي بخشيل آهي، مستيءَ ۾ پئي لڏيون. اهي نظارا فقط لاپ پرائڻ خاطر آهن ڇاڪاڻ ته انهن کي بيان ڪرڻ کان زبان قاصر آهي. آءٌ ويهي رهيس ۽ اُس پئي ڪاٿم، ڇاڪاڻ ته سڄ ايترو شوخ نه هو، پر وٽندڙ هو ۽ وايو منڊل سانتيڪو. البت سڄ کي انهن راجائن ۽ شهزادن جي ڪارنامن تي ويهي هنجون هارڻ ڪپنديون هيون جن پنهنجي نالي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ اُهي خواب پئي لڏا ته هو سدائين ڪامياب رهندا. پر هاڻي ڪين پڌائڻ لاءِ، هڪ ڌارئين ۽ جداگانه قوم جي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونهي جو ويهي سندن ڪارنامن پڙهي. اُهي هڪ اصلي نامور ٻيڙهي جي راجپوتن مان آهن جن جي هتي مسلمانن کان اڳ هاڪ هئي. پر راجپوتن مسلمانن کان به وڌيڪ هڪ نالو آهي (١) ۽ اسين اميد ٿا ڪريون ته ٿوري وقت ۾ هتي جا رهندڙ قبيلا انهن جي اثر هيٺ اچي چڱو نالو ڪڍندا.

آبُو، ايامن کان وٺي هندن لاءِ ياترا جو هڪ هنڌ آهي. ڪيس قدرت جي ڏنل نعمتن جي نيڻ نار نظارن جي سهڻائي، ضروريءَ طور مذهبي جنون رکندڙ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪ ڪئي هوندي، جي تمام اوائلي دؤر کان جبلن تي پليدان ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح انهن هرڪنهن ڏيڻ يا پاڻيءَ جي وهڪري کي مذهبي پاڪائيءَ جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. قدرت جي عجيب لقاءَ ۾ خدا جي هجڻ جو وڏو دليل آهي جنهن جي تصديق لاءِ وحي ٿيل آواز جي ڪابه ضرورت نه آهي. هندو پرائن ۽ ڏنڊ ڪتائن ۾ مذڪور آهي ته رشين منين ۽ سنتن هن چوٽيءَ کي پنهنجي رهڻ جو هنڌ ٺاهيو هو.

---

(١) هتي لکندڙ ڀڄ مراد انگريزن سان آهي!

ذكري ذلك، آبو.

ان ڪري ئي سندس آپي ۾ آپي چوٽيءَ کي گروسڪر يا گروءَ جي ڪلنگي ڪري سڏيو وڃي ٿو. چون ٿا تہ هتي اندرا، رودرا، برهما ۽ وشنو، سورما ڪتري ذات کي پئي پيدا ڪيو. پر نيٺ سندن اپوترتا جي ڪري پرسرام(١) اچي سندن ٻاڙون پٽيون. جيڪي مندر ابوجبل کي سجايو بيٺا آهن سي جين مذهب وارن جا آهن ۽ ويجهڙائي جا ٺهيل آهن، جن کي ٻہ يا ٽي صديون مس گذريون هونديون. آهي گهڻو ڪري اڇي سنگمرمر جي پٿر جا ٺهيل آهن، جن تي زيورن جيان ڪئين مورتون اُڪريل آهن ۽ پڻ مٿائين اڌلپ چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي. مٿن جڙاءَ جو اهڙو تہ نفيس ڪم ٿيل آهي جو نٿو پائنجي تہ ڪي ٻيا هندستاني سهڻا پگوڊا، هنن جي برابري ڪري سگهن. انهن خاصيتن هوندي بہ آهي هڪ اهڙي هنڌ تي ٺهيل آهن جو هاڻي انهن کي جهنگلي ڀيل يا رولاڪ جوڳي لتاڙيندا رهن ٿا، جيتوڻيڪ انهن لاءِ بہ آتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. چوڏهين صديءَ ۾ ابوءَ جي اوپر ۾ چندراوتيءَ نالي هڪ شهر هو جنهن ۾ پئوڙا راجپوت رهندا هئا ۽ ان جو فاصلو ابوءَ کان چوڏهن ميلن جي پنڌ تي هو. ان وقت انهن پوتر پهاڙن تي پهچڻ ايترو اڻائو نہ هو ۽ نہ وري آتي آمدرفت جي ايتري

---

(١) پرسرام وشنو ڀڳوان جو ڇهون اوتار ۽ رشي جمدگني جو پٽ هو. چون ٿا تہ جمدگني کي هڪ ڳئون هئي جنهن کان جيڪي گهربو هو سو ملندو هو. راجا ڪرت ويريہ کي جمدگني جي ڍڳي وڻي ويئي جا هو ڪهرائي هليو ويو. ان ڪري پرسرام کي ڪاوڙ لڳي ۽ راجا کي ماري ڳئون آڻي پيءُ کي ڏنائين. پر سندس غير حاضريءَ ۾ هڪ ڏينهن راجڪمار جمدگني کي ماري هليا ويا، انهيءَ تي پرسرام پڪو پرن ڪيو تہ ڪوبہ ڪتري ٻچو زندهہ نہ ڇڏيندس. پراڻن ۾ مذڪور آهي تہ پرسرام ايڪيهہ دفعا ڪترين جو ڪل ناس ڪيو هو.

گهٽتائي هئي. ذڪر ڪيل ڍنڍ کي "نڪي تلاءَ" ڪري ڪوٺين ۽ آها سمنڊ جي مٿاڇري کان ٣٨٠٠ فوٽن جي اوچائي تي آهي. چون ٿا تہ ڪنهن ويراڳي ان کي ڏوئيءَ(١) سان کوٽي ٻاهر ڪڍيو هو، جو انهيءَ چڱي ڪم خاطر آتي ڪيلو کوڙي ويٺو هو. اها ڍنڍ هڪ ميل ڊگهي ۽ ان جو چوٽون حصو ويڪري آهي ۽ ڪن هنڌن تي ڪيترائي وال اونهي آهي. انهيءَ ساڳئي مٿاڇري تي اٽڪل اڌ ميل جي پنڌ تي الهندي پاسي جين مندر آهن، ۽ اتر ڏانهن وري گروسڪر جي چوٽي آهي، جا اٽڪل ڇهہ هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي آهي. ضميمي ١ـ ۾ ڏنل اقتسابات، جيڪي هڪ دوست جي رجسٽر تان ورتل آهن، انهيءَ وقت جي آبهوا جي فطرت ڏيکارين ٿا جڏهن ديسا جي چوڌاري ميدانن ۾ بلڪل اٿسهائيندڙ گرمي هوندي آهي.

منهنجي آڏو اهڙي سهڻي ايڪانت هوندي بہ آءٌ انهيءَ خيال کان رهي نہ سگهيس تہ ڪهڙو نہ افسوس آهي جو اسان جي يورپي پلٽڻ کي گرم مهينا ديسا جي ساڙيندڙ آس ۾ پچايو وڃي ٿو، جڏهن تہ ٿوريءَ موڙيءَ سان انهن لاءِ هن جهان جي عدن(٢) ۾ آرام ڏيندڙ جايون ناهي سگهجن ٿيون. جيئن فرينچن پاڻ کي الجزائر جي رستن ۾ موڪيو هو تيئن جيڪر اسان جي فوج ٿوري هنر ۽ محنت کان ڪم وٺي تہ بنان دير انهن چاڙهين کي آسانيءَ سان چڙهڻ جهڙو ڪري وجهي ۽ پاڻ کي اهڙي آبهوا تائين پهچائي جا سندن ملڪ جي آبهوا کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ آهي. سياري جي ٿڌن مهينن ۾ يورپي

---

(١) ڏوئيءَ سان مراد آهي ڍنڍ جي شڪل، جا ڏوئي جهڙي آهي

(٢) عدن: يعني جنات عدن، عدن جي مشهور باغن ڏانهن اشارو آهي جي عاد قوم جا ناهيل هئا ۽ عرب دنيا ۾ مشهور هئا. انهن سان جنت‌الفردوس جو نالو قابل ذڪر آهي.

فوجن کي آڻي ميدانن ۾ ڪيجي ۽ انهن کي پريڊ وغيره جي ڪم ۾ لڳايو وڃي. پر جيئن ئي وري مارچ شروع ٿئي تيئن ڪين پنهنجي محنت سان ناهيل رستي جي ذريعي وڃي جبلن جي اڌاهينءَ تائين پهچائجي ۽ اهو رستو پوءِ قيمتي ورثي وانگر قائم مقام فوج کي بدلي ڪري ڏنو وڃي.

ابوءَ کي جيترو وڌ ۾ وڌ ٿي سگهيو، ٿورڙي وقت ۾ جيڪو منهنجي زيارت لاءِ محدود هو، ڏنم، ۽ پوءِ هيٺ لهڻ شروع ڪري ڏنم. ديسا پهچڻ تي مون کي مسافريءَ تي اڳتي وڌڻ لاءِ تياريءَ ۾ فقط هڪ ڏينهن لڳو. مون ١٨-تاريخ ديسا کي خيرآباد چوندي، شام جو اچي پٽن (١) ۾ منزل ڪئي جو ديسا کان ارڙهن ميلن جي پنڌ تي آهي. منهنجو گس اهڙي ملڪ مان ٿي ويو، جو انهيءَ ڏڪار آميز جاين کان بچيل هو جن کي مسافرن جو بنگلو ڪري سڏيو ٿو وڃي. اهي بنگلا اهڙي موقعي تي ناهيا وڃن ٿا، جو ويجهڙائيءَ جي دز ۽ مڪيون اچيو اتي گڏ ٿين. انهن جون پٽيون جهڪي اچي رنگ جون هونديون آهن پر جيئن ته نويڪلائيءَ ۾ هوندا آهن ان ڪري انهن ۾ ڪابه دلچسپي ڪانه هوندي آهي. انهن جي ابتڙ هندستاني چٽيل مندر ۽ مسافرخانا آهن جي گهاٽي وڻڪار ۾ هوندي به قدرتي نظارن سان ڀريا پيا آهن. مون پٽن ۾ هڪ اهڙي مسافرخاني ۾ منزل ڪئي هئي جو بڙ جي وڻن جي هڪ عاليشان جهڳٽي هيٺان هو ۽ اهي بڙ جا وڻ پولڙن سان ڀريا پيا هئا، جن جي ناٽ نخرن مون کي لاڳيتو پئي وندرايو. موقعي جي تلاش ۾ هوندي جڏهن انهن ڏنو ته پروارين ٻنين ۾ ڪو ڪونهي، تڏهن انهن جو ٽولو هڪپئي پٺيان لهي وڃي واڙيءَ ۾ پيو ۽ جلدي

---

(١) پٽن - انهيلوارا جي پٽن ڏانهن اشارو آهي جو گجرات ۾ آهي.

۾ سنگ گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. پر هڪڙو پولُو ٻاهر بيهاري ويا. اوچتو هاريءَ کي خبر پئجي ويئي ۽ جيسين اهو موقعي تائين پهچي ئي پهچي تنهن کان اڳ، منهنجا يار (پولڙا) سلامتيءَ سان اچي پنهنجي ماڳ پهتا ۽ ڦرلٽ (ڪيل ان) کي ڪتب جي وڏن پٽين ۾ هڪجهترن حصن ۾ ورهائڻ لڳا. پٽن کان واڌوان تائين جو ڪانيواڙ ۾ آهي هڪ سؤ پنجاهه ميان جو فاصلو آهي، پر انهيءَ سفر ۾ نڪو مون مشاهدو ڏٺو ۽ نڪا وري اهڙي دلچسپيءَ جي ڳالهه، جا هتي بيان ڪجي. پٽن کان پيءَ منزل تي مون پوچارين جو هڪ وڏو ٽولو ڏٺو جو ڏاماجي گائڪواڙ جي ٺهرايل مندر ڏانهن وڃي رهيو هو، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو بت رکيل نه آهي. پر اهو ديوي (١) لاءِ آهي پوتر، چاڪاڻ ته جيڪو ميڙ تي اچي گڏ ٿيو هو تنهن پرارٿنائن رستي، ماتا جي ڪلور کي ٿارڻ لاءِ پئي ايلاز منٿون ڪيون. اتي جي برهمڻن مون کي مندر جي ويجهو هڪ سائي پاڻيءَ جو ڏيو ڏيکاريو، جو سندن چوڻ موجب سال ۾ به دفعا (ماتا) ديويءَ جي ظاهر ٿيڻ سان ڳاڙهو ٿي ويندو هو. اهو هڪ معدني چشمو ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ منجهس پاڻي ننهن-سوسڙو هو. جيئن جيئن آءٌ ڪانيواڙ جي ويجهو پوندو ويس تيئن ملڪ وڌيڪ غيرآباد هو ۽ هرهڪ ڳوٺ جي چوڌاري هڏن جو ڍير ڏسڻ ۾ آيو. سچ پچو ته خشڪ سالي اهڙي ته خطرناڪ هئي جو انهيءَ ملڪ جو چوپايو مال يا ته ناس ٿي وبو هو يا وري سرحد پار لوڏجي ويو هو. ملڪ ۾ تمام سخت ڏڪر هو. مائٽ پنهنجا ٻار وڪري لاءِ آڻي رهيا هئا، ۽ شڪ ناهي ته ڪئين ٻار ڳاٽاڻي کان سواءِ، بنان سنڀال جي مري ويا

---

(١) ديوي مان مراد ماتا ديوي آهي. سنڌ ۾ ماتا جي بيماري وقت لولي ڏياري ديوي کي راضي ڪيو ويندو آهي ته جيئن خير سان گذري.

ڪيڏي به پربت جيڏي ڪوشش ڪن، پر اهو ممڪن نه آهي ته سڄي علائقي جو بار، جو مٿن مڙهيو ويو آهي، ڪڍي سگهن. ڪاٺياواڙ جو ملڪ ٻن سوَن ننڍين رياستن کان به وڌيڪ حصن ۾ ورهايل آهي جنهن مان هرهڪ جو عيوضي يا وڪيل پوليٽيڪل ايجنٽ جي عدالت ۾ هوندو آهي، جو گهڻو ڪري گهڻ ڳالهائو هوندو آهي ۽ پاڻ کي ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي برابر جي پهرين درجي جي يورپي طاقت جي ڪارڪنن کان گهٽ نه سمجهندو آهي. منهنجو مطلب آهي، ته آهي انهن جهڙو ئي دولابي. انهيءَ ڪُٽ خلق مان هرهڪ عيوضي پاڻ کي سالياني طور مقرر ڪيل تعداد ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ جي آڏو اهنج پيش ڪرڻ لاءِ پڌل ٿو سمجهي، نه ته ٻيءَ حالت ۾ هو سمجهندو ته سندس نوڪري ختم ٿي.

بدقسمتيءَ سا ڪٽين (١) کي پنهنجي پاڙيسرين خلاف دانهن ڪرڻ جا سبب آهن. اهي ڏوهه ۽ زبردستيون، جي ايتريون ته رائج آهن جو انهن جي گهٽ ٿيڻ جو ڪوبه امڪان ناهي. جيئن ته آءٌ ڏکر جي وقت پهتو هوس ان ڪري اهو ضروري نه هو ته ڪو ڏنڌو بيهي ويو هوندو، ويتر تڪرار وڌي ويا، چاڪاڻ ته انهن لاءِ فقط ٿوري ڪوشش ڪرڻي پوندي هئي. جيڪي ٻ مهينا انهيءَ عهدي تي هوس، مون ٽن سون ڪيسن بابت پڇا ڪئي ۽ انهيءَ ۾ مون کي ڏهه ڪلاڪ روزانو ڪم ڪرڻو پوندو هو. جيڪي ماڻهو سرڪاري عملي ۾ مقرريءَ جا شوقين هوندا آهن، انهن کي اها غلط فهمي نه هئڻ گهرجي

---

(١) ڪٽي يا ڪاٺي قوم، جنهن جي ڪري ڪاٺياواڙ تي اهو نالو پيل آهي. اصل ۾ اناطوليه يا ايشيا مائنر جا رهاڪو آهن، جن اڌان هجرت ڪري ڏکڻ سنڌ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جا علائقا وسايا. لاڙ ۾ ڪٽين جا اڃا تائين ڪئين ڪٽنب آهن، جي ٻدين، ماڏلي ٽنڊي باگي تعلقي ۾ رهن ٿا.

تہ مون کي ڪو ڪم جي برابر اجورو ملڻو هوندو. اها تہ ٿي پري جي ڳالهہ، اتلو جيڪي الائونس مون کي ريجيمينٽ ۾ هجڻ سان ملندا هئا، اهي بہ مقرر ڪيل عددن کان گهٽايا ويا، چاڪاڻ تہ مون پنهنجو ڪمپني الائونس بہ وڃايو هو ۽ ان جي بدران مون کي پندرهن روپيا في مهنو ديواني پگهار ملندو هو. رڌڪ چٽي مون کي وري انهيءَ ڊگهي سفر جي خرچ جي برداشت ڪرڻي پئي ۽ آءٌ تسليم ٿو ڪريان تہ منهنجو "ڪارو ڪوٽ" مون کي ڪي قدر مهانگو پيو.

مون کي ان ڪري ڪو ڏک نہ ٿيو ۽ پاڻ عجب لڳو جڏهن مون مئي مهيني جي پڇاڙيءَ جي هڪ صبح جو پنهنجو نالو جنرل رجسٽر ۾ ڏنو، جنهن ۾ منهنجون خدمتون بنگال سرڪار جي حوالي ڪيون ويون هيون. پوءِ خدا حافظ، اي آفيسر ڪائينڊز ۽ ننڍڙين نياڻين کي قربان ڪندڙ راجپوتن جا ملڪ ۽ ٻڌ موڪلاڻي آهي محنت جي ڊگهن ڪلاڪن ۽ ٿورڙي معاوضي کي. هاڻي پارسين جي چوڻي موجب ڏسجي تہ "سپاڻي جو سج ڇا ٿو ڏيکاري." مون راجڪوٽ کي ڏ - جون تي ڇڏيو ۽ جوڙيا ڏانهن پنڌ پيس جو هڪ ننڍڙو ساموندي بندر آهي ۽ نوانگر جي جام جي ملڪ آهي. اهو جام هڪ راجپوت حاڪم آهي جو پنهنجي پيئڻ جي خفت، بنان ڊپ ۽ ڊاير گهوڙيسواريءَ جي ڪري مشهور آهي. هن اسان جي بهترين سوئر-مار شڪارين سان، ڏڦي سان شڪار ڪرڻ تي بازي لڳائي هئي. جيڪا رات آئي اها طوفان واري هئي ۽ آسمان چوماسي جي گڏ ٿيندڙ ڪڪرن سان ڪومايل؛ پر ان هوندي بہ بڪايل رعيت انهيءَ جو بہ، ان کان وڌيڪ آڌرياءُ ڪيو، جيڪو سدا بهار انگلنڊ جا ماڻهو ڪايل ڏينهن ۾ سج جي تڙڪي جو ڪندا آهن. قلعي جي شهر پناه تي مون کي پراڻيون انگلنڊ جون ڏهيل جهازي توبون ڏنيون ۽ ايندڙ ٻن ڏينهن مون کي آئي پڄ ۾ پهچايو، جو ڪچ جو مرڪزي شهر آهي. آءٌ انجار کان ٿيندو آيو هوس

جو ڏسڻ ۾ ته موچارڙو شهر آهي پر پين ديسي شهرن وانگر هتي به ٻاهتر کان وڌيڪ ڏوهيون هيون جي هڪٻئي کان جدا ۽ ظاهر پئي ڏسڻ ۾ آيون. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته پُڄ ۾ مون کي راءَ سان ملاقات جو شرف مليو، جنهن کي پنهنجي ملڪ جي انتظام رکڻ جي وڏي قابليت هئي. پر ان کان به وڏي قابليت منجهس هئي اسان جي سرڪار کي پنهنجو ڪري ان کان رعايتون وٺڻ جي ۽ اسان جي موڪليل پوليٽيڪل ايجنٽن جي دل وٺي، پنهنجي متعلق سٺي راءِ قائم ڪرائڻ جي. هو انگريزي چڱي ڳالهائي ڄاڻي ۽ سائس ڳالهائڻ ۾ مان مون اهو پروڙي ورتو ته ڪيس پنهنجي ملڪ ۽ ڪانيواڙ ۾ وصول ٿيندڙ ڍل ۽ محصول جي پوري پوري خبر هئي. هن مون کي پنهنجو محلات به ڏيکاريو جو اڳي سندس چاچي راءِ پرمل جي گناه سان پريل رنگ رلين جو ماڳ هو. اهو شخص هاڻي ٺڪريءَ تي هڪ قلعي ۾ نظر بند آهي ۽ جيتوڻيڪ دنيا ڪيس وساري ڇڏيو آهي پر پاڻ دنيا کي ڪونه وساريو آهيس. اسان جي هندستاني سلطنت جي پهاڙي علائقن جي اڳين راجائن شهزادن ۽ حاڪمن جي، جيڪي هينئر ڏک ۽ عذاب جي ماني کائي رهيا آهن (جيتوڻيڪ انهن مان ڪي اهائي لهڻن، پر ان هوندي به اها ڪا گهٽ ڪڙي ڪانهي!) جو جيڪڏهن احوال ورتو وڃي ته اسان جي انگريزي دنيا عجب ۾ پئجي وڃي. جيڪڏهن اهڙو رجسٽر رکجي ته پوءِ اهڙا ڪئين نالا ڏسڻ ۾ ايندا جن لاءِ جنم ٽيپ جي خطرناڪ سزا جي لکڻ جو به ضرور نه آهي؛ چاڪاڻ ته اهي انهيءَ کان به وڌيڪ سزا جا مستحق آهن(١)اسان کي

---

(١) هندستان ۾ اهو رواج هو ته جڏهن به ڪنهن راجا يا امير کي تخت تان لاهي سندس ڪنهن مائٽ کي تخت تي ويهاريو هو ته پوءِ هو پنهنجي اڳئين جانشين کي جنم ٽيپ جي سزا ڏيئي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو يا ته ڪيس زهر ڏياري مارائي ڇڏيندو هو.

خبر آهي تہ انهن مان ڪيترن کي تمام وڏا معاوضا ڏنا ويا آهن ۽ ڪن جي رتبي ۾ بہ گهڻائي اچي ويئي آهي، پر ان هوندي بہ اهي نهايت موثر لفظن ۾ هڪ سنڌي امير جو ڏنل جواب ورجائي چوندا آهن ”....مير صاحب، ان وقت ٿڌو ساهہ ڪڍي چيو تہ هاءِ ”هاءِ صاحب، منهنجي ملڪ جي وڻ جي وڻ جي ڇانو بہ هتي جي ديس نيڪاليءَ جي محلات کان بهتر آهي“(١).

پڇ ۾ مون کي سر هينري پاٽنجر (جو ان وقت ڪرنل هو) جو خط مليو، جنهن مون کي رڻ جي رستي سنڌ ڏانهن وڃڻ کان جهليو هو، ڇاڪاڻ جو سندس چو هڻو تہ چوماسي جي مُنڊ ۾ اهو رستو ڪم نہ آندو ويندو آهي. پر جيئن تہ هوا سڌو ڪناري ڏانهن پئي لڳي ۽ ساموندي رستو بند ٿي چڪو هو، ان ڪري مون لاءِ ٻي ڪابہ واهہ ڪانہ هئي. آخر مون ١٩- تاريخ پڇ ڇڏيو ۽ ٢٣- تاريخ لکپت بندر تي پهتس. هن بندر جي ويهن ميلن اندر رستو آجڙيل هو؛ ٻنهي طرفن کان سُڄا ٽڪر هئا جن ۾ نہ هئي ساوڪ ۽ نہ وري پاڻي. لکپت خود اڌ-ويران هو، جهڙو سڙي ويل شهر! سندس قلعو البت وڏو آهي جو مرحوم فتح محمد ڪچ جي وزير ٺهرايو هو. هُن سخي ۽ لائق شخص جي وفات کان پوءِ هن شهر جو تڪڙو زوال آيو ۽ هاڻي منجهس انهيءَ آباديءَ جو ٽيون حصو وڃي بچيو آهي جا مرحوم فتح محمد جي ڏينهن ۾ هئي. آتي منهنجي منزل وقت ڪالرا بيماريءَ ڪيئي ڪلور ڪري ڇڏيا هئا. آتي ميري پاڻيءَ جو هڪ چشمو هو؛ آن تي بہ رات ڏينهن ماڻهن جي پيهہ لڳي پئي هئي. آخر انهي جي مٿان هڪ چوڪيدار رکيو ويو تہ جيئن تازي آيل ماڻهوءَ کي سندس وارو ملي. مون آتي ٻن عورتن جي وچ ۾ جيڪا گنتگو پڌي، انهيءَ مان ماڻهن جي بيحاليءَ جو پتو پوي ٿو.

---

(١) مير نصير خان شهداداڻي ڏانهن اشارو آهي.

”ڪهڙي خبر آهي، پاڳي؟“ هڪڙي عورت انهن مان ٻيءَ کان پڇيو.

”ساڳيو حال آهي، ادي!“ اهو هو سوال جو جواب ”پاڻ سان اچا بيماريءَ جي مصيبت ۽ پاڻيءَ جي آڻاٽ جو وَيل آهي.“

ڏينهن جي وقت تہ موتمار گرمي هئي پر رات وري اڏسهائيندڙ ۽ شوخ هوا ٿي آندي جا سوسات ڪندي تنبوءَ کان پئي گذري، شايد اها پڇا ڪرڻ لاءِ تہ هيترين سارين مصيبتن کان پوءِ بہ هن غمگين علائقي ۾ ڪو سلامت بچيو آهي ڇا؟ مون واريءَ منزل جي هيءَ جاءِ بالڪل خراب هئي، پر انهيءَ کان بہ وڌيڪ خراب هو منهنجو ايندڙ سفر. ٢٤- تاريخ صبح جو آءٌ جهاز ۾ چڙهيس ۽ ساڳي ڏينهن ڇهين بجي شام جو اچي سنڌ جي رڻ ۾ پهتس.

”ڌرتي جي نرم واري،

نہ آهي سمنڊ ۽ نہ آهي وري ڇڳي سڪل زمين.“

جيستائين نظر پئي پئي تيستائين هڪ ويڪري بي انت، پوري رنگ جي پوني کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين ٿي ڏٺو. اهو ميدان سمنڊ جي مٿاڇري سان اهڙو تہ سنوت ۾ هو جو جيڪي ٻڌو هوم سو ڏٺم، يعني ويڙ چڙهڻ وقت اهو سڄو علائقو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ اچي ٿي ويو. پائڻجي پيو تہ چئ:

”آها سربونين ڌرتي(١)، جا دمياتا ۽ پراڻي جبل‌ڪاسپس

---

(١) هيءَ هڪ وڏي ڌرتي آهي جا مصر ملڪ جي اتر-اوپر ڪنڊ ۾ آهي. هن ساڳي ڌرتي ۾ فرعون جو لشڪر حضرت موسيٰ ۽ يهودين جي پويان پوندي غرق ٿي ويو هو. مون رڻ کي انهيءَ مند ۾ آڪرڻ جي تڪليفن کي بيان ڪرڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪو نہ ڪيو آهي. انهيءَ جي تصديق لاءِ مان سر هينري

(ڏسو حاشيه صفحو ٢٠)

جي وچ ۾ آهي، جتي سڄيون ساريون فوجون گم ٿي ويون."

مون کي اها خبر هئي ته ٿورا ڏينهن اڳ ستن ماڻهن رڻ کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجي پڇاڻي آندي هئي. ان ڪري مون کي پنهنجي پيڙيءَ کي پوئتي هٽندو ڏسي نا اُميدي ٿيڻ لڳي. منهنجي اٽالي ۾ چار گهوڙيسوار، ٻارنهن اُٺ ۽ خدمتگارن جو معمولي تعداد هو. سفر جا پهريان ٻه ميل سخت ٿڪائيندڙ هئا، ڇاڪاڻ ته چڪڻ ايڏي ته اونهي هئي جو اسان کي انهيءَ مان اُٺن کي ڪيڏ ۾ وڏي تڪليف ٿي. ايتري ۾ سج به لهي ويو ۽ نيٺ اسان پاڻ کي وڃي سخت واريءَ تائين پهچايو، جنهن جي مٿان اسان لاءِ هڪ گاڙهو چنڊ پئي چمڪيو. سهائي رات هئڻ ڪري اسان پنهنجي ڪبي پاسي

پاٽنجر جي خط جا اقتباسات پيش ٿو ڪريان، جو هن ٨- جون ١٨٣٩ع ۾ انهيءَ ساڳئي مضمون تي مون کي لکيو هو. لکپت بندر جي ٻيءَ پر جو سير ڪرڻ بابت آءٌ توکي چتاءُ ڏيان ٿو ته خطرناڪ ٿيندو، ڇاڪاڻ ته رڻ پاڻي سان ڀرجيو وڃي ۽ جيڪي به درياءَ جون شاخون ۽ واهه آهن سي ڪنن تار ٿيو وڃن، ان ڪري آءٌ نٿو ڄاڻيان ته اتي ڪو اُٺ هلي سگهندا. اتان فقط ٻه رستا آهن: هڪ ته اهو آهي جنهن تان اسان گذريل سيپٽمبر ۾ سفر ڪيو هو ۽ ٻيو، جيڪو نٿي وٺان ته لنگهي. آهن ٻيئي اڙانگا، پر آءٌ پوئين رستي کي پسند ڪندس، ڇاڪاڻ ته ان تي آمدرفت به گهٽي آهي ۽ جدا جدا پٽن تي ٻيڙيون وغيره ملنديون آهن. لکپت کان پهرين منزل، درياءَ سوڌي جيڪا اُٺي آهي، پنجاهه ميلن جي لڳ ڀڳ ٿيندي جا يڪساهي پوري ڪرڻ گهرجي. اميرن وٽان به ٻه-چار گهوڙيسوار ضرور توسان اچي ملن، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اهڙن ماڻهن جي مدد کان سواءِ-جيڪي رستي جا سونهان، سيڌو پاڌو ۽ ٻيڙيون وغيره هٿ ڪندا آهن-سفر ڪرڻ ناممڪن آهي."

سمنڊ پئي ڏٺو، جو اسان کي هيسائڻ لاءِ زور شور سان پئي اڏليو ۽ پڌليو. سامهون هڪ وڏو نرم مٽيءَ جو لس ميدان هو، جنهن کي ٿورن ڪلاڪن جو مينهن هڪ وڏي ڏيڻ ۾ بدلائي ٿي سگهيو، جا اسان جي سڄي ٽولي کي جيڪر وڪوڙي وڃي ها. اتي سائڻ قدرت پهريون دفعو مون کي پنهنجي جادوگريءَ جي هڪ حرفت ڏيکاري ۽ اها هئي رڄ. جيتوڻيڪ مون کي انهيءَ قسم جي فريب جي خبر هئي پر ان هوندي به مون جڏهن انهيءَ کي ڏٺو تڏهن بلڪل ڏڪجي ويس. جيئن ته پري کان ڪي گهر ۽ انهن جي چوڌاري ٿورو جهنگ پئي ڏٺو، ان ڪري مون کي پڪ ٿي ته اهو لاهه جو ڳوٺ آهي. پر جڏهن ويجهو پهتاسين ته مون وارو ڏٺل ڳوٺ، آٺ جي هڏن جي ڍير کان سواءِ، ٻيو ڪي ڪين هو. آخر جڏهن اسين اچي لاهه ۾ پهتاسين تڏهن اتي ڪو به ماڻهو اسان کي ڏسڻ ۾ نه آيو فقط ڪي اجڙيل وڻ هئا ۽ ننڍڙيون ٽڪريون هيون جي لائي سان ڏکيون پيئون هيون. اهو ڳوٺ ڪوٽڙوڪان، جتي اسان اچي لنگر هنيو هو، ارڙهن ميلن جي پنڌ تي هو. سرگاندا پهچڻ کان اڳ، جو پڇاڙي شاخ تي هڪ ڏٽڙيل ڳوٺ آهي، سج ڪاپار تي اچي ويو هو ۽ سخت ساڙيندڙ هو. ڪوٽڙوڪان گاندا تائين ٽيهن ميلن کان مٿي فاصلو آهي پر انهيءَ وچ ۾ سواءِ لاهه جي، جتي ٿورو ٻاڙو پاڻي ملي ٿو، پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جو ملڻ به محال آهي. سرگاندا ۾ ته گهوڙيسوار فوج جي هڪ جٿي کي به پاڻي مهيا ڪري ڏيڻ ناممڪن نه، پر ڏاڍو ڏکيو ڪم ضرور آهي. ان ڪري ڪچ جي رستي سنڌ پهچڻ خاص ڪري فوج جي لاءِ ته بلڪل محال آهي؛ ڇاڪاڻ ته اهو رستو هڪ ننڍڙي ٽولي لاءِ به خوف ۽ خطري کان خالي نه آهي. منهنجي انهيءَ رستي اڪري وڃڻ کان پوءِ جيڪا رات آئي ان ۾ معمول کان وڌيڪ وير چوٽ تي چڙهيل هئي ۽ ساڳئي وقت سخت مينهن پوڻ ڪري لاهه تائين سڄو رستو پاڻيءَ سان ڀرجي ويو هو.

مون سرگانڊا ۾ فقط شام تائين منزل ڪئي ۽ اتي جڏهن منهنجن اونين، جيڪي سنڌي هئا، اڳتي وڌڻ کان نابري واري، تڏهن مان پنهنجو سامان سڙو ۽ نوڪر چاڪر اتي ڇڏي، ٻه گهوڙيسوار همراهه ڪري نٿي ڏانهن پنڌ پيس. سج لٿي مهل اسان پڇاري، جا هڪ لوڻاڻيل ڪاري آهي، اچي آڪرياسين ۽ جڏهن مون سنڌين کان پڇيو ته ايندڙ گوٺ ڪيترو پري آهي؟ تڏهن جواب مليو ته چار ڪوهه يعني اٺ ميل آهي. اهي جرمن ميل وڃي ثابت ٿيا، چاڪاڻ ته جيئن اڳتي وڌون تيئن وڃي فاصلو وڌندو. سڄي رات سواري ڪندي گذري، ان هوندي به صبح جو ڪٽي پڇون ته ڪيترو پري آهي اهو گوٺ؟ ته جواب ملي "چار ڪوهه." سج جي گرمي شدت تي هئي ۽ اسان کي ڪائڻ لاءِ به ڪي ڪين هو؛ نه وري ڪو گهرگهاٽ ٿي ڏٺو ۽ جيڪي سنڌي اسان کي رستي تي مليا، تن اسان سان ڳالهايوئي ڪونه. رات پئي، ته ٿڪجي ٿڪي اچي لاڏيءَ جي گوٺڙي ۾ پهتاسين، جو اسان جي سفر واري رستي تي سرگانڊا کان گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه ميان جي پنڌ تي هو. جيئن ته هن کان اڳي ڪوبه يورپي هن علائقي ۾ نه ڏٺو وبو هو، ان ڪري انهيءَ گوٺ جو هرڪو ماڻهو فرنگين کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيو. ويچار ڪريو ته اها ڪيترو نه ڪڪر ڪندڙ ڳالهه آهي ته ڪو ماڻهو ڇتيهه ڪلاڪ بڪ ۾ پاهه ٿيڻ کان پوءِ پاڻ کي چؤطرف گهوريندڙ پوٽن جي گهيري ۾ ڏسي، ۽ نئيڙن پارن کي هڪبئي کي سڏ ڪندو ٻڌي ته اچي "ڪافر" ڏس. ٿوري وقت کان پوءِ گوٺ جو وڏيرو اچي پرگهٽ ٿيو، جنهن فارسيءَ ۾ پئي ڳالهايو. مون ڪيس ڪاڏي پيتي هٿ ڪرڻ جي خيال کان پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن چيو ته "اسان وٽان سيڏو ٻاڏو ڪو نه ملندو." مون جڏهن ڏٺو ته نرميءَ سان نٿو سمجهي تڏهن ڪيس درڪو ڏيئي چيم ته انهيءَ بابت آءٌ ميرن سان شڪايت ڪندس. انهيءَ تي هو پاڻ وڌيڪ ڪاوڙيو ۽ چيائين ته "مان سيڏ آهيان.

گوٺ جو ڏٺي آهيان، مير ناهي! اوهان کي ڪي ڪين ملندو."
انهيءَ گفتي کان پوءِ هو هليو ويو ۽ جيئن تہ اسان کي انهيءَ
لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو هو، ان ڪري اسان کي ٿورڙن چانورن
تي گذر ڪرڻو پيو، جي هڪ سوار پاڻ سان آندا هئا. اهي
ايترا تہ ٿورا هئا جو جڏهن اسان ٽن جڻن پاڻ ۾ ورهايا، تڏهن
هرهڪ کي ٻہ- ٽي گرهہ مس نصيب ٿيا. پئي ڏينهن صبح جو
اسان منزل پٽني رستي تي بهادرپور کان اچي لنگهياسين، جو
لاڏيءَ کان پارنهن ميلن جي پنڌ تي هو. آتان پوءِ چوڏهن ميل
طئي ڪري سعدپور پهتاسين، جتي درياءَ جي ڪنڌري تي پهچي،
ڪنڌي ڏيندا ڇهہ ميل پنڌ ڪري وڃي انهيءَ پٽ تي پهتاسين
جو ٽني جي آمهون سامهون هو. ڪاڏي جي اٿاٽ ۽ سج جي
ساڙيندڙ گرمي، انهيءَ وقت اسان کي ايڏو تہ ٿڪايو هو جو
درياءَ جو ڏيک، يعني اها قديم ندي جنهن جو مون کي عجيب
تصور هوندو هو، شوق جي هڪ چٽنگ بہ مون ۾ آياري نہ
سگهي. منهنجي لاءِ ان ۾ ڪا وندر جي شيءِ هجي، سا گهاڻهہ
تہ پري ٿي، اٿلو مون تپرس وچان پنهنجي اکيان بازيليون ڪائي
ڏوڪي ايندڙ ۽ گهمرا ڪائيندڙ، بہ ميل ڪن ويڪرو پاڻي ڏٺو
۽ ان جي پير ۾ لوساڻيل واريءَ جو ميدان. نڪا هئي اتي
ٻيڙي ۽ نہ وري هو ڪو ٻيو ساهوارو! جيئن تہ اسين انهيءَ
ملڪ جا انسونهان هئاسين ۽ ٻيو تہ اسين ۽ گهوڙا ٿڪ سبب
ورچيل هئاسين، ان ڪري سچ پچو تہ اسان جي حالت رحم
جوڳي هئي. ڪئمپ جي اختياري وارن کي پانڌجي ٿوتہ ڪنهن
چڱي فرشتي اها مٽ ڏني جو انهن هڪ تڪڙو قاصد درياءَ
جي رستي حيدرآباد ڏياري موڪليو هو. نيٺ هڪ ٻيڙي لهرن
متان لڏندي لمندي اچي اسان وٽ پهتي ۽ ٿورين گهڙين ۾
اسان لهرون لتاڙي درياءَ جي ٻيءَ پر نگر ٽني جي رستي تي
وڃي پهتاسين.

باب ٻيون

پهريون تاثر - سليمان جو فيصلو - ننگر ٺٽو - حيدرآباد ڏانهن سفر - شڪارگاهه - سيوهڻ - منچر جي ڍنڍ - نارو درياءَ - سکر بکر - سکر جو طواف - الور جو سير - درياءَ جو الور کان وهڪرو ڦيرائي روهڙيءَ وٽان وهڻ جي تاريخ - روهڙيءَ جو وار مبارڪ - بلوچن جون آڪاڻيون - ڪوسا پروچ.

جڏهن به ڪو ماڻهو ڪنهن نئين ديس ۾ وڃي ٿو تہ ٽئس ڪي اثر ضرور وهندا آهن. جيڪڏهن چارلس ڊڪنس هتي هجي ها تہ ان تي جيڪي اثر ويهن ها، اهي ستتئي پڙرا ٿي پون ها ۽ هيل تائين سڄي دنيا پئي سنڌ بابت ڊڪنس جا تاثرات پڙهي ها، چاڪاڻ تہ جيسين ڪو موڳو ليکڪ ويهي سنڌ جي طبعي حالت ۽ ان جي ختم ٿي ويل مڇين تي ڪو باب لکي، تنهن کان اڳ هو ڳالهہ ٻان ڳالهوڙو ڪري، ايڏي وڏي ڊيگهہ ڪري ها جو اوهان کي سڄا سارا ٿي جلد پري ڏئي ها، ۽ معمولي ڳالهين کي اهڙو رنگين بنائي ها، جهڙو شيشي جا ننڍڙا ٽڪر رنگين دوربينيءَ ۾ ڏسبا آهن. منهنجو پهريون تاثر اهو هو تہ سنڌين کي چئن ماڻهن جي آواز جيڏو آواز آهي. آهي اهڙو تہ وڏي سڏ ڳالهائيندا آهن، جو مون سمجهيو تہ وڙهي پيا آهن. پر پوءِ مون سمجهي ورتو تہ اهو سندن فطرت ۾ آهي. ٺٽي کي خيرباد چوڻ کان پوءِ هڪڙي خيرپور جي مير سان منهنجو تعارف ڪرايو ويو، جنهن جي

آواز جي پيٽ ۾ سندس ملڪ جي ماڻهن جو ڳالهائڻ، چڪ ڪنَ جي سُسِ پُسِ هئي. سفر ۾ هلندي مون انهيءَ ماڻهوءَ کي پاڻ کان پري رکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته جيئن هو ٿري. پر هڪ دفعي هن موقعو ڏسي تپ ۾ مون کان طبيعت بابت اهڙي ته زور سان پڇيو جو آءٌ ٻڌي ويس ۽ گهڻيءَ دير کان پوءِ مس مس سامت ۾ آيس. اوهان انهيءَ تي چوندا ته ان جو مطلب ته سنڌ بابت منهنجو پهريون تاثر نڪي چڱو هو ۽ نه خراب. جهڙيءَ طرح وڏا آواز منهنجن ڪنن کي تڪليف ڏيئي رهيا هئا، اهڙيءَ طرح نيٺ واريءَ جي درياءَ وري منهنجي اکين کي پئي ساڙيو، جا سنڌونديءَ جي بيءَ پر سان لاڳيتو اسان جي پيڙيءَ جي پٽ وٽندي ٿي آئي ۽ جيئن ئي اسين هيٺ لٿاسين تيئن اسان جي آدر پاءَ لاءِ تيار بيٺي هئي (١). اهو آزار صبح جو اٺين بجي شروع ٿيو ۽ شام تائين هلندو رهيو ۽ پوءِ مس مس وڃي ان ۾ ڏاپر ٿي. شام جو وري واريءَ جو طوفان استعيفا ڏئي، ماڻهن کي ستائڻ جو ڪم ڪٽيو بيشمار مڇڙن ۽ واريءَ جي مکين کي ڏئي، جن جي ڏنگ کان بچڻ محال آهي. سنڌين وٽ انهيءَ لاءِ هڪ عجيب ڳالهه آهي. چون ٿا ته جڏهن حضرت سليمان (نبي عليه‌السلام) جنن، ماڻهن ۽ جانورن تي حڪومت ڪندو هو، تڏهن مڇرن اچي هوا جي خلاف فرياد ڪيو ته اها ڏکار سبب، ڪين پنهنجي جائز ڏنڊي جي پيروييءَ کان روڪي ٿي. حضرت سليمان نهايت هوشياريءَ سان ڪن ڏيئي سنهن فرياد ٻڌو ۽ چيائين ته سندس ٻڌ اهائي خواهش آهي ته ساڻن انصاف ٿئي. پر انصاف جي اها تقاضا آهي ته بنهي ڌرين کي ٻڌو وڃي. سندس حڪم ٿيو ته مدعاليه کي عدالت ۾ سڏيو وڃي ۽

---

(١) لکندڙ جو مطلب آهي ته واري اچي اکين ۾ پئي چيئن ڪ عموماً درياءَ جي ڪپ تي ٿيندو آهي.

جيئن ئي هوا اندر ڏوڪي آئي تيئن ويچارا فريادي ڪڪ-پن ٿي ويا ۽ سندن ڪيس اتي جو اتي رهجي ويو.

ٿٿو، درياءَ جي ڪپ ڪان ٿن ميلن جي پنڌ تي آهي پر اتان ڪي به ڪين ٿي ڏٺو. ڪو وقت هو جو سنڌو درياءَ انهيءَ قديم شهر جي پرسان وهندو هو، جنهن غورابن جي آمدرفت ۽ واپار مان حاصل ٿيل نائو پئي سندس درن تائين پهچايو. پر چئي ٿٿو سگهجي ته اسان جي انگريز حڪومت وانگر، هن کي گهري محصول تي، جو اتي اڳاڙيو ويندو هو، ڪاوڙ لڳي (١) يا خالي پور وچان هن گهڻ وقت ڪان وٺي انهيءَ شهر کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيس غربت، بيماري ۽ گندگيءَ جي آزار ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اها هئي ٿٿي جي حالت، جڏهن مون انهيءَ کي ڏٺو هو، جيتوڻيڪ آتي قبن ۽ گنبذن جي ڊگهين قطارن ۽ ٻڌ اسان جي ريجيمينٽ جي آيين بارڪن پري کان ان ۾ آبادي ۽ آسودگيءَ جو ڏيکاءُ پئي ڏنو. آخر مون ڏٺو ته اهي سڀ اڏاوتون مٽلن مٽان قبا هئا، جن مان هڪڙا پرائي وضع جا هئا ۽ والاريل هئا ۽ ٻيا وري نوان هئا، جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪم آئڻ لاءِ تيار ڪيا پئي ويا. منهنجي آتي جولاءِ مهيني جي اڳاڙيءَ ڌاري پهچڻ کان وٺي نومبر جي وچ تائين، انگريز ريجيمينٽ جي سورهن سؤ ماڻهن مان پنجاهه کن به جيئر ڪونه بچيا هئا، جي ڊبوٽيءَ جي لائق هجن. ٿٿي جا سنڌي رهاڪو، مڙيئي پنجن هزارن کان مٿي هئا، پر منجهن ڪوبه رتبي وارو يا چڱو پڙهيل ڪونه هو. آتي هڪڙي سيڊ جو مون سان تعارف ڪرايو ويو- جنهن

---

(١) انگريز پاڻ ته ميرن کي ڪوبه محصول ڪونه ڏيندا هئا پر سندن مرضي اها هئي ته برٽش انڊيا جي ٻين واپارين کان محصول نه ورتو وڃي، چاڪاڻ ته هنن انهيءَ محصول کي پاڻ هضم ڪرڻ ٿي چاهيو.

لاءِ ٻڌو هوم تہ فارسي ٿو ڳالهائي، پر ڏٺم تہ سندس ڄاڻ انهيءَ ٻوليءَ ۾ "بسيار" (يعني "تمام گهڻو") لفظن کان وڌيڪ نہ هئي، جو هُن جدا جدا سُرن ۾ هر هر ڀئي آلاپيو. قبن ۾ اسان لاءِ ڪي قدر دلچسپيءَ جو سامان هو. آهي سرن سان چڱيءَ طرح ڦهيل آهن ۽ سندن مهاڙيون تمام سهڻي رنگين ۽ لسي ڪاشيءَ سان سجايل آهن. سچ پچو تہ جيئرا، مسلمان کان وڌيڪ خراب حالت ۾ رهن ٿا. شهر جا گهر گهڻو ڪري مٽيءَ جا ڦهيل آهن ۽ سندن ڇتيون سنيون سڌيون آهن. جيئن تہ رات جو سيڪو وڃيو مٽي ڇت تي سمهي، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن اٿوٽندڙ نظارا پيا پسبا آهن. هڪڙي ڏينهن صبح جو اٺ سان اکيون مهٽي جيئن مون ايجنسيءَ جي ڪٺهڙي ڏانهن پئي نهاريو تيئن منهنجي نظر وڃي هڪ سفيد روپ تي پيئي جا منهنجي هيٺان هڪ گهر جي ڇت تي آهستي آهستي گهمي رسي هئي. جيئن تہ مان اهڙي قسم جي ڀوت ڏسڻ تي هريل نہ هوس، ان ڪري مون دليل دلائل سان ڀاڻ کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آخر انهي نتيجي تي پهتس تہ اها هڪ سنڌڻ عورت هئي، جنهن کي پنهنجي چمڙيءَ کان سواءِ، جا سنڌ جهڙي ملڪ لاءِ نهايت سفيد آهي، ٻيو ڪو بہ لباس پيل نہ هو (١). جيئن ئي آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتس تيئن مون تي ڪنگهہ جي دوري غلبو ڪري ورتو، جو وڃي انهيءَ ملوڪ سنڌڻ جي ڪنن تي پيو ۽ هوءَ اڪچنپ ۾ نظرن کان غائب ٿي ويئي. انهيءَ جُوءِ جي پهلوانن سان مون کي هڪ ڏوهاري ڏيکاريو ويو جو هڪ پنجري ۾ بند هو (٢). صفا اگهاڙو هو ۽ جيئن تہ سائن کان وٺي ڪيس انهيءَ حالت ۾ رکيو ويو هو، ان ڪري جهنگلي جانورن جيان، سندس عقل

---

(١) شايد نٿي ۾ ان وقت رات جو اگهاڙي سمهڻ ۾ ڪو بہ عيب نہ سمجهيو ويندو هو. (٢) ميرن جي دؤر ۾ عمر قيد جي سزا واري کي سڄي عمر هڪ پنجري ۾ رکيو ويندو هو.

جو ڏيو ڪڏهوڪو وسامي چڪو هو. اهو هڪ هيبتناڪ نيماءُ هو چاڪاڻ ته عقل کان سواءِ ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ درجي جو جانور آهي. سندس ڳالهه هيئن آهي ته جائي جم سيڊ تي ڪري هُن ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ جو خون ڪيو هو ۽ جڏهن ڏوهاري ثابت ٿيو، تڏهن ميرن کيس عمر قيد جي سزا ڏني هئي. ميرن جو چوڻ آهي ته اسين نيي (سڳوري) جي اولاد کي قتل نٿا ڪري سگهون (١). نٿي ۾ آءٌ فقط ڪي ٿورا ڏينهن رهيس ۽ ايتري تائين جيترو آتي جي آڪيچار پريشانين مون کي رهڻ ڏنو ۽ پڻ انهيءَ بخار مان مون کي چوٽڪارو مليو، جيڪو مون کي رڻ جي سفر ۾ وائکي رهڻ سبب ٿيو هو.

١١- جولاءِ تي مون پنهنجا پير درياءَ جي غير مهذب ڪناري تي چنڊيا ۽ وڃي هڪ وڏي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيس، جنهن کي ڪکن جي ٿلهي چٽ پيل هئي. اها ٻيڙي ڇهن هفتن تائين اتر سنڌ ڏانهن منهنجي ڊگهي ۽ ڏکئي سفر جي لاءِ منهنجو رهائشگاهه هئي. ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ جا هن کان وڏي هئي مون پنهنجا گهوڙا ۽ نوڪر وغيره چاڙهيا، جي منهنجي پهچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ اچي نٿي پهتا هئا. منهنجي گهوڙن واري ٻيڙي اها ساڳي هئي، جنهن ۾ سرالينگزينڊر برنس پنهنجي پهرين مهم اتر طرف درياءَ جي رستي سر ڪئي هئي. انهي ٻيڙي کي پنهنجي لاءِ ڏ، چونڊڻ ڪري مون پوءِ پڇتايو هو، چاڪاڻ ته انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ منهنجي ٻيڙيءَ جي بنسبت سفر چڱيءَ طرح پئي گذريو. پڳهه چوڙڻ وقت، واءُ اٿائو هو ۽ ايرين (٢) جي چوڻ موجب جيئن اتي سڪندر جي ٻيڙيءَ جي چوگرد لهرون

---

(١) مير جيئن ته شيعا هئا ان ڪري سيدن جو ڏاڍو خيال ڪندا هئا.

(٢) ايرين، يوناني ليکڪ آهي، جنهن سڪندر جي ڪاهه ۽ سنڌوءَ مان سندس درياءي سفر جو بيان ڏنو آهي.

اٿلنڊ پٿلنڊ ۽ منڊل هيون، تيئن اسان لاءِ به منجهون ڪا مروت ڪانه هئي. قصو ڪوتاهه، جيئن ته مون واري ٻيڙي اتر سنڌ جي هئي، ان ڪري پاڻيءَ جي متاچري ڪان هيٺ پئي لڳي، خاص ڪري انهن لهرن ڪان جي اتي پئي هيٺ مٿي ٿيون. نتيجو اهو نڪتو جو منجهس پاڻي پرجڻ لڳو ۽ تنديل ۽ سندس ماڻهو جي پنجابي هئا ۽ جن کي انهيءَ سڌائيءَ ۾ اهڙي حادثي جو ڪوبه گمان ڪونه هو، واڙڻا ٿي ويا. آخر ناڪئن ٻيڙيءَ کي وهڪري مان ڦيرائي ٻاهر ڪڍيو ۽ هڪ منٽ ۾ اسان اچي زور سان ڪناري تي ڦهڪو ڪيو. ساڳئي وقت هوا اسان جي ڪڪائين چت کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪندي اسان جي سڙهه ۽ ڪمان کي پاڻ سان کنيو ويئي. سڪان به پڇي پيو ۽ ممڪن هو ته اسان جي ٻيڙي اونڌي ٿئي، پر اسان واري تنديل وٽي ڪناري تي ٽپ ڏنو. انهيءَ هنڌ تي چار فوٽ پاڻي مس هوندو. هن اتي ٻئي هڪ ماڻهوءَ جي مدد سان ٽوٽي ڪوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. آءٌ عجب ۾ هوس ته تنديل جي انهيءَ ڪوشش مان اسان کي ڪهڙو فائدو ٿي پهچي سگهيو، چاڪاڻ ته اسين سڪيءَ کان اٽڪل اڌ ميل پري، ذري گهٽ درياءَ جي وچ ۾ هئاسين. آخر هن چاڙهو ڪونه ڏيکاريو، جو رسو ٽٽي پيو ۽ اسين ڏکجي وڃي ٻئي ڪپر تي پهتاسين. اسان وارو تنديل ۽ سندس ساٿي چيلهه جيڏي پاڻيءَ ۾ رهجي ويا ۽ آءٌ خاطريءَ سان ٿو چوان ته جيڪڏهن هو اتي ڊگهيون لٽيون ڪوڙي بچاءُ نه وٺن ها ته تيز وهڪري سبب سندن پير ڪونه جمي سگهن ها. جڏهن هي سيڪجهه ٿي رهيو هو تڏهن مون واري ٻي ٻيڙي اسان جي مصيبت کان بيخبر ۽ بيپرواه، اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويئي. اسان سمجهيو ته اسان جا به ماڻهو ضايع ٿي ويا، ان ڪري اسان سڄي رات انهيءَ خفي ۽ ڏک ۾ گذاريو. پر ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن اسان درياءَ آڪري ٽٽي ڏانهن وياسين تڏهن اهي ماڻهو اچي اسان سان ملڻا ۽ ٻڌايائون

تہ هڪ ٻيءَ ٻيڙيءَ وارن اچي ڪين انهيءَ مصيبت مان بچايو. اسان پنهنجي ٽيل نقصان جي مرمت ڪئي ۽ وري نئين سر هلڻ لاءِ تيار ٿياسين. انهي سفر ۾ اسان کي مستر اسڪاٽ کان ڪافي مدد ملي جو هندستاني بحريه ٽولي مان هو ۽ ڪيس آمريڪا ۾ ڇوهي ٻاڻي ۽ ندين جي سفر جو تجربو هو، پر سندس چوڻ هو تہ ٻوڏ وقت، سنڌو درياءَ انهيءَ سين وهڪرن کان خراب ٿيو پوي، جي هُن اٺتلانٽڪ جي ٻيءَ پر ڏٺا هئا (١). انهيءَ همت ڏيارينڌڙ خاطريءَ کان پوءِ، سڀاڻو واءُ ڏسي اسان وري سڙها کوليا، ۽ گذريل حادثي واري جاءِ کان گذرندي، اهڙي ملڪ ۾ اچي گهڙياسين جنهن کي گهاڻي جهنگ جو لباس ٻيل هو. حقيقت ۾ هتان جي شڪار گاهہ يا حيدرآباد جي ميرن جي شڪار جون جُويون شروع ٿي ٿيون. اهي شڪار گاهہ بن سببن ڪري رکيا ويندا آهن: هڪ تہ شڪار جي حفاظت ٿئي ۽ ٻيو سڄي ملڪ کي سٺو عمارتي ڪاٺ ميسر ٿئي جو ٻيڙين ۽ گهرن ناهڻ، ٻارڻ ۽ ٻئي ڪم ۾ ايندو آهي.

چيو وڃي ٿو تہ اهي ٻيلا جهازراني لاءِ وڏو اٽڪاءُ آهن. جيئن تہ مهاڻا ٻيڙين جو وهڪري جي خلاف رسو ڇڪي هلڻ تي هريل آهن، ان ڪري اڻائو واءُ ڏسي، خلاصي تانگهي ٻاڻي ۾ لهي پوندا آهن ۽ ٻيڙيءَ سان گڏ وڌندا رهندا آهن. افسوس آهي جو مير انهي اهنج کي نہ سمجهي سگهيا آهن. انهن شڪار گاهن لاءِ بہ اسان جي پاليسي ڪل جهڙي هئي، چاڪاڻ تہ اسان نہ فقط بنان قيمت جي انهن ٻيلن مان حاصل ڪيل ڪاٺ مان پنهنجون ايجنسيون ۽ چاوڻيون ناهيون، پر پنهنجي مرضيءَ موجب ٻارسي واپارين کي ڪيترائي قيمتي وڻ

---

(١) اهوئي سبب آهي جو انگريزن مٿس Mighty Indus (زوراور سنڌو) نالو رکيو آهي.

مئت ۾ ڏياري ڇڏيا ۽ ڏٺين کي هڪ رپيو به نه ڏياريو. اسان پوءِ انهن سيني وڻن تي انهيءَ عذر سان قبضو ڪري ورتو ته اهي وڻ واپار لاءِ نقصانڪار آهن، ۽ مذاق طور ضد ڪيو ته آهي مائهو يعني "تالپر" حڪومت ڪرڻ جا لائق نه آهن، ڇاڪاڻ ته اُهي پنهنجي وندر جو ته گهڻو خيال ٿا ڪن، پر پنهنجي دشمن کي آرام پهچائڻ جو منجهن ڪوبه سليقو نه آهي. نه فقط ايترو پر عقيله (١) جو چوڻ آهي ته ميرن شڪار گاهه جي پر ۾ سڄا سارا گوٺ ناس ڪيو ڇڏين، ڇو ته ڪڏڻ جون پانگون سندن شڪار ڦٽايو وڃهن. دوست عقيله! جيئن ته تنهنجو سنڌ ۾ ڪڏهن به رهڻ نه ٿيو آهي ان ڪري توکي آتي جي ماحول جي ڪابه خبر نه آهي. سنڌوندي جي ڪناري تي جيڪي گوٺ آهن انهن ۾ گهڻو ڪري ڪي ٿوريون مٿيءَ جون ٿهيل جهوپڙيون هونديون آهن، جن جي چت هوندي آهي ڪڇيءَ جي پنن جي. جيڪڏهن ميرڪرم علي خان اهڙيون ڪي ٿوريون جهوپڙيون پنهنجي ملڪيت جي هڪ حصي مان ڊهرائي ڀئي هنڌ وڃي آڏرايون ته انهي ۾ ڪا اربع خطا ڪانه ٿي پيئي. انهيءَ ڪان وڌيڪ زبردستي ته هڪ آئرش ۽ پڻ انگريز لارڊ ڪندو آهي، جو پنهنجي ڏڪاريل هاريءَ کي ڪنهن به وقت بنان ڪنهن معاوضي جي، زمين تان هڪاليو ڪيڊي ته وڃي پيني ڪائي. ١٣- جولاءِ ١٨٣٤ع تي اهي شڪار گاهه ميرن جي ملڪ هٿا ۽ جيئن ئي اسين اچي سندن پر مان لانگهائو ٿياسين، تيئن انهن پيلن پنهنجي گهاڻين سائين ٿارين سان منهنجا نيڻ ئي ٿاري ڇڏيا. ان وقت هوا تازي ۽ هلڪي هئي ۽ اسين وهڪري جي آبتڙ تمام تڪا گذرندا وياسين، پر جيتريقدر ٿي سگهيو اوترو درياءَ جي وچ سير کان پاسو ڪندا وياسين. انهيءَ ساڳي ڏيهاڙي اسين اچي

---

(١) عقليه شايد مصنف جو دوست يا واقفڪار هو.

جهرڪن پهتاسين، جو منهنجي خيال موجب سنڌ ۾ ڇانوٽيءَ لاءِ سڀني ۾ سڀني جڳهه آهي. سندس بيهڪ حيدرآباد ۽ نٿي شهرن جي وچ ۾ آهي ۽ هڪ اهڙي مٿاهين پٽ تي ٺهيل آهي، جنهن جي پر ۾ درياءَ وهي ٿو ۽ چوڌاري ساوڪ به آهي.

آخر ١٤- تاريخ مون کي حيدرآباد ڪيئون جتي مون ست ڏينهن منزل ڪئي. اُتي ١٩- تاريخ تائين سانڍهه مينهن پئي وٺو، جا سنڌ جهڙي ملڪ لاءِ هڪ غير معمولي ڳالهه آهي. نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي گهر ۽ ٻڻ قلعي جي ديوار جو ڪجهه حصو ڪري پيو. اهو واقعو ٺيڪ انهيءَ وقت ٿيو جڏهن اميرن تيرهن فقرن واري عهدنامي تي صحيحون پئي ڪيون، ان ڪري سندن خيال موجب اهو خراب سوڻ هو. ٿرمامينٽر هڪ سؤ ڊگرين تان ڪري وڃي چاهتر ڊگرين کي پهتو. پر پوءِ ٻاڻ سنڀالي ويو، چاڪاڻ ته ٿڌڪار جي ٿوري وقفي کان پوءِ وري سخت گرميءَ اچي منهن ڪڍيو. حيدرآباد ۾ مون سپاهين جون به ڪمپنيون ڏٺيون ۽ ٿورن بيقاعدي سوارن جو جٿو، جي ايجنسيءَ جا چوڪيدار هئا. تپ جي هڪ تکي آلر مون کي سڄي هفتي لاءِ وڃي هنڌ پيڙو ڪيو ۽ مون کي انهيءَ تڪليف جو اتساهه ڏيئي ڇڏيائين، جو مون کي ان کان پوءِ پوڳڻو هو.

٢٢- تاريخ آءٌ وري وڃي پيڙيءَ تي چڙهيس. مون کي انهيءَ وقت تائين سنڌي ناڪئن جي ڪردار جي چڱيءَ طور سڪيا ملي چڪي هئي جي آءٌ دعويٰ سان ٿو چوان ته نه فقط آزموديگار روسيءَ کي ڏٺي وڃن پر زوريءَ پئسا ڪسي وٺندڙ يهوديءَ کان به گوءِ ڪٽي وڃن. منهنجو تبديل موسيٰ هڪ گنهير ۽ مانيٽو شخص هو. هن پنهنجو ڳالهائڻ اتفاقي ڳالهين تائين محدود رکيو، جن جو موضوع سياڻپ، خدا جي وڏائي ۽ مهرباني هئي. پر هن بنان ڪنهن سبب جي بخشيش يعني انعام يا سوڪڙي طور پئسا ڏيڻ جي طريقن تي به پئي ڳالهايو.

انهيءَ ڏينهن اسان جي سفر جي رفتار هيٺي هئي جو ڏهه ميل ڪري مس وڃي پير جي ڳوٺ تائين پهتا هئاسين. شام جو تي ناڪئا پڄي ويا. اها موسيٰ لاءِ هڪ مصيبت هئي. مون ڪان ڪجهه رپين جي پيشگي گهرو ڪيائين ته جيئن نوان ماڻهو هٿ ڪري سگهي. مون ڪيس پنج رپيا ڏيئي خبردار ڪيو ته مسافريءَ جي ختم ٿيڻ تي اهي پئسا ڪاٽي وٺندس، جنهن تي هن ڪوبه جواب نه ڏنو.

٢٣- تاريخ اسان کي وڃي مازندا پهچائيون جو چاليهن ميان تي هو. بعد ۾ مون ڏٺو ته انهيءَ ساڳئي فاصلي کي ميجر بي. جي ڪمان هيٺ اسان جي پيادل فوج جي پيڙي کي پنجويهن ڏينهن ۾ طئي ڪيو هو اسان درياءَ جي وچ سيرڪان ڪان پاسو ڪندا وياسين ڇا ڪاڻ ته اها اوپاري سفر لاءِ ڏاڍي ڏکي هئي. انهيءَ ڪري اسان درياءَ جي تانگهي پاڻيءَ سان سفر ڪيو. ڪن هنڌن تي درياءَ جي لڳ ڇڳي وڻڪار هئي، پر ڪٿي ته رڳي ٻوٽا هئا، جن مان ڪاري تتر جي مٿڙي ڏتاريندڙ ٻوليءَ جو آواز پئي آيو. جتي جتي مهاڻن جا ڳوٺ هئا اتي اسان ڪين ڊگهيءَ قطار ۾ ماڻين تي ترندي، پلي مارڻ ۾ مشغول ڏٺو. پلو مڇيءَ جو هڪ قسم آهي جو شبيهه ۽ سواد ۾ سالمن جهڙو آهي. اهي (مهاڻا) هڪ ڊگهي ڇڙهه کي پاڻيءَ ۾ هيٺ تمبيندا آهن جنهن کي پڇڙيءَ ۾ ڳوڙريءَ وانگر هڪ ڇار هوندي آهي. جڏهن مڇي اچيو ڇار ۾ ڦاسي تڏهن مهاڻو ڇڙهه کي لوڏو ڏيئي مٿي ڇڪي، مڇي ڪڍي وٺندو آهي. مون کي هڪ وڏي مڇيءَ بابت خبر آهي جا مهاڻي کي ڇار سوڌو هيٺ کنيو ٿي ويئي، نيٺ سندس رڙين تي ويجهڙائيءَ جي مهاڻن رسي ڪيس بچايو. تليگو ٻوليءَ ۾ مهاڻي کي "پليوادو" سڏبو آهي جو آءٌ پانيان ٿو ته سنڌي اکر "پلي-وارو" سان لاڳاپو ٿو ڏيکاري (١).

---

(١) اهو ڏيکاري ٿو ته سنڌ جو دراوڙي ٻولي ۽ تهذيب سان گهڻو لاڳاپو رهيو آهي.

٢٤- تاريخ اسين وڃي سن پهتاسين جو چڱيرڙو شهر آهي. سندس چمڪندڙ اڇي مسجد پري ڪان چڱو ڏيکاءُ پئي ڏنو. سن ۾ اسان جو پهچڻ هڪ وڏيءَ لهر جي اثر هيٺ ٿيو هو. اسان جي پيڙي جو رسو ٽٽي پيو، ان ڪري البت ڪجهه دير بہ ٿي ويئي. خلاصين جي جماعت ۾ مون کي وهم ڏسڻ ۾ آيو جو هو ڪانگ کي پيڙي تي ويهڻ ڪونہ ڏيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهو سندن خيال موجب هڪ بدسوڻ آهي. هتان سيوستان جا جبل پهريون دفعو ڏسبا آهن. جيئن تہ انهيءَ جي آڏو جيڪو ميدان آهي سو جبل جي پاڙ تائين آهي؛ ان ڪري اهي وڏيڪ آڳا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر سندن اوچائي ٻارهن سؤ فوٽن ڪان ورلي وڌيڪ هوندي. گانچي ۽ ٻين ننڍن ڳوٺن ڪان گذرندي اسان سيوهڻ ڪان ويهہ ميلن جي پنڌ تي وڃي لنگر هنيو. اسين جيڪر سيوهڻ تائين پهچي وڃون ها، پر مٿيءَ جو هڪ طوفان سوسات ڪندو اسان کي وڪوڙي ويو. گجگوڙ ۽ ڪنوڻ جا بہ چمڪاٽ هئا ۽ مينهن اسان کي ڇٽڪار سان ڀيڃائي پٽ ڪري ڇڏيو. اسان هوا جي رخ وارو ڪنارو ڇڏي، پيڙيءَ کي آونهي پاڻيءَ ۾ ڪاهي وياسين. هوا جي سامهون جيڪي ٽڪر هئا سي ڪڙيڙ وارا، آڳا ۽ گنجا هئا. اهي هالار جبل جي هڪ شاخ آهن. هتي درياءَ جي اونهائي سٺ قيدم يا هڪ سؤ ويهہ گز هئي ۽ پاڻيءَ جو رنگ ميرو ۽ اونداهو هو. هن جاءِ تي ٻئي ڪناري جي آڳي هئڻ ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب، اڪيون عجيب طرح نڳجيو وڃن. درياءَ جو ٻيو ڪنارو اهڙو تہ ويجهو پيو ڏسجي جو ڀانئجي تہ هڪ ئي ٽپ سان وڃي ٻيءَ پر پهچجي، جيتوڻيڪ اهو فاصلو ٻن سَن والن ڪان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ ٿيندو. مون ڪيترائي درياهي گهڙيال ڏٺا جن کي هتي ماڻهو جا ٻلهڻ ڪري ڪوٺين. اهي ٻتارا ۽ لَسا جانور آهن جن جي ڊيگهہ چار فوٽ ڪن ٿيندي ۽ ڪين تمام ڊگهيون ڇاڙيون آهن جن ۾ اڇا ۽ تکا ڏند ٿين ٿا.

انهن جانورن جي شڪل مون کي ڊالفن مڇيءَ جو نقش ياد ڏياريو ڇاڪاڻ تہ جي ڪين ڊگهي ۽ سنهي سونڊ نہ هجي تہ ٻوءِ ٻيئي جانور هڪجهڙا آهن. اهي واڳن جو ڪاڄ آهن، پر پنهنجي پيري هيءَ بہ پٽلي ڪي هڙپ ڪيو وڃن، جو سنڌوءَ جو سالمن آهي. هتي ٻلو جام ٿئي پر ٻي سوادي مڇي البت گهٽ آهي. درياءَ ۾ لُڏڙا ۽ ڪُميون بہ جام آهن. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ آءٌ پنهنجي خدمتگار جعفر کان درياءَ ۾ ترڻ سکي رهيو هوس. جعفر بہ ڪو گهٽ پٽاڪي ڪونہ هو ۽ پنهنجي هنر جو ڪرتب ڏيکاري پاڻ پڏائي رهيو هو. اوچتو هن هڪ ٽيڪي رڙ ڪئي ۽ سندس مٿو پاڻي جي مٿاڇري تي هڪڙي هنڌ اهڙي طرح بيهي رهيو، جهڙوڪ لنگر لڳي ويس. مون پانيءَ تہ ڪنهن واڳوءَ جي وات ۾ اچي ويو آهي، پر اها هڪ بدمعاش ڪُمي هئي جنهن شايد سندس اٿيبازي کان ڪڪ ٿي ڪيس پير جي آڱوٺي وٽان چڪ پاتو هو. مون کي سنڌو درياءَ تي هفتن جا هفتا رهڻ جو موقعو مليو ۽ پڻ سالن جا سال. ڪيترا ڏينهن لاڳيتو مٿس مسافري ڪئي هئم، پر مون ڪڏهن بہ منجهس واڳو ڪونہ ڏٺو ۽ نہ وري ڪو اهڙو حادثو ڪنهن کان ٻڌم. جيئن تہ درياءَ ۾ اهڙي قسم جو ڪوبہ ڊپ نہ آهي، ان ڪري درياءَ جي ٻي پار تارو ماڻهوءَ هٿان خط پٽ موڪلڻ جو هتي عام رواج آهي. اهو ماڻهو (يعني قاصد) ڪاغذ وجهندو آهي پٽڪي جي ور ۾ ۽ ٻوءِ ڪپڙا لاهي، سيٺاهہ ساڻ ڪري، پاڻي ۾ گهڙي پوندو آهي. ڪلي رکندو آهي ڇاتيءَ جي هيٺان ۽ پوءِ ان تي ترندو وڃي منزل مقصود تي پهچندو آهي. اهو هڪ مزيدار آزمودو آهي ڇاڪاڻ تہ اهو قاصد پنهنجي فرض جي پوڻيواري ۾ پاڻيءَ جي هرهڪ چوليءَ سان گڏ، هيٺ-مٿي ٿيندو وڃي پنهنجي ماڳ پهچندو آهي.

٢٦- تاريخ اسين سيوهڻ کان ميل پنڌ تي وڃي پهتاسين جتي ٻيڙي جي ناڪئن ڊاهو ڪرڻ ۽ اتي جي درويش لال شهباز

جي زيارت ڪرڻ تي زور رکيو. جيئن تہ اتي سخت گرمي هئي، ان ڪري آءٌ پيڙي تان ڪو نہ لٿس. مون کي سڪندر جي ناهيل پراڻن کنڊرن ۾ ڪي ڪين ڏسڻ ۾ آيو. ايرين جيڪو سنڌ بابت بيان ڏنو آهي، انهيءَ جو ڪو بہ منجهہ نٿو نڪري چاڪاڻ تہ مقدونيا جي پاڳل (١) شخص جي وقت وارو وهڪرو، درياءَ ڪڏهوڪو بدلائي ڇڏيو آهي. سيوهڻ وٽ اسان درياءَ جي هڪ شاخ اڙل جي رستي، ٿورن ميلن جي مسافري کان پوءِ منچر وڃي پهتاسين. هن ڏينهہ ۾ ڏارو يا نانگ ور (ور وڪڙن جي ڪري ائين سڏبو آهي) اچيو پوي جو درياءَ جي هڪ شاخ آهي. اسان انهيءَ ناري جي رستي پنهنجو سفر جاري رکيو، چاڪاڻ تہ انهيءَ موسم ۾ درياءَ جي وهڪري مان سفر ڪرڻ ڏاڍو اڻائو ڪم هو.

٢٧- تاريخ اسان چڱو سفر ڪيو منچر جي آرپار گهٽ ۾ گهٽ ويهہ ميل ڪري وياسين. ڏينهن جو اهڙي تہ سخت گرمي هئي جو بيان ڪرڻ ٻاهر آهي. شام جو ڪجهہ هوا گهلي ۽ فقط ڪي ٿورا مهاڻا وڃي پيڙين ۾ رهيا. مون، انهن مان ڪن کي پيڙي هلائڻ لاءِ چيو ۽ ڪين ڪجهہ پئسا ڏنا، جي ڪين تمام گهڻا لڳا. چاڪاڻ تہ اهي اڌ-اگهاڙا ۽ بکيا آهن انهن جهڙي پوئتي پيل قوم مون ٻي ڪانہ ڏٺي آهي؛ اهي صفا اگهاڙا هئا ۽ سندن بدن تي هڪ سنهي چوٽي کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين هو؛ سندن مهانڊا اهڙا هئا جهڙيون لڪڻ جي منئي تي گهڙيل شڪليون. اهڙن سڙونهن مان برائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نصيب نٿو ٿئي ۽ ٿيو بہ ائين. اسان وڃي هڪ اهڙي جهنگ ۾ ڦاٽاسين جتي وڏو گاهہ ۽ ناڙي جام هئي. ناڪئن پيڙي کي سوگهو ڪري بيهاريو. مون تنديل کي پڌايوتہ

---

(١) ايرين "مقدونيہ جو چريو" لفظ شايد سڪندر لاءِ استعمال ڪيا آهن.

هوا جو ٿورو جهوٽو لنگر ٽوڙي ڇڏيندو، پر موسيٰ کي هو پنهنجو ضد، سو ڪونه پڌايائين. رسا پڌي مس سوگهاڪيا هئائون ته سخت طوفان وڏي گوڙ ۽ گهمسان ۽ وڄ جي چمڪات سان گڏ اچي وارد ٿيو. اسان جي ٻيڙي به گهمرا کائيندي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڦرندي وتي. اوندهه به اهڙي هئي جو ڪي ڪين ٿي ڏسڻ ۾ آيو، پر ڪنهن ڪنهن وقت ڪنوڻ جي چمڪات تي پاڻي پئي نظر آيو. ڏنڌ جو پاڻي هونئن ته ڏاڍو مانيڻو هوندو آهي پر ان وقت اهڙي جوش ۽ آواز سان اٿلڻ پٿلڻ لڳو، جهڙو ڪر ڏائڻ جو ڪُنو! اسان هرهر وڃيو ٿي ناڙي ۾ ڦاٿاسين. اهڙيءَ طرح جو ٻيڙي ذري گهٽ ٿي اونڌي ٿي. مون وارا پنجابي، معمول مطابق الله ڪان دعا گهرڻ لاءِ گوڏن پر وبهي پيڻ پيڻ ڪرڻ لڳا ۽ هرهر ڏٺيءَ کي پئي سڏ ڪيائون، جيڪو فقط ان وقت ڪين ياد آيو هو. مون وري انهيءَ جي ابتڙ ڪين گهٽ وڌ ڳالهايو. آخر انهن مان هڪڙي اچي سُڪان کي جهليو. ٻيڙيءَ جي چت هوا ۾ ايڏو ته ڦڙڪي جو اسان سمجهيو ته اجها ٿي اونڌي ٿئي. سچ پچو ته اهڙي حالت ۾ ان وقت ٻيڙي وارن لاءِ به ڪناري تي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. خير، ڏنڌ ۾ ڪي ڪلاڪ پئي ٽلڪياسين. آخر هوا بيهي ويئي. صبح جو جان ڪٽي اک پٽيان ته ڏٺم ته ڪيان نالي ڳوٺ وٽ پهتا هئاسين ۽ اسان جي همراه گهوڙن واري ٻيڙي به گڏ بيٺي هئي.

٢٨- تاريخ اسان جي ٻيڙيءَ کي چئن ڏونڌين گهلي منچر ڏنڌ ۾ان ٻاهر ڪڍيو. انهيءَ نياڳي هنڌان ٻاهر نڪرڻ ٿي آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس ۽ پٽ ورائي هيءُ فارسي پهاڪو اچاريم:

”اي خدا چون منچر داشتي، چرا دوزخ ساختي!“

يعني ته اي خدا جيڪڏهن منچر تو وٽ آهي ته پوءِ دوزخ ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. اهڙين حالتن ۾ ماڻهوءَ کي

پنهنجي ٻوليءَ کان سواءِ ٻين ٻولين ۾ بيجا لفظ استعمال ڪرڻ جي عادت ٿيو پوي. هي پهاڪو جيتوڻيڪ فارسيءَ ۾ آهي پر ان ۾ انگريزي لچائيءَ جي به ڪافي سڀائي آهي. منچر سان هي پهاڪو بلڪل ٺهڪيو ٿهڪيو اچي. چاڪاڻ ته سندس پاڻي بيئل آهي ۽ ان مان ڪيني آب نڪرندي رهي ٿي. سياري ۾ ته ڪي ڪي هنڌ سڪل نظر ايندا آهن. منچر جون وڏيون ايراضيون گاهه ۽ ڪکن سان ڀريل هونديون آهن، جن ۾ مڇرن جو وڏو ٻيو پلبو آهي. قديم نيل جي ڪينئن وانگر هتي به آگري هوا ۽ ڪيني گپ ۾ ڪيترائي زهريلا جيت پيدا ٿين ٿا. ڏيهي ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهيءَ ڍنڍ جي ڊيگهه پنجويهه ميل ۽ ويڪر پندرهن ميل آهي. سندس الهندو ڪنارو ڦڙيئي سائو آهي پر آهي آها به سُڄ جي ساوڪ. پري کان آيا ۽ وڏا جبل ٻيا ڏسجن ۽ وڻن جي جهڳٽن ۾ هڪ مسجد پنهنجي اچي چلڪندڙ مناري سان پيئي ڏسبي آهي.

منچر جو ٻيو ڪنارو سنئون سڌو آهي پر آهي گندو. ڍنڍ ۾ مڇي ۽ آڙي جام ٿئي. اهي پنهنجا آنا اونهي پاڻيءَ ۾ ڪنول جي ويڪرن پٽن تي لاهين. مون انهن مان ٿن بيضن جو معائنو ڪيو جي ڪڙ جي مُني آني جيترا ٿيندا ۽ سندن رنگ گهاڻو خاڪي هو. رات جو اسان ناري (شاخ) ۾ سفر ڪرڻ شروع ڪيو جو انهيءَ ڍنڍ کان ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي. اها هڪ عجيب رات هئي ـ آهي ماڻهو جيڪي انگلنڊ جي ٿڌي ۽ صاف ملڪ ۾ آرام سان رهن ٿا ۽ فقط پردي چوڙڻ جي به تڪليف نٿا ڪري سگهن يا تڙتڪڙ ۾ مڇرداني واري بستري ۾ وڃيو داخل ٿين، تن کي آءٌ عرض ڪندس ته ڪجهه انهيءَ ڳالهه تي غور ڪن ته هندستانين سان ڪهڙي ويڌن ٿي ٿئي. بروس جو چوڻ آهي ته افريڪا ۾ ڪي اهڙا هنڌ به آهن جتي اهڙي ته سخت گرمي آهي جو ماڻهو بنان ڪپڙن جي، چڙڻ پرڻ کان سواءِ، پگهر ۾ شل

ٿيو وڃي. سچ پچو تہ اسان جو بہ اهڙو ئي حال هو. سڄي رات پنکي جي هوا ۾ رهندي گهٽ کان تہ جان ڀڄي پر ننڊ پوءِ بہ ڪانہ آئي، جو رات جا چار ئي پهر ڏيڏرن جي ڪڪر ۽ بيشمار مڇرن جي پون پون ٻڌندي گذري ويا هئي وري ٻيءَ ٽئينءَ بيماريءَ اچي منهن ڪڍيو. اها هئي ڪٽ. مڇر هڪ ڍگهو ۽ ڏهرو وڇڙندڙ جيو آهي جو هڪڙي طرف پنهنجي پون پون سان ۽ ٻئي طرف ڏنگ سان بيزار ڪندو رهي ٿو. پر ڪٽ هڪ ڪِل جهڙو ننڍڙو پسون آهي جو پنهنجي مزي ۾ لامارا ڏيندو اوهان کي عذاب ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي.

٢٩- تاريخ: هن ڏينهن تي اسان سورهن ميل پنڌ ڪري ڳوٺ غلام حيدر وٽ پهتاسين. جيئن تہ اڪيلائي جو وقت هو، ان ڪري سڄو ملڪ هڪ ڍنڍ مثل ڏسڻ ۾ پئي آيو. ملڪ سڄو هڪجهڙو هو پر ڪٿي ڪٿي ٻير ۽ ڪانهہ جا جهنگ هئا ۽ ڪن هنڌن تي وري پوکيل ٽڪر بہ پئي ڏٺا.

٣٠- تاريخ: ويهہ ميل پري ٻهاولپور پهتاسين جو وٽائن، متيءَ، ٻارن ۽ ڪتن سان ڀريل ڳوٺ هو. ناري جي پر ۾ ٻين ڳوٺن جيان هتي بہ تازي ٻيل مينهن جا آثار پئي ڏٺا، جنهن ۾ ڪيتريون جهوپڙيون ڪري پٽ پيئون هيون. آتي ماڻهو گهڻو ڪري پيهن تي سمهڻ جي چئن ٿوڻين تي هوندا آهن. انهن تي چڙهڻ لاءِ ڪافي آزمودو درڪار هوندو آهي، خاص ڪري عورتن لاءِ. ويچار ڪريو تہ هڪ ٿوٽيءَ تي مڙس پيو چڙهي تہ ٻيءَ تي وري سنڌس ڪنوار. اندازو ڪريو تہ ڪهڙو نہ مزيدار ۽ رومانوي هوندو اهو نظارو! هيڏانهن اسان جو وري اهو حال هو جو هڪ تہ مصيبت جي گرمي ۽ مڇرن جو آزار ۽ پيو وري ٻيڙيءَ جي ننڍي ڪئين بہ هئي مڪين ۽ گند سان ڀريل، انهيءَ کي مفلسيءَ جو ڪمال ڪٽي چئجي. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو ناڪئن کي تڪڙو هلائڻ ۽ پنهنجي ڦڦڙن کي

ورزش ڏيڻ لاءِ ڪا نئين ايجاد ڪندو آهي، ۽ انهن کي انجام ۽ ڏڙ دلاسي ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. اهي جهنگلي به موقعي جو فائدو وٺي پنهنجي سوالن يا گهڙن ۾ وڌندا ويندا آهن. ڪنهن مهل سوايو اٿو، ڪنهن مهل مچي ته ڪنهن مهل وري ٻڪريءَ جي به گهڙ ڪندا آهن. هن ملڪ ۾ سدائين هڪڙو ئي آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ـ ڏي ۽ ڏي! جيڪڏهن اوهان ڪنهن ڳوٺ جي پر ۾ لنگر هڻندا ته هڪ ڊگهي ڏاڙهيءَ وارو فقير مٿي چڙهي ايندو ۽ اچي رسول جي نالي تي اوهان کي سوال ڪندو ۽ چوندو ته، ”جيڪي مون کي ڏنو اهو چٽڪ خدا جي وات ۾ ڏنو.“ جيڪڏهن اوهان ڪيس ڪجهه ڏنو ته اهو به منهن ۾ گهنڊ وجهي ناراضگيءَ ۾ اوهان کان وٺندو؛ پر جي اوهان ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته پوءِ جيڪي به بددعائون وٽس هونديون اهي اوهان تي وسائڻ شروع ڪندو.

۳۱- تاريخ: هن ڏينهن تي اسان ڪبترن ئي ڳوٺن، جهڙوڪ سونميائي، ڪميارياوغيره جي پاسي مان لنگهياسين، ٽيهه ميل مٿي جميوسيا جو ڳوٺ آهي جو مڙيئي چڱيرڙو پئي ڏنو. اها هڪڙي ئي جاءِ آهي جتي مون عورتن کي ڌارين ماڻهن سان ڳالهائيندي ڏنو، پر جن سان ڳالهايئون پئي، اهي شايد سندن واقف هئا. انهيءَ جاءِ تي جيئن ئي مون پنهنجو منهن ڪئبن مان ڪڍيو تيئن منهنجي نظر وڃي هڪ موهڻي مورت تي پيئي، جا پنهنجو گهڙو پاڻيءَ سان ڀري رهي هئي. سندس منهن موڪرو هو ۽ اکيون هرٽيءَ جي اکين جهڙيون هيون. سچ پچو ته سندس شڪل مئڊونا (۱) جهڙي هئي. هن وڏيءَ اکير سان مون فرنگيءَ ڏي نهاريو. ان وقت مون کي پنهنجو دوست پوسٽن ياد ٿيو. ته جي اهو هجي ها ته سندس خاڪو ڪڍي وٺي ها.

---

(۱) مئڊونا: ماءِ-ڀونا مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي منهنجي معزز خاتون. هي لفظ ڪرستان بيبي مريم لاءِ استعمال ڪندا آهن.

١١- آگسٽ: اسان ڏهه ميل مٿي خيرپور ۽ فتحپور تمام سهڻا ڳوٺ هئا. هتي ملڪي ٣ ڏينهن سفر ڪري وياسين مڙيئي آباد ٿي ڏٺو. هتي جو پٽ سڪل هو ۽ آبهوا به چڱيرڙي هئي. ڇاڪاڻ ته هي خطو انهيءَ زهريلي ماحول کان آجو هو جو ناري جي لڳ ڀڳ ڪان چاليهن ميلن تائين محسوس ڪبو آهي. هتي اسين ٢٦-ن-ا، اسڪارٽنگ اسٽورس سان ملياسين، جن کي ٿٽي کان هن جاءِ تائين پهچڻ ۾ هڪ مهنو ۽ آٺ ڏينهن لڳي ويا هئا. اسان هڪ سنڌيءَ کي ڪير آڻڻ لاءِ ڪجهه پئسن جي آڇ ڪئي، پر هُن نه ورتا ۽ سير چانورن تي کي ڏيڻ قبول ڪيائين. پئي وري ڪڪڙين جي بدلي، اسان کان ٻاٽليءَ جي گهُر ڪئي. هتي ڪڪڙيون ڏاڍيون سستيون آهن، ڇاڪاڻ ته هرهڪ جي قيمت چئن پئسن کان مٿي نه آهي، جا پنجن فارٿنگس جي برابر آهي. ڪڻڪ رپئي ۾ آٺ پائيون وڪامي ٿي، جا چاليهه پئسن جي ٿور ۾ سورهن سيرن جي برابر آهي.

٢ تاريخ: ٻاٽا ۽ پالو ڳوٺ کان لنگهندي ٿرلي پهتاسين، جتي اسان نوان همراه هٿ ڪيا ۽ ٻوءِ راڌڻ کان گذرندي ميراتو ياريجو ڳوٺ وٽ لنگر هنيوسين. ٿرلي هڪ سهڻو ڳوٺ آهي. ڪن سنڌين اسان کان پڇيو ته اوهان پيڙيءَ ۾ توب آندي آهي ڇا؟ پر ڪيترا وري دوا داروءَ لاءِ آيا. هتي هڪڙو ناڪئو ٽنديل جي ڦٽڪار سبب پڇي ويو. انهيءَ تي ٽنديل موسيٰ وري به پيشگيءَ لاءِ هٿ ڊگهيريو ۽ چيائين ته خدا ٿو چاڻي ته مون وٽ پئسو ڪونهي. ساڳي ڪار هئي جمعدار سان، جنهن وٽ مون لاءِ سر اليگزينڊر بورنس جو سفارشي خط هو. انهن ماڻهن مان هرهڪ وٽ سيوهڻ ۾ مون ڳوٺري ڏني هئي، جنهن ۾ ڪي سوين رپيا هئا. پر هنن سمجهيو ته مون کي انهيءَ ڳالهه جي خبر نه آهي. منهنجو خيال آهي ته سنڌ جي

پهرين سياحن هتي جي ماڻهن کي گهٽي پئسي ڏيڻ ۾ وڏي غلطي ڪئي آهي، انهيءَ ڪري هاڻي ڪين اهو يقين ٿي ويو آهي ته هرڪو فرنگي هڪ ننڍو پلوٽس (۱) آهي.

۳- تاريخ: اسان ويهه ميل ندڙيءَ ۾ اڳتي وڌي وياسين، پر انهيءَ ۾ هٿا رڳي ور وڪڙ. نقشي ۾ درياءَ جو وهڪرو سنئون ۽ سڌيءَ ليڪ ۾ ڏسبو آهي، جو ويجهو ۽ سولو سمجهبو آهي. ڪمپاس سان ماپ ڪرڻ ۾ انهيءَ وهڪري جي ماپ وڃيو آسي ميل بيهي، ويهه ميل ڳنڍيوس ورن وڪڙن جا، تڏهين به وڃي ٿيا سؤ ميل، پر حقيقت ۾ اهو سڄو فاصلو ڪنهن به حالت ۾ ٻن سوَن ميلن کان گهٽ نه ٿيندو. وڏي خرابي وري منجهس هيءَ آهي جو هونئن هوا چڱي پيئي لڳندي، پر وڪڙن وٽ اوچتو ٻوسٽ ٿيو وڃي، جنهنڪري ڪيتري به محنت ڪجي يا ٻيڙيءَ کي تيز هلائڻ جي ڪوشش ڪجي، تڏهن به ڏسبو ته اصل ماڳ کان انهيءَ فاصلي جي چوٿين پٽي به مٿي ڪانه هوندي. اسين هاڻي ٻن ڳوٺن وٽان اچي لنگهياسين جن کي چٽاليا ڪري سڏيو وڃي ٿو. انهن مان هڪڙي ڳوٺ ۾ مير نور محمد جي گهوڙن جو طنبيلو هو جنهن ۾ ويهن کان مٿي گهوڙا نه هئا.

۴- تاريخ: ويهه ميل ناري ۾ ڪري وياسين. ڪنارن تي مهاڻڻ جا ڳوٺ پئي ڏٺا، جن کي مياڻي سڏجي ٿو. سنڌو درياءَ تي جيڪڏهن واپار زور وٺي وڃي ته پوءِ اهي ڳوٺ ناڪئن جو چڱو انداز مهيا ڪري ڏيندا. باقرو نالي هڪ وڏي ڳوٺ وٽ اسان کي ٻنهي پاسين وڏي ايراضيءَ ۾ وڻن جو فصل ڏسڻ ۾ آيو ۽ هر هنڌ هرلا پئي هليا. گرمي البت گهٽ ٿي ويئي هئي.

۵- تاريخ: پندرهن ميل ڪري، مهرپور ۽ مڏ وٽان گذر

---

(۱) پلوٽس: هڪ گرهه جو نالو آهي، جو نيپچون کان به پري آهي. پلوٽس حقيقت ۾ شاهوڪاري جي ديوتا کي سڏيو آهي.

ٿيو. مڏ لاڙڪاڻي جي سڌائي ۾ آهي. مهرپور ۾ سومر نالي هيڊ خلاصي پنهنجي همراهن سميت ٻيڙي چڏي هليو ويو ۽ منهنجي دڙڪن ۽ دهمانن جي ڪابه پرواهه نه ڪيائين.

٦- تاريخ: ڏهه ميل سفر ڪري خاليجو وٽ پهتاسين جو هڪ صاف ڳوٺ هو. منجهس مينهن، ڍڳين ۽ ٻڪرين جا گهٽيئي ڏڻ هئا. اهو ڳوٺ خوشحال ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هتي جيئن آءٌ ناري جي ڪناري تي پسار ڪندي پنهنجي سفر متعلق سوچي رهيو هوس، تيئن هڪ قاصد شڪارپور مان اچي پهتو ۽ هڪ خط آڻي مون کي ڏنائين.

٧- تاريخ: ناري ۾ ڏهه ميل وڌيڪ ڪري وياسين. رستي تي ڪيترن ئي ڳوٺن وٽان اسان جو لنگهڻ ٿيو. هن ڏينهن موسيٰ جا ماڻهو پڄي ويا ۽ رات جو فقط چار يا پنج ميل ڪن سس سفر ڪيوسين. هتي وهڪرو اونهو ۽ تيز هو جنهن مان ثابت ٿي ٿيو ته درياءُ يا تازي پاڻيءَ جو سمنڊ (جيئن سنڌي ڪيس سڏين) ويجهو آهي. اسان جي ٻيڙي به ٻين ٻيڙين وانگر بار جي گهٽي هئڻ ڪري انهن سان قطار ۾ بيهي رهي. مستر وود جيڪا ٻيڙي مون لاءِ تجويز ڪئي هئي، اها چڏي وڃي گهوڙن واريءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيس چاڪاڻ ته انهيءَ ٻيڙي جي ناڪئن پنهنجي بيجا هلت سبب مون کي ڪڪ ڪري وڌو هو. هتي اسان لاڙڪاڻي واهه ۾ گهڙياسين ۽ هڪ وڏي ڳوٺ مديجي وٽان گذرندي، سهراباڻين جي ڳوٺ ۾ اچي ننگر هنيوسين. هتي به سخت گرمي هئي.

٩- تاريخ: به ميل ڪري مڪانه واهه جي منهن وٽ پهتاسين، جتي اڻائي واءَ اسان کي سجو ڏينهن بيهاري چڏيو. انهيءَ واهه جي منهن وٽ پاڻي اهڙو ته چوهو هو، جو وهڪري کي چيريندي وڃي ٿي ڪناري کي لڳو. اهڙو خوفائنو وهڪرو مون شايد ڪو نه ڏٺو هجي، چاڪاڻ ته انهيءَ ۾ وڻن جا ٿڙ،

ٻوٽا ۽ مٿل چوپايو مال لڙهندا نظر پئي آيا. اُتي هڪ گوٺ آهي جنهن کي غلام حسين جو گوٺ ڪري ڪوٺين، جتان مون هڪ قاصد سکر ڏي موڪليو. هن جاءِ تي مون ٻيڙيءَ وارن ۾ وري ٻيو وهم ڏٺو، جنهن موجب هو سفر ۾ ڪڍيل ڏينهن جو تعداد نہ گڻيندا آهن. اُهي ڪڏهن بہ پورا ڏينهن ڪونہ ٻڌائيندا، ڇاڪاڻ تہ سندن خيال آهي تہ جي ائين ڪبوتہ ٻوءِ يا تہ ڪو نقصان رسندو يا سفر ڊگهو ٿي ويندو.

۱۰- تاريخ: رات وچ ۾ مون واري ٻيڙي بہ اچي پهتي ۽ صبح ٿيندي ئي جيئن اُن تيز وهڪري کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تيئن اُها ڏکجي واپس اچي پهتي. اسان ان ڪري ٻيڙي تان لهي انهيءَ کي گهلڻ شروع ڪيو، جيئن وهڪري جي تيزيءَ کان ٻري رهي ۽ انهيءَ کي پار ڪري سگهجي. اسان تہ اُڪري ماڻيٽي پاڻي ۾ ويلسين، پر ڪي ٻيڙيون انهيءَ وهڪري يا لهر جي ٿورن والن اندر وڃي تري ڪي لڳيون پر ٻوءِ ڇڪي تاڻي انهن کي بہ ٻاهر ڪڍيو ويو. جيئن ئي اسين اڀين ۽ گجيءَ سان ٻريل لهرن ٻيڙا ٿيلسين، تيئن ناڪئن وٺي نعرا هڻڻ شروع ڪيا. جتي جتي خوفائتو هنڌ ٿي آيو اتي "دم بهاوالحق" جو نعرو هڻي پئي اڪرياسين. مون کي بہ درويش حق جي مهرباني جو احساس ٿيو ڇاڪاڻ تہ هن اسان لاءِ ايتروئي ڪيو جيترو سينٽ جارج (۱) يا ڪو ٻيو بزرگ ڪري ها. سچ تہ مون اهڙو ڇوهو وهڪرو يا اهڙيون وڏيون ڇوليون ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺيون. اسان ساليانيءَ ساوتري ۽ جالي کان گذرندي سعيد آباد پهتاسين، جتان بکر جو سڄو قلعو ڇٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو.

---

(۱) سينٽ جارج: ڪرسٽانن جو وڏو سنت ٿي گذريو آهي. جنهن کي ايڊورڊ ٽئين آرڊر آف گارڊ ڏيئي انگلنڊ جو وڏو پادري بنايو هو.



پيرن جا مقبرا -- روهڙي شهر -- پيڙين جي ڪاٺ جو پيٽ -- بکر جو قلعو -- ريزيڊنسي -- فلئگ اسٽاف

سنڌوءَ جي ڪپ تي سکر جو نظارو.

۱۱- تاريخ: هن تاريخ جي صبح جو آءٌ اچي سکر منجهه لٿس. جتي قسمت جي بدنصيبيءَ سبب ۱۰- نومبر تائين گرمي ۾ رجهندو رهيس. مون ڏٺو تہ اسان جا سياسي آفيسر درياءَ جي ڪپ سان ڪجين جي جهڳٽي اندر ٺهيل تنبن ۾ رهندا هئا جن جي ٻنهي پاسين ننڍڙن ۽ ٿوڙهن ٽڪرن جي قطار هئي. انهن ٽڪرين جي مٿان ڪچري جا ڍڳ لڳا پيا هئا، جو گهڻو ڪري ويران ٿيل قبن، قبرن ۽ مسجدن جو پنجو هو، جو ڪنبرن وانگر پئي ڏٺو. انهيءَ قطار جي ڏاڪڻيءَ ڪنڊ وٽ هڪ اُڀي ديوار هئي، جنهن تي سهڻيون ۽ رنگين سيرون لڳل هيون انهيءَ مان ٻہ ڏيڍيون ٻاهر نڪتل هيون. ٻڌڻ ۾ آيوتہ اهو اصل ۾ هڪ مغل شهزادي جو قبو هو. پنجو کي پاسي ڪري جيئن مٿي پهتس تيئن مون کي خيال ٿيو تہ هيٺ تنبن ۾ رهڻ جي بدران جيڪر هتي جاءِ ناهي وجهجي تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو، چاڪاڻ تہ تنبوءَ ۾ روزانو ٿرما ميٽر ۱۰۵ ڊگرين کان هيٺ نہ ٿي ڏٺو ۽ ٻڌ تپ جي حملي مون کي خبردار ڪيوتہ آجهي خاطر ڪا چڱي جاءِ ڳولجي. سيڪنهن پئي چيو تہ اهو ڪين جو ميڙ صاف ٿيڻ مشڪل آهي، پر دل ۾ اهي بہ خوش هئا تہ اهو صفا ٿئي. چاڪاڻ تہ انهيءَ هنڌان ڪينيي ڏپ پئي ايندي هئي جا Araby the blest جي بلڪل اُبتڙ هئي(۱). ناڪئن ۽ ٻين رولاڪ ماڻهن هتان مون انهيءَ ويرانيءَ جو ڪجهه حصو صاف ڪرايو ۽ پوءِ ٻنهي ڏيڍين جي وچ ۾ چٽ ڏيئي، ان کي پنهنجي رهڻ جي لائق بنايو. آءٌ ٽي سال سنڌ ۾ رهيس ۽ انهيءَ عرصي ۾ مون ڏٺو تہ ڪوئہ ڪو ماڻهو منجهس رهندو آيو ۽ اڄ بہ ان ۾ ماڻهو رهن ٿا. سکر ۾ جيتوڻيڪ سخت گرمي آهي پر ان هوندي بہ اها دلچسپ جاءِ آهي. ٿوري غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ سنڌو درياءَ جي هن موڙ وٽ ٽي شهر

---

(۱) Araby the blest جي معني آهي عرب جي وٽندڙ هيرو.

آباد ٿيا آهن. بکر جو پيٽ جنهن جي چوڌاري اونهو ۽ چوهو پاڻي آهي، سو ايشيا جي ماڻهن جي نظر ۾ هڪ اهڙي جاءِ آهي جنهن تي مشڪل سان قبضو ٿي سگهي ٿو. جيئن ته انهيءَ پيٽ تي قلعو ٺهيل آهي ان ڪري سندس مشهوري وڌي ويئي آهي ۽ پوءِ ڪيس "سنڌ جي ڪُنجي" ڪر سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ مشهوري جي ڪري سندس ٻنهي پاسن کان سکر ۽ روهڙيءَ جا شهر ٺهي ويا آهن. واندڪائي جي گهڙين ۾ مون کي انهن مسجدن ۽ ويران ٿيل جاين جي ڏسڻ جو شوق ٿيندو هو، جي انهن شهرن جي چوڌاري ڏٺا ٿي ويا. مون انهن پراڻن دفترن مان قديم دؤر جي معلومات گڏ ڪرڻ چاهي، پر وريو ڪي ڪين. سچ پچو ته نه فقط سکر ۾ پر سڄي سنڌ ۾ قديم دؤر تي تحقيقات ڪندڙن لاءِ تمام گهٽ مواد آهي ۽ فقط يادگار اهڙا هوندا جي تاريخ-نويسن جي ڪتب اچي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ هن ملڪ مان قديم سنڌوءَ جو پاڻي وهي ٿو ۽ پڻ انهيءَ کي هندستان تي ڪاهه ڪندڙ هرهڪ غنيم جي فوجن لتاڙيو آهي پر ان هوندي به اتان کو جهونو ڪتاب يا ڪتبو نٿو ملي جو هن ملڪ جي قديم تاريخ تان پردو لاهي انهيءَ کي صاف ڪري بيهاري. نه فقط ايترو پر سنڌ جي ڪيترن شهرن جي بيهڪ ۽ انهن جو موقعو به اڃا زيربحث آهي. پري چو ٿا وڃو الور يا برهمڻ آباد کي ئي وٺو، سندن اوج کي اڃا اٺ صديون ئي ڪو نه گذريون آهن، پر اتي جي رهاڪن بابت به ڪو مواد نٿو ملي. هاڻي فقط هڪ ڏنڊ ڪٿا پئي ٻڌجي ته جتي هينئر پنجو ۽ سيرن جا دڙا آهن اتي ڪنهن وقت هزارين ماڻهو رهندا هئا ۽ اهو هڪ وڏيءَ سلطنت جو مرڪزي شهر هو. چچنامي ۽ معصومنامي ۾ سڪندر جي ڪاهه کان وٺي خليفن جي جرنيلن جي سوپ تائين ڪو به مواد نٿو ملي. فقط بادشاهن جا ڪي نالا ۽ ٻاراڻيون ڏنڊ ڪٿائون آهن. ان ڪري

وقت جي بدلجڻ يا حالتن جي متاسنا جي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پوي. انهيءَ ڪري سنڌ يا سنڌ سان لاڳو ماڪن جي قديم جاگرافيءَ تي سوچڻ بيڪار آهي ۽ فقط پنهنجن ڏاهيل ڏڪن تي ئي گذارو ڪرڻو پوندو. الور بابت، جو ڪنهن وقت سنڌ جي هندو راجائن جو تختگاهہ هو، ڪجهہ معاوت گڏ ڪري سگهجي ٿي تہ ڪهڙي وقت سنڌو درياءَ پنهنجو وهڪرو انهيءَ قديم شهر وٽان بدلائي، وري انهيءَ هنڌ تان وهڻ لڳو جو هاڻي سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ آهي. خواجہ خضر (١) جي ننڍڙي بيٽ ۾ روهڙيءَ جي بلڪل آهون سامهون هڪ مسجد آهي، جا ڏسڻ ۾ ئي پراڻي ٿي اچي ۽ انهيءَ عمارت ۾ هيٺيون ڪتبو لڪيل آهي جو مون کي پنهنجي هڪڙي مهر ۾ ڏسڻ ۾ آيو. انهيءَ جي هي معنيٰ آهي:

اوهان جي جاڻ لاءِ هيءُ لکجي ٿو تہ جڏهن هيءَ درگاه نهي تڏهن خضر جو پاڻي سندس چوڌاري هو. درگاه جي ڏهڻ بابت خضر هيءَ سهڻي مصرع لکي جا خدا جي گهر مان پڙهي سگهجي ٿي۔ اها آهي "٣٤١ هجري".

جيڪڏهن هيءَ تاريخ ٣٤١ هجري صحيح آهي تہ پوءِ مسجد ٩٥٢ عيسويءَ ۾ نهي هوندي. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اها مسلمانن جي حملي کان اڳائي سو سال پوءِ ناهي ويئي آهي. انهيءَ ۾ جيڪڏهن ڪا غلطي بہ آهي تہ اها اڳيئي سوچيل سمجهيل آهي، چاڪاڻ تہ اکرن ۾ ڏنل تاريخ انگن اکرن سان بلڪل ٺهڪيو ٿهڪيو اچي. هرهڪ عربي لفظ

---

(١) خواجہ خضر: هن کي پهتل هستين جي قطار ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. پر جيئن تہ هن آبحيات پيتو آهي، ان ڪري هي قيامت تائين جيئرو رهندو. سنڌين جي خيال موجب بکر وٽ خواجہ خضر جو آستان آهي. جنهن جي خاطر درياءَ جو پلو اوپارو روهڙي تائين ويندو آهي.

کي هڪ خاص انگ جي برابر سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري جڏهن به ڪو ڪتاب لکبو آهي يا قبو ٺهرايو ويندو آهي، تہ انهيءَ کي ڪو لقب يا نالو ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ استعمال ڪيل اکرن مان انهيءَ قبي جي ٺهڻ يا ڪتاب جي لکجڻ جي تاريخ نڪرڻي اچي. اهو ساڳيو طريقو جيڪڏهن يورپ ۾ استعمال ڪيو وڃي تہ پوءِ جيڪر ماڻهو گهڻيءَ مٿا-ڪٽ کان بچي وڃي، چاڪاڻ تہ پوءِ فقط ديول جي نالي وٽ سان ئي سندس ٺهڻ جو سال معلوم ٿي ويندو. ساڳيءَ ريت، ڪوبہ ماڻهو ڪنهن نظم پڙهڻ مهل انهيءَ جي مرتب ٿيڻ جو وقت سولائيءَ سان ٻڌائي سگهي ها.

هن ڪتبي جي تائيد روايتن مان پڻ ملي ٿي. چون ٿا تہ روهڙيءَ جي انهيءَ حصي ۾، جنهن کي هاڻي باجي محلو ڪري سڏيو وڃي ٿو- باجي نالي هڪ ريدار جهوپڙي ناهي اچي ويٺو هو. هڪ رات جو ڪيس ويجهڙائيءَ ۾ روشني ڏسڻ ۾ آئي. هن سمجهيو تہ اها باهہ ڪنهن مسافر ٻاري آهي، ان ڪري هن پنهنجي زال کي تانڊي آڻڻ لاءِ اوڏانهن موڪليو. پر جيئن ئي اها مائي روشنائيءَ جي ويجهو ويئي تہ اها روشنائي غائب ٿي ويئي. زال اچي مڙس کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي، پر مڙس اعتبار ئي ڪونہ ڪيو ۽ پاڻ انهي روشني کي ڏسڻ ويو. نيٺ جڏهن ڪيس اها پڪ ٿي تہ اهو قدرتي مشاهدو آهي، تڏهن انهيءَ کان متاثر ٿي هو اتي اوتارو ناهي پاڻ فقير بنجي ويٺو. ٿوري وقت کان پوءِ درياءَ پنهنجو وهڪرو ڦيرايو ۽ الور جي ديوارن کي چڏي، اچي باجي جي تڪيي جي چوڌاري وهڻ لڳو، جنهن کي هاڻي "خواجہ خضر" جو ٻيٽ ڪري سڏيو وڃي ٿو.

چچنامي ۾ وري ٻي آڪاڻي آهي، جنهن ۾ روايت آهي تہ الور جي راجا کي، اتي رهندڙ هڪ سوداگر جي سهڻيءَ ڌيءُ کي هٿ ڪرڻ جي خواهش ٿي. ڏکايل پيءُ راجا جي

مرضيءَ جي مخالفت نہ ڪري سگهيو ۽ ڪانئس اٿن ڏينهن جي مهلت گهريائين. اهي اٿ ڏينهن روزي ۽ نماز ۾ گذاري ڪرامت سبب پنهنجي ڏيءَ ۽ملڪيت ساڻ اچي خضر جي پيٽ ۾ پهتو ۽ درياءُ بہ الور جي شهر جي پرسان وهڻ ڇڏي ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح اهو شهر پنهنجن حاڪمن جي ظلم سبب اُجڙ ٿي ويو.

سچ چا بہ هجي پر اها حقيقت آهي تہ انهن ڪتبن بابت اسان جي اعتقاد کي پڪي ڪرڻ ۾ ڏندڪٿائن جو وڏو هٿ آهي. سکر ۽ روهڙيءَ جا قبا گهڻو ڪري اڪبر جي دؤر جا آهن، پر انهن ۾ ڪي اهڙا بہ آهن، جن جي قدامت مٿين ڪتبي ۾ ڏنل تاريخ ۾ وڃيو پهچي. بکر جي پيٽ جي سامهون ستين جو پيٽ آهي، جنهن کي ستن ستين جو پيٽ بہ ڪري ڪوٺيو آهي. (خبر نہ آهي تہ اهي ستيون آيون ڪٿان؟) هيٺيون ڪتبو ان پيٽ تان مليو:-

”سيدالدين، جو هڪ وڏ- گهراڻي ۾ ڄاڻو هو ۽ ڏاهپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، انهيءَ جو روح جڏهن هن متيءَ جي گهر مان نڪري ويو، تڏهن هُن جنت کي وڃي پنهنجو گهر بنايو.

”مون جڏهن سندس وفات جي تاريخ دريافت ڪئي
تڏهن دل جواب ڏنو تہ اهو منهنجي دل جو مالڪ
مير وڃي جنت پهڙو ٿيو.“

مٿين اکرن مان جيڪا تاريخ ملي ٿي، اها ۳۸۴ھ آهي، جا هڪ تمام قديم تاريخ آهي. مون انهيءَ تي وري وري سوچيو ۽ پاڻيم تہ ڪو جهونو سنڌي منهنجي غلطيءَ کان متاثر ٿي ضرور مون کي ٽوڪيندو، پر ڏٺم تہ ڳالهہ مڙئي هڪ آهي. منهنجي منشيءَ، جيو مسلمان آهي ۽ پڻ منهنجي ٽڪل هندو خزانچيءَ، جو ذري جو حساب بہ هوشياريءَ سان ڪندو آهي، بنهي انهيءَ جي صحيح هجڻ جي تصديق ڪئي، انهيءَ ڪري اسين انومان ڪيي سگهون ٿا تہ اهو ضرور سچ هوندو. هونئن

ٻہ اهو قبو پراڻو پيو لڳي. اهوئي سبب آهي جو اسان انهيءَ تاريخ ۾ اعتبار ٿا ڪريون. اهو پيٽ جي اپرندي ڪنڊ تي ٺهيل آهي ۽ تمام خستہ حالت ۾ آهي. خواجہ خضر جي مسجد جي ڪتبي ۾ ڏيکاريل سن مان ظاهر آهي تہ سنڌو درياءَ پنهنجو وهڪرو الور کان روهڙيءَ ڏانهن ٣٤١هہ ڌاري ڦيرايو هوندو. درياءَ جي وهڪري بدلائڻ سبب الور جي ماڻهن روهڙيءَ ڏانهن لڏڻ شروع ڪري ڏنو ۽ انهيءَ لڏ پلاڻ ۾ سيدن جو خاندان ٻہ هو. اهوئي سبب آهي جو انهن مان هڪڙي سيد جي قبي تي جيڪا تاريخ ڏنل آهي، اها خواجہ خضر جي مسجد ۾ ڏنل تاريخ کان پنجاهہ سال پوءِ جي آهي. سکر يا روهڙيءَ کي اٺ صديون پراڻي سمجهڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ڏسجي پيو تہ ڪئين صديون اڳ هي شهر اوچ ۽ شاهوڪاريءَ تي رسيل هئا. انهيءَ ڳالهہ جي تصديق انهن ايڪ قيمتي عمارتن مان ٿئي ٿي، جي اڪبر جي دؤر ۾ ۽ ان کان اڳ ٺاهيون ويئون هيون ۽ پڻ سيدن جي انهن ديرن مان پتو پوي ٿو، جن تمام ڏورانهن ملڪن مان هجرت ڪري هتي بود و باش اختيار ڪئي هئي. اڪبر سن ١٥٧٢ع ۾ سنڌ فتح ڪئي هئي ۽ جيتوڻيڪ سندس ٺهرايل عمارتن کي ٽي سؤ سال گذري چڪا آهن، پر ان هوندي ٻہ اهي درياءَ جي ٻنهي ڪپن تي ٽڪريءَ مٿان اهڙو تہ ڏيکاءُ ٿيون ڏين، جو ڇڻ تہ ويجهڙائيءَ جون ٺهيل آهن. روهڙيءَ جي جامع مسجد تي ڏنل ڪتبو، مثال طور، هيٺ ڏجي ٿو:

"وقت جو خسرو، دين پناهہ، اڪبر، جيڪو تاج ٿو پائي ۽ ملڪن کي زير ٿو ڪري؛ اهو شاهہ جنهن جون فوجون ايتريون آهن، جيترا آسمان ۾ تارا ۽ جنهن جو تخت آسمان وانگر بلند آهي؛ اهو قانون جو رکوالو ۽ وقت جو اڳواڻ آهي، جنهن جا نوڪر (شان ۽ دبدبي ۾) قيصر ۽ شهنشاهن جي برابر آهن.

”اي شاهہ، تنهنجو ادني ۾ ادني نوڪر، جو جمشيد جهڙو تخت ڏئي ۽ امير آهي.

”اهو دل جي سوجهري وارو ۽ سمنڊ جيان سخي، آزاد خياليءَ جو ٿنيو ۽ نفع بخش هستي فتح خان آهي، جنهن جي رت ڳاڙيندڙ ترار خدائي ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ بي انصافيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي، ۽ انهيءَ اميد ۾ هيءَ مسجد ٺهرائي، تہ خدا ڪيس جنت ۾ چڱي جاءِ ڏيندو. ”اهي ڪعبي (جي مسجد) وانگر دل جو ڏيڍ ۽ عدن جي باغ جيان دل کي فرحت ڏيندڙ آهي. خدا ڪري تہ هيءَ وقت جي اثر کان محفوظ رهي، سدائين قائم ۽ دائم رهي. مون پنهنجي دل کان اهڙي لفظ جو سوال ڪيو جو سندس تاريخ سان ٺهڪي ٿهڪي اچي تہ يڪدم هي جملو تري آيو:

”خان هيءَ مسجد ٺهرائي ۽ دنيا مان موڪلائي ويو.“

ٻيو مثال وري هڪ ننڍي گنبذ واريءَ عمارت مان ملي ٿو، جا هاڻي سکر ۾ اسان جي ايجنسيءَ جو هڪ حصو آهي. اها بہ اڪبري دؤر جي آهي، پر ڏيکاءُ اهڙو اٿس جڻڪ هاڻي ٺهي آهي. انهيءَ تي هي ڪتبو لکيل آهي:

”شاهہ وڏي جي خلافت جي دؤر ۾، دين کي روشن ڪندڙ، عزت ماب بادشاهن جي بادشاهہ محمد اڪبرشاهہ، جو ڪافرن جو ڪُهندڙ آهي. شل خدا سندس حڪومت قائم رکي.

”هيءَ عمارت امير مير معصوم ولد سيد صفا بکريءَ چڱن ڪمن لاءِ ٺهرائي تہ جيئن مسلمانن کي فائدو پهچي. جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو انهيءَ تي قبو اڏائيندو تہ پوءِ خدا، رسول، ملائڪن ۽ مومنن جي لعنت مٿس رهندي ـ فقط ١٠٠٨ هجري.“

انهيءَ عمارت جي آمهون سامهون وري هڪ ٻي عمارت آهي، جنهن تي هيٺين مصرع لکيل آهي:

”اها سهڻي جاءِ، جا فردوس جي باغ جهڙي آهي، جنهن جي مهاڙي بهشت جي هيڪاريل خوشبوءِ سان ڀرپور آهي. سياڳي جاءِ، ڀل تہ مسافر توکي سلام ڪرڻ وقت تنهنجي تاريخ کان واقف ٿين. اي دل جا عدن ـ ١٠٠٦ هجري.“

انهن عمارتن جي ڀيٽ ۾ جيڪي قبا ٺڪريءَ تي ايڇنسيءَ جي مٿان پيا ڏسجن، سي پائنجي ٿو تہ تمام گهڻا قديم آهن. انهن کنڊرن ۾ ڪنهن بہ هندو مندر جا نشان ڏسڻ ۾ نہ آيا. اتي تہ ٺهيو پر الور ۾، جتي ڪنهن وقت هندو گهراڻي جو راج هو، اتي پڻ هندو عمارت سازيءَ جو ڪوبہ نمونو نٿي ڏٺو. اتي ڪي گول برج آهن، جي تمام قديم ڏسڻ ۾ ٿي آيا. انهن تي نقش ۽ چتساليءَ جو عملو ڪم ٿيل آهي، پر ان هوندي بہ اهي مسلمانن جا قبا پيا ڏسجن، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ انهن ۾ تربتون آهن ۽ ٻيو تہ انهن جو اندريون حصو ڪعبي ڏانهن مڙيل آهي. جتي چون ٿا تہ راجا جو ڪوٽ ۽ محلات هئا، اتي هاڻي سج ۽ مٽيءَ جا ڍير آهن جن جي صحيح سڃاڻپ نٿي ڪري سگهجي. ميمر رستم خان، خيرپور جي واليءَ هڪ هنڌ کوٽائي ڪرائي هئي. اتي اڃا بہ ڀت جو ڪجهہ حصو ڪليل آهي. اها ڀت گهڻي ويڪري آهي. منهنجو خيال آهي تہ اُها ويهہ فوٽ موڪري آهي. ويچاري ميمر کي پنهنجي محنت جو ڪو بہ اجورو نہ ملڻو ۽ پڻ ڪن وهمن سبب ڪيس کوٽائي بند ڪرائڻي پئي. الور روهڙيءَ کان پنجن ميلن جي پنڌ تي آهي. اوڏانهن وڃڻ جو رستو هڪ پُل مٿان وڃي ٿو، جنهن کي اروڙ واري پنڌ ڪونين ٿا. ڪي ان کي تمام پراڻو سمجهن ٿا، پر مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اها ٻہ صديون پراڻي آهي

۽ منهنجي به راءِ اها آهي ته اها پنڌ يا پل انهيءَ عرصي کان وڌيڪ پراڻي ٿي نٿي سگهي. ظاهر آهي ته اها پل درياءَ جي سڄي وهڪري تي نه ناهي ويئي آهي، پر هڪ شاخ تي ناهي ويئي آهي، جا درياءَ جي الور چڏڻ کان پوءِ درياءَ جي پراڻي پڌي ۾ الور جي لڳ وهندڙ هجي. سڀ کان وچ واري ڪمان جي اوچائي فقط چوڏهن فوٽ آهي ۽ سڄي پل جي ڊيگهه چئه سؤ فوٽن کان مٿي نه ٿيندي. منهنجي خيال موجب ته اها پل ميو معصوم يا وقت جي ٻئي ڪنهن نيڪ امير جي ٺهرايل ٿي ڏسجي. پل آڪرڻ کان پوءِ اوهان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ پهچندا، جنهن ۾ سٺ ماڻهو رهن ٿا. انهن مان به حصا مسلمانن ۽ ٽيون حصو هندو آهن. جيئن ته امير ڪائنس ڪابه ڊل وصول ڪونه ڪن، ان ڪري هي پنهنجي پيدائش گنج شڪر شاهه جي پوئلڳن يا مريدن کي وڪڻندا آهن. هن ڳوٺ کان وٺي ويرانيءَ تائين ڪنبرن جي قطار آهي، جا اڌيءَ جي اتر-اوپر طرف گهٽي تائين پکڙيل آهي. انهن ڪنبرن ۾ ڪوبه ڪتبو وغيره نه ملبو آهي ۽ نه وري منجهن ڪا ٻي اهڙي عمدي شيءِ آهي. اُتي جي نظاريدار ڪنبرن مان عالمگير جي مسجد ۽ ٻن سيدن شڪرگنج شاهه ۽ خليفي قطب‌الدين شاهه جا قبا آهن. شڪرگنج شاهه جو قبو هڪ مشهور زيارت آهي، جتي مهيني ۾ به دفعا ويجهڙائيءَ جا ماڻهو زيارت ڪرڻ ويندا آهن. انهيءَ تي ڪابه وڏي عمارت وغيره نه آهي، پر اها هڪ سادي ۽ سفيد تربت آهي، جنهن جي ڪناري تي زنگي گل جهڙا گل پوٽا آڪريل آهن. مون اتي ڪجهه شيون ٽنگيل ڏٺيون، جن ۾ شراب جي بوتل جا پوچ به هئا، جي عقيدتمندن اڇاڻائيءَ ۾ ٽنگيا ٿا ڏسجن، چاڪاڻ ته جڏهن مون کين پڇايو ته اهي اصل ۾ شراب جي شيشن جا آهن، تڏهن اهي مجاور کي بُرا لڳا. هن اهي يڪدم ٻاهر اڇلايا ۽ مون کي پڇايائين ته اهو سندس زال جو ڏوهه آهي جنهن اهي اُتي ٽنگيا هئا. الور ۾ مون

کي ٻن پٿرن کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين هٿ آيو. اهي درياهه جي پراڻي پڌي ۾ پيل هئا ۽ انهن تي لکيل هو ته اهي ميرِ معصوم درياءَ جي وهڪري جي نشان قائم ڪرڻ لاءِ اتي لڳايا آهن. هي نيڪ سيد ڪيترن ئي عمارتن جو معمار آهي، جي روهڙيءَ جي پير ۾ آهن. سندس تربت سکر چانوڻيءَ ۾ آهي، جنهن جي پير ۾ هڪ نوي فوٽ ڊگهو منارو آهي جو هن پاڻ ٺهرايو هو ۽ جنهن تان ڪيترن ميان ۾ سجو ملڪ ڏسجي. سندس ٻوين مان جيڪو پاڻ کي سندس وارث ٻيو سڏائي، تنهن ساڳئي قبرستان ۾ پنهنجي لاءِ مرڻ کان اڳ، هڪ قبر ٺهرائي ڇڏي آهي.

روهڙيءَ ۾ دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته اتي پيغمبر اسلام جو وار مبارڪ آهي جو جواهرن سان سجايل سونيءَ نڙي ۾ آهي. مجاور مون کي انهيءَ بابت هيٺيون بيان ڪري ٻڌايو:

”۹۵۲ هجريءَ ۾ وار مبارڪ جو مجاور، مخدوم ميان عبدالباقي صديقي، استنبول (قسطنطنيه) مان سکر پهتو، ۽ انهن سڀاڳن نشانن (يادگارن) بابت اهڙيون ته ثابتيون پيش ڪيائين جو بزرگ ۽ پلارا ماڻهو مٿس اعتبار ڪري تبرڪات جي زيارت ڪرڻ لڳا. انهن ۾ شاهه حيدر حقاني ۽ مخدوم عبدالمالڪ جا نالا قابل ذڪر آهن. ڪانئس پوءِ حاجي محمد عبدالستار صديقي مجاور ٿيو ۽ اهو عهدو هُن اسي سال ماڻيو. هن کان پوءِ شاهه حافظ محمد اسحاق مجاور ٿيو ۽ پوءِ حاجي محمد جا به پٽ حافظ محمد رضا ۽ حافظ محمد مراد. هاڻي اهو عهدو حافظ محمد اسحاق جي پيڙهيءَ ۾ هلندو اچي.“

سکر ۾ آءٌ ٽڪيوئي ٿورا ڏينهن هوس، ان هوندي به مون اتي جي رهندڙ ڦورو قبيلن کي پرکڻ شروع ڪيو. منهنجي اتي پهچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ رحمان بڙديءَ نالي هڪ مشهور ڦورو پنجاهه رپيا مهيني تي اچي اسان وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو. هو قد جو ڊگهو ۽ گنبير مڙس هو، پر هٿس هڪ ٻانهن،

چاڪاڻ تہ ڪيس سيڪٽ ڊيڊ لاءِ سنڌي حڪومت سندس ٻي ٻانهن وڌائي ڇڏي هئي. پر رحمان تي انهيءَ سزا جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو، پاڻ پنهنجي ڏنڌي ۾ وڌيڪ چاهہ ورتائين. جيئن ئي سندس ٻانهن چڱي ٻاري ٿي، تيئن وڃي پنهنجي ڪميٽ گهوڙي تي چڙهيو ۽ سندس سڀ ڪان ٻهريون ڪارنامو هو اسان جي منشيءَ تي حملو ڪرڻ، جنهن ۾ هن غريب کي وڏي ڪيرائي ڇڏيائين. سندس خيال هو تہ منشي مري ويو آهي ۽ هئو بہ ائين. پنج خطرناڪ زخم رسايا هئائينس، جنهن مان ڪو مشڪل بچي ها! پر اسان جو منشي بہ تہ واڻيو هو، ان ڪري ڏڪ جهلي ويو. انهيءَ ۽ ٻين اهڙن ظلمن جي ڪري رحمان ايڏو تہ بدنام ٿيو، جو ڪيس پڪڙڻ لاءِ مٿس انعام رکيو ويو. ڪجهہ وقت اڳ بڙدي قبيلي جو رئيس شير محمد خان سلام ڪرڻ خاطر اسان جي هڪ سياسي آفيسر وٽ لنگهي آيو. گالهين ڪندي رحمان جو ذڪر هليو، جنهن تي آفيسر دلي خواهش ڏيکاري تہ انهيءَ بدمعاش کي جهليو وڃي. رئيس جي همراهن مان هڪ سٽي پوشاڪ واري پروچ - جنهن انهيءَ بحث ۾ چڱو حصو ورتو هو، جي اها راءِ هئي تہ رحمان جهلجي. پر وري ڪنڌ ڏوڻي گنهيڙ ٿي چيائين تہ ”افسوس، اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، چاڪاڻ تہ رحمان اهڙو تہ حرامزادو آهي جو ڪيس جهلي نٿو سگهجي.“ اهڙيءَ طرح سوچ ويچار ڪان پوءِ، اها ميٽنگ برخواست ٿي ۽ اسان کي ٽيسين خبر ڪانہ پيئي، جيسين رحمان اچي اسان وٽ نوڪر بنو. تڏهن اسان سڃاتو تہ رحمان اهو ساڳيو پروچ هو، جنهن خود پنهنجيءَ گرفتاريءَ لاءِ اشتياق پئي ڏيکاريو. لارڊ برابيهہ وانگر رحمان جو ڪنڌ ڏوڻڻ بہ اهڙو هو، جو انهيءَ حرڪت سندس پروچ ساٿين کي پوءِ ضرور ڪلايو هوندو، پر پروچ ٻين ماڻهن وانگر جانور ڪونہ آهن. آهي اخلاقي طور گنهيڙ ۽ سخت آهن ۽ ڪٿي بہ ڪا خوشي يا عجب جي گالهہ ڏسندا

تہ جيڪو ڪين احساس ٿيندو، انهيءَ جو اظهار فقط ٻن لفظن "واه واه" کان وڌيڪ نہ ڪندا. عجيب ڳالهين پڌڻ جو ڪين ڏاڍو شوق هوندو آهي، پوءِ اهي پل ڪيترين ٻہ ڪوڙين هجن، پر جيڪڏهن پڌائبو اٿن تہ اهي ڪنهن جن يا درويش جون پڌايل آهن، تہ پوءِ شڪ ڪونہ ڪن. هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ مون کي قسمت جي باري ۾ — جنهن جي ڪيس پنهنجي سر جاڻ هئي، هڪ آڪاڻي هن ريت پڌائي:

"پيارو خان نالي هڪ ننڍيءَ عمر جو جمالي پروچ هو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ تلوار هلائڻ ۾ ورلي ڪو سندس مقابلو ڪري سگهندو. انهيءَ پهلوان جو ڪنهن سبب ڪري مڪران وڃڻ ٿيو. سندس مرشد ڪيس اوڏانهن وڃڻ کان روڪيو هو ۽ چيائينس تہ جي ويندين تہ وري نہ موٽندين. پيارو انهيءَ نصيحت تي ڪليو، پر ايترو وعدو ڪيائين تہ هروڀرو پاڻ کي مصيبت ۾ ڪونہ وجهندو. وطن واپس موٽڻ مهل هو جيئن ڪجهين جي وٽن جي هڪ جهڳٽي مان لنگهي رهيو هو تہ ٽن هُن کي ڪنهن ماڻهوءَ جي رڙين جو آواز پڌڻ ۾ آيو. مٿي جو ڪٽي ڏسي تہ هڪ ماڻهو رس ڪاڻ لاءِ ڪجيءَ جي وڻ جي چوٽ تي چڙهي ويو آهي. پر هڪ نانگ بہ وڃي ڪيس ويجهو پهتو آهي ۽ ذري گهٽ ان کي ڏنگڻ تي آهي. پياري پنهنجي بندوق ڪڍي آڻي ڪئي، پر مصيبت ۾ قاتل ماڻهوءَ جي بدن جو ڪجهہ حصو نانگ جي بلڪل آمهون سامهون هو، ان ڪري گمان هو تہ ماڻهوءَ کي ڏڪ لڳي. اهو ماڻهو جو پاڻ بچائڻ لاءِ وڻ جي ڏار کي چهٽيو پيو هو، تنهن وٽي دانهون ڪيون، جنهن تي پياري چشت رکي اهڙي تہ پوري نشاني تي ڏڪ هنيو، جو گولي وڃي نانگ جي منڍيءَ کي لڳي ۽ اهو بروقت مري ويو. وڻ تي چڙهيل ماڻهو تڪڙو تڪڙو هيٺ لٿو تہ جيئن هن چڱي مڙس جو ٿورو مڃي، پر سندس حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن هُن پياري کي آڻي مئل

ڏنو! بندوق جي گولي لڳڻ سبب نانگ جي ڇاڙيءَ جو ڪجهه حصو، جنهن ۾ زهريلو ڏند هو، منڊيءَ مان جدا ٿيڻ کان پوءِ اچي پياري جي مُنهن تي ڪري ۽ زخم ڪري وڌائين. انهيءَ ۾ اهڙو ته موتمار زهر هو، جو جيستائين اهو مڪراني وڻ تان لهي ئي لهي، تنهن کان اڳ قسمت جو ماريل (پيارو) وفات ڪري ويو.

مون پنهنجي منشيءَ کي چيو ته اها ته ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي! تنهن تي هُن وراڻيو ته صاحب، سندس قسمت ايتري هئي، وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي! پروچن کي عجيب ڳالهين پڌڻ لاءِ ڏاڍو چاهه ٿو ڏسجي ۽ انهيءَ ۾ هو اسان ڇسن فرنگين جي ابتڙ- جي هر ڪنهن ڳالهه تي ويهي ضد ڪندا آهيون- تاريخ، وقت يا عدد جو ڪوبه خيال ڪونه ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ هي مثال ڪافي آهي. اسان جي ايجنسي ناهڻ ۾ ڪي مزور سرون ڪٽي رهيا هئا، انهن ۾ هڪڙو پوڙهو رند قبيلي جو پروچ به هو. انهيءَ پروچ کي اسان جي هڪ سياسي آفيسر روڪي، افغانستان مٿان اسان جي حملي بابت رايو پڇيو. پوڙهي کنڊ لوڏي چيو ته منهنجي خيال ۾ اوهان جي فوج ڪڏهن به ڪانه موتندي. هن کان اڳ ست لک ماڻهو هندستان مان ڪابل ويا هئا، پر رڳا هڏا چڏي آيا ۽ اوهان جو به ساڳيو حشر ٿيندو. اسان جي آفيسر جڏهن ڪانئس پيو سوال ڪيو ته پلا اسان ڪيترا ماڻهو موڪليا آهن؟ تڏهن جواب ڏنائين ته ٿي لک. اهو آهي حساب ڪتاب ۾ پروچن جي ڄاڻ جو هڪ مثال. پئي موقعي تي مون هڪ بيرگ نالي بگٽي رئيس (ابوبڪر) کان سندس عمر بابت پڇيو ته هُن بيڌڙڪ چئي ڏنو ۱۲۰ سال. ڪيس ڏسڻ سان معلوم پئي ٿيو ته سندس عمر وڌ ۾ وڌ ۷۰ سال هوندي، ڇاڪاڻ ته اڃا سندس وار پورا ۽ اک ڪڪڙي هئي. پروچن کي انهن آفيسرن لاءِ ڏاڍي حب هوندي آهي جي منجهن ٿوري به دلچسپي ڏيکاريندا آهن. ڪم

ختم ٿيڻ کان پوءِ به ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماڻ ڪيو اسان جي ڪئمپ جي ڪارروائي پيا ڏسندا آهن. جيڪي به اسان وٽ وهيو ۽ واپريو، سو ڪين سڀ نئون پئي لڳو ۽ ٻڻ جدا جدا قبيلن ۽ ذاتين جي ڪئمپ ۾ هجڻ به ڪين وندرايو پئي. انهيءَ نسبت هڪ پروچ پنهنجي ماڻهن کي هيئن ٻڌايو ته "فرنگين جي فوج ۾ ڪيترن ئي قسمن جا شيطان آهن. انهن مان هڪڙا ڪارا بت پرست آهن، ٻيا رنگ جا اڇا آهن، پر وڻن ڪو مذهب ڪونهي ۽ ٿيان وري چڱا مسلمان آهن جي اسان وانگر نماز پڙهن." انهيءَ مان سندس مراد هيءَ هئي ته پهريان هندو، ٻيان يوروپي ۽ ٿيان مسلمان هئا. پروچن بابت اسان کي روزانه خبرون ملنديون هيون ته اهي ماڻهن تي اوچتو حملا ڪري نه فقط ڦريندا آهن پر قتل به ڪريو ڇڏين، انهيءَ ڪري اسان کي سندن لاءِ ڪو چڱو خيال ڪو نه هو. پر رحمان کان سواءِ اسان کي سکر ۾ جيڪي ٻيا پروچ نظر آيا، تن سندن نسل بابت مڙيئي اسان تي چڱو اثر ڇڏيو. سکر جي پر وارا قبيلا پنهنجو پروچڪو ڪردار وڃائي چڪا هئا، جهڙوڪ ڪوسا، جنهن جي لفظي معني ئي آهي ڏاڙيل (١) اهي اڃا به پنهنجو خوفناڪ ڏيل ڪنيو پيا هلن ۽ ترار جي استعمال ڪرڻ کي به ڪونه وساريو اٿن پر هاڻي منجهن ناپر اچي ويئي آهي. جيڪڏهن وڙهن به ڪٽي تڏهن به پنهنجي آڻن يا ڳوٺن جي حفاظت لاءِ وڙهن، نه ته اصل ڪونه وڙهن. قادر بخش نالي سندن رئيس هڪ سهڻو جوان آهي جنهن جو آواز هلڪو ۽ عادتون وٽندڙ آهن. منجهانئس جنگ ڪرڻ جي صلاحيت نڪري چڪي هئي، ان ڪري پنهنجي خوشيءَ سان اسان سان عهدنامو

---

(١) ڪوسه: حقيقت ۾ ڪازخ آهن ۽ توراني نسل جا آهن ڪين بلوچستان ۾ اڄ تائين ڪوسغ سڏيو وڃي ٿو جو ڪازخ يا ڪوزخ جو بگڙيل نمونو آهي. مصنف شايد ڪازڪ کي قزاق سان تشبيه ڏني آهي جنهن جو مطلب آهي چور يا ڏاڙيل. ــ مترجم

ڪيائين، جنهن موجب هُن پنهنجي راڄ مان اسان کي گهوڙيسوارن جو جتو ڏيڻ قبول ڪيو، جنهن کي اسان سکر ۽ شڪارپور جي وچ ۾ ٽپال ورهائڻ ۾ لڳايو ۽ پڻ ڪانئن انهيءَ ضلعي ۾ سوار - پوليس جو ڪم به ورتو. اهي ماڻهو اسان کي بيحد ڪمائتا ثابت ٿيا، ۽ سچ ته اهو آهي، ته جيڪي ڪين ملي ٿو، انهيءَ ڪان وڌيڪ لهڻ. ڪين ڏسي ٻين ڏيهي ماڻهن ۾ به ناپر اچي ويئي آهي ۽ اهي به چڱيءَ چال جي ضمانت تي نوڪري ڪرڻ ۽ چڱي پگهار لاءِ اسان ڏانهن پيا واجهائين. اهڙيءَ طرح، ۽ ساڳين سببن ڪري، اسان پوليس جي هڪ جماعت ناهي ورتي، جا نه فقط رستن تي عام ماڻهن جي اچ وچ جي حفاظت ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪارائتي ثابت ٿي، پر ان جي ڪري انهي ايراضيءَ ۾ پراڻي دؤر ۾ جيڪي خون خرابا ٿيندا هئا، انهن جي بند ٿي وڃڻ جي به اميد ٿي ۽ اهڙيءَ ريت سڄي علائقي تي صلح ۽ سانت جي برڪت نازل ٿي. اهي اميدون ڪيئن اجڙ ٿيون، انهيءَ لاءِ ايندڙ باب ۾ ڪافي ذخيرو موجود آهي.

باب ٽيون

سنڌ ۽ افغانستان جي قبضي ڪرڻ تي تبصرو

فارسيءَ ۾ چوٽي آهي ته "جيڪڏهن هرڻ جي شڪار تي وڃو ته شينهن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃو." اسان جا دوست جيڪي افغانستان فتح ڪرڻ ويا هئا، تن پائنجي ٿو ته بدقسمتيءَ سبب اهو پهاڪو ابتو پڙهيو هو، يعني اهي ويا ته هئا شينهن جي شڪار تي پر تياري ڪئي هئائون هرڻ جي شڪار جي. ٿوري ۾ ائين چئجي ته جيڪي ڪجهه اسان جي فوجن تي ٿي گذريو، تنهن اسان جي دشمنن ۾ حقارت پيدا ڪري ڇڏي. اهو آهي افغانستان جي جنگ ۾ اسان جي تباهيءَ جو پهريون سبب. ٻيو سبب وري هيءُ ته اسان جي لشڪر کي سٺو مهندار ڪو نه مليو، جنهن ۾ لياقت، مستقل مزاجي ۽ فيصلي جو مادو هجي. جيڪڏهن سر هينري پاٽنجر يا سر چارلس نيپئر اسان جو ڪابل ۾ ايلچي هجي ها ته پوءِ اسان کي هي ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها. اسان جي تباهيءَ ۽ بيعزتيءَ جو ٽيون ڪارڻ اهو هو جيڪو مون هينئر بيان ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان جي فوج جي واڳ سنڀالينڊز کو وڏو جنرل هجي ها ته پوءِ هو پاڻ کي شاهه شجاع الملڪ (١) وانگر ڪميٽو ثابت نه ڪري ها ۽ برطانيا جي لشڪر کي اهڙي ماڻهوءَ جي جنيسري(٢) فوج جو حصو نه بڻائي ها، جو حقيقت ۾ اسان

---

(١) شاهه شجاع : افغانستان جي بادشاهه ڏانهن اشارو آهي.

(٢) جنيسري: اها فوج هئي جا عثماني ترڪن، ڪرستانن جي ننڍڙن ٻارن کي پرتي ڪرڻ سان ٺاهي هئي. انهيءَ ۾ اٽڪل ٥٥ هزار چوڪرا هرسال پرتي ڪيا ويندا هئا ۽ انهن کي سکيا ڏيئي سپاهي بنايو ويندو هو.

جي تباهيءَ لاءِ سازشون ڪري رهيو هو. ساڳيءَ ريت هو اسان جي سپاهين کي اهڙي هنڌ نہ وڃي ڇڏي ها جتي هو نہ تہ پاڻ کي دشمن جي حملي کان بچائي سگهيا ۽ نہ وري ڪو واپس ئي موڙي ٿي سگهيا. هاڻي اچو تہ انهن ٽنهي سببن کي توريون ۽ تڪيون ۽ ڏسون تہ اهي ئي سبب هئا يا ڪي ٻيا، ۽ اهي سبب انهيءَ نتيجي لاءِ ڪافي هئا، جنهن نہ فقط اسان جي فوجن تي تباهي آندي پر ان سان گڏ اسان جي نالي کي، جو ان وقت تائين بيداغ هو، ٻوڙي ڇڏيو. ڪوبہ ماڻهو اهو نٿو چئي سگهي تہ اسان واري فوج، جنهن فروري ١٨٣٩ع ۾ سنڌوءَ کي آڪري پار ڪيو هو، سا تعداد، انتظام يا هٿيارن جي خيال کان اڻپوري هئي. انهيءَ فوج ۾ شاهہ شجاع جي سڄي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جي صلاحيت موجود هئي، پر ڏک جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهيءَ جو سنڌو درياءَ کان وٺي بالاحصار تائين ڪنهن بہ طاقتور فوج سان مقابلو ڪو نہ ٿيو. رستي ۾ انهن جو فقط بولان ۽ ڪوجڪ جي ڏاڙيلن سان ٽڪر ٿيو ۽ غزنيءَ جي قلعي هيٺان جن سان جنگ ٿي اهي بہ هڪ بي ترتيب مڙ کان وڌيڪ نہ هئا. انگريزن جي نالي جو ڏهڪاءُ خراسان بلڪ سڄي ملڪ تائين پکڙجي ويو هو. دوست محمد ۽ محراب خان جو لشڪر بہ هيسجي ويو، ۽ پروچن جون تڪيون تراريون بہ ميائڻ کان ٻاهر نہ نڪتيون ـ فقط انهيءَ وقت جلوو ٿي ڏيکاريئون، جڏهن ڪو اڪيلو يا بي هٿيار پٽڪندڙ ماڻهو ٿي ملين. اهڙين حالتن ۾ قدير چوٽي سڄي آهي تہ جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو دل ٻڌي بيهي تہ ڪيترن کي ئي ٻوڙائي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت ڏهن دليرن کي ڏسڻ سان هزار دشمن ڀڄيو وڃن. هڪ انگريز نوجوان، جنهن کي اسان جي ڪن خونريز جنگين ڏسڻ جو آزمودو هو، تنهن دعويٰ سان چيوتہ ”مون کي هڪ نائڪ ۽ ٽي سپاهي ڏيو، تہ سڄي بلوچستان ۾ ڪٿي بہ گهڙي ٿو پوان. حرام جو ڪو مقابلو ڪري!“ هڪ ٻئي

آفيسر، جو ان وقت پنهنجي هڪ هزار سپاهين کي شڪست ڏانهن گهلي رهيو هو، تنهن به اهائي پٽاڪ هنئي ته اهي ڪميٽا پروچ ٿا اسان جو مقابلو ڪري سگهن! اهڙن خيالن تي هلندي اهڙو ته بيوقوفيءَ اڻچاڻائيءَ ۽ بيپرواهيءَ جو رويو اختيار ڪيو، جنهن نيٺ اسان جي تباهي آڻي اسان جون اکيون کولي ڇڏيون. اعتبار ڪندؤ ته جتي قلعا هئا اتي اسان جي فوج ٿورو پري ميدان ۾ وڃي ٿي خيما کوڙيا، سو به اهڙيءَ طرح جو دشمن آسانيءَ سان مٿن حملو ڪري سگهي! نه فقط ايترو، پر دشمن جيڪڏهن ٿوريءَ همت کان ڪم وٺي ها ته ڪين سندن خزاني ۽ رسد کان به جدا ڪري سگهيو ٿي، چاڪاڻ ته اهي رپين جا ڍير ۽ چانديءَ جون سيرون گهڻو ڪري فقط ويهن سپاهين جي سنڀال ۾ ڏنيون ويندیون هيون. ازانسواءِ، انهن لنگهن (لڪن) تي، جيڪي خراسان جون ڪنجيون تصور ڪيون ويندیون هيون، ڪڏهن به حفاظتي دستو نه رکيو ويو ۽ سنڌو درياءَ کان قندار تائين جيڪي به چونڪيون هيون، انهن تي هڪڙو ڏيهي آفيسر ۽ ٽيهه سپاهي موزون پهريدار سمجهيا ٿي وياء. اهو ساڳيو حال هو قلات جو، جنهن جي فتح ۾ اسان چڱا ماڻهو وڃايا هئا، ان کي ائين ئي نڌ ڏکو ڇڏيو ويو. جيتوڻيڪ اسان جي ايجنٽ تي ڪي بدنامي ۽ جون تهمتون به مڙهيل آهن، ان هوندي به سندس ڪم اهڙا ته جڏا هئا، جي تازي فتح ڪيل بروهين کي قلات تي حملي ڪرڻ لاءِ آڪسائڻ لاءِ ڪافي هئا. دشمن جي گيدي هجڻ جو اسان تي اهڙو ته اثر ويهي ويو هو، جو هڪڙو جرنيل، جنهن کي سندس هوشياريءَ کان وڌيڪ سنيءَ بخت ياوريءَ ڪابل تائين ڪاميابيءَ سان پهچايو هو، سو جڏهن سنڌ واپس آيو، تڏهن سڀ کان پهريون قدم سندس اهو هو، جو هن انهيءَ فوج جي آفيسر لڏي ۾ اڏڪ ڪتر آڻي ڇڏي. سڄيءَ اتر سنڌ ۾، ڪو به انجنير نه ڇڏيو ويو هو، ۽ جنهن به خبيس بهاني تي موڪل

جي درخواست تي ڪئي، اها ڪيس بيڊڙڪ ملي ٿي ويئي. انهيءَ جوش ۽ همت جي سهاري، منهنجي بهادر دوست والپول ڪلرڪ چاليهن گهوڙيسوارن ۽ ڪن پيدل سپاهين جي مدد سان مري ٽڪرين* ۾ اُنن جي هڪ ڊگهيءَ قطار جي نگهباني ڪئي هئي. هي اهي اڙانگا هنڌ هئا، جتي پوءِ سڄيءَ ريجمينٽ کي گهٽيءَ ڪوشش ڪان پوءِ به اندر گهڙڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي. انهيءَ ساڳئي جذبي هيٺ اسان جو جرنيل ڇهن هزارن ماڻهن سان ڪاجڪ جي قلعي وٽ گهلاڙو ڪيو پيو هو، ۽ ڏيهي پيادل فوج مان سوين سپاهي جدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. انهيءَ وقت قلعي جي سنيال ميدانن جو هڪ بهادر قبيلو (ڪاجڪ) ڪري رهيو هو، جنهن ڪئين دفعا جبل جي مري پروچن سان ٽڪر ڪاڌو هو، ۽ عزت سان سوپارو ٿيو هو. اتي هڪ قديم چوٽي آهي ته "مري مي نامزد باڪوه و ڪاجڪ باميدان" مري پنهنجي جبلن تي فخر ٿو ڪري ته ڪاجڪ وري ميدانن تي. ساڳيءَ ريت، اسان اُرهه زورائي ڪري نه فقط اترين لڪن جي سنيالينڊڙن جا پئسا ڪائي وياسين، پر ان سان گڏ سياري جي موسم اچڻ سان اسان پنهنجي فوج جو ڳپل حصو ڪابل مان گهرائي ورتو ۽ باقي جيڪي اتي رهيا، انهن کي اهڙي هنڌ ڇڏيو ويو، جو ڪين سولائيءَ سان رسد ڪان الڳ ڪري ٿي سگهياسين. آخر ۾ اهو چوڻ به ضروري ٿيندو ته انهيءَ ساڳئي جوش ۽ جذبي جو نتيجو هو، جو اسان جي وڏندڙ فوجي چونڪين کي فقط زالن ۽ ٻارن سان پريو ويو هو. هڪ معتبر اختياريءَ واري، هڪ پوليٽيڪل آفيسر کي لکيو هو ته "باقي حياتيءَ جا ڏينهن آرام سان 'شال، جي

---

* مري ٽڪريون: اتر بلوچستان جي ڪچيءَ واري علائقي ۾ واقع آهن. انهن کي قديم وقت ڪان وٺي مري قبيلن جو گهر تصور ڪيو ويندو هو.

سرسبز ماڻرين ۾ گذاريو.» جيڪڏهن انهن لفظن کي واقعن سان پيٽيو وڃي ته پوءِ انهيءَ جو ساڳيو مفهوم نٿو بيهي ـ چاڪاڻ ته اسان جي ٻشال، واري درويش کي ڪاڪڙن جو هڪ جٿو اهڙو ته اچي پيتو هو جو انهيءَ کان پاڻ ڏاڍي مشڪلاتن سان بچايائين. ڪاڪڙن پنهنجي حملي جي هڪ ڪٽي جي ٻايدان سان شروعات ڪئي هئي ۽ اها انهيءَ خوشفهميءَ ۾ ته ڪاڪو ڊيمن يا ارنيس(١) ڪين فرنگين کان بدلي وٺڻ جو موقعو ڏيندو. ڪِل ته وري انهيءَ ڳالهه تي ٿي اچي جو اسان جي ٻشال، واري دوست لڪيل انجام ڪيو هو ته انهن ساڳين ڪاڪڙن سان، ڪاهان جي گهيري هيٺ آيل قلعي تي ڪاهي ويندو، پر هاڻي انهن ساڳين ماڻهن جا خنجر سندس ڪنڌ ڪپڻ پئيان آهن. ٿورو اڳ مون کي بالان ڏانهي ڪنهن به مددگار فوج يا جنگي سامان موڪلڻ کان منع ڪئي ويئي هئي، ان جي بدران هڪ برادِ وود پياني جي گهر ڪئي ويئي هئي؛ پر اسين پاڻيو ٿا ته اهو ساز هاڻي سپر کان نڪري چڪو هوندو ۽ آهو ڪنهن سرڪش ڪاڪڙ يا بوز پروچ جي گهرو سامان ۾ داخل ٿي ويو هوندو.

انهيءَ ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوندو ته اهڙو بيڪار سرشتو ڪڏهن به ڪنهن هوشيار ۽ برجستي اعليٰ آفيسر جي هوندي نه هلي ها. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سر وليم ميڪناگهٽن ۾ ڪابل جي انتظام جي هلائڻ جي چاڻ هوندي به ڪن خاصيتن جي ڪمي هئي. پر جيئن ته سندس اختياريءَ جو ڪابل ۽ ان جي ٻسگردائيءَ جي ٻاهران ڪوبه مظاهرو نه ٿيل هو، ان ڪري ڪيس نه ته اعليٰ اختياريءَ وارو تسليم ٿي ڪيو ويو ۽ نه وري ڪيس سنڌوءَ جو گورنر مڃيو ٿي ويو. ڪوئٽيا ۽ قندار جا پوليٽيڪل آفيسر نالي ماتر ته نهيو، پر درحقيقت ڪانئس خودمختار هئا ۽ اتر سنڌ جي ايجنٽ به سندس اختياري مڃڻ کان صاف نابري واري. ٻئي طرف وري جيڪي

---

(١) ڪاڪو ڊيمن يا ارنيس: يونانين ۾ بدروح لاءِ استعمال ڪيو ويندوهو.

فوجي عملدار هئا، اهي پاڻ وڏيڪ هوڏي ۽ نافرمان هئا. ملڪي يا ديواني اختياريءَ لاءِ ڪين ايڏو تہ چاهہ هو جو نہ فقط ڪنهن ڏنل صلاح ٽڏي ڇڏيندا هئا، پر پاڻ ان جي ابتڙ ڪم ڪندا هئا. انهيءَ خرابيءَ جو ٻيو نمبر سبب وري هي هو، جو هن مهم جو ڪو منهن مٿو ڪونہ هو. هرهڪ چونڊيءَ کي ٻنهنجو ٻنهنجو فوجي ۽ ديواني رئيس هو. سنڌو ايراضيءَ واري فوج (انگلنڊ جي) جبلي قبائلين جي ميڙ مثل هئي، جنهن جو هرهڪ اڳواڻ اصل مقصد جي ابتڙ پنهنجي پاڙيسريءَ سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. تنهن وقت جنرل نات قندار جي سدا-رڙل پوليٽيڪل ايجنٽ جي خلاف خط لکي لکي ڦاٽي پيو هو، اهڙيءَ طرح اتر سنڌ جا ريزيڊنٽ ۽ جنرل، پيئي پنهنجي اختلافن کي گولين جي رستي طي ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا هئا. چاڪاڻ تہ سندن خيال موجب ترت فيصلي جو اهو ئي واحد طريقو هو. ساڳئي وقت شيلٽن جي هٿ ۽ مغز جي خرابي ڪيس ڪابل جي ملڪي اختياريءَ سان بغاوت ڪرڻ تي آماده ڪرڻ واري هئي. اهڙيءَ حالت ۾ ان وقت ميائيءَ جي پوڙهي سورهيہ (١) جي جادوءَ جي ڏنڊي جي ضرورت هئي، جو انهن جهڳڙالو عناصرن کي زير ڪري (ڪين ڳنڊي) منجهن اتفاق پيدا ڪري سگهي ها. پر اهڙو ڪوبہ لائق ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو ۽ انهيءَ وڳوڙ ۾ زير ٿيل ماڻهو بہ ڪنڌ مٿي کڻڻ لڳا. مرين جي ترار اڳ ۾ ئي ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ فرنگي اهڙا ڪونہ آهن، جن کي شڪست نہ ڏئي سگهجي. انهن جو مثال وٺندي بروهين ۽ ڪاڪڙن بہ پوءِ بغاوت ڪئي ۽ اهو نمونو ڏورانهين ڏيهہ ڪابل تائين پڪڙجي ويو. وري اسان جي بيوقوف فوج جي اندي چريائپ تہ ڏسو، جو سندن خيال هو تہ ڪابل پنهنجي پڇن جي ٽمندڙ

(١) ميائي جي پوڙهي سورهيہ سان مصنف جي مراد شايد سر چارلس نيپئر ڏانهن اشارو آهي. — مترجم

رت کي ڏسندي به هڪ ڌاربي دشمن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائيندو. عجب جي ڳالهه آهي ته اهو خيال اسان جي سياستدانن جي دل ۾ ڪڏهن ڪو نه ويٺو ته شاهه جهڙو ماڻهو جيڪو هڪ پراڻو جابر، ظالم، مغرور ۽ وهمي آهي ۽ جنهن پاڻ کي هميشه "همايون ما" يعني "اسان جو برڪت پريو وجود" جي لقب سان مشهور ڪيو آهي؛ سو ڪيئن ٿو ڌارين جي هڪ غير جوابدار جٿي کي پنهنجي تخت جي ويجهو ڇڏي. برطانيا جي ڪئمپ سندس لاءِ دائمي داغ هو، ڇڪ سندس پاسي ۾ ڪنڊو ۽ پڻ سندس رعيت لاءِ به خواريءَ جو باعث هئي. هرهڪ بندوق جي ٽڪاءَ ۽ جهنڊن جي ڦڙڪڻ سان ڪيس اهو خيال ٿيندو هو ته اهي ڌاريائي آهن، جن ڪيس تخت تي ويهاريو آهي؛ جيستائين اهي اتي ڪئمپ وجهيو ويٺا هوندا تيسين ڪيس ڪنهن جي حياتيءَ يا موت تي ڪوبه اختيار نه رهندو ۽ ڪيس فقط اهوئي ڪرڻو پوندو، جيڪي هو چاهيندا. ڇا انهيءَ ۾ عجب نه آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کي به پاسي ۾ نٿو سهي سگهي، سو ڪيئن ٿو هڪ ڌاربي وزير يا صلاحڪار جي حڪمن جي تعميل ڪري! مون کي شروعات کان ئي اهو محسوس ٿيو ته ڪابل ۾ اسان جي فوجي ڪئمپ جو لڳڻ اسان جي هڪ عظيم غلطي هئي، ڇاڪاڻ ته ائين ڪندي اسين شاهه ۽ سندس رعيت جي وچ ۾ اچي ٿي وياسين. جبار خان هڪ دفعي شجاع‌الملڪ کي ڪهڙي نه عمدي ٽوڪ هئي، جا اسان جي ايلچيءَ لاءِ تازيءَ کي اشاري مثل هئي. اهي لفظ هي هئا ته "جيڪڏهن توکي بادشاهي ڪرڻي آهي ته پوءِ انگريزن جو هٿي ڪهڙو ضرور ۽ جيڪڏهن انگريزن کي حڪومت ڪرڻي آهي ته پوءِ تنهنجو هجڻ بيڪار آهي".
پر انهيءَ وقت جي حالتن جي مدنظر ڪابل جي فوجي چونڪيءَ جو ڇا ڇئجي! اها اسان جي ملڪي حدن کان گهڻو پري ۽ ڏورانهين هنڌ، اهڙن پهاڙن جي رستي جدا ٿيل هئي،

جن کي اڪري نٿو سگهجي. ٻيو تہ اسان جي ۽ انهيءَ جي وچ ۾ هڪ اٽاهہ ملڪ هو جنهن جي رهندڙ ماڻهن تي ڪو ڀروسو ڪونہ هو، ۽ پڻ اهڙو ڏکيو ملڪ اسان کي ان کان جدا ڪري رهيو هو، جنهن ۾ غلزئي جهڙا جنگجو قبيلا رهندا هئا. اُتي قندار مان بہ ڪا مدد پهچي نٿي سگهي. مون وارو پوڙهو منشي جنهن اڳ ۾ دوست مخمد ۽ اڪرم خان وٽ نوڪري ڪئي هئي، مون کي هر هروقت چوندو رهيو تہ "صاحب، اوهان جا ماڻهو ڪابلين کي نٿا سڃاڻن، جڏهن بہ صلح جون ڳالهيون هلندڙ هجن تڏهن سمجهو تہ ضرور ڪو بلوو شروع ٿيڻ وارو آهي. ڪابل ۾ ابتريون تراريون آهن جو اوهان جي سيني سنگينن کي پوريون پئجي سگهن ٿيون."

اسان جي صحيح پاليسي هيءَ هئڻ کپندي هئي تہ شاهہ کي بالاحصار (١) ۾ سندس فوج سان ويهاري، اسان کي واپس قندار وڃڻ گهرجي ها ۽ شاهہ کي جيئن وٽي ها تيئن ٻيو ڪري ها. قندار ۾ پنهنجن فوجن کي ڌيان ۾ رکي، قلات ۾ پهريدار فوجون رکون ها ۽ بولان ۽ ڪوجڪ کي مضبوط ڪري وينا موقعي جو انتظار ڪريون ها. ڪابل ۾ هُل بکيڙو ضرور ٿئي ها پر اهو ممڪن آهي تہ شاهہ کي ايترا پوئلڳ ماڻي وڃن ها جن جي مدد سان اُتي پيرن پختن ڪرڻ ۾ ڪيس ڪا ايڏي تڪليف نہ ٿئي ها. ساڳئي وقت اسان جي قندار موٽي وڃڻ ڪري شاهہ ۽ سندس رعيت جي وچ ۾ جيڪو رنجش جو سبب هو، اهو بہ ختم ٿي وڃي ها، ۽ هو وڏيءَ هوشياري ۽ چوڪسيءَ کان ڪم وٺي، انهن اڳواڻن کي ختم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها جن مان ڪيس بغاوت جو خطرو هو. هڪ معتبر ماڻهوءَ جو چوڻ آهي تہ "بين‌الاقوامي اٿ-ويهہ ا جتي ڪتي مجيل قاعدا، جن جو

---

(١) بالاحصار جو مضبوط ڪوٽ ڪابل شهر جي ٻاهران هڪ سهڻي ۽ سرسبز ٽڪري تي اڏيل آهي.

سڌريل ملڪن ۾ وڏو لحاظ ڪيو وڃي ٿو، سي جهنگلي قومن سان لاڳو ڪري نٿا سگهجن." اها وڏي سياڻپ ڀري چوٽي آهي، جنهن ۾ قديم اسپين جو چسڪو ۽ عيسائي - ڪئٿلڪ مذهب جو خمير به ملي ٿو ڏسجي. اها ساڳي چوٽي اسان جي حڪومت جي قائدن ۽ قانونن سان به لاڳو ڪري سگهجي ٿي. انگريزي حڪومت، جا نوٽ انصاف، رحم ۽ اعتدال جي خاصيتن جي زيورن سان آراسته آهن تن جو وجود هڪ افغان بادشاهه جي ڇت لاءِ بلڪل بيڪار ثابت ٿيندو. اسان کي انهيءَ ڳالهه جو ڪو به ڳالهو نه آهي ته شاهه پنهنجي بادشاهيءَ تي قائم رهندو يا ڪيس ٽڏي ڪڍيو ويندو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جو اسان تي ڪو به اثر نه ٿيندو. جيڪڏهن اسان جو قندار تي طاقتور فوج سان قبضو هجي ها، ته پوءِ ڪابل تي سدو زئي حڪومت ڪن يا بارڪزئي، اسان جو مٿن تمام گهڻو اثر رهي ها ۽ اسين پنهنجي مرضيءَ موجب انهن کي پنهنجن شرطن تي هلڻ لاءِ مجبور ڪري سگهون ها. نه فقط ايترو پر اسان آهستي آهستي قندار ۽ ان جي آسپاس جي ملڪ مان چڱيرڙو محصول به اڳاڙي سگهون ها. نتيجو اهو نڪري ها، جو هندستان جو وچ - ايشيا سان جيڪو واپار هلندڙ آهي، اهو به هن واحد محفوظ رستي جي ڪري ڏاڍو فروغ وٺي وڃي ها. پر اسان جي قسمت ۾ خراسان تي حڪومت ڪرڻ لکيل ئي ڪانه هئي.

جيڪڏهن افغانستان ۾ اسان جون ڪي واضح غلطيون هيون ته سنڌ ۾ به اهي گهٽ ڪو نه هيون. پر جيئن ته سنڌ اسان جي هندستاني سرحدن جي ويجهو هئي ۽ اهو ملڪ به اهڙو ڏکيو ڪو نه هو، ان ڪري انهن غلطين جو اثر ايڏو تباه ڪن ثابت نه ٿيو.

هاڻي اچو ته سڀ کان پهريائين ميرپور جي اميرن سان ٿيل پهرينءَ ڏيتي ليتيءَ جو جائزو وٺون ۽ انهيءَ تفصيل

(صورتحال) تي غور ڪريون جيڪو "بلوبڪ" (Blue-Book) ۾ نتو ڏنو وڃي ۽ انهيءَ کي اسان جي بدنصيب ميرن جي خلاف ٽيل ڪيس ۾ بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. خيرپور جا مير، شاه (افغانستان) جي فائدي ۾ ڪو نه هئا، ڇاڪاڻ ته سندن به هزار سورما ۽ ڪيترا معزز ماڻهو افغانن سان مقابلي ڪندي مارجي ويا هئا. اها جنگ فقط انهيءَ مقصد سان لڳي هئي ته جيئن ڪنڌن اهڙو ساليانو ڏنڊ اڳاڙجي، جو هو ڏيئي نه سگهن. انگريزن سان به گهري ٽيڻ جو سندن لاءِ ڪو سبب ڪو نه هو ۽ رنجيت سنگهه ته سندن جاني دشمن هو. انهيءَ ٽيڪڙ ناتي جو وڏي ۾ وڏو سبب هي هو ته مير مبارڪ، خيرپور جي ٻئي نمبر رئيس کان ستن لکن روپين جي مدد طلب ڪئي ته جيئن شاه کي ڪابل تي حملي ڪرڻ جو ثمر مهما ٿي ملي. سنڌ ۾ فقط هڪڙو هنڌ آهي جو گهٽ ۾ گهٽ سنڌين جي خيال ۾ فوجي نقطهءِ نگاه کان مضبوط آهي ـ اهو آهي بکر جو قلعو، جنهن لاءِ اسان وڏي مير رستم خان کي لکيو ته اهو اسان جي حوالي ڪري ڇڏي (١). هن محترم پير مرد کي شروعات کان وٺي ـ جيئن اسان جي سفارت سنڌ ۾ داخل ٿي هئي ـ برطانيا سان دوستي رکڻ جو تمام گهڻو شوق هو. هن نه فقط اهو مضبوط قلعو سٽت ڏي اسان جي حوالي ڪيو پر پنهنجي غريبي حال سارو (۽ هئو به صحيح معنيٰ ۾ غريب) اسان جي فوجي جي واڌاري ۾ وڏيون سهولتون ڏنيون هيون. سندس ملڪ ۾ اڳتي وڌڻ وقت اسان جي فوجن سان ڦرون ۽ ٻيون زيادتيون به ٿيون هيون. پر جن اهو ملڪ ڏنو آهي، سي ڄاڻن ٿا ته انهيءَ جنگ ۾ بڙدي ۽ مزاري پروچن جا ٽولا پيا هلندا آهن، جي خيرپور جي مير کي مڃين ئي ڪونه ۽ انهيءَ

---

(١) بکر جو قلعو انگريزن مير رستم کان پهريائين اڌارو وٺي پوءِ ڦٽائي ورتو هو.

۾ شڪ آهي تہ سندس ڪا عزت ڪندا هجن! ڪن اڻجاڻ ماڻهن جي راءِ هئي تہ جبلي ٻروچن، ميرن جي چرچ تي اسان سان ڪنئوس ڪئي هئي. انهيءَ ڏس ۾ مير نصير خان تي هي الزام هو تہ هن بيبرگ بگٽيءَ کي اسان تي حملي ڪرڻ جي ٻڌ ڪئي هئي. (پر ڏنو ويندو تہ ائين صحيح نہ آهي.) چاڪاڻ تہ ٿورا سال اڳ سندن زيادتين جي ڪري خيرپور جي ميرن جي فوج انهن ٽڪرين تي حملو ڪري ڏنو هو، جتي مري ۽ بگٽي رهندا هئا، پر وريو ڪي ڪين. اتلو انهيءَ فوج انهن بهادرن جبلين جي هٿان وڏي نقصان سان شڪست ڪاڏي هئي. منهنجي پنهنجي وقت ۾ حيدرآباد جي هڪ وزير جو مائٽ شڪارپور ۾ بزدي ڏاڙيلن هٿان مارجي ويو هو. ان ڪري سمجهڻ گهرجي تہ ميرن کي انهن ڏاڙن ۽ خونن کي ـ جيڪي اسان جي فوج کي اتر طرف پيشقدميءَ ۾ واقع آيا هئا ـ روڪڻ لاءِ ڪابہ طاقت نہ هئي ۽ انهن کان اهڙيءَ طرح عاجز هئا، جهڙيءَ طرح اسان پنهنجن صوبن ۾ ٽڳن کان بيزار آهيون. اسان کي انهيءَ ڪري خيرپور جي ميرن خلاف شڪايت ڪرڻ جو ڪو بہ جواز نٿو ملي، خاص ڪري مير رستم خان خلاف جو شروع ۾ اتر سنڌ والارڻ ۾ اسان جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. ان ڪري اسان کي نہ فقط ڪيس راضي رکڻ ڪپندو هو، پر سندس ساراهہ ۾ گڻ گائڻ ڪپندا هئا.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ اسان ساڻس ڪهڙا پير پريا. سڀ کان پهريائين صورتحال هڪ اهڙي حادثي جي ڪري پيدا ٿي جو جيتوڻيڪ اسان کي معمولي ٿي لڳو، پر جيڪڏهن اسين پنهنجي ڪردار جي اڻجاڻائي ـ جيڪا اسان هڪ اڻسٽربل دربار ۾ ظاهر ڪئي هئي ـ تي سوچ ڪنداسين تہ پوءِ انهيءَ ڳالهہ کي ڪي قدر وزن ڏيڻو پوندو. مير مبارڪ جنهن سان اسان تمام خراب نموني ۾ هلت ڪئي هئي، بيمار ٿي پيو. هڪڙو انگريز ڊاڪٽر خيرپور موڪليو ويو، جنهن وڃي مريض کي ڏنو ۽ دوا

بہ ڏنائينس، پر هو جلدي مري ويو. ظاهر آهي تہ هو قدرتي سبين ڪري مري ويو هو پر ڏيهي ماڻهن انهيءَ اتفاق کي ضرور شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو هوندو. جيڪا ڪارروائي انهيءَ واقعي کان پوءِ وجود ۾ آئي، سا انهيءَ شڪ کي لئہ-مٽي ڪرڻ لاءِ هئي چا؟ اسان جو ايجنٽ، جو ميرن سان تمام گهرو ٿي ويو هو، تنهن کي اتان برخواست ڪيو ويو. سندس جاءِ تي جيڪو مقرر ڪيو ويو، تنهن پهچڻ شرط هڪ اهڙو ڪم ڪيو، جنهن کي غير معمولي، سخت ۽ ناروا هلت چئي سگهجي ٿو. هن روهڙيءَ جي سنڌي ڪردار کي پاڻ وٽ هڪدم حاضر ٿيڻ لاءِ نياپو موڪليو، انهيءَ ماڻهوءَ جواب ڏنو تہ هو ميرن جو ماتحت آفيسر آهي، پر جيڪڏهن اسان جي ايجنٽ کيس گهرائڻو هجي تہ هُو انهيءَ باري ۾ ميرن کان اجازت وٺي. ان تي هڪ آفيسر کي ڪن سپاهين سان گڏ هڪدم موڪليو ويو، جنهن وڃي انهيءَ بدقسمت شخص کي آڻي اسان جي سفير جي آڏو حاضر ڪيو. "هن کي سڄو ڏينهن بکيو رکي، آس ۾ بيهاري ڇڏيو"ـ اهو هو اسان جي انگريز سفير جو ان بدنصيب شخص لاءِ نادري فرمان! حڪم جي تعميل ٿي ويئي ۽ اهو بدقسمت مسڪين پنهنجي ڪمزوريءَ تي افسوس ڪرڻ لڳو. هن کان پوءِ ٻيو قدم جيڪو کنيو ويو، اهو پهرئين کان بہ وڌيڪ نازيبا هو. مير صاحب جو وزير هڪ اڇي ڏاڑهيءَ وارو بزرگ شخص هو ۽ مير کيس ڏاڍو پائيندو هو، اهو هئو بہ اهڙي اثر وارو، جو هڪ دفعي مير رستم جي وڏي پٽ جڏهن کيس گهٽ وڌ ڳالهايو هو، تڏهن مير صاحب کيس گهرائي ڏک وچان چيو هو تہ "اهي لفظ توکي نہ پر مون کي چيا ڏيا آهن. جيڪڏهن منهنجو پٽ توکي ڏمڪائي ٿو تہ ائين سمجهہ تہ مون کي ڏمڪائي ٿو." هاڻي اهڙي ماڻهوءَ کي جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو عهدو رکندڙ هو، جڏهن اسان جي ايجنٽ وٽ آيو، تڏهن کيس ڪرسيءَ جي بہ آڇ نہ ڪئي ويئي، بلڪ کيس پٽ

تي ويهاريو ويو. هوڏانهن انگلنڊ جو وري اهو حال آهي جو شل نہ ڪو واڻيو واپاري اتي پهچي. ڪيس بادشاهہ جي اڳيان ڪرسي وجهي ڏيندا. اهو ساڳيو وزير، فتح محمد غوري هو، جنهن اسان جي سنڌ ۾ موڪيل پهرينءَ سفارت جو آدرياءُ ڪيو هو، پر جيڪڏهن هو چاهي ها تہ اسان ڪان بہ اها ساڳي نوڙت ڪرائي سگهيو ٿي، جهڙي ڪانئس ڪرائي ويئي. ڪوٽيءَ مان نڪرڻ وقت هُن اچرج وچان اهو ڏوراپو دهرايو تہ "پاڻ وري ڪو جبرئيل ملائڪ آهي ڇا؟ جيڪڏهن عهدي جو ڪيس خيال نہ هو، تڏهن بہ منهنجي عمر جو تہ خيال ڪري ها. آءٌ عمر ۾ سندس ڏاڏي جي برابر هوس." انهن حالتن جي مدنظر گمان ڪرڻ صحيح ٿيندو تہ اهڙو ورتاءُ انهيءَ وزير کي اسان جو دشمن ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. اهڙا پيا بہ گهڻائي مثال آهن (جن کي دهرائڻ جو ڪو بہ ضرور نہ آهي)، جيئن تہ اسان جو پوليٽيڪل ايجنٽ پنهنجي چوڏاري چالاڪ هندو ليکڪن ۽ منشين جو ميڙ ويهاريو ويٺو هوندو هو، ان ڪري معزز مسلمانن جي ٿوري بہ گهٽتائي، خيرپور جي رئيس ۽ ايجنٽ جي وچ ۾ دشمني وڌائڻ لاءِ ڪافي هئي. اسان پنهنجي ايجنٽ جي ميرن مٿان چڙهت جي انهيءَ سبب کي نظرانداز ڪري نٿا سگهون ۽ نہ وري انهيءَ ارادي جي حقيقت کي لڪائي ٿا سگهون، جنهن جي ماتحت اسان جو ايجنٽ اها هلت هلي رهيو هو. جڏهن ڪيس خبر پيئي تہ ميرن رستم ۽ ميرن نصيرخان هڪڙي طرف ۽ ميرن عليمراد يا ٻئي طرف پاڻ ۾ وڙهي پيا آهن، تڏهن فاتحانہ لهجي ۾ چوڻ لڳو تہ "هاڻي بُل ڏنو اٿن." انهيءَ وقت ڪان وٺي هن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو تہ جيئن اهي گهرو لڙايون زور وٺن. پر ميرن نصيرخان جنهن شروعات ۾ اسان کي سٺو رخ ڏيکاريو هو ۽ پڻ ڪيترن مددگار فوجي جٿن کي ڪاڏ خوراڪ پهچائي هئي، وڏو لائق شخص هو، هن اسان جي راهہ ۾ رڪاوٽن پيدا ڪرڻ جو ارادو بدلائي ڇڏيو. هن

مير صاحب ۽ اسان جي ايجنٽ جي وڏي منشيءَ جي وچ ۾ لکڻهه جو وڏو سلسلو هليو. اسان پوءِ انهيءَ منشيءَ کي بدعنوانين سبب سزا ڏني ۽ پڻ ٻين خرابين جي ڪري جيل موڪليو. ماڻهن ۾ چوپچو هئي ته هُن ڏيجيءَ واري مير جو پاسو بنان مطلب جي ڪونه ڪنيو هوندو. ان ڪري اهو ضروري آهي ته انهيءَ معاملي تي ڪجهه روشني وجهجي.

مير رستم جيڪو اول انگريزن جو پڪو دوست هو، سو آخرڪار سندن ناروا هلت ڪري دشمن ٿي پيو. اسان جي طرفان ڪيس زور ڪيو ويو ته هو پنهنجي پراڻي دوست کي وزرات تان لاهي ڇڏي. هن اِتي محسوس ڪيو ته هاڻي انگريزن طرفان مٿس هڪ لوهي پاڇاري وڌي ويئي آهي، ان ڪري ڪيس نجات لاءِ فقط هڪڙي واهه ٿي سجهي ته انهيءَ کي پڇي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي. هڪڙي نوجوان (سندس ننڍو ڀاءُ مير علي مراد جو اسان سان شامل هو) کان سواءِ، جنهن پنهنجي قوم جي بربادي ۽ تي پاڻ کي ڇاڙهي مٿي ڪيو هو، ٻيا سڀئي ننڍا وڏا مير ساٿس شامل حال رهيا. مير رستم انگريزن جو پنهنجي ملڪ بنان شڪ ۽ خاطريءَ سان آدر ڀاءُ ڪيو هو ته هو سندس قدر ڪندا پر هن هلت منجهس اسان لاءِ ڏڪار جو مادو تيز ڪري ڇڏيو. جڏهن اسان جي قندار ۽ غزنيءَ ۾ ڪاميابيءَ جي ڀهرين خبر خيرپور پهتي، تڏهن سندس درٻارين سندس خدمتن کي ساراهي ڪيس پڌائڻ شروع ڪيو نه هن انگريزن جي شروع ۾ هيڏي مدد ڪئي هئي سي ضرور هاڻي سندس قدر ڪندا. عموماً اهو چيو پئي ويو ته ٻيئي ديرا يعني اسماعيل خان يا غازي خان يا گهٽ ۾ گهٽ انهن مان ڪو هڪ سندس حوالي ڪيو ويندو، پر ان وقت مير رستم جي ناميديءَ جي ڇا حالت هوندي جڏهن انگريزن هن کي سندس خدمتن جي عيوض رئيس يا وڏي مير جي رتبي تان لاهي، سندس جاءِ تي سندس ننڍي ڀاءُ کي ويهاريو ۽ سندس وزير

کي پهرين بيعزتو ڪيو ويو ۽ پوءِ ڪيس سندس ويجهو اچڻ بہ نہ ڏنو ويو. سندس اچا وار ۽ احترام واري عمر، جا هونئن ڪيس ماڻهن وٽ عزت وارو ڪري ها، حڪومت ڪرڻ جي خيال کان ڪمزوريءَ ۽ نااهليءَ جو باعث تصور ڪئي ويئي. شروعات ۾ هن اسان جي ايجنٽ کي راضي رکڻ لاءِ چڱا حيلا هلايا پر وريو ڪي ڪين. هن پنهنجن دوستن ڏانهن، جن مان آءٌ بہ هڪ هوس، ڪئين نياپا موڪليا تہ انهيءَ معاملي ۾ دخل ڏيئي ڪجهہ ڪريون، پر اسان جي عرضداشتن کو ٻوٽو ڪونہ ٻاريو. البت انهيءَ سخت گرميءَ يا هلت جو قدرتي اثر خودبخود ظاهر ٿيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سرچارلس نيپئر جي انهيءَ دوري تي پهچڻ کان گهڻو اڳ، خيرپور ۾ انگريزن بابت جيڪو احساس هو اهو نفرت کان گهٽ نہ هو.

جڏهن ڪئپٽن ڪينيڊي کي انهيءَ جاءِ جو پوليٽيڪل انچارج مقرر ڪيو ويو، تڏهن فقط هوئي اسان ۽ ميرن جي وچ ۾ واحد وسيلو هو. ان وقت سنڌي ميرن جو اسان ڏانهن ارادو يا مزاج کي قدر ظاهر ٿي پيو. انهيءَ عملدار جي خيرپور ۾ پهچڻ جي ٻئي يا ٽئي ڏينهن مٿس گولي هلائي ويئي، ان ڪري ڪيس ايترو ڪجهہ ڪرڻوئي ڪونہ پيو جو هڪ ليڪڪ جو ڌيان ڇڪائي. چيف پوليٽيڪل آفيسر پاڻ سان جنرل ۽ وڏو محافظ جٿو وٺي ميرن سان ملڻ آيو ۽ اهو اهڙيءَ نٽ ناڱگر سان جڻ تہ ڪو تخت ڌڻي يا شهزادو آيو آهي، پر انهيءَ تي گوليون هلايون ويون، جنهنڪري سندس ڪيترا نوڪر زخمي ٿي پيا. جيتوڻيڪ اهو ميرن جو همت ڀريو قدم هو، پر انهيءَ وقت انهيءَ ۾ الاهي وڏاءُ ڪم ويو هو. چيو ٿي ويو تہ جنرل کي اهڙيءَ ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو هو، جنهن ۾ سوئا لڳل هئا ۽ اهڙيءَ طرح ٻيون بہ عجيب خبرون پئي پڌيون. عجيب اتفاق هيئن ٿيو، جو جنهن وقت انهيءَ

ظلم ۽ زبردستيءَ جا افواهہ چوٽ تي چڙهيل هئا، ان کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ آءٌ خيرپور، سوئرن جي شڪار تي وڃي نڪتس ۽ جنرل انگلنڊ کي بہ ساڻ کنيم. اسان ٻئي ٻئي بنان ڪنهن محافظ جي هڪ يا ٻہ ڏينهن شڪار تي رهياسين ۽ ٻڌ ميرن سان ملاقات ڪئيسون. پر اسان کي تہ منجهن بي‌روتيءَ جو پاڇو بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو.

سنڌ ۾ جنهن وقت ڪرنل آئوٽرام کي موڪليو ويو، تنهن وقت تائين ان ملڪ ۾ نفاق جو بيج چٽجي چڪو هو، باقي وڃي رهيو هو خون جو لاباروِ، تنهن لاءِ بہ فصل بلڪل تيار بيٺو هو. اسان ميرن کي نہ فقط چيڙيو ۽ اٽسهائيندڙ تڪليفون ڏنيون، پر بيعزتيءَ جا مٿن انبار ڦٽا ڪيا. بيبرگ ڏانهن لکيل خط، ڏسڻ سان ئي جڙتو پئي لڳو. انگريزن سان جنگ ڪرڻ ۾ ميرن کي جيڪا هو مدد ڏيئي سگهيو تي سا تچ برابر هئي. وڌ ۾ وڌ هو هڪ سؤ سوار ڏيئي سگهيو تي، پر هو ڪنهن بہ لالچ جي آڌار تي پنهنجي قبيلي کي شڪارپور کان اڳتي نہ آڻي سگهي ها. پر اهو تہ سوچڻ ئي اجايو آهي چاڪاڻ تہ هو ڪهڙي آڌار تي ميرن کي مدد ڪري سگهيو تي، جن سندس رهائش وارين ٽڪرين تي حملا بہ ڪيا هئا ۽ سندن عملدارن اسان کي پڻ سندس پوئلڳن جي ٽولن کي جهاڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

هاڻي اوهان کي ميرن جي حڪومت جي نموني تي هڪ گفتگو ٻڌائجي ٿي. هن نڪتي تي خاص ڪري انهن ماڻهن طرفان تمام گهڻو غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي، جن کي انهيءَ معاملي تي ڳالهائڻ جو ڪو جواز ڪونهي. جن ماڻهن انهيءَ مضمون تي اجائي لباڙ هنئي آهي، انهن هن ملڪ کي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو، جيتوڻيڪ سندس بيانن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هن ملڪ جي ڪين پوري خبر آهي. نہ انهن ڪڏهن ڪنهن ڏيهي ماڻهوءَ ڳالهايو آهي ۽ نہ وري ڪو اهي

سندن ٻوليءَ ۽ عادتن کان واقف آهن. انهن جي ڏنل راءِ جي برخلاف آءٌ هڪ اهڙي ماڻهو جي تصديق پيش ٿو ڪريان، جنهن جي ميرن ۽ سندن آفيسرن، سيدن، بزرگن ۽ عبادتگذار عالمن، صرافن ۽ وڏن واپارين سان واقفيت هئي ۽ هو پنهنجي ڊيوٽيءَ تي يا شڪار جي سلسلي ۾ سدائين سندن ملڪ کي لتاڙيندو رهيو ٿي، ۽ جتي به ڪيس موقعو ملندو هو اتي ڪنهن نه ڪنهن سنڌيءَ يا ٻروچ ڪڙميءَ يا سندس وڏيري سان ڪچهري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، نه فقط ايترو پرجيئن ته ڪيس سدائين رعيت جي سڪ جو ڪم سونپيل هو ان ڪري هو هميشه ڪاريگرن ۽ جدا جدا پيشي جي مزورن ۽ پڻ هڪ وڏي جيل جي انچارج هئڻ ڪري، اتي جي نيچ ۾ نيچ ڏوهاريءَ جي ڄاڻ رکندو هو. انهيءَ ڪي ڳنڍجي وري هيئن ته مون کي ڪنهن به قسم جي ترجمي ڪرڻ واري جي ڪا ضرورت ڪانه هئي (جو مون سان ٿيندڙ ڳالهه کي هيڏانهن هوڏانهن موڙي ها يا اهڙو رنگ ڏئي ها جو ڪيس وٽندو هجي) ۽ آءٌ انهن سان روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنڌيءَ ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ جدا جدا مضمونن تي ڳالهائيندو رهيس. پر آءٌ سچ ٿو چوان ته مون ڪڏهن به ڪنهن مير جي خلاف ڪا شڪايت ڪانه ٻڌي، البت ڪيترن معزز انگريزن بابت گهڻيئي ڳالهيون ٻڌيون پئي ويون. چيو ٿي ويو ته مير مبارڪ لالچي هو، ۽ هر انهيءَ ماڻهوءَ جي ڳالهين ۾ اچي ويندو هو، جو ڪيس ٻڌائيندو هو ته هُن کي ڏاتن مان سون ٺاهڻ جو علم آهي. عليمراد لاءِ وري اهو هُلايل هو ته هو ظالم ۽ خرچائو آهي؛ پر منهنجي ڄاڻ ۾ انهيءَ خاندان جي ڪنهن به فرد تي ڪنهن به ڏوهه جو اجا تائين ڪو الزام نه مڙهيو ويو آهي. هڪڙي ڏوهه جي آءٌ ساڪ نٿو ڏيان پر ان ۾ به جيڪا انهيءَ ڏوهاريءَ کي سزا ملي هئي، سا پين ميرن جي ڪردار جي چڱي ساڪ ٿي ڏئي ـ بنسبت انهيءَ ڏوهه جي جنهن جي ڪنڌڙ کي چڱيءَ

طرح بچڙو ڪيو ويو هو. قصو هيئن آهي تہ پندرهن سال اڳ خيرپور جي قاضيءَ جي ڏيءُ پروچن جي گهرن ۾ وڃي انهن جي زالن کي قرآن پڙهائيندي هئي ۽ پڻ مذهبي ڪمن جي تلقين ڪندي هئي. پروچائيون گهڻو ڪري سڀ پڙهي ڄاڻن ۽ ڪيتريون تہ انهن مان عربي ۽ فارسي صورتخطيءَ ۾ لکيو بہ وڃن. اها ننگر ننڍي عمر واري ۽ تمام سهڻي هئي. جڏهن اها مير محمد خان جي حرم ۾ ويئي، تڏهن هن ڪيس ڏسي ورتو ۽ موقعي جي تلاش ۾ هو تہ ڪيئن ڪيس ڏاهجي. آخر ڪيس ڏتارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، پر پوءِ اها ڳالهہ چوڪريءَ جي پيءُ کان ڳجهي نہ رهي سگهي. هُو، انهن ملڪن جي انصاف جي صاف اصولن جي ماتحت ڏوهاريءَ جي گهر گهڙي ويو ۽ ڪيس وڍي ڪيرائي وڌائين. اهڙا تہ هُن کي خطرناڪ زخم رسايائين جو ڪيس پڪ ٿي تہ مري ويو آهي. اهو رئيس نيٺ چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ ميرن ٿي زور رکيائين تہ قاضيءَ کي سزا ڏني وڃي، پر هنن سندس فرياد ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ چيائونس تہ سندس ڏوهہ جي ڪيس جوڳي سزا ملي آهي ۽ هُو ساڻس ڪنهن بہ قسم جو رستو نہ رکندا. انهيءَ رئيس کي نيٺ خيرپور ڇڏڻي پئي ۽ وري ڪڏهن بہ اتي واپس ڪو نہ آيو.

انصاف جي انتظام ۾ رحم جو مادو، ميرن جي وڏي غلطي هئي، ڇاڪاڻ تہ هو رتوڇاڻ کان ڏاڍو لهرائيندا هئا رحمان ۽ ٻين خطرناڪ بدمعاشن جي حالت ۾ بہ هنن حڪم ڪيو تہ سندن بازو ڪپيا وڃن. گويا اها سندن ڏنل سزا جي حد هئي. ان هوندي بہ سندن ملڪ ۾ امن امان هو. رڳو سندن ملڪ جي سرحدن تي شڪارپور جي ويجهو جهنگ ۾ ڪٽپر ۽ بڙدي قبيلن جا ڪنور ڏاڙيل ڦرلٽون ڪندا هئا ۽ پڻ سبزل ڪوٽ جي پر ۾ وحشي مزلرين جي ڪري ڏاڙا ۽ خون تہ

چڻ معمولي واقعا سمجهيا ويندا هئا. پر انهن جبلي ٻروچن تي اميرن جو ڪو وس ڪونه هو، پر ان هوندي به سندن عام رعيت امن پسند ۽ سکي هئي. جيڪڏهن اسين سندن حالت کي ٻنهنجي والاريل صوبن جي رعايا سان ڀيٽينداسين ته اها انهن کان لک دفعا سٺي هئي. ميرن تائين هر وقت رسائي ٿي سگهندي هئي ۽ ڪهڙو به ماڻهو ـ ٻوءِ اهو ڪٿي گهٽ ذات جو هندو چونه هجي ـ ڪيڏيءَ مهل به انهن سان ماڻي سگهيو ٿي. هندن ۾ مڙيئي ناراضپو پئي ڏٺو، ڇاڪاڻ ته ڪين گهٽ ورسايو ريندو هو، پر سندن حالت انگلنڊ ۾ پنجاهه سال اڳ "ڊسينٽرس" کان خراب ڪانه هئي ۽ نه وري سندن ناراضپي کي هڪ منٽ لاءِ به انهيءَ ناراضگيءَ سان ڀيٽي سگهجي ٿو، جا اڄ به آئرلنڊ ۾ موجود آهي. واهن جي چڱي حالت، ڪمند، جوار ۽ ٻئي اناج جي ڀلي فصل ۽ ڪيترن پن- چڪين جي نارن مان ظاهر ٿي ٿيو ته جيڪا ڊل اتي اڳاڙي ويندي هئي، سا ايتري ڪانه هئي، جا آبادگارن کي ڏکي لڳي. انعامي زمينون، ۽ پڻ اهي، جن تي نالي ماتر ڊل ورتي ويندي هئي، جام پئي ڏٺيون. سياست ۾ به سندن اٿ ويهه جو طريقو فراخ دليءَ ۽ تحمل جي اصولن مطابق هو، جنهن ۾ شاهه شجاع، شاه نواز ۽ ٻين پناه وٺندڙن شهزان جو مثال ڪافي ٿيندو. پنجاب جي حاڪم جي هلت جي ابتڙ، هنن ڪڏهن به شاه شجاع ڏانهن مهماننوازيءَ جي اصول کي ظاهر ظهور ڪونه ٽوڙيو. قلات جو اڳيون خان، سالن جا سال سندن سخاوت تي پئي هليو. انگريزن ڏانهن پڻ هو صافدل، سخي ۽ مهربان رهيا. جيڪي به ڊاڪٽر (انگريز) سندن ديرن يا ٻارن جو علاج ڪرڻ ويندا هئا، انهن کي هو تحفن سان ڀري موڪليندا هئا. انهن مان هڪڙي ڊاڪٽر، جنهن جي مون کي پوري ڄاڻ آهي، ٿورن مهنن ۾ ٻن هزارن کان به مٿي پائونڊ گڏ ڪري ورتا. ٻئي هڪ ڊاڪٽر کي، جنهن مير نصيرخان جي ديري تي حاضري ڏني هئي، هڪ تلوار

ملي، جنهن لاءِ مون ڪيس هڪ سؤ گنيون ڏيڻيون ڪيون پر وٺڻ کان انڪار ڪيائين. هڪ دفعي، مير نصيرخان جي ننڍي پٽ سان شڪار ڪندي، مون سندس هڪ جامڪيدار بندوق جي ساراهه ڪئي، جنهن تي سونا چٽ ۽ لعل جو گهڻو لڳل هو. اوڏيءَ مهل تہ هن ڪجهہ ڪونہ چيو. پر جڏهڻ آءٌ گهر پهتس تہ ڏٺم تہ هو هنر جو اهو سهڻو نمونو منهنجي گهر ڇڏي ويو هو. مون البت انهيءَ کي واپس ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ قاعدي موجب اسان کي ڏيهي ماڻهن کان سوغات وٺڻ جي منع ٿيل هئي. پر مون تي انهيءَ مهرباني جو ايڏو تہ اثر ٿيو، جو مون ضروري سمجهيوتہ موٽ ۾ ڪجهہ پيش ڪجي، ان ڪري مون هڪ گهوڙو، جنهن لاءِ مون ويجهڙائيءَ ۾ چهہ سؤ رپيا ڏنا هئا، سو ڏانهنس موڪليو. اها سوڪڙي پراڻيءَ چوڻيءَ موجب نيٺ وڃي نيڳي ثابت ٿي. انهيءَ رئيس اهو گهوڙو هڪڙي آفيسر کي وڪڻي ڇڏيو ۽ هن وري اهو ميجر مئڪمرڊو، سر چارلس نيپئر جي خانگي سيڪريٽريءَ کي ڏيئي ڇڏين، جنهن جي هيٺان اهو مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو. ميرن جي ساراهہ ۾ ايتري چوڻ کان پوءِ ۽ سندن انتظام تي ڳالهائڻ کان پوءِ، مون تي ضرور اعتراض ڪيو ويندو تہ مون هڪ نيم وحشي حڪومت کي ساراهيو آهي ۽ انهيءَ نعمت جو تمام ٿورو ذڪر ڪيو آهي جا هاڻي اسان حڪومت جي بدلجڻ ڪري، تهذيب جي نموني ۾ اتي جي ماڻهن لاءِ آندي آهي. انصاف لاءِ ڪٿي ائين چئجي تہ هاڻي سيني لاءِ هڪجهڙو آهي، ماڻهن جي حياتيءَ ۽ ملڪيت جي سلامتي آهي، واپار جي سنڀال ڪئي ويئي آهي، ٻاهرينءَ کاهہ جو ڊپ سدائين لاءِ ختم ڪيو ويو آهي، غلاميءَ کي مٽايو ويو آهي ۽ سيني قومن کي قانون هيٺ آندو ويو

آهي(١). انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ئي نٿو ڪري سگهجي تہ اهي نتيجا اسان جي والارڻ جي ڪري ئي پيدا ٿيا يا ٿي سگهي ٿو تہ اهي قدرتي طور اسان جي حڪومت کان پوءِ پاڻهي پاڻ عمل ۾ آيا هجن. انهن جي ابتڙ، اسان کي غلط نموني ۾ پڌايو ويو آهي تہ ميرن جي حڪومت ۾ فصل تباهہ ٿي ويندا هئا، زمين بيڪار پيئي هوندي هئي، مارشل‌لا لڳايو ويندو هو ۽ رعايا جي هرهڪ طبقي ۾ ناراضپو هو! ساڳيءَ ريت، جيڪومحصول مير بنان محنت جي اڳاڙيندا هئا، انهيءَ جو ڏهون حصو بہ اسين وصول نٿا ڪري سگهون. مون کي انهن ڳالهين جي سچائيءَ بابت ڪي چوٽو ڪينهي، پر بحث جي خاطر ڪڏي مڃجي تہ اسان جي سنڌ والارڻ ۾ اتي جي ماڻهن جي چڱائي هئي. تڏهن بہ سندن ملڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ جيڪو سلوڪ ۽ طريقو اسان اختيار ڪيو هو انهيءَ اسين ڪيتريقدر حق بجانب هئاسين، اهو اوهان پاڻ سوچي سگهو ٿا. ڇا اهو وڏيڪ آبروءَ وارو ۽ همدردانہ طريقو نہ هو، جو اسان ثالث بنجي ميرن کي ڏاهيون ها، بنسبت انهيءَ جو انهن جي گهرو جهيڙن مان فائدو وٺي، ڇيڙا پور ڪري، ڪين ويڙهائي هڪبئي جو دشمن ڪيوسين؟ اهو اسان لاءِ فخر جو باعث نہ ٿئي ها جو مير رستم خان جو مڙهہ پنهنجي وطن ۾ ابن ڏاڏن جي قبرستان ۾ پورجي ها! پر افسوس آهي تہ هو پرديس ۾ جلا وطن رهندي ۽ فرنگين جي سندس ملڪ ۾ پهرئين قدم رکڻ واري گهڙيءَ کي ساريندي ۽ مٿن ڦٽڪار ڪندي، مري ويو! انهيءَ سوال جو جواب ايندڙ نسل جا ماڻهو ڏيندا ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪين انصاف پلئہ پوي. پر جن هٿ ڪوڙي ڦڏي ۾ گهڻو ڪجهہ سٺو آهي، تن

---

(١) اهي سڀ ڳالهيون مصنف انگريزن جي سنڌ والارڻ کان پوءِ سندن نظام حڪومت جي چڱائين تي بيان ڪيون آهن.
— مترجم

لاءِ بدقسمتيءَ سببان ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي.

خير، انهن خيالن مون کي پنهنجي روزنامچي جي چٽڪن لکڻ کان ڪافي پري ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اچو تہ وري سکر ۽ شڪارپور جي تپندڙ واريءَ ڏي موٽ ڪائون ۽ انهيءَ برپٽ مان ڪجهہ وڏيڪ پراڻا ورق گڏ ڪريون.

باب چوٽون

١٨٣٩ع جي پوري ٿيڻ تي اتر سنڌ ۾ حالتون - ايراني قيدي- رنجيت سنگهه لاءِ سوڪڙيون- فوجي ۽ سياسي ماڻهن ۾ نا اتفاقي- سڪر جي چؤطرف قبن جي بيعزتي ڪرڻ جو الزام- قلات جو شاهنواز خان- عاميل جو فوجي رسالو- الف خان ترين.

اسان جي فوجن جنهن ڏکيائيءَ سان ڪچيءَ مان فوج ڪشي ڪئي هئي، انهيءَ کي ڇهه مهينا گذري ويا آهن. جنهن تڪليف ۽ بنان سوچ ويچار جي اها پيشقدمي ٿي هئي، انهيءَ جو پتو انهن خطن مان ملي ٿو. جي انهن جي پويان ساڳه فوج کي مليا هئا(١). هڪڙي آفيسر نوشهري مان هيٺينءَ ريت لکي موڪليو:

"قاصدن جا ٽي جوڙا خطن جي ٽڪرن جو هڪ بنڊل مون وٽ ڪٽي آيا ۽ چيائون ته اهي شڪارپور مان موڪليا ويا آهن. رستي تي ڏاڙيلن مٿن حملوڪري اهي خط لٽي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيا. اهي تمام ٿورن خطن جا پرزا مون وٽ انهيءَ ڪري ڪٽي آيا ته جيئن سندن ڳالهه تي اعتبار ڪيو وڃي. اهو ملڪ دهشتناڪ بدانتظاميءَ ۽ وڳوڙ ۾ مبتلا آهي. اهڙو ڪو ڏينهن ورلي گذرندو هوندو، جڏهن اسان جي ماڻهن تي حملو نٿو ڪيو وڃي. ٽپالي سوارن جي

(١) ساڳه فوج: پڇڙيءَ واري فوج کي سڏيو وڃي ٿو يا مددي فوج ڏانهن اشارو آهي.



روهڙيءَ وٽ پيڙين جي پل

تہ ڳالهہ ئي چڏي ڏبو، ويچارن ڏاڍو سٺو آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ دفعيدار ۽ ڪئپٽن ائنڊرسن جا ٽي سوار هن جاءِ ۽ مهائيسر جي وچ ۾ مارجي ويا هئا، زخمي ٿيلن جوتہ وڏو تعداد آهي. سومري وٽ اسان جي وڏندڙ فوج تي بلوچن جي هڪ جماعت آسڙ جي وقت حملو ڪري ڏنو. پر توبخاني جي گهوڙيسوارن تلوارن سان مٿن وار ڪري، ڇهہ بروچ ڪيرائي وڌا. سيئي آٽ، جن جو جملي تعداد پنجويهہ هو، چراگاهن تان چوري ٿي ويا آهن، پر اڃا تائين انهن کي ڳولي نہ سگهيو آهيان. اسين صبح جو دادر ڪوچ ڪنداسين. اسان کي مشڪل سان اتي ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ملي سگهندو، ڇاڪاڻ تہ رَسد جو سامان اسان جي اڳيان ويندڙ فوج ختم ڪري ڇڏيو هو. اسان وٽ فقط ڇهن يا ستن ڏينهن جو سامان آهي ۽ سواري بہ ايتري ئي مقدار لاءِ موجود آهي. انهيءَ هوندي بہ اسان کي اڳتي وڌڻ گهرجي ۽ ڪوشش ڪري انهن سپني آڻن کي ڪم آڻجي، جيڪي رستي ۾ ملي وڃن. اسان کي انهيءَ جي ڪابہ پڪ ڪانهي تہ لڪن جي ٻئي طرف اسان کي ضرورت آهي. جيڪڏهن اوهان کي آٽ لڏڻا آهن تہ انهن کي اصل خالي نہ ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ اسان کي اناج جي ڏاڍي ضرورت آهي، اناج، اناج، اناج! توڙ تائين پاڻ کي اهوئي گهرجي. انهيءَ جي سنڀال لاءِ طاقتور نگهبانن جي پڻ ضرورت آهي. ڪرنل ڏيني جي پيادل فوج ۽ ان سان گڏ شاهہ جي گهوڙيسوار فوج، سامان جي حفاظت لاءِ پنهي جو هجڻ ضروري آهي. مون کي هين جي، توڙ تائين پهچڻ جي اميد تہ ڪانهي، پر ڪوشش ڪرڻ مون تي فرض آهي. آڏوٽرام جنرل ولشاير سان گڏ آهي. تہ ضرور انهيءَ ڏکوئيندڙ واقعي جو احوال ٻڌو هوندو. مون کي اميد آهي تہ هوهاڻي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙو ٿي ويو هوندو، ڇاڪاڻ تہ صحيح معني ۾ اڻلڀ ماڻهو آهي. قلم تازو: ”آٽ موڪليو ۽ اناج. وري دهرايان ٿو تہ اناج ۽ آٽ.“

پٽي وري لکيو تہ درياءَ تمام گهڻي زور شور سان اسان ڏانهن ڏوڪيندو آيو ۽ پيڙين جي پڌل پل کي پاڻ سان کنيو ويو. انهيءَ ڪري اناج جو تمام گهڻو ذخيرو جو بيپرواهيءَ سان ڪناري تي ڇڏيو ويو هو، سڄو تباه ٿي ويو. انهي وڳوڙ کي ختم ڪرڻ جو فرض جنهن ماڻهوءَ تي عائد ڪيو ويو هو، تنهن کي مشڪلات سان مقابلو ڪرڻو پيو، سو سندس پنهنجي بيان مان ظاهر آهي جو هيٺن آهي:

”انهيءَ کان وڌيڪ خراب پي ڪابہ اهڙي مهم منهنجي خيال ۾ ڪانہ ٿي اچي، جنهن ۾ ايتريءَ تنگ نظريءَ ۽ بيوقوفيءَ کان ڪم ورتو ويو هجي. شڪارپور ۽ ان جي چوگرد ملڪ بدانتظاميءَ جي چوٽ تي وڃي پهتو آهي. هرڪو ماڻهو اسان جي ڪنڌ ڪپڻ لاءِ منتظر ويٺو آهي ۽ اسان کي فقط ٿوري پيادل فوج آهي، جا رَسد جي گدامن ۽ خزاني جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيل آهي. پر ساڳي وقت انهن کان حفاظتي جتي ۽ پڻ فوجي ڪارروائين جاري رکڻ جي اڏن جي سنڀال جو ڪم بہ ورتو وڃي ٿو. سچ پچو تہ انهيءَ معاملي ۾ عقل ۽ فراست جي گهٽتائيءَ تي رئڻ ٿو اچي. خون ۽ ڏاڙن جا واقعا هر روز پيا ٿين. مان پنهنجي جوابداريءَ تي فوجون پرتي ڪري رهيو آهيان، يعني تہ بلوچن جي بي قائدي پلٽڻ. اها انهيءَ لاءِ تہ چور ئي چورن سان وڙهي سگهن ٿا. ڏيهي اختياريءَ وارن کي بہ خبردار ڪيو اٿم تہ ڪوشش وٺن، جنهن تي انهن بہ پنهنجي رولاڪن کي گهرائي ورتو آهي. مون وٽ خزاني ۾ ذري گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا پيا آهن ۽ انهن جي سنڀال کا گهٽ جوابداري ڪانهي. مون وٽ نڪو آهي ڪلارڪ ڪڙو ۽ نہ وري ڪو پيو عملو، جنهن کان ڪم وٺجي. ١٨٣٩ع جي اڳيائيءَ ۾ اتر سنڌ جي اهڙي حالت هئي ۽ انهيءَ سال جي پڇاڙي تائين بہ حالتن ۾ ڪو سڌارو نہ آيو.

اهو صحيح آهي تہ خطن جو هاڻي ٽڪر ٽڪر ٿي اچڻ بند ٿي ويو آهي ۽ سڄا سارا خط منزل مقصود تائين اچي ٿا سگهن. ڀانڊي جهڙيون ايڪڙ - ڀيڪڙ جايون جن کي ريزيڊنسي ڪري سڏيو وڃي ٿو، ظاهر ٿيڻ لڳيون. سکر ۾ فوج جو وڏو تعداد موجود هو ۽ اڻتڪ پارسي (ايراني) بيئرر، سوڊا پاڻيءَ ۽ سوئر جي سڪل گوشت ۽ لوڻ مرچ سان پر گهٽ ٿيا. پر ڪئمپ کان پنجن ميلن جي پنڌ تي ڪوبہ سلامت ڪونہ هو. انهن فسادي قبيلن لاءِ جي درياءَ ۽ لڪن جي وچ ۾ رهندڙ هئا، ڪي اهڙا اپاءَ نہ ورتا ويا، جن موجب يا تہ ڪين راضي رکي سگهجي ها يا موچڙي جي ڊپ ۾ رکجي ها. ان ڪري اهي بلڪل ڇڙواڳ ٿي ويا هئا."

سکر پهچڻ سان پهرئين مهني ۾ مون تي فارسي خطن جي ترجمي ڪرڻ ۽ انهن جي جوابن لکڻ جو ڪم رکيو ويو هو. جيئن تہ فقط آءٌ ئي هڪ اهڙو آفيسر هوس جنهن کي اها ٻولي ايندي هئي، ان ڪري مون لاءِ انهيءَ ڊيوٽيءَ ۾ چڱو موچارو ڪم جو انبار هو. خطن کي ترجمي ڪرڻ سان ۽ پڻ ڏيهي ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڪري، جيڪي اتي وهيو واپريو ٿي تنهن بابت مون چڱي معلومات حاصل ڪري ورتي پر منهنجي بالا عملدار ڪنهن سياسي مضمون تي مون سان ڪا ڳالهہ ڪانہ ڪئي. مون کي اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ منهنجي سنڌ ۾ پهريون دفعو قدم رکڻ جي ڏينهن کان وٺي، ميجر آئوٽرام جي ريزيڊنسيءَ جي چارج وٺڻ تائين، ڪوبہ اهڙو دستاويز منهنجي هٿ چڙهيو ۽ نہ وري ٻيءَ طرح سان ڪا خبر پئي تہ اسان جي حڪومت جي سنڌ بابت ڪهڙي راءِ ۽ خواهش هئي. جدا جدا ڪمن تي، جي اسان جي وسيع سلطنت جي جدا جدا حصن ۾ سياسي آفيسر پڪڙيل هئا، تن جي موڪليل خبرن جو سرڪيولر فقط هڪڙي ماڻهو کان سواءِ نڪو ڪو مون کي ڏيکاريو ويو ۽ نہ وري ڪنهن ٻئي

نائب ڪي- انهيءَ طريقي جو بيڪار ثابت ٿيڻ انهيءَ مان ظاهر آهي جو جيئن تہ اسان کي جدا جدا هنڌن تي هڪبئي کان پري رکيو ويو هو، ان ڪري اسان مان هرڪو پنهنجي خيال موجب آزاد ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو هڪ پئي جي ڪمن جي اڻڄاڻائيءَ سبب اسان کن اهڙين رڌائن کي بلڪل ٽڏي ڇڏيو، جن کي حقيقت ۾ ترقي ڏيارڻ ڪپندي هئي. اسان جي اکين جي اڳيان منصوبا ۽ سازشون ٿينديون رهيون، پر جيئن تہ چريائيءَ سبب انهن جي معلومات اسان کان پوشيده رکي ٿي وئي، ان کي اسان کي ڪابہ خبر ڪانہ پئي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان ۾ ئي ڪيترا سازشي ايجنٽ ۽ قاصد موجود هئا، پر اسين انهن کي سمجهي ۽ سڃاڻي نہ سگهياسين. ڪيترن ئي ماڻهن تي پڪڙ پچاڙ ڪئي ويئي پر اهڙي مردار نموني ۾، جو وٽانئن ڪاغذ جو ٽڪر بہ ڪونہ ملي سگهيو. وري انهن جو اظهار (بيان) بہ اهڙن منشين جي معرفت ورتو ٿي ويو، جي ڪنهن بہ حالت ۾ سچ ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان ڪري جيڪي بہ انڪوائريون ٿيون، سي سڀ بيسود ثابت ٿيون. انهن جاسوسن مان سڀ کان پهريائين جنهن کي اسان جهليو، اهو هڪ ايراني هو، جو شاه جو ويجهو عزيز هو ۽ ميرن ۽ قلات جي خان ڏانهن شاه جو قاصد بڌايو ٿي ويو. اهو هڪ چڱي مهاندي وارو اڌيڙ عمر جو شخص هو، جنهن جي ڪاري ڏاڙهي چيلهہ تائين وڃي ٿي پهتي، پر طبيعت جو ٿڌو ٿي ڏنو. نظربنديءَ جي وقت هو پاڻ کي شربت پيئڻ ۽ پنهنجي نوڪرن کي چهبڪ هڻڻ جي شغل سان وندرائيندو رهيو. هڪڙي ننڍڙي غلام کي تہ خاص ڪري اهڙي مزي سان هن چهبڪ هنيا، جو نيٺ ڪڪ ٿي اسان کي دست اندازي ڪرڻي پيئي ۽ ڪيس جهليو سون تہ جيسين هو اسان جي قيد ۾ آهي، تيسين انهيءَ شغل کان باز رهي.

سپٽمبر جي وچ ڌاري درياءَ لهڻ شروع ڪري ڏنو.

١٤- تاريخ هڪ سهڻي ٻيڙي مهاراجا ڏانهن لاهور تحفي طور موڪلي ويئي. اها اصل ۾ رنجيت سنگهه ڏانهن موڪلڻي هئي، پر جيئن ته هو گذاري ويو هو، ان ڪري اها سندس جانشين ڪڙڪ سنگهه ڏانهن رواني ڪئي ويئي. ليفٽيننٽ سينڪلير جنهن جي چارج ۾ اها ٻيڙي ڏني ويئي هئي، تنهن جو هڪ وڏي جشن سان آدرياءُ ڪيو ويو ۽ انهيءَ جي بدلي ۾ ڪيترين ئي قيمتي سوڪڙيون ڏنيون ويون. انهن سان سرڪار ڪيس هڪ جواهردار خنجر ۽ هڪ سهڻي گهوڙي کي پاڻ وٽ رکڻ جي اجازت ڏني. مون وارو بالا عملدار ان وقت انگريزي فوج جي انهن آفيسرن خلاف بيان قلمبند ڪري رهيو هو، جن سنڌي قيد جي بيعزتي ڪئي هئي ۽ انهن کي گهرن ٿاهڻ لاءِ ڀاهي ميدان ڪيو هو. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته انهن مرهيات بزرگن، بنان ڪنهن سوچ ويچار جي پنهنجي پورجڻ لاءِ اهي سهڻا هنڌ ڳولي هٿ ڪيا هئا. پر جيڪڏهن هرڪنهن مڙدي کي اهڙيءَ طرح مانَ ۽ شان سان پورجي ها ته پوءِ جيئرن لاءِ، ڪڏن، ڪندن ۽ پڻ بيماريءَ سان پريل ڏڻن ۽ بيدولي ٿڪرين جي چوڻين کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين بچي سگهي ها. چيو وڃي ٿو ته انهيءَ ڪم ڏيهي ماڻهن جي دلين کي رنجايو آهي، چاڪاڻ ته قبن کي برباد ڪرڻ وقت ننولي ۽ ڏڪار آميز ٿرڙائيءَ کان ڪم ورتو ويو هو. جنهن وقت اسان جا ماڻهو لاش کي کوڻي ڪفن سوڌو ٻاهر ڪڍي پاڻيءَ ۾ اڇلائي رهيا هئا، ان وقت هيءَ ٿوڪ سندن وات تي هئي: ”اوهان سنڌين جو وڏو! هاڻي وڃيو ٿو ٽڪي!“ ممڪن آهي ته ڪنهن کي انهيءَ جو ايڏو خيال نه ٿئي ها، پر جيئن ته اسان جي سياسي ۽ اعليٰ فوجي آفيسرن ۾ اڻبڻت هئي، ان ڪري انهيءَ ڳالهه کي اهميت ملي ويئي. اسان جا فوجي آفيسر جيئن ته جدا جدا علائقن جا رهاڪو هئا، ان ڪري سندن اهو ڪارنامو باهه تي تيل وجهڻ مثل ثابت ٿيو. بنگالين ۽ بمبئيءَ وارن جو

مثال وٺو. ٻنهي قومن ۾ ايڏو تہ حسد هو جو جڏهن ٻنهي ڌرين جا گارڊ سپاهي اچي هڪٻئي کي ڊيوٽيءَ کان آجو ڪندا هئا، تڏهن ذري گهٽ وڃي ٽونشن تائين پهچندا هئا، جيڪڏهن آفت جيڏي ڪُوئي (هي انگلو انڊين بنگالي)، ڏڪار ۽ ڪاوڙ وچان ميزن، ڪرسين ۽ ٻئي سامان کي، جي گارڊ روم ۾ پيل هئا، گٽڻ کان انڪار ٿي ڪيو تہ سندس جاءِ تي ايندڙ، ساڙ سان ڀريل بمبئيءَ جي بدڪ (١) انهيءَ بيعزتي تي ٻاڻ کي ڦوڪي ڦوڪي دهل بنائي ٿي ڇڏيو. پر حسد کي سدائين بيجا قرار نٿو ڏيئي سگهجي. جيستائين جدا جدا علائقن جون فوجون آسان وٽ موجود آهن، تيسين اها حسد جي باهہ گهٽ نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ حسد جي آڙ ۾ ڪونہ ڪو مطلب ضرور هوندو آهي.

٢٦- سيپٽمبر ١٨٣٩ع تي قلات جي مير شاهنواز خان کان هڪ خط آيو، جنهن ۾ هن برطانيا سرڪار کان پنهنجي بچاءَ ۽ ٻين فائدن جي گهڙ ڪئي ـ جي هرويرو گڏيي ڇڏبا آهن. جنهن وقت آءٌ ايجنٽ جو جواب ڏيئي رهيو هوس، ان وقت اسان کي شاهہ شجاع اچي ياد پيو. جيئن تہ اهو جواب فائديمند هو، ان ڪري خان اسان جي ڪئمپ ۾ لنگهي آيو. ساڻس گڏ سندس ڀاءُ فتح خان بہ هو. اهي ٻيئي ڏسڻ ۾ ڪوجها ٻئي لڳا پر منجهن سچائي ۽ صافدلي گهڻي ٻئي ڏٺي. سندن ٻيءُ سهراب خان هٿان مارجي ويو هو. سندس حفاظت ڪرڻ جي خيال کان قرآن (شريف) موڪليو ويو، پر هُن سُنهن ڪٽڻ جي بدران انهيءَ جو بدلو خون ۾ ڏنو. مون کي حڪم ٿيو تہ آءٌ خانيءَ بابت انهن ڇوڪرن جي حقن ۽ ٻڻ جدا جدا

---

(١) انگريزن جي فوج ۾ ڀرتي ٿيل بنگالي سپاهين کي مصنف "ڪُوئي" سان ۽ بمبئي جي سپاهين کي "بدڪ" سڏيو آهي. اها چٽر شايد سندن بدني بناوت جي خيال کان مٿن ڪئي ويئي آهي ـ مترجم.

قبيلن جي بيهڪ ۾ طاقت جو جائزو وٺي هڪ رپورٽ ناهيان. شاهنواز، انهيءَ ڪم ۾ مون کي مدد ڪرڻ لاءِ فارسي ڪاغذن جو هڪ وڏو بنڊل آڻي ڏنو. انهيءَ ۾ ايترا تہ ڪاغذ هئا جو سڄو هفتو مون کي روزانو ڇهہ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پيو. جڏهن رپورٽ ٺهي تيار ٿي تڏهن مون واري صاحب انهيءَ کي قلم جي هڪڙي ئي نوڪ سان پنهنجو پورهيو پنائي ڇڏيو ۽ وڏيءَ دل سان رپورٽ جي چڱاين ۽ اوڻاين کي پنهنجي ذمي ڪنيو. انهيءَ وچ ۾ مير عليمراد جو ايجنٽ (عام مختيار) بہ اچي پهتو ۽ درباهہ جي آپرندي ڪپ تي ڪن ضلعن جي دعويٰ ڪيائين، جي سندس پائيٽي مير نصير خان جي هٿ ۾ هئا. ايجنٽ کي مون ڏانهن موڪليو ويو تہ جيئن سندس بيان ورتو وڃي. مون کي اهو ٻڌي اچرج ٿيو تہ حسن علي (يعي ايجنٽ) دهليءَ جو رهاڪو هو ۽ اسان جي هيڊ منشيءَ جو ڳوٺائي ۽ دوست هو. انهيءَ مطابقت جي ڪري مير کي مڙيئي فائدو پيو. وري عجب جي ڳالهہ هي بہ آهي تہ هي بہ انهيءَ وقت اچي ڏيجيءَ ۾ ظاهر ٿيو، جڏهن دهليءَ جي ريزيڊنٽ کي آتر سنڌ ۾ مڪيہ سياسي عملدار کي مقرر ڪيو ويو هو. مون ڏٺو تہ حسن علي تمام سٺين عادتن، فهميدي ڳالهائڻ ۽ دل وٺندڙ دانائيءَ جو صاحب هو.

١٢- آڪٽوبر تي، گهوڙيسوارن جي هڪ جماعت، جنهن کي "بوچي جٽو" ڪري سڏيو ٿي ويو، پنهنجي مهندار ليفٽيننٽ عاميل سان اچي پهتي. ٺهي نہ ٺهي وٽ رينگٽ کي، جي اصول تي انهن ماڻهن کي بلوچ جٽو ڪري سڏيو ٿي ويو پر انهيءَ ۾ هئا رڳي افغان، پٺاڻ ۽ ڪاهير؛ بلوچ منجهن هڪڙو ئي ڪونہ هو. انهن مان ڪي چڱيءَ شڪل جا ٿي ڏٺا، پر برن حالن ۾ ڪچي ٽٽڻ تي سوار هئا. اهو بہ ظاهر ٿي ٿيو تہ چڻ سڄو سال واري ڪائڻ تي گذران ڪيو اٿن. سندن پگهار اڻ پورو هوا انهيءَ جوءِ ۾ جتي هي مقرر ٿيل هئا، برپٽ

هئڻ ڪري گاهه پٽو به گهٽ ۽ مهانگو هو، پر ان هوندي به ڪين جبلي ڏاڙيلن پٽيان گهوڙا ڊوڙائڻا پوندا هئا (مطلب اهو آهي ته اهي ڏاڙيل جيڪي پنهنجي گهوڙن جي تيزيءَ تي فخر ڪندا هئا). انهن گهوڙيسوارن ۾، ليفٽيننٽ عاميل جو اردلي، ننڍيءَ عمر جو هڪ افغان ڇوڪرو هو، جنهن جو نالو غلامحسين هو. اهڙو سهڻو مهاندو مون پنهنجيءَ عمر ۾ ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. سندس اکيون هرڻيءَ جهڙيون هيون ۽ وارن جون ڊگهيون چڳيون اهڙيون ته ڪاريون هيون جهڙي رات! سندس گلابي گلن ـ جن ۾ لالاڻ مليل هئي ـ سچ پچ مون کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو ۽ آءٌ سوچڻ لڳس ته "ائين ته ڪونهي ته اهو سهڻو ڇوڪرو مرداني ويس ۾ ڪا عورت آهي!"

اها سيني کي خبر آهي ته هي نوجوان ڇوڪرو بهادر آهي، جو ميدان توڙي جبلن ۾، جهنگلي سوئرن جي پويان پيو هو، ۽ پنهنجي بهادر مالڪ سان اهڙن هنڌن تي ويو هو، جتي ڪيترن ئي دلير سوارن وڃڻ کان انڪار ڪيو هو. مون کي انهي افغان ڇوڪري جي سونهن بابت جيڪي شڪ شبها هئا، اهي سڀ ستت ئي دور ٿي ويا، ۽ خاطري ٿي، ته هو جيئن پنهنجي پوشاڪ ۽ هٿيارن مان ٿي لڳو، تيئن سچ پچ هڪ سهڻو گيرو هو، ۽ منهنجو مٿس عورت هجڻ جو شڪ اجايو هو. بعد ۾، جڏهن مون سندس پيءُ الف خان ترين ـ جيڪو اتر سنڌ ۾ هڪ بهادر ۽ جانٿو تلوار باز هو ـ ڏٺو، تڏهن مون کي انهيءَ ڇوڪري جي سونهن تي ڪوبه عجب نه لڳو. جهڙو هو پٽ ننڍيءَ عمر ۾، اهڙوئي هو سندس پيءُ وڏيءَ عمر ۾! الفخان ترين قد ۾ اٽڪل ڇهه فوٽ ڊگهو هو ۽ سندس بدن جي بيهڪ ناهوڪي هئي، سندس ڪارن وارن جون گهاٽيون چڳون ڪلهن تي پئي پيون. سندس اکيون وڏيون ۽ ڪاريون ۽ چمڪندڙ هيون ۽ سندس نڪ هوبهو يوناني نڪ جهڙو هو؛ سندس ڏند وري موتين جهڙا اڇا هئا، مطلب ته قدرت سندس بدن جو

هرهڪ عضوو سنگمرمر جي سهڻي بت وانگر عمديءَ ڪاريگريءَ سان گهڙي بنايو هو.

الف خان انهن زميندارن مان هو، جي سڀ کان پهريائين پنهنجي مرضيءَ سان اچي اسان سان شامل ٿيا هئا. هن پنهنجا ٻه پٽ بلوچ جٽي ۾ گهوڙيسوار ڪري ڏنا هئا. اسان جي استور ۽ اٽن تي قبضي ڪرڻ لاءِ جيڪي حملا ٿيندا هئا: تن ۾ انهن پنهي نوجوان چوڪرن اسان جي دشمنن خلاف پاڻ چڱو موڪيو.

باب پنجون

جهنگلي سوئرن جو درياهه آڪرڻ - پوليٽيڪل ايجنٽ جو سڪرچڏڻ -

آٽ سوار - ايجنسي جي چارج وٺڻ تي هدايتون - حريف سيد -

بهاولپور جو وڪيل - فرسٽ گرينڊيئر جي ڪن سپاهين

خلاف دانهن تہ هنن ڪيس ڦريو آهي - انهن جو

باوو - ڏيهي آفيسرن جو اثر - پئنچات -

هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون .

١٠- آڪٽوبر : اج صبح جو درياهه تي غيرمعمولي هنگامو ٿي ڏٺو ۽ ٻيڙيون تڪڙيون تڪڙيون هڪڙي طرف وڌي رهيون هيون . هرهر بندوق جا ٽڪاءَ پئي ٿيا، جن مان ائين سمجهو پئي ويو تہ ويجهڙائيءَ ۾ ڪا وڏي جنگ ٿيڻ واري هئي . اڃا پڇا پئي ڪيم تہ ڏٺم تہ ڇهہ سوئر پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا هئا، ٽن کي درياهه جي وچ ۾ بندوق هڻي ڪيرايو ويو، پر باقي ٽي بهاديءَ سان ترڻ وڃي پار پهتا . پاڻيءَ جو وهڪرو ڏاڍو تکو هو ۽ ٻيو تہ درياهه جي ويڪر بہ گهڻي هئي، ان هوندي بہ هو پاڻيءَ مان نڪري ٻيءَ پر جهنگ ۾ غائب ٿي ويا . واگهڻ لاءِ بہ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي تہ اهي بہ اهڙيءَ ريت ترڻ وڃن . اهي دهشتناڪ درندا، هاڻي سنڌ ۾ البت گهٽ آهن، پر ائين بہ ڪونہ آهي تہ اهي آهن ئي ڪونہ . انهن مان هڪڙو سڪر ۾ ۽ ٻيو لال شهباز جي مزار تي سيوهڻ ۾ آهي چيو وڃي ٿو تہ اهي ٻيئي ننڍيءَ عمر ۾ ميرمبارڪ هٿ ڪيا هئا . هتي ڪيترن هنڌن تي، خاص ڪري بڙديڪا ۽ امير جي

شڪارگاهن ۾ جهنگ بہ گهاٽو آهي ۽ سندن شڪار جهڙوڪ هرڻ جهنگلي سوئر ۽ پڻ چوپايو مال بہ جام آهي. پر پوءِ بہ خبر نہ آهي تہ اهي هتي ڇو گهٽ آهن؟

٢٠- آڪٽوبر: اڄ پوليٽيڪل ايجنٽ سکر ڇڏيو ۽ ڪچي جي انسپيڪشن لاءِ دؤري تي هليو ويو. ساڳئي ڏينهن آئن آٽ سوارن يا فارسي چوٽيءَ موجب شتر سوارن جو دستو اچي پهتو. هرهڪ آٽ بہ ماڻهو ڪٽندو آهي، جن مان هڪ چڱيءَ طرح هٿيارن سان ڊڪيل هوندو آهي، ۽ ٻيو البت گهٽ، ڇاڪاڻ تہ اهو اونٽءَ جو ڪم ڏيندو آهي. آٽ گهٽو ڪري هاڪڙي نسل جا آهن، جي ڏينهن ۾ تيزيءَ سان پنجاهہ کان سؤ ميلن تائين پنڌ ڪيو وڃن. ظاهري ڏسڻ سان معلوم ٿيندو تہ اهڙا جتا سنڌ ۾ ٽپال ڪڍڻ لاءِ، يا ڏاڙيان جي پٺيان پوڻ لاءِ، جيڪر ڏاڍا ڪارائتا ثابت ٿين، پر ائين ڪونہ آهي. ڪالرا جي بيماريءَ ماڻهن کي آگهي ورتو ۽ آٽ بہ بنان سنڀال ۽ پڻ ناروا هات سبب مري ويا. انهن سپني سوارن سنڌو درياهہ کي آڪرڻ کان نابري واري، ان ڪري مون کي گڇ پنڌ تائين ساٿن گڏ وڃڻو پيو ۽ آخر دڙڪن ۽ دلاسن سان انهن کي آڪاري پار ڪيم. منهنجي بالا عملدار، هدايتن ڏيڻ لاءِ مون کي پاڻ وٽ گهرايو، ڇاڪاڻ تہ سندس غير حاضريءَ ۾ مون کي ئي سکر جو انچارج ٿي رهڻو هو. مون دل ۾ سمجهيو تہ مون کي تمام سهڻي صلاح ملندي ۽ پڻ ڪجهہ رٿون منهنجي آڏو ايندينون. پر منهنجي نا اميديءَ ۽ حيرت جي حد ئي نہ رهي، جڏهن هن مون کي چيو تہ "مون توکي انهيءَ لاءِ گهرايو آهي تہ توکي چٽيءَ طرح سمجهايان تہ جيڪا ٽپال اونٽ کڻي اچن اها، سنڀالي رکجانءِ، ۽ باغ جي پيدائش جو خاص خيال ڪجانءِ. هيءَ گالهہ ڏيان سان پڌ: مون کي باغ جي پيدائش، خاص ڪري، ساوا متر، روزانو موڪليندو ڪر."

انهيءَ گهري اظهار کان پوءِ خزاني جون گوڙيون منهنجي اکيان گڏيون ويون ۽ ٿوري وقت لاءِ مون کي انهن جاين جو مالڪ بنايو ويو جي نہ فقط هڪپئي کان پري نهيل هيون، پر صفائيءَ جي لحاظ کان بہ اٿوٽندڙ هيون. نہ فقط ايترو پر مون کي انهن گاڏڙ منشين ۽ چونڊيل ڏوهارين جي جماعت جو بہ رکوالو بنايو ويو، جي باغ جي ڪم ۾ لڳل هئا ۽ سنهنجي حڪم تي ڪهڙو بہ ڪم ڪري سگهيا ٿي. ايجنسي جي سنڀال هيٺ بہ سيد هئا، جن مان هڪ کي برف جهڙي اڇي سونهاري هئي، پر ان هوندي بہ اک ڪڙي هئس ۽ اڃا جاننو پئي ڏنو. ستر سال جي ڄمار آڪري چڪو هو. سندس نالو هو عبدالرحمان "يعني رجم واري جو پٽ(١)" ۽ هو انهيءَ زمين جو مالڪ هو جنهن تي ايجنسي نهيل هئي. ٻيو وري اڌ وهيءَ ۾ هو ۽ ڏاڙهيءَ کي خوب رنگ ڪيو هئائين. سندن بدني بناوت مان ظاهر ٿي ٿيو تہ مڙس مڙيئي وهيو گهڻو آهي. سندس نالو عباس علي هو ۽ هُن پنهنجو شجرو مير معصوم بکريءَ جهڙي ماڻهوءَ سان ٿي ملايو، جو اڪبر جي دربار جو هڪ نالي وارو امير هو.

پنهي سيدن جي وچ ۾ ڪا وڏي عداوت هئي، ڇاڪاڻ تہ ڇڏهن پنهي مان ڪو مون سان ملڻ ايندو هو تڏهن ٻئي جا عيب بيان ڪري ويهي جانا ڀريندو هو. هڪ ڏينهن وڏيءَ عمر وارو سيد، (يعني عبدالرحمان) عباس عليءَ جي عيب جوئي ڪندي، مون کي يقين ڏياري رهيو هو تہ عباس علي اصل ۾ هڪ غلام جو پٽ هو ۽ سيد ڪو نہ هو. ايتري ۾ ڳالهيون

---

(١) رحمان: هي الله پاڪ جي نوانوي صفات مان هڪ صفت آهي. مصنف کي عربي جي گهٽ ڄاڻ آهي. ان ڪري هن عبدالرحمان جو غلط ترجمو ڪيو آهي. صحيح معني آهي (الله) رحمان جو ٻانهو.

ڪندي عباس علي جنهن سڄي واردات تنبوءَ جي در تي بيٺي ٻڌي، سو اندر گهڙي آيو. ان وقت مون خيال ڪيو ته مون وارو پوڙهو دوست پنهنجي چيل گفتن تي پشيمان ٿي شرم ۾ پڙي ويندو. پر ڏٺم ته مٿس ڪو به اثر نه ٿيو، ۽ پاڻ بردبار ٿي، سانتيڪي نموني ۾، هن آيل سيد جو آدرپاءُ ڪيائين ۽ چيائينس ته تنهنجي اچڻ کان ٿورو اڳ ”مان صاحب وٽ تنهنجي ساراهه ڪري رهيو هوس.“ گالهه کي ڦيري ڏيڻ يا بدلائڻ ۾ ايراني پنهنجو مٽ پاڻ آهن، ڇاڪاڻ ته سندس جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها ته مشڪل سان جند ڇڏائي سگهي ها. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بهاولپور جو هڪ وڪيل مون سان ملڻ آيو. هو هڪ ايماندار ۽ لائق شخص هو، جنهن سان ويجهڙائيءَ ۾ اسان جي سپاهين ناروا سلوڪ اختيار ڪيو هو. ڏاڍو گنڀير معاملو هو. پائنجي ٿو ته فرسٽ گرينيڊيئر جي ڪن سپاهين، جي خانگي ڊريس ۾ هئا، ڪيس ڇانوٽي جي ٻاهران روڪي، قر ڪئي هئي. هن پنهنجو فرياد وڃي شڪارپور جي ڪمانڊنگ آفيسر وٽ داخل ڪيو، جنهن حڪم ڪيو ته سڄي ريجمينٽ کي پريڊ ڪرائي وڃي ته جيئن وڪيل ڏوهارين کي سڃاڻي سگهي. ظاهر آهي ته انهيءَ مان عام ناراضگيءَ جو اندیشو هو. جڏهن وڪيل لائيٽ ڪمپنيءَ جي ويجهو آيو، تڏهن انهيءَ آفيسر حڪم ڏنو ته سامهون مارچ ڪندي منهن ساڄي طرف ڪريو ۽ وڪيل کي چيائين ته هاڻي ڏسي سڃاڻ. سڄاڻل شخص هڪ صوبيدار هو، جنهن کي نه فقط بهادر جو لقب ڏنل هو پر ساڳئي وقت آرڊر آف ميرٽ به ملڻ هو. ڪيس گرفتار ڪري ڪوارٽر گارڊ ۾ ڪڻي بند ڪيائون ۽ پڻ انهن سپاهين کي به ڀڙائون، جن پريڊ جي ميدان ۾ گڙبڙ ڪئي هئي. ريجمينٽ جي ڳچ حصي احتجاج طور قيدين جي چوگرد جمع ٿي، اعلان ڪيوته جيسين انهن کي آزاد نه ڪيو ويندو، تيسين اسين ڊيوٽيءَ تي نه چڙهنداسون. جيڪي به يورپي آفيسر ڪين سمجهائڻ ويا تن

کي مار ڏيئي بيعزتو ڪيائون. حالتون ڏاڍيون نازڪ ڏسڻ ۾ پئي آيون، چاڪاڻ تہ اها هڪڙي ئي ريجمينٽ هئي، جا اسٽيشن تي موجود هئي. ساڳئي وقت ملڪ جون حالتون بہ ان وقت ناسازگار هيون ۽ چوڌاري دشمن بہ هئا، ان ڪري ٿي سگهيو ٿي تہ گنهير نتيجا نڪرن، پر ڪمانڊنگ آفيسر جي قوت ارادي وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو. آخر انهن ماڻهن آڻ مڃي ۽ وڃي ڊيوٽيءَ تي چڙهيا. ذڪر ڪيل صوبيدار کي سڪر بدلي ڪيو ويو، جتي ڪيس ڪورٽ مارشل ڪري، نوڪريءَ مان ڊسمس ڪيو ويو. ڏيهي آفيسرن جو سپاهين تي اثر ثابت ڪرڻ لاءِ انهيءَ بلوي جو مثال ڏيڻ ڪافي هو ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ جيڪو جوش سپاهين پنهنجي صوبيدار ميجر جي گرفتاريءَ جي موقعي تي ڏيکاريو هو، سو يورپي آفيسر جي بيعزت ٿيڻ تي شايد ڪو نہ ڏيکارين ها. ڏيهي آفيسرن جو سپاهين تي اثر هئڻ اسان لاءِ خوشقسمتيءَ جو باعث آهي، چاڪاڻ تہ انتظام کي برقرار رکڻ لاءِ ۽ اسان جي حڪومت جي فائدي ۾ پڻ انهيءَ اثر کي بي دريغ استعمال ڪيو ويندو هو. اسان جي ڪنهن بيجا قدم ڪڻڻ جي ڪري جيڪڏهن ڏيهي آفيسرن ۾ ناراضگي ٿي پوي ۽ اها ناراضگي انهن کي اسان جي خلاف گڏجي محاذ قائم ڪرڻ تي مجبور ڪري وڃي تہ پوءِ نتيجن کي چتيءَ ظاهر ڪرڻ بيڪار ثابت ٿيندو. پر فرض ڪريو تہ جيڪڏهن اسين سندن دل رنجائي بہ ٿا وڃون، تڏهن بہ هو اميد آهي تہ اسان کي چڏي ٻين جو پاسو ڪو نہ وڃي وٺندا. انهيءَ جو سبب هي آهي جو انهن مان ڪيترا اسان جي نوڪري ڪري اچي پوڙها ٿيا آهن ۽ ڪيترائي پنهنجي پڙن جي عهدن تي آهن. سندن گهرجن جي پيٽ ۾ سندن پگهار بہ تمام سٺا آهن ۽ هندستان جي هزارها ڪئمپن ۾ جتي ڪئين ڪمي، ڪاسبي ۽ انهن کان علاوه ڪئمپ جي پڻيان هلندڙ ماڻهو آهن، اهي سڀ

ڇڻ تہ هڪ جدا فرقو ناهيو بيٺا آهن ـ اتي بہ هنن کي طاقتور تصور ڪندي، عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ راڻيءَ جي ڪنهن آفيسر کي اگر هندستان جو ڪمانڊر ان چيف بنايو وڃي، تہ پوءِ ڪهڙي حالت ٿيندي، چاڪاڻ تہ اهي گهڻو ڪرڻي انتظام جا ماهر ۽ قوت ارادي ۾ ڏاڍا هوندا آهن. ساڳئي وقت ڪين ڏيهي ماڻهن لاءِ دل ۾ ڪو ڊپ جو احساس بہ نہ هوندو آهي ۽ باوجود ان جي جو هو انگريز سپاهين جي هڪدم ۽ بيڌڙڪ، حڪم جي تعميل تي هريل بہ هوندا آهن. فرض ڪريو تہ اهڙو ماڻهو اچي ٿو ڪي سڌارا ڪري ۽ سچ پچو تہ سڌارن جي آهي بہ ڏاڍي ضرورت، (خاص ڪري بنگالي فوج ۾ سپاهين جي سامان ۾ گهٽتائي ڪرڻ) ساڳيءَ ريت جن ڪمن ڪرڻ جي ڪري اوچ ذات وارن بنگالين کي اعتراض آهي، انهيءَ کان پڻ فوج جي سپاهين کي باز رکڻ جي سڌارن جي بہ ضرورت آهي. منهنجو انهيءَ ڪري چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اسين مٿين ڳالهين تي زور رکنداسين، تہ پوءِ انهيءَ حالت ۾ اسان جي ڏيهي فوجن جي وفاداريءَ ۾ ڪجهہ گهٽتائي اچڻ جو اندیشو بہ آهي ۽ اهو مٿين ڏنل مثال مان ثابت ٿي چڪو آهي. چاڪاڻ تہ پوءِ ريجمينٽ جي عزت جو سوال پيدا ٿيو وڃي، ان ڪري سڀ سپاهي هڪ ٿيو وڃن. فوجي انتظام ۾ ڦيرگهير آڻڻ وقت ڏاڍيءَ خبرداريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي، انهيءَ هوشياريءَ سان، جنهن جي وسيلي اسان اوپر جي ملڪن تي حڪومت ڪئي آهي، ڦيرگهير آڻڻ وقت هڪ برجستي ۽ قابل صوبيدار کان بہ صلاح وٺڻ ضروري آهي ۽ انهيءَ چوڻ موجب، آءٌ پانيان ٿو تہ مان صحيح قدم ڪڻي، پنهنجي سر انهيءَ رٽ تي چڱي صلاح ڏيئي چڪو آهيان. اسان جي انهيءَ فوجي رڳڙي کان ٿورو پوءِ وري خانگي ماڻهن جو

هڪ چڱو خاصو گوڙ ٿي پيو، جنهن کي انهيءَ افسوسناڪ حادثي جي پويان هڪ رونشو ڪٽي سڏجي.

هڪ صبح جو جهڳڙالو ماڻهن جو هڪ ٻيڙ جنهن ۾ عورتون ۽ مرد هئا، هڪبئي سان وڙهندا، وڏا واڪا ڪندا، ايجنسيءَ جي باغ ۾ گهڙي آيا. انهيءَ گوڙ ۾ ڪئين ماڻهو هئا ۽ ظاهر آهي تہ سڀئي اوچ ذات جا ڪونہ هئا. سندن جوش ۽ خروش مان ائين ٿي ڏنوتہ چڻڪ اڃ ڀرن خون ضرور ٿيا هوندا. مون پنهنجي منشيءَ کي موڪليو تہ وڃي خبر وٺي اچ تہ گوڙ ڇا جو آهي؟ پوڙهو لڏندو لمندو ۽ نيرڙ تان پڳهر اگهندو اچي وارد ٿيو ۽ چيائين تہ صاحب تنهنجو ڏوبي (جيڪو هڪ نيچ عورت جو پٽ آهي) هڪ ٻئي ڏوبيءَ جي زال ڪٽي ويو آهي. معاملو انهيءَ ريت هو. مون وارو ڏوبي هڪ قداور ۽ سهڻو جوان هو ۽ انهيءَ ڏوبڻ سان عشق ڪندو هو. ڏوبڻ جيتوڻيڪ شادي شده هئي، پر مڙس ويو هوس ڏيساور، ان ڪري رهندي هئي سهري سان. مون واريءَ گجيءَ ۾ گٽل (ڏوبي) جو نالو هو 'بڏو'، تنهن ڇا ڪيو جو انهيءَ ڏوبڻ کي ڏتاري ڏتاري سندس مڙس جي يادگيري هُن جي دل تان ميساري ڇڏ ياڻين ۽ ڪيس پڇائي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڏوبڻ جو سهرو جڏهن ان کي وٺڻ ويو، تڏهن انهيءَ سهڻيءَ وڻيءَ پاڻ مٿس بهتان رکيو تہ هو مٿس ٻُري نظر رکي ٿو. نتيجو اهو نڪتو جو بنهي ڌرين جا ماڻهو ۽ پڻ ٻيا ڏوبي، جي آتي اچي گڏ ٿيا هئا، سي پاڻ ۾ هٿين پئجي ويا ۽ هڪبئي کي ڏڪ هڻڻ لڳا. مون وارو منشي جيسين ڪ وچ ۾ پئي جهيڙو ٿاري، تيسين ٻئي ڌريون هڪبئي کي ڏيئي وٺي بيٺيون هيون. انهيءَ منجهيل معاملي کي سُلجهائڻ لاءِ مون اتي حاضر ڏوبين جي امينن جي جماعت مقرر ڪئي. انهن فيصلو ڏنو، (جو اهڙين حالتن ۾ بنان اپيل

جي هوندو آهي) تہ ’بڌو‘ پلي انهيءَ ونيءَ کي پاڻ وٽ رکي. ٻي ڏر ٻہ سؤ رپيا ڏنڊ ڀري ڏئي، ۽ انهن ٻن سَون زپين مان سڄيءَ جاتيءَ کي رات جي ماني کارائي وڃي ۽ جيڪي بچي سو انهيءَ عورت کي ڏنو وڃي.

مون هڪڙي پوڙهي سيد عبدالرحمان کان سنڌي سکڻ شروع ڪئي، جو مون کي انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيون بيان ڪري ٻڌائيندو هو. اهي آکاڻيون هونئن آءٌ فارسي ٻوليءَ ۾ سمجهي نہ سگهندو هوس. سندس چوڻ هو تہ سندس سانڀر ۾ سکر هڪ ڳٽيل شهر هو ۽ افغانن جي هٿ ۾ هو، جتان هو درياهہ جي ٻيءَ پر، ڦرلٽ ڪندا هئا. انهيءَ شهر کي هاڻي خيرپور جي ٽالپر ميرن ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجي هٿ هيٺ آندو آهي. هن شهر کي مير رستم خان فتح ڪيو هو، جو ان وقت ويهن سالن جو جوشيلو ۽ بهادر جوان هو. هُن سکر کي فتح ڪرڻ جي اجازت پنهنجي پيءُ مير سهراب خان کان ورتي هئي ۽ ان مهم کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو هئائين. سوڀ نصيب ٿيڻ کان پوءِ هُن ٽن ڏينهن لاءِ شهر کي لُٽڻ جو حڪم ڏنو. ڦرلٽ جي ڪري انهيءَ شهر کي اهڙو تہ ڪاپاري ڏڪ لڳو، جو اڄ تائين وري نہ سڌريو آهي. پر افسوس! انهيءَ سيد هڪ ٿڌو ساهہ ڀري چيو تہ ’مير، هاڻي آهو مير نہ رهيو آهي، چاڪاڻ تہ هاڻي پنگ جي شوق ۽ پڻ پوڙهيءَ عمر، ڪيس آلسي ڪري وڌو آهي.‘ پنگ، جنگ ۽ رنگ جو هاڻي خيرپور جي دربار ۾ زور آهي. پر سندس پيءُ سهراب خان انهيءَ خاندان جو نامور فرد هو. پُٽن مان ڪو بہ سندس جهڙو نہ ٿيو. صاحب! آءٌ اُتي حاضر هوس وري جڏهن حيدرآباد جي ميرن جي ٻيءَ پيڙهيءَ ڪيس جنگ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏياري مُڪي هئي. سهراب خان حيدرآباد جي ميرن جي ماڻهوءَ کي پنهنجو مٿو اگهاڙو

ڪري ڏيکاريو ۽ چيائينس تہ وڃي ٻڌاءِ پنهنجي مالڪن کي تہ ”جيڪڏهن اهي توکي هن جهڙو نشان ڏيکارين تہ پوءِ ڪين جنگ ڪرڻ جي ڌمڪي سونهي ٿي. مون هي ملڪ پنهنجي مڙسيءَ ۽ تلوار جي زور تي هٿ ڪيو آهي ۽ نہ انهن وانگر، جن ڪانئرن جيان پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ ملڪ هٿ ڪيو آهي!“

باب چهون

ڏياري - شڪارپور - جئت سنگهه هندو صراف - محمد حسين داروغو -

عظيم خان بارڪزئي - ابراهيم شاهه - جگن ۽ جانيديرو - عاميل جي

شڪست - ليفٽيننٽ والپول ڪلارڪ - بگٽي قيدي - يارو خان

ڪوسو - سانولو بڙدي - قلات جو دشمن جي هٿ چڙهڻ -

اسان جي فوجي جٿن جي واپسي - خطرناڪ بيماري -

باز جي شڪار جون پارٽيون - آرٿر ڪونولي -

سيد زين العابدين - ڪمال خان ڪهيري - بجر خان

سندس مشهور گهوڙيءَ جو وڪرو

ڏ- نومبر، جيئن ته انهيءَ ڏينهن تي ڏياري هئي، ان ڪري سڄو درياهه ڏِيَن سان پئي جهرڪيو. اهو نظارو اهڙو ته دلفريب هو جو مان ڳچ تائين پنهنجيءَ ٻيڙيءَ ۾ ويهي ان کي ڏسندو رهيس، مسجدون ۽ ڊنل قبا، سندن پر ۾ درياهه جو ويڪرو وهڪرو، جو پنهنجي شان شوڪت سان وهي رهيو هو، ۽ ناريل جي وڻن جا جهڳٽا، ۽ پڻ درياهه جي وچ ۾ هڪ ننڍي ٻيٽ تي بکر جو قلعو - اهي سڀ گڏجي هڪ تمام سهڻو نظارو ٺاهي بيٺا هئا. ٿوريءَ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪو نه ڪو پوڄاري، لڪشمي ديويءَ جي پوڄا ڪري رهيو هو ۽ ڪي وري رونشي خاطر هندو سوڻ موجب پاڻيءَ ۾ ٻيڙيون هلائي قسمت آزمائي ڪري رهيا هئا. اهو هن ريت جو ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون ٺاهي انهن ڪي بتين سان سجائي، پاڻيءَ ۾ ڏڪي ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪا ٻيڙي ترندي ترندي پري تائين

نڪري ويندي هئي تہ سمجهبو هو تہ جنهن انهيءَ کي ڏکيو هو، اهو خوش نصيب آهي ۽ سندس مستقبل روشن رهندو. پر جي ڪا ٻيڙي وهڪري جي ڪنهن ڪُن ۾ ٻڌي ويئي تہ پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ جي قسمت بہ لهرن ۽ لوڏن ۾ پائنبي. گرمي گهٽجي ويئي هئي ۽ آءٌ بہ هاڻي سکر جي موسم تي هري ويو هوس.

'منهنجو مزاج انهن جي مزاج ۾ بدلجي ويو هو. جنهن ۾ اها خوبي هئي تہ ڏک ۽ تڪليف جو احساس ئي نٿو ٿئي.'

هتي مون کي حڪم مليو تہ آءٌ شڪارپور وڃي بمبئي وارن فوجي دستن سان ملان. مون پاڻ سان رستي ڏيکارڻ ڪاڻ هڪ ڪوسو سوار گڏ ڪنيو ۽ ١١- تاريخ صبح جو روانو ٿيس. رستو ڪيترن ئي ڳوٺن جهڙوڪ نظيرآباد، جعفرآباد، سهرا مان ٿي لنگهيو جتي ڪپتن هنڌن تي مون کي تمام گهڻي پوک ڏسڻ ۾ آئي، جڏهن ڪوسن جي ڳوٺ جي پر ۾ پهتاسين تڏهن مون کي لاچار انهن جي وڏيري رحيم خان ۽ ان جي پٽ قادر بخش سان ملڻو پيو. هن مون کي پنهنجي هڪ مائٽ سان ملايو جنهن جو نالو جمال خان هو، ۽ ڏاڍو ڦڙت ۽ بهادر تلوار باز هو. هڪ دفعي جڏهن اسان جي پوليٽيڪل آفيسر کانئس دير سان اچڻ بابت سبب پڇيو تڏهن هن يڪدم جواب ڏنو تہ "اجهو هي سبب آهي دير سان اچڻ جو!" ائين ڪندي هن هڪ هڙ جا سندس هٿن ۾ هئي کڻي کولي. جان ڏسون تہ انهيءَ ۾ رت ڀريل هڪ ڀروچ ڏاڙيل جي منڊي هئي، جا هو تازي وڍي آيو هو. مون کي شڪارپور تائين پهچڻ ۾ سج لهي ويو ۽ اتي ڏٺم تہ ايجنسيءَ جو بہ ڪو چڱو حال ڪو نہ هو. اها شهر کان ٿورو پرپرو هئي ۽ فقط بہ ڳالهيون منجهس چڱيون هيون: هڪڙو ڪجين جو جهڳٽو ۽ ٻيو سائي ڇپر، جا ايجنسيءَ جي چوڌاري پئي ڏٺي. پر سندس ڊنل ديوارن جي ٻاهران هڪ سئين سڌي پوٽي کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين

میر محمد خان　　میر یار محمد خان

سالو بڑدي

هو، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ديويءَ جي وڻن جا جهڳٽا پئي ڏٺا. پٽ جي اندر هڪ وڏي جاءِ جي ڊانچي ڪان سواءِ، جا اجا ٺهڻ واري هئي، بيقاعدي گهوڙيسوارن جا تنبو ۽ بروچ قيدين لاءِ ڪي خسته جهوپڙيون هيون. وچ ۾ منهنجي رهائش لاءِ هڪ بنگلو هو، جنهن جا ڪمرا ڪجهه مٽاچري پٽ تي ٺهيل هئا. جيئن ته انهيءَ جڏيءَ جاءِ جون پيتيون مٽيءَ جون هيون، ان ڪري انهيءَ ۾ جدا رنگن روپن ۽ ماپن ۾ ماڪوڙين جا ولر ويٺل هئا. انهن مان هڪڙو نمونو وڏي ڪاريءَ ماڪوڙيءَ جو هو، جا پنهنجن ڊگهن چمٽن سان پهرين چهنڊڙيءَ ۾ انساني بدن مان رت ڪڍي سگهي ٿي. ٻيو نمونو ننڍين گاڙهين ماڪوڙين جو هو، جي گهڻي تعداد ۾ پاڻ کي اوهان جي وارن ۾ لڪائڻ ۾ خوشي محسوس ڪنديون يا وڃي اوهان جي ٽوپيءَ ۾ ويهي رهنديون. ٽيون نمونو وري ننڍڙين ڪارين ماڪوڙين جو آهي، جي پنهنجي وت کان ٻاهر شرارت ڪرڻ تي هريل هونديون آهن. پر اڃي ماڪوڙيءَ جي ته پچار ئي ڇڏيو، جي وس پڄين ته سڄي مخلوقات کي مٽيءَ جا ننڍڙا ننڍڙا ذرڙا ڪري ڇڏين. انهيءَ ۾ ڪوبه وڏاءُ ڪونهي ته اوپر جي ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ايذاءِ ڏيڻ ۾ ماڪوڙين جو هڪ خاص درجو رکيل آهي. پر سنڌ ۾ ته آهي ئي ماڪوڙين جو راڄ! سڄي زمين انهن سان ڀري پيئي آهي. جيڪڏهن اڃي ماڪوڙي، ماڻهوءَ جي ڪاڄ ۾ شمار ڪئي وڃي ها ته پوءِ هندستان ۾ ڪڏهن به ڏڪار نه ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته هنن جي ڪوٽ ئي ڪانهي. هوا جي خيال کان مون ڏٺو ته منهنجي بدلي ڪنهن چڱي هنڌ ڪانه ٿي آهي. ڇاڪاڻ ته هيتي هوا گرم ۽ مٽيءَ سان ڀريل هئي ۽ راتيون به سخت تڪليف ڏيندڙ هيون. پر جيئن ته مون کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو هو، ان ڪري انهيءَ مسئلي تي سوچڻ جو وقت ئي نٿي مليو. منهنجي شڪارپوو پهچڻ کان هڪ ڏهاڙو پوءِ، سڄو

ڏينهن ڏيهي اختياريءَ وارن، ۽ پڻ منشين مڙهن ۽ ٻين ماڻهن سان، جي ايجنسيءَ سان لاڳاپو رکندڙ هئا، ملڻ ڪرڻ ۾ گذري ويو. اسان کي ملين هدايتن موجب انهن سان تمام سٺي نموني ۾ پيش اچڻو هو. سڀ کان پهرين جئت سنگهه آيو، جو هڪ شاهوڪار واپاري ۽ مهاجڻ به هو. هي اهو ماڻهو هو جنهن انگريزن کي ڪوٽڻ ۾ اڳرائي ڪئي هئي ۽ ڪين افغانستان جي حملن ۾ مدد ڪئي هئي. پر اهڙن ٻين ماڻهن وانگر اسان سان لاڳاپي رکڻ جي ڪري ڪيس نقصان به سهڻو پيو. جنهن وقت هو مون وٽ آيو هو ان وقت ڪيس تمام قيمتي پوشاڪ پيل هئي ۽ ڏسڻ ۾ به نٽ وارو مڙس ٿي لڳو. ساڳئي وقت شڪل جو سهڻو، عادتن جو سلڇڻو، هوشيار ۽ سياڻو ٿي ڏٺو. سندس پائيوار چترو مل کي صفا ۽ سادا ڪپڙا پيل هئا ۽ هو به اهڙو ئي رڪو ۽ اٿوٽندڙ هو، جيڪي ڪجهه اتي ڳالهايو هئائين انهيءَ مان ظاهر ٿي ٿيو ته هن سڄي عمر، لومبارڊ گهٽيءَ ۾ ڊيسڪ جي پويان، رڳو وياج ويهي ڳڻيو آهي. ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته جئت سنگهه شڪارپور جي ڏيهي گورنرن جي ڪاڻ ڪانه ٿي ڪڍي. انهن مان برجداس خيرپور جي وڪيل مون کي ڏاڍو راضي رکيو. هو هڪ ڪلمڪ، ڪاري ڏاڑهيءَ وارو سنڌي هو، جو جيڪر ڪوپٽينهرسٽ جي پادريءَ سان چڱي ٺونشي بازي ڪري ها. حيدرآباد جي ايلچين جو ته نمونوئي اور هو. ابراهيم شاهه کي ڏسڻ سان آءٌ پاڻهي ويس ته هو ايراني نسل جو آهي. جيڪڏهن مٿس اعتبار ڪيو وڃي ته پوءِ سندس خيال موجب امير هن لاءِ ديوتا هئا، جن لاءِ هو نه فقط ماڻهن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار هو پر جنن ۽ پوتن سان به هٿين پوڻ لاءِ تيار هو، پوءِ اهي پل اچا هجن يا ڪارا. سندس خاندان ميرن جي طفيل پئي پليو. جڏهن هو پهرين آيا هئا، تڏهن بي يارومددگار ۽ ڏاريا ليکيا ٿي ويا. پر هاڻي حڪومت جي وڏن عهدن ني رهڻ ڪري، اهي شاهوڪار تي ويا هئا ۽

سندن ڪافي عزت پيدا ٿي چڪي هئي. ابراهيم شاهه سدائين مون کي چوندو رهندو هو ته جنگ وقت ميدان ۾ فقط سندس خاندان ئي سؤ گهوڙيسوار آڻي سگهيو ٿي ۽ انهن ۾ هرهڪ اهڙو ئي بهادر هو جهڙو پاڻ. سچ پچو ته صحيح معنيٰ ۾ هُو هئو به جنگي گهوڙيسوار. هُو هڪ قداور سهڻو جوان هو، جنهن کي مون ڪئين دفعا گهوڙي تي، تکيءَ رفتار ۾ نيزي کي ڦيرائيندي ڦيرائيندي، ان کي وري اڇلائي، جهٽيندي ڏٺو هو ۽ ان سان گڏ انهيءَ جي نوڪ سان نارنگيءَ کي پڻ ڪٽندي ڏٺو هو. پر جڏهن ميڙيءَ جي ميدان ۾ نازڪ وقت آيو، تڏهن سڄي خاندان مان فقط هڪڙي ميرن جو سات ڏٺو، جو هو ابراهيم شاهه جو وڏو ڀاءُ زين‌العابدين، جنهن جو نالو هڪ وفادار انسان جي حيثيت ۾ هتي لکڻ ضروري سمجهان ٿو.

”چاڪاڻ ته بيوفائن جي ٽولي ۾ هڪڙو ئي وفادارنڪتو.“

حيدرآباد جو پيو گورنر تقي شاه هو، جو پڻ ابراهيم شاه جو ڀاءُ ۽ عمر ۾ ڪانئس وڏو هو. ڳالهائڻ بولهائڻ ۾ هو انهيءَ جهڙو ئي فضيلت وارو، پر ٿور ڳالهائو ۽ ڪي قدر ميسڙو ٿي ڏٺو. ٻڌو ٿي ويو ته هو نه فقط ڪنجوس پر مڪي-چوس هو ۽ ان سان گڏ مذهبي معاملات ۾ به ڪٽر مسلمان هو. ڪنهن به ڌارئي ماڻهوءَ سان تيسين ماني ڪونه کائيندو، جيسين اهو پڇي پڪ نه ڪري ته انهيءَ مانيءَ ۾ پيل گيهه مسلمان کان ورتل هو يا ڪنهن ٻئي کان. محمد حسين داروغي جو ذڪر به بيواجب نه ٿيندو. سندس عهد انگريزي شهرن جي پوليس مئجسٽريٽ جي عهدي جي برابر هو. هي هڪ اهڙو عهدو آهي، جنهن ۾ انسان جي نرمدليءَ جو احساس آهستي آهستي دل تان مسارجو وڃي. پر هيءُ مڙس اهڙو ڪونه هو. آءٌ خاطري سان ٿو چوان ته هُو نه فقط هڪ رحمدل ماڻهو هو، پر ان سان گڏ وعدي جو به سچو هو؛ جيتوڻيڪ سندس لقب داروغو هو، جنهن جي بدقسمتيءَ سان معنيٰ آهي ”ڪوڙو“

(١). داروغي کي ڪتن کان ڪراهت ايندي هئي ۽ انهن کان ڏاڍو پري پڄندو هو. اهو انهيءَ ڪري جو سندس مذهب ۾ ڪتي جي ذات ئي پليت ڪري ليکبي آهي ۽ ٻيو وري سندس ستڻ به هلڪي ڪپڙي جي هئي، ان ڪري منجهس ڪتي جي چڪ کان بچڻ جو تمام گهڻ آسرو هو. هو ان ڪري اسان جي ايجنسيءَ ۾ ڏجندي ڏجندي ايندو هو ۽ خاص ڪري انهيءَ وقت ته ڏاڍو لهرائيندو هو جڏهن کا منڊم ڪنهن ڪتي سان وٺي هوندي هئي، چاڪاڻ ته اهڙن ڪتن کي گوشت جي ٽڪر لاءِ مسلمان جي ران ۾ چڪ وجهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. جڏهن به هُو اسان وٽ ايندو هو، تڏهن پري کان هڪل ڪري چوندو هو ته "خدا جي واسطي مون کان پري ڪيوس. ڪمال آ- منڊم صاحبه جي ڪتي کان سواءِ سري ئي نٿي!" وڏن ماڻهن کان پوءِ وري عام خلق جو اچڻ ٿيو، جن سيني جي پٽيان مسخري جهڙو منشي هو. اهو اهڙو ته خوشامدي ٿي ڏٺو، جو منهنجي هر جملي ختم ڪرڻ تي ڏاڍي اطمينان سان ڪنڌ لوڏي چوندو رهيو ته "صحيح آهي، اي شڪر شيرين (يعني مٺي ڪنڊ!) مون کي جنهن ماڻهو وڏيڪ متاثر ڪيو، اهو هو عظيم خان بارڪزئي، جو دوست محمد جو ڏاٽپائي ۽ عاميل جي گهوڙيسوار فوج جو رسالدار. هن جو ڊنگ شاهاڻو هو ۽ ڪارائتن سپاهين جي خيال کان سندس نمبر الف خان ترين کان پوءِ ٻئين نمبر تي هو. هن کان پوءِ ڏاڍا دلچسپ واقعا ٿيڻ وارا هئا. ١٩- نومبر تي اسان کي خبر پئي ته عاميل جي بلوچ گهوڙيسوار فوج کي شڪست پهتي آهي، جنهن ۾ ٢٥ ماڻهو مارجي ويا. ڪبس شاهپور مقرر ڪيو ويو هو، جا مري ۽ بگٽي ٽڪرين جي رستي تي پهرين اسٽيشن هئي ۽ اهو ملڪ اسان جي قبضي ڪرڻ کان اڳ جڪراڻي

(١) مصنف غلطيءَ مان شايد داروغي کي دروغ لفظ مان نڪتل سمجهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪوڙ.

ڏاڙيلن جو رهائشگاهه هو. انهيءَ هنڌ تي هن ڪيترا دفعا ڏاڙيان جي ننڍين ننڍين ٽولن تي حملو ڪري ڪين سيڪت ڏني هئي. هڪ ڏينهن صبح جو هڪل ٿيو ته اُٺ چوري ٿي ويا. انهيءَ تي عاميل اسي سوارن سان ڏاڙيلن جي پٺيان پيو، جن ۾ ڏهه پوني جا گهوڙيسوار هئا ۽ انهن تي ئي عاميل جو پورو پورو ڀروسو هو. ڏاڙيلن جي پويان پوندي، هڪ اهڙي جبل جي اوٽ وٽ پهتا، جتي بجرخان ٻومڪي، جڪراٽي ٻروچن جي هڪ ٽولي سان حملي ڪرڻ لاءِ تيار بيٺل ڏسڻ ۾ آيو. عاميل جي فوج انهن کي ڏسڻ سان وٺي پنهنجا گهوڙا ورايا، پر هو به اچي پٺيان پين. نتيجو اهو نڪتو جو بجرخان جي ماڻهن، عاميل جي فوج جو چوٿون حصو ماري وڌو، اها حالت ڏسي عاميل جي هڪڙي ڏيهي اردليءَ وڃي سندس گهوڙي جي لغام ۾ هٿ وڌو ۽ سندس گهوڙي جو منهن ڦيرايو. پر اهي ڏهه پوني جا سوار سندس حفاظت ۾ گڏ رهندا آيا ۽ ٻروچ سوارن وانگر ڪو نه ٿي پڳا. ”اهو اچي گهوڙي تي ڪير سوار هو“ بجرخان پڇيو. جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو ته اهو فرنگي آفيسر هو، تڏهن وراڻيائين، ته چڱو جو مون کي خبر ڪانه هئي، نه ته سندس اهو اچو گهوڙو، تيز هوندي به ڪيس بچائي نه سگهي ها. انهيءَ نقصان جي خبر پوڻ کان پوءِ پئي ڏينهن ليفٽيننٽ والپول ڪلارڪ ١٣٠ سوارن جي جتي سان اچي پهتو ۽ چار ڏينهن پوءِ بنگال جي بيقاعدي فوج جا به رسالا به پهچي ويا. ڪلارڪ صحيح معنيٰ ۾ هڪ سپاهي هو. نه ته ڪيس ۽ نه وري سندن ماڻهن مان ڪنهن کي به وڏيڪ يا اجايو سامان هو. سندن گهرجون هڪدم پوريون ڪيون ويون ۽ اهي هڪ ڏينهن جي آرام کان پوءِ بنان ڪنهن دير جي هر انهيءَ مهم جي لاءِ تيار ٿي ويا، جنهن تي ڪين موڪليو وڃي. لاڙ مَان اتر سنڌ ڏانهن ايندي ڪلارڪ جي رسالي مان هڪ تمام سٺو گهوڙو، رات جو منزل وقت چوري ٿي ويو. هي واقعو اهڙي هنڌ تي ٿيو، جتي

ڪنهن به بني بشر جو نشان نه ٿي ڏٺو. جڏهن صبح جو چوريءَ جي خبر پيئي تڏهن ڪلارڪ پنهنجي ماڻهن سان پيرو ڪڍندو ڪيترا ميل ٻاهر نڪري ويو ۽ نيٺ هڪ نالي وٽ اچي پيرو گم ٿي ويو. پر، نالي تي ٿورو مٿيرو پنڌ ڪرڻ سان وري پيرن جا نشان ملي ويا، جتان آخرڪار ١٥ ميل ڪن پنڌ ڪندي هو اچي هڪ ڳوٺ جي پر ۾ پهتا. ڪلارڪ ڳوٺ جي ماڻهن ڏانهن نياپو ڏياري موڪليو ته جيڪڏهن اڌ ڪلاڪ اندر گهوڙو واپس نه ڪيو ويو ته پوءِ هو ڳوٺ تي حملو ڪندو. اوهان کي اچرج ٿيندو ته سندس نياپي جو اهڙو اثر ٿيو، جو اهو گهوڙو ڪيس هڪدم واپس ڪيو ويو ۽ هو اچي پنهنجي رسالي سان مليو. پر رسالي جي ماڻهن مان ڪو به ماڻهو سندس پيري ڪٽڻ جي فن ۽ قابليت يا ان جي سٺي نتيجي تي خوش ڪو نه ٿيو.

٢١- تاريخ تي چار بگٽي ڏاڙيل جي اسان جي قيد ۾ هئا، پڇي ويا. جيتوڻيڪ ڪوسن ڪين گهڻوئي ڳوليو پر اهي هٿ ڪو نه آيا. مون انهيءَ تي مير رستم خان جي وڪيل کي گذارش ڪئي، جنهن انهن کي اهڙي هنڌ جهلائي ورتو، جتي هو ذري گهٽ وڃي ٽڪرين تائين پهتا هئا، ڪهڙا نه بدبخت چئبا! مون کي سچ ته مٿن رحم اچي ويو. اهي جيتوڻيڪ هيبتناڪ هئا پر انهيءَ سڄي وبال جو ڪارڻ بڪ ۽ سندن جهالت هئي. انهن جو فقط هڪڙو ترجمان ٻارو خان ڪوسو هو، جو پڻ هڪ بدنام ڏاڙيل هو ۽ پنهنجي قبيلي جي ٻين فردن وانگر اسان وٽ اچي نوڪريءَ ۾ گهڙيو هو. سندس قد ڇهن فوٽن کان مٿيرو هو ۽ بدن ۾ به جانئو هو. سندس ويڪري ڇاتي ۽ لڳ، گهاٽن ۽ ڪارن وارن سان ڀريل هئا. صاحب جي روبرو هو پاڻ کي تمام عاجزيءَ سان پيش ڪندو هو ۽ هُنَ پنسنجي رنپ جهڙي آواز کي گهڻائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي، پر ان هوندي به سندس آواز رڄ جي جهڪي آواز وانگر پيو لڳندو هو.

مڊسمر نائيٽ ڊريم جي بُلي باٽم جيان (١) مون کي ٻڌايو ويو ته هن کيترا دفعا دشمن کي پنهنجي خطرناڪ ٻانهن ۾ جڪڙي گهوگهو ڏيئي پورو ڪيو هو. پائنجي ٿو هن دشمن کي تلوار سان ختم ڪرڻ جي بدران هي نمونو پسند ڪيو هوندو. سندس اهڙو ته نالو هو جو جڏهن به ڏاڙن ۾ شامل ٿيندو هو، تڏهن ٽوليءَ جي سردار جي حيثيت ۾ ڦر جي مال مان ڇهون حصو وصول ڪندو هو. هو اهڙو ته بهادر ۽ هوشيار هو، جو ڪڇيءَ جي رڻ مان پنهنجي ٽوليءَ کي رات جو نهايت هوشياريءَ سان هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائيندو هو. پر هاڻي يارو سڀڪجهه وساري ويٺو آهي ۽ روز اچيو ايجنسيءَ جي حاضري ڀري. هو ٻاڻ کي اهڙو ته گنڀير ۽ معصوم ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڻ ته هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪجهه ڪيو ئي ڪونهي. اهو صحيح آهي ته هن هاڻي ڏاڙا هڻڻ ڇڏي ڏنا آهن، پر جيڪي اڃا ٻارڻ ٻاريو بيٺا هئا، تن جي جهلائڻ ۾ هُن کا مدد ڪانه ڪئي آهي.

شڪارپور جي چوڌاري جهنگ ۾ بروچ ڏاڙيلن جي هڻڻ ڪري سخت خطرو رهندو هو، چاڪاڻ ته اُتان هر روز هڪ نه ٻئي ظلم ۽ زبردستيءَ جي خبر ٻيئي ايندي هئي. انهن مان هڪڙو دين محمد بڙدي هو، جنهن کي ’دينو‘ ڪري سڏيو ويندو هو ۽ اهو هو به ٽُپ اُترادي ريڍار. سندس ڀاءُ سانولي جو نالو ته ڪانئس به وڌيڪ مشهور هو، پر قسمت جا روزانو سندس نالو ٻُڌي ٻُڌي ڪڪ ٿي ٻيئي هئي، ان ڪري اُن سندس ڪارنامن کي هڪدم ختم ڪري ڇڏيو. منهنجي

---

(١) مڊسمر نائيٽ ڊريم شيڪسپيئر جو ڊرامو آهي، جنهن ۾ بلي باٽم جو ڪردار هڪ زبردست پهلوان ۽ پڻ هڪ ظالم جهڙو ڏيکاريل آهي.

شڪارپور پهچڻ کان ٿورو اڳ ايجنسيءَ ۾ خبر پيئي ته سانولي پنهنجي هڪ ڏاڙي مان واندو ٿي هڪ ڳوٺ ۾ وڃي منزل ڪئي آهي، جو اٽڪل ڏهن يا پندرهن ميان جي پنڌ تي آهي. بڪدم بيقاعدي سوارن جو هڪ جٿو سندس پٺيان موڪليو ويو، جي سندس گهوڙي تي سوار ٿيڻ کان اڳ وڃي مٿس ڪڙڪيا. جيڪڏهن هو گهوڙي تي چڙهي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها، ته پوءِ وٽ ڏيڻ جو ئي ڪونه هو. پر جڏهن هن ڏٺو ته ٻي ڪا واهه ڪانهي، تڏهن تلوار ڪڍي جنگ ڪيائين. نيٺ سندس تلوار واري ٻانهن زخمجي پيئي ۽ اسان جا ماڻهو مٿس زور ٻڌجي ويا ۽ ڪيس ٻڌي سوگهو ڪري ڪئمپ ۾ آندائون. سچ پچو ته هن جهڙي هيبتناڪ شڪل جو ماڻهو ڪانئس اڳ ڪو نه ڏٺو ويو هو. سندس اڏ منهن، ڪارن ۽ گهاڻن وارن ۾ لڪل هو ۽ سندس نرڙ به شيطان جي پيشانيءَ جهڙو ننڍو ۽ سوڙهو هو. ساڳئي وقت ٻرن جي هيٺان سندس ڪارين اکين جي چمڪاٽ مان جهنگ جي مرونءَ جي هيبت پئي ٻکي. ڪيس ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا ڌنب اچي گڏ ٿيا، جن مان ڪيترائي سندس ظلم جا شڪار ٿيل هئا. انهن مان ڪي اهڙا به هئا جن جا ميٽ ۽ مائٽ، سندس يا سندس ٽوليءَ جي ڏاڙيلن جي تلوارن جو ٻڪ ٿيا هئا. هن کي پهريائين اهو وهم ئي ڪو نه هو ته ڪو ڪيس ماريو ويندو، ڇاڪاڻ ته هن ڀانيو ته عيوضو ڏيئي هو پنهنجي جند ڇڏائي ويندو. "جي مون کي آزاد ڪندين ته پنج آڻ ڏيندوسانءَ"، هن پوليٽيڪل آفيسر کي آڇ ڪئي. جيئن ته ڪيس کو به جواب مليو، ان ڪري هو پنهنجو واڪ وڌائيندو ويو: "ڏهه آڻ ڏيندوسانءَ" ..... "ريهه آڻ پلا، پر جند ڇڏ" ...."جي اڃا به راضي نه ٿين ته آها پروچاڻي آڻي ڏيانءَ، جيڪا مون پوئينءَ ڦرلٽ ۾ هٿ ڪئي هئي." پر جواب مليس ئي ڪونه ٿي، انڪري مٿس مڙيئي ڪجهه دلگير ٿي پيو. هڪڙي ڊگهي نوڙي آندي ويئي، جا سندس

ڳچيءَ ۾ ڪٽي ڇڏائون. ماڻهو اچي پاڻ ۾ اٽڪيا، ڇاڪاڻ ته گهٽو ڪري هرڪنهن جي خواهش هئي ته ڪيس مان ئي ڦاسيءَ تي لٽڪايان. ”هن منهنجو پيءُ ماريو آهي“، انهن مان هڪڙي رڙ ڪئي. ٻئي وري اڳتي وڌي چيو ته ”اها نوڙي مون کي ڏيو، هن منهنجو ڀاءُ ماريو آهي.“ جيئن ئي اها نوڙي سندس نڙيءَ ۾ وڌي ويئي تيئن هو سُسي ويو ۽ هيڪندڙ آواز ۾ ليلائڻ لڳو ته ”سائين! ائين نه ڪر“. خير، جنهن وڻ جي هيٺان هُن پنهنجيءَ خونيءَ زندگيءَ جو پويون ساهه ڪنيو، انهيءَ تي ”سانولي جو وڻ“ نالو پئجي ويو. جيترو وقت آءٌ سنڌ ۾ هوس مٿس اهوئي نالو ڀڻندو آيس ۽ ڀانيان ٿو ته اهو نالو مٿس ڪئين سال رهندو. ڀائس ڪي ڦاسيءَ ڏيڻ جي ڪري، ’دينوءَ‘ بدلي خاطر پنهنجين ڪُڌين ڪارروائين کي پيٺو ڪري ڇڏيو. سانولي جي موت ڪان پوءِ هن ٿورن مهينن اندر ڏهه خون ڪري ڇڏيا. ڪيس پڪڙڻ جون سڀ ڪوششون ناڪام ثابت ٿيون ۽ جڏهن اسين عاجز ٿي پياسين، تڏهن هو نه ڄاڻ ڪهڙي سبب ڪري، ملتان جي سرحد تي وڃي مزاري پروچن سان مليو ۽ انهن سان گڏ رهڻ لڳو.

٢٣- نومبر تي اسان کي قلات واري سوڀ جي خبر پهتي. محراب خان جي موت، سندس قلعي جو اسان جي هٿ اچڻ ۽ سندس بهادر ماڻهن جو اسان جي هٿان قتل ٿيڻ اهي خبرون وڃ وانگر آتر سنڌ جي فسادي رهاڪن ۾ پکڙجي ويون. اميرن جا وزير اسان جي انهيءَ سوڀ تي اسان کي مبارڪباد ڏيڻ آيا پر سندن مُنهن ڊپ وچان هيبا ٿيا پيا هئا. جيتوڻيڪ ظاهري طور تي هنن انهيءَ واقعي سان ڪو به واسطو نٿي ڏيکاريو. ڪن ماڻهن جو سوال هو ته محراب خان کي اهڙيءَ طرح مارڻ ڪيتريقدر صحيح هو. انهيءَ جي جواب ۾ هي چوڻ ڪافي ٿيندو ته هن اسان جي فوجن جي ڪچي ۽ بولان مان لنگهڻ وقت، جابلو قبيلن کي حملي ڪرڻ لاءِ آپاريو هو. مون

پاڻ ڪيترائي اهڙا خط ترجمو ڪيا هئا، جي حيدرآباد واري ميرنصيرخان جا لکيل چيا ٿي ويا. انهن مان سازش ڪي سنگهي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر اوڻس جي ناسڪني جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته انهن خطن جي ٻولي، چٽيءَ طرح ظاهر هئي. پر انهن جي سچي هجڻ تي البت شڪ پئي ٿيو. جيتريقدر منهنجي ياد گيري آهي، انهن تي سندس سيل مُهر ٿيل هئي، جنهن تي هي مشهور سجع لکيل هو: "گلِ گلشنِ محمود محراب" يعني محمود محراب جي باغ جو گل. اهڙو مرتبو محراب کي سونهيو ٿي يا نه، انهيءَ تي ڪو به بحث ڪونه ڪرڻو آهي. پر ڏنو ويندو ته انهيءَ واقعي کان اڳ جيڪا ڏاڙن ۽ ڦرن جي بازار گرم هئي، ان کي قائم رکڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو.

٢٥- تاريخ اسان جا بمبئيءَ وارا فوجي دستا شڪارپور پهتا. جيتوڻيڪ اهي سوپ ڪري موڪليا هئا، پر انهن ۾ ڦوندا يا وڏائي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي. موت جو فرشتو سندن قطارن ۾ ڪاهي پيو هو، ڇاڪاڻ ته منجهن ڪالرا جي آفت اچي منهن ڪڍيو هو. انهيءَ بيماريءَ جو سڀ کان پهريون شڪار ڊاڪٽر فوريس ٿيو هو، جو هر دلعزيز هو. ڊاڪٽر جي موت کان پوءِ اها بيماري سخت تيزيءَ سان وڌي ويئي. چئن منزلن جي پنڌ تي لشڪر وارا جانيڊيري اچي پهتا هئا، جتي اهڙي ته اچي حالت ٿي هئين، جو مئلن کي پورڻ به ناممڪن ٿي پيو هوندِ. جهنگ ۽ رستن تي لاشا پڪڙيا پيا هئا.

٢٦- تاريخ تي ٤ ڊريگون ۽ گهوڙن جو توپخانو شڪارپور ۾ داخل ٿيو. آءٌ سندن استقبال خاطر ڪجهه ٻاهر نڪري سائن ملبس، سيني تي اداسي ڇانيل هئي. پوليٽيڪل ايجنٽ به پاڻ کي ٻالڪيءَ ۾ ڪڍايو پئي آيو ۽ ماڻهو تڪڙا تڪڙا اچي رهيا هئا. بيقاعدي گهوڙيسوارن جي ڏوڙ جي ڪڪر کان پوءِ نيٺ وڃي رستو صاف ٿيو. اهو پريو مڙس به بيمار هو. مون انهيءَ

رات ۽ ڊريگون جي ميس ۾ سرڪائٽ جئڪسن سان ماني ڪاڌي. ان وقت سپڪنهن تي هراس ڇانيل نظر پئي آيو. سندن ريجمينٽ جو آگل مرڻ ڪنديءَ تي هو. هو هڪ رلٽو ملٽو نوجوان سپاهي هو، جنهن کي ماڻهو ڏاڍو پائيندا هئا. مون گهوڙي تي چڙهي شهر ۽ ڪئمپ جو جائزو ورتو. ڏٺم تہ ڪيترائي يوروپي نشي ۾ ٿمتار ميدان ۾ ليٽيا پيا هئا. ايجنسيءَ جي آمهون سامهون ۽ پڻ پٽ جي ٻاهران ٻہ وڏيون ڪڏون ڪوڙجي رهيون هيون، مون ٿورو ترسي انهن کي جانچي ڏٺو. چار ڏينهن پوءِ مان جڏهن انهن هنڌن تي ويس تڏهن ڏٺم تہ اهي ٻيئي ڪڏون تازي متيءَ سان لٿيون ويئون هيون ۽ مٿن ڪي پوٽا بہ ڪوڙيا ويا هئا. اِتي مون هڪ گدڙ کي اچي تاهم ڏٺو، جو ان وقت ڪنهن شيءِ کي ڪرڙي رهيو هو. جاچي ڏٺم تہ اها هڪ ماڻهوءَ جي منڍي هئي ۽ جيئن تہ ان جا چپ هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا هئا، ان ڪري سندس سٺن ڏندن جي ٻتيهي نظر اچي رهي هئي. جنهن مسڪين جو اهو مٿو هو سو ڏسڻ ۾ نوجوان پئي آيو. ڪڏا ڏٺي پريا ويا هئا. هڪڙي ۾ ڊريگون جا تيرهن سپاهي ۽ ٻئي ۾ بہ اوترائي توبخاني جا ماڻهو پوريا ويا هئا. اها نهايت خطرناڪ رات هئي. اسان ايجنسيءَ ۾ هڪٻئي جي ويجهو اهڙيءَ طرح رهايا ويا هئاسين، جو جيڪي آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا، تن مان پانڌي ٿي وياسين تہ ڇا ٿي رهيو هو. انهيءَ رات گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سو ماڻهو مري ويا هئا. صبح جو مون کي حڪم ٿيو تہ آءٌ انهيءَ رستي تان، جو بيماريءَ سان پريل هو، ڪڍيءَ وڃان. سچ پچو تہ انهيءَ وگهوڙ جو مون تي بہ ڪي قدر اثر ٿي ويو هو. اسان واري ننڍڙي ڊاڪٽر، جو پوت وانگر پيلو ٿي پيو هو، مون کي آفيسر جي عرق جو اهڙو تہ وزن پياري ڇڏيو، جو آءٌ ذري گهٽ چريو ٿي ويو هوس. فجر جو منهنجي سواريءَ وارو آٽ آندو ويو ۽ آءٌ وڃي مٿس چڙهيس. جيئن تہ ٻن منزلن تائين مون کي

هڪ ساٿي ملي ويو هو، ان ڪري آءٌ ڪجهه خوش ٿيس. نيٺ اسين پنڌ پياسين. مون واري ساٿيءَ کي انهيءَ روڳ اچي ورتو، جو گهڻو ڪري ڪيترن انهن ماڻهن کي ٿيندو آهي جي پهريون يا ٻيو دفعو ڪنهن منڊل ملڪ جو سير يا سفر ڪندا آهن. هن خيال ڪيو ته فاصلي کي گهٽائڻ خاطر رستي کي وچان ٽا ڪٽيون. پوءِ جيئن سدائين ٿيندو آهي، انهيءَ غلط صلاح جو نتيجو اهو نڪتو جو رستوئي ڀاڄي وياسين. سج ڪاپار تي هو ۽ اسان کي پنهنجي غلطيءَ جي سزا ڏيئي رهيو هو. آخر اسان وڃي جانيديري پهتاسين. جيئن جيئن اسين رستي تان لنگهندا وياسين تيئن تيئن اسان کي چؤطرف لاشا پکڙيل نظر آيا. مون هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺو جو پورچو گيز هو. صاف ستڙن ڪپڙن ۾، يعني ته ڪڙتو، پتلون پيل هئس ۽ ٽوپلو به مٿي ۾ هوس، منهن ۾ اونڌو پيل هو. مون کي اعتبار ئي نه پئي آيو ته هو ڪو مري ويو هو. آءٌ ان ڪري وٽس پهتس ۽ پاڻيم ته گهوڙي تان لهي ڪيس کڻان، جيئن جهڪيس تيئن ڏسان ته سندس هيٺان رت جو ڏيو پيل هو؛ سندس بدن به سيٺجي سخت ٿي ويو هو ۽ مکين جو ڇڪ هڪ ڪڪر سندس چوڌاري پئي ڦريو. منهنجي نوڪرن مون کي ٻڌايو ته هنن اهي پنج لاشا دفن ڪيا آهن، جن کي گدڙن کوٽي ٻاهر ڪڍيو هو. انهيءَ سفر جو اوهان پاڻ اندازو ڪري سگهو ٿا. رات جو منزل به اهڙي هنڌ ٿي جتي هڪ ڏينهن اڳ سوين ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا هئا ۽ وري انهيءَ بيماري کان بچاءَ لاءِ دوا درمل جو به ڪين ڪو آسرو ڪونه هو. انهن ڳالهين سچ ته بک ئي ماري ڇڏي. پئي ڏينهن آءٌ روجهاڻ ويس. جتي به ساڳيوئي نظارو نظر آيو. هتي مون کي خبر پيئي ته جنرل ولشاير جو برشوري جي رستي هتان لنگهڻو هو ۽ جنهن سان ملڻ لاءِ مون کي حڪم مليو هو، تنهن انهيءَ رستي کان اچڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ته منهنجي اتي ڪابه ضرورت ڪانه هئي، ان ڪر آءٌ خير ۽

خوشيءَ سان واپس شڪارپور اچي پهتس.

١٧- تاريخ: توبخانو ۽ پايونيئرس قلات کان شڪارپور پهتا. سندن ڪئمپ مال غنيمت سان ڀريل هئي ۽ اتي هرڪنهن قسم جو قيمتي مال پئي وڪاڻو. مان انهن مان ڪابه نادر شيءِ حاصل ڪري نه سگهيس.

٢١- تاريخ: آءٌ ابراهيم شاهه سان گڏ بازن جي شڪار تي ويس. اهي ننديءَ جنس جا باز هئا ۽ ڪجهه تيتر ماريائون به، پر ملڪ ڀريو پيو هو ننڍن ننڍن وڻن سان، ان ڪري سواري ڪرڻ ڏاڍي ڏکي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو پڪين پنهنجي مُنهن پئي مزا ڪيا. انهيءَ هوندي به بنان ڪنهن شيءِ ڏسڻ جي داروغي جي ڊوڙ پئي پئي، ۽ پڻ وڏي آواز ۾ هڪلون ڪرڻ لڳو، جڏڪ جانورن جو شڪار هو. انهن رڙين تي پهريائين ته آءٌ ڏاڍو جوش ۾ اچي ويس، جو مون پانيوته ڪو چڱو شڪار هٿ لڳو هو. پر پوءِ سوچ ڪيم ته اهڙن موقعن تي اجايو گوڙ ڪرڻ ايرانين جي پَر آهي، ان ڪري ماٺ ٿي ويس.

انهيءَ وقت هڪ اهڙو واقعو ٿيو، جنهن ۾ سرڪارڪي انهن ماڻهن جي غفلت ڪري نقصان سهڻو پوندو آهي، جن جي هٿ ۾ سرڪاري ڪم ڏنا ويندا آهن. جيئن ته اهو هڪ تمام معمولي واقعو هو، ان ڪري آءٌ انهيءَ کي بيان ٿو ڪريان، نه ته ڪَرن ۽ گنيير معاملن کي منهن ڏيڻ جو ته نمونو ئي اور آهي. مون کي حڪم پهتو ته خزاني جي لاءِ ڪي صندوقون نهرايان. انهيءَ ڪم لاءِ مضبوط ڪاٺ جي ضرورت هئي. ڪاٺ ته گهڻوئي هو، پر جنهن جي مون کي گهرج هئي، اهو اترسنڌ ۾ ملڻ مشڪل هو.

هڪ ڏينهن جيئن آءٌ شهر جو سير ڪري رهيو هوس، تيئن هڪ گمنام گهٽيءَ ۾ مون کي ڪاٺ جو وڏو انداز ڏسن

۾ آيو. اهو سنجهيءَ جو ڪات هو، جو نہ فقط مهانگوهوندو آهي، پر ان سان گڏ اهو بہ فائدو اٿس جو اُڏهي لڳيس ئي ڪو نہ. مون جڏهن پڇا ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ اهوڪات قندار واري منشيءَ جو هو. پر آءٌ اڃا گهر مَس پهتو هوس، جو ڪي ماڻهو مون وٽ لنگهي آيا ۽ چيائون تہ اهو ڪات سرڪار جي طرفان سنڌو درياهہ تي پل ٻڌڻ لاءِ خريد ڪيو ويو آهي. سچ پچو تہ اهو ڪات انهيءَ ماڳ تي عجيب نموني پهتو هو ۽ اهو چوڻ اجايو ٿيندو تہ انهيءَ ڪي پوءِ ايجنسيءَ جي احاطي ۾ آندو ويو، ۽ جتان پوءِ اهو اُٿن تي چڱيءَ طرح پريل صندوقن جي شڪل ۾ ٻاهر آندو ويو. اهڙو ٻيو بہ هڪ واقعو ٿيو، جو سنڌي ماڻهن جي بلند ڪردار جي ثابتي آهي. مان اهو هتي لکڻ ضروري ٿو سمجهان. افغان مهم جي پيشروئن آفيسرن مان هڪڙي آفيسر ڪچيءَ ۾ هڪ سنڌي سيد کي فوج جي واڌ ۾ رسد پهچائڻ لاءِ ست هزار روپيا ڏنا. انهيءَ وقت حالت اها هئي جو اسان جي ڪيل خرچ جو ڪو حساب ڪتاب ئي ڪو نہ هو، ان ڪري وڏين رقمن سان گڏ اهي ڏنل پئسا نظرانداز ٿي ويا. جنهن آفيسر اهي ڏنا هئا، سو فوجن سميت واپس روانو ٿي ويو هو ۽ انهن پئسن بابت ڪو بہ اطلاع وغيره پنهنجي جانشينن وٽ ڪو نہ ڇڏي ويو. ڏينهن، هفتا ۽ مهينا گذرندا ويا، ايتريقدر جو سڄي ڏيتي-ليتي وسري ويئي.

هڪ ڏينهن صبح جو شڪارپور جي پوليٽيڪل آفيسر گشت ڪندي انهيءَ سيد جي گهوٽ وٽ اچي منزل ڪئي. سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي، جڏهن هن ڏٺو تہ اهو سيد پئسن سان پريل گهوٽرين سان اچي سندس سامهون بيٺو. ۽ چيائين تہ "هي سرڪار جون آهن." پوءِ سڄو احوال ڪري ٻڌايائين تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي ڪم لاءِ اهي پئسا ڪيس مليا هئا، پر جيئن تہ سونپيل ڪم نہ ڪري سگهيو آهي، ان ڪري واپس ڪري رهيو آهي.

شڪارپور جي آبهوا هاڻي وٽندڙ ٿي ويئي هئي، ڇاڪاڻ ته مينهن پوڻ ڪري ٿڌڪار وڏي ويئي هئي. اهوئي سبب هو جو گهوڙي تي چڙهڻ يا پنڌ ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف نٿي ٿيي. آفيسر (ڪڏهن ڪڏهن ڪا انگريز عورت) لنگهن تي ٿهيل اسٽيشنن ڏانهن ويندي، سدائين اتان پيا لنگهندا هئا ۽ گهڻو ڪري منزل ڪندي ايجنسيءَ ۾ اچي رهندا هئا. مسافرن جي بنگلن جو اڃا رواج ڪونه ٿيو هو، ان ڪري اسان کي نوان چهرا ڏسي خوشي ٿيندي هئي. اهو چوڻ به اڃايو ٿيندو ته جيئن ته ان وقت ٽيبل الائونس ڪونه ٿي مليو، ان ڪري مهماننوازي ۽ ڪفايت شعاري پاڻ ۾ ڪونه ٿي ٿهيا، يعني ته مهماني جهلڻ ۾ بخل ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڏس ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ پاڻ اعليٰ مثال قائم ڪيو ويٺو هو. جيڪو به ٿي آيو تنهن جو آدرياءُ پئي ٿيو. سندس پنهنجو عملو، جنهن ۾ ٻارهن يا چوڏهن اسسٽنٽ هئا، سدائين ساڻس گڏ ڪاڏو ڪائيندا هئا. انهيءَ خرچ ۾ ٻڙس جو اڌ پگهار ختم ٿي ويندو هو. سندس ٽيبل تي سال ۾ چوڏهن هزار بيمر جون بوتلون ڪوليون ويندڙيون هيون، جا پنهنجي سير هڪ وڏي رقم هئي. وري ان ۾ شراب، سوڊا ۽ ٻيون مشروبات گهنڊيو. ڪاڏي جي ته گالهه ئي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ جيڪڏهن ڪا اَن-ڪائو رڍ ڪم آندي وڃي ته پوءِ ليکوئي لٿو. جيڪڏهن ايڏي خرچ تي ٿڌي دماغ سان غور ڪبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته گهٽ ۾ گهٽ چار هزار روپيا مهمانن جي بلي تي ويا. هڪڙي اسسٽنٽ جو مثال وٺو، جنهن جو پگهار انهيءَ رقم جي اڌين پٽي مَس آهي. انهيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو هوندو. اهو مهماني البت گهٽ شاندار نموني ۾ ڪندو، پر مهمان کي خوش ڪرڻ لاءِ خاطر تواضع ڏاڍي ڪندو. اهڙن سخاوت جي ڪوڏين مان نٿي جي ليفٽيننٽ ڊبليو جو نالو وٺڻ ضروري سمجهان ٿو، ڇاڪاڻ ته سندس مهمانيءَ سبب آءٌ پڻ سندس ٿورائتو آهيان. آءٌ پانيان ٿو ته هو ڪڏهن به

مهمان کان سواءِ واندو ڪو نہ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن وٽس ايڪڙ ٻيڪڙ مهمان هوندو، پر ڪڏهن تہ وري لانڊيءَ لتي پئي هوندي هئي. ميزبان جو رويو بہ وٽندڙ هوندو هو، ان ڪري گڏجي ڪائڻ اسان جي عادت ٿي ويئي. ڪو بہ اڪيلو يا پاسيرو وڃي ماني ڪونہ ڪائيندو هو. انهيءَ طريقي کي اوهان سٺو چئو يا خراب، پر انهيءَ ۾ مون تمام سٺي واقفيت پيدا ڪري وڌي، نہ فقط ايترو پر ڪيترن سان دوستي بہ ٿي ويئي جا اڄا تائين آهي.

٣- جنوري ١٨٤٠ع تي ڪئپٽن آرٿر ڪونولي مون وٽ آيو ۽ ڏهہ ڏينهن ترسي ٻيو. اهو جيتوڻيڪ هڪ تمام ننڍو عرصو هو، پر سندس سٺي سڀاءَ ڪري، منهنجي ساڻس دل ٻڌجي ويئي. هو وڏيءَ دل وارو مڙس هو، جنهن کي دنيا جي تڪليفن جو ڪو ڊپ ڪو نہ ٿيندو هو، پر منجهس اهو ڪتڪو ضرور ڏسبو هو، جو هر سياڻي ماڻهوءَ ۾ هوندو آهي. اسان جي گڏجاڻي بہ نرالي نموني جي هئي. داروغو مون وٽ لنگهي آيو ۽ چيائين تہ هڪ روسي جاسوس شهر ۾ اچي ويو آهي. آءٌ جاسوس بابت گهڻو خيال ڪو نہ ڪندو آهيان ۽ انهيءَ کي بيوقوفي تصور ڪندو هوس. پر پڪ ڪرڻ جي خيال کان پڇا ڪيم تہ هڪ عجيب صاحب جو نالو ٻڌڻ ۾ آيم. اهو هو ڪونولي، جنهن جي نالي ٻڌڻ سان داروغو ۽ سندس روسي جاسوس وارو خيال منهنجي دماغ مان نڪري ويو. مون جڏهن ڪيس اچرج ۾ ڏٺو، تڏهن سڄو احوال بيان ڪري ٻڌايومانس. داروغي حقيقت ۾ ڪونولي جي يوناني نوڪر کي روسي سمجهيو هو ۽ اهڙيءَ طرح ڪونولي کي بہ هن سان گڏي ويو. ڳالهہ هيئن هئي جو ڪونولي اهڙي نموني ۾ سفر ڪري رهيو هو، جو اسان جي سنڌي هيري کي انهيءَ اطلاع ڏيڻ تي خوشي هئڻ ڪپندي هئي. چاڪاڻ تہ هو پاڻ سان تمام ٿورو سامان ڪٽي هلندو هو. سندس تنبو اهڙو جو ماڻهو منجهس آيو ٿي ٻيهي ڪونہ سگهندو هو،

۽ اهڙو هلڪو هوندو هو جو مينهن پوڻ وقت ڪنهن ٿڌي ماڻهو لاءِ جُبي جو ڪم ڏيئي سگهيو ٿي. ٻيو وٽس ٻن چمڙي جي ٿيلهن کان سواءِ ڪي ڪين هو. انهن ٿيلهن ۾ سندس ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان پيل هو. اهو هو سندس سمورو لڏو، جنهن سان هو سفر ڪري رهيو هو. مان حيرت ۾ آهيان ته لڪن مان لنگهڻ وقت هو ٿڌ ۾ ڇمي وڃڻ کان ڪيئن بچي ويو آهي! هن مون کي پنهنجي سفر جو، جيڪو انگلنڊ کان شروع ٿيو هو، سڄو احوال ٻڌايو، جو ڏاڍو دلچسپ هو.

وائنا ۾ هن شهزادي مئٽرنش سان ملاقات ڪئي هئي، جنهن کيس هڪ تمام سهڻي دوربين ڏني هئي. اُتي کيس حڪم مليو ته ايراني سفير سان ملي، کيس چوي ته انگلنڊ نه وڃي، چاڪاڻ ته سندس آڇيان نه ڪئي ويندي. اتان ٻوءِ هو قسطنطنيه ويو جتي کيس جنيوا جي سفير ڪوڪُون هلڻ جي دعوت ڏني. هُن اها آڇ قبول ڪري، اهڙو مراسلو سرڪار کي لکيو، پر کيس اجازت ڪانه ملي. اتان هو آرمينيا مان ٿيندو، بغداد ويو ۽ پوءِ ايراني نار رستي بمبئيءَ وڃي پهتو. رستي تي موت کان ذري گهٽ بچي ويو هو. هڪ دفعي دجله تي سفرڪندي ڪن عربن ڪانئس تماڪ جي گهر ڪئي. پر جيئن ته وٽس تماڪ ڪونه هو، ان ڪري اُهي کيس بندوق هڻڻ خاطر دجله ۾ گهڙي پيا ۽ گچ پنڌ تائين سندس پيڙيءَ جي پٺ ورتائون. پيڙي هئي وچ وهڪري ۾ ۽ هئي به ڪانئن پري، ان ڪري سندس بچاءُ ٿي ويو. جيئن ته ڪونولي مون وٽ رهيو پيو هو، ان ڪري مون ساڻس لڪن واري معاملي بابت ڳالهه پولهه ڪئي، سندس رايو هو ته خيوا جي روسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ڪم لاءِ هن پاڻ کي مخصوص ڪري ڇڏيو هو، پر قدرت کي اهو ڪم ڪنهن ٻئي جي هٿان ڪرائڻو هو. قدرت جو رنگ ڏسو، جيڪو ماڻهو ٻين کي آجي ڪرائڻ خاطر آتو هو، سو پاڻ وڃي قيدخاني پيڙو ٿيو، ۽ کيس اهڙي ته سزا

ملي جو موت ئي اچي سندس جند ڇڏائي. مون کيس ٻڌايو تہ منهنجي بہ اها مرضي آهي تہ مون کي اسان جي فوج جي واڌ واريءَ ڪنهن چونڪيءَ تي رکيو وڃي، يا تہ وري ڪابل يا هرات موڪليو وڃي، ۽ پڻ مون اها بہ راءِ ظاهر ڪئي تہ آءٌ ساڻس سندس خيوا واري سفر ۾ گڏ رهڻ گهران ٿو. انهيءَ تي هن ڪابل واري سفير کي لکيو، پر هن جواب ڏنو تہ "جيئن تہ آءٌ انهيءَ ملڪ ۽ جُوءِ کان گهڻو پري هوس، ان ڪري منهنجي لاءِ اوڏانهين وقت تي پهچڻ ناممڪن هو. آخر اسين دلي دوستن جيان هڪٻئي کان جدا ٿياسين ۽ هن مون کي پنهنجي سفر نامي جا سڀ جلد ڏيئي ڇڏيا، جنهن ۾ بامڻيان واريءَ جنگ تائين سارو احوال لکيل هو.

٩- ڊسمبر تي تقي شاهہ جو وڏو پٽ زين‌العابدين شاهہ مون سان ملڻ آيو. هڪ تہ بدن ۾ هو ڏيرو ۽ پيلو پيو وري هو گدلو. سچ پچو تہ هو هڪ سنڌي معزز شخص جي بدران ايراني پئي لڳو. هن جيڪا منهنجي لنڊي خوشامد ڪئي سا حقيقت ۾ سندس وت کان ٻاهر هئي. هو جڏهن پنهنجي هڪ عزيز جو ديوءَ جي هٿان ٿيل خون بيان ڪري رهيو هو، ان وقت ساڄهہ کان نڪري ويو ۽ وڃي خيرپور جي وزير فتح محمد کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيائين. ڇڪ انهيءَ ڪڏي ڪم لاءِ هن ئي کيس هٿي ڏني هئي. ڳالهين ڪندي جڏهن بہ وزير جو ذڪر ٿي آيو، تڏهن هو کيس قرمساخ ۽ ٻين فارسي گندن نالن سان ياد ڪري رهيو هو. انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي ماتا جي بيماري اچي قيدين ۾ منهن ڪڍيو، جنهن ۾ ستئي چار ڀڳي مري ويا. چار ڏينهن کان پوءِ ڪهيرين جو چڱو مڙس ڪمال خان اچي مون سان مليو. هي قبيلو شيخن جو آهي، جي اڳي قلجي ۽ ان جي پر پاسي ۾ رهندا هئا. اڄي بجرخان جي مهنداريءَ هيٺ ڊومبڪي مٿن سدائين حملا ڪندا رهندا هئا. هنن بہ مڙس ٿي کين منهن ڏنو. پر نيٺ ڪانئن زمينون

کسي، کين شڪارپور جي پسگردائيءَ ڏانهن ڏسڪيو ويو هو. اُهي قلات جي خان ۽ حيدرآباد جي ميرن رٿ دانهين ٿي ويا پر ورين کي ڪين. جڏهن اسين انهيءَ ملڪ ۾ ظاهر ٿياسين تڏهن هو اسان ڏانهن مدد لاءِ وڌيا ۽ اسان به ڪين آدرپاءُ ڪيو ۽ ساڻن انجام ڪيو ته جن زمينن تان ڪين هڪاليو ويو هو، انهن تي تي ڪين آباد ڪيو ويندو. عاميل جي گهوڙيسوار فوج ۾ هنن جا چڱا ماڻهو هئا. جن مان به سندس اعتبار جوڳا سپاهي هئا، انهن جا نالا هئا اعتبار خان ۽ عبدالله خان. اعتبار خان بدن جو ڏٺو مٿو، ڳاڙهي منهن وارو، ظالم نموني جو ماڻهو هو. سندس ڇاتيءَ تي پستول جي گولين جا ڪيترا ئي نشان هئا. سندس ڏاڙهي ڇاپهين هئي، پٽڪو ڳاڙهو ۽ ساڳئي رنگ جي اجرڪ پيل هئس. ڏسڻ ۾ ئي ڏاڙيل پئي لڳو. سندس ڪم به وري اهڙا ئي هئا. هن بنان ڪنهن هٻڪ جي گهوڙي تان لهي، پنهنجي هڪ مرٽينگ دشمن جو ڪنڌ وڍي، اهڙيءَ طرح هٿ ۾ ڪنيو، جهڙيءَ طرح هڪ انگريز پنهنجو ڪريل دستانو ڪڍندو آهي. هڪ دفعي جيئن هو عاميل سان ڪنهن مهم ۾ وڃي رهيو هو، تيئن هڪ مري برچ کي بندوق جي فٽر وڃي زمين تي ڪيرايو. جيسين عاميل وچ ۾ پوي ٿي پوي، تنهن کان اڳ هن اڳتي وڌي انهيءَ ڪريل برچ جو ڪنڌ لاهي وڌو. ان کان پوءِ انهيءَ منديءَ کي وارن کان جهلي مٿي ڪري ڏيکاريائين ۽ نهايت اطمينان سان چيائين' ته "آءٌ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، هي فيض‌الله آهي ۽ اسين ڪنهن وقت پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئاسين." انهن ڪهيرين مان پيو وري عبدالله خان هو، جو نهايت سهڻو جوان هو. سندس وارن جون ڪڪيون چڱون ڪلهن تي پئي پيون ۽ اکيون به پوري رنگ جون هيس. جيئن ته هو اڳي بهادر ڏاڙيلن جي ٽولين ۾ شامل رهيو هو، ان ڪري سندن لڪڻ وارين جاين کان واقف هو. مري ۽ بگٽي ٽڪرين ۾، هو اسان جو اعتبار

جوگو سونهون هو. هن مون کي پاڻهي ٻڌايو ته نشڪ جي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، هو جنگ جي ميدان ۾ ويا هئا ۽ اتي جيڪي به مري ڪريل ڏٺائون، تن سڀني جا ڪنڌ ڪپي آيا هئا. پاڻ ٻڌايائون ته هنن انهيءَ خير جي ڪم ۾ ٿلهي ليکي هڪ سؤ ٽيٽيهن ٻروچن جون سسيون وڍي ڌڙ کان ڌار ڪيون هيون. اهڙن ڪمن تي هو فخر ڪندا هئا ۽ جڏهن به ڪو اهڙو واقعو بيان ڪري ٻڌائيندا هئا، تڏهن چٽڪ نقش چٽي ڇڏيندا هئا، خاص ڪري اهڙن ماڻهن بابت جن سان سندن عداوت هوندي هئي. هاڻي وري هيبت خان مريءَ بابت ٻڌو ته جڏهن ڪيس اسان جي ٿيل فئرن ڪيرائي وڌو، تڏهن اعتبار خان انهيءَ مرٽينگ جوڌي جي ويجهو وڃي چيو ته ”هيبت خان مون کي سڃاڻين. اڳئين دفعي پاڻ جڏهن قلجيءَ جي دروازي وٽ گڏيا هئاسين، تڏهن تنهنجو پير منهنجي پاءُ جي مٿان رکيل هو ۽ جيڪي ڪي تو هن سان ڪيو هو، اها ساڳي ڪار اج آءٌ توسان ڪرڻ وارو آهيان.“ اهڙو وحشي ڪمن هوندي به اعتبار ۽ عبدالله اسان لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ثابت ٿيا، ڇاڪاڻ ته سندن ڪري ئي جابلو ٻروچن خلاف اسان جون ڪيل ڪارروايون بلڪل ڪامياب ثابت ٿيون. ميجر بلامور جي ڪمان هيٺ جيڪا فوج بگٽي ٽڪرين ۾ گهڙي ويئي هئي، تنهن وڃي انهن جي لٽ سردار بيبرگ کي جهليو، ۽ سندس قبيلي کان هڪ کان وڌيڪ شڪستون ڏيئي، انهيءَ ڀاڙ کي جا اتي ماڻهن ۾ رائج هئي ته ”خدا بيبرگ کي ديري ۾ ڪي ڪين ڪندو“ سدائين لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. اسان جون فوجون ڪاهان به وڃي پهتيون، جو مربن جو قلعو هو. انهن يا ته اسان جي اتي اوچتي پهچڻ يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري، اسان جو مقابلو ڪونه ڪيو. پر سڀ کان وڏي ڪامياب هئي قلات جو هٿ اچڻ، ۽ محراب خان جو موت، جنهن قبائلين ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو هو. بجر ڪي وري اسان جي

گهوڙيسوار فوج جي جتي اچي ورائي ورتو (جنهن رستي تي سڀ گاهه داڻو کپائي ڇڏيو) ان ڪري هن ٻيو ڪو چارو نه ڏسي نيٺ آڻ مڃي ۽ شاهپور جي سيد جي معرفت پنهنجو ارادو ليفٽيننٽ پوسٽنس تي ظاهر ڪيو. سندس پيش پوڻ جو فقط هڪڙو شرط هو ته سندس جان بخشي ڪئي وڃي.

٢٠- جنوريءَ تي ناءيارو بجر خان ۽ سندس ٤٨ ڊومبڪي ۽ جڪراڻي سردار، بيبرگ، سان گڏ اسان جي هٿ ۾ اچي چڪا هئا. برپٽ جي ڏاڙيلن کي تباه ڪرڻ جو هيءُ هڪ سونهري موقعو هو، ۽ انهيءَ وچندڙ بيماريءَ واري هنڌ کي هڪڙي ئي ڏڪ سان صاف ڪري ڇڏجي ها. اسان وٽ انهيءَ لاءِ ٻه طريقا موجود هئا- رحم ۽ سختي. اسان انهن ٻنهي طريقن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻيون ها، پر اسان جي سياسي گهورڙين هن ۾ هڪ ڏک جهڙي غلطي ڪري وڌي. هنن اهي ٻئي دوائون اهڙي ته اڍنگي نموني ۾ ملايون، جو ٻنهي جو اثر زائل ٿي ويو. اهو جٿو اهڙن مشهور رهزنن جو هو، جن جي نالي وٽ سان ماڻهن ۾ اهڙو ته هراس ڇائجي ويندو هو، جهڙو اسان جي خوشحال ملڪ ۾ رابن هوڊ يا راب راءِ جي نالي وٽ سان ٿيندو هو. هنن ڪان سواءِ ٻين ڏاڙيلن يا چورن کي، جي اڃا ڇيڪ پئي ڦريا، اسان سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانه هئي. اسين گهڻو ڪجهه ڪري سگهياسين ٿي يعني ته ڪين سدائين لاءِ پنهنجي دشمنن جي قطار مان غائب ڪري ٿي سگهياسين، يا ڪين پنهنجي پيٽ تي آڻي ٻاڻ سان ملائي ٻه سگهياسين ٿي. آءٌ پاڻيان ٿو ته جيڪڏهن ڪو سڪ گورنر هجي ها، ته هڙن ئي ڪي ٻنان ڪنهن دير يا ويچار جي ٽنگي ڇڏي هئا. مون کي پڪ آهي ته اسان جا انگريزي هيرو جهڙوڪ وويلنسٽائين يا ڪراموبل، جن کي ڪارلائيل پوڄڻ جي حد تائين ساراهيو آهي، اهڙن سان ساڳي ڪار ڪن ها. ساڳيءَ طرح آءٌ اهو به يقين سان ٿو چوان ته آئوٽرام يا ڪو

پيو جرنيل، بجر يا بيبرگ کي انگريز حڪومت جو دوست بنائي وجهي ها ۽ سندن معرفت انهن وحشي قبيلن تي حڪمراني ڪري ها، جي ڪين پنهنجو سردار سڏيندا هئا. انهن مان ڪابه رٽ ڪم نه آندي ويئي، پر هڪ تمام ننڍڙي تجويز، جا ڏسڻ ۾ سادي هئي، سا ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي. اها هيءَ هئي جو بيبرگ ۽ بجر کان سواءِ ٻئي سڄي ٻولي کي زنجيرن ۾ جڪڙي، عام ڏوهارين وانگر هلايو ويو، سندن بيعزتي ڪري ڪين گهليو ويو ۽ ڪين ڪاوڙ ۾ وجهي پوءِ ڪين ڇڏيو ويو ته جيئن اهي مٿن اسان جي طرفان ٿيل زيادتين جون (پوريون پوريون) ڪسرون ڪڍن. اها هڪ عظيم غلطي هئي جنهن کان انڪار ئي نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ ڪار ڪرڻ بدران جيڪڏهن اسين چاهيون ها ته انهن کي ايماندار ماڻهو بنائي سگهيامين ٿي. جاني پٽ قمبر جو مثال وٺو. هو پنهنجي سرگرم ڪارنامن ۽ بيخوف بهادريءَ ۽ پڻ بي رحم ۽ ظالمانه حرڪتن جي ڪري مشهور هو. هو جڪرائين جو سردار هو، جي اصل ۾ جڪرا سنڌي آهن، پر پوءِ بهادريءَ جي ڪمن سبب پاڻ کي پروچن ۾ شمار ڪرائيندا آهن. سندس باري ۾ مون گهڻوئي پڙهو هو، ان ڪري جڏهن سندن سردار پيش پيو، ان وقت بجر خان پوءِ سڀ کان پهريائين مون هن بابت پڇا ڪئي ۽ ڪيس ڏٺو. اهڙي ماڻهوءَ کي سندس شڪل ۽ شبيه جي ڪري وڏي گوڙ مان به تمام سولائيءَ سان ڪڍي سگهجي ٿو. قد ۾ ڪانئس پيا به ڊگها هئا، ۽ پڻ بدن ۾ وڌيڪ جاننا ٿي ڏنا، پر انهن سيني ۾ هي مڙس مڙيئي ڪاڪو پئي لڳو. سندس وڏيون ۽ چمڪندڙ اکيون ۽ ان سان گڏ بي آرام طبيعت ظاهر ٿي ڪيو ته هو اتي پاڻ مرادو ڪونه آيو هو. سندس قبيلو بجر جو پوئلڳ هو، جي ڪيس پنهنجي سردارن دريا خان ۽ ترڪ علي کان به وڌيڪ مان ڏيندا هئا. جانيءَ پاڻ کان فقط سندن خواهش موجب آئي فرنگين جي حوالي ڪيو هو، پر فرنگين لاءِ جيڪا

ڪيس ڏڪار هئي، ان ڪي هو لڪائي نہ سگهيو. جيڪا ترار وٽس هئي اها هتي ڏائين رت ۾ رڳيل هئي ۽ ان جي وچ ۾ ڪيترن ئي ڪانچن وٽ ماڻهوءَ جا وار چنبڙيا پيا هئا. جنهن مان ظاهر ٿي ٿيو تہ اهو ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪئي ويئي هئي. هن انهيءَ کي لڪايو تہ نٿي، پر پاڻ ٿهڪ ڏيئي ڏيکاريائين ٿي ۽ پڻ سڄي واردات بيان بہ ڪري ڏي ٻڌايائين، تہ اهو رت ۽ وار ڪيئن لڳا آهن.

هڪ يا بہ ڏينهن اڳ گهوڙيسوار جٽي، جيڪو جاني، جي پويان ويو هو، جي هڪ سپاهي جو گهوڙو ٻرپٽ ۾ مري ويو. چئن ماڻهن کي انهيءَ جي هني ۽ ٻئي سامان آڻڻ لاءِ موڪليو ويو. جاني، جنهن جو مشڪي گهوڙو پنهنجي تيز رفتاريءَ جي ڪري مشهور هو، سو ٻروچن جي هڪ ننڍي ٽولي سان مٿان اچي ڪڙڪيو. اسان جا سپاهي وٺي ڀڳا ۽ انهيءَ ڀاڄ ۾ ٿي ڇٽا ڪٽجي ٻيا ۽ چوٽون مڙيئي نڪري ويو، پر سندس گهوڙي جي پوئين حصي ۾ ٽيل گهائن، سوار جي ڊيڄڙي جي پوري تصديق ٿي ڪئي. اهڙو تہ خطرناڪ هو جاني! پر ساڻس ڇا ٿيٽو هو، هاڻي انهيءَ بابت ٻڌو. سندس هٿ اسان جي ماڻهن جي رت سان رڳيل هئا، انڪري حڪم ٿيو تہ ڪيس عمر قيد جي سزا ڏني وڃي. مون کي حڪم پهتو تہ ڪيس لوهم ۾ جڪڙي رستن ناهڻ جي انهيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو وڃي، جو شڪار ۾ قيد ٿيل معمولي ڏوهارين کان ورتو ويندو هو. مون ڪيس گهرائي اهو فيصلو ٻڌايو، چڱو ٿيو جو جيڪي سندس پر ۾ بيٺا هئا تن سندس ترار ڦري ڪيس اڳتي وڌڻ کان روڪيو، نہ تہ آءٌ پانيان ٿو تہ مون کي هڪ يا بہ اڻوٽندڙ ڏڪ وهائي ڪڍي ها! (جيتوڻيڪ اهو سندس لاءِ غير واجبي ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ فيصلو منهنجو ٽيل ڪونہ هو) هن وحشي جانور جيان پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر مٿان ئي مٿان ڪجي ويو ۽ وڃي زنجيرن ۾ جڪڙيو.

جانيءَ کي روزانو ڪم تي نيو ويندو هو، پر حوالدار جي هرروز اها دانهن هئي ته هو ڪم نٿو ڪري. هڪ قيديءَ ڊپ وچان هڪ ڪپڙي جو ٽڪر وڃائي ڇڏيو، جنهن تي انسپيڪٽر وانگر وڃي ويهندو هو ۽ ٻيا سندس اڳيان ڪم پيا ڪندا هئا. مون انهيءَ نافرمان کي گهرائي سمجهايو (جيتوڻيڪ دل ۾ آءٌ سندس هٿرمييءَ کي ساراهيندو رهيس). مون کيس ٻڌايو ته ڪم نه ڪرڻ جي حالت سندس سزا ۾ گهٽتائي اچڻ مشڪل آهي. ”ڦاهي ڏي مون کي.“ اهو هو سندس جواب، (۽ سندس وڏيڪ چوڻ هو ته) ”جيئن وڻيئي تيئن مارائي ڇڏ، پر آءٌ پنهنجو هٿ اوهان جي غلاميءَ واري پورهيي ۾ ڪونه وجهندس.“ آءٌ ڏاڍيءَ مشڪلات ۾ پئجي ويس. منهنجي ان وقت اها حالت هئي، جهڙي اليورٽوسٽ جي، جڏهن مسٽر نمبل ڪيس ڪنجيءَ جي سوراخ مان هو ته هوڪائنس نٿو ٻڌي. اهڙي ڏوهاريءَ لاءِ ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪرڻ ڪپندو هو، جو آءٌ خوشيءَ سان اختيار ڪريان ها. نيٺ اهوئي رستو اختيار ڪيو ويو پر ڏاڍيءَ دير سان.

جانيءَ کي گهڻو عرصو قيد ۾ رکڻ کان پوءِ، مون کي هڪ خط پهتو جنهن جي پٺيان هي اکر رهڙيل هئا، ”جانيءَ کي آزاد ڪري ڇڏ، جيڏانهن وڻيس تيڏانهن وڃي.“ اهي اکر تمام سولائيءَ سان لکيا ويا هئا، پر ڏسڻ ۾ ايندو ته انهيءَ هرهڪ اکر جي بدران هڪڙي ماڻهوءَ جي حياتي زيان ٿي. سندس زنجير لاهي، ڪيس تنبيه ڪئي ويئي ۽ پوءِ ڪيس ڇڏيو ويو. اڃا ٿي ڏينهن ئي ڪو نه گذريا، جو هن اسان جو هڪ دفعيدار ۽ آٺ سوار ماري وڌا. اهي هئا، سندس صبر جا پهريان ڦل. پر سندس پنهنجي به اڃي پوري ٿي هئي، ۽ ڪيس اهو موت نصيب ٿيو، جنهن جي هو بلڪل لائق هو. هو سازشي به مشهور هو ۽ بلوچ خان نالي هڪ لاهري سردار جي زال سان ڪريل هو، هڪ دفعي جيئن هو انهيءَ سهڻيءَ بدڪار عورت

سان ملڻ ويو، تيئن سندس مڙس کي خبر پئجي ويئي. جانيءَ وت ان وقت هٿيار بدل هو، ان ڪري سائس مقابلو ڪرڻ سڻائو ڪم نه هو. آخر معاملو آهستگيءَ سان سلجهايو ويو. گهر جا دروازا مضبوطيءَ سان بند ڪيا ويا، ۽ چت کي اڏايو ويو. باهران پٿرن جي اهڙي تہ وسڪار ڪئي ويئي، جو انهيءَ ڏوهاري جوڙي جي ننڍ موت ۾ بدلجي ويئي. جانيءَ سان جيڪو سلوڪ ٿيو، ان جو مون کي ڪو به ڏک ڪونهي، پر سندس ساٿين سان ٿيل عقوبت مون کي البت تڪليف ڏني. جاني بيشڪ ظالم ۽ بيرحم لفنگو هو ۽ ڪيس پنهنجي ڪيل ڏوهن جي پوري سزا ملي، پر بجر وارن جو خاندان ڪائنس بلڪل مختلف هو. جيتوڻيڪ هو ظالم ۽ رت هارڻ ۾ بيپرواهہ هو، پر سندس طريقو رلڻو ملڻو هو. هو لاغرض رڳو ماحول جي ڪري تيا هئا، جنهن ۾ سندن جنم ٿيو هو، ان هوندي به هو چڱي نسل جا ٿي ڏٺا ۽ منجهن گهڻيئي چڱا گڻ به هئا. بجر پنهنجي مٽنهن رچ چڱو مڙس ٿي ڏٺو، ۽ ساڳيو نمونو هو. سندس پاءُ مندو خان پٽ وزير خان ۽ پڻ سندس ڪٽنب جي ٻين ماڻهن جو. جيڪڏهن انهن سان چڱو ورتاءُ ڪجي ها تہ آءٌ پانيان ٿو تہ هو ڪڏهن به اسان کي ڏوکو نہ ڏين ها. پر اهڙن ماڻهن کي هٿڪڙيون وجهڻ، سندن هٿيارن ۽ گهوڙن کي وڪڻڻ ۽ پوءِ وري انهن کي آزاد ڪري ڇڏڻ چريائي نہ هئي تہ ٻيو وري ڇا هو. جيڪي منهنجي وس هو سو مون پنهنجي منهن ڪيو، يعني تہ ڪين هٿڪڙين لڳڻ کان ڪجهہ وقت بچايم، جڏهن اهو معاملو اختياريءَ وارن تائين پهتو، تڏهن انهن ڪين هڪدم زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو ۽ مون کي نيٺ تعميل ڪرڻو پيو. ڪجهہ وقت اڳ بجر کي ٽي هزار رپيا ماهوار پگهار واري نوڪري آڇي ويئي هئي، پر هاڻي تہ گهالهہ ئي اور ٿي ويئي هئي.

هڪ ڏينهن بجر مون کي ٻڌايو تہ صاحب "قسمت من چنين است." (منهنجي قسمت ئي اهڙي آهي). ٻيبرگ بجر جهڙو مائيٽو ڪو نہ هو. ڪيس جڏهن پٽس عصمت خان کي گهرائڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو، تڏهن هن هڪدم نابري واري ۽ پنهنجي ڪاوڙ جي اظهار ۾ وٺي واڪا ڪرڻ لڳو. بجر هڪ عجب جهڙو ٻير مرد هو ۽ مون کي سائس ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. جڏهن بہ ڪو موقعو ملندو هو مان سائس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، ڇاڪاڻ تہ سندس عجيب جواب مون کي ڏاڍو وندرائيندا هئا. مون هن جهڙو جوان - خيال پوڙهو ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو ۽ مون کي پڪ آهي تہ ڪنهن پريءَ کيس آبحيات جو ڇڪو پياربو ٿيو ڏسجي. هو ڏسڻ ۾ چاليهن ورهين کان (چمار ۾) وڌيڪ ڪو نہ ٿي لڳو. سندس وار ڊگها ۽ گهاٽا خاڪي رنگ جا هئا ۽ سندس پوريون اکيون هيرن وانگر ٻئي چمڪيون.

٨- فيبروري تي بومبڪي قيدين جا هٿيار ۽ گهوڙا وڪرو ڪيا ويا. بجر ۽ دريا خان جي گهوڙن کان سواءِ، ٻيا سڀ ٻاڻ سان هلڪا گهوڙا شڪارپور وٺي آيا هئا. انهن مان گهڻا تہ غريباڻن ٽٽڻ تي چڙهيل هئا، جي تڪا ۽ مضبوط تہ هئا، پر قد جا ننڍا ۽ ڪمزور ٿي ڏٺا. انهن جا سوار مٿن چڙهي ڪنهن بہ حالت ۾ اسان جي گهوڙيسوارن جي برابري ڪري ئي نٿي سگهيا. سندن هٿيار پراڻيون جامڪيدار بندوقون، گينڊي جي ڪٽ جون ٿهيل ڊالون ۽ ويڪريون پر تيکيون تراريون هيون. تلوار بازيءَ ۾ بروچ ڪي اڏچاڻ ڪو نہ آهن. عالم آشڪار آهي تہ اهي هڪ ئي ڏڪ سان رڍ کي بہ ٽڪر ڪيو ڇڏين. بجر خان ۽ جڪراڻي سردارن جون گهوڙيون قداور، بدن جون ڳريون، ۽ زبرا وهٽ هئا. بجر جي گهوڙي ٢١٠ رپين ۾ ۽ جڪراڻي سردار جي ٤٠٠ رپين ۾ وڪرو ٿيون. بجر واريءَ گهوڙيءَ کي بمبئيءَ موڪليو ويو ڇاڪاڻ تہ

هڪ ماڻيڻو جانور هو. پر ٻيءَ گهوڙيءَ جي پڇارئي ڇڏيو. اهڙو شوخ ۽ ڏنگو جانور مون ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو. اها گهوڙي پهرين هڪ آفيسر خريد ڪئي پر انهيءَ جي خوبين کي پرکڻ لاءِ هوڪيس سرپٽ دوڙائڻ لاءِ دل جهلي نه سگهيو. ڪجهه ڏينهن ڪيس تتن تاري ڪئي ويئي يعني ته آلياڻ وڌو ويو، مالش ڪري پٽي ٿپري ويئي، پر وريو ڪي به ڪين. انهيءَ هوندي به ناسوٽيون ڦاڙي ڦونگارا هڻڻ، آرس پيچڻ ۽ ڦوندجڻ مان ظاهر ٿي ٿيو ته هو پاڻ جهڙوئي ڪو وحشي سوار طلبي رهي هئي، پائنجي ٿوته هوءَ چئي رهي هئي ته جنهن کي پنهنجي ڪنڌ جو خير گهرجي سو مون کان پڇي ڀري ٿئي. آخر الف خان ترين، جنهن کي هڪ ڏنگي وهٽ جي اڳيئي ضرورت هئي، تنهن چيو ته آءٌ ٿو آزمايانس. ڏيتي ليتي ٿي ويئي ۽ دريا خان جي گهوڙيءَ نيٺ وڃي پنهنجي پٺيءَ تي سچو سوار محسوس ڪيو. پر ان هوندي به الف خان کي مٿس چڙهڻ لاءِ حرفت ۽ چالاڪيءَ کان ڪم وٺڻو پيو. هو انهيءَ کي هڪ سوڙهي گهٽ ۾، جو ٻن ديوارن جي وچ ۾ هو، وٺي ويو، جتي هوءَ پوئتي مڙي نه سگهي ۽ پوءِ لانگ ورائي مٿس چڙهي ويٺو، پر گهوڙيءَ کيس پنهنجيءَ ڪاميابيءَ تي خوش ٿيڻ ڏنوئي ڪو نه، چاڪناڻ ته جيئن ئي هن پنهنجي پٺيءَ تي بار محسوس ڪيو. تيئن وٺي ٽپ ڏنائين ۽ ڪاوڙ ۾ پوين ٿنگن سان ڪڏائڻ لڳي. ٻن - ٽن ٽپن کان پوءِ اهڙي ته گوهي ڏنائين، جو اهو جانئو جوان اڇلجي مٿي پر وڃي پري ڪريو، مڙس پيو ته رهڙجي پر وري اٿي بيٺو ۽ وڃي مٿس چڙهيو. هن پيري گهوڙيءَ سمجهيو ته انهيءَ سوار هاڻي شايد سندس مادو پرکي ورتو آهي، ان ڪري هوءَ سانت سان بيٺي رهي. سچ پچو ته الف خان هڪ تمام عمدو سوار هو ۽ انهيءَ چريائيءَ جي ريچڪن تي پنهنجي فتح ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ چوندو هو ته جڪراڻين جو غرور هاڻي منهنجي

لانگ جي هيٺان آهي. جڏهن دريا خان کي آزاد ڪيو ويو تڏهن هن کي مجبورن اها گهوڙي واپس ڏيڻي پئي ۽ جيڪي پئسا هن انهيءَ جي خريداريءَ تي ڏنا هئا سي سرڪار طرفان ڪيس واپس ڏنا ويا.

باب ستون

سرتاڻ جي جنگ ۽ والپول ڪليرڪ جو موت - عاميل جي ڪلپرس جي پٽيان پوڻ ۾ ناڪاميابي - ڪچيءَ جو نائب محمد شريف - انهيءَ علائقي جي بدانتظامي - سنڌي الف بي - شڪي خط.

انگلنڊ جي ماڻهن کي مئي جو مهينو ڏاڍو وڻندو آهي، چاڪاڻ ته انهيءَ ناليءَ ۾ هڪ قسم جي جادوگري سمايل آهي، يعني ته انهيءَ مهيني ۾ چمڪندڙ ساوڪ سان ڀريل ميدان پيا پسبا آهن ۽ ٻارن کي ڪو سلپ ۽ هوٽارن پٽيندو ڏنو ويندو آهي، جن ۾ اچا ۽ ڳاڙها گل پنهنجي خوشبوءِ سان انهن کي وندرائيندا رهندا آهن. منهنجي دل اهو نٿي چاهيو ته رڳو پنکي جو چيچاٽ هجي ۽ هڪ اچي پٽڪي وارو پيرمرد انهيءَ کي چڪيندو رهي، ۽ نه وري مون کي اها اونداهي ڪوٺي ٿي وڻي پر ٿرمامينٽر جي انگن ۾ ڦيرگهير مون کي تنبيهه ڪري رهي هئي ته سنڌ وارو مئي مهينو، انهيءَ ٿڙندڙ ۽ خوشيءَ سان ڀريل مئي ڪان بلڪل نرالو آهي، جو انگلنڊ ۾ محسوس ڪبو آهي. آءٌ ان وقت ٩٦ ڊگرين جي گرميءَ ۾ هوندي پڳهر ۾ ٻڌو پيو هوس ته هڪ قداور آفيسر اندر گهڙي آيو، ۽ اچي مون سان هٿ ملايائين. "ڪليرڪ" مون کيس چيو، ڪهڙي ڪم تي ڪي هن سخت گرميءَ ۾ هتي آندو آهي جا جيڪر ماڻهوءَ جي مٿي کي پگهرائي وجهي، ٻوءِ پل ته اهو لوهه جو ڏهيل هجي ۽ مٿس سخت پٿر جو ٿهه چڙهيل هجي؟" هن وراڻيو،

”مون کي مري ٿڪرين ۾ حفاظتي فوج سان وڃڻ جو حڪم ملڻو آهي، جيتوڻيڪ آءٌ تن ڏينهن کان وٺي چاق به ڪو نه آهيان ۽ نڪو ڪو وري منهنجو وارو آهي، پر مون کي چوٽو ڪي ڪين آهي ۽ حڪم جي پوئواري ڪرڻي آهي.“ هن مون کان رستي جا سونهان گهريا، جي مون کيس ڏنا ۽ هو موڪلائي هليو ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جيئن آءٌ بستري تي بيمار پيو هوس ۽ سوڙن جي تهن ۾ پئي ڏکيس، تيئن پردا کليا ۽ مون کي بد خبر ٻڌائي ويئي ته ڪلارڪ پنهنجي سڄي ڄڻي سوڌو مارجي ويو آهي ۽ هڪ به ماڻهو منجهانئن ڪسڪي نه سگهيو آهي. حقيقت به ائين ئي هئي. اها بهادر دل جنهن تمام بلند آواز سان ڏڏڪو ٿي ڪيو، اها هاڻي موت ۾ ٿڌي ٿي ويئي هئي. گهڻو وقت پوءِ مون انهيءَ معرڪي جو احوال عبدالله ۽ پين کان ٻڌو، جي اتي حاضر هئا. انهن ٻڌايو ته ڪلارڪ ڪن پروچن کي چيو هو ته ”مان ڪاهان پيو وڃان، جي دودي مريءَ کي مون سان مقابلو ڪرڻو هجي ته پهل اچي.“ اهو هڪ سخت نياپو هو، پر مون کي ٻڌائڻ واري ماڻهوءَ جي سچائيءَ ۾ شڪ آهي، ڇاڪاڻ ته آءٌ ڪلارڪ کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس ته هو ڪڏهن به ٻڌاڪ نه هڻندو هو. بهرحال، مرين اسان جي لشڪر جي ٽوليءَ جو ڪاهان مان موٽندي معمول وانگر، اُنن جي قطار اڳيان بيهاري رستو روڪي وڌو. ڪلارڪ ڏڏو ته پئيان آهي جبل ۽ اڳيان هٿياربند ماڻهو، ان ڪري هن پنهنجي آخري ماني نهايت اطمينان سان ڪاڌي، جهڙوڪ دشمن اتي هوئي ڪو نه! پر پوءِ موت لاءِ اٿي بيٺو. هو پنهنجي ماڻهن کي هڪ ايبيءَ چڙهائيءَ تي وٺي ويو، جنهن کي سرتاف*. سڏيو وڃي ٿو (پائنجي ٿو ته هو سيرآب هجي

(*) سرتاف ــ بلوچي سرد ــ آب جو بگڙيل نمونو آهي، جنهن جو مطلب آهي ٿڌو پاڻي.

جنهن جو مطلب آهي چشمي جو پاڻي) جتان هن ڪيترائي دفعا بروچن جي حملن کي پسپا ڪيو. پر آخر انهن جي هڪ جماعت اچا بہ وڏيڪ اتانهينءَ تان اچي، سندن پٺيان حملو ڪيو. سخت مقابلي کان پوءِ هو وڃي زمين تي ڪريو ۽ سندس ڪنڌ هڪ اهڙي قسم جي چاقوءَ سان ڪپيو ويو، جو گهڻو ڪري سڀ بروچ چيلهه سان ٻڌي هلندا آهن. اهي چاقو يا تہ اهڙي شريفاڻي ڪم ۾ استعمال ڪندا آهن، يا وري ڪاڏي جي شيءِ وڍڻ وغيره ۾ ڪم آڻيندا آهن. سندس ڪمان هيٺ هيٺ هڪ سؤ ست ماڻهو هئا، جي گهڻو ڪري سڀ بيقاعدي سوار هئا، جن مان ٿيهن ۽ چاليهن جي وچ ۾ جان بچائي وڃي پڳا، پر انهن ۾ بہ ڇهن- ستن کان سواءِ ٻيا سڀ زخمي ٿي پيا هئا. مهينن پڇاڻان هڪ سنڌي منهنجي دوست جون چاڀيون ۽ سندس سامان جون ٻيون معمولي شيون ڪٽي آيو، ۽ پڻ سندس رت سان ڀريل پتلونو بہ آڻي ڏنيون، جي هڪ جبل جي چڙ ۾ ڏنيون ويون هيون. سنڌو درياهہ اُڪرڻ جي وقت کان وڃي هي اسان جو ڀهريون ئي نقصان هو، ۽ ان سان گڏ شڪست پڻ. انهيءَ جو تمام وڏو اثر ٿيو، چاڪاڻ تہ مرين جو مَن وڏي ويو ۽ ان ڪري ڪو بہ جتو خطري کان سواءِ ٿڪرين ۾ گهڙي نٿي سگهيو. جن سپاهين کي انهيءَ پاسي نوڪري ڪرڻ جو حڪم ٿي مليو، تن سمجهيو ٿي تہ چڪ ڪين موت جي منهن ۾ ٿڪيو ويو آهي. جڏهن بہ هو ٿڪا نالي ٿڪرين ڏانهن ويندا هئا، تڏهن پنهنجي بچت جا پئسا يا تہ ڪنهن دوست کي ڏيئي ويندا هئا، يا خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏيندا هئا تہ جيئن اهي سندن ٻارن ٻچن کي موڪليا وڃن. ساڳئي وقت سرتاف وانگر هڪ ٻيو بہ حادثو ٿيو. ڪلپر بگتين جو ڏاڙيل قبيلو، جو مرين جي جُوءِ جي اوپر وارين ٿڪرين ۾ رهندو هو، تن لاءِ خبر پيئي تہ اهي حملو ڪرڻ وارا آهن. عاميل اها خبر ٻڌندي ئي آسي گهوڙن جي جتي سان، جن جي مهنداري

هو خود ۽ ليفٽيننٽ واردان ڪري رهيو هو، انهن جي ڳولا ۾ نڪتو. يارو ڪوسو به پاڻ سان ڪنيائون جو جُوءِ ڊيڪارڻ ۾ سندن سونهون ٿيو. سڄي رات سواري ڪندي گذري ۽ صبح ٿيو، پر دشمن جو ڪٿي به پتو نٿي پيو. رڳو هڪ ٻي انت واريءَ جو بيابان هو ۽ پنڌ به نٿي ڪٿو: جو گهڻو ڪري سٺي آبهوا ۾ جلد پورو ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهو سمجهندو آهي ته هو اڳتي وڌي رهيو آهي. ٿوري پنڌ کان پوءِ، اهو بيابان تپي باهه ٿي ويو ۽ منجهانئس هلڻ ناممڪن ٿي پيو. اکين تي ڏنڌ چڙهي وئي، ۽ ڪنَ گرميءَ ۾ ڳاڙها ٿي ويا. آتي جي ڏاڙيان کان ٻئي، جي مجال آهي، جو اهڙيءَ آزمائش ۾ بچي سگهي، ڇاڪاڻ ته ڏاڙيلن کي نڏيءَ وهيءَ کان وٺي اهڙي بيابان جي اڪيلائيءَ ۾ نياپو ويو آهي ۽ انهن کي ٿڪ ۽ اُڃ تي هيرايو ويو آهي. سيني ماڻهن ۾ ٻروچ ئي گهڻو وقت پاڻيءَ پيئڻ کان سواءِ جٽاءُ ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪين ٻري ڪنهن ڏاڙي تي وڃڻو هوندو آهي ته پوءِ فقط هڪ دفعو پاڻي پيئندا ۽ سڄي ڏينهن جي گرميءَ ۾ وري پاڻي نه گهرندا. حقيقت ۾ اهي هڪ تمام سخت تربيت يا نظام تي هيرايا وڃن ٿا، ايتريقدر جو جن کي ساڻن چٽاپيٽي ڪرڻي پوي ٿي، تن کي به اها ساڳي ڪار سهڻي آهي. پر ڪو به يورپي ماڻهو پهنجي طبيعت کي ايترو بدلائي نٿو سگهي، جو سختين سهڻ ۾ انهن جهڙو ٿي پوي. سندن نقشو هيٺن چٽجي ٿو: مٿي ٽپڻ اگهاڙي هوندي اٿن ۽ ان جي چوڌاري ڪپهه جو نهيل ڪو ڪپڙو ويڙهيل هوندو آهي: چڙهندا آهن ڪاٺ جي اٽگهڙيل ۽ سخت پاڪڙي تي، گهوڙا هوندا اٿن ڊَڊا، جن جو پنڌ آهي ڊُگَڻ، پر اهي آهن اهڙا چُوها جو ڪين پڇڻ مشڪل آهي. اها آهي ٻروچن جي چڙهڻي ۽ سندن پنڌ، جنهن ۾ اهي پنجاهه يا سٺ ۽ ڪنهن ٻهل ته ستر ميل بنان ڪنهن ڏاڀي جي ڪيو وڃن.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ ننڍڙو جٽو سر جي. ڪين جي فوج سان ملڻ ٿي ويو، تڏهن منجهانئن فقط شڪارپور ۽ بر شوريءَ جي وچ ۾ اڌ جيترا ماڻهو ضايع ٿي ويا هئا، چاڪاڻ ته سندن سونهون ڪين هڪ تمام ڊگهيءَ منزل تي وٺي ويو هو. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته هي انهن ڪمبختن کي رستي تي آرام خاطر منزل ڇونه ڪرائي، تڏهن وراڻيائين ته آءٌ ڪين ڪيئن ڇوان ته منزل ڪريو، چاڪاڻ ته مون وارو گهوڙو اڃا تائين ٿڪو ڪونه هو. ان ڪري مون ٻين بابت به ساڳي ڳالهه سمجهي. پر سچ اپرندي ٿي عاميل جي فوج کي اڳتي وڌڻ جي طاقت نه رهي. جتي ڪتي پاڻيءَ لاءِ دانهن ٿيڻ لڳي. ڪيترا رستو وڃائي ويٺا، ڪيترا پويان رهجي ويا، جتي اهي سخت تڪليف سان مئا هوندا. يلغار ڪرڻ جو ته خيال ئي ختم ٿي ويو، رڳو اها مرضي هئي ته واپس ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ تي پهچجي. انهيءَ ڪان ته ڪوبه انڪار ڪونهي ته سڄي جماعت يارو سونهي جي رحم ۽ ڪرم تي هئي. جيڪڏهن هو پڇي وڃي ها يا ڪين ڪلاڪ-به بربٽ ۾ رلائي ها، ته پوءِ انهيءَ جماعت جو هرهڪ ماڻهو پساهه ڇڏي وڃي ها. پر پانئجي ٿو ته يارو پنهنجي پراڻن دوستن، بگٽين سان فريب نٿي ڪري سگهيو ۽ نه وري پنهنجو ماهيانو پگهار، جو ڪيس اسان جي سرڪار وٽان ملندڙ هو، تنهن کي وڃائڻ ٿي گهريائين. نيٺ هو عاميل کي هڪ لڙاڻيل پاڻيءَ واري ڊُبي تي وٺي ويو، جنهن جي، فقط بربٽ جي ڏاڙيلن کيئي خبر هوندي آهي، ۽ انهيءَ پاڻي جي واپرائڻ ڪري ئي اهي پنهنجي ماڳ اچي پهتا. ڏسڻ ۾ اهو پاڻي ڪارو ڪٽ لڳو پيو هو، ۽ منجهانئس گندي بانس به پئي آئي، پر سيئي ماڻهو توڙي سندن گهوڙا ڏو وڃي منجهس پيا ۽ هرڪو پئي سان ان جي قيمتي ڊُڪ لاءِ وڙهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح انهن ڏاڙيلن کي جهلڻ جي ڪوشش ناڪام ويئي- ڪجهه ڏينهن کان پوءِ

شڪارپور کان ٿوري پنڌ تي ٿي گهوڙا ۽ سندن سوار مئل ڏٺا ويا، جي سڪي ٿوٽ ٿي ويا هئا، اهي هئا اسان جي ناڪاميءَ جا يادگار! پيا جيڪي پنهنجن هٿن تان ڪيري پيا هئا تن لاءِ گولا ڪئي ويئي، پر اهي به اڌ بيهوش مليا، جهڙيءَ طرح گهٽو ڪري ٿيندو آهي. سيني وني ياروءَ خلاف آواز اٿاريو. جنهن ڪري ڪيس ٻڌي شڪارپور موڪليو ويو. سيني جي اها گهڙ هئي ته ڪيس ڦاهي ڏني وڃي ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو ته هن جي خلاف بيان وٺان. مون کي انهيءَ حڪم جي پوئواريءَ ۾ خوشي ٿي، ڇاڪاڻ ته مون کي پنهنجي سر سندس لاءِ ڪوبه بغض يا ڪينو ڪونه هو. ڇا انهيءَ ۾ اسان جي زيادتي نه آهي جو اسان انهن ماڻهن تي، جي نوڪريءَ ۾ گهڙن ٿا، اهو آسرو ٿا رکون ته اهي پنهنجن ڀائرن سان دوهه ڪري يا ته موت جي منهن ۾ ڏين يا آڻي اسان جو قيدي بنائين. ڏنل شاهدين مان اهو ثابت ڪونه ٿي سگهيو نه ڪو هن اسان جي ماڻهن کي ڇاڻي واڻي رستي کان ٻي رستي ڪيو هو. جيڪي ڪيس حڪم ڪيا ٿي ويا سي هن بلڪل ڪونه ٿي سمجهيا. ساڳيءَ وقت هو انهن ماڻهن مان ڪو نه هو، جن ڏاڙيلن جي قرلٽ ڪرڻ جي خبر ڏني هئي ۽ ڪيتري به ڪوشش ڪجي ها پر انهن کي هٿ ڪرڻ مشڪل هو. هن پاڻ ٻڌايو ته اڃا به پاڳي ٿيون حصو پنڌ ڪيو هوسين ته واپس ورڻ جو حڪم مليو، انڪري ڏاڙيان ڏٺين پهچي نه سگهياسين. ياروءَ کي نيٺ ڇڏيو ويو ۽ هو پوءِ چڱي ڪم آيو.

١٨٤٠ع واري گرميءَ جي موسم پنهنجي اوج تي هئي ۽ اسان جي سنڌوءَ جي پريان حالتن ۾ وڏو قيرو اچي ويو هو. اڳيون سال اسان جي ڪابل واري مهم ۾ ڪامياب گذريو. شاهه وڃي پنهنجن وڏن جي تخت تي ويٺو. قندار جا رئيس ۽ سندس ڀاءُ دوست محمد، جو هڪ جبرو مڙس هو، آهي پڄي ويا. قلات جي محراب خان اسان جي دشمنيءَ جي پڇتاءَ ۾

پنهنجو رت ڏنو. باقي رهيا ڦورو ٻروچ، تن جي سردارن پنهنجي مرضيءَ سان اسان جي آڻ مڃي. اُهي هاڻي اسان جا قيدي هئا. اسان هڪ تمام وسيع ملڪ هٿ ڪيو هو، پر انهيءَ کي قبضي ۾ رکڻ ڏکيو ڪم هو. اسين جيڪڏهن چاهيون ها ته ان کي عقل ۽ چالاڪيءَ سان هٿ ۾ رکندا اچون ها، پر انهيءَ بابت اسان بلڪل اونڌو قدم کنيو. سياست جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ کان پوءِ اسين وري اهڙيءَ طرح لٿاسين، جو ثابت ٿي ويو ته اسين پاڻ کي آهستگيءَ سان ڪيتريقدر ڪيرائي سگهياسين ٿي. سڀ کان پهرين اسان پنهنجي فوج تمام جلدي گهرائي ورتي ۽ باقي جيڪي منجهن رهيا هئا، تن کي به فراخدليءَ سان موڪل ڏني ويئي. افغان ۽ ٻروچ اسان جي مٿ جيترن ماڻهن کي ڳٽڻ لڳا ۽ ڪين ٿورڙن ماڻهن جي زبردستي ڪرڻ ۾ شرم پئي آيو. سرڌاف واري تباهي به انهيءَ ڪري آئي ۽ اهو ثابت ٿي ويو ته فوجي جتا ٿڪرين جي قبيلن سان پورا نٿي پئجي سگهيا. چاڪاڻ ته ڪليرڪ واري جماعت پوريءَ طرح تباهه ڪئي ويئي هئي. اهڙن ڪمن لاءِ ريجيمنٽ جي ضرورت هئي. جيسين اسان پنهنجا سکر ۽ شڪارپور وارا ڊيپو نه ڇڏيون، تيسين اهي اچن ڪٿان؟ انهيءَ دوران اسان جو سياسي مڪ لڙائيءَ جي ماڳ کان سوين ميل پري هو، اهو ته شملي جون ٽڏيون هوائون کائي رهيو هو. جتان هو جوو Jove (١) وانگر اولمپس جي برفاني چوٽين تان اسان جي غريباڻي دنيا جي حڪمت تي حڪومت هلائي رهيو هو. ايجنسيءَ جو اسسٽنٽ، جو پويان ڪم ڪار لاءِ ڇڏبو ويو هو، تنهن وري هرهڪ معاملو پنهنجي غير حاضر بالادست کي رجوع ٿي ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو رڳو ان جي اچڻ ۾ هفتا لڳي ٿي ويا. هن سان ويڙن هيءَ هئي جو انهيءَ ٻوليءَ کان بلڪل اڻڄاڻ هو، ان ڪري ڪيس هڪ فريبي ۽ ساڳي وقت لالچي منشيءَ تي

(١) جيپٽر ديوتا کي سڏيندا هئا. هي يونان جو مکيه ديوتا هو.

اعتبار ڪرڻو پوندو هو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هو هڪ برجستو عملدار هو، ۽ منجهس قدرت جون ڏنل سڀيئي سهڻيون قابليتون هيون، پر سندس سڄي هلت چلت يا انتظام، ناهہ نہ ڪرڻ واري اصول تي هو. ساڳي وقت اهو ماڻهو جو ڏينهن ۾ هڪ ڊزن ڪان بن ڊزن بيئر جي بوتلن کي ڳڙڪائي وڃي، سو ڪٿي ٿو ضروري ۽ غير ضروري ڪاغذن جي مقرر ڪيل تعداد کان وڌيڪ ڪاغذن کي پوريءَ طرح جانچي سگهي!

اهڙين حالتن ۾ ڪنهن هاتف جي ضرورت ڪانہ هئي، جو اچي پڌائي تہ اجهو ٿي مصيبت اچي! لـوڊي ٿيهن سپاهين سان قلات وڃي نڪتو ۽ اتان مدد ي فوج موڪلڻ لاءِ لکيائين. ڪاهان بہ ان وقت گهيري هيٺ هو. مون بمبئيءَ جي سيڪريٽريٽ ڏانهن خطن جي هڪ لانڊ ڪڍي شروع ڪئي، جنهن ۾ جيترو ٿي سگهيو مون پنهنجون غلطيون ۽ انهن جا علاج بہ لکي موڪليا. اسان جي وڏي ۾ وڏي غلطي اها هئي جو اسان هڪ غدار ۽ ملحد کي ڪڇي (علائقي) جو گورنر مقرر ڪيو هو.

انگريزن جي حڪومت انصاف جو بهترين نمونو آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي. سڀئي ماڻهو انهيءَ مطابق هڪجهڙا آهن ۽ سڀئي هڪجيتري عزت جا حقدار آهن. سڀني جا حق بہ هڪجهڙا آهن، جنهن ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪنهن عهدي لاءِ ناقابل قرار نٿو ڏيئي سگهجي. پر انهيءَ اصول تي ڪيتريقدر عمل ڪيو ٿي ويو، انهيءَ لاءِ هن هڪڙي مثال مان ئي سڄي ڳالهہ پڌري ٿيو پوي. اسان هڪ نئون ملڪ هٿ ڪيو آهي، يعني تہ ڪڇيءَ وارو علائقو، جو اسان شاهہ جي نالي ۾ ورتو هو پر حقيقت ۾ ورتو پاڻ لاءِ هوسين. اسان جو اهو بہ اصول رهيو آهي تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو اضافو نہ ماريو ويندو. هاڻي انهيءَ لاءِ هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي چونڊيو ويو، جو انهيءَ عهدي لاءِ ذري جو بہ حقدار نہ هو ۽ دلي

طور هو بہ اسان جو مخالف. کيس ڪيچيءَ جي گورنر مقرر ڪرڻ وقت ڪنهن بہ اها پڇا ڪئي تہ محمد شريف آخر هو ڪير؟ جيڪڏهن ڪو ائين سوال ڪري ها تہ سچ جو هيءُ جواب هجي ها، محمد شريف اهو هو، جو قلات جي محراب خان ٻاران خاران ۽ داجل جو گورنر هو، ۽ اهي علائقا هُن رنجيت سنگهہ کي وڪڻي ڇڏيا هئا. ڪانئس ماڻهن کي ڪو ڊپ ڪونہ هو پر ويتر نفرت هئي. هو ڪنهن جو بہ زبردست رهي سگهيو ٿي ڇاڪاڻ تہ هن ۾ سيني سان فريب ڪرڻ جي عادت هئي. کيس پگهار وغيره جي ڪابہ پرواهہ نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ جن ماڻهن مٿان کيس گورنر مقرر ڪيو ٿي ويو، تن کي قُري ڇٽ ڪري ڇڏيندو هو، اهڙيءَ طرح جو وٽن پائي بہ ڪانہ بچندي هئي، پوءِ پلي ڪٿي سندس پگهار گهٽ هجي يا وڌيڪ. ماڻهن ۾ اهڙو اثر وڌو هئائين، جو هو منجهس ڏاڍو اعتبار ڪندا هئا. هي آهو ماڻهو هو جنهن کي ڪنهن وڏيءَ غلطيءَ ڪري ڪچيءَ جو وائيسراءِ مقرر ڪيو ويو. کيس ڪنهن بہ يورپي آفيسر جي ضابطي هيٺ وهڻ جي زحمت بہ نہ ڏني ويئي ۽ اهڙر تہ ڇيڪ ڇڏيو ويو، جو ڏاڍي سولائيءَ سان پنهنجين چالبازين جو ڄار پکيڙيندو رهي. هن پنهنجن ڪارن ڪرتوتن سان هڪ اهڙيءَ بغاوت جو بنياد وڌو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو شاهنواز کي قلات مان نيڪالي ملي، لوڊي مارجي ويو ۽ ڪچي ۾ لُٽ مار ٿي. هُن سڀ کان پهريون موقعو تاڙي اچي ايجنسيءَ جي حاضري پري ۽ منهنجي ملاقات بہ بہ ساڻس اتي ئي ٿي هئي. ڏسڻ ۾ سهڻو ۽ قداور مڙس هو، سندس ڏاڙهي گهاڻي ۽ ڪاري هئي، پر جڏهن بہ ڪنهن جي منهن ۾ جانچي ٿي ڏنائين، تڏهن سندس نظر ۾ شرارت جو مليل جذبو محسوس پئي ٿيو. سندس ڳالهائڻ جو طريقو نهايت معتدل هو، ان ڪري هُن ٿوري عرصي اندر هيڊ ڪوارٽر ۾ سٺو اثر پيدا ڪري ورتو. سندس ۽ وڏي منشيءَ تربانيہ شاهہ

جي وچ ۾ جيڪا ڊگهي لڪپڙهه هلي، تنهن مان ثابت ٿي ٿيو
ته اهي ٻيئي هڪڙي ئي ٻيڙي جا سوار هئا، ۽ پوءِ ٻيئي ساڳي
ٻيڙيءَ وگهي ٻڌي مئا. مڃاڻ ته هن چڱي مڙس جي سفارش
تي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اسان پهريون قدم هي ڪنيو
جو جيڪي به جاگيررن اڳين حڪومتن خدمت جي صلي ۾
ماڻهن کي ڏنيون هيون، سي ڪانئن ڦري ورتيون. اهو سال وري
هجي به ڏڪار جو، ان ڪري اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته
ماڻهن تي انهيءَ جو ڪهڙو اثر ويٺو هوندو. جن ماڻهن جون
زمينون ڪسيون ويون انهن ۾ شاهنواز جو سالو ڪمال خان
الياتزئي، رحيم خان مينگل، جنهن جو پيءُ قلات جي گهيري
وقت مارجي ويو هو، عيسيٰ خان مينگل، عطا خان ۽ ٻيا سردار
به هئا، جي طاقتور هئڻ سان گڏ بروهين تي وڏو اثر رکندا هئا.
انهن مان ڪيترا درخواست ڪرڻ لاءِ سکر ڏانهن ويندي،
شڪارپور مان گذريا هئا، ته جيئن سندن حق ڪين واپس مان.
مون کي انهن جي اچڻ جي ڄاڻ هئي ۽ سندن منشا جي به
خبر هئي، ان ڪري مون سندن حقن جي پٽيرائيءَ ۾ هڪ
زوردار خط لکيو ۽ سفارش ڪئي ته ڪين سندن حق واپس ڏيارياوڃن. هنن کي ڪيترا ڏينهن ترسائي پوءِ ڪين بازيابي جو شرف
ڏنو ويو، پر سندن عرضداشت بنان ڪنهن مروت يا همدرديءَ
سان غور ڪرڻ جي رد ڪئي ويئي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه
آهي ته محمد شريف جو ڪو هن ۾ هٿ نه هو، ڇاڪاڻ ته
ائين ڪرڻ ۾ هو انهن سردارن جي هڪ چڱي جماعت کي
اسان جي خلاف ڪري سگهبو ٿي. جيڪڏهن اهوئي سندس
مقصد هو ته پوءِ اهو ڪيس حاصل ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته اهي ماڻهو
پنهنجون زمينون، جي ويڇهڙائيءَ ۾ سندن هٿن ۾ هيون، حاصل
نه ڪري سگهيا. ان ڪري ناا‌مي‌د ۽ ملول ٿي ٽڪرين ڏانهن
واپس موٽيا ۽ ڪيترن هزار ماڻهن سان گڏ جي اسان خلاف بغاوت
ڪرڻ لڳا. پر اسان جي پاليسي انهيءَ ڳالهه تائين محدود

ڪانه هئي، تہ فقط بغاوت جي باهہ ڏکائي وڃي، پر ان سان گڏ اسان وري انهيءَ لاءِ ٻارڻ ۾ پاڻ پيدا ڪري ڏنو. سنڌوءَ جي پراڙ انهيءَ علائقي ۾ ڊل جنس ۾ ورتي ويندي هئي ۽ محمد شريف انهيءَ گڏ ڪيل اناج جون وڏيون گنديون گڏ ڪري گنداوا، ڪوٽڙو ۽ دادر ۾ انهيءَ ڪري رکايون تہ جيئن حملي ڪندڙ بروهين کي هٿ ڪرڻ ۾ سوليون لڳن. انهن جي سنڀال جو ڪو بہ بندوبست ڪو نہ هو، ڇاڪاڻ تہ حفاظتي فوج عدم موجود هئي. انهيءَ لاءِ دادر جو مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اتي سپاهين جو هڪ ننڍڙو جٿو هو. جنهن وقت اهي معاملا پئي ٿيا، ان وقت پوليٽيڪل ايجنٽ ڪيو ڇا پئي؟ آءٌ فقط پنهنجي بابت ئي چئي سگهان ٿو تہ ان وقت، منهنجي حالت رحم جوڳي هئي. اهڙي حالت هئي منهنجي، جهڙي هڪ شطرنج ڏسندڙ ماڻهوءَ جي هجي، جنهن جي اڳيان غلط راند کيڏي وڃي. يعني تہ اهو سارين کي غلط ۽ صحيح نموني ۾ چڙندو ڏسي، پر چئي ڪجهہ نہ سگهي. اسان جا فرائض ٻڻ اهڙا ڏکيا ۽ سخت هئا جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي بالادست کي تاڪيدي خط لکڻ کان وڌيڪ اسان وٽ وقت ئي نٿي رهيو. هڪ وڏو خزانو. قيدين سان ڀريل جيل ۽ پوسٽ آفيس جنهن جي معرفت روزانو سوين خطن ۽ پارسلن جي وار ڦير ٿيندي هئي، ڪٿي ٿو ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو پهہ پڇائڻ ڏئي. اتر سنڌ جي ڳوٺن (ديهن) ۽ ان جي مالڪن جي فهرست ناهڻ ۽ انهن کان ٿيندڙ وصولي؛ شڪارپور جي بزار ۾ وڪرو ٿيندڙ جنسن جون قيمتون ۽ ساڳئي وقت سنڌي زبان جي لغت ناهڻ جو ڪم بہ مون کي سونپيل هو. جنهن ۾ چئن ڪان وٺي پنجن هزارن تائين لفظ هئا ۽ هرڪنهن لفظ تي ڪئين منشي ويهي بحث ڪندا هئا. لغت جي تيار ڪرڻ ۾ مون کي سنڌي ٻوليءَ جون خاصيترن سڪٽيون ٻيون، جنهن ۾ فقط اوائلي آچار لکيل آهن. ان ڪري سمجهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي. ڇاڪاڻ تہ فقط حرف

صحيح ظاهر هوندا هئا، جن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق جيئن وٺيو ٿي تيئن پڙهيو ٿي ويو. مثال طور لفظ پري (پريڻ - معشوق) پري (ڏور) وانگر لکيل آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ فقط 'پ ۽ ر' استعمال ٿيل آهن. اهڙيءَ طرز تي لکت جو نتيجو اهو ٿي نڪتو، جو خود سنڌ جا رهاڪو به وڏيءَ مغز ماريءَ کان پوءِ اهو سمجهي سگهندا هئا، نه ته گهڻو ڪري هڪ جي ٻي پڙهڻ ۾ ايندي هئي. ان هوندي به ڏاڍيون غلطيون ڪندا هئا. مثال طور هڪ سوداگر کي ڪنهن دوست راجپوتانا مان هڪ خط لکيو هو، جنهن ۾ هُن کيس ٻڌايو ته سندس پُٽ ڪيڏانهن ويو آهي. جيئن ته هو اهو خط جلدي نه پڙهي سگهيو، ان ڪري هڪ ٻئي واقف کي سڏي ڪانئس مدد گهرياٿين. جنهن وڃي اهو مطلب ڪڍيو ته سندس پُٽ گذاري ويو آهي. ويچاري مصيبت جي ماريل پيءُ وٺي وارن ۾ ڏوڙ وسائي ۽ ڏڪ ۾ دانهون ڪوڪون ڪرڻ شروع ڪيون. انهيءَ تي هڪ وڏو گوڙ اچي گڏ ٿيو. هُن رڙ ڪئي ته هاءِ اهو منهنجو اڪيلو پُٽ هو. هڪ راهگير کان رهيو نه ٿيو، ان ڇا ڪيو جو خط ڪانئس وٺي پڙهياٿين. خط ڏسڻ کان پوءِ هُن جي وات مان "ڦش" نڪتو. "هتي ته موت جو لکيل ئي ڪونهي! تنهنجي پُٽ نئين شادي ڪئي آهي ۽ خوش ويٺو آهي.

"هاڻي آءٌ ڇا ڪريان"، پيءُ وراڻيو. "مون سان ته جُٺ ٿي هاڻي ڪِلان ڪِ روئان!"

ٻئي هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه ٻڌا ڪن ته هُن هڪ خط لکندڙ کان وڃي خط لکايو. اها چٺي جڏهن وڃي واسطيدار ماڻهوءَ کي پهتي، تڏهن ڪو به ماڻهو اها پڙهي نه سگهيو. ان ڪري خط واپس اچي ڏڻيءَ کي پهتو. ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ڪٺي ويو لکندڙ وٽ ته تو هي ڇا لکيو آهي، جو ڪو به اهو پڙهي نٿو سگهي. ليکڪ هڪدم جواب ڏنو ته آءٌ پاڻ ڪو نه ٿو پڙهي سگهان ڇاڪاڻ ته تو مون کي پيسا ڏنا هئا

لڪائڻ جا ۽ نہ پڙهي ٻڌائڻ لاءِ! هتي بہ ساڳي جوملر* واري ڪار ٿي ڏني ۽ اهو همراهہ بہ ڪو سندس اولاد مان ٿي ڏٺو. اهڙن ملڪن ۾ جتي ڪڏهن ڪڏهن ڪو چٽيءَ طرح سان لکندو هجي، خاص ڪري شڪارپور ۾ اهڙو ماڻهو ملي، تہ سمجهجو تہ اهو پنهنجي پيءُ جو پٽ آهي! مارڪيٽ ۾ روزانو نرخن ۾ ٿيندڙ مٽاسٽا ڪي معلوم ڪرڻ اسان لاءِ وڏي اهميت رکندڙ هو. ان ڪري انهيءَ ڏکيائيءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ مون کي لاڳيتو ڪم ڪرڻو پوندو هو. آخر آءٌ ايتريقدر سمجهي ويس جو نيٽ پنهنجي اڪائونٽنٽ کي بہ سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس. انهيءَ مان هڪڙو فائدو هيءُ ٿيو جو جتي ڪمپني کي قندار وارن بلن ۾ نقصان پوندو هو، تہ اتي انهيءَ کي هڪ رپيو في صدي شڪارپور مان فائدو ٿيڻ لڳو. اهو جيتوڻيڪ ٿورو پيو لڳي، پر ان هوندي بہ انهيءَ مان هزارين رپيا حاصل ٿيندا هئا.

---

* Joe Mller : جوميلر، هڪ مسخري کي چئبو آهي.

باب اٺون

سرهند جو پير - ڪراڙيءَ عورت جي ڳالهه - اٺسهائيندڙ مهمان -

شال ۾ بلوو ۽ ان تي تبصرو - عبدالله ڪهيريءَ جي رپورٽ.

درويش آهن ڪهڙي ڪم جا! مئلن مان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟ پر اوپر وارن ملڪن ۾ درويش جيئرا به آهن، ته مئل به ۽ آهي جن ۾ ڪا روحانيت آهي، سي وڏي ڪم جا آهن.

ويچار ڪريو ته هڪ سوداگر آهي، جنهن کي ڏورانهين ۽ خطرناڪ ملڪ ڏانهن سفر تي وڃڻو آهي. ڪيس هڪ ڏيءُ آهي، جنهن کي هو پاڻ سان وٺي وڃي نٿو سگهي ۽ پٽيان اڪيلو ڇڏي وڃڻ جو به ڊپ اٿس، ته پوءِ ڇا ڪندو جو وڃي ڪنهن پير يا درويش جي ڳولا ڪندو ۽ پنهنجي ڏيءُ انهيءَ کي سونپي ڏيندو. انهيءَ ڪم ماندو ٿي، هو بيفڪرو سفر تي روانو ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته ڪيس هاڻي پڪ ٿي ته ڪوبه ماڻهو انهيءَ پير جي پاڪن ۾ وڃي ڪونه سگهندو، انڪري سندس ڏيءُ امن ۾ رهندي. اهڙيءَ طرح خزانو به ڪنهن ٻ ڪنهن پير وٽ ڇڏبو آهي، ته جيئن ان کي ڪو هٿ نه لائي. ايرندي وارن درويشن جو مرتبو اهڙو آهي، جهڙوڪ اولهه وارن ملڪن ۾ ديلفي ۽ اولمپيا جو يونانين وٽ، ۽ ڪليسا ۽ مڙهين جو اسان جي ڏاڏن ۽ پڙڏاڏن وٽ هو. اهي هڪ قسم جا صراف آهن، جي وياج ته ڪونه ڏين پر مُور کي هٿ لائين ٿي ڪونه!

هڪڙي ڏينهن صبح جو فارسيءَ جو هڪ سهڻو ڪتاب مون وٽ آندو ويو، جنهن جي آڻيندڙ ٻڌايو ته اهو سرهند جي پير موڪليو آهي ۽ پڻ خواهش ڏيڪاري آهيس ته مون سان

ملي. مون کيس موت ۾ سلام ۽ نياز موڪليا. سنت، هو مون وٽ لنگهي آيو. سندس نالو فدا محي‌الدين هو ۽ حضرت ابوبڪر جي اولاد مان هو، جو رسول ڪريم جي چئن يارن مان پهريون نمبر هو. سندس آٿ - ويهه جو طريقو شانائتو هو، جنهن ۾ اجائي وڏ ماڻهپائي ڪانه هئي، ۽ اهڙو ئي نمونو اسان جي يورپ ۾ ڏنو ويندو آهي. هو هندستان ۾ رهيو هو، انڪري اجائي وڏاءَ کان سواءِ، اسان جي حڪومت جي ڍنگ جي ساراهه ڪرڻ لڳو. هُن مون سان سنڌين ۽ افغانن جي تاريخ تي تمام سٺي نموني ۾ بحث ڪيو. اهو سوچڻ ته مسلمان ليڊر ڪڏهن به سچا ٿي نٿا سگهن، سراسر نالائقي آهي. ٿوري سوجهري وارا ماڻهو ڪنهن ڪنهن وقت روشن دماغ ماڻهن کان به وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿيا آهن.

اهڙن پيرن مان هڪڙو پير، جو اسلام جي اصولن جو پابند هو، سنڌ تي اسان جي حملي ڪرڻ کان ٿورا سال اڳ حيدرآباد جي ميرن سان ملڻ آيو هو. سندس اڳيان ڪي اهڙا ڪم ڪيا ويا، جي قرآني تعليم جي خلاف هئا. هُن اوڏيءَ مهل اهو ڪمرو ڇڏيو، ۽ ٿيڙ ٻڌي پنهنجي ملڪ راهي ٿيو. ميرن کيس ڪيترائي نياپا موڪليا ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون روانيون ڪيون پر وريو ڪي ڪين. جواب ۾ وراڻيائين ته ”وڃي پنهنجي ڏڻين کي چوُ ته آءٌ ڪڏهن به اوهان جي گهر ۾ داخل نه ٿيندس، پوءِ پل ته اوهان منهنجي موٽي اچڻ تي سڄو خزانو خرچ ڪري وجهو.“

انهي پير جي وڃڻ کان ڪجهه دير پوءِ هڪ پوڙهي عورت غمناڪ نموني ۾ دانهون ۽ ڪوڪون ڪندي وار پٽيندي آئي ۽ فرياد ڪرڻ لڳي ته ساڻس انصاف ٿئي. مون انهيءَ ۾ پنهنجي ڏاڍي گهٽتائي محسوس ڪئي، چاڪاڻ ته هن پنهنجي رڙين ۾ مون تي به تهمتون پئي هنيون. چڱو ٿيو جو اهو سڳورو ماڻهو مون وٽان هليو وبو، نه ته ڪيس مڙيئي

ڪجهه خيال ٿئي ها. بهرحال، انهيءَ پوڙهيءَ کي مون چيڙايو ڪيئن، سو تہ آءٌ سمجهي نٿي سگهيس، ڇاڪاڻ تہ هن ڪان اڳ مون ڪڏهن بہ انهيءَ چنڊيءَ کي ڪونہ ڏٺو هو. هندستان ۾ جن ماڻهن کي فرياد ٻڌڻ تي معمور ڪيو ويندو آهي، تن کي خبر آهي تہ فرياد ٻڌڻ وقت انهيءَ کي پوريءَ طور سمجهڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي. هن خطي ۾ اهو رواج آهي تہ ڏوهاري پاڻهي پاڻ اچي حاضر ٿئي ۽ اچي سچي حقيقت ظاهر ڪري، ڇاڪاڻ تہ مدعيءَ کي پاڻ سان ٿيل ظلم جي تفصيل ظاهر ڪرڻ کان منع ٿيل آهي. آخر مون کي خبر پئي تہ هڪ وڍيو، جو اسان جي نوڪريءَ ۾ هو، ٿنهن انهيءَ پوڙهيءَ عورت جو وڻ وڍي وڌو آهي، مائيءَ جي اها دعويٰ هئي تہ اهو وڻ ڪيس اڪين کان بہ مٿو هو. ڏينهن جو اس ۾ اهو وڻ سندس اجهو هو، پر رات جو بہ انهيءَ جي هيٺان سمهندي هئي. مون کي وڍي تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس هڪدم گهرائي ورتم. جڏهن سختيءَ سان مٿس دهمان ٻڌم، تڏهن وڻي ڪليو ۽ چيائين تہ سائين پاڻ هلي سچيءَ حقيقت کان واقف ٿيو. مون انهيءَ پوڙهي کي پئسا ڏنا هئا ۽ شام جو جڏهن وڃي سندس دادلي کي ڏٺم، تڏهن اهو وڻ جي بدران هڪ سڪل بنڊ نظر آيو، جنهن مان ساوڪ ڪڏهوڪر ختم ٿي چڪي هئي. مائي انهيءَ کي فقط فرنگيءَ کان پئسن ڪيڻ جي مشين ڪري استعمال ڪيو هو. اها هچا حقيقت ۾ اسان جي ڇاڙتن کان گهٽ ستائيندڙ هئي، جي اسان لاءِ هڪ قسم جي وچڙندڙ بيماريءَ مثل هئا. ڪنهن يورپي شراب پئندڙ ڪلارڪ جي مون وٽ سفارش ڪريو ٻوءِ ويهي مزا ڏسو. مثال طور هڪ پوليٽيڪل جي ياءُ مون کي لکيو تہ ”مسٽر فلاڻو پنهنجي نوڪريءَ تي چڙهي چارج وٺڻ خاطر فلاڻي تاريخ شڪارپور مان لنگهندو. ان ڪري ڪيس ڪاڏو، رهائش ۽ پڻ سفر جون ضرورتون مهيا ڪري ڏجن.“ جڏهن اهو ماڻهو پهتو

تڏهن اچي مون وٽ ويٺو. آءٌ سندس ظاهري ڏيک ۽ ات ويهه، کان ڏاڍو متاثر ٿيس، ڇاڪاڻ ته هن جي چال چلڪت ۽ ڳالهائڻ جو نمونو سندس مرتبي کان گهڻو وڌيڪ پئي لڳو، مون سندس ٽپڙ گهرائي ورتا ۽ کيس هڪ جدا تنبو ڏياريو، ساڳئي وقت مون سندس تعارف هڪ رسالدار سان ڪرايو، جو گهوڙيسوارن جي جتي جو مهندار هو. هو ويجهڙائيءَ ۾ ڪئمپ لڳايو ويٺو هو ۽ سندس ماڻهن مان ڪي انهيءَ نئين آيل ماڻهوءَ سان حفاظتي طور صبح جو گڏ وڃڻا هئا.

رات جو مڙيئي چڱو گوڙ ٿي ويو ۽ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا. مون پڇا لاءِ ٻه-ٽي ماڻهو موڪليا ته ڇا جو گوڙ آهي. صبح جو رسالدار گنيمر مون وٽ آيو، ۽ چيائين ته صاحب راتوڪو ماڻهو عادتن جوڪوڙو هو. تنبوءَ ۾ وڃڻ کان پوءِ هن ڪجهه ڪلاڪ شراب پيئڻ ۾ صرف ڪيا ۽ انهيءَ کان پوءِ اگهاڙي تلوار کڻي، رونشي خاطر وڻي ٿو نوڪرن جي پٺيان پوي. آخر تنبوءَ جي نوڙيءَ ۾ سندس پير اٽڪجڻ ڪري هو ڪري پيو، جنهن تي ڪن گهوڙيسوارن کيس جهلي تلوار کسي ورتي. مون رات جو واقعو لکي سندس ئي هٿان، سندس بالادست ڏانهن ڏياري موڪليو. مون واري دوست پاڻيو ته هو کيس سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، پر مهيني کن جي آزمائش کان پوءِ ڪڪ ٿي کيس واپس ڪري ڇڏيائين. اهو انهيءَ ڪري جو هن هڪ ڏيهي خزانچيءَ جي ٻانهن ۾ چڪ وڌو هو، جنهن تي سندس هٿ-پير ٻڌي کيس سکر موڪليو ويو. انهيءَ موقعي تي انهيءَ ڪاردار به سندس ڪو خيال نه ڪيو ۽ هو ڏک ۽ پيڙا ۾ ڏاڍيون رڙيون ڪرڻ لڳو.

جولاءِ جي ساڙيندڙ گرمي اچي چڪي هئي. آءٌ هڪ پنکي جي هيٺان سمهندو هوس، جو اصل منهنجي نڪ جي مٿان ٿورن انچن تي پئي لڙڪيو ۽ جڏهن به پکي ڇڪيندڙ کي ٿورو به گهبرٽ يا ننڊ ايندي هئي، ته آءٌ اتي ڪڙو ٿيندو

هوس، چاڪاڻ تہ پنڪو بند ٿي ويندو هو. هڪ رات آءٌ اهڙي بي آرام ننڊ مان جيئن اٿيس، تيئن ٿاڻڙجي وڃي انهيءَ ڏيهي نوڪر جي مٿان ڪريس، جو منهنجي پير ۾ پٽ ۾ ليٽيو پيو هو. ”ڪا هوا آهي ملڪ ۾؟“ منهنجي وات مان ناااميديءَ ۾ اهي اکر نڪتا. ”مون وٽ تہ ڪانہ آهي جو اوهان کي ڏيان،“ هن جواب ڏنو. آءٌ نيٺ باغ ڏانهن وڃي پڳس تہ من ڪا اتي هوا لڳي، پر مڙيئي ٿيو پلو! جيڪي بہ انگريز آفيسر مون سان رهيا پيا هئا، تن مان هڪڙو سائي فصل ۾ ڪاڏي ڪوڙبو اونڌو ٿيو پيو هو، تہ جيئن ڪا ٿڌڪار لڳي. ٻئي وري وٽن جي هيٺان جهوتون پئي ڏنيون. اسان مان ڪنهن بہ، باقي رهيل رات ننڊ ڪانہ ڪئي. هوا اهڙي تہ گؤري هئي جا پاڻءَ تہ چاقوءَ سان وڍيل هجي ۽ اهي ٿڪر باهم جي شعلن جا ٿهيل ٿي ڏٺا. جنهن جتي ڪي شڪارپور ڏانهن وڌڻ جو حڪم مليل هو، اهو ويهن ميلن جي پنڌ ڪان پوءِ بن راتين اندر چڙوچڙ ٿي ويو. ڪن ماڻهن ڪٽي پاڻ ڪي واهن ۾ ڪيرايو. ڪي چريا ٿي پيا تہ ڪيترا وري تپجي پيا. عين انهيءَ وقت اسان کي جيلي پروچن ۽ بروهين سان خراب هلت هلڻ جو نتيجو مليو.

جون جي ٢٤-تاريخ ڪاڪڙن سيل ڪوٽ تي حملو ڪيو، جن کي البت شڪست ڏني ويئي ۽ سندن ست ماڻهو ضايع ٿيا. ويهن سپاهين جي هڪ جماعت ۽ سندن حوالدار جي-لوڊي، جي منشي غلام‌حسين جي حفاظت ۾ هئا، هڙئي مستونگ وٽ مارجي ويا. مون کي قلات مان ليفٽيننٽ لوڊي ۽ پڻ شاهنواز ۽ فتح خان کان خط پهتا، تہ اهي قبيلا، جن جون زمينون کسيون ويون هيون، تن پنهنجن سردارن جي هٿ هيٺ اسان جي خلاف هٿيار کنيا آهن. ساڳئي وقت هُنن پنهنجيءَ پارٽيءَ جي ماڻهن ۾ بداعتمادي ظاهر ڪئي ۽ لکيو هو تہ ”جي امداد فوجون نہ پهتيون تہ پوءِ قلات هڪدم دشمن جي هٿ چڙهي ويندو.“ مون کي پنهنجي منهن ڏاڍو

ڏک ٿيو، پر انهيءَ خبر تي مون کي اچرج ڪونہ ٿيو. ان وقت اهو صاف ظاهر ٿي چڪو هو تہ شاهنواز انهيءَ ناراضپي کي، جو سندس خلاف ماڻهن ۾ ٽڪڙو وڌي رهيو هو، منهن ڏيئي نہ سگهندو. شروعات کان وٺي منهنجو اهو خيال هو تہ اسان شاهنواز کي ڪڙي ڪرڻ ۾ صحيح ڪم ڪيو آهي، ۽ اڃا بہ منهنجو اهوئي خيال آهي. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ ۾ اسان کي ڪيترين ئي خرابين کي منهن ڏيڻو پيو. قلات جي هٿ اچڻ ۽ محراب خان جي موت کان پوءِ ڇا اهو هڪ بهادريءَ جو قدم نہ هو جو سندس پٽ کي تخت تي ويهاريو وڃي ها! فارس (١) ۾ وري هيئن هو جو هڪ بي انصافَ جج جي کل لاهي انهيءَ سان سندس جانشين جي ڪرسي آراسته ڪئي ويندي هئي. مون کي اعتبار ئي نٿو اچي جو هڪ پٽ پنهنجي پيءُ کي شوٽ ڪرڻ کان پوءِ وفادار ۽ ثابت قدم رهي سگهي ٿو. سيئي شهزادا ڪو اسان واري پاڪدامن ميري وانگر تہ ڪونہ آهن، جا ٻاراڻي خوشيءَ سان انهيءَ محلات ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندي هئي، جتان سندس پيءُ جيمس ٻئي کي ڪڍيو ويو هو (٢). نصير خان مان ڪڏهن بہ اها اميد نٿي رکي سگهجي، تو ڪو هُن انهيءَ تلوار کي وساري ڇڏيو هوندو، جنهن کيس يتيم ڪيو هو. اها ڳالهہ اعتبار ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي تہ هيترين خونريز جنگين کان پوءِ هو اسان کي پنهنجو دشمن نٿو سمجهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسان سندس ملڪ ڇڏيو هو تہ ان وقت هُن اسان کي مشڪندڙ منهن سان الوداع چيو هو. اسان جي اها غلطي ڪانہ هئي، جو اسان شاهنواز کي تخت تي ويهاريو هو، پر غلطي اها هئي تہ کيس تخت تي ويهاري، پوءِ کيس مدد ڪرڻ کان بلڪل نابري

---

(١) فارس: ايران جي ڏاکڻي علائقي کي سڏبو آهي.
(٢) ميري: انگلنڊ جي راڻي ڏانهن اشارو آهي جا پنهنجي پيءُ کي تمام گهڻو پيار ڪندي هئي.

واري هئي. تي سگهي ٿو تہ ڪيس مدد ڏيڻ ۾ اسان کي گهرو خرچ ڪرڻو پوي ها، ان ڪري اسين نٿائي ويساسين. اسان جي جيڪڏهن اها مرضي هئي تہ پوءِ شاهنواز کي پنهنجي منهن حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏيون ها، تہ جيئن وڻيس ها تيئن پنهنجي ماڻهن مٿان حڪومت ڪري ۽ اسان سندس معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ ڇڏي ڏيون ها. پر اسان نہ فقط سندس ملڪ جو هڪ علائقو يعني ڪچي ڪانئس ڪسي ورتو، پر ان سان گڏ هڪ ريزيڊنٽ ۽ ڪي سپاهي بہ سندس تختگاه ۾ ڇڏيا. ائين ڪرڻ سان اسان مٿس دوستيءَ جي گلا جو ڍنگر بہ مڙهيو. جنهن مان ڪيس ڪو بہ فائدو نٿي ٿي سگهيو. شاهنواز لاءِ اسان هڪ ٻي بہ مصيبت کڙي ڪئي، جو سندس گهر ۾ سندس لاءِ دشمن پيدا ڪري وڌا. اهو هيئن جو اسان سندس سالي ڪمال خان التازئي جون زمينون ضبط ڪري ورتيون. ورهاست جي خيال کان نواز جو قلات جي تخت تي اهڙو حق هو، جهڙو نصيرخان جو. ٻنهي جا پيٽرَ انهن لاءِ اهڙيءَ طرح دعويدار هئا، جهڙا هاڻي سندن پٽ آهن. نواز جي پيءُ کي محراب خان ظلم ۽ دغابازيءَ سان قتل ڪيو هو. ساڳئي وقت نواز کي شاهه شجاع جي حمايت بہ حاصل هئي، جو سنڌ ملڪ جو حاڪم اعليٰ تصور ڪيو ويندو هو. شجاع کي جڏهن ديس نيڪالي ملي هئي تڏهن جي امير سندس طرف ورتو هو ۽ شهزادن جيان هُن جي خاطر تواضع ڪئي هئي. ڇا بہ هجي، جڏهن برطانيا سرڪار ڪيس قلات جو خان مقرر ڪيو هو، تڏهن منجهانئس هٿ ڪڍي، ڪيس مصيبت ۾ ڇڏڻ ڪميٽپ جي حد هئي. اوير وارن ملڪن ۾ جنهن ڳالهہ اسان جي طاقت کي ڪاپاري ڏڪ هنيو آهي سا هيءَ آهي تہ انگريز سچو دوست ٿي نٿو سگهي. اها ڳالهہ بہ مشهور آهي تہ وٽانئن هڪ بهادر دشمن، هڪ فرمانبردار دوست ڪان وڌيڪ ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو. لارڊ ايلنبرو انهيءَ ڳالهہ کي ڀانپي ورتو هو، ان ڪري بهاول خان تي نوازش

ڪري گهڻو ڪي حاصل ڪيو ويو هو، جو شايد ويهن خونريز صوبن مان به ڪين ملي ها.

اسان جي هندستاني سلطنت ڪي اهڙيءَ طرح هلائڻو هو، جهڙيءَ طرح اسان انهيءَ کي حاصل ڪيو هو. ٺيڪ اهڙيءَ طرح جيئن روم جي حڪومت دنيا تي بادشاهي ڪرڻ جي حرفت ڳولي ڪڍي هئي. انهيءَ سرشتي موجب فقط انهن کي مدد ڪري مٿي چاڙهيو ويندو هو، جي سندن طرف هئا، پوءِ پل تہ عام ماڻهو انهن جي خلاف هجن. پر بهاول خان کان سواءِ اهي آهن ڪٿي جي ٿورا سال اڳ اسان جي دوستيءَ جو دم ڀريندا هئا. ڪٿي آهي شاهنواز خان؟ ڪٿي آهن مير رستم ۽ صوبدار ۽ پڻ اهي رئيس آهن ڪٿي جن اسان لاءِ پنهنجن قبيلن خلاف تلوارون ڪڍيون هيون. اهي گهڻو ڪري سڀ مارجي ويا آهن، ۽ ديس بدر آهن ۽ سندن جاءِ تي اهي ماڻهو اچي ويا آهن، جي اسان جي خلاف هئا. جڏهن هرڪو مسلمان ائين چوڻ تي مجبور ٿي وڃي تہ فرنگي جي دوست ٿيڻ بدران سندس(١) سوئر ٿيڻ(١) وڌيڪ بهتر آهي تہ اهڙي نالي کان گمنامي ڀلي. ويچاري لوڊي مون کي لکيو هو تہ هو ۽ سندس ساٿي نيٺ مارجي ويندا پر ساڳئي وقت هن اهو به پرن ڪيو هو تہ هو پنهنجي جاءِ تي هٿڻ بدران مارجي وڃڻ وڌيڪ پسند ڪندو. مون سڪر جي ايجنٽ کي خط لکي عرض ڪيو تہ گنداوا لڪ ڏانهن هڪ ريجمينٽ جلد موڪلي، پر جواب مليو تہ فوجن جي نقل حرڪت ۾ اسان جي سملي واري بالادست جي حڪم کان سواءِ، ڪنهن کي به ڪو اختيار نہ آهي. مون ڪيس وري لکيو تہ جيڪڏهن منهنجي ڪيل عرض جي برگيڊيئر انچارج کي سفارش ڪئي ويندي، تہ پوءِ انهيءَ معاملي جي جوابداري آءٌ پنهنجي سر تي کڻڻ لاءِ تيار آهيان، پر انهيءَ جو ڪو به

---

(١) سوئر ٿيڻ معني تہ سندن ڪاڄ، يعني تہ سندن هٿان مارجي وڃڻ.

جواب ڪونہ ملیو. وقت وري اهڙو اچي ويو هو جو- پهريائين تہ اسان ڪي نيرڙ جي مٿان وارن ڏيڻ تي تيار هو پر پوءِ گوهي ڏيئي ڪسڪي ويو ۽ پڄڻ ويل اسان ڪي پنهنجي چوڻي آڇي سگهيو، جنهن ڪي جهلڻ جي اسان ڏاڍي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ساڳئي وقت عبدالله ڪهيري، جو ٽڪرين جي مهر ۾ اسان جو سونهون هو، سو مون سان ملڻ آيو. ڪيس ڪاهان جي خبر هئي، هن ٻڌايو تہ مري رستي تي لهري ۽ نفشڪ وٽ مورچا ناهي رهيا هئا. سندن طاقت بابت ٻڌايائين تہ "اوهان جا پنج سؤ ماڻهو بہ ڪين پڄي ڪو نہ سگهندا. البت هڪ هزار ماڻهو شايد سوپارا ٿين، پر ان لاءِ ڪين وڙهڻو پوندو." هن انهن جا بہ نالا ورتا جي اتي جمع ٿيل هئا تہ جيئن اسان جون فوجون ڪاهان نہ چڙائي سگهن. آءٌ هڪدم عبدالله ڪي ٻئي پوليٽيڪل آفيسر وٽ وڃي ويس ۽ چيومانس تہ جيڪي مون ڪي ڏسيو هيئہ سو ڪيس بيان ڪري ٻڌاءِ. پر اتي جيڪي بہ ويٺل هئا تن انهيءَ ڳالهہ ڪي ڪابہ اهميت نہ ڏني، پاڻ ڪل ڪرڻ لڳا تہ "مري ٿا سڄيءَ ريجمينٽ سان وڙهي سگهن!"

٢٤- جولاءِ تي گوڙ ۽ ڪينوڻ سان ڏاڍو مينهن وٺو، جنهن ٻڙيئي ڪجهہ ٿڌڪار آندي. آگسٽ جي شروعات ۾ آءٌ سکر ويو هوس. مون ڏٺو تہ برگيڊيئر ايس. موت ڪي ويجهو وڃي پهتو هو. ڪيس مغز ۾ پاڻيءَ جي بيماري هئي، ۽ ڦوڦندا وغيره هئس، جنهن جي ڪري ڪيس ٿيڪ ڏيئي سمهاريو ٿي ويو. "جيڪڏهن آءٌ ٿورو ٿيڪ ٿيس تہ ڪراچيءَ يا سملي هليو ويندس. ڪيئن ٿو پائين ڪهڙو ڊاڪٽر منهنجي لاءِ ٿيڪ ٿيندو؟" هُن پڇيو. "شايد ڪراچيءَ جو ڊاڪٽر" مون وراڻيو. جڏهن اسان اهو ڪمرو ڇڏيو تڏهن ڊاڪٽر مون ڪي ٻڌايو تہ سپاڻي صبح ڪان اڳ هو مري ويندو ۽ ٿيو بہ ائين. ٻئي ڏينهن شام جو مان هُن جي ڪفن دفن ۾ شامل ٿيس. اها هڪ غمگين شام هئي. جتي ڪيس دفن ڪيو ٿي ويو، اتي ڪيترين ئي قبرون

هيون، پر گدڙن لاشن کڏڻ خاطر انهن ۾ وڏا ڏرڙ ڪري ڇڏيا هئا. فائر ڪرڻ وارن به ڪنهن عجيب غلطيءَ سبب مُڙدي جي مٿان نه، پر پري کان فائر ڪيا هئا. ختمو وري هڪ آفيسر تڪڙ ۾ اهڙي لهجي ۾ پڙهيو، جو فرسٽ ڪارنيئن (١) جو عملدو باب، بيئلن مان ڪنهن جو روح نه جاڳائي سگهيو. مون دل ئي دل ۾ سوچيو ته "شل منهنجو موت پنهنجي وطن ۾ ٿئي ۽ نه هنن ڪافرن ۾، جن کي (حضرت) عيسيٰ جي ڏنل وعدي جي خبر ڪانهي."

١٢- آگسٽ تي آءٌ شڪارپور پهتس. ڪليبارن جي فوج جنهن ۾ فرسٽ گرينڊيز جا ادائي سؤ سوار هئا، سيڪنڊ گرينڊيز جي هلڪي ڪمپني ۽ ڪجهه توبخانو ڪاهان ويندي اتان اچي لانگهائو ٿيا. اصل ۾ اها تجويز هئي ته يورپين جون به ڪمپنيون، ۽ سيڪنڊ گرينڊيز جو ساڄو بازو، ساٿس گڏ موڪليو ويندو. "هاڻي مٿان چڙيو انهن کي" مون ايجنسيءَ جي ڏاڪن تان بيهي چيو "پر اوهان کي سخت جنگ ڪرڻي پوندي." انهيءَ تي هُنن وراڻيو ته "پروچ هاڻي بيهندا ئي ڪو نه." مون سرڪاري طور هڪ درخواست ڪئي ته مون کي به محاذ تي موڪليو وڃي، پر اها نامنظور ٿي ۽ مون کي جواب مليو ته جتي آهيان اتي منهنجي وڌيڪ ضرورت آهي. مون کي ڏاڍو ڪٽڪو هو ته ڪيئن نه دشمن جي طاقت کي گهٽ سمجهيو ٿي ويو، آفيسرن ۾ هڪ آئرش هو جو قد جو تمام ڊگهو هو، چهه فوٽ پنج انچ قد هئس. سندس ويڪرو بدن هرڪيولس جهڙوئي هو. طبيعت جو به مڙيئي ٽيڪو ٿي ڏٺو. ڪيس ڪجهه آٽ ڪپندا هئا. مون ڏانهس شڪارپور جو داروغو ڏياري موڪليوته

---

(١) ڪارنيئن: يوناني آردر جو هڪ قسم جو ختمي جو ڪتاب. روح کي بخشڻ لاءِ مرڻ وقت جيڪو خطبو پڙهبو آهي. هي انهيءَ ڏانهن اشارو آهي.

ڪانئس سندس گهرجن بابت پڇا گاڇا ڪري. ڏسان ته اهو ننڍڙو فارسي (ايراني) ڏڪندو اچي. "واهه صاحب واهه"، هن چيو، "توهان ته مون کي عفريت ڏانهن موڪليو آهي، جو ماڻهو ته ڪونهي، ديو آهي. منهنجو عرض آهي ته اوهان پاڻ وڃي ڪيس آڻ وٺي ڏيو ۽ مون کي آن گجندڙ شينهن جي ويجهي وڃڻ کان بچايو."

١٤- تاريخ مون کي لوڊي وٺان هڪ خط پهتو، جنهن ۾ هن ٻڌايو ته قلات چڱيرڙي مقابلي کان پوءِ دشمن جي هٿ چڙهي ويو. "ٿورن سون سپاهين سان،" هن ٻڌايو ته "خان ۽ سندس ٻاءُ سيني حملن کي ناڪام بنائي ڇڏين ها پر ساڻن سندن پنهنجي پارٽيءَ جي ماڻهن دغا ڪئي." شاهنواز ڏاڍي بهادري ڏيکاري ۽ هڪڙي حملي آور کي پنهنجن هٿن سان ماري وڌائين.

مون کي هاڻي حڪم ٿيو ته آءٌ دادر وڃان ۽ هرهڪ اسٽيشن تي، جا رستي تي آئي ٿي، مسافرن لاءِ هڪڙو گهر ٺهرايان. ساڳئي وقت مون تي اهو به ڪم رکيل هوته جيڪي به ڪوهه رستي تي هئا، انهن کي صفا ڪرائي ڇڏيان ته جيئن اسان جي سپاهين کي اڳتي وڌڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پاڻيءَ جي تڪليف ته نه ٿئي، مون جيڪي ڪمي هٿ ڪيا هئا، انهن کي ڪي ڏينهن مهلت ڏنيم ته جيئن سفر لاءِ پنهنجو بندوبست ۽ تياري ڪري وٺن. آءٌ انهيءَ وچ ۾ پير سرهنديءَ جي گهر، حبيب ڪوٽ گهمڻ ويس. مون ڏٺو ته پير صاحب هڪ تمام آسودي ۽ آسائش واري گهر ۾ رهيو پيو هو، جنهن کي پاسي ۾ باغ به هو جو سنڌ جهڙي ملڪ لاءِ تمام دل لڀائيندڙ شيءِ آهي. هن مون کي رات جي ماني، چانديءَ جي ڍانڪن ۾ ۾ ڪارائي. مون کي اتي پشاور جا ڊگها چانور ڏاڍا پسند آيا، جي عام چانورن کان ٿيڻا ٿيندا آهن. اهي چانور رنجيت سنگهه کي اهڙا ته وڻندا هئا جو هو پشاور جي ڊل جو ڪجهه حصو، انهيءَ جنس ۾ وٺندو هو ۽ تحفن ۾ به اهي چانور ڏياري

مودڪليندو هو. ماڻهوءَ کان پوءِ هڪ سٺي آواز واري ماڻهوءَ ڏاڍي سوز سان شاهنامي مان رستم ۽ سهراب جي ويڙهه جو احوال پڙهيو. انهيءَ کان پوءِ ڪجهه وقت اسان باغ ۾ پسار ڪيو ۽ آءٌ اڌ رات ڌاري شڪارپور واپس پهچي ويس. ان وقت ٽُپ اوندهه هئي. اسين جيئن دروازي هيٺان لانگهائو ٿياسين، تيئن منهنجو نرڙ رڄي ڪاٺ کي لڳو ۽ مون کي اُٺ جي پٺيءَ تي سمهاري وڌائين، پر خوش قسمتيءَ سان ڪريس ڪونه. ساڳئي وقت منهنجي جاڳي ٿوپيءَ، جنهن ۾ چڱيءَ طرح سان ڪپهه ڀريل هئي، منهنجي ڪوپريءَ کي پڇڻ کان بچائي ورتو. ٻئي ڏينهن حيدرآباد جي وزير ابراهيم شاه مون کي ناچ ڏسڻ جي دعوت ڏني، جا قاضين واري باغ ۾ ٿيٽي هئي. سنڌي ناچڻيون هندستان جي ناچ وارين کان گهڻو گهٽ آهن. انهن مان هڪڙي مهتاب نالي سان ڏاڍي موچاري هئي، پر انهيءَ هوندي به دل جي ڪسجي وڃڻ جو ڪوبه ڊپ نه هو.

٢٩- آگسٽ تي مون اڌ رات جو شڪارپور کي ڇڏيو ۽ صبح جو پنجين بجي هڪ هنڌ پهتس، جنهن کي جانيديرو سڏيو ٿي ويو. اهو شڪارپور کان چوويهن ميلن جي پنڌ تي هو ۽ اتي هڪ ننڍڙو ڦٽل ڪوٽ به هو، جنهن جي چوڌاري انهيءَ موسم ۾، ڪيترن ميلن ۾ جوئر جو فصل بيٺو هو. دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ اهو فصل ايڏي قد جو نه ٿيندو آهي. آءٌ اُٺ تي چڙهيل هوس پر ان هوندي به اها پوک ڪيترا فوٽ مٿي بيٺي هئي. منهنجو خيال آهي ته ڪيترن هنڌن تي اها زمين ڪان ويهن فوٽن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪانه هئي. هيڏي ساري ايراضي ۽ اها به ڊگهي فصل سان ڍڪيل، ڏاڙيلن جي لِڪڻ لاءِ هڪ عمدي جاءِ هئي، جنهن لاءِ مون کي گهڻا ڏينهن اڳ ثابتي ملي چڪي هئي. جانيديري ۾ فقط هڪ وڻ هو، جو تمام ڊگهو هو ۽ ڏسڻ ۾ چوڌاري ساوڪ واري پوني جي ابتڙ فخر سان اوچو ڳاڻ جهليو بيٺو هو. انهيءَ

اڪيلي وڻ تي ڪئين پکي اچي پناهه وٺندا هئا. مون به فڙ ڪيا، جن ۾ چوراسي جهرڪيون ماري وڌيم. آتي ڪنهن ڪنهن وقت تي سموم يا بيابان مان سخت طوفان ايندو هو. بيقاعدي گهوڙيسوارن جي مهندار مون کي ٻڌايو ته: هڪ دفعي هن کي به ڏينهن ماني ڪانه ملي هئي؛ چاڪاڻ ته واءُ گهرن چتيون اڏائي ويو هو، ۽ ان ۾ ايتري ته ڌوڙ هئي جو ڪجهه به پچائڻ ڏکيو هو. ڪو وقت هو ته سنڌو درياءَ مان ڪيترا واهه جانيديري کان گذرندا، بيابان تائين ويندا هئا ۽ پوک به هن کان وڏيءَ ايراضيءَ ۾ ڪئي ويندي هئي. ساڳئي وقت، هتي ڪيترائي ڳوٺ به هوندا هئا، پر هاڻي ته انهن جا نالا به ياد ڪو نه آهن. ڪوٽ جي چوڌاري هڪ ننڍڙو شهر به ٻڌل هو پر هاڻي انهيءَ جاءِ تي قبرون ۽ قبن سان ڀريل مقام آهي. مان آندل ماڻهن کي مسافرن لاءِ هڪ گهر ٺاهڻ جو ڪم سونپي، ٻئي ڏينهن يارهن ميل پنڌ ڪري خانگڙهه ويس. آتي هڪ قلعو به هو جنهن ۾ لارڊ ڪئين جي فوج جي ڪوسي قبيلي جي ماڻهن مان ڪن اسان جي سامان جي ڦر ڪئي هئي. ڪن سنڌين جو چوڻ هو ته اها ڦر جڪراڻين ڪئي هئي ۽ ڪوسا بيقصور هئا. چا به هجي پر اها پڪ آهي ته فقط بي- اين- آءِ هتي حملو ڪيو هو. انهن وٽ توبخانو به هو، پر توبون هلڪيون هيون ۽ انهن کي چڱيءَ طرح ڪم نه آندو ويو هو. چون ٿا ته پهريون فڙ گسي ويو، جنهن تي هنن ٽٽوليءَ ۾ وٺي هڪلون ڪيون. انهيءَ وچ ۾ جيڪي ڪوٽ اندر هئا، تن کو اجايو وقت ڪو نه ٿي وڃايو. جامڪيدار بندوق مان آيل هڪ گوليءَ، حملي ڪندڙ ريجمينٽ جو صوبيدار ميجر ماري وڌو ۽ ٻيا به ڪجهه ماڻهو مٿا ۽ ڦٽيا. انهيءَ پلٽڻ جا به جوان آفيسر جن اڳي ڪڏهن به توب جو گولو ڇٽندي ڪو نه ڏٺو هو، تن ڏاڍيءَ بهادريءَ سان وٺي قلعي جي در ڏانهن لوهه ڪئي، ۽ ڪوشش ڪئي ته انهيءَ ڪاٺ کي، جو قلعي جو

دروازو بند ڪيو ٻيڻو هو، ڏڪ هڻن. انهن مان هڪڙو زخمجي پيو پر ڪوشش ڪامياب ويئي. چون ٿا تہ جڏهن فوج اندر گهڙي، تڏهن هڪ سؤ نيهہ ماڻهو سنگينن رستي ماريا ويا ۽ باقي رهيلن کي قيد ڪري شڪارپور موڪليو ويو، جتان پوءِ انهن کي آزاد ڪيو ويو. جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ ڪوسا ڦر جا ڏوهاري هئا، تہ پوءِ کين سزا بہ عبرتناڪ ملي، ڇاڪاڻ تہ اها جاءِ بلڪل تباهہ ڪئي ويئي هئي، ۽ اسان کي جيڪي ڪنڊر نظر آيا، سي انهيءَ حقيقت جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن.

مون پنهنجي سرن ۽ گاري(١) واري ڪاتي کي ڪم تي لڳائي، هڪ دفعو وري آسهڻ جي تياري ڪئي. اها تياري ڪا نـون ميدانن ۽ چراگاهن لاءِ ڪانہ هئي، پر اڏڻل بيابان ۽ چراگاهن لاءِ هئي، جي ڪٿي ڏٺا ٿي تہ ڪٿي وري بلڪل هٽائي ڪو نہ. هلندي اسان کي پري کان کي هرڻ ڏسڻ ۾ آيا. اهو پهريون مثال هو جو مون سنڌو نديءَ جي اولهہ ۾ هرڻ ڏٺا. هندستان ۾ تہ هنن جو ليکوئي ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اتي تمام گهڻا آهن. راجڪوٽ ۾ صبح جو سواريءَ مهل ڪئمپ مان نڪرندي سندن ٻنيان پوڻ مون لاءِ هڪ دلپسند وندر هئي. ڪيترا دفعا ائين ٿيو جو اهي ڊڇڻا جانور منهنجي گهوڙي جي آڏو وري وري رستو پار ڪندا هئا. جيڪڏهن اهي سڌا ڊوڙن ها تہ پوءِ اکين کان غائب ٿي وڃن ها، پر انهيءَ ٿل جي ڪري آءٌ ڪيترا دفعا وڃي کين ويجهو پيو هوس. پر هاڻي اها جـُوءِ اهڙي فائديمند ورزش جي ڏانو جي ئي ڪانہ هئي، ان ڪري مون انهن ڊڇڻ جانورن کي ڇڏيوتہ پـل ٻنان ڪوئنس جي ڦٽي وڃن.

---

(١) يعني تہ رازن ۽ مزورن کي.

باب ناڻون

ننشڪ جي جنگ - ڪليبارن جي فوج جو پوٺتي هٽڻ -
پاڳ ڏانهن واڌ - ملڪ جي تشويشناڪ حالت - لهڙي -
گنداوا جو ساڙڻ - شڪارپور ڏانهن واپسي.

منهنجو رستو هاڻي دادر ڏانهن هو، پر مون کي مجبوراً جانبديري واپس اچڻو پيو، تہ جيئن پنهنجي منزل کي پهچي سگهان. اڃان منهنجو تنبو کتو ئي ڪونہ هو تہ مون وارو منشي مون وٽ آيو، پر منهن اهڙو هوس جهڙو انهيءَ ماڻهوءَ جو جنهن وزير اعظم جي دروازي وارو پردو، اڌ رات جو اچي کوليو هو. چيائين تہ صاحب ٻاهران عجيب خبرون پهچن. چيو پيو وڃي تہ توبن جو آواز ڪالهہ سڄو ڏينهن پئي ٻڌو، ڇوتہ ڪليبارن صاحب ٽڪرين ۾ مرين سان جنگ ڪئي هئي، ائين بہ چون ٿا تہ ڪمپنيءَ جو ستارو هاڻي لهندو پيو وڃي. مون چيومانس تہ منشي! توکي اُنهن ڪهڙي خاڪ کارائي آهي جا هاڻي پيو اوڳارين! ڪٿان ٿو توبن جو آواز اچي. مرين جون ٽڪريون سوين ميل پري آهن. اهو بہ ممڪن نہ آهي تہ ايڏي فاصلي تي ٽيل ڪالهوڪيءَ جنگ جو احوال اڄ پئجي سگهي. اهي تنهنجي ڏاڙهي ڏسي پيا ڪلندا هوندا! ائين چئي مون منشيءَ کي دفعي ڪيو ۽ سائس گڏ جنگ متعلق سيني خيالن کي بہ وساري ڇڏيم. منشيءَ کي ٿاري ٻاهر نڪتس تہ جيئن پنهنجي ڪارنامي يعني تہ مسافرن جي بنگلن تي ٽيل ڪم جو آڪلاءُ ڏسان.

”آهستي آڪلاءُ“ اهو اٿي سنڌين جو متو. مون ڏٺو

تہ منهنجي هڪ ڏينهن جي غير حاضريءَ ۾ ڪوبہ ڪم نہ ٿيو هو. وڏي مستريءَ يا رازي کي صبح جو پتو پيو تہ ڪي مزور پيشگي وٺي پڄي ويا هئا، ان تي هن باقي رهيل مزورن کي وٺي گاريون ڏنيون. جنهن تي ڊگهو تڪرار ٿي پيو ۽ هرڪو پنهنجو منهن جهلي ويهي رهيو. اهڙيءَ ريت، هڪ ڏينهن جو ڪم ضايع ٿيو.

منهنجي سمجهڻ تي مزورن مس مس ڪم ڪرڻ تي دل ٻڌي ۽ آءٌ بہ ڏينهن - بہ رهي پيس تہ جيئن مٿن نظرداري ڪرڻ ۽ ڪين همت بہ ڏيارينڊو رهان. آخر آءٌ ڪين ڪم ڪرائڻ تي ڪامياب ٿيس پر سندن ڪم ڪرڻ جي رفتار اهڙي هئي جو مون کي بہ لڄ پئي آئي، ڇو جو هڪڙو تہ تمام آهستي آهستي ڪم ڪري رهيا هئا، ۽ پيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هر هر اٿي ٿي ويا. پر ان هوندي بہ شڪر آهي جو ڪم شروع ٿيو.

پئي ڏينهن خبر پهتي تہ اسان جي فوجن کي نفشڪ وٽ شڪست پهتي. مون اها خراب خبر شڪارپور پهچائي ۽ جواب ۾ حڪم مليا تہ آءٌ ميجر ڪاميارن کي لڪان جنهن ۾ ڪيس اها صلاح ڏيان تہ لهري يا ڦلجي وٽ ڪنهن جبل جي آڙ ۾ ترسي پوي، جيسين ڪيس اتان آجو ڪيو وڃي، يا مدد ي فوج پهچائي وڃي. پر هن جي خيال ۾ سندس فوج بيهڻ جهڙي حالت ۾ ئي ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ تہ هنن چئن مان ٽي توبون ۽ پڻ چار سؤ آٽ سامان سميت وڃايا هئا. ازانسواءِ وٽن ڪوبہ تنبو وغيره نہ هو، ۽ سپاهين جو ٿيون حصو زخمي پيو هو، انڪري سندن خيال هو تہ جيترو جلد ٿي سگهي شڪارپور واپس پهچجي. عجيب لقاءِ هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ جيڪا فوج ڏاڍي تيزيءَ ۾ انهيءَ اميد مان وڌي هئي تہ ڪاهان وڃي، بنهنجي پائرن کي ڇڏائيندي، اڄ سا شڪست کائي موٽي هئي. فوج جي اهڙي تہ حالت هئي، جو اتر سنڌ ۾ اسان جي

رهيي کهيي اثر کي بہ ختم ڪرڻ واري هئي. انڪري پوليٽيڪل اختياري وارن اهو ضروري سمجهيو تہ ميجر ڪليبارن جي شڪست کي جيترو ٿي سگهي اوترو لڪايو وڃي ۽ ڪيس ڪنهن اهڙي هنڌ ترسايو وڃي، جيئن سندس فوج ساهي پٽي، وري انهيءَ ساڳيءَ سطح تي اچي وڃي، جنهن تي اها اڳ هئي. ڇوتہ شڪست ڪائي پوئتي موٽڻ ڪري لهريءَ کان وٺي شڪارپور تائين هڪ وسيع علائقو بلوچي ڏاڙيلن جي حملن ۽ ڦر لاءِ هر وقت کليو رهي سگهيو ٿي.

آءٌ اڃا انهيءَ تتا پتا ۾ هوس، تہ ڪهڙو رستو اختيار ڪجي، ۽ ڪهڙو وڌيڪ ٺيڪ رهندو، تہ ايتري ۾ ڪي رولو سپاهي جانيديري پهچڻ لڳا. اهي گهٽو ڪري رستي جا ماريل هئا ۽ ڪين ڏسڻ سان ئي شڪست جا آهڃاڻ نظر پئي آيا. ٿوري وقت کان پوءِ سڄي فوج بہ اچي ڦهڪو ڪيو. افسوس، ڪهڙي نہ شان ۽ شوڪت سان آهي وڌيا هئا، پر هاڻي سندن حالت انهيءَ جي بلڪل اُبتڙ هئي. فقط هڪڙو تنبو وڃي رهيو هو، جنهن ۾ اسان سيني گڏجي ويهي ماني کاڌي. آفيسرن جو ٿيون حصو مارجي ويو هو ۽ باقي بچيا هئا، سي گهٽو ڪري ڦٽيل هئا. اتي جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي سا پوءِ جي ٿيل واقعن بابت هئي ۽ هئي سادي سودي، جهڙوڪ:

لهري چڏڻ وقت ڪين کو وهم گمان ئي ڪونہ هو تہ اڳتي سندن مقابلو ٿيندو. پهرين ٽن يا چئن منزلن ۾ دشمن جو نانءُ نشان ئي ڪونہ هو، پر پوءِ ڪن ٻروچن پاڻ پسايو. جيئن تہ رستو جبلن جي وچان ۽ اٽانگو هو، ان ڪري آت پٽڪڻ لڳا. ڪي مري پيا تہ ڪي وري ڳري بار هئڻ ڪري ڪنجهڻ لڳا. انهيءَ کان پوءِ اچي ڳڙڻ ٿي ۽ دشمن وڏي انداز ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. انهن اسان جي ماڻهن کي نہ فقط هيسايو ٿي پر اسان جي فوج جي اڳتي واڌ ۾ سخت رخنو وجهڻ لڳا. ڪيترين ئي جهڙپون لڳيون، جن مان هڪڙيءَ ۾ ٻونا

گهوڙيسوارن جي ڪمانڊنگ آفيسر تلوار هٿ ۾ ڪٽي مقابلو ڪيو ۽ ٻه سگهارا ٻروچ ماري وڌائين. انهيءَ هوندي به دشمن طاقتور ثابت ٿيا ۽ اسان جو ڪجهه لڏو ڦري ڪٽي ويا. آگسٽ جي پوياڙي هئي پر ان هوندي به اهڙي ته گرمي هئي، جو ڪيترا ماڻهو ڏينهن گرم لڳڻ جي ڪري مري وبا. انهن ۾ گرينڊيئر وارو اهو ديو جهڙو آفيسر به هو، جنهن کان شڪارپور جو داروغو ڊنو هو. ڪيس لشڪر جي پڇاڙيءَ واري حصي کي آٽڻ جي ذميواري سونپيل هئي. رستو اهڙو ته ڏکيو هو، جو توپ کڙي ڪرڻ ۾ منجهند جو ٿي لڳي ويا. اها انهيءَ ڏينهن جي جاکوڙ هئي، جنهن ان طاقتور ماڻهو جي پڇاڙي آندي. ڏيرا بچي ويا پر اهو ڏگ مڙس، جو ٻانهن جي ڏڪ سان ڏانڊ ڪيرائي وجهي ها، اڪچنپ ۾ مري ويو ۽ اهو ٻتو نه پڄي سگهيو ته موت مٿانئس ڪيئن ۽ ڪهڙو وار ڪيو. پئي ڏينهن جي سفر، فوج کي هڪ اوکيءَ ۽ اجڙيل ٽڪريءَ وٽ آڻي ڪڍيو. رستو پڳو پيو هو ۽ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي دشمن جي فوج پئي ڏٺي. انهيءَ ماڳ جي پٺيان ٿورن ميلن جي پنڌ تي ڪاهان هو. هي اهڙو هنڌ هو، جتي پاڻي ملڻ محال هو، انڪري منزل ناممڪن ٿي پئي. حملي ڪرڻ جي نيت سان پٽتي ورڻ جو خيال به اجايو هو، ڇاڪاڻ ته دشمن مٿان وينو هو. وڏين توڙي ننڍين توبن کي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تائين رستي کي دشمن کان صاف ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻو هو، پر پوري هنڌ تي نٿي لڳا اهو حال ڏسي حملي ڪندڙ ٻارٽيءَ جا چالڪ ماڻهو گهوڙن تان لهي پيا ۽ مٿي چڙهڻ شروع ڪيائون. جامڪيدار بندوقن جا مٿن ڏاڍا فڻر ٿيا. اها سيني کي خبر آهي ته جامڪيدار بندوق اسان جي هلڪي بندوق کان وڌيڪ موثر آهي، ڇاڪاڻ ته اها پري کان مارو ڪري سگهي ٿي ۽ جيڪي انهيءَ کي ڪم آڻيندا آهن، تن کي نشاني وٺڻ جي اسان جي سپاهين کان وڌيڪ مهارت حاصل هئي. ڪيترائي سپاهي مارجي

ويا. سندن آفيسر جو انهيءَ مهم جو مهندار هو، زخمجي پيو پر ان هوندي به رڙهندو ويو متي. اهو آفيسر ۽ سندس خانگي ماڻهو وڃي چوٽ تي پهتا. پر فوج جو جڏو اڃا پنڌ تي ٽڪريءَ جي وچ تي هو، تہ مرين مٿن ائين تکي لوهہ ڪئي، جيئن نئين جو پاڻي هيٺ وهندو آهي ۽ جيڪي منهن ۾ ايندو اٿس تنهن کي پاڻ سان ڪنيو ويندو آهي. حملي ڪندڙ سڄيءَ جماعت ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيا سڀ مارجي ويا. هي جوان وري اهو هو جنهن ڳيل ڏينهن اڳ هڪڙي حملي ۾ دشمن جا به ماڻهو ماري وڌا هئا، پر اڄ سندس وارو هو رت ڳاڙڻ جو. ڪيس ترار جي ڏڪ سان وڍيو ويو هو ۽ جيڪڏهن سندس ديسي اي-ڊي-سي (١) ٻيو ڏڪ روڪي، حملي ڪندڙ کي بندوق هڻي ماري نہ وجهي ها، تہ پوءِ هي همراهہ به پورو ٿيو پيو هجي ها. پر ان هوندي به ڪو خطرو ٿري ڪونہ ويو هو، ڇاڪاڻ تہ جيئن هي ريجمينٽ جي ماڳ تائين، جو ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ هو، پهچڻ لاءِ وٺي ڊوڙيو، تيئن هڪ همٿ ڀريو ٻروچ اچي ٿو پٺيان پويس، نيٺ آڻي پاڻ کي توبن جي پر ۾ پهچايائين ۽ اتي بيهوش ٿي ڪري پيو. هڪ توب-مار ڪيس مئل سمجهي مٿانئس چڙهي بيٺو ۽ توب جا فئر ڪرڻ لڳو. حملي ڪندڙ انهيءَ پارٽيءَ جا ويهہ ماڻهو به ڪونہ بچيا، ان تي ٻروچن ڇا ڪيو جو هڪ هٿ ۾ وڏو پهڻ ۽ ٻئي ۾ تلوار ڪڍي توبن جي منهن تائين حملو ڪري وڌي آيا. جيئن تہ هنن پهرين اسان جي ماڻهن تي پٿرن جي وسڪار ڪئي، انڪري اهي وائڙا ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ حملي ڪرڻ جو اهو طريقو عجيب هو ۽ اسان جي سپاهين لاءِ اهڙو تہ ڏکيو ثابت ٿيو، جو بيان نٿو ڪري سگهجي. مرين جي هڪڙي نامور سردار جنگ هلندي اهڙي

---

(١) اي-ڊي-سي: هميشه گڏ رهندڙ مددگار زيردست کي چئبو آهي.

وقت پنهنجي ڊال هڪ ٽوب جي منهن تي رکي، جنهن وقت اها چٽڻ تي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو ٽوب جي گولي سان گڏ هو پاڻ به اڏامي وڃي پري ڪريو. ٻين پروچن وري لوهه ڪري اسان جي سپاهين کان بندوقون ڦريون ۽ ڪن ته ڪٽي پاڻ کي سنگينن مٿان ڦٽو ڪيو. سچ پچو ته اهي چرين وانگر وڙهيا ٿي، يا ائين ڪٽي چٽجي ته جهنگلي جانورن جيان. ان وقت اسان جي فوج لاءِ ايڏو ته خطرو هو، جو ميجرڪليبارن پنهنجن هٿن سان اهو لکيو هو ته جيڪڏهن آخري وقت ۾ توبن رستي گوليباري نه ڪجي ها ته جيڪر سڄي ريجمينٽ تباه ٿي وڃي ها. جڏهن دشمن ٽوٽ ڪاڏي تڏهن فقط اهو خيال پئي اسان جي دماغ ۾ ڦريو ته جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد پوئتي هٽڻ جي ڪجي. پر اسان جا ماڻهو آڄ جي ڪري مري رهيا هئا. رستي جي سونهين پڌايو ته ويجهڙائيءَ ۾ پاڻي ملندو، پر اهو رڳو ڪوڙ هو. ڪهڙي خيال کان هنن گشا هنيا هئا، انهيءَ جو گمان ئي نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهي به دشمن جي ور چڙهن ها، ته هو ڪين به جيئرو ڪين ڇڏين ها. ان هوندي به هڪ پارٽيءَ کي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ موڪليو ويو هو، پر انهن تي پروچن حملو ڪري سيني کي ماري وڌو، فقط هڪ سونهون بچيو. اعتبار خان نالي سونهون ميجر ڪليبارن جي اڇي گهوڙي تي چڙهي وني ٿو ڀڄي ۽ ائين ڪندي پنهنجي جان بچايائين. سندس چوڻ هو ته پاڻي هٿ ڪرڻ واري جماعت سان گڏ وڃڻ کان اڳ هن ڀهرئين مقابلي کان پوءِ جيڪا مات هئي، تنهنجو پورو پورو فائدو ورتو. جنگ جي ميدان تي جيڪي پروچ ڪريا پيا هئا، تن جا هن وڃي ڪنڌ ڪپيا. انهن ۾ هڪڙو نالي وارو سردار هيبت خان به هو جنهن سان سندس پراڻي عداوت هئي. ان بدنصيب ڪريل ماڻهن جا ڪپڙا به ٻري رهيا هئا، جن ٿاندن وانگر سندن بدن کي پئي ڏنيمو. ميجر ڪليبارن جڏهن ڏٺو ته پاڻيءَ جي

ڳولا لاءِ موڪليل پارٽي واپس نہ پهتي آهي، تڏهن هن حڪم ڪيو تہ اڳئين ڏينهن واري منزل تي واپس هلجي. لهريءَ تائين سڄي رستي تي مرين ڪيترائي ڏينهن اسان جي فوجن جي پٺ ورتي. جيڪي جنگ مان چڙوچڙ ٿي پڳا هئا، سي سڀ مارجي ويا ۽ باقي رهيل سامان بہ دشمن جي هٿ چڙهي ويو. جانيدبري ۾ بہ ڪي اهي ڪؤنس ڪان بچيل ڪو نہ هئا. جيئن ئي اسان ماني ڪائي رهيا هئاسين تيئن هڪ سپاهي اندر ٽوڪي آيو. سندس هٿ ڪپيل هو. جيئن ئي هو ڪئمپ ڪان ٻاهر ٽورو پنڌ نڪري ويو هو، تيئن ئي ٻہ- ٽي ٻروچ گهوڙيسوار اچي مٿانئس ڪڙڪيا. هي انهن کي ڏسي وٺو ڀڳو ۽ پنهنجي ٻانهن جيئن سر بچائڻ لاءِ مٿي ڪنيائين، تيئن هڪڙي سوار سندس هٿ ٻن ٽڪرن ۾ وڍي ڇڏيو. تلوار جي تيز هئڻ ۽ انهيءَ جي پوري سنڌ تي پوڻ ۾ ڪو بہ شڪ نٿو ڏسجي. اهو ويچارو غريب ڏاڍي سور ۾ هو ۽ اسين سڀ ٻاهر ڀڳاسين تہ ڏسون تہ ٻروچن جو ڇا ٿيو. ڪجهہ سوار جوئر جي پوک ۾، جا اسان جي چوڌاري هئي، ڳولا لاءِ نڪتا پر واپس موٽي آيا ۽ اهي ماڻهو ڪين هٿ لڳائي ڪونہ. ماڻهو ويچارو ڪلندڙ جانور آهي ۽ جيتوڻيڪ ويجهڙائيءَ ۾ اسان جي فوج تي تباهي آيل هئي، پر ان هوندي بہ اسان ريجمينٽ جي ڊاڪٽر تي ڏاڍا ڪلياسين. هن جڏهن ڏٺو تہ توبخاني جا ڪجهہ ماڻهو مارجي ويا هئا، تڏهن هن ڏاڍي بهاديريءَ سان توبخاني ۾ گهڙي، هڪ توب هلائڻ شروع ڪئي. هن پهرين تہ ڏاڍي بهاديريءَ سان حملي ڪندڙن ڪي فائر ڪري ڪيرائي وڌو، پر توب ڪي ڇوڙڻ واري ڏمڪ، وري ساڳي هنڌ نہ رکي سگهيو. اهو ڏاڍو قيمتي وقت هو ڇاڪاڻ تہ ٻروچ ٻيو حملو ڪري ذري گهٽ اچي توب وٽ پهتا هئا. ڊاڪٽر ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڏمڪ چڙي ئي ڪونہ. "هيٺ مٿي ڪرينس" هڪ آفيسر رڙ ڪئي، جو ان وقت توب ڇوڙڻ وارو هو. "آءٌ انهيءَ کي چوري نٿو سگهان" ڊاڪٽر وراڻيو. "جيئن وٺيئي

تيئن وڃي ڪر". اڃا ڊاڪٽر پاسو ورايوئي ڪو نہ تہ هڪ وڏي نڪاءُ سان توب وٺي تي ڇٽي ۽ جيڪي بہ ويجهڙائيءَ ۾ هوس تن ڪي پاڻ سان ڪنيو ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪليبارن جي فوج جانيديري ڪي ڇڏي، شڪارپور پهتي. ڪئمپ جي پويان هلندڙن ڪي رستي تي بير جو هڪ وڏو انداز مليو، جو ڦلجي ۽ ٻين استيشنن تي انهن آڃايل روحن لاءِ ٻئي ويو جي اتي هئا. پر هنن انهيءَ جو بلڪل اُبتڙ ڪم ورتو، يعني تہ سڊنيءَ جي اصول تي هليا تہ "مون ڪي توڪان وڌيڪ ضرورت آهي." انهن گهٽو ڪري هرڪا بوتل هڪ مذهبي ڪرستان وانگر ڏاڍي شوق ۽ شڪراني جي انداز ۾ ڪولي پيتي. چڱو جو مون وٽ بير ڪو نہ هو نہ تہ اهو بہ ڪونہ بچي ها. اهڙيءَ طرح ڪاهان ڪي بچائڻ لاءِ اسان جون ڪوششون ناڪام ويون. ميجر ڪليبارن تي انڪوائريءَ جي ڪورٽ مقرر ڪئي ويئي پر انهن ڪو نيڪ فيصلو ڪونہ ڏنو. انڪري ڪين وري پنهنجي فيصلي تي غور ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ چيو ويو، پر انهن اهو ساڳيو ۽ اڏل فيصلو ٻڌايو جو منهنجي خيال ۾ بي انصافيءَ تي ٻڌل هو. چڱو ٿيو جو ڪو سياسي ماڻهو فوج سان ڪونہ ويو هو، انڪري آءٌ پاڻ ڪي خوشقسمت سمجهڻ لڳس. غريب شيطان يعني تہ هڪ پوليٽيڪل ڪتان اهي مضبوط ڪلها آڻي ها، جن تي انهيءَ بدناميءَ جو بار ڪڍي سگهي ها. برگيڊيئر ميجر اي. ڏڪار وچان پنهنجو نڪ موڙي اها رڙ ضرور ڪري ها تہ "لعنت اٿو سياستدانو!" ايجوٽنٽ بي. بہ اهو آواز ڪئمپ جي چئني ڪنڊن ۾ پکيڙي ڇڏي ها، ۽ هرهنڌ اهو بي سُرو ۽ پونڪ جهڙو آواز تہ ـ "لعنت اٿو سياستدانو!" پيو ٻڌجي ها. مون ڪي هڪڙي درويش جي يادگيري پوي ٿي، جو جڏهن بہ ڪو ماڻهو بيمار ٿيندو هو يا بخت ياوري نہ ڪندو هوس يا ڪو حادثو ٿيندو هو، تڏهن هو هميشہ مذهب جي خلاف پنهنجي رمارڪ پاس ڪندو رهندو هو.

جانيديري ڇڏڻ کان اڳ، رحمان ڏاڙيل اچي اسان کي مليو. کيس هڪ سهڻي لونگي پڌل هئي، ۽ هو هاڻي اسان وٽ هڪ ايماندار شخص وانگر نوڪريءَ ۾ بيٺل هو. مون جڏهن وٽس سندس ڪاري گهوڙي ڏني، تڏهن ڏينهن - ٻن لاءِ ڪانئس گهريم. هو پاڻ انهيءَ تي خوش ٿيو ۽ اجازت ڏنائين. انهيءَ کان پوءِ جڏهن به آءٌ ٻاهر ويندو هوس، تڏهن سندس گهوڙيءَ تي چڙهي ويندو هوس. ڏاڍي طاقت واري هئي، آها پري جي پنڌ لاءِ بلڪل موزون هئي. پر پنڌ ٺيڪ ڪونه هوس چاڪاڻ ته اها ٿوري ٿوري پنڌ تي گهه ڪري بيهي رهندي هئي، ڇٽڪ ڪجهه ٻڌي رهي آهي. هوءَ هڪڙي پاسي ڪنڌ جهاڪي بيهي رهندي هئي، ۽ تيسين ڪانه چرندي هئي، جيسين پنهنجي عادت نه پوري ڪري. رحمان پنهنجي گهوڙي واپس وٺڻ لاءِ ڏاڍو آتو ٿي ڏنو، ۽ جيئن ته هو وڪڻڻ لاءِ به تيار ڪونه هو انڪري مون اها گهوڙي ڪيس واپس ڪئي، جنهن تي هو اتان ترت هليو ويو. پئي ڏينهن مون ٻڌو ته هن کي ٻين بڙدي ڏاڙيلن سان گڏ ڪنهن ڳر تي وڇڻو هو، جنهن ۾ هنن کي چڱو مال هٿ آيو. اهوئي سبب آهي جو هو پنهنجي سواريءَ کي واپس وٺڻ لاءِ ايڏو آتو هو. اهي وهٽ جن تي ڏيهي ماڻهو چڙهندا آهن، يورپي ماڻهن جي ڏانوَ جا ڪونه آهن، چاڪاڻ ته هُو انهن جا ٻوٽ ۽ پنڌ وڃايو ڇڏين، ۽ ڪين اجايو گهنڊ ۽ ٻڌو ٽپ سيکاريندا آهن. انهيءَ ڪري انهن جي سواري سڻائي ٿئي ئي ڪانه، جيسين ماڻهو ڪاٺ جي هني تي هريل نه هجي.

هڪ دفعي مون کي هڪ افغان جي گهوڙي جي ٽپڻ ۽ ڪڏڻ ڏاڍو مزو ڏنو. مون ۾ خيال ڪيو ته آءٌ به انهيءَ جو مزو وٺي ڏسان. سو آءٌ وڃي مٿس سوار ٿيس. هن مون کي پنهنجي پٺيءَ تي محسوس ڪندي وٺي ڊڪ پاتي. جيتوڻيڪ مون معمول وانگر سندس بشڪون قابو جهليون، پر هڪڙي

يا بن ٽپن کان پوءِ مون ڏٺو تہ مون واري ويهڻ جي جاءِ ڪا گلن جي سيج يا بخمل جي ٺهيل ڪانہ هئي. مون پانيو تہ گهوڙو بيهاريان پر اهو بيٺو ئي ڪونہ، چاڪاڻ تہ ان کي بہ رونشو لڳي ويو. جيئن آءٌ کيس جهلڻ ۾ هوس، تيئن پاڻ وڏا وڏا ٽپ ڏيڻ لڳو. مون ڏٺو تہ هاڻي ٿو منهنجو بدن رهڙجي، چاڪاڻ تہ هنو هو ڏاڍو کهرو ۽ مون کي وري فقط سنهون پاجامو پيل هو. "خدا توکي غارت ڪري" مون دل ئي دل ۾ انهيءَ وهٽ کي پٽيو. "تنهنجي هني تي فقط اهوئي ماڻهو ويهي سگهي ٿو، جو لوهہ جو ٺهيل هجي!" آخر مان گهوڙي تان بنان جوکم جي لهي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس.

جيئن ئي آءٌ روجهاڻ وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هوس تيئن مون کي وردان وٺان هڪ خط پهتو، جو پاگ (١) ۾ گهوڙيسوار فوج جو مهندار هو. هن لکيو تہ بروهي هڪ وڏي انداز ۾ گنداوا لڪ کان لهي رهيا هئا، جن ۾ هزارين تہ سوار هئا، پيادن جو تہ انت ئي ڪونہ هو. روجهاڻ لفظ کي ٿوريئي ڦيري سان فارسي محاوري ۾ "مرڻيڪ روح" ۾ بدلائي سگهجي ٿو. اتي مان هڪ ڏينهن رهيس، چاڪاڻ تہ مون کي کوهہ صاف ڪرائڻو هو. انهيءَ کوهہ ۾ جيڪو پاڻي موجود هو، تنهن کي پيئڻ لاءِ قبول ڪرڻ تي جيڪر هيروگيٽ جا چشما ۽ ٿاور ڪاهي جو بينل دبو، رشڪ ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ها. ايراني نار جي وسيلي جڏهن اسان سندس پاڻي مٿي چڪي ورتو، تڏهن منجهس ايتري تہ ڏپ هئي جو ماڻهو ويجهو نٿي وڃي سگهيو. پائنجي ٿو تہ جيڪي جانورن جا ڍونڍ منجهانئس ڪڍيا ويا هئا، تن انهيءَ ۾ ڏپ جو واڌارو ڪيو هو. چاڪاڻ تہ صفائي ڪرائڻ کان ٢٤ ڪلاڪ پوءِ مس مس اها ڏپ ويندي رهي ۽ سائو ڄارو جيڪو انهيءَ جو رنگ بہ بدلايو بيٺو هو، سو بہ ختم ٿي ويو. مون روجهاڻ ۾ جمالين جي

---

(١) پاگ، ناڙي جي علائقي کي سڏبو آهي.

رئيس سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. جنهن ٻڌايو تہ گذريل رات واريءَ جنگ ۾ سندس قبيلي جا تمام گهڻا ماڻهو ڪلهر بگٽين هٿان مارجي ويا، ۽ پاڻ بہ زخمي ٿي پيو هو. ٻيءَ رات جو آءٌ برپٽ اڪريس جو سڄوئي سخت زمين وارو پوٺو هو. جيڪڏهن سونهان ساڻ نہ هجن ها تہ پوءِ انهيءَ کي پاڻيءَ وانگر طرف معلوم ڪرڻ لاءِ قطب نما سان هر هر ماپڻو پوي ها. روجهاڻ کان پنجن ميلن جي پنڌ تي هڪ سيد جو مقبرو هو، جو ٣٠ ميلن جي مسافريءَ ۾ مون کي فقط زمين تي هڪڙي نشان وانگر ڏسڻ ۾ آيو. اڃا اڌ پنڌ ٻس ڪيو هوسين تہ اسان کي چٽنگون اڏامندي ڏسڻ ۾ آيون، جن سان ظاهر ٿي ٿيو تہ جامڪيدار بندوقون ڀري ڪونہ هيون. منهنجا جمالي سونهان جانچ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ويا، پر پوءِ ستئي موٽي آيا ۽ ٻڌايائون تہ اهي بہ افغان مسافر هئا. اسان جڏهن ڪين ويجهو پهتاسين، تڏهن ڏٺوسين تہ انهن پنهنجا آٽ ويهاري ڇڏيا هئا ۽ مٿن جامڪيدار بندوقون جهليون بيٺا هئا. هنن ٻڌايو تہ ڪيترا ٻي ٻروچ ڏاڙيل مٿن اچي ڪڙڪيا هئا، پر اسان جي ويجهو هئڻ ڪري اهي حملي کان بچي ٻيا. انهن پٺاڻن پوءِ اسان جي پارٽيءَ سان شامل ٿيڻ جي اجازت گهري، جا مون ڪين ڏني. صبح ٿيڻ کان اڳ اسين برشوري پهتاسين، جو هڪ ويران ڳوٺ هو. سندس نالي مان ظاهر ٿي ٿيو تہ اهو ٻن لفظن بر شوري مان نهيل هو، جنهن جي معنيٰ آهي ڪاري پاڻيءَ تي ٻڌل. ۽ هو بہ ائين، ڇاڪاڻ تہ اتي جو پاڻي نهايت ڪارو هو. اتي جي رئيس جو آءٌ پانيان ٿو، تہ هيءُ مَتو ٿي ڏسڻ ۾ آيو: ”جنت ۾ غلام ٿي رهڻ کان بهتر آهي تہ دوزخ ۾ بادشاهي ڪجي.“ جڏهن مون کوهن بابت پڇا ڪئي، تڏهن مون کي ڪي قتل ڪڏون ڏيکاريائون، جن ۾ فوٽ جيترو پاڻي ٻس هو. انهي ڪوٽڻ سان مورڳو پاڻي ئي غائب ٿي ٿي ويو. مون اتي هڪ بنگلي آڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ فخر سان چانوَ ۾ ويهي ان کي ڏسندو رهيس. مون کي ان وقت سنڌي

لباس پيل هو، خاص ڪري منهنجو متو هڪ ننڍيءَ ٽوپيءَ سان ڍڪيل هو، جنهن جي چوڌاري ويهه وال ململ جو ڍڳهو پٽڪو ويڙهيل هو. ان هوندي به مون محسوس ڪيو ته منهنجو متو هڪ گرم ٿانو ۾ پيل هو، چاڪاڻ ته پگهر هرهڪ پور مان لارون ڪري وهڻ ٿي لڳو. ٻئي ڏينهن مون ڏٺو ته پاڻي تمام ٿورو هو، انڪري مون آتي ڪمين کي ڪم تي لڳائي، اها جُوءِ چڏي، جتي هڪ ڪلاڪ جي دير به سالن جي برابر پئي لڳي.

اهي آجڙيل جايون ساوڪ جي پوشاڪ پائي سگهن ٿيون، سو هيئن ته انهن تائين سنڌو درياءَ مان واهن جي رستي پاڻي پهچايو ويو. اڳين سالن ۾ به وڏا واهه آتان وهندا هئا، ميرواهه، جو حيدرآباد جي ميرن جو هو، ۽ مراد واهه، جو خيرپور وارن جي مِلڪ هو. پر ڪاٽي نه ڪجڻ ڪري ۽ ملڪ جي حالتن جي مدنظر، اهي آهستي آهستي زبون ٿي ويا ۽ وري نه ٺهي سگهيا. سفر تي وڃڻ کان اڳ انهن واهن بابت مون هڪ خط ٻنهنجي بالا دست کي لکي موڪليو، جنهن انهن جي ڪاٽي بابت صلاح مشورو ڪري ڪي هدايتون به جاري ڪيون هيون. آهي بروچ جيڪي منهنجو خط ڪٽي وڃي رهيا هئا، تن مون کان پنگ خريد ڪرڻ لاءِ، ڪجهه پئسن جي گهُر ڪئي. سندن چوڻ هو ته برپٽ کي منهن ڏيڻ خاطر، دل جي ڏيڻ لاءِ ڪين ڪنهن مقوي شئي جي ضرورت هئي. مون ڪين ڪجهه روڪڙ ڏني جنهن تي هنن چيو ته "هاڻي اسين سڄو رستو گهائيندا ويندا سين." برشوري چڏڻ کان پوءِ ٻارهن ميل پنڌ ڪري ميرپور پهتس. اهو سڄو رستو آجڙ هو. مون کي ماڻهوءَ جي ٻن کوپرين ۽ ڪجهه زبون ٽيل گوٺن کان سواءِ، سڄي رستي تي ڪي ڪين ڏسڻ ۾ آيو. پراڻو ميرپور هڪ وڏو گوٺ هو پر هئو گهڻي پاڳي ويران. آتي وٽن جو هڪ گهاٽو جهڳٽو هو، جنهن جي هيٺان مون پنهنجو تنبو ڪٽي ڪوڙيو.

رات جو ڏاڍي گهٽ ٿي ۽ صبح جو اها خبر پڌم ته سوارن جو هڪ جتو ويجهو اچي رهيو هو. ڪن چيو ته اهي بروهي آهن، ۽ جيڪڏهن اهي هجن ها، ته پوءِ پائنجي ٿو ته بلڪل معمولي مقابلو ٿئي ها، ڇاڪاڻ مون وٽ فقط چار سپاهي ۽ چار سوار هئا. پر حقيقت ۾ اهو ڀاڳ جو قاضي هو، جنهن کي آسي سوارن سان وردان مون ڏانهن ڏياري موڪليو هو ته جيڪي به فون مان گڏ ڪري سگهان، اهي گڏ ڪري جلدي ڀاڳ پهچان، ڇاڪاڻ ته بروهين جو هڪ وڏو ڪٽڪ ڪيترن ئي سردارن جي هٿ هيٺ ڀاڳ کي ويجهو پهچي چڪو هو. مون جڏهن پنهنجن ماڻهن تي نظر ڦيرائي، تڏهن ڏٺم ته مون وٽ فقط نو ماڻهو هئا. انهيءَ تي مون کان ٿهڪ نڪري ويو. قاضي به توائي پئي ڏنو، ڇاڪاڻ ته هن جو خيال هو، ته مون وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ماڻهو ته ضرور هوندا. حقيقت هيئن آهي ته مون وارو بالادست ڪڏهن به سؤ ماڻهن کان گهٽ حفاظتي جتي کان سواءِ ٻاهر ڪونه نڪرندو هو ۽ پڻ فوج جو چڱو حصو به پاڻ سان ڪٽندو هو. مون لاءِ وري سندس اهو خيال هو ته به- چار نائڪ منهنجي حفاظت لاءِ ڪافي هئا. بهرحال، مون وٽ ڪمين کي آجوري ڏيڻ لاءِ ڪجهه هزار روپيا هميشه ساڻ رهندا هئا. سو، مون قاصدن کي پٺا ڏيئي بروهين جي انهيءَ حملي جي خبر هڪدم سکر ۽ لاڙڪاڻي ڏياري موڪلي ۽ قاضيءَ سان گڏجي ڀاڳ ڏي وڌيس. اسان رستي تي هڪ ڪلاڪ لاءِ قاسم جي جهوڪ نالي ڳوٺ ۾ ترسياسين، جو ڪاڊرنگٽن جي خيال موجب قاسم لاءِ هڪ چرچو ٿئي ها، پر اهو ٿي ڪونه سگهيو، ڇاڪاڻ ته اتي رسد جو سامان هيوئي ڪونه. ڳوٺ جو مالڪ قاسم خان، جو زميندار به هو، اچي اسان سان مليو. هو ڏسڻ ۾ سهڻو مڙس هو. سندس ڏاڙهي ڪاري ۽ شاندار هئي. ساڻس گڏ محمد خان ابڙو به آيو هو، جو هاري پئي ڏنو، پر هو، ڏاڍي

سڀي طبيعت جو ماڻهو، انڪري مون پنهنجو تنبو ڪيس سونپي ڏنو.

آءٌ ياڳ ۾ صبح جو ٻين بجي پهتس. انهيءَ وقت تائين اسي گهوڙيسوارن مان جيڪي مون وٽ ميرپور آيا هئا، فقط هڪڙو قاضي وڃي بچيو، باقي ٻيا سڀ هڪ-نه ٻيو بهانو ڏيئي کسڪي ويا. جڏهن شهر جي در وٽ پهتاسين تڏهن قاضيءَ مون کي خبردار ڪيو ته جيئن ته اسين نيوا جي وقت پهتا هئاسين انڪري ٿي سگهيو ٿي ته ڪا گولي نه اچي ٽڪاءُ ڪري. ڇاڪاڻ ته قلعي جي حفاظتي فوج بروهين جي تاڙ ۾ ويٺي هئي. هن مون کي عرض ڪيو ته بندوق جي نشاني ڪان مڙيئي ٻري رهجي، جيسين سج ڪٽي ڪڍي يا روشني ٿئي، پر جيئن ئي اسين مٿي دروازي ڏانهن وڌياسين، تيئن ڊپ ۾ قاضيءَ جا ڏند ٽڙڪڻ لڳا. مون دروازي وٽ پهچي، انهيءَ کي زور سان ڪڙڪايو. ڏٺم ته ٻن-ٽن بندوقن جون نالبون اچي منهنجي مٿي جي سنوت ۾ بيٺيون، ۽ مون کي هڪل ڪئي ويئي ته ڏهه قدم دروازي کان پري ٿي بيهه، نه ته اهي بندوقون اِجهي ٿيون ڇٽن. ايتري ۾ ماڻهن جون منڊيون ررواڙي جي مٿان، تڪڙو تڪڙو اندر ٻاهر ٿيڻ لڳيون، جنهن تي مون کين دڙڪو ڏيئي چيو ته هاڻي اها بيوقوفي ڇڏيو ۽ دروازو کوليو. جيئن ئي آءٌ اندر گهڙيس تيئن سڌو وردان جي گهر ويس ۽ ڪيس ننڊ مان اُٿاري صورت حال بابت گفتگو ڪيم هن ٻڌايو ته وٽس نوي (٩٠) سوار هئا، جي گهڻو ڪري بيقاعدي فوج جا هئا، ۽ نوان رنگروٽ هئا. دادر ۾ جتي اسان جا پنج سؤ ماڻهو ۽ ڪيترين ئي توپون هيون، پر اتان فقط هڪڙو ماڻهو آيو، جنهن کي ياڳ ۾ موجود ڪٽيل توپن جي سنڀال جو ڪم ڏنو ويو. هڪڙي توپ جي ترائي وٺندي هن شهر جي ويران پاسي ڏانهن انهيءَ جو منهن ڦيرائي وٺي ڇوڙيو. اهو ويرانو به سؤ وال کن پري هو پر ڏک لڳو ئي

ڪو نہ. اها توب ڪا پويان ڏڪ هٽندڙ هئي، سو جيئن ئي پويان ڏڪ هنيائين تيئن وڃي ديوار کي لڳي ۽ ان کي پنهنجي مٿان ڪيرائي وڌائين. اها توب اڃا بہ انهيءَ ديوار جي هيٺان پئي آهي. هن جي راءِ هئي تہ شهر کي بچائڻ ناممڪن هو، چاڪاڻ تہ انهيءَ جا هزارين رهاڪو اسان جي خلاف هئا، ۽ جي خلاف نہ بہ هجن، تڏهن بہ ڪين اسان جي مٿا ڪٽ سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي ۽ اهو بہ قلات جي نوجوان خان خلاف، جو ان وقت بولان جي لڪ تان هيٺ لهي رهيو هو. ساڳئي وقت ڪمال خان بہ ٽن-چئن هزار سوارن سان گنداوا جو لڪ لهي چڪو هو. پاڳو شهر جي پيٽ ڪيترن هنڌن وٽ ڏهن فوٽن کان بہ گهٽ هئي. ازانسواءِ پاڻي هٿ ڪرڻ خاطر شهر کان ٻاهر بہ ضرور وڃڻو ٿي پيو. پر انهن سيني ڳالهين کان وڏي خرابي هئي محمد شريف جي، جو پنهنجي شرارتي ذهن جي ڪري مشهور هو. هو شهر ۾ موجود هو، ۽ بروهين سان بہ ملت ۾ هو. اهي خبرون پڌري مون صلاح ڏني تہ شهر جي چڱن مڙسن کي گهرايو وڃي، ۽ ڪانئن پڇجي تہ انهن جي ڪهڙي ڪهڙي راءِ آهي. راج جي چڱن مڙسن، جن ۾ غلام نبي مفيري ۽ حيدر خان ابڙو وغيره شامل هئا، تن جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن اوهان کي فوجون آهن تہ پوءِ پلي مقابلو ڪريو، نہ تہ چڱو اهو آهي تہ نوجوان خان سان صلح ڪري ڇڏيو، چاڪاڻ تہ طاقت کان سواءِ جيڪڏهن اوهان منهن ڏنو تہ پوءِ اسان جون زمينون بہ ويران ٿي ويندیون، ۽ اسان جي جان بہ جوکي ۾ رهندي. اهي ماڻهو حقيقت ۾ اسان جي فائدي ۾ هئا. پر انهن کي اسان جي ڪمزوريءَ جي پوري پوري خبر هئي. ڪين محمد شريف جي ڪرتوتن جي بہ ڄاڻ هئي جو بروهين جي اچڻ تي هڪدم دروازا کولي ڇڏي ها، ۽ دوستن جيان سندن آدرپاءُ ڪري ها. جيئن تہ اسان جا پاڳ ۾ آن جا انبار پيل هئا، انڪري اسان جو مقصد هوتہ شهر جو بچاءُ ٿئي. انڪري آخر اها صلاح ٿي

تہ آءٌ پنهنجا سپاهي وردان وٽ ڇڏي ڦلجيءَ وڃان، ۽ اتان مددي فوج ڏياري موڪليان. پوءِ انهيءَ ڪم ۾ ڪاميابي ٿئي يا نہ، پر پن ڏينهن ۾ واپس پاڻ پهچي وڃان. آءٌ ان وقت ڏاڍو ٿڪل هوس پر ان هوندي به هڪ مٿهري آٽ تي چڙهي ڦلجيءَ ڏي پنڌ پيس. پرپٽ جا ارڙهن ميل لنگهندي، ڇڙ تي اچي پهتس. هي ڳوٺ لٿهري نديءَ تي ٻڌل هو، جنهن جي چوڌاري جوئر جو فصل بيٺو هو. مان پوءِ وزيره ويس جو بجرخان نالي هڪ مشهور ٻومڪي سردار جو ڳوٺ هو.

ان وقت آءٌ اتفاق سان بجرخان جي آٽ تي چڙهيل هوس، جيڪو گهڻو اڳي، سندس پيش پوڻ وقت ڪانئس ڦرٻو ويو هو. اهو هڪ عجيب وقت هو. آڌيءَ رات جو مان بجر جي قبيلي جي ماڻهن ۾ هڪ اڪيلو ٿڪل ٿڪل ۽ ويڳاڻو شخص هوس. منهنجي پهچڻ سان بجر جو پٽ وزيرخان ۽ سندس ڀاءُ مبارڪ خان ٻاهر نڪري آيا، ۽ سندن پٺيان ڊزن- ٻه ٻيا به بروچ هئا. انهن نڪرڻ سان ئي پنهنجو آٽ سڃاڻي ورتو، ۽ ان کي سندس نالو وٺي سڏ ڪيائون. مون کي به هڪدم سڃاڻي ورتائون، ڇاڪاڻ تہ شڪارپور مان گذرندي مون ڪيترا دفعا ڪين مانيءَ جي دعوت ڏني هئي. هنن هڪدم گهٽتو ۽ ڪجهہ شيخون گهرايون ۽ اسان سڀني گڏجي ڪانو ڪاڌو. گهٽتي کي هتي دنبو سڏيو وڃي ٿو، ۽ آهي به ڏاڍو متارو! سندس پُڇ اچرج جهڙو ٿلهو هوندو آهي.

اتي اسان نفشڪ جي جنگ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. هنن مون کي ٻڌايو تہ انهيءَ جنگ جا سڀئي بروچ مرين جي مدد لاءِ ويا هئا ۽ جنگ ۾ حصو ورتو هئائون. مون پڇيومان تہ انهيءَ ۾ گهڻا ماڻهو مئا هوندا؟ تڏهن جواب ڏنائون تہ، به سؤ اوهان جا ماڻهو ۽ اسي بروچ.

اڌ ڪلاڪ يا ٿورو وڌيڪ آرام ڪرڻ کان پوءِ مون وري پنهنجو سفر شروع ڪيو. مبارڪ خان، ڦلجيءَ تائين رستي

جا ڇهئي ميل، جي گهٽو ڪري جهنگ هو، مون سان گڏ هو. قلجي هڪ تمام سهڻو گوٺ هو ۽ بگٽي-مري ٽڪرين جي پاڙ ۾ هو. پهرين اهو گوٺ ڪهيرين وٽ هو پر پوءِ ڪين بجرخان اتان ڪڍي ڇڏيو هو. جيئن ته ڪهيرين اسان جي اچڻ وقت سيني ڪان پهرين اسان جي ملازمت اختيار ڪئي هئي، انڪري سندن خدمتن جي صلي ۾ ڪين قلجي ۽ ان جو آسپاس وارو علائقو ڏنو ويو هو.

پاڳ ڪان قلجي تائين ڊگهي سفر ۾ معاملن کي سمجهي، تاڙي ويس ته اسان کي نيٺ ڇا ڪرڻ گهرجي. معاملا ڏاڍا مشڪل هئا، ۽ سڪر جي اختياريءَ وارن کي انهيءَ طوفان جي- جيڪو تمام ويجهو اچي پهتو هو- ڪابه خبر ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته ڪين مون وارا خط پهتا ئي ڪونه هئا. بروهين ڪڇيءَ تي به-طرفو حملو ڪيو. هڪ طرف ڪان ڪمال خان البتازئي ٽن-چئن هزارن ماڻهن سان گنداوا پهچي ويو هو، ۽ اتي قرلٽ شروع ڪري ڏني هئائين. ٻئي پاسي وري نصير خان پنجن-ڇهن هزار سوارن سان دادر جي ويجهو پهچي چڪو هو. ڪمال خان جيڪڏهن چاهي ها ته ٻن-ٽن منزلن ۾ پاڳ تائين پهچي وڃي ها. اتي اسان جي حفاظتي فوج ڪانه هئي ۽ ٻيو ته اسان جو مقرر ڪيل نائب محمد شريف بروهين سان اڳيئي ملت ۾ هو، انڪري شهر تي آسانيءَ سان سندس قبضو ٿي وڃي ها. پاڳ هٿ اچڻ ڪان پوءِ ڪمال خان جو ان جي گودامن تي قبضو ٿي وڃي ها، جنهن جي وسيلي هو دادر کي ٻن ٻاهين جي وچ ۾ وجهي سگهيو ٿي. ساڳئي وقت هو ڪاجڪ جي ماڻهن، مرين ۽ بگٽي بروچن سان رابطو قائم ڪري سگهي ها. انهيءَ ڳالهه تي بحث ڪرڻ جو ضرورئي ڪونه آهي ته ڪو دادر نه وٺي سگهي ها. ائين ڪرڻ سان هو اسان جي فوجي جٿن کي ڪٽي سگهيا ٿي.

اسان جون فوجون جيڪر نصيرخان جي حملي کي منهن ڏيئي وڃن ها پر پاڳ هٿان نڪري وڃن ڪان پوءِ ۽ دشمن کي

توبن هٿ اچڻ کان پوءِ سندن مقابلو نہ ڪري سگهن ها. انڪري بهتر طريقو هي هو تہ مان ڪافي طاقتور فوج جمع ڪري پاڳ پهچان ۽ پيادل فوج کي اتي ڇڏي، جيڪي بہ سوار جمع ٿي سگهن، تن سان بروهين جي ڪئمپ طرف گنداوا ڏانهن ڪوچ ڪريان. مون کي پنهنجي بالادست وٽان کي بہ اهڙيون هدايتون ڪونہ هيون، پر ڇا اهڙي نازڪ وقت ۾ انهن لاءِ ترسڻ ضروري هو؟ ائين ڪرڻ سان دير ٿي وڃي ها ۽ بروهي تيسين پاڳ کي ڦري چٽ ڪري ڇڏين ها. مون کي حيدر خان ابڙي، امام‌بخش رند، غلام نبي مغيري ۽ احمد خان مغازي جهڙن زميندارن جي مدد جو آسرو هو، جي نہ فقط کي سوين سوار پيدا ڪري سگهيا ٿي، پر ساڳئي وقت اسان کي دشمن جي نقل و حرڪت جي بہ خبر پهچائي سگهيا ٿي. سندن وفاداري جي بهترين ضمانت سندن زمينون هيون جي فصل سان پريون ٻيئيون هيون، انڪري جيڪڏهن اسان سان ساٿ نہ ڏين ها تہ بروهين جو اٿاهہ لشڪر سندن زمينون تباهہ ڪري ڇڏي ها. اسان سيئي طريقا استعمال ڪري، هزار سپاهي جمع ڪري وڃون ها، جي ڪمال خان کي ڊوڙائي وڃي ٽڪرين تائين ڇڏين ها، پر ائين ڪونہ ٿي سگهيو؛ ۽ نتيجو اهو نڪتو جو رسد جو سڄو مال ساڙيو ويو. منهنجي قلجيءَ پهچڻ کان هڪدم پوءِ، بہ سؤ سوار ۽ بہ سؤ پيدا لهري کان پهچي ويا هئا. انهن ٻڌايوتہ ريجمينٽ جو هڪڙو بازو ٻن توبن ۽ ڪجهہ سوارن سان دادر ڏانهن وڌي رهيو هو، پر پاڳ جي رستي کان نہ، ڇاڪاڻ تہ ڪين انهيءَ خطري جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. مون ارادو ڪيوتہ آءٌ پاڻ لهري وڃي ڪمانڊنگ آفيسر تي زور آڻيان تہ هو پاڳ ڏانهن ڪوچ ڪري. اتي پهچڻ کان پوءِ مون ڏٺو تہ اسان کي پنهنجي رٿن کي عملي جامي پهرائڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو. دادر کي مدد پهچائڻ کان اڳ اهو ضروري هو تہ گنداوا جي بروهين خلاف ڪو موثر قدم کڻجي، ڇاڪاڻ تہ دادر تي نصيرخان جي حملي کان وٺي ان

وقت تائين ١٨ ڏينهن گذري چڪا هئا. لهريءَ وچڻ کان اڳ مون بجرخان ۽ بيبرگ سان ملاقات ڪئي، جن کي ان وقت آزاد ڪري خاطر قلجي آندو ويو هو. پر ان هوندي به مٿن چوڪسي رکيل هئي. ملاقات مڙيئي چڱو وقت هلي، ۽ انهيءَ ۾ حاضر معاملن تي بحث مباحثو ٿيو، بيبرگ گهڻو وقت نظربند رهڻ ڪري ڏاڍو خفي پئي لڳو ۽ پنهنجي آڻ مڃڻ واري ڏينهن کي پٽي رهيو هو. بجر ڳالهائڻ ۾ وڏيڪ سهڻو ۽ فهميدو پئي لڳو. هن فقط هيئن چيوته "صاحب! جيڪڏهن آءٌ تنهنجي ياءُ جي اڳيان پيش ٿيان ها، ته هو مون سان ٻيءَ طرح پيش اچي ها ۽ مون کي انگريز سرڪار جو دوست بنائي وجهي ها!"

پيادل فوجي آفيسرن ۾ منهنجو پنهنجو هڪ مائٽ به هو جو ڪاجڪ جي گهيري ۾ شامل هو. ڳالهين ڪندي اسان ڪاجڪ جي ڪوٽ جو به ذڪر ڇيڙيو، جنهن تي هن چيو ته "اوهان کي ڏاڍي ڏکي جنگ ڪرڻي پوندي." اتي مون کان ڪِل نڪري ويئي. انهيءَ تي هن دعويٰ ڪئي ته "اوهان جون فوجون اسان جي توبخاني اڳيان بيهنديون ئي ڪونه!" منهنجو وري اهو چوڻ هو ته اهي بيهنديون. اهڙيءَ طرح ڳالهين ڪندي اسان هڪٻئي کان موڪلايو. اجا به مهينا ئي ڪونه گذريا ته خبر پيئي ته اهو نوجوان آفيسر ڪاجڪ تي حملو ڪندي مارجي ويو. اهو حملو تي دفعا ڪيو ويو پر هر ڪنهن ڀيري انهيءَ کي ناڪامي ڏسڻي پئي. لهري پهچڻ تي مون اهي به فوجون ڏٺيون جي گهڻي وقت تائين ڪاهان ۾ گهيري هيٺ آيل هيون. انهن مون کي مرين جي طرز عمل بابت دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون. انهيءَ بهادر قبيلي نه فقط اسان جي حفاظتي فوج کي پوئتي هٽڻ جي اجازت ڏني پر ساڳئي وقت مٿن رحم ۽ مهرباني جي نظر به ڪئي هئي. مثال طور اسان جو هڪ سپاهي جڏهن ساٿو ٿي ڪِري پيو، تڏهن هڪ مري سونهون ڪيس پنهنجي خچر تي چاڙهي هيٺ وٺي آيو. انهن جي سردار دودا خان مريءَ

انهيءَ سپاهيءَ هتان هيءُ يادگار نياپو ڪمانڊنگ آفيسر کي ڏياري موڪليو: ”چئو وڃي پنهنجي صاحب کي، تہ مرين جيڪي بہ ماڻهو ماريا آهن، اهي جنگ ڪندي قتل ڪيا آهن. باقي رهيو زخميل، ڪئمپ جي پويان هلندڙ، ۽ قيدين جو خون، انهن جي جوابداري بگٽين تي آهي. اسان جا هٿ مقابلي نہ ڪندڙ ماڻهن جي رت سان ڪڏهن بہ نہ رڱيا ويا آهن.“ ڪوبہ تاريخدان مرين کي دلير ۽ فراخ دل مردن جي فهرست ۾ داخل ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. سندن زالون بہ اهڙيون ئي بهادر آهن. اهي جنگ ۾ زخمين جي سنڀال کان سواءِ، سخت جنگ جي وقت، مڙسن سان گڏجي جنگ ڪنديون آهن. بروچن ۾ گهٽو ڪري هڪ زال ڪبي آهي ۽ زالن جي وفاداري پهاڪي طور ياد ڪئي ويندي آهي. اڳين وقتن ۾ جڏهن پٺاڻن جي شڪارپور تي حڪمت هئي، تڏهن اتي جي هڪ پٺاڻ حاڪم جي هڪ مري بروچ جي زال سان دل ٿي ويئي جو سندس نوڪريءَ ۾ هو. حاڪم جڏهن ڏٺو تہ هوءَ ڪيس سنوت نٿي ڏئي، تڏهن هن سندس مڙس کي ملازمت جي سلسلي ۾ ٻاهر موڪلي ڏنو ۽ ٻاڻ وڃي هن جي گهر وارد ٿيو. حاڪم جو خيال هو تہ جيڪڏهن خوشيءَ سان راضي نہ ٿي تہ پوءِ ساڻس زوري بہ ڪبي. سج لٿي کان پوءِ حاڪم غائب ٿي ويو. هڪ رازدار نوڪر کي سندس نيت جي خبر هئي، تنهن وڃي ڪيس انهيءَ ساڳئي گهر ۾ ڳولي ڪڍيو. ڇا ڏسي تہ حاڪم هٿين-پيرين ٻڌو پيو هو، ۽ اهڙي تہ مار ڪاڏي هئائين جو مڙس جهلڻ کان سواءِ پيرن ۾ بيهي ڪونہ ٿي سگهيو. انهيءَ قصي جي سموري خبر تہ ڪانہ پئجي سگهي، پر ٻڌڻ ۾ آيو تہ اها مائي پنهنجي نامراد عاشق لاءِ پاڻ ئي بس هئي. مائيءَ هن کي ڏاڍي مار ڏيئي رسن سان ڪٽي ٻڌو ۽ پاڻ وڃي پنهنجي مڙس پيڙي ٿي، ۽ وري شڪارپور واپس ڪانہ آئي.

مون جڏهن پنهنجي راءِ سينئر ملٽري آفيسر جي اڳيان ظاهر ڪئي، تڏهن هن انهيءَ کي معقول سمجهي، پاڻ ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اسان انهيءَ ساڳيءَ رات پنڌ پياسين ۽ اڌ رات جو ادائي بجي ڇڇر پهتاسين، جتي اسان منزل ڪئي. هتي مون کي جوئر جي پوک ۾ آسمان جي هيٺان سمهڻ جو موقعو مليو. مون واري جبي مون کي هنڌ جو ڪم ڏنو، پر اتي مڇر ڏاڍا هئا. وٺهه تي سمهڻ جي ڪري، ٿنيجي پيس ۽ جڏهن اٽيس تڏهن هٿ-منهن ڌئڻ خاطر تنبوءَ ۾ وڃي ٽوال گهريم. تنبوءَ ۾ رهندڙ آفيسر هڪدم ورجايو، ”ٽوال ڪپيئي دوست! حاضر-چوڪرا ٽوال ڪڍي وٺ جلدي.“ پر مون واري دوست جو نوڪر به ڪلب بالدرسٽن وانگيان پنهنجي مالڪ جي ٽوال کي ڪٽي ٿو هٿ لائڻ ڏئي. تنهن چا ڪيو جو ڪوڙ ڪري ويهي ٽوال ڳولڻ لڳو، نيٺ جڏهن گهڻي دير ٿي، تڏهن هن هڪل ڪري چيس، ”اڙي ٽوال ڏيڻ ۾ ايڏي دير!“ تڏهن جواب ڏنائين ته ”سائين آهيئي هڪڙو ٽوال ۽ اهو اوهان اڳيئي ڪنيو ويٺا آهيو.“ ٻئي ڏينهن صبح جو اسان پاڻ پهتاسين. مون گذريل ٢٣ ڪلاڪن ۾ هڪ سؤ ويهه ميل سفر ڪيو هو، انڪري مون چاهيو ٿي ته ڪجهه آرام ڪجي. اسان جو اتي ڏاڍي سٺي وقت پهچڻ ٿيو، ڇاڪاڻ ته بروهي گنداوا کان نڪري ڏکڻ ڪچي ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ويا هئا ۽ انهن جون ڪي ٽوليون پاڻ جي ويجهو ٿورن ميلن اندر ڏسڻ ۾ آيون. محمد شريف، جو به ڏينهن اڳ مون کي اڪيلو ڏسي رُڪيءَ طرح پيش آيو هو سو هاڻي عزت سان اسان جي خوشامد ڪرڻ لڳو. اڃا مون نيرن ئي ڪانه ڪئي هئي، ته پري کان منيءَ جو هڪ وڏو ڪڪر اڏامندو نظر آيو. اسان چا سوار جانچ پڙتال لاءِ اڳتي وڌي ويا ۽ توبن کي، جي برج جي ويجهو هيون، سنوت ڏيئي تيار ڪيو ويو. برج ۾ ان وقت اسان جي پيادي فوج جا ٣٥٠ ماڻهو مقيم

هئا. پر خبر پئي تہ مڙئي خير هو. پيو ڪو بہ ڪو نہ هو. الف خان جو پٽ، جيڪو گهوڙيسواري ڪري رهيو هو، سو گهوڙي تان ڪري پيو هو ۽ سندس پانهن پڇي پيئي هئي. نينگر جي پانهن چوڪرين جهڙي پوري ۽ لسي هئي، پر شابس هجيس، جو ڏک دليريءَ سان جهلي ويو. مون صلاح ڏني تہ جيسين اسان جي هتي اچڻ جو اطلاع بروهين تائين پهچي، تيسين اسان کي تڪڙو تڪڙ ڪوچ ڪري گنداوا پهچڻ گهرجي. منهنجي صلاح گهڻو ڪري پسند پيئي ۽ مون انهيءَ وقت عاميل ۽ پين آفيسرن کي، جي ويجهڙائيءَ ۾ هئا، خط لکيا تہ چوويهن ڪلاڪن اندر اچي اسان سان شامل ٿين. ساڳئي وقت اها صلاح بہ بيٺي تہ شهر جا دروازا بند رهن تہ جيئن ڪوبہ قاصد دشمن ڏانهن نہ وڃي سگهي. اسان واري اها رٿ چڱي هئي يا خراب، پر پوري ڪانہ ٿي سگهي. اڃا مون اهي بندوبست پئي ڪيا، تہ هڪ قاصد منهنجي بالادست وٽان نياپو کڻي اتي اچي پهتو، جنهن ۾ هدايت ڪيل هئي تہ آءٌ هڪدم ڪيس وڃي شڪارپور ۾ ملان. مون لاءِ انهيءَ حڪم جي مڃڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ واهہ ڪانہ هئي، انڪري وري شڪارپور جي رستي تي پنڌ پيس. پر مون کي اهو اطمينان رهيو تہ مون مڙسي ڪري پاڳ کي بروهين کان بچائي ورتو، نہ تہ ڏينهن-بن ۾ پاڳ جي بہ اها ساڳي حالت ٿئي ها، جيڪا ڪنڌا ۽ گنداوا جي ٿي هئي. انهن ٻنهي شهرن کي نہ فقط ڦريو ويو، پر ڪين باهہ ڏيئي ساڙي رک ڪيو ويو هو.

باب ڏهون

شاهه پور - عاميل جو همراز تـرڪ علي - رئيس العلماء سان ملاقات-

ڪانڌاهه ۽ پاڳ وٽ جهڙپون- دادر تي حملو - ليفٽيننٽ

لوڊي جو خون - مير نور محمد جي وفات - گنداوا وٽ

نصيرخان کي هار . بروهي قيدي-شڪار گڙهه ۾ شڪار

١١- آڪٽوبر تي مون پاڳ ڇڏيو ۽ چاليهه ميل سواري ڪري طاهر جي ڳوٺ پهتس. جتي ٿورا ڪلاڪ آرام ڪري، جسر کان لنگهي شاهپور پهتس، جو ڪهيرين جو وڏو شهر آهي. قلجيءَ وانگر هي شهر به ٻومڪين جي هٿ چڙهيو هو، پر پوءِ اسان اهو هٿ ڪري، وري کين واپس ڪيو هو. شاهپور ۾ مون عاميل ۽ ٻين آفيسرن کي ڏٺو، جن اسان جي گنداوا تي رٿيل حملي جي بند ٿي وڃڻ تي افسوس ظاهر ڪيو. عاميل مون کي ساڻس برپٽ ۾ ٿيل واقعن بابت گهڻو ڪي ٻڌايو. اسان وٽ پروچن ۾ تـرڪ عـلي جڪراٽيءَ ڪان وڌيڪ ڪوبه سٺي ڪردار وارو رئيس ڪونه هو. هو ڊگهو ۽ سنهو پير مرد هو، جنهن کي ڳاڙهي رڳيل ڏاڙهي هئي. گهٽ تهذيب يافته قومن ۾ ماڻهوءَ جي حياتي جي ڪا قيمت نه آهي، پر ترڪ عليءَ وٽ ته بلڪل ڪانه هئي. هڪ ڏينهن هڪ هندو دڪاندار عاميل کي ڪنهن شيءِ خريد ڪرڻ لاءِ ورجائي ورجائي چوڻ سان ڪڪ ڪري رهيو هو. ان تي عاميل ترڪ عليءَ ڏانهن اشارو ڪري چرچي طور ڪيس چيو ته "هن کي ٽار ته جيئن بڪ بند ڪري." ترڪ علي هڪدم وڃي انهيءَ بڪواسيءَ کي ڳٽر کان جهلبو ۽ گهليندو ويس ٻاهر. ان وقت ترڪ عليءَ

وٽ ڪليل چاقو بہ هٿ ۾ هو، ۽ هيئن چونڊو ويو تہ "اجهو ٿو ماٽ ڪرايانس." عاميل کي اچي خطرو لڳو تہ متان ماري نہ وجهيس، سو اٿي ڪيس سندس چنبي کان بچايائين جا گالهہ ترڪ عايء کي نہ وٺي. شڪارپور ڏانهن ويندي مون سان جڪراٽين جو هڪ حفاظتي جٿو بہ ساڻ هو، جي ترڪ عليء جا ماڻهو هئا. هنن سمجهيو تہ مان سندن ٻولي ڪونہ ڄاڻان، انڪري ڏاڍي فخر سان اهي ٻتاڪون هڻندا ويا تہ ڪينن هنل لارڊ ڪئننگ جي فوج کي ڦريو هو. "انهيء هوندي بہ" انهن مان هڪڙي ورجايو، "فرنگي ڏاڍا فراخدل آهن ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڪانئن هڪڙي ڏينهن ڦريو وڃي ٿو، اها ساڳي شئي ٻئي ڏينهن پئسا ڏيو خريد ٿاڪن. ڪانئن وڌيڪ پيا ڪهڙا سٺا گراهڪ ملي سگهن ٿا؟" نيٺ وري بہ اچي شڪارپور جي چارج ورتم جا ڪچيء جي پٺان پاڻيء واري برپٽ جي پيٽ ۾ هڪ سهڻي جاءِ هئي.

واپس پهچڻ کان ٿورو وقت پوءِ آءٌ اتي جي عبدالخالق نالي هڪڙي عالم سان ملڻ ويس. هو ڪڏهن بہ ڪنهن يورپيء سان ملڻ ڪونہ وڃي ڇاڪاڻ تہ سندس اصول هو تہ فقط مسلمان وٽ ئي وڃجي. انگريزي پهاڪي وانگر تہ جيڪڏهن جبل موسيٰ وٽ نٿو اچي تہ پوءِ موسيٰ کي ئي جبل وٽ وڃڻ گهرجي، رسمي طور مون بزرگ وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مون ڏٺو تہ رئيس العلماء هڪ سهڻي شبيهہ جو پيرمرد هو، جنهن جي هر ڳالهہ ۾ سچي مذهب جو ذڪر ٿي آيو. هو ڪافرن جي ٻاري ۾ تر جيتري بہ رعايت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. پين ڳالهين سان گڏ هن انهيء ڳالهہ تي بہ بحث ڪيو تہ مسلمان هڪ ڪرستان سان گڏ ماني کائي تہ انهيء ۾ ڪو هرج آهي. منهنجو خيال هو تہ قرآن ۾ انهيء جي ڪابہ جهل ڪانہ آهي. ان تي هن جواب ڏنو تہ توهان پاڻ بہ تہ پنهنجي شريعت تي ڪونہ ٿا هلو، مثال طور اوهان کي

رت ۽ ڦاهي ڪاڏل جانور جي ڪاٽڻ ڪان منع ٿيل آهي پر اوهان انهن حڪمن جو ڪوبہ خيال ڪونہ ٿا ڪريو. جيئن تہ اوهان پنهنجي شريعت جا اصول ڀڄيو ويٺا آهيو، انڪري اوهان کي ڪافرن ۾ شمار نہ ڪريون تہ ٻيو ڇا ۾ ڪريون؟ هن ڪرستانن جي انهيءَ دليل تي بہ ڳالهايو، تہ ڪرستانن جي تعليم اڻپوري آهي ۽ آخرين نہ آهي.

هتي هن ملڪ ۾ فقط اهو ماڻهو وڏو عالم سمجهيو وڃي ٿو جو ڪنهن ٻئي عالم سان مناظرو ڪري سگهي. پر جيڪڏهن ائين نٿو ڪري سگهي تہ پوءِ پٽڪي کي ڳنڍ ڏيئي انهيءَ عالم جو مريد ٿيڻو پوندس. رئيس العلماء جو لقب فقط انهن کي ڏنو ويندو آهي، جن جو نالو هجي ۽ جيڪو مذهبي سختيءَ ۽ ديني علم جي ڄاڻ ۾ ٻڙ هجي.

جنهن وقت آءٌ ڪڇي ۾ هوس، ان وقت چڱي موچاري فوج سکر ۾ جمع ٿي چڪي هئي، بروهين جا لشڪر جڏهن گنداوا ڪان وٺي بولان جي ميدانن ڏانهن لڙي رهيا هئا، ان ان وقت اسان جا سياسي حاڪم وري حسد وچان پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا ۽ ڏاڍي آرام سان ايندڙ موسم لاءِ رٿون رٿي رهيا هئا، تہ خان جو ڇا ٿو ٿئي. جنگ جي محاذ تي هڪٻئي پٺيان ڪئين ريجمنٽون موڪليون ويون، پر ان هوندي بہ سکر واري مهاڳ تي فوجن ۾ ڪا گهٽتائي ڪانہ آئي ۽ اهو ساڳيو مجموعو رهيو. آخر اسان جي حڪومت وري ڪوريٽڙي جي ڄار آڻڻ لڳي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪي ڏهہ-ٻارهن ٽنگ ٿي پيا هئا جن جي ڪري منجهس گهانچا ۽ وٿيون ڏسڻ ۾ آيون. انهيءَ ڪان پوءِ اسان جي مڪيہ سياسي ڪوريٽڙي ڪجهہ ٻڌڻ جي عنايت ڪئي، ۽ پوري شان شوڪت ۽ زهر سان ڀريل رومڙ بہ ڪئي، پر مڪين کي جيڪي ڪجهہ ڪرڻو هو اهو انهن ڪيو ۽ پوءِ رمنديون رهيون.

انهيءَ وچ ۾ جيڪي ڪمي ٻون برشوري ۾ ڇڏيا هئا،

تن کي بروهي سوارن ڊوڙائي وڃي برٻٽ ۾ ڇڏيو. پر انهن سان به ساڳي جٽ ٿي، ڇاڪاڻ ته راڻيءَ جي چوٽين ريجمنٽ کين شڪست ڏيئي، منجهانئن هڪ سؤ ٽيهه مرد ۽ ٽي عورتون ماري وڌيون. عورتن کي نه مارين ها ته ڏاڍو چڱو هو، پر ڇا ڪجي. اهي رات جو ويس بدلائي پنهنجن مڙسن سان گڏ جنگ ڪنديون ته پوءِ ڪنهن کي ڏوهه ڏيئي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح ڪانڌاهه ۾ به ائين ئي ٿيو هو. انهن مسڪين زالن کي تلوار جي ڌڪ نه فقط بک، ڏک ۽ سڃائيءَ کان نجات ڏياري پر ان سان گڏ انهيءَ نظاري ڏسڻ مان به جند ڇڏائي، جنهن ۾ سندن مرد، پاڻر ۽ ٻچا رت ۾ لڙهي رهيا هئا. ساڳئي وقت وردان وري ٻي هڪ ٽوليءَ تي حملو ڪري ان جا چاليهه قورو ماري وڌا. وردان پاڻ به پنهنجن هٿن سان به ماڻهو ماري وڌا هئا، جيتوڻيڪ هن ۾ انهن کان وڌيڪ ماڻهن جي مارڻ جي طاقت هئي. هن جو چوڻ هو ته ڪيئن نه جلدي هڪ ماڻهوءَ کي ماري سگهجي ٿو. مثال طور هن ٻڌايو ته هڪڙي پيادي جي پٺيان هن وٺي گهوڙو ڊوڙايو ۽ ويجهو پهچي تلوار ڪڍي پٺيان ٿنبيائينس جا وڃي سندس ڇاتيءَ کان نڪتي. بسم‌الله چوندي هن هڪ رڙ ڪئي ۽ جيئن ئي وڃي ڪريو تيئن مري ويو. پنهنجي هڪ ڀاءُ کي ائين مرندو ڏسي، ڏڪڻي وٺيو وڃي. بروهين واري جنگ حقيقت ۾ هڪ ڪاساڻڪو ڪم هو، ڇاڪاڻ ته اهي پٺاڻن ۽ پروچن جي پيٽ ۾ چڙ ته وڙهيائي ڪونه. جيتوڻيڪ انهن جو تعداد هزارن ۾ هو پر ان هوندي به انهن کي اسان جي دادر واري فوجي چونڪيءَ پوئتي هٽائي، فاش شڪست ڏني هئي. انهيءَ جنگ ۾ اسان جا فقط به آفيسر ۽ ويهه سپاهي ڦٽيا، ۽ به يا ٽي سپاهي مٺا. بروهين کان ٻيو ته ڪي ڪين پڳو پر فقط اهو ٿيو جو آنَ جا اتبار لٿي انهن کي باهه ڏيئي ڇڏيائون.

چاليهين ريجمنٽ جي اڳتي وڌڻ ڪري ڪمال خان پڇي وڃي ٽڪرين ۾ لڪو، پر گنداوا جو شهر ساڙي ڇڏيو هئائين. مون وارو دوست چيڪر ٻڌي مري ها؛ هن پنهنجو تنبو هڪ اهڙي هنڌ ڪوڙيو هو، جو ڏسڻ ۾ ساوڪ سان ڀريل سهڻي ڪڏ هئي. پنڌ ۽ ٿڪ سبب ڪيس ننڊ ڪٽي ويئي ۽ خواب ڏسڻ لڳو. ڇا ڏسي ته سدا بهار انگلنڊ ۾ ويٺو آهي، پر هڃي نديءِ وهيءَ ۾ ۽ جيئن سمنڊ جي ڪناري تي ڪُڏي رهيو هو، تيئن سمنڊ جي وير ڪيس ويجهو پوندي ويئي. جيئن پڇي تيئن سمنڊ پٽيان. سمنڊ جي ڪناري جيڪي عورتون وهنجي رهيون هيون تن ڪيس رڙ ڪري چيو ته "پڇ تڪو"، بس ائين پاڻ پتوڙڻ ۾ سندس اک کلي ويئي. جان ڪتي ڏسي ته سندس هڪ ٽنگ پاڻيءَ ۾ هئي، ۽ ڪڏ جي مٿان ڪلنڊڙ سپاهين ۽ آفيسرن جو هڪ ٽولو ڪيس هڪلون ڪري رهيو هو ته "ٻڌين ٿو، تَري جند ڇڏاءِ". سچي ڳالهه جي حقيقت هيئن هئي جو هن پنهنجو تنبو هڪ ننڍڙيءَ نئين ۾ ڪوڙيو هو ۽ جيئن ته انهيءَ ويل ٽڪرين ۾ مينهن وُٺو هو، ان ڪري ٻڌو تڪي پاڻيءَ جي وهڪري سان ڀرجي ويو هو.

جيئن ئي ڪمال خان جا ماڻهو خطري واري ايراضيءَ کان پري نڪري ويا، تيئن ئي اسان جي فوجن دادر ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. دادر پهچڻ وقت اسان جي فوج ٽڪي ٽٽي پيئي هئي، ۽ ساڳي وقت سوار به وٽن گهٽ هئا. ان هوندي به ڪمال خان جي فوج پوئتي هٽي ويئي هئي. بروهين جو تعداد ان وقت پنج هزار هو ۽ جيئن ئي اسان جون فوجون اڳتي وڌيون، تيئن بروهين انهن تي حملو ڪري، ڪين ڇڙوڇڙ ڪرڻ چاهيو. ڪين انهيءَ مهم تان نيٺ هٿ ڪٽڻو پيو، ڇاڪاڻ ته ستار پينل جي ڪن ٿورن فئرن ڪين پوئتي پڇڻ تي مجبور ڪيو. هو ميدان ۾ پنهنجو سامان سڙو ڇڏي، پويان هڪ آيي ٽڪريءَ تي وڃي گڏ ٿيا. هيءُ وقت سوارن جي جُلهه جو

هو چاڪاڻ تہ دشمن جي فوج اچا ٽڪرائتي ميدان تائين پهتي ئي ڪانہ هئي. پر گهوڙن کي اتيئي روڪيو ويو، چاڪاڻ تہ اها پيادي فوج کان گهڻو اڳ نڪري آئي هئي، ۽ منجهن ايڏي سگهہ ڪانہ هئي، جو يورپين جي مدد کان سواءِ ڪا فيصلہ ڪن جنگ ڪري سگهن. هيءَ دير لوڊي لاءِ موتمار ثابت ٿي. ڏاڍو غمگين نظارو هو اهو، چاڪاڻ تہ جڏهن اسان جي فوج خان جي تنبوءَ جي ويجهو پهتي، تڏهن ڏسن تہ لوڊي جو لاش بلڪل اگهاڙو ۽ سڄيم حالت ۾ پيل هو، پر هو اچا گرم ۽ منجهانئس رت ڳڙي رهيو هو. سندس ڪاٻي ٽنگ آٽ جي ڪجاوي سان زنجيرن ۾ جڪڙي پيئي هئي، ۽ سندس مٿو تلوار جي ڏڪ لڳڻ ڪري ويجي، سندس ساڄي ڪلهي جي هيٺان وڃي پيو هو، هڪڙو بنگالي نوڪر زنجيرن سان ويجهڙائيءَ ۾ جڪڙيو پيو هو. ۽ زار و قطار روئي رهيو هو. هن جيڪا ڳالهہ ٻڌائي انهيءَ ۾ سندس وفاداريءَ جي پوري پوري ثابتي ملي ٿي. هن ٻڌايو تہ جڏهن خان مستونگ ويو هو، تڏهن لوڊي بہ ساٿس گڏ نيو ويو هو، ۽ جيئن تہ هنن اهو فيصلو ڪيو تہ برطانيا سرڪار سان صلح ڪن، انڪري هڪ قيديءَ کي چيو ويو تہ ڪئپٽن بين کي خط لکي، جو هن گهٽي ريڙهہ پيڙهہ کان پوءِ لکيو. اهو خط وري هڪڙي ٻئي قيديءَ، جو بروهين جي نظربنديءَ ۾ هو، تنهنجي معرفت چئن گهوڙيسوارن سميت موڪليو ويو. اهي واپس نہ موٽيا، پر ڪئپٽن بين وٽان هڪ خط اچي پهتو، جنهن تي سردارن فيصلو ڪيو تہ لوڊيءَ کي قتل ڪري، اسان جي فوجن تي حملو ڪيو وڃي. هڪڙي شاهوڪار هندو واپاريءَ سردارن کي لوڊي جي زندگي بخشڻ خاطر بہ هزار روپيا رشوت طور ڏنا، انڪري هو لوڊي کي مستونگ ۾ ڇڏي اڳتي وڌيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ شڪست کائي وري موٽيا ۽ خان پاڻ سان

هڪ سؤ ماڻهو وٺي قلات هليو ويو ۽ لوڊي کي پاڻ سان کنير ويو.

بروهين جي دادر تي حملي ڪرڻ جي ارادي کان پوءِ، لوڊي جي ڏاڍي بيعزتي ڪئي ويئي ۽ ڪيس تڪليفون ڏنيون ويئون. اڏ اگهاڙي حالت ۾ ڪيس ڏينهن جو اٺ تي چاڙهيو ويندو هو ۽ رات جو ڪليل ميدان تي سمهاريو ويندو هو. ڪيس تمام ڳرا زنجير پيل هئا ۽ ڪاڏو اهڙو ته ڪارايو ويندو هوس، جو هوند ڪتا به نه ڪائين. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس بيبي نانيءَ آندو ويو جتي خان جي فوجن ۾ بروهين جا ڪئين جتا اچي ملبا هئا. انهن مان ڪيترن لوڊيءَ کي پٿر هڻي سخت زخمي ڪري وڌو. دادر جي تباهيءَ کان پوءِ جڏهن سردارن ميجر بوسڪاون جي فوجن تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن لوڊي کي گارڊ سميت ڪئمپ ۾ ڇڏيو ويو هو. ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهه سوار ويجهو آيا ۽ اچي چيانون ته سڀڪجهه ضايع ٿي ويو. عورتون جي ان وقت قرآن مٿي تي ڪڍي آيون نيزاريون ڪري رهيون هيون، سي هيڏانهن هوڏ نهن ڊوڙڻ لڳيون. ٻيءَ گهڙيءَ هڪڙو گهوڙيسوار اندر ڏوڪيندو آيو ۽ اهڙو ته ترار جو ڏڪ لوڊي کي واهي ڪڍيائين جنهن اسان جي ڳوٺاڻي کي سڄيءَ تڪليف مان اچي ڇوٽڪارو ڏنو.

مٿئين ڳالهه پڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو همدرديءَ جو اظهار نه ڪري ته پوءِ آءٌ انهيءَ تي رشڪ ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهان. سچ پچو ته ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جي اسان جي ماڻهن سان هن يا ڪنهن ٻئي سال اڪيلي طور يا اجتماعي طور ٿيل عقوبتن ۽ ظلم جو خيال ڪونه ٿا ڪن. ۽ انهيءَ کي هڪ معمولي ڳالهه سمجهيو بلڪل بيپرواهيءَ سان ٿاريو ڇڏين. منهنجي خيال ۾ اهي ماڻهو جانورن کان به پوئتي پيل آهن، جن کي انهن ماڻهن جي ڪابه پرواهه نه آهي، جي ملڪ ۽ قوم جي نالي تي ڪيترين ٻڌل ۽ اڻٻڌل تڪليفن سان

منهن سامهون ٿين ٿا. ويتر اهڙن ماڻهن جي خلاف پڌل ڳالهين جي آڌار تي بهتان بازي ڪئي وڃي ٿي.

غريب لوڊي لاءِ آءٌ فقط اهو چوندس ته هو بهادر ۽ سرگرم عملدار هو ۽ اهو بهتان ته هو ڏبهي ماڻهن لاءِ ظالم ثابت ٿيو هو؛ سو سراسر غلط آهي. جيڪڏهن انصاف جي نظر سان ڏٺو وڃي ته پوءِ هن پاڻ نرمي ڪرڻ جي غلطي ڪري، پاڻ کي آزار ۾ وڌو هو. مرحوم ڪئپٽن پونٽاريڊنٽ سون کي ٻڌايو ته قلات ۾ لوڊي خلاف هلايل ڳالهين جي هن تحقيقات ڪئي هئي، پر نيٺ پتو پيوته اهي سڀ ڳالهيون ڪوڙيون هيون. شاهنواز ۽ ٻين بروهين به سون کي انهيءَ جي پڪ ڏني ته هلايل ڳالهيون نسورو ڪوڙ هو. ٿوري ڳالهه جو هڪ اکر ته غريب لوڊي به پنهنجي جان اهڙيءَ طرح وڃائي، جهڙيءَ طرح شاهنواز پنهنجو تخت وڃايو هو. اهو سڀڪجهه اسان جي ڪچي واري سياسي بدانتظاميءَ جي ڪري ٿيو هو. سون کي رڳو اهو ڏک آهي ته سون پنهنجي ٻڌيان انهيءَ بدقسمت جوان وٽان پهتل خطن جو انبار ڇڏيو، جنهن سان جيڪر سندس مڪران تي ڪيل ڪامياب حملي ۽ قلات ۾ بهاديءَ سان بچاءُ وٺڻ جو احوال ملي ها.

انهيءَ ساڳئي وقت يعني ته ٣- ڊسمبر تي حيدرآباد وارو مير نور محمد گذاري ويو. مير نور محمد جو پنهنجي سر ڪهڙو به خيال هجي، پر هن شروعات ۾ اسان سان سچيءَ دل سان ناتو رکيو هو. سندس دربار ۾ جيڪي به سياسي عيوضي اسان جي طرفان موڪليا ويا هئا، تن ۾ ڪوبه اهڙو ڪونه آهي، جو سندس نالو عزت ۽ محبت سان نه ياد ڪندو هجي. وفات وقت اسان جي ريزيڊنٽ يعني ته ڊائيرڪٽر آئوٽرام کي پاڻ وٽ گهرائي، ڪيس پنهنجا ٻئي پٽ حوالي ڪيائين، ۽ ننڍڙي مير جي پارٽ ڪري چيائين ته سندس حفاظت ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته اهو هو به حفاظت جي لائق.

١٣ـ تاريخ انهيءَ فوٽي سردار جي شڪارپور ۾ فاتح پڙهي ويئي ۽ آءٌ گورنر جي حڪم مطابق انهيءَ ۾ شريڪ ٿيس. انهيءَ وچ ۾ نصير خان جيڪو دادر واري معاملي ڪان پوءِ ٽڪرين ۾ پئي پٽڪيو، سو اوچتو هڪ وڏي فوج سان گنداوا جي ميدانن ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. سڪر واري خاموش جلسي انهيءَ کي پنهنجي سياسي راند ۾ رنڊڪ سمجهي، پڪو ارادو ڪيو ته نوجوان خان جي مڙيئي کا ڪن مهٽ ڪجي. سو چا ڪيائون جو هڪدم ٢٥ ريجمينٽ جي ڪمانڊنگ آفيسر کي قاصد موڪليائون ته اهو اچي دشمن کي سيکٽ ڏئي. سڪر کان گنداوا هڪ سؤ ٽيهه ميل فاصلو آهي. اهو پنڌ هن قاصد اهڙيءَ طرح ڪيو جو نيابو به پهچايائين، ۽ جنگ ۾ گهوڙي سوار فوج جي ڪمان به سنڀاليائين ۽ ٽئين ڏينهن فتح جي خوشخبري پاڻ سان ڪنيو آيو. اهو سڀڪجهه ٽن ڏينهن جي اندر ٿيو جو هڪ تمام وڏو ڪارنامو سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جي پيٽ ۾ ڪئپٽن برائون جي اسي ميلن جي سواري جنهن کي آئرن ڊيوڪ پاڊريءَ تمام گهڻو ساراهيو آهي، تڇ برابر آهي. ماڻهن کي انهيءَ جي خبر ئي ڪانه آهي ته ليفٽيننٽ پاٽنجر، جو پندرهين ديسي توبخاني مان هو، پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪئپٽن برائون سان گڏ ويو هو، پر جيئن ته ڪيس چڱيءَ طرح منهن نه ڏنو ويو، انڪري هو بنان ڪنهن منزل ڪرڻ جي واپس موٽي آيو. اها حد کان وڌيڪ جاکوڙ هئي جنهن ڪيس بيمار ڪري وڌو ۽ آخر سندس زندگيءَ جو خاتمو آندو. جيڪي ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪيڏانهن نڪري ويندا آهن، انهن جو اهڙو ئي حال ٿيندو آهي. آءٌ پانيان ٿو ته انهيءَ ڏس ۾ بنگالي سپاهين جي روش کي داد ڏيڻو پوندو. انهن کي جڏهن ڪنهن اٿوٽندڙ مهم تي موڪليو ويندو آهي تڏهن چوندا آهن ته "صاحب اسين وڃون ته ٿا پر پنهنجي مرضيءَ سان ڪونه ٿا وڃون." چون ٿا ته گنداوا واريءَ جنگ ۾ ئي سؤ بروهي

مارجي ويا هئا ۽ هڪ سؤ ٽيهن کي قيد ڪيو ويو هو. انهن ۾ زهيري قبيلي جو هڪ نامور سردار بوئر خان ۽ سندس پٽ مراد به هئا. قيدين کي باڪڙ جي قلعي ۾ رکيو ويو هو. جتي کين اجازت ڏني ويئي هئي ته هو پهنجن مائٽن ۽ عزيزن سان لکپڙهه به ڪن ۽ تحفا به وٺي سگهن. انهن بروهين کي موڪليل پٽر وانگر سخت مائي جي ڍرڳن جو جائزو وٺندي، جي کين سندن زالن ۽ معشوقڙين موڪليا هئا، مون کان هي اکر "آه درا برا هورم ايليا." نڪري ويا. اهڙي سخت مٽائي هضم ڪرڻ لاءِ پانيان ٿو ته اهو عشق گهرجي جيڪو قيدين ۽ مٽائي موڪليندڙن جي وچ ۾ آهي. ساڳئي وقت اهو به ضروري سمجهيو ويو ته جيڪي خط قيدين ڏانهن موڪليا ٿي ويا، سي کين پڙهي ٻڌايا وڃن. اهو ڪم وري ٻون کي سونپيو ويو ۽ منهنجي هفتيوار ڊيوٽيءَ ۾ شمار ٿيڻ لڳو. جيئن ته مون کي بروهين جي لکپڙهه جو تجربو ٿي ويو هو، انڪري آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو ته اهي سڀ خط سچائيءَ ۽ معصوميت سان ڀريل هئا. انهن خطن ۾ ڏاڏي ۽ ناني کان وٺي پوٽي ۽ ڏوهتي تائين سڀني جو ذڪر ٿيل هو، ۽ انهن جي خير و عافيت جو مفصل بيان ڏنل هوندو هو. سلام دعا کان پوءِ اهو به لکيل هوندو هو ته جيئن ته ٻئسي ڏوڪڙ جي گهٽتائي آهي، انڪري هي مائو يا سڪل ميوو موڪلجي ٿو.

بروهين ۾، خاص ڪري امير گهراڻي وارن جو چوڻ آهي ته اهي اصل ۾ حلب کان آيا هئا ۽ اهو سندن شبيهه مان ظاهر ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته اهي افغانن ۽ بروچن کان بلڪل مختلف آهن. اهي قد جا ننڍا ۽ هلڪيءَ هاڻيءَ جا ماڻهو آهن، ۽ پڻ دماغي قوت ۽ جنگي طاقت ۾ به انهن ٻنهي قومن کان گهڻو پوئتي پيل آهن.

ڪم جي گهٽ هئڻ ڪري مون کي شڪارڪڙهه ۾ شڪار ڪرڻ جو موقعو مليو، پر هندستاني شڪارين جي نظر

۾ اها هڪ سکت هئي. مون به پاڻ کي ڪٽي سندن حوالي ڪيو، ڇاڪاڻ ته شڪار ڪرڻ جي رسمن جي مون کي ڪا خبر ڪانه هئي. مون کي هڪ اهڙي هنڌ بيهاريائون، جتي به رستا اچي ٽي پاڻ ۾ مليا ۽ پيو سڄو ملڪ جهنگ لڳو پيو هو. پئي پاسي کان وري تڙ وارا اڳتي وڌندا آيا. نتيجو اهو نڪتو جو هڪ وڏو بگهڙ منهنجي اڳيان نڪري ويو. اهو اهڙو ته بد فضيلت نڪتو، جو پنهنجي اچڻ جو ڪڙڪو به نه ڪيائين، انڪري جيسين آءٌ ڪيس نشانو بنايان تيسين هو پڇي ويو. پئي دفعي وري هڪ متارو بدمعاش سوئر ٻاهر نڪتو،جو ڪمند ڪائي رهيو هو. هن وقت قسمت ياوري ڪئي، مغز وارو ڏڪ هنيومانس، جو پار ٿي ويس، ان هوندي به هو گهڻو پنڌ ڊوڙي پري وڃي ڪريو. ڏيهي ماڻهو خوشامد ڪرڻ ۾ ڪنهن به انگريز لارڊ جي شڪارين کان گهٽ نه آهن. اوهان جنهن به وقت فئر ڪندؤ ته هو سڀ گڏجي وٺي رڙيون ڪندا، "لڳو لڳو." پوءِ گوليون پلي وڃي وڻ جي تڙ سان لڳن، يا ڪنهن واهه جي ڪنڌيءَ تي پون، پر ان هوندي به هو هڻ ڪري چوندا ته، "واهه جو ڏڪ لڳو!" شڪارپور جي ويجهو واگهه ٿئي ئي ڪونه، پر ان جي اتر ۾ بڙديڪا جي جهنگ ۾ گهڻيئي ڏنا ويا آهن. هن ضلعي ۾ ڪئپٽن هڻل، جو مشهور شڪاري هو، واگهه جو پڌي پئي آفيسر سان گڏجي ان جي پويان پيو. پنهي انجام ڪيو ته انهيءَ واگهه کي مڙس ٿي منهن ڏيو، جيتوڻيڪ اهڙي وعدي جي هڻل جهڙي ماڻهو وٽان ڪابه ضرورت نه هئي، ڇاڪاڻ ته هن اڳيئي واگهه ماريا هئا. جڏهن هو جهنگ ۾ گهڙيا، تڏهن ڪين ڪراهت جهڙي وڏي ساهه ڪڍڻ واري مرونءَ جو آواز پڌڻ ۾ آيو ــ جهڙو ديو جو سهڪڻ! سندس ساٿيءَ جا ته اوساڻ ئي خطا ٿي ويا پر ڪيس پڇڻ جي تياري ۾ ڏسي هڻل پاڻ وڏيڪ خبر ٿيو ۽ تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌيو. جهڪندو ۽ پوٽن کي بندوق سان ڀري ڪندو، جان ڪٽي

ڏسي ته تمام وڏي قد جو واڳهه، ٽپ ڏيڻ جي فاصلي تي بيٺو آهي. سندس گجگوڙ ۽ ڀڄ کي ٽڪاءُ ڏيئي لوڏڻ مان ظاهر پئي ٿيو ته وات جو وت تتل هو. هڻ هڪدم پنهنجي ساٿيءَ کي هڪل ڪئي ته "تون ڏک جهل، ته پهريون ڏک آءٌ ٿو هٽائنس." پر خبردار ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي، چاڪاڻ ته همراه اڳيئي پنهنجي ڏک کي پئي ڏينهن لاءِ ملتوي ڪري، اها ڪوشش ڪري رهيو هو، ته واڳهه کان جيترو پري رهي سگهي اوترو چڱو. اهڙي موقعي تي تمام ٿورا ماڻهو ڏل ٻڌي سگهن ٿا، پر هڻ جون رڳون لوهه جون ٺهيل هيون، سو سندس دوست جي ڊپ جو مٿس ڪوبه اثر نه ٿيو. هن ڏاڍي آرام سان واڳهه تي گولي هلائي، ۽ زخمي ڪري وڌائينس، پر ان هوندي به هن اهڙو ته چال ڏنو جو ذري گهٽ اچي مٿانئس پوي ها. پر پوءِ جهنگ ۾ غائب ٿي ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ علي مراد وڃي ان کي ڳولي ڪڍيو ۽ ماري وڌائينس، پر ان کان اڳ هن هڪ تڙ واري کي ماري وڌو هو ۽ ڪيترن ٻين کي به زخمي ڪري ڇڏيو هو.

گهوڙن کي ورزش ڏيڻ جي خيال کان اسان وٺي گدڙن جي پويان گهوڙا ڊوڙايا، جي شڪارپور جي ويجهو تمام گهڻي انداز ۾ ڏٺا وڃن ٿا. اسان انهن جي پويان ڪتا به ڇڏيا، پر هتي مٽي ايڏي آهي جو هڪ يا ٻن وڪن ڪٽڻ تي جيڪا ڊسڙ اڏامي ٿي ان ۾ ننڍڙي فوج هوند خوشيءَ سان ڊڪجي وڃي! ايڏيءَ ڏوڙ ڪري، هڪ دفعي به آفيسر مختلف طرفن کان گهوڙا ڊوڙائيندي، هڪٻئي سان ٽڪرجي پيا ۽ هڪٻئي مٿان اٿلندا پٿلندا وڃي زمين تي پيا. ٻنهي کي ڏاڍا ڏک آيا، ۽ هڪڙو ته نيٺ فوت ٿي ويو. پهرين هو ايترو ته چڱو پلو ٿيو هو، جو ميز تي ويهي سگهندو هو. پر سندس اٺ ويهه جون عادتون نه ستريون ۽ ٿورو شراب ڪيس پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيندو هو. ڪيس حڪم ڏنو ويو ته خزاني جي سنڀال ۾ گارڊ

جي حيثيت ۾ سکر وڃي. رستي کيس هڪ ڪاٺير مليو، جنهن جا هٿ پير ٻڌي مون ڏانهن موڪليائين ۽ هڪ خط به ڏياري موڪليائين جنهن ۾ لکيل هو ته اهو مشهور ڏاڙيل دينو هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ مون ٻڌو ته هو سکر ۾ چريائيءَ جي ڪري وار ڇنندو پٽيندو مري ويو. سندس بيماريءَ جو سبب بلاشڪ اهو ڏڪ هو، کيس گهوڙي سواريءَ ۾ رسيو هو.

باب يارهون

١٨٤١ع جي شروعات ۾ سنڌ ۽ خراسان جي حالت۔ مير رستم سان ملاقات۔ ڪاجڪ جي فتح۔ روهڙيءَ ۾ وڳوڙ۔ جنرل وينچورا رنڌڻي ۾ هڪ عجيب مهمان۔ سنڌوءَ جو چڙهڻ۔ صمد خان۔ پوليٽيڪل ايجنٽ جوموت۔ درياهه ۾ لهوارو سفر۔

سنڌوءَ واريءَ مهم وقت برطانيا جي سلطنت اوپر ۾ ايڏي تہ وڏي ويئي هئي، جو انهيءَ کي گڏي هڪڙي حڪومت ڪرڻ ۾ آءٌ ڀانيان ٿو تہ اسان جي بهترين سياسي دماغن ۽ فوجي جرنيلن کي سوچڻ ۾ ئي پنجاهه سال لڳي وڃن ها. اسان جي طاقت اهڙيون تہ تڪيون برانگهون هڻڻ لڳي، جو اسين وڃي وچ ايشيا تائين پهتاسين ۽ اها بيشڪ فخر جي ڳالهه هئي. ماڻهو چا بہ چون، پر انگريزن جي طاقت ايڏي تہ وڏي ويئي هئي، جو روسين جو هڪ قيدي جٿو، جنهن لاءِ روس جي فوجن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو هو، تنهن کي بہ آخر وڃي اسان جي ماڻهن ڇڏايو. اهو بہ عالم آشڪار آهي تہ اسان جي عيوضين سان هرات، بخارا، ڪوڪن ۽ خيوا وغيره ۾ بہ ماڻهو نهايت عزت ۽ احترام سان ملندا هئا.

اسان جي سلطنت جون حدون جيڪڏهن چين، ترڪي ۽ روسي سلطنت کان گهٽ آهن تہ انهيءَ جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ اسان کي ملڪ وڌائڻ جي طاقت ڪانهي. پر فرق رڳو هي آهي جو ملڪ وڌائڻ ۾ اسان نهايت تحمل ۽

مستقل مزاجيءَ کان ڪم ورتو آهي. اهڙي ڪاميابيءَ جي منزل تي ڪيري پوڻ، جر سبب اهو نہ هو تہ ڪو اسان کي پنهنجي هٿ ڪيل حڪومت کي هلائڻ جو ڍنگ ڪونہ هو، يا اتي جا رهندڙ قبيلا پنهنجي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻئي جي حڪومت برداشت نٿي ڪري سگهيا. ائين بہ ڪونہ هو تہ ڪو گرميءَ سرديءَ جي ڪري، دشمن جي پيٽ ۾ اسان کي وڌيڪ نقصان ٿي پهتو. پر حقيقت هيءَ هئي تہ سنڌوءَ جي پراڙ ڏانهن اسان جا مهندار ناقابل هئا.

١٨٤٠ع جي پڇاڙيءَ تائين اسان جي مري ٿڪڻن واري شڪست، شال ۽ قلات جي گهيرن وغيره ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ اسان لاوا (١) تي پنڌ ڪري رهيا هئاسين. ان وقت اسان جا سياسي ماڻهو چڱڪ لاوا جو مٿيون تہہ لاهي، اسان کي ان جي اندرئين تتل مادي کان بيخبر ڪري رهيا هئا. ڪابل وارو عيوضي، جو پنهنجي جاءِ مان اڳيئي ڪڍ ويٺو هو قندار يا غزنيءَ واپس موٽڻ جي ڪوڪش ڪري رهيو هو. جيسين شاهہ شجاع جي ڪابل ۾ حڪومت هئي، تيسين ڪيس هر وقت هرات فتح ڪرڻ جي هرڪر لڳي پيئي هئي. ڪابل جي تاج ۾ هڪ ٻئي هيري جڙڻ لاءِ هڪ فوج تيار ڪئي ويئي پر نيٺ منجهي ٻيا تہ پهرين لاهور جو شهر وٺجي يا هرات جو. فارسي چوٽي موجب اسان جي ڪابلي عيوضي جي هٿ ۾ هڪ وڏي ڇاهين اڳيئي هئي، جا هو ٻن هٿن ۾ جهليو بيٺو هو، پر ٻي ڏسي سندس وات ٻاڻي ٿيڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هڪٻئي کان وڏا هنڌاٽا ڏسي، منجهي ٻيو تہ ڪهڙو پهرين هٿ ڪجي. قسمت مهربان هئڻ ڪري هن پنهنجي چريائيءَ جي تجويزن کي رد ڪيو ۽ اهڙي نموني هڪ ٻيءَ تباهيءَ مان جند ڇٽي، جنهن سال ١٨٤١ع جي

(١) لاوا: ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ کان پوءِ جيڪو تمام گرم پٿرو مادو نڪرندو آهي انهيءَ کي لاوا سڏبو آهي.

پچائي آندي. جيڪڏهن اسان جي سڪ دربار سان ناسازي ٿي پوي ها، تہ پوءِ تباهين جو هڪ ڍگهو وهڪرو شروع ٿي وڃي ها، ۽ ڪٿي ٿئي هئا ان جي پچائي، سو چئي نٿو سگهجي.

ڪابل سان يا ڪابل ۾ گهڙيل چريائي واربن رٽن سان منهنجو ڇا وڃي؟ منهنجو ڪم هو آتر سنڌ سان، جتي پڻ بد انتظاميءَ سببان غلطيون ٿيل هيون، پر فرق رڳو اهو هو جو ڪابل جي پيٽ ۾ هتي مدد ويجهي هئي. اهوئي سبب آهي جو بچاءُ ٿي ويو نہ تہ اسان کي بہ ساڳيءَ مصيبت کي منهن ڏيڻو پوي ها. ڪابل هڪڙو تہ هو در جي پويان، ۽ پيو مٿس پيل هو خيبر جهڙو تالو، انڪري موقعي تي مدد نہ پهچي سگهي. اتر سنڌ ۾ اسان بيبرگ، بجر ۽ ٻين بلوچ سردارن سان اٽسهائيندڙ دشمني وندي، پوءِ ساڻن صلح بہ ڪيو ۽ ڪين ڇڏي بہ ڏنو، ڪيڏي نہ عظيم غلطي هئي اها!

فيصلو ڪيو ويو تہ شاهنواز جي ديس نيڪالي ۽ لوڊيءَ جو خون درگذر ڪجي، ۽ اسان واري پراڻي دشمن يعني تہ قلات جي محراب خان جي پٽ سان صلح ڪجي. اهو سوچيل طريقو مون کي تمام مخفي نموني ۾ ٻڌايو ويو هو، پر ان جي سيڪنهن کي خبر هئي ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو ڪو نہ هو. جيئن تہ ميرن کي ٻاهرئين حماي کان پنهنجي ملڪ جي بچاءَ جو ڪوبہ ذريعو نہ هو، انڪري هنن اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ چيڪ ڇڏي ڏنو. نتيجو اهو نڪتو جو هنن ٻاڻ کي سياست جي ميلهہ ۾ ڪيرائي وڌو، ۽ اسان وري سندن ڪمزوريءَ جو ناجائز فائدو وٺي، اهو ارادو ڪيوتہ ڪين دل تي ٿڌا هٿون، ۽ پوءِ ڪين ٻڌي سوگهو ڪريون. جيئن تہ اسان ٻين طاقتور دشمنن جو گهڻو ڪي سٺو هو، انڪري انهيءَ جو بدلو هنن کان ٿي ورتوسين. خيرپور جي دربار ان وقت ٽن ڌرين ۾ ورهايل هئي: (١) مير رستم جا پٽ (ٽئين پٽ علي مردان کان سواءِ) ۽ مير نصير خان، جو مير مبارڪ جو پٽ ۽ وارث هو.

هيءَ پارٽي پهريون نمبر طاقت رکندڙ هئي، ڇاڪاڻ تہ منجهس تمام گهڻا ماڻهو شامل هئا. انهيءَ پارٽيءَ جي پٽپرائي رياست جو وزير فتح محمد خان ڪري رهيو هو. (٢) مير رستم جي ننڍي ڀاءُ مير عليمراد خان ۽ سندس پوئلڳن جي وري بي پارٽي هئي ۽ (٣) ٽين پارٽي رستم جي ٽئين پٽ عليمردان جي هئي، جنهن ۾ مهابت خان مري، ڪمال خان جلباڻي ۽ ٻيا ڪئين سردار هئا. خيرپور وارو پوليٽيڪل ايجنٽ مير عليمراد خان جي طرف هو، جنهن جو مخفي صلاحڪار علي حسن شيخ، اسان جي ريزيڊنسي جي هيڊ منشيءَ ترباڻياساها جو گهاڻو دوست هو. اهوئي سبب هو جو هن امام بخش نالي پنهنجو عيوضي اسان جي ڪئمپ ۾ رکيو هو.

مير رستم خان ايترو تہ پوڙهو، جو مير عليمراد خان جو پيءُ پئي لڳو ۽ ڪيس سڄي خاندان جو رئيس تصور ڪيو ٿي ويو. اهو پهريون شخص هو جو اسان جي ايلچيءَ سان مليوهو، ۽ ان سان عهدنامو ڪيو هئائين. هاڻي منهنجو فقط اهو سوال آهي تہ ڇا اهو اسان لاءِ ٺيڪ هو، تہ 'ڇيٽا پور' ڪري ميرن کي پاڻ ۾ ويڙهايون ۽ هڪ ننڍيءَ عمر جي امير جو پاسو ڪڻون، جيڪو جيڪر مير رستم خان کي پنهنجو بابو تصور ڪري ها! پيڙي مير کي بہ ڳالهيون ڏيان ۾ هيون: هڪ تہ ملڪ کي پنهنجي اولاد ۾ اهڙيءَ طرح ورهائي جو سندس مٽي کان پوءِ اهي پاڻ ۾ نہ وڙهن، اهو هن انهي ڪري ٿي ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هو هاڻي مرڻ ڪنڌيءَ تي هو ۽ ٻيو تہ عليمراد خان کان ڪي ضلعا ڪسي پنهنجي ڀائٽيي نصير خان کي بہ ڏياري. اسان وارو پوليٽيڪل ايجنٽ جو ان وقت سکر ڇڏڻ ۾ هو سو مير رستم خان جي ٻنهي رٽن کي ٽڏي ڇڏڻ جو عهد ڪري چڪو هو، تہ جيئن سندس ڪابہ تجويز ڪامياب نہ وڃي. انهيءَ کان سواءِ هڪ ٻيو معاملو بہ زير ويچار هو تہ رستم خان کان پوءِ رئيس ڪير ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ لاءِ مير رستم خان جو وڏو پٽ ۽

ميرعلي مراد خان، خيرپوري.

عليمراد خان ۾ اميدار هئا. انهيءَ جو ڪو به فيصلو نه ٿيو پر نمونو اهڙو جو ٿوري خيال سان معلوم ٿي ٿيو ته ڪهڙيءَ ڌر جو پاسو ونجي. پر آءٌ فقط ايترو چوندس ته مير عليمراد خان جي دعويٰ غلط هئي ۽ اسان کي انهيءَ ۾ دست اندازي ڪرڻ جو ڪوبه حق نه هو، ڇاڪاڻ ته هو نه ته مير رستم خان جي پٽ مان هو ۽ نه وري سندس وارث هو. انهيءَ معاملي کي سلجهائڻ جو بهترين طريقو هي هو ته اهو معاملو ٻروچ سردارن جي عام جرگي اڳيان رکيو وڃي ها ۽ ووٽ رستي فيصل ڪيو وڃي ها.

جنرل ۽ پوليٽيڪل ايجنٽن لاءِ اهو ضروري هو، ته هو سکر جو شهر ڇڏين، ڇاڪاڻ ته سيڪو انهيءَ مان بيزار ٿئي لڳو ۽ جنگ جي محاذ کان پري ويهي، جنگ بابت پور پچائڻ ته هينئن ٿيندو هيئن نه ٿيندو، غلط ڳالهه هئي. مون واري بالاعملدار وڃڻ کان اڳ مون کي گهرائي سکر جي چارج ڏني ۽ ساڳئي وقت هن هڪ آفيسر کي خيرپور موڪليو، جنهن جي معرفت اسان جون سڀ لڪيڙهون ۽ نباپا اچڻ وڃڻ لڳا. شڪارپور ڇڏڻ وقت هڪ پٺاڻ، جو آرٽر ڪونولي سان سفر تي گڏ هو، مون سان ملڻ آيو. هن ٻڌايو ته جيتوڻيڪ پاڻ انگريزن جي حڪومت مان راضي هو، پر ان ۾ ڪي اهڙيون خاميون هيون، جن جي ڪري اها ماڻهن ۾ مقبول ڪانه هئي. ٻين ڳالهين سان گڏ هن هي جملو وڏي سڏ زور ڏيئي چيو، "زن افغان چيز مي کند" افغانن جون زالون سڀيون آهن. مون کي انهيءَ تي هي پهاڪو ياد اچي ويو:

ڪابل جي عورتن کي پنهنجو ڪري ئي نٿو سگهجي،
ڇاڪاڻ ته سندن محبت ته هٿ ڪرڻ ڏاڍي تکڙي آهي،
تنهنڪري اها جتاءُ ڪري ئي ڪانه ٿي.

اها سندس ملڪ جي عورتن جي خرابي هئي، جنهن نيٺ ڪيس ماٺ ڪرايو. پائنجي ٿو ته هو ڪو عورتن جو ستايل هو،

انڪري ڪيس انهيءَ فرياد ڪرڻ جو پورو پورو حق هو.

سڪر پهچڻ سان ڏنم تہ سپيئي شيون هيٺ متي ٿيون پيون هيون، چاڪاڻ تہ چار هزار ماڻهو ڪوچ ڪرڻ جي تيارين ۾ هئا ۽ ڏاڍو گوڙ لڳو پيو هو. آئن جي رنين سان گڏ نوڪرن جي ٻاڪار لڳي پئي هئي، جي بنان ڪنهن مطلب جي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. ايجنٽ جو عملو اهڙو ٿي ڏٺو، جڻڪ ڪنهن ملڪ جو حاڪم هجي، ڪيترا سؤ آٽ تہ رڳو بيمر، شراب ۽ ٻئي سامان سڙي جي ڍوئڻ ۾ لڳا پيا هئا. سيني ۾ وڏو تنبو ٻن ٽنين تي ٺهيل هو، ۽ ان کي شيشي جا در هئا. عملي ۾ پنج يا ڇهہ پوليٽيڪل اسسٽنٽ (نائب) ست يورپي ۽ ڏيهي ماڻهن جي پلٽڻ، جنهن ۾ ڪلارڪ، ريزيڊنٽ جو حفاظتي جٿو، ڏيهي نيزي بازن جو رسالو، انهن سيني کي چونڪي ڏيئي رهيو هو. رسد جي سامان ۾ ڇاڇا هو تنهن جو ڪهڙو ويهي حساب ڪجي، چاڪاڻ تہ جيڪي پوٽيان ڇڏيو ويو هو، انهيءَ مان سڄي مال جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ايجنسيءَ جي اسٽور ۾ پويان ڇڏيل سامان ۾ ٻارهن سؤ ڊزن بير جا ۽ هڪ سؤ ويهہ ڊزن شئمپين جا هئا!

جڏهن فوج جو مڙ ڪوچ ڪري ويو، ۽ ماحول صاف ٿيو تڏهن سڄو ميدان هر ڪنهن قسم جي ڪچري سان ڀريل نظر آيو، جنهن ۾ بوتلن جا ٽڪرا، ڪڪ ۽ هر نموني جو ڪِن پڪڙيل پئي ڏٺو. ان وقت مون محسوس ڪيو تہ آءٌ ايجنسيءَ جو اڪيلو حاڪم هوس. پهرين تہ مان وڏي ٺٽ سان رعب بہ ويهي رهيس ۽ پاڻ کي پاشا جيان هڪ تمام وڏو ماڻهو تصور ڪيم پر پوءِ نيٺ هوش ۾ آيس چاڪاڻ تہ هڪڙو ماڻهو اوچتو اندر گهڙي آيو. هو ڏسڻ ۾ ٽڪل ٿي لڳو ۽ ڪپڙا بہ ميرا پيل هيس. اچڻ سان مون کي چيائين تہ وٽس پنجاهہ هزار رپيا آهن، جي ٻنهنجي دوست ڌرمچند کي بنارس موڪلڻ ٿو چاهي. ائين چئي هن ٻئسا ڪٽي منهنجي اڳيان ڍڳ ڪيا،

۽ آءٌ بہ ذري گهٽ خزانچي کي اشارو ڪرڻ وارو هوس تہ رپيا گهٽي وڃي، پر ان وقت گالهہ ئي ٻي هئي، چاڪاڻ تہ خزانچي سڀ هليا ويا هئا ۽ مون کي ئي اهي ٻئسا گهٽي وڃڻا هئا. پنجاهہ هزار ڪا وڏي رقم ڪانهي، پر انهيءَ کي ٻئي ڪنهن ماڻهو لاءِ وڃي سنڀالي رکڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. گال بلاس جي ساڻيءَ جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهو جو مال کپائڻو هجي، تہ يوءِ منهنجي پٺ ۾ ايڏي طاقت آهي جو نوح جو ٻيڙو بہ ڪٽي وڃان. پر جڏهن ماڻهو اهو محسوس ڪندو هجي تہ هو هڪ جيئري جاڳندي خزاني جي ٻيٽي آهي، تہ پوءِ اهو مذاقيہ احساس بلڪل ختم ٿيو وڃي. مون کي پاڻ انڪري صدمو پهتو جڏهن مون ڏٺو تہ مون کي گوڏن ۾ ويهي پنجاهہ ڪان بہ وڌيڪ چاندي جون گوٽريون گهٽيون هيون. جيئن تہ رپين کي هندو واپارين بازار ۾ گهٽي وري گهٽيو هو، انڪري سندن ڪنين ۽ سٽين آگرين جي ڪري مٿن مٿر چڙهي ويئي هئي. اڃا اهو اٿوٽندڙ ڪم مون ڪري بس ئي ڪو نہ ڪيو هو تہ مون کي ياد ڏياريو ويو تہ خط ۽ پارسل ڏسي وراهنا هئا، جن جا ڀرن کن وڏا بنڊل منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. انهن مان هرهڪ حڪم کي رجسٽر ۾ داخل ڪرڻو هو، جنهن ۾ مون کي هڪڙي ڪوسي سوار چڱي مدد ڪئي، نہ تہ آءٌ ورچي پوان ها! ٽپالي حقيقت ۾ پاڻ بہ ورتو ٻيو هو، چاڪاڻ جو ٽپال ايتري تہ هئي جو ذري گهٽ گهوڙي جي چيلهہ ٽي ڀڳي، ان هوندي بہ هن هڪ ٻيو وڏو بنڊل بہ ڪٽي مٿس رکيو، جنهن تي فارسيءَ، سنڌيءَ ۽ انگريزي ۾ لکيل هو تہ ”هي ڪوارٽر ماسٽر جنرل لاءِ آهي. هن کي خبرداريءَ سان ڪنيو وڃي.“ ڏينهن جي پورهيي کي خيرباد چئي جيئن وڃي سٽس تيئن اڌ رات جو بہ ننڊ ۾ اهو آواز پئي ٻڌم تہ ”صاحب صاحب! وڏي صاحب وٽان ٽپال آئي آهي.“ اهو آواز ٻڌي آئي ڪڙو ٿيندو هوس، ۽ اهڙيءَ طرح منهنجا ڏينهن ۽ راتيون گذرندا هئا. پهرين تہ پنجن

ماڻهن جيترو ڪم ڪندي آءٌ ٿڪجي پوندو هوس، پر پوءِ اها ڳالهه طبيعت تي پڻجي ويئي هئي.

جڏهن مون واري بالاعملدار کي شال روانو ڪيو ويو، تڏهن ميرن پانيو تہ خيرپور ۾ سندن اعتبار جوڳو ماڻهو مقرر ڪيو ويندو، يعني تہ اهي مون کي يا پوسٽن کي انهيءَ جاءِ تي ڏسي ڏاڍو خوش ٿين ها. ڪئپٽن ڪي. جي باري ۾ ڪين ڪابہ خبر ڪانہ هئي، ۽ انهيءَ کو وڏاءُ ڪونهي تہ ڪو هو سندس مقرر ٿيڻ ۾ ناراض ڪو نہ هئا. انهيءَ ڏس ۾ تنبوءَ ۾ گولي ۽ جو ٽڪاءُ ڪرائڻ هڪ چتاءُ هو، تہ سندس ضرورت ڪانهي. ائين چوڻ غلط ٿيندو تہ انهيءَ واقعي ۾ ڪو ميرن جو هٿ ڪو نہ هو، پر ساڳئي وقت اسان کي اهو بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ جيڪو ميرن سان عهدنامو ٿيل هو ان ۾ اهو شرط هوئي ڪو نہ تہ ڪو اسان جو آفيسر سندن گهر جي در تي ويهاريو ويندو. جيڪڏهن ميرن رستمخان انهيءَ تي گورنر جنرل وٽ اعتراض بہ ڪري ها تہ اهو بہ هوند قبول نہ پوي ها. سچ پچ تہ اسان ڏيهي ميرن سان پنهنجي وهنوار ۾ اهي سڀ قاعدا قانون، آداب ۽ اصول وساري ڇڏيا هئا، جي اسان يورپ جي درٻارن سان روا رکيا هئا. جيئن تہ اسين پاڻ بہ ڪنهن قاعدي ۽ قانون تي ڪو نہ ٿا هلون، انڪري اسان کي بہ ميرن جي انهيءَ ڪنيل قدم کي درگذر ڪرڻو پوندو. پوڙهي مير کي تمام گهڻو چيڙايو ويو هو، انڪري هن پانيو تہ ڪو حال پائي ڪيس ملي جنهن سان انهن زيادتين جو ويهي ذڪر ڪري. انهيءَ ڪري هن مون کي دعوت ڏياري موڪلي تہ آءٌ ٻہ-ٽي ڏينهن وڃي وٽس رهان. نصير خان جي ننڍي ڀاءُ ولي محمد جي شادي ويجهو هئي ۽ هن پڻ گذارش ڪئي تہ آءٌ اُتي وڃان. انڪري مان موڪل وٺي خيرپور وڃي پهتس. مير عليمراد خان کان سواءِ ٻيا سڀئي سردار اچي گڏ ٿيا هئا. مون ڏٺو تہ اهو شهر (جيڪڏهن انهيءَ کي شهر سڏجي تہ) شڪارپور جي پيٽ ۾ بہ هڪ بيڪار

جاءِ هئي. جن جاين ۾ سير رهيا پيا هئا، اهي اهڙيون هيون جو جيڪڏهن اهي ڪانئن ڪسي ونجن تڏهن به منجهن ڪو فائدو ڪونه هو. شاديءَ ۾ جيڪي وهيو واپريو انهيءَ جو ذڪر ڪرڻ اجايو آهي. اتي ناچ به ڏٺم، جو فضل محمد خان ڏيکاريو هو. انهيءَ ڪان پوءِ ميزبان مون کي هڪ اُپيءَ ۽ ڪمزور ڏاڪڻ تان مٿي ماڙي تي وٺي ويو ته جيئن آتشبازيءَ جو نظارو ڏسان. آتشبازيءَ ۾ هوائين ڪان سواءِ ٻي ڪنهن به شي ۾ دلچسپي ڪانه هئي. گهوٽ کي ايڏي ته ڪا مصري ڏني هئائون ۽ شربت پيارو هئائونس جو هو ڪُميءَ وانگر نڪمو ٿي پئيءَ پر پيو هو. انهيءَ شاديءَ ۾ شفاف مادي مان ٺهيل رنگ برنگي ڪپڙا جن جي وچ ۾ مرن کي ويهاريو ويو هو، عام طور ڪليل واڪ ۾ نيلام ڪيا ويا، ۽ انهن مان حاصل ڪيل پئسا، ڪمپنيءَ جي خزاني ۾ داخل ڪيا ويا. ساڳئي وقت انهيءَ لکڻ جو به ضرور ڪونهي ته سنڌي ڏاڍي وڏي سڌ منهنجي ساراهه ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته مون ٻن سوئرن کي شڪارگڙهه ۾ بندوق جي ٻن ڏَڪن سان پورو ڪري ڇڏيو هو. مون واري توبڇيءَ کي اچي شونق ٿيو ته انگريزي پائوڊر واريءَ بندوق کي استعمال ڪري. جيئن بندوق ڇوڙيائين تيئن بندوق جي پوئتي لڳندڙ ڏَڪ ڪري وڃي پوٽن ۾ پئيءَ پر ڪيريو!

مير رستم خان خلاف اسان جي پريس تمام سخت رمارڪ پاس ڪيا هئا، پر سندس ملاقات ۾ جيڪا خاص ڳالهه مون کي ڏسڻ ۾ آئي، اها هيءَ هئي ته جيڪو به ساڻس ملي ٿي تنهن کي سندس لاءِ نه فقط محبت پر عزت جو جذبو به پيدا ٿيو ٿي. اهو مڇڻو پوندو ته هن کي پنهنجي اولاد ۽ قبيلي جو ڏاڍو خيال هو ۽ هجي به ڇونه، ڇاڪاڻ ته هن ڌارين جو آدرپاءُ ڪري ڪين پنهنجي ملڪ ۾ سهولتون ڏنيون هيون، جنهن جو بدلو هنن ساڻس نڳي، ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ سان ڏنو.

ساڻس ڪوبہ ڏوهہ لاڳو نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ هو رحمدل، فهميدو، صلح پسند ۽ ڪـس ڪسر ڪائڻ جهڙو مڙس هو. هو ڏسڻ ۾ ئي هڪ با عزت شخص ٿي لڳو ۽ سندس اکين مان ڪابہ اهڙي ڳالهہ ظاهر نٿي ٿي تہ هو ڪو نشي آور پينگ جو عادي هجي. سندس چوڌاري ڪتب جا ماڻهو ويٺا هئا، جن ۾ سهراب خان جو ڀاءُ مير زنگي بہ هو، جو عمر ۾ آسي ڪان مٿي چڙهي ويو هو. رستم خان کي تمام گهڻو ڏکويو ويو هو جنهن جي ڪري هن جوش ۾ريل دانهن ڪئي ۽ هنن اکرن تي جملو ختم ڪيائين: "آخر بلوچ هشتم"، مطلب هوس تہ "مون ڏاڍو سٺو آهي. پر انهيءَ جي بہ حد ٿيندي آهي. آخر تہ آءٌ بہ بروچ آهيان." هو پهرين مون کي هڪ هال ۾ مليو جتي سندس پوئلڳن جو هڪ ميڙ ويٺل هو. ساڍا ٽي ڪلاڪ اتي هوس، پر اهو سڄو عرصو رڳو "خوش چڱا پلا" جي ڪيڪار پئي هلي. مون کان پڇيائون تہ خوش آهين، چڱو پلو، متارو، آرام ۾ آهين، صلح ۾ آهين، عافيت ۾ آهين وغيره وغيره. اهڙي ساڳي ڪيڪار مون کي ٿيونجاهہ ڇٽن ٿلهن ٿنهرن بروچن سان ڪرڻي پئي، جي منهنجي چوڌاري ويٺا هئا. مون کي بہ جواب ۾ وري هرهڪ کان پڇڻو ٿي پيو. جڏهن اهو قصو ختم ٿيو تڏهن وري روزمره جي معاملن تي بحث ٿيڻ لڳو ۽ مون بہ سڄي ميڙ کي قرآن شريف مان ڪجهہ پڙهي ٻڌايو جنهن تي سڀيئي ڏاڍا خوش ٿيا. مسلمانن ۾ جتي بہ وڃبو اتي اهي پنهنجي ديني ڪتاب کي ڏاڍي ادب سان بيهي مٿي تي رکندا آهن. هوڏانهن اسان جي اها حالت آهي جو اسين پنهنجو پاڪ صحيفو بنان ڪنهن خيال جي هيڏانهن هوڏانهن اڇلايو ڇڏيون. اسان جي پادريءَ جو ٽوپلو پائي چرچ ۾ عبادت وقت وڏي سڏ ڳالهائڻ رڳو ٻاهريون ڏيکاءُ آهي، جنهن ۾ نہ تہ آهي روح ۽ نہ وري جلوو. گوڙ لهڻ کان پوءِ مير رستم خان مون سان ساڻس ٿيل زيادتين جو ويهي ذڪر ڪيو. انهن ۾ پهريون تہ

هو بڪر جو والارڻ، جنهن بابت عهدنامي ۾ پوريءَ طور چاڻايو ويو هو ته قلعو به سندس رهندو ۽ درياهه جي ٻنهي ڪپن تي قبضو به سندس هوندو. پيو ته سندس وزير سان انگريزن جي هلت، جنهن ڪي هن اسان جي ريزيڊنٽ جي چوڻ تي مجبور ٿي برطرف ڪيو هو، ٽين ۽ آخري شڪايت هيءَ هئي ته علي مراد خان ڪي سندس پيٽ ۾ وڌيڪ ترجيح ڏني ويئي هئي. نندين شڪايتن جو ته ڪاڻوئي ڪونه هو، جهڙوڪ ڪاٺ وڍي ان جا پئسا ادا نه ڪرڻ، قاصدن جي لاغرضائي، جي خيرپور ٽپال ڪٽي ايندا هئا وغيره. آءٌ اهي شڪايتون پڌندو ساڻس همدردي ظاهر ڪندو ويس ۽ ڪيس دلاسو ڏنم ته صبر ڪري، اميد آهي ته حالتون سڌرنديون. گهر ڏانهن واپس ويندي وزير فتح محمد ويهن سوارن سان مون سان گڏ هليو ۽ ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهيائين پر مون ڪي ايجنٽ جا سخت حڪم هئا، انڪري مون ساڻس ڳالهائڻ يا ٻيءَ طرح لهه وچڙ ۾ اچڻ ڪان لهرايو. سڪر پهچڻ تي پڌم ته سبيءَ يا ڪاجڪ تي تباه ڪن حملو ٿيو هو، جنهن اسان جي فوجن کي تي دفعا ڏکي پوئتي هٽايو ويو، پر پوءِ دروازو کولي وڃائون. دروازي تي حفاظتي فوج کي وڍي ڳٽرا ڳٽرا ڪري وڃائون. اسان جي گهوڙيسوار فوج جو هڪ ماڻهو جنهن جي ٻانهن ڪپجي پيئي هئي، ۽ ايترو ته رت وهي رهيو هوس جو موت کي ويجهو وڃي پهتو هو، پر ان هوندي به پنهنجي سور جو ڪو خيال نه ڪيائين ۽ سڄي طاقت صرف ڪري ليفٽيننٽ ڪريڊ کي هڪل ڪيائين ته دشمن ڪبي پاسي آهي، ڪبي، پاسي ڏسو. مون واري دوست ۽ عزيز جو گرينڊيرس مان هو، انهيءَ جنگ ۾ اهڙي وقت موتمار زخم ڪاڌو، جڏهن هو سپاهين کي ميڙي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هو ڪين پٽن ڪان جهلي اڳتي ڪري رهيو هو، ته هڪ ڏڪ اچي ڪيس لڳو ۽ مري ويو. ٿورو وقت اڳ هن پنهنجي تلوار هڪ دشمن

کي ماريندي پڄي وڏي هئي. اسان جا ٽيونجاهه ماڻهو مئا ۽ زخميا ۽ چار آفيسر ضايع ٿيا. دشمن جا پنجويهه ماڻهو مئا ۽ ٽيانوي زخمي ٿيا. هڪ جنرل جنهن وٽ پنجن هزارن کان وڌيڪ ماڻهو ۽ يورپي ريجمينٽون به هجن، سو ڪيئن ٿو هڪ ڏيهي جٽي کي سبيءَ تي حملو ڪرڻ ڏئي. جڏهن ڪيس اهو به معلوم آهي ته انهيءَ جي تمام چڱيءَ طرح حفاظت ڪيل هئي. اهو حادثو غور ۽ ويچار لائق آهي. بد قسمتيءَ سان ٢- گرينڊيرس جي لائيٽ ڪمپني جنهن پهرين وڏي حملو ڪيو هو، سا اها ساڳي ڪمپني هئي جنهن کي نقشڪ وٽ بيدردي سان ڪٽيو ويو هو.

اسان خيرپور ۾ جيڪا بدظني پيدا ڪئي، انهيءَ روهڙي ۾ هڪ وڏو فساد ڪرائي وڌو، جنهن ۾ رتوڇاڻ به ٿي. جيئن آءٌ معمول موجب درياهه تي شام جو سير ڪري رهيو هوس تيئن مون کي ايجنسيءَ وٽ سکر طرف، وڏو گوڙ ڏسڻ ۾آيو. پيڙيون به روهڙيءَ جي طرف کان تمام گهڻي انداز ۾ اچي رهيون هيون. جيئن ئي آءٌ ڪناري جي ويجهو پهتس تيئن ماڻهن کي پنهنجو نالو وٺندي ۽ زور سان رڙيون ڪندي ٻڌم.

جڏهن پيڙيءَ تان لٿس تڏهن ميجر ڪليبارن گهوڙي تي چڙهيل هو ۽ ٻيا ڪيترائي آفيسر ساڻس گڏ هئا. اهي روهڙيءَ جي ميلي تي ويل سپاهين تي ٿيل حملي سبب ڏاڍيءَ چڙ ۾ بيٺل هئا. پيڙين ۾ زخمي ٿيل سپاهي اچي رهيا هئا ۽ انهن ۾ هڪڙي جي ٻانهن ڪپجي ويئي هئي. ڪليبارن جي مرضي هئي ته توبون هيٺ آڻي شهر تي بمباري ڪري. انهيءَ کي ڊاهي پٽ ڪي ڇڏجي. سيئي ماڻهو گڏجي ڏاڍي زور سان هل ڪري رهيا هئا، ان ڪري خبر پئجي نه سگهي ته ڪهڙي سبب ڪري، اسان جي ماڻهن تي حملو ڪيو ويو هو. ساڳئي وقت روهڙيءَ جي ڏيهي اختياريءَ وارن جي پيڙي به اچي پهتي، جن جو چوڻ هو ته ڪين به ٻڌو وڃي. ڏاڍيءَ تڪليف

کان ٻوءِ آءُ آفيسرن کي ايجنسيءَ جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، تہ جيئن اهو معاملو نرميءَ سان نبيريو وڃي. آخر اهو ظاهر ٿيو تہ اسان جا سپاهي ڪي ناچو ڪڍريون وٺي هڪ مسجد ۾ گهڙي ويا هئا، ۽ اتي ڪين ناچ پئي ڪرايائون. جيڪي ٻروچ اتي موجود هئا، تن ڪين نياپو ڏياري موڪليو تہ عبادت جي جاءِ آهي، خراب نہ ڪريو ۽ ٻاهر نڪرو. جيئن تہ سپاهين گستاخ جواب ڏياري موڪيو، انڪري ماڻهو اچي هٿين ٻيا. جيئن تہ سنڌين وٽ هٿيار وغيره بہ هئا، انڪري هنن موقعي جو فائدو وٺي اسان جي ماڻهن ڪي ڊوڙائي آڻي ٻيڙين تائين ڪڍيو. مون ڪليبارن کي ٻڌايو تہ هن معاملي کي فيصل ڪرڻ لاءِ گوليبازيءَ يا بندوقبازيءَ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اهڙيءَ طرح نيٺ وڃي انهيءَ سڄي گوڙ کي ماٺ ڪرايم. شاهدن جا بيان جڏهن سرڪار ڏانهن موڪليا ويا، تڏهن اهو فيصلو ٿيو تہ ڏوهہ سپاهين جو هو ۽ انهن ئي اڳرائي ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح اهو معاملو روهڙي شهر کي تباهہ ڪرڻ کان سواءِ فيصل ٿي ويو.

انهيءَ دؤر ۾ ڪيترن ئي مهمانن ايجنسيءَ ۾ منزل ڪئي هئي، جن مان جنرل وينچورا مون سان ڪجهہ ڏينهن اچي رهيو. مشرقي ماڻهن وانگر سندس ڏاڙهي ڪاري ڊگهي ۽ لهريدار هئي. ۽ انهيءَ ڏوهہ جي ڏوهاري ڪانہ هئي، جنهن سان ڪيترين ئي ڪاڏيون ڪئمپ ۾ ڏوهاري هيون، يعني تہ اها هلڪي، ڪٽل ۽ ٻُچي ڏاڙهي ڪانہ هئي. ڏاڙهيون بہ اهڙيون ئي مختلف هونديون آهن، جهڙا ماڻهن جا رايا. شڪارپور ۾ مون سان هڪ افغان کي ملايو ويو هو، جنهن جي ڏاڙهي ايڏي تہ ڊگهي هئي، جو ان کي لتاڙيندو آيو. اها ڏاڙهي هڪڙي پاسي کان مڙيئي ڪٽل پئي لڳي، ڇاڪاڻ تہ مقابلي ڪندي دشمن جو هٿ سندس ڏاڙهيءَ ۾ سوگهو پئجي ويو هو ۽ گهوڙو بہ هيٺان کسڪي ويو هوس. اهو دشمن ڪيس ۽

سندس ڏاڙهي ٻنهي کي جيڪر پورو ڪري وڃهي ها، پر ڪنهن دوست جو ڀالو وڃي دشمن کي لڳو، انڪري همراه بچي ويو، پر ڏاڙهيءَ جا ڪجهه وار دشمن جي هٿ ۾ رهجي ويا. هڪ مرد لاءِ ٻئي مرد جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهڻ بيعزتي سمجهي وڃي ٿي، پر عورتون انهيءَ مان چڱا وارا ڪنديون آهن. ڏاڙهيالن کي پاڻ به ائين وٺندو آهي، ته معشوقڙين جون نازڪ آڱريون سندن ڏاڙهيءَ ۾ ڪانهر ڪنديون رهن، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان سندن دلي جذبا پوري جوش سان اپرندا آهن. پر هيءَ مڙيئي خوشطبئي آهي. مون ڏٺو ته جنرل وينچورا کي افغان مهم جي باري ۾ سڄي خبر هئي ۽ انهن ڏيهي رياستن جو به پتو هو، جن جون حدون سنڌونديءَ سان لاڳو هيون. هن مون کي گذارش ڪئي ته آءٌ ڪيس لاهور جي دربار سان ملندڙ ١٠٠ ڀيا ايجنسيءَ جي معرفت ڏياريان ۽ هن پنهنجي اخبار نويس يا عيوضيءَ کي لکيو، ته هو پنهنجون رپورٽون منهنجي معرفت ڪيس موڪلي ڏئي. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن ٽئين ڏينهن مون کي هڪ قسم جو فارسي خبرنامو يا صبح جي اخبار ٻئي پهچندي هئي. هونئن به ته انگلنڊ جي اخبارن ۾ اهي خبرون پڙهندا هئاسين، ته اج راڻي، خچرن جي گاڏيءَ تي چڙهي ٻاهر نڪتي، يا شهزادي البرٽ فلاڻي ڏينهن تازي ڪتن سان شڪار ڪيو. انهن جي بدران هنن خبرن ۾ پڙهندو هوس ته مهاراجا صبح جو هوا کائڻ لاءِ هاتيءَ تي چڙهيو هو ۽ به ڪلاڪ هيرا باغ ۾ گذاريائين، ۽ اهڙيون هزارين ڳالهيون ۽ انهن جا تفصيل. شاهي خاندان تي، پوءِ اهي اولهه ۾ هجن يا اوپر ۾، ڪانه ڪا مڙيئي تنقيد ٿيندي رهندي آهي، ڇاڪاڻ ته ماڻهو انهن جي ات ويهه ۽ عادتن کي ڏاڍيءَ دلچسپي سان جاچيندا رهندا آهن. مٿين ڳالهين سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن ٻيون به خبرون وغيره ڏنيون ويندیون هيون.

پوليٽيڪل (سياسي) ماڻهو، جن کي گهڻو ڪري سڀڪنهن ڪم ۾ واهيو ويندو آهي، تن جي سڀ کان وڌيڪ ڪئن ڊيوٽي اها آهي ته ڀاڄوڪڙن کي ڳولي هٿ ڪرائين. هاڻي ان وقت جيئن ته هڪ وڏي فوج ميدان ۾ هئي، انڪري اها ڊيوٽي انداز کان وڌي ويئي هئي، ڇاڪاڻ ته فوج اوٺين جا جٿا، بورچي، خانساماڻ، ڏوليون ڪٽندڙ وغيره سڀ هئا. پيو ته پڇڻ وقت اهي ڪي اڪيلا ڪونه پڇندا هئا، پر ٻين کي به پاڻ سان ڪاري پڇائيندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ سهڻو جوان مون وٽ نوڪريءَ لاءِ آيو ۽ جيئن ته مون وٽ قاصدن جي هڪ جاءِ خالي هئي ۽ هو به انهيءَ لاءِ موزون ٿي ڏٺو، انڪري مون خوشيءَ ساڻ اها جاءِ ڪيس ڏياري. به ڏينهن ته نيڪ ڪم ڪيائين پر ٽئين ڏينهن اچي استيفا ڏنائين. مون جڏهن ڪائنس سبب پڇيو تڏهن جواب ڏنائن ته سندس ڀاءُ گذاري ويو آهي ۽ پاڻ به طبيعت ۾ ٺيڪ نه آهي، انڪري ڪيس گهر وڃڻو آهي. ٿوري وقت اندر هن مون کي دزن ڪن ٻيا سبب پڻ ٻڌايا. پٽو اڇلائيندي، اهڙو ته ٽڪڙو ڀڳو، جو آءٌ سمجهي ويس ته ڳالهه ۾ مڙيئي ڪجهه رولو آهي. پر جيئن ته ڪنهن شيءَ جي جي گم ٿيڻ جو مون ڪونه ٻڌو هو، انڪري مون هن سامَ پئي کي پاڻ وٽ روڪڻ مناسب نه ڄاڻو. سندس اوچتو پڇي وڃڻ هڪ قسم جي ڳجهارت هئي، جي جا بيسين حل ڪانه ٿي، جيسن اسان جي بيقاعدي فوج جي سوارن جو هڪ جٿو اچي پهتو. سندن آفيسر اچي مون سان ڳالهايو ۽ پڇيائين ته ته غلام محمد نالي ڪو ماڻهو ته ايجنسيءَ تي ڪونه آيو؟ هن جيڪي به اهڃاڻ ڏنا انهيءَ مان ثابت ٿي ٿيو ته اهو ساڳيو مون وارو قاصد ئي هو پڇيومانس ته ڇو پيا سندس ڳولا ڪريو؟ ڇيائون ته صاحب هن وٽ اسان ڀڳهار وغيره جا پئسا هئا، جي هو ڪٿو پڇي ويو آهي. ماڻهن جو خيال هوندو ته سنڌو درياهه جو ويڪرو پيٽ اهڙن واقعن کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ ڪافي ٿيندو،

پر ائين نہ هو، چاڪاڻ تہ هر ڪنهن ڏهن ملين تي درياهہ تي پٽڻ هـو، پر انهن جـو ڪابہ نظرداري نہ ڪئي ويندي هئي. اهي ماڻهو جيڪي پٽڻن تـي ويهاريا ويا هئا، سي رشوت ڪائڻ لڳا ۽ نہ فقط ڏوهارين کي ڇڏڻ ۾ ڏنائون، پر ان سان گڏ غريبان مار بہ ٿي ڪيائون. هندستان جا ماڻهو رشوت جي جي معاملي ۾ ايران ۽ ترڪيءَ کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ آهن هتي رشوت هڪ ڪڙيءَ کان ٻئي ڪڙيءَ تائين زنجيري وانگر گهنڊيل آهي، جنهن ۾ نندي (ملازم) کان وٺي، وڏي ۾ وڏي (آفيسر) تائين سڀ شامل آهن. اهو سلسلو وڃيو يورپي آفيسر تائين پهچي، ۽ اتي ختم ٿيو وڃي. پر افسوس آهي تہ اتي بہ ڪن حالتن ۾ رشوت ورتي وڃي ٿي، جيئن ويجهڙائيءَ جي جي ڪن واقعن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. اوهان کي عجب لڳندو تہ انگريز ڪمشنر سال - بہ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ جڏهن لنڊن پهچندا هئا، تڏهن سندن رئيس انهيءَ تي رشڪ وچان حسرت ڪندا رهندا هئا. اهو رڳو پاسپورٽ چڪاس ڪندڙن جو ڏوهہ ڪونہ آهي، پر جيڪي بہ ڏيهي آفيسر آهن تن لاءِ آءٌ ڊجي ٿـو چـوان تـہ انهن مان ڪنهن جـي بـہ اکـر تـي اعتبار نٿو ڪري سگهجي.

ڏيهي ماڻهن جي سچائيءَ بابت گهڻو ڪجهہ چئي ويٺو آهيان. اٿ ويهہ جي فضيلت ۽ ڳالهہ ٻولهہ جـي خيال کان هندستانين تي جيترو ڀروسو ڪجي ٿورو آهي. پر ٻين معاملن ۾ سچ ٻولڻ جا تمام گهٽ امڪان آهن. ڪوڙ جـي معاملي ۾ سنڌي بہ ڪي پٺتي پيل ڪين آهن، اهي اچرج جهڙي جوش سان ڪوڙ ڳالهائي ويندا. ٻئي پاسي ڏسبو تـہ پروچ ڪي قدر سچار آهن جيئن تہ اهي بهادريءَ ۾ ڀڙ آهن، انڪري اهي ڪوڙ کان ڀري رهن ٿا. ڪوڙن قصن لاءِ وري ڪنهن ايرانيءَ جي مون ڏانهن سفارش ڪريو.*

---

* مصنف جو خيال آهي ايراني ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

مري ٽڪرين ۾ اسان جي تباهي جي وقت هڪ ايراني سڪر ۾ اسان وٽ قيد هو. سندس قد پنج فوٽ ٽي انچ هو ۽ سندس عضوا ننڍڙا ۽ هلڪا هئا، جهڙوڪ جيتامڙو. هن جڏهن اهي خبرون ٻڌيون تڏهن عرض ڪيائين نه هو پوليٽيڪل سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. چوٽو وري ڇا هوس! چيائين ته "مون کي ڪجهه سوار ڏيو آءٌ پاڻهي ٿو وڃي پروچن سان نبران، پر شرط هي آهي ته پروچن کي اها خبر نه پوڻ گهرجي نه ته هو بيهندائي ڪونه." انهيءَ جنگي جوڌي کي جڏهن ڇڏيو ٿي ويو تڏهن هرهڪ چوڪيدار سان وڃي مليو ۽ مون کي پڻ هيئن سڙ ۾ عرضداشت ڪيائين ته "آغا جان، منهنجي زندگيءَ جا مالڪ، تون شل هزار سال جيئين. تنهنجي رحم ۽ مهرباني جي ندي جا هر وقت منهنجي چوڌاري وهي رهي هئي، تنهن کي خدا شل وڌائي سمنڊ ڪري ۽ توڏانهن واپس موڪلي." انهيءَ کان پوءِ هڪ خواهشمند وانگر ڪمري جي چوڌاري نظر ڊوڙائي چيائين ته "هو ڪنهن نشاني وٺڻ کان سواءِ واپس نٿو وڃي سگهي، جو هو انهيءَ نشانيءَ کي هروقت پاڻ سان گڏ رکندو." آءٌ به هو سولو وٽ ڏين جو ڪو نه هوس، انڪري هو وڏي ۾ وڏي قيمتي شيءِ کان وٺي ننڍي ۾ ننڍي سوغات تائين گهرندو ويو ۽ آءٌ به انڪار ڪندو ويس. آخر انگريزي پائوڊر جي گهڪهيءَ ۽ ڪارتوسن جي پٽي تي پنڊي پڌي بيهي رهيو. مون کي ڏاڍا ايلاز منٿون ڪيائين، خوشامد ڪيائين، مڪر ڪري رنو، پر وريس کي ڪين. آخر جڏهن ڏٺائين ته ڪاميابي گهٽ آهي، تڏهن ڪاوڙ ۾ اچي گاريون ڏيڻ لڳو. ان تي مون حاضريءَ ۾ بيٺل سپاهين کي اشارو ڪيو ته ڪيس دفعي ڪن ۽ اهڙيءَ طرح هن ڦيڪاريءَ مان جند ڇٽي.

آرهڙ جي مند اچڻ شرط اهو وڏو درياهه جنهن جو ڏنڊ مثل وهڪرو هوندو آهي، ڪجهه مهينا اڳ سڪي وڃي هڪ واهڻ مثل ٿيو هو، سو وري چڙهڻ لڳو. انهيءَ تي ويچار

ڪرڻ ئي اجايو آهي ته پاڻيءَ جي هيءَ شاهه شريان (سنڌو) جي سنڌ ۾ نه هجي ها، ته انهيءَ جو ڪهڙو حال ٿئي ها. لاشڪ اهو هڪ هيبتناڪ برپٽ مثل هجي ها، پر جيڪڏهن ٿوري حرفت ڪان ڪم ورتو وڃي ته اها ندي گجرات ڪان وٺي هالار تائين سڄي ملڪ ۾ ساوڪ ۽ زندگي جي لهر ڊوڙائي سگهي ٿي. انهيءَ نديءَ جي مڪيه وهڪري جا نشان، ويڪرن پڌن جي صورت ۾ اڃا به الور جي اوير ۽ پڻ سنڌ ۽ راجپوتانا جي وچ ۾ پيا پسجن، جن جي وسيلي اها وهي وڃي ڪچ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. لوٿاڻيل رڻ جيڪو هاڻي سنڌ ۽ ڪچ، بنهي ملڪن جي حد جو نشان آهي، ڪنهن وقت ۾ ڏاڍو آباد هو. منجهس هر قسم جي پوک ٿيندي هئي ۽ ڊگها فصل بيٺا هوندا هئا. ماڻهن کي اڃا به ياد آهي ته انهيءَ اڻاهه وهڪري کي روڪڻ ۾ ڏرتيءَ جو ڏيڻ ۽ پڻ ماڻهوءَ جو هٿ به شامل هو. اسان جي حڪومت انهيءَ کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو احسان ڪري سگهي ٿي جو انهيءَ آباديءَ جي ذريعي کي وري ڪوليو وڃي. انهيءَ مهم کي پوري ڪرڻ ۾ ڪوڙو خرچ به ڪونه ٿيندو. درياهه جي هر سال جي اُٿل پٿل اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، ته درياهه جي پيٽ کي ڪهڙيءَ نه سولائيءَ سان بدلائي سگهجي ٿو. ڪيترن هنڌ ننڍا ننڍا ڪم ڪرايا ويا آهن پر هيءُ انهن سيني گڏيل ڪمن ڪان نيٺ گوءِ ڪٽي ويندو.

چين ۾ واهن جي سنڀال ۽ انهن جي تعداد ۽ وهڪري ۾ واڌ آڻڻ لاءِ خاص عملدار مقرر ڪيا ويندا آهن. سنڌ ۾ به اهڙيءَ طرح جو ڪم درڪار آهي. ساڳئي وقت جيڪوبه نئون واهه ڪنهن ضلعي جي آبادي وڌائڻ ۾ ڪمائتو ٿيندو، اهو درياهه ۾ به جهاز راني وڌائڻ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو. درياهه ۾ پاڻيءَ جو مقدار ايڏو ته گهٽو آهي، جو اونهي پاڻيءَ ۾ ٽيڪي وهڪري جي سامهون ڪوبه ٻيڙو يا غوراب وڌي نٿو سگهي. ڪنارن تي جيئن ته پاڻي ٽانگهو آهي ۽ ڍنڍ جي شڪل وٺيو

بيهي، انڪري انهيءَ وهڪري جو پتو ئي نٿو پڄي سگهي، جتان پيڙيون وغيره آساني سان هلي سگهن. جيڪڏهن ايران جو بادشاهه هڪ مهيني اندر درياهه جي وهڪري مان ڪئين نالين ڪڍي، انهيءَ کي اهڙو ڪري سگهيو ٿي، جنهن مان ماڻهو گوڏن پٽسائڻ کان سواءِ آڪري وڃي، تہ پوءِ اسين جيڪڏهن ڪن سالن جي آپت مان ڪجهہ حصو بچائي، انهيءَ تي خرچ ڪريون ۽ ماڻهن کان بہ ڪم وٺون، جيڪي ڪنهن حد تائين ونگار بہ وهندا، تہ پوءِ ڇا نٿو ڪري سگهجي.

جڏهن بہ منهنجي درياهه جي آٽل تي نظر پوندي هئي، تڏهن آءٌ مستقبل ۾ سنڌ ۾ ايندڙ اهم ڦيرين گهرين بابت پُور پڇائيندو رهندو هوس. ايجنسي درياهه جي ڪنڌيءَ تي اهڙيءَ طرح ٺهيل هئي، جو ڪو بہ ماڻهو دريءَ وٽ ويهي مڇيون ڦاسائي سگهيو ٿي. مون ڪڏهن بہ اتي ڪنا سٺي مڇي ڪانہ ڦاسائي، باقي عام مڇيون تہ گهڻيئي هيون، جن کي اسين ڪٽنفش ڪري چوندا آهيون. اهي چيچاٽ وانگر سنهو آواز ڪنديون آهن، ۽ دسترخوان جي بنهہ لائق ڪونہ آهن. جيئن تہ درياهہ جي پيٽ ۾ سڀ ڏرڙ ۽ ڪڏون پاڻيءَ سان ڀرجي ويون هيون، انڪري ڪيترن اٿوٽندڙ جيتن اچي اسان جي رهائش وارو پٽ وسابو. وڃڻ ۽ سؤ پيرين کان سواءِ هڪ اهڙي بہ بلا اتي اچي نڪتي، جنهن منهنجي بورچي ۽ سندس ساٿين کي ڊيڄاريو. هڪ ڏينهن رات جي ڪاڏي وقت وڏو گوڙ ٿيو ۽ جمعدار جعفر اچي مون کي چيوتہ جلدي بندوق کڻي هلو، هڪ نانگ اندر گهڙي آيو آهي. آءٌ جڏهن پهتس تڏهن ڏسان تہ هڪ وڏو ڪاريهر جيڪو ست يا آٺ فوٽ ڊگهو ۽ ماڻهوءَ جي ٻانهن جيترو ٿلهو هو، سو قٽ ڪڍيو مٿہ جي ڪامن تي بيٺي لڏيو ۽ لٽيو. شايد ماني ڪائڻ لاءِ ناز ۽ نخرا ڪري رهيو هو، چاڪاڻ تہ هو اهڙي هنڌ تي هو جتي نوڪر-چاڪر ويهي ماني ڪائيندا هئا. مون هڪدم بندوق جي ٻنهي نالين مان فئر ڪيا، جي وڃي

سندس پيٽ ۾ لڳا ۽ ٻه اڏ ٿي ڪري پيو ۽ ماڻي گهرڻ کان بس ڪيائين. جيئن ئي سندس پيٽ ڦاٽو تيئن هڪ ڪُوئو جنهن کي هن ٿورو اڳ ڳڙڪايو هو، ذڪري ٻاهر نروار ٿيو.

جنرل وينچورا کان پوءِ ٻيو مهمان صمد خان آيو، جو ڪئپٽن ائبٽ سان خيوا کان سينٽ پيٽر برگ ۽ پوءِ انگلنڊ ويو هو. پنهنجي قوم جو هو اڪيلو ماڻهو هو، جنهن يورپ کي ڏٺو هو هن جيڪي اتي ڏٺو تنهن سندس ڀائرن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. هو هڪ خشڪ طبيعت وارو پيرمرد هو، جنهن اڊانيس(*) وانگر بهادريءَ جي دعويٰ ته ڪانه ٿي ڪئي، پر ٻڌايائين ته هو سيني آزمائشن مان گذري چڪو هو. هن ٻڌايو ته انگريز عورتون پنهنجي حسن جي جادوءَ سان جيڪر فرشتي کي به سندس معتبريءَ تان هٿ کڻڻ تي مجبور ڪيو ڇڏين، سو ماڻهو ويچارو ڇا ڪري سگهندو انهن جي اڳيان. پر هن قسم کڻي مون کي يقين ڏياريو ته اولهه جي حورن جي سيني نازن ۽ نخرن جو هن مڙس ٿي مقابلو ڪيو هو. مون کانئس پڇيو ته هن سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو سهڻو مهانڊو ڏٺو، جو واقعي ڏسڻ لائق هجي. جواب ڏنائين ته "روس جو شهنشاهه. اهڙو سهڻو ماڻهو مون اڳي ڪڏهن ڪو نه ڏٺو، سچو بادشاهه هئوئي اهو، پيا سندس اڳيان تيچ برابر هئا. انهيءَ بيان کان پوءِ هن مسڪين پنهنجن ڏکن جو ذڪر ڪيو جي ڪيس درپيش آيا هئا. هن پنهنجا ٻار ۽ زال هرات ۾ ڇڏيا هئا، ۽ اتي جي گورنر موقعي جو فائدو وٺندي انهن کي ازبيڪن وٽ وڪڻي ڇڏيو. هن ٻڌايو ته جيسين اهي ڪيس نه مليا آهن تيسين هو ڪين ڳولينڊو رهندو. مون دل ۾ خيال ڪيو ته يار محمد جنهن سندس زال ۽ ٻار وڪڻي ڇڏيا هئا، سو سندن پيءُ کي به سستي اگهه وڪڻي ڇڏيندو.

(*) اڊانس اهو سهڻو جوان هو، جنهن کي محبت جي ديوي وينس پيار ڪندي هئي.

جيئن ئي گرم هوا جو زور ٿيو تيئن منهنجي صحت بہ ڪري پيئي ۽ تپجي ٻيس. مون کي پير ۾ ناسور بہ ٿي پيو هو، جنهن جي ڪري ڇهہ هفتا پنڌ نٿي ڪري سگهيس، ڇاڪاڻ تہ ڦٽ جو سور وڃي هڏي تائين پهتو هو. هڪڙي ڊاڪٽر منهنجي ٽنگن تي پاري جي رس جي دوا مهٽي هئي، ان ڪري اهي سڄي دهل ٿي پيون هيون.

سنڌ ۾ منهنجي رهائش جو ٽيون سال شروع ٿي ويو هو جيڪي مون سان گڏ ساڳئي وقت انهيءَ ملڪ ۾ داخل ٿيا هئا، انهن مان فقط ٿورا وڃي رهيا هئا، ڪجهہ تہ مري ويا هئا ۽ ٻيا وري بيماريءَ جي موڪل تي ويا هئا. آبهوا جي ناموافقت لاءِ ايترو لڪڻ ڪافي ٿيندو تہ سنڌ ۽ شال جي پوليٽيڪل عملي ۾ سترهن آفيسرن مان ڏهہ مري چڪا هئا، چار ڇٽا طبيعت جي ناسازيءَ سبب پينشن تي لهي ويا هئا، باقي ٿي ڇٽا وڃي هندستان ۾ رهيا هئا. اهو انهيءَ ڪري هو، جو اسان کي گهڻو وقت مجبوراً تنبن ۾ رهڻو پوندو هو. منهنجي بالا آفيسر کي منهنجي طبيعت جو ڏاڍو خيال هو، ڇاڪاڻ تہ اها وئي پئي پوئتي پوندي. انڪري مون کي لڪيائين تہ بيماريءَ جي موڪل تي انگلنڊ ڀيو وڃان، بمبئي گهمڻ جي موڪل وٺي اچي مون سان اتي ميل. پڻ اهو بہ لڪيائين تہ بمبئي وڃڻ وقت جيڪڏهن ساڻس گڏجي ويندس تہ ڪيس خوشي ٿيندي. افسوس، قسمت جي معاملي ۾ اسين ڪيڏا نہ اڻواقف آهيون. جيستائين اهو خط مون تائين پهچي ئي پهچي، تنهن کان اڳ خط جو لڪندڙ اڳيئي ختم ٿي چڪو هو. اهو پنهنجي حياتيءَ جي قوهہ ۽ ٽڙندڙ دؤر ۾ گذاري ويو. همت، مردانگيءَ ۽ سهڻين عادتن جو مجسمو هو. سندن مٿن مستقبل جي رٿن سان ڀرپور هو، پر ڪيس اها خبر ئي ڪانہ هئي تہ سندس حياتيءَ جو دفتر اوڏيءَ مهل بند ٿيڻ وارو هو ۽ مٿس سيل مهر لڳڻ واري هئي. مون کي تہ ڏاڍو صدمو پهتو. ڪير هوندو جو اهڙي واقعي ٻڌڻ تي ڏک جو

اظهار نہ ڪري؟ جڏهن هڪ ماڻهو پياري انگلنڊ جي ڏسڻ جي اميد سان پرپور هجي ۽ اهڙو خط نہ لکيو هجيس ۽ پوءِ مري وڃي ـ ڪهڙي نہ افسوسناڪ ڳالهہ آهي اها! اهڙيون ڳالهيون هندستان ۾ عام جام ٿينديون رهن ٿيون، ۽ جيئن ٿي ڪو گهڻو وقت هتي رهيو، تيئن اهو احساس دلين مان نڪري ويندو. منهنجي بالادست جي جيون مارگ بابت فقط هي ساراهہ پريل اکر چوٽا آهن تہ هو دماغي توڙي بدني قوتن جو مالڪ هو، ۽ موقعي تي ايڏو تہ ڪم ڪندو هو، جو ٿڪبوٽي ڪونہ هو. ڏيهي ماڻهن جي چرچ تي هن ڪي غلط ڪم بہ ڪيا، جي مير رستم خان جي خلاف هئا. ميرن جي خلاف هن جيڪا پاليسي عمل ۾ آندي، انهيءَ جا ڪهڙا بہ سبب هجن، پر ان جا نتيجا نهايت خراب نڪتا. خراب انهيءَ ڪري ٿو چئجي جو اهي ماڻهو جيڪي انگريز حڪومت جي عزت ڪندا هئا، تن ۾ انهن لاءِ نفرت ۽ بيزاري پيدا ٿي. اهڙيءَ طرح سخت ۽ ناروا آپائن جي ڊگهي لانڊ آڻي پنهي ڌرين کي خونريز جنگ تي تي ڇڏيو. انهيءَ جنگ ۾ سوين لاشڪ اسان جي ٿي ۽ اسان جو نالو جيڪو اڳيئي تاريخ ۾ تجليدار هو، تنهن کي هڪ نئون چمڪاٽ مليو، پر پوءِ ڇا؟ ڇا قيصر، ولنگٽن، نيپئر جو شان هڪ اٿسٽريل ۽ جٽ، پر ان هوندي بہ وفادار ۽ سچي دل واريءَ قوم جي خون سان پيٽي سگهجي ٿو، جن پنهنجي رئيس کي قيد ٿيڻ کان ۽ پنهنجي ملڪ کي ڦورن کان بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي هئي! انهيءَ تي ويچار ڪرڻ اجايو آهي.

ميجر آئوٽرام کي جڏهن اتر سنڌ جي چارج ڏني ويئي هئي، تڏهن بي‌اعتماديءَ ۽ دشمني جي باهہ جا ظاهر ظهور پئي پري، تنهن کي پنجو اچي ويو. خيرپور جا رئيس جي گهڻو ميائيون اچلائي چڏڻ ۾ هئا، پر رڳو چڙهت جي خوف ۾ هئا، تن وري انگريزن سان نئين سئين دوستي گنڍڻ جا خيال ڪيا. اهو طوفان جو زور شور سان چالو هو، هاڻي پنهنجي چال وڃائي

جڪو هو. ڪابل جي حادثي ڪري اسين ڪمزور ٿي ويا هئاسين پر ان هوندي به سنڌ ۾ اسان جي خلاف هڪ نيزو به اپو نه ٿيو، جيتوڻيڪ اتي ٿورو وقت اڳ اسان جي وڏي مخالفت هئي. سياسي حساب ڪتاب وارو ڪنهن به حالت ۾ هڪ ڪٽل مقام جي انجمن کان گهٽ ڪپمني هٽ ۾ ڪونه آهي، پر ان هوندي به سچ کو لڪڻ جو ڪونهي. جڏهن به ڪو ماڻهو اکين سان بي انصافي ٿو ڏسي، تڏهن اهو انصاف جي هٿن ۾ هڪ گهنڊ مثل ٿيو وڃي، انڪري آءٌ انهيءَ چوڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، ته مياڻيءَ جي جنگ اسان کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته بروچ ڇا نٿي ڪري سگهيا. هو اسان کي انهيءَ وقت جڏهن اسان جو جهنڊو ڪابل ۾ ڦاڙي لتاڙيو وبو، سخت ۾ سخت ضرب پهچائي سگهيا ٿي. جيئن سانهر ڦيرائبو آهي، تيئن هو اسان کي جيڪر چيپاڻي ڇڏين ها. اهڙي نازڪ وقت ۾ جڏهن هو ماڻ ۾ هئا، تڏهن اسان کي به لازم ته جڏهن اسين طاقتور هئاسين ۽ هو ڪمزور هئا ته پاڻ جهايون هئا. آءٌ سکر ۾ ڪافي وقت رهيو هوس، انڪري ميرن جي دربار ۾ ريزيڊنٽن جي ڦير گهير سبب، سندن دلي رجحان کان به چڱيءَ طرح واقف ٿي ويو هوس. جيئن ته مون تي هڪ سخت بيماريءَ اچي حملو ڪيو هو، انڪري مون کي سٺي آبهوا بدلائڻ لاءِ مجوراً ٻاهر نڪرڻو پيو. مان پنهنجي چارج ڇڏي، درياهه جي وهڪري چڱي مدد ڪئي. انهيءَ ۾ ايڏي ته تيزي آهي، جو اوپارو وڃڻ وارن جي رفتار کي اهو سٺ ميل في ڪلاڪ جي حساب سان روڪي سگهي ٿو. ڏسڻ ۾ ايندو ته اها ندي ماڻهوءَ کي اتر سنڌ جي خطي ڏانهن وڃڻ کان روڪي ٿي. سندس ڪم ئي آهي پويان ڌڪڻ، جي اوهان سندس وهڪري کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا ته اها اوهان کي ڦيراتي تمام تکو پري وٺي ويندي. جيئن ئي منهنجي بيڙي ڪليبارن جي گهر وٽان لنگهي، تيئن هو دريءَ وٽ نڪري آيو ۽ خدا حافظ چيائين. مون

وراڻيو تہ ”آءٌ فقط هڪ مهني لاءِ ٿو وڃان ۽ وري موٽي ايندس.“ جواب ڏنائين تہ ”وري ڪونہ موٽندين“ ۽ ائين چئي هن دري بند ڪئي ۽ هليو ويو. سنڌو ندي پنهنجي اوج تي هئي ۽ ڪن جاين تي ايڏي تہ گجي هئس، جو ڏائڻ جي ديگ رانگر ٿهڪي رهي هئي. اها مئڪبيٿ واري ننڍڙي نسل مان نہ پر اسڪينڊنيويا جي هڪ پوڙهيءَ ڏائڻ جهڙي وڏي آفت پئي لڳي. انهيءَ هنڌ جتي ڪلييارن جو گهر هو، درياهہ ڏاڍو اونهو هو، ۽ منجهس ڪن بہ هو، جو درياهہ ۾ پيل پراڻن ڪنڊرن سان لڳي، پيو، ڀيرا ڪاڻيندو هو. جڏهن درياهہ لهي ويندو هو، تڏهن اها جاءِ ظاهر ظهور پئي پسبي هئي، مان خواجہ خضر واري ڪتبي تصديق ٿي ڪئي تہ اهو الور کي چڏي، پوءِ هتان اچي وهيو هو. هڪ واڳون چوڪيدار وانگر انهيءَ جاءِ تي روزانو پيو ڏسبو هو. مون پاڻ ڪيس ڪونہ ڏنو پر آفسيرن مون کي ٻڌايو تہ انهن سدائين فئر پئي ڪيا آهن ۽ سندس ڊيگهہ انهن جي چوڻ موجب ويهن فوٽن کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪانہ هئي، سکر کان ٿيهن ميلن جي پنڌ تي، آءٌ مددي اسٽيمر جي پاسي کان اچي لنگهيس، جو اتي لنگر هنيو بيٺو هو. مون ميجر آئوٽرام کي صلاح ڏني هئي، تہ کي ديري اسماعيل خان يا جيترو اڳتي وڏي سگهي، اوترو اڳ موڪلجي مطلب هي هو تہ جي چڪاس وٺي سگهجي تہ منجهس ڪيستائين جهاز راني ڪري سگهجي ٿي، ۽ پڻ ٿي سگهيو ٿي تہ ديره جات سان واپار ڪرڻ جا امڪان پيدا ٿي وڃن. پوءِ هن انهيءَ کي موڪليو يا نہ، ان جي ڪابہ خبر ڪانہ پيئي.

ڇهين تاريخ آءٌ سيوهڻ وٽان گذريس ۽ ستين تاريخ هڪ گوٺ وٽ پهتس. جنهن کي گوتم سڏيو ٿي وبو ۽ اهو هڪ سيد جو گوٺ هو. منهنجي وندر ان وقت ٽئڪيئس جو اتهاس پڙهڻ ۽ پيڻ پڪيءَ جو شڪار ڪرڻ هئي، جن تي آءٌ ڪڏهن ڪڏهن پيو فئر ڪندو هوس، جو درياهہ جي وچ ۾

وڏن ولرن ۾ اونڌا ابتا ٿيا پيا هئا.

انين تاريخ مون کي هڪ سخت مشڪلات درپيش آئي. هڪڙي هنڌ لهرون اهڙيون ته آيون هيون جو تنديل چيو ته جي انهن سان ٽڪر کائبو ته تباهي يقيني آهي. هوا به ڏاڍي تيز ۽ اٿائي هئي، انڪري هن عرض ڪيو ته پڳهه نه ڇوڙيا وڃن، جيسن الله ڪو سٺاءُ واءُ موڪلي. اسان جي پيڙي ان وقت هڪ نندي ڪاريءَ ۾ هئي، جتي پاڻي جي اٿل پٿل ۽ گجگوڙ ڪان پري به هو ۽ مانو به هو. اسان به پيڙي ڇڪي ڪڍي پاسيري ڪئي ۽ ڪجهه وقت آرام به ڪيوسين ۽ رات جي ماني چانور ۽ ٻوڙ کاڌوسين. ان وقت تنديل راءِ ظاهر ڪئي ته هڪ ماڻهو اها ڪاري تري وڃي ڏسي ته درياهه ۾ ناپر اچي ويئي آهي يا نه. جيئن ٿي هن اها ڳالهه ڪئي تيئن هڪ ماڻهو ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو ڇاڪاڻ ته انهيءَ ماڻهو کي بدن تي ڪپڙو هوئي ڪونه) ۽ ٻي پر پهچڻ لاءِ هڪدم تيار ٿي ويو. اجا ٽپ ٿي ڏناءِ ته مون چيومانس نه سير ويجهي آهي انڪري خيال ڪجانءِ، متان ٻڏي نه پوين! اهو ٻڌي هو ڪليو ۽ ڪٽي پاڻ کي پاڻيءَ ۾ اڇلايائين، اجا ڪاريءَ جي اڌ تي ئي ڪونه پهتو ته پاڻي هن کي ڏاڍي تيزيءَ سان ڪاري جي منهن ڏانهن وٺي ويو ۽ وڃي ڪن ۾ هنيائينس جنهن ڦيرائي گهيرائي آڻي درياهه ۾ ڪڍيس، اتي ڏٺوسين ته غوطا پيو کائي (هونئن به ته اهي پاڻيءَ جا پونئرا آهن) ۽ جاڻ ته ٿي تر ڪنيائين. مون کي تر جيترو به الڪو ڪونه ٿيو ۽ ٿئي به ڇو؟ ڇاڪاڻ ته آءٌ پاڻ ته تارو ڪونه هوس، جو سندس مدد ڪريان ۽ جي مدد ڪريان به ها ته ڪيس کو فائدو ڪونه پهچي ها. هو ان وقت هڪ اهڙيءَ حالت ۾ هو جا آءٌ جيڪڏهن دنيا جو سڀ ڪان وڏو تارو هجان ها، تڏهن به ڪيس انهيءَ مصيبت مان آزاد نه ڪري سگهان ها. خوش قسمتيءَ سان مون هڪ وڏي تنبي هئي جنهن کي ڪهيون وغيره به ٻڌل هيون، جنهن جي

رستي حرفتي ماڻهو هڪ ڪناري ڪان ٻئي ڪناري تائين تري ويندا هئا. اها ڪٿي مون تبديل جي هٿ ۾ ڏني ۽ ڏکو ڏيئي چيومانس ته ڏي ٽيپ ۽ وڃي جند ڇڏائينس. منٽ اڳي هو اهڙو ته منهن ڪيو بيٺو هو، جڻڪ سڄي دنيا هڪ ٿي ويئي هئي ۽ ان وقت جي سڄي انسانذات به غرق ٿي وڃي ها ته مٿس ان جو ڪو به اثر نه ٿئي ها. پر مون واري چوڪ سندس سڄي سستي هڪ پل ۾ دور ڇڏي. ٻن-ٽن ٻانهن هڻڻ سان هو ٻڌندڙ ماڻهوءَ تائين پهتو ۽ پوءِ ٻئي ڇڻا انهيءَ تنبي جي رستي صحيح ۽ سالم واپس اچي پهتا.

ٻئي ڏينهن به واءِ ڪا جهڪائي ڪانه ڏيکاري انڪري اسان قسمت تي ڀاڙي اڳتي وڌياسين. ٻيڙي به تمام وڏي هئي (جيتوڻيڪ درياهه جي اڳيان ڪجهه ڪانه هئي) پر درياهه جون لهرون ڪيس وڪوڙي ٿي ويون. ٻيڙيءَ جو پوئون حصو ڀڄي ٻيو، پر ان هوندي به وڏي نقصان ڪان بچي وياسين. ڪاري جي ٻئي ڪناري تي ٻن ٻيڙين جا ڍانچا اسان ڪي ڀڙائي رهيا رهئا ته اسان پاڻ ڪي جوڪي ۾ وڌو آهي. مون پوءِ ڏٺو ته هڪ ٻي ٻيڙي جنهن ۾ به آفيسر حيدرآباد ڏانهن وڃي رهيا هئا، هتي ٽڪرجي ڀڄي ٻئي هئي.

ٻيڙيءَ کي ٽڪرجڻ کان بچائڻ لاءِ اسان درياهه کي حيدرآباد کان ويهه ميل مٿيرو چڙي، ڦليليءَ ۾ ٻيڙي کي لاهي وڌو ۽ حيدرآباد تائين، انهيءَ جي رستي سفر ڪيوسون. سياري ۾ ڦليلي گهڻو ڪري سڪي ويندي آهي پر آبڪلاڻيءَ جي وقت تي اهو هڪ تمام ٽيڪو وهڪرو ٿيو ٻوي، جنهن جي ويڪر هڪ سؤ وال ۽ اونهائي آنن کان ڏهن فوٽن تائين ٿيو وڃي. سندس ٻئي ڪپ باغن ۽ گوٺن سان سجايل هئا ۽ جنهن ملڪ مان اسان جو لنگهڻ ٿيو، اتي ماڻهو به جام ٿي ڏٺا. جتي ڦليلي اچيو سنڌوءَ سان ملي، اتي هڪ سهڻو شڪارگاهه به هو، جيڪو ان وقت مير نور محمد خان جي ملڪ هو ۽ هو حيدرآباد

جي مکيہ ميرن مان هو. انهيءَ شڪارگاهہ ڪان پوءِ وري ٻيو شڪارگاهہ آيو، جو محمد خان ٺوڙهي جي ملڪيت هئي. سڄي رات طوفان پئي هليو، ۽ آءٌ بہ پاڻ واريءَ ڊريءَ چال مان ڪڪ ٿي پيو هوس. صبح جو ڪناري تي هڪ سٺي پوشاڪ واري بروچ ڪان سوال تي گهوڙو گهريم تہ جيئن ايجنسي تائين انهيءَ تي چڙهي وڃان. بروچ هڪدم پنهنجو گهوڙو جهلي منهنجي حوالي ڪيو ۽ جيئن مان هيٺ لٿس تيئن مون لاءِ ڪير ڪڍي آيو ۽ ڪڇهري بہ ڪيائين. ٻڌايائين تہ سندس پگهار فقط ٻارنهن رپيا في مهينو هو، جنهن مان هو ڏاڍيءَ تڪليف سان پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو گذر ڪندو هو. هن ٻڌايو تہ هو احمد خان واري مغزي قبيلي مان هو، جنهن جا اٽڪل ١٥ ماڻهو حيدرآباد ۾ هئا. اسان جيئن پاڻ ۾ پئي ڳالهايو تيئن ابراهيم شاه بہ اچي اتي پهتو ۽ آءٌ سندس هڪ همراهہ جي گهوڙي تي چڙهي، ڏهہ ميل سواري ڪري، حيدرآباد جي قلعي وٽان لنگهي منجهند ڌاري وڃي ايجنسيءَ تي پهتس.

منهنجو هتي ميجر آڏوترام سان تعارف ڪرايو ويو، ۽ مون ڏٺوتہ آءٌ پنهنجي ريزيزيڊنٽ جي بدلي ۾ ايڏو خوش هوس، جيترا ميرخوش هئا. نئون ايلچي صافگو ۽ رحمدل هو. هو پنهنجن نائبن ڪان ڪابہ لڪ ڪانہ ڪندو هو پر پنهنجن زيردست منشين ڪان ڳالهيون مڙيئي ڳجهيون رکندو هو. جيتوڻيڪ سندس اٽڪ محنت سان ڪوبہ ماڻهو برابري نٿو ڪري سگهي، پر هوندي بہ هو پنهنجن زيردستن جي محنت جو قدر ڪندو هو. جيئن تہ سندس پنهنجا ڪارناما مشهور هئا، انڪري هن ٻين جي لياقت کي ڏٺائڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي، اهو انهيءَ ڪري تہ هرڪنهن کي مٿي چڙهڻ جو موقعو ملي.

باب ٻارهون

حيدرآباد - اميرن سان ملاقات - حيدرآباد جي اميرن جو ڪردار ۽ سندن مڪيم آفيسر - ڪراچيءَ جو رستو - مگر تلاءَ جي زيارت - سنڌ ڇڏڻ وقت ويچار - بمبئي ڏانهن روانگي،

مون کي حيدرآباد جي دربار سان رابطي رکڻ جي موقعي جي تلاش هئي. پوليٽيڪل ايجنٽ کي ميرن سان ڪنهن معاملي تي ٻئي ڏينهن ڳالهائڻو هو، انڪري هن خواهش ظاهر ڪئي ته آءٌ انهيءَ معاملي کي منهن ڏيان. اهو معاملو اصل ۾ هيئن هو: مير نور محمد وصيت ڪئي هئي ته سندس حصي وارو ملڪ سندس ٻن پٽن شهداد خان ۽ حسن علي خان ۾ هڪجيترن حصن ۾ ورهايو وڃي. پر شهداد خان، جو وڏو هو ۽ عادتن جو ڪوڙو بم هو، تنهن جي مرضي هئي ته ننڍي ڀاءُ کي سندس جائز حصي کان محروم ڪري. انهيءَ ڪڏي ڪم ۾ ڪيس مرزا باقر ۽ اسماعيل شاهه جي ڪتب جي پٽيرائي حاصل آهي، جن جو ڪيترن ئي طاقتور پروچ سردارن سان ناتو هو. ٻئي طرف نواب احمد خان لغاري، جو هڪ بهادر ۽ آزمودگار سپاهي هو، تنهن حسنعلي خان جو پاسو وٺو. ميجر آئوٽرام جو طريقه ڪار شاهاڻو هو ۽ منهنجي اڳئين بالادستڪان بلڪل نرالو هو. سندس خيال هوته ميراثي ڪتب ۾ ٽيل ناسازيءَ کي ختم ڪيو وڃي. اهوئي سبب هو جو هن ٻئي ڏينهن دربار ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو.

اسان پنجين بجي ايجنسيءَ مان نڪتاسين جا حيدرآباد کان چئن يا پنجن ميلن جي پنڌ تي هئي. ايجنٽ صاحب هڪڙي آفيسر کان جيڪو ساڻس گڏ رهندو هو، سوال تي گهوڙو ورتو. اهو گهوڙو چابڪ نه استعمال ڪرڻ ڪري بگڙي چڪو هو. اسان اڃا سؤ وال کن مس ويا سين ته هن مستي شروع ڪري ڏني، پر نيٺ هن محسوس ڪيو ته سندس ٻئيءَ تي ڪو نئون سوار ويٺل آهي، چاڪاڻ ته ڪجهه زوردار ٽلهڙن لڳڻ ڪري، سندس حس ڀڄي پيو،

پر ان هوندي به به-تي اٿون واهي ڪڍيائين. آخر سوارن جو جلسو وڏڻ شروع ٿيو.

اسان اڃا به ميل ڪن سواري مس ڪئي هئي، ته هڪ وڏو ڏوڙ جو ڪڪر اسان جي آجيان لاءِ اڳتي وڌندو آيو، جڏهن اهو صاف ٿيو تڏهن ڏٺوسين ته ڇهه ٻروچ سوار اسان جي آدرياءُ لاءِ اچي رهيا هئا. فضيلت ڏيڪارڻ جو هي هڪ اٿوٽندڙ ڏيکاءُ هو، ۽ سو به انهيءَ وقت جڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻ به وڏي انداز ۾ مٿي اڏائيندو رهي. اهو ڪيڏو نه ڏکيو ٿو لڳي. جڏهن اوهان ڪنهن ڏنگي ۽ طاقتور سواريءَ تي چڙهيل هجو، جنهن جي پٺيان ٻزن ڪن ٽڳڙين سان ڍڪيل ڏٺن جو ولر هجي، ۽ اهي هجن به سندس پيچ ڪان وال جيتري پنڌ تي. مون کي اهو ظاهو ڪرڻو پوندو ته جيئن ته مون کي وڏن جوتن پائڻ تي مجبور ڪيو ويو هو، انڪري منهنجا پير ته رهيا پاڪڙي ۾، پر هڪ جوتو خبر نه آهي ته ڪٿي ڪِري پيو. انهيءَ نقصان جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ ۽ پڻ انهيءَ کي ماڻهن کان لڪائڻ لاءِ، مون پاڻ کي ڪلمڪ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، تان جو منزل واري هنڌ تي اچي پهتاسين.

پهرئين سوڻ جو مڙيئي ڪجهه اثر ٿيندو آهي. جيئن ته منهنجو جُوتو گم ٿي ويو هو، انڪري دربار ۾ هلڻ يا ان جي ريتن ۽ رسمن کي منهن ڏيڻ لاءِ آءٌ اڏوگابرو تيار هوس چڱو جو ميرن اسان جي ايجنٽن کان ٻاهر ئي جوتا لهرائي ڇڏيا هئا، جا رسم انگريز معاشري ۾ ٽوپلي لاهڻ جي برابر آهي. اسان ڪرسين تي ۽ مڪيه امير صوفن تي ۽ باقي ٻيا ماڻهو وڇي غاليچن تي ويٺا. ان کان پوءِ اسين جنهن مطلب سان آيا هئاسين سو پڙهي ٻڌايو ويو.

انهيءَ گوڙ ۽ گمسان کي بيان ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان، جو سؤ کن لوهي ڦڙ رکندڙ ٻروچن جي سخت بحث مباحثي درميان ٿيو هو. اهو سڄو لڙ نندين ميرن جي حقن بابت ٿيو هو، جنهن ۾ مون انهيءَ معاملي کي سلجهائڻ جي ڏاڍي

ڪوشش ڪئي، باوجود ڪوشش جي اهو هڪ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. مون کي سيني ۾ احمد خان لغاري ڏاڍو پسند آيو، جنهن ڳالهايو ته گهٽ پئي پر ڏسڻ هڪ معني ڀريل مڙس هو. نصير خان، جو هاڻي وڏو مير تسليم ڪيو ٿي ويو، سو شهداد خان جي فائدي ۾ هو. آخر ايجنٽ جي دڙڪي داب وڃي ڪم ناهيو، ۽ فيصلو ٿيو ته ڀائر پاڻ ۾ نهي وڃن ۽ هڪبئي کان قرآن تي لکائي وٺن ته ملڪيت جو معاملو امينن جي فيصلي موجب ڪرايو ويندو. مون کي موڪليو ويو ته آءٌ ننڍي حسنعلي خان کي وٺي اچان ۽ ٻئي هڪ آفيسر کي وري شهداد خان ڏانهن موڪليو ويو. ان کان پوءِ ٻنهي کي سيني جي اڳيان ڀاڪر وجهارائي ڀرچايو ويو. مون کي خوشي ٿي جو منهنجو شهداد خان سان واسطو نه پيو، ڇاڪاڻ ته هو نه رڳو بدني بناوٽ ۾ بيڊولو هو، پر طبيعت به ڏکار جهڙي هئس. انهيءَ جي برعڪس مون وارو مير حسنعلي خان هڪ سهڻو جوان هو، جنهن جون ڪاريون گهنڊيدار چڳون ۽ سهڻيون چمڪندڙ اکيون، انگريزي ناچ گهر ۾ جيڪر غضب ڪري ڇڏين ها. مون حسنعلي خان کي سندس چاچي ميز صوبدار جي گهر ۾ ڏٺو، جنهن جو وڏو پٽ فتح علي خان مون سان دربار تائين گڏجي آيو هو. اتي ايڏو ته گوڙ ٿي ويو هو، جو اسان کي پنڌ هلڻ جي بدران مٿي کنيو ويو، نه ته جيڪر ڪنهن سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ پيڙجي وڃون ها.

اهو معاملو پورو ٿيو تڏهن شڪارپور جو ذڪر ٿيو ته اهو شهر انهيءَ مددي ڏَنڊ جي بدران انگريزن کي ڏنو وڃي، جنهن جو ميرن سان عهدنامو ٿيل هو. سڀ مير انهيءَ ڳالهه جي خلاف هئا، خاص ڪري مير نصير خان جنهن چيو ته ”صاحب ملڪ تان دستبردار ٿيڻ هڪ حاڪم لاءِ وڏي بيعزتي آهي.“ اهو معاملو پوءِ بنا ڪنهن فيصلي ڪرڻ جي ملتوي ڪيو ويو. ١١ بجي صبح جو اسان وري سوار ٿي واپس ايجنسيءَ تي پهتاسين، جتي مون واري بالادست مون کي انهيءَ

حيدرآباد جو مير، مير محمد خان

ميرپور جي مير علي مراد خان
جو پٽ شاهه محمد خان

مير نورمحمد خان جو پيو
لمبر پٽ مير حسون علي خان

ڏينهن جي سڄي ڪارروائي تي رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو. جيئن ته اتي ڪيترائي فارسي دستاويز هئا، جن کي پيٽڻو ۽ ترجمو ڪرڻو هو، انڪري ڪجهه دير ٿي ويئي، نيٺ ٻئي ڏينهن سڄو ڪم تيار ٿي ويو ۽ گورنر جنرل ڏانهن موڪليو ويو. ڪم جي دَبَ جو اهو حال هو، جو بيمار هوندي به آءٌ صبح جو ٽين بجي اُٿي وڃي لکڻ تي ويٺس. اڃا سادا ٿي مس ٽيا هئا، ته پيرن جي ڪڙڪي جو آواز پڌم، ڪو منهنجي ڪمري ڏانهن اچي رهيو هو. ٿوريءَ دير ۾ دروازو کليو ۽ ڏٺم ته ميجر آئوٽرام هو. مون کي ڪم ۾ رڌل ڏسي حيران ٿي ويو، ۽ چيائين ته: "آءٌ آيو هوس توکي اُٿارڻ ته ڪم کي لڳ ته جيئن جلدي پورو ٿئي، پر تون ته مون کان اڳيئي لڳو ويٺو آهين."

آءٌ ڏهه ڏينهن حيدرآباد ۾ رهيس ۽ شهر جي آبهوا کان لاڀ پرايم، جا ڪچي ۽ سکر جي آبهوا کان ٿڌي ۽ فرحت ڏيندڙ هئي. ان هوندي به آءٌ نٿو ڄاڻيان ته ڪن ٿورن ماڻهن به حيدرآباد جي آبهوا کي ڏکڻ سنڌ ۾ صحت جي خيال کان پسند ڪيو هجي. پر منهنجي لاءِ انهيءَ تپندڙ گرميءَ کان جتان آءٌ آيو هوس، فرحت ڏيندڙ هئي. شيخ سعديءَ چيو آهي ته "جيڪي جنت ۾ آهن، سي دوزخ کي اعتراف ٿا سمجهن پر جيڪي اعراف کان به ڏورانهان آهن تن لاءِ اعراف به بهشت مثل آهي". ساموندي هير، جنهن جو سيوهڻ تائين اثر آهي، حيدرآباد ۾ چڱيءَ طرح محسوس ڪئي وڃي ٿي. ايجنسيءَ جا ميجر آئوٽرام جي نامياري دفاع جي ڪري مشهور ٿي ويئي هئي، تنهن هاڻي وڃي هڪ ننڍڙي ڪوٽ جو نمونو ورتو آهي. اها هڪ پيسٽ بورڊ جهڙي ننڍڙي لانڊي هئي، جا درياهه کان سؤ واڻن جي فاصلي تي ٺاهي ويئي هئي. ان جي اڳيان اوپر طرف هڪ ويڪرو ميدان هو، جو حيدرآباد تائين پکڙيل هو. ان جي اولهه ۾ درياهه هو ۽ وڻن جا جهڳٽا ۽

باغ سندس ڏکڻ ۾. ان جي اوپر هڪ ننڍڙو واڙو به هو، جتي هر ڪنهن قسم جا پالتو هرڻ ڪوتا پاچا ڪان وٺي ديوَ جهڙي سانپر تائين پاليل هئا. انهن جانورن ۾ ٿينگ ٿپا ڏيندڙ هڪ سهڻو هرڻ به هو، جنهن جا سڱ اهڙا تڪا هئا جهڙي چري. جيڪڏهن ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن کي سڱ هڻي ڪڍي ته جيڪر پلڪ ۾ ماري وجهيس. شهر جي لاءِ مون کي اهو چوٽو آهي ته ڏکڻ سنڌ جي ٻين شهرن کان چڱيرڙو هو ۽ هو به ڳٽيل. اتي جيڪي جايون هيون سي قلعي کان سواءِ ٻيون سڀ اهڙيون جهڙيون ٻين هنڌن تي ڏٺيون ويون هيون. گهر گهڻو ڪري مٽيءَ جا ٺهيل هئا، پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته اهي رڳو جهوپڙيون هيون. اهي حقيقت ۾ تمام وڏيون اڏاوتون هيون، جن جون ڀتيون موڪريون هيون ۽ هر ڪا جاءِ ست-اٺ ماڙ هئي جهڙا ٽمبڪٽو جا محلات! قلعو بيترتيب ڪنڊن وارو پنج ڪنڊو ڪوٽ هو، جنهن جون ڀتيون پڪين سرن سان اڏيل هيون. انهيءَ تي ڪوبه ٻاهريون ڪم يا ڪاهي وغيره ڪانه هئي پر ڪن هنڌن تي ته غفلت سبب قلعي جي ديوار به ڪمزور ٿي ويئي هئي. قلعي جي اندر فقط ميرن جا ڪٽنب ٿي رهيا ۽ ان جي وچ ۾ هڪ ٽڪر هو، جنهن لاءِ ٻڌايو ٿي ويو ته انهن ۾ ميرن جو خزانو پوريل هو. خزاني بابت ماڻهن ۾ ڏاڍي ڳالهه هئي، پر آزمودي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اوپر جي بادشاهن جي خزاني بابت جيڪي خبرون ٻڌيون آهن، سي گهڻو ڪري نسوربون ڪوڙيون هونديون آهن. ميرن جي عقل جو به ڪمال چئجي جو اٿهوند هوندي به پنهنجيءَ ملڪيت بابت ڪيڏيون نه عجيب خبرون مشهور ڪرايون اٿن. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته ١٧٨١ع ۾ جڏهن ٽالپرن، ڪلهوڙا گهراڻي جي پڇاڻي آندي، تڏهن ڪين اڳين بادشاهن جو چڱو خزانو هٿ آيو هو. پر پوءِ جيئن مسٽر ايلفنسٽن ڪابل ۾ لکيو ته ”افغانستان جي بادشاهه شاهه زمان

پنهنجي سلطنت جي ڏاڪڻي حصي کي فتح پئي ڪيو، ان وقت هن انهيءَ خزاني تي قبضو ڪري ورتو، ان کان پوءِ هن ميرن کي مجبور ڪيو تہ ڪيس ويهہ لک چار هزار پائونڊ ڏن ڀري ڏين، جو ڏانهن رهيل هو.” هاڻي جيڪڏهن انهيءَ وڏي انداز خزاني جو جيڪڏهن اڌ بہ ڏنو ويو هجي، تڏهن بہ معلوم ٿي ويندو تہ ڪهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جو گڏ ڪيل خزانو خرچ ٿي ويو هوندو. انهيءَ کان پوءِ ڪوبہ وڏو خرچ سنڌ جي خزاني تي تاوان طور ڪونہ پيو. فقط ٻن موقعن تي انهيءَ مان ڪجهہ ڪڍيو ويو هو. هڪ تہ ١٨٠٤ع ۾ شاہ شجاع سترهن لکن جي قر ڪئي هئي، ۽ ٻيو دفعو ١٨٠٩ع ۾ ساڳئي بادشاهہ وري بہ ميرن کي قريو هو، پر چئي نٿو سگهجي تہ منجهانئن ڪيترو ڪڍيائين. ٻئي طرف وري هيءُ حال هو جو اسان جي حملي کان سالن جا سال اڳ، سنڌ جي آپت پنجاهہ لک مس ٿيندي هئي. انهيءَ مان بہ ويهہ لک اُتر سنڌ جا مير اڳاڙيندا هئا ۽ ست لک ميرپور وارو رئيس شير محمد خان ڪندو هو. باقي ٿيهن لکن کي حيدرآباد جي پنجن ميرن ۾ ورهائيندو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ هرهڪ مير کي جيڪ حصو ملندو هو، اهو هڪ ٻئي درجي جي انگري نواب جيترو بہ ڪو نہ هوندو هو ۽ سيني جي گڏيل آپت اسان جي هڪ گڙنگ رئيس جهڙوڪ ڊيوڪ آف سندرلينڊ ۽ بڪلوف يا لارڊ ويسٽ منسٽر جي آمدني جيتري بہ ڪانہ هوندي هئي. انهيءَ رقم مان هزارين خدمتگارن کي ڏنو ويندو هو، شاهاڻو ٺٽ بہ برقرار رکيو ويندو هو ۽ ماڻهن جي ڀلي جي ڪم تي بہ خرچ ڪيو هو. وري منجهن هيءَ ڳالهہ بہ هئي جو ڊل جو ٢/٣ حصو جنس ۾ ورتو ويندو هو. جڏهن اهي گڏ ڪيل خزانا ورهايا ٿي ويا، تڏهن خبر پئي تہ آخر انهن ۾ هو ڇا ڇا؟ ازانسواءِ ٽالپرن ۾ کي خرچائو رئيس بہ هئا، جهڙوڪ مير ڪرم علي خان، جو پنهنجي شان ۽ شوڪت جي ڪري مشهور هو. مير نصيرخان

ڪنهن وقت اهڙو ته هٿ ڦاڙ خرچائو هو، ڪيترو وقت پنهنجي پنهنجي ڀاءُ مير نور محمد خان جي مدد تي پيو ٽڳندو هو. اهوئي سبب هو جو هن اسان واريءَ ملاقات جي وقت شهداد خان جو پاسو ڪنيو هو، نه ته پنهي چاچي ۽ ڀائٽيي جي طبيعتن ۾ وڏو فرق هو. ڇاڪاڻ ته چاچو ڀائٽيي وانگر لوڀي ۽ لالچي ڪونه هو، نور محمد خان کي ڪا ملڪيت هئي ۽ نه وري صوبدار خان وٽ ڪو خزانو هو.

ميرن جيڪو اسان جو آدرياءُ ڪيو هو، تنهنجو اسان تي تر جيترو به اثر نه ٿيو، نه وري سندن درباريين جي اُٿ ويهه اسان کي وٺي. قلعي تائين پهچڻ ۾ اسان کي هڪ ڊگهيءَ سوڙهيءَ ۽ گنديءَ گهٽيءَ مان گذرڻو پيو، جتي تماشائين جا حشام بيٺا هئا، پر جن اسان جو وٽيڪ ڏيان ڇڪايو اهي هئا، ڪارا شيدي جي تمام گهڻي انداز ۾ ٿي ڏٺا. دربار يا حاضريءَ واري جاءِ ننڍي هئي ۽ اُن ۾ شان يا ديدبي جي ٿوري به نشاني نظر نٿي آئي. ميرن جي سهڻي مَٽ ۽ سادين عادتن ڪين اجائي ڏيک کان پري رکيو ٿي، پر ان هوندي به سندن رهائش جبي ڪمرن جي انهيءَ خسيس دالان سان پيٺ نٿي ڪري سگهجي، جتي هو اسان جي ريزنٽن سان اچي ملندا هئا. هڪ دفعي نصير خان هڪ انگريز پارٽيءَ کي پنهنجي خانگي جاءِ ڏيکاري، جنهن ۾ ڪيترائي سٺا ڪمرا هئا انهن مان هڪڙي ڪمري آيون ۽ اوچيون ديوارون هيون ۽ اهوئي صحيح معني ۾ ملاقات جو ڪمرو هئڻ ڪپندو هو، انهيءَ ڪمري ۾ تمام سهڻا ايراني غاليا وڇايل هئا ۽ ڀتين تي ايران جي شاهه جون تصويرون ٽنگيل هيون. انهيءَ خاص موقعي تي به ڏاڍي غلط نموني جي سادگي ڏيکاري ويئي هئي. ڪمري جي ڪنڊ ۾ دريءَ وٽ هڪ صوفو پيل هو پر دريءَ جي حالت اها هئي جو متس هڪ سادو تختو طاق وانگر ڪري لڳايو ويو هو. انهيءَ آدرياءُ وقت ڪا خاص رسم وغيره ڪانه ٿي ڏٺي. ماڻهو

حيدرآباد جو مڪيم مير، محمد نصير خان ۽ سندس پٽ

پئي آيا ۽ ويا. ڪي ماڻ تہ ڪن وري پنهنجي مرضيءَ موجب پئي ڳالهايو. هاڻي اچو تہ ڪن ميرن جي عادتن ۽ آٿ ويهہ تي تبصرو ڪريون. مير نصير خان جو ئي مثال وٺو. پين کي هڪدم پنهنجي طرف يڪدم مائل ڪري وجهندو هو. جيتوڻيڪ هو بدن جو ٿلهو مڙس هو پر سندس شڪل سٺهي هئي ۽ ڳالهائڻ طريقو صاف ۽ وٺندڙ هو. هن جي آٿ ويهہ مون کي انگريزن جي هڪ تمام وڏي ۽ سٺين خصلتن واري رئيس جي جي ياد ڏياري ڇڏي. هو ٻروچن کي سندس وڏي مرحوم نورمحمد خان کان بہ وڌيڪ وٺندڙ هو، جنهن کي مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو پر انهيءَ لاءِ ٻڌو هوم تہ پئسن تي ڏاڍو چاهہ هوس ۽ سندس ظاهري شبيهہ بہ نصير خان جي بلڪل ابتڙ هئي. چاڪاڻ تہ هن جو منهن سڪل ۽ پريل هو، ۽ سندس اکيون صفا اڇيون هيون، جن کي هو هرهر پيو چنيندو هو. لوئيس آنز ٻئي جي اکين وانگر هن جون اکيون بہ شڪ ۽ بي اعتماديءَ سان پريل هيون. سندس پٽ شهداد خان نس پس پيءُ جهڙو هو ۽ پاڻ وڌيڪ چالاڪ، عياش ۽ نشئي قسم جو جوان ٿي لڳو، جنهن جي عمر ٢٥ سالن جي لڳ ڀڳ هئي. هنن ٻن کان سواءِ سڄي مير خاندان جا ماڻهو يورپين کان بہ وڌيڪ سهڻا ٿي لڳا. جيڪڏهن ائين اتفاقي جائزو ورتو وڃي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ مير صوبدار خان، جو پنهنجي خاندان جي تباهہ حاليءَ ۾ مياڻي کان پوءِ شامل ٿيو هو، ڏسڻ ۾ صاف گو ۽ سياڻو ماڻهو ٿي ڏٺو. سندس عادتون سٺيون هيون ۽ سندس ڳالهائڻ جو طريقو فهميندو هو. ڪلهوڙن کان پوءِ جن ميرن حڪومت ڪئي، انهن ۾ وڏي ۾ وڏي ميرن جي ٻٽ جو ڪي سال حق غضب ڪيو ويٺو هو. هو ١٨٢٨ع ۾ تختگاهہ مان ڀڄي ويو ۽ ٻروچن جا ڪي جتا بہ وڃي ساڻس شامل ٿيا. آخر هو پندرهن هزارن ماڻهن جي هڪ فوج تيار ڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ميرن تي زور آندائين تہ سندس پيءُ جي حصي جو ملڪ کيس ڏياريو

وڃي. انهيءَ تڪرار ۽ پڻ ٻين ڳالهين جي ڪري هو خاندان جي ٻين ماڻهن کان پري گذاريندو هو. جڏهن لارڊ ڪين هتي آيو هو، تڏهن ٻيا مير لاشڪ مٿس حملو ڪن ها، مير صوبدار خان ائين ڪرڻ ۾ بلڪل نابري واري. پوءِ خبر نه آهي ته ڪهڙي خيال کان انگريزن ڏانهن سندس دوستيءَ جي لاڙي کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويو. اهو هڪ اهڙو سوال آهي جنهن جو جواب ئي نٿو ڏيئي سگهجي. پڌڻ ۾ ٿي آيو ته سندس فوجون ميائيءَ جي ميدان ۾ وڙهيون هيون، پر ڪنهن به انهيءَ جي تصديق نه ڪئي، ته آيا اهي اتي هيون به يا نه، ۽ جي هيون ته سڄيون ساريون فوجون هيون يا ڪو جٿو هو ۽ پڻ ڪيتريقدر انهيءَ جٿي کي صوبدار خان وڙهڻ کان روڪيو هو.

ڪي ماڻهو ميرن کي اڻڄاڻ وحشي ڪري سمجهندا آهن، پر ڏسڻ ۾ ايندو ته اهو رمارڪ غلط آهي ۽ مير تمام وڏيڪ سمجهو هئا. هڪڙي ڀيري اسان جي ريزيڊنٽ ۽ مير نورمحمد خان جي ملاقات وقت، ريزيڊنٽ صاحب اسان جي حڪومت جي ديانتداريءَ ۽ ٻين جي معاملن ۾ دست اندازيءَ ڪرڻ کان پري رهڻ جو ذڪر ڪري رهيو هو. مير نورمحمد خان بنان ڪنهن دلچسپيءَ ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ جي خلاف پڌندي، ڳالهه بدلائي ڇڏي ۽ چيائين ته "اوهان يورپي بهادر شاهه جي دؤر ۾ آيا هئو؟" ريزيڊنٽ جواب ڏنو ته "نه، اسان جو پهريون انگريزي ڪارخانو جهانگير جي ڏينهن ۾ سورت ۾ پيو هو." پر مير نورمحمد خان انهيءَ تي ڪر به تبصرو نه ڪيو. جڏهن منشيءَ کان پڇيو تڏهن هن پڌايو ته ميرن وٽ گجرات جي تاريخ جو هڪ قلمي نسخو پيل آهي، جنهن ۾ اڪبر جو گجرات هٿ ڪرڻ کان اڳ جو احوال ملي ٿو. انهيءَ نسخي ۾ اتفاق سان بهادر شاهه جي دغا بازيءَ سان ٿيل خون جو به ذڪر ملي ٿو، جو پورچوگيزن ڪرايو هو. نورمحمد خان جو مطلب هو ته اها ڳالهه ريزيڊنٽ کي اشاري ۾ معلوم ٿي وڃي ته سڀ يورپي

اوپر جي ملڪن سان ٿيندڙ ڏي وٺ جي معاملي ۾، ڪهڙي نه ديانتداري رکن ٿا، جن جي ريزيڊنٽ اجائي لباڙ هٽي ڪري رهيو هو.

حيدرآباد جا مير، اسان جي سنڌ ۾ اچڻ وقت، سمجهي ويا هئا ته سندن خاندان جي تباهي يقيني هئي. اها هڪ بيسود منافقي چئبي، جو اسين هاڻي اهو بهانو ڏيون ته اسان جو سندن ملڪ ۾ گهڙڻ جو خاص مطلب سندن پيلائي هئي. انهيءَ تي انهن ڏاڍو اعتراض ڪيو ته "اسان کي نه ته اوهان جا عهدنامَا ٿا ڪين ۽ نه دوستي ئي ڪپي. اسان کي فقط هڪ ايلچي موڪلڻ جو شرف ڏيو ۽ اهو به جي چڱي سمجهو، ته ڊاڪٽر ڏياري موڪليو." پر سندن ڪنهن ٻڌي ئي ڪانه. سندن ڏڪار ۽ ناراضگيءَ هوندي به اسان پڪو ارادو ڪيو هو، ته ڪين ڪنهن به حالت ۾ دوست بنائجي. سنڌوءَ تي جهاز رانيءَ مان تمام گهڻي آپت جي اميد هئي ۽ دلچسپي رکندڙ ماڻهن جو چوڻ هو ته ان جي زمين به پلي آهي. انهن اهو به ٻڌايو هو ته "سنڌ هڪ تمام سهڻو ملڪ آهي پر آهي ٻروچن جي ور چڙهيل. حيدرآباد جي پرسان زمين نير، تماڪ ۽ ڪمند لاءِ بهترين آهي. ڪراچيءَ وٽ موتي لين ٿا، ۽ مڇي مارڻ ۾ به جيڪر ڏاڍي آپت ٿئي، پر ميرن جي بيتوجهيءَ جي ڪري ڪنهن به ڪم ۾ واڌارو نٿو ٿئي. ملڪ جي سڄي ملڪيت ميرن ۽ سندن ٿورن خوشامدين جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻئي ڪنهن به طبقي جا ماڻهو شاهوڪاريءَ جي ڪابه نشاني ظاهر نٿا ڪري سگهن. ٻروچ، فوج جي اچ وچ کي ڏڪار جي نظر سان ڏسن ٿا، ۽ واپارين جي جائز مال کي مال غنيمت سمجهي ڦرين ٿا. هندو جن جي وسيلي سڄي ملڪ جو واپار هلي ٿو، ۽ ڏي وٺ ٿئي ٿي تن کي ڏڪاريو وڃي ٿو، ۽ سندن بيعزتي ڪئي وڃي ٿي. ميرن جو ساڻن ورتاءُ به بي انصافيءَ ۽ زيادتيءَ تي مبني آهي. موجوده حڪومت ۾ نه ته ڪو سٺين شين جو واپار هلي سگهي

ٿو، نہ تہ وري ڪا واپارين لاءِ سلامتي آهي.” اهو هو اُهو غريب ميرن جي خلاف گِلا جو ٺِڪر جو لوپ سان پريل حملي آور جي ڪنن تي پڳو ويو. پر فرض ڪريو تہ اهي سڀ ڳالهيون سچيون بہ هجن، تہ بہ اسان لاءِ اهو واجب ڪونہ هو تہ ميرن کان سندن ملڪ کسي وٺون ـ جيسين اسين اهو ثابت ڪري ڏيکاريون تہ اسان جو اصول ئي اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪوٽ ۾ ٽيل ٽُنگ کي رَفو نٿو ڪري سگهي، تہ ڪانئس اهو ڪوٽ ڦري پاڻ ڦهائي وڃون!

ڏي وٺ جي معاملي ۾ ميرن اسان جي ريزيڊنٽ ۽ سندس اسسٽنٽ سان لحاظ ۽ مروت سان پيش ايندا هئا. نہ فقط ايترو پر ڪنهن ڪنهن وقت هو فراخدليءَ ۽ مردانگيءَ جا ڪم بہ ڪندا هئا. هڪ دفعي ميرن نصير خان ايجنسي ۾ هلي آيو ۽ بنان ڪنهن ڄاڻ جي هڪ ڪمري ۾ گهڙيو، جتي هڪ عورت ويٺل هئي. ميرن ان کي ڏسي وڏيءَ نيازمنديءَ سان ٻاهر نڪتو ۽ گهوڙي تي چڙهي واپس حيدرآباد هليو ويو. ٿورڙيئي وقت اندر قاصد اچي پهتا ۽ خط ڪڍي آيا، جن ۾ بنا ڪنهن ارادي ڪيل ناشائستي روش لاءِ معافيءَ جي التجا ٿيل هئي. انهيءَ خط سان گڏ هڪ سؤ سونين مهرن (هڪ سؤ پنجاهہ پائونڊ) جي سوغات بہ موڪلي ويئي. ميرن صاحب کي هڪ عورت جي ڪمري ۾ سندس مڙس جي غير حاضريءَ ۾ وڃڻ ڪري سخت صدمو پهتو هو. اهو ساڳيو ميرن هو جو ميائيءَ جي موتمار جنگ کان اڳ انگريزن سان ڦٽائڻ جي خلاف هو. پروچن ڪيس گهڻوئي چيو پر هُن هڪ بہ نہ مڃي. آخر ڪيس زنانو وڳو ڏياري موڪلياڻون. هيءَ چٽر هڪ مڙس لاءِ ڪافي هئي. ”هو سمجهن ٿا تہ آءٌ ڊپ جي ڪري جهنڊو نٿو جهلياں، پر هو غلطيءَ تي آهن“ ائين چئي هو محلات مان نڪتو ۽ تلوار مياڻ مان ڪڍي وڃي فوجن سان شامل ٿيو.

ٽالپرن سنڌ تلوار جي زور تي ورتي هئي ۽ جيئن تہ

سندن طاقت جو ٻروچ سپاهين جي قوت تي دارومدار هو، انڪري اهو ضروري هو ته سندن خاطرداري ڪئي وڃي ۽ ڪين وڏيون رعايتون ڏنيون وڃن. وڏن قبيلن جا سردار گهڻو ڪري آزاد هوندا هئا. شهداد خان اسان جي هڪ آفيسر کي ٻڌايو ته جان خان نالي هڪ ٻروچ رئيس، ڪيس زهر ڏيڻ جي ٻه دفعا ڪوشش ڪئي هئي پر چاڪاڻ ته هو هڪ طاقتور قبيلي جو سردار هو، انڪري هو ڪيس کا سزا ڏيئي نٿي سگهيو. پر اهڙيون حرڪتون ڪي ورلي ٿيون هونديون، چاڪاڻ ته ٽالپرن جي سٺ ساله دؤر ۾ ڪو به اهڙو مثال ڪونه آهي ته انهن مان ڪو به ماريو ويو هو. هاڻي انهن جي تاريخ ڪي لاهور جي فقط هڪڙي سال جي اتهاس سان ڀيٽيو. ڏسو ته اتي ڪيڏي نه خونريزي ٿي آهي. پنجاب ۾ خالصا حڪومت جي هڪڙي سال ۾ ايترا ڏوهه ٿيا هئا، جيترا سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت جي سڄي دؤر ۾ به ڪونه ٿيا هوندا. يورپ ۾ بادشاهن کي تمام سولائيءَ سان تخت تان لاٿو ويندو آهي ۽ سندن درباري يا فوجون، ڏانهن تمام ٿورو دلي رجحان ڏيکاريندا آهن. پر ميرن وٽ ائين ڪو نه هو، چاڪاڻ ته تڪليف جي وقت اهي سيئي ساٿن شامل هئا. فقط اسماعيل شاهه ۽ سندس ڪٽنب ساٿن بيوفائي ڪئي ۽ اهو به انهيءَ ڪري جو اسماعيل شاهه ڌاريو ماڻهو هو ۽ ايراني هو ۽ نادر شاهه جي سماني ۾ اچي سنڌ ۾ رهيو هو. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته ماڻهن جو ميرن سان اهو ويجهو لاڳاپو خود غرضيءَ ۽ مطلب جي ڪري هو، چاڪاڻ ته ڪين خوف هو ته انگريزن جي اچڻ ڪري ڪانئن اٿاهه زمينون ڪسيون ويندیون، انڪري ٻروچ، جي سنڌ جي آباديءَ جو ٿيون حصو هئا، ميرن سان شامل رهيا. اهو به سچ آهي ته ميرن کي ٻروچن لاءِ ڏاڍي عزت هئي ۽ اهي سندن حڪومت مان ڏاڍو خوش هئا. پر سنڌين لاءِ ڇا آهي چوئو! جو ڪيا، جت، قرمتي ۽ ٻيا، انهن مان ڪهڙا ڪانئن ناراض هئا؟ ڇا انهن مان

ڪنهن به حملي ڪندڙن سان سات ڏيڻ جو لاڙو ڏيڪاريو هو؟ بلڪل ڪنهن به نه! ته پوءِ اسان کي انهن خبرن کي سچ سمجهڻ کان اڳ غور ڪرڻ کپندو هو جي ميرن جي ظلم ۽ بي بندوبستيءَ بابت اسان کي هروپرو پڌايون ويندڙيون هيون. هندن جو مثال وٺو. اهي ته گهٽ ۾ گهٽ ستايل هئا. ڪانئن سندن پئسا ڦريا ويا هئا، ڪين ڏڪاريو ٿي ويو ۽ پڻ ڪين ديس نيڪالي ڏني ويئي هئي. پر جي سچ پچ اڻين هو ته پوءِ هو ميرن جي بادشاهيءَ ۾ ڪچ، گجرات ۽ راجپوتانا وغيره ڏانهن لڏي ڇو ڪونه ٿي ويا! ۽ پوءِ اڻين ڇو هو جو جڏهن اسين شڪارپور ۽ حيدرآباد پهتا هئاسين، تڏهن اتي اسان هندن کي نه فقط شاهوڪار پر ان سان گڏ گهٽي انداز ۾ ڏٺو. اهڙيءَ طرح جهڙوڪ اهي اسان جي حڪومت جي ڪيترن ئي سڪين شهرن ۾ موجود هئا. اهو هڪ ويچار جوڳو معاملو آهي، جو مان انگلنڊ جي پبلڪ اڳيان فيصلي لاءِ رکان ٿو.

هڪ طرف ديس جا ماڻهو آهن، جن جي پنجاهه سالن جي تاريخ، گهرو جهڳڙن کان پاڪ آهي ۽ ٻن کان سواءِ ٻين سيني انگريز پوليٽيڪل آفيسرن ان حقيقت جي تصديق به ڪئي آهي. اهي به پوليٽيڪل آفيسر به ڏيهي پوليءَ کان اڻ واقف هئا انڪري هنن ڪنهن هڪ به ڏيهيءَ ماڻهوءَ سان سڌيءَ طرح ڪونه ڳالهايو هو. جڏهن به ڪين ڳالهائڻو هوندو هو تڏهن چالاڪ ۽ بي ايمان منشين جي معرفت ڳالهائيندا هئا. اهو ئي سبب هو جو اهي ميرن جا مخالف ٿي پيا. ٻئي طرف وري متفرقه ملتري جا ماڻهو هئا، جن کي صاح ۽ شانتيءَ جو ذرو به خيال ڪونه هو. پر ڪير ٿو ڏسي شاهدين کي. جيڪو ڏاڍو سو گابو! ڇا انگلنڊ انهن لاءِ ڪو حق جو ڪلمو چيو آهي، جي هاڻي وڏيءَ نوڙت سان ڪيس فرياد ڪري رهيا آهن. انتقام وٺڻ جي به ڪا حد ٿيندي آهي! اهي ويچارا پنهنجي ملڪ ۾ سکيا، خوش ۽ آرام جي زندگي بسر ڪري رهيا هئا،

مير محمد علي خان

صوبدار خان جو اڪيلو بچي ويل پٽ ۽ ٽالپرن جي مکيہ شاخ جو تنها وارث

پر انگلنڊ متن زبردستيءَ پنهنجي دوستي ۽ پنهنجا عهدنا مڙهيا. چا اها بد باطني نہ آهي تہ ٻيو چا آهي؟

٢٣- تاريخ مون دريائي جهاز جي معرفت حيدرآباد ڇڏي ۽ پنجن ڪلاڪن ۾ هڪ وڏي درياه جي رستي ٿئي پهتس. اسان جي چال ڪا هيٺي ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ تہ وهڪرو اسان کي وچ سير ۾ ست ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان کڻي ٿي ويو ۽ اسان جي پنهنجي رفتار بہ اٺ- نو ميل في ڪلاڪ هئي. هڪ هنڌ اسان جو آگبوٽ واريائي ڪناري تي وڃي لڳو، پر خوش قسمتيءَ سان اتي وهڪرو تڪو ڪونہ هو، انڪري بچي وياسين. ان هوندي بہ ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ جاڻ ٿو آگبوٽ واريءَ ۾ دبجي وڃي. مون کي اچي ڊپ لڳو تہ ايندڙ زماني ۾ جڏهن درياهہ پنهنجو وهڪرو ڦيرائي ويندو، تڏهن ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ويهہ فوٽ هيٺ ماڻهو اچي آگبوٽ جو ڊانچو ڳولي ڪيندا، جنهن ۾ اسان جا رڳا هڏاوان پڇرا وڃي رهندا. آخر هن هيٺ وڃڻ بند ڪيو، پر ان هوندي بہ انهيءَ کي اتان ڪڍڻ ۾ ويهہ منٽ لڳي ويا. جڏهن جهرڪ ڳوٺ جي ويجهو پهتاسين، تڏهين اتي اهڙو تہ گهاٽو جهنگ ٿي ڏٺو، جنهن مان نڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو. هن جاءِ تي ريجمينٽ جو هڪ آفيسر سڙي مئو هو. ڪن جو خيال هو تہ اهو واقعو ڪنهن خراب نيت جي ڪري ٿيو هو، پر ائين ڪونہ هو. اهو هڪ اتفاقي حادثو هو جو هندستان ۾ گهڻو ڪري ٿيندو رهندو آهي. مون وارو هڪ دوست اهڙي هڪ حادثي جي وقت موجود هو، جنهن ۾ هڪ تڙ وارو سڙي خاڪ ٿي ويو هو. هن ٻڌايو تہ ڦاڙهن جي شڪار ڪرڻ خاطر انهن کي جهنگ کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ هڪ وڏي ايراضيءَ کي باهہ ڏني ويئي. باهہ وچ جهڙي تيزيءَ سان پکڙجي ويئي. ويجهڙائيءَ ۾ بيٺل اهو ماڻهو هڪدم ٻوڙي وڃي وڻ تي چڙهيو. باهہ چوڌاري وکوڙي ويئي هئي، ۽ دونهون منجهس

ايترو اچي ٿيو جو هو انڌو ٿي پيو ۽ پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ ڪري پيو. اهڙيءَ طرح اهو بدقسمت سڙي مري ويو. ٿني وٽ آءٌ لهي پيس ۽ خشڪي رستي ڪراچي وڃڻ جي تياري ڪيم. مون سان بہ آفيسر ٻيا بہ گڏ هئا، جي بيماريءَ جي موڪل تي بمبئيءَ وڃي رهيا هئا. انهن مان هڪڙو تہ ايڏو بيمار هو جو مون پانيو تہ رستي تي ئي گذاري ويندو. سندس قد ڇهہ فوٽ ۽ چار انچ هو. چڱيلائيءَ وقت تہ ڇڏيو پر هن وقت جڏهن گهڻو لهي ويو هو ۽ ڏهرو هو تڏهن بہ مون کان کڄي نہ سگهيو. ڪيس ڪڍي جي علائقي ۾ ڪوٽڙو تي رکيو ويو هو ۽ هن جيڪي اتي جي بيماريءَ جو احوال ڏنو، سو ڏاڍو خوفائتو هو. سندس چوڻ هو تہ فوجي جٿي ۾ سپاهين‌جو تعداد ٤٠٠ هو ۽ مٿن ١١ آفيسر مقرر ڪيل هوا. انهن ۾ تپ ڪاهي پيو ۽ گرمي پاڻ وڌيڪ، جنهن مصيبت کي وڌايو. گرميءَ جو هيءَ حال هو، جو ٿرمامينٽر تنبوءَ ۾ اندر ١٣٠ ڊگرين تائين پهچي ٿي ويو. نيٺ نتيجو اهو نڪتو، جو ٿوري وقت ۾ ٥ آفيسر، جن جي عمر ٢٥ سالن جي اندر هئي ۽ سپاهين جو اڌ تعداد مري ويو. اتي جيڪو ڊاڪٽر رکيو ويو هو، سو ايترا موت ڏسي ڊڄي ويو ۽ دماغي توازن وڃائي ويٺو. مون وارو دوست جو غير معمولي قد ۽ ٻت وارو هو، تنهن‌کي تپ اهڙو تہ پيڙيو، جو ڪيس بچائڻ لاءِ پالڪيءَ تي چاڙهي سکر موڪليو ويو. ٻارهن ٻئررن مان ٿي ٻئرر بہ رستي تي مري ويا.

ڪراچي تائين اسان جو پنڌ هيٺين منزلن وٽان ٿيو. گجو چوڏهن ميل، گهارو چوڏهن ميل، پپري ٻارهن ميل ۽ جمعدار جي لانڊي تيرهن ميل. ٿئين ڏينهن جي پنڌ ۾، اسان هڪ تباهہ ٿيل شهر پنيور ڪندرن وٽان لنگهياسين. انهيءَ کان ڇهہ ميل اڳيرو ڪيترائي قبا ۽ چڙوچڙ ڳوٺ ڏٺاسين، جنهن مان ثابت ٿي ٿيو تہ ڊيلتا جو اهو حصو ڪو وقت اڳ ڏاڍو آباد ۽ ڳنڍيل هو پر هاڻي معاملو انهيءَ جي ابتڙ آهي. جيئن اسين



مانگر پیر قلاء یا "منگھو پیر"

ڪراچيءَ ۾ گهڙياسين، تيئن ڪيترائي ياتري اسان کي هنگلاج کان ايندي مليا. هنگلاج هندو يائرين جي گڏ ٿيڻ جي هڪ مشهور جاءِ آهي. هتي درگا، جيڪا تباهيءَ جي ديوي آهي ان جي پوڄا ٿيندي آهي ۽ اهو ماڳ هندستان ۾ بت پرستيءَ جي اولهه ۾ آخرين حد آهي. منهنجي سنڌ ڇڏڻ کان اڳ هڪ بهادر آفيسر ڪئپٽن هارٽ، اتي پهچڻ ۾ ڪاميابَ ٿي ويو هو ۽ انهيءَ سفر جو هن تمام دلچسپ احوال ايشياٽڪ سوسائٽي جرنل ۾ ڏنو آهي. مرحوم سر وليم به ويس بدلائي انهيءَ رستي اوڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ٻين يا ٽين منزل تي ماڻهن کي خبر پئجي ويئي ته هو يورپي آهي. هو هڪ آزموديگار سياح هو. جنهن افريڪا جي موسيلائيڪش ۽ ٻين وحشين جا ملڪ گهميا هئا. پر هتي مڪرانين جي ڏانهنس دشمني جا هن اهڙا ته اهڃاڻ ڏٺا، جو ڪيس تيري سان واپس پڇي جند ڇڏائڻي پيئي. سر هينري پاٽنجر انهن خطن مان ١٨٠٩ع ۾ هڪ ايراني گهوڙي وڪڻندڙ واپاريءَ جي ويس ۾ سفر ڪيو هو. پر اهو بهاداريءَ جو غير معمولي دورو هو جيتوڻيڪ اهو بهاداريءَ، قوت مدافعت ۽ هوشياريءَ سان سرانجام ڏنو ويو هو، پر خبر نٿي پئجي سگهي ته اهو ڪهڙن سببن جي ڪري هڪدم ختم ڪيو ويو.

ڪراچي پهچڻ کان پوءِ مون پهرين جُلهه مگر تلاءُ (١) ڏسڻ تي ڪئي، جنهن کي واڳن جي ڍنڍ ڪري سڏجي ٿو. اها عجب جهڙي جاءِ ڪراچيءَ کان اٺ ميل پري آهي ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ جن کي بيڊولين شين يا راڪاسن ڏسڻ ۾ مزو ايندو آهي، هڪ دلچسپ جاءِ آهي. واريا سو ۽ اُجڙ رستو، جنهن تي ڪٿي ڪٿي گهاٽو جهنگ به آهي، آٿيو ماڻهوءَ کي گدامڙيءَ جي وڻن جي جهڳٽي وٽ ڇڏي، جنهن جي وچ انهن

---

(١) تلاءُ: منگهي پير وارو تلاءُ جنهن ۾ واڳو رهندا آهن.

راڪاسن جي هيبتناڪ رهائشگاهه آهي. هڪ نئين ماڻهوءَ کي مشڪل سان خبر پئجي سگهندي تہ انهيءَ ساوڪ جي هيٺان ننڍڙي ڪڏ ۾ اهڙا خوفائتا رهاڪو لڪل آهن. ”هيءَ آهي اها ڪڏ“ مون ڏڪار وچان رستي جي سونهي کي هڪل ڪري چيو، ”پر ڪٿي آهن واڳو منجهس!“ ان وقت آءٌ اوچي ڳاٽ وڏي مغروريءَ ۾ پسار ڪري رهيو هوس ۽ سڄي قصي کي چڻڪ مسري پئي سمجهيم تہ اوچتو منهنجي پيرن ۾ هڪ گهٽيل چيخ يا گوڙ جو آواز ٿيو، جنهن ۾ مون کي فضيلت سان نہ پر جانورن وانگر هوا ۾ غير معمولي ٽپ ڏيڻو پيو. مڃاڻ جو منهنجو پير هڪ ننڍڙي واڳونءَ جي مٿان اچي ويو هو، جيڪو هو تہ ٿي فوٽ قد ۾ پر ان هوندي بہ سندس چڪ منهنجي سڄي خوشي زهر ڪري وڌهي ها. ايتري ۾ انهيءَ جاءِ جو مشهور ماڻهو يعني مجاور فقير هڪ جادوگر جي شڪل ۾ اچي پهتو، ۽ مون کان جوڙو رپين جو وٺي، پنهنجي جادوءَ جي ڏنڊي ڪٽي اُڀي ڪيائين ۽ مئل کي سڏڻ لڳو. ’آءُ آءُ، يعني تہ ’اچ اچ، جي هن بہ ٿي دفعا زور سان رڙ ڪئي. جنهن تي انهيءَ تلاءَ جو پاڻي انهن راڪاسن سان جيئرو ٿي ويو. انهن ۾ نو واڳون تمام وڏا هئا ۽ انهن جو قد پندرهن فوٽ هو، سي ڪناري تائين وڌي آيا. اهو نظارو ڏسي مون کي پراڻيون ڏند ڪٿائون ياد اچي ويون. وڻن جي جهڳٽي ۾ تلاءَ ۽ ان ۾ واڳون! تنهن کان پوءِ ٿڪريءَ جي پاڙ ۾ جهوپڙي ۽ ان ۾ ڏاڙيل جهڙي ڏيکائي ڏيندڙ هڪ ڊگهو ۽ ڏبرو پروچ فقير! سچ تہ هڪ عجيب منظر هو ان سان عجب جهڙي ڳالهہ هيءَ هئي جو انهيءَ مداريءَ جو پنهنجي شينهن تي پورو پورو ضابطو هو لٽ جي اشاري سان هو بيهي رهيا (اهي پهتا بہ هڪ اٿوٽندڙ جاءِ تائين هئا) ۽ جڏهن هن چيو تہ ’بيهو، تڏهن اهي سندس حڪم جي تعميل ۾ پنهنجي ڪليل ۽ جهٽيندڙ چاڙين سان پيٽ ڀر ويهي رهيا. گوشت جا وڏا ٽڪر ڏانهن اڇلايا ويا،

جنهن تي اهي هڪٻئي کي آٽلائڻ پٽلائڻ جي ڪشمڪش ۽ جهيڙي ۾ لڳي ويا ۽ گوشت جي ٽڪرن کي ذريون ذريون ڪري ڇڏيائون. ننڍن واڳن جي وڏن لاءِ ادب ڏيکارڻ سون کي ڏاڍو مزو ڏنو. انهن مان هڪ وڏي واڳونءَ جنهن جو قد ڏهه فوٽ کن هو، ٻئي پاڻ کان به وڏي واڳونءَ کي پٽيان ايندي ڏٺو، تڏهن انهيءَ ڊپ وچان ته متان اهو وڏو واڳون ڪائي نه وجهي، پاسو ڏيئي پري ڀڄي ويو. انهن واڳن واري تلاءُ کان ٿوري پنڌ تي (اڌ ميل کن فاصلي تي) هڪ ٻيو تلاءُ ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ پاڻي ايڏو ته گرم هو، جو ماڻهو منجهس مس گهڙي سگهي. پر ان هوندي به مون انهيءَ ۾ ننڍڙا واڳون ڏٺا. فقير مون کي ٻڌايو ته اهي جانور نديءَ ۾ گهٽا آهن، جا اتان پندرهن يا ويهن ميلن جي پنڌ تي هئي. انهيءَ تلاءُ جو بادشاهه هڪ واڳون هو، جنهن تي فقير، 'مور صاحب، جو نالو رکيو هو. اهو ڪڏهن به سڏ تي ڪونه ايندو هو. جيئن ئي آءٌ انهي تلاءُ جي چوڌاري ڦري رهيو هوس، تيئن مون کي اها به جاءِ ڏيکاري ويئي جتي اهو پيو هو. سندس منهو پاڻيءَ کان ٻاهر هو ۽ اهڙيءَ طرح بيجان پيو هو، جهڙو ڪاٺ جو بنڊ. سچ ته مون کي جيڪڏهن سندس چمڪندڙ خونخوار اکيون ڏسڻ ۾ نه اچن ها، ته آءٌ انهي کي ڪاٺ جو بنڊ ئي سمجهان ها.

آبهوا جي خيال کان ڪراچي سنڌ ۾ هڪ تمام سٺي جاءِ آهي ۽ انهيءَ کي بمبئيءَ پاسي جي ٻيءَ ڪنهن به جاءِ سان پيٽي سگهجي ٿو. پر ان هوندي به ڪالرا منجهس ڪلور ڪري ڇڏيا هئا. اسان واري سڄي يورپي ريجمينٽ تباهه ٿي ويئي هئي. حقيقت هيئن آهي جو انهي بيماريءَ جي پهرين نشانين جو ڪوبه خيال نٿي ڪيو ويو ۽ ٻيو ته افسوس هن ڳالهه جو هو جو فوجي جٿن ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا، جن جي صحت گهٽي پيئڻ جي ڪري تباهه ٿي چڪي هئي، اذڪري

انهن کي اها بيماري جلد کنيو ٿي ويئي. هندستان ۾ يورپي سولجر ايڏو ته شراب ٿا پيئن، جنهن جو ذڪر ئي نٿو ڪري سگهجي. جن ماڻهن کي خدا وڏن عهدن تي سرفراز ڪيو آهي، انهن کي گهرجي ته انهيءَ مسئلي تي غور ڪن ۽ اسان جي معزز فوج جي اخلاق ۾ سڌارو آڻين. اهو سڌارو تڏهن منجهن اچي سگهي ٿو جڏهن سندن رهائش لاءِ سٺا هنڌ چونديا وڃن، تفريح جون جايون ٺاهجن، لئبرريون ۽ اسڪول قائم ڪجن، جن ۾ جسماني ورزش ۽ نيزي بازيءَ جو سامان ۽ پڻ وهنجڻ جون جايون مهيا ڪري ڏجن ته جيئن اهي واندا ٿي نه ويهن. (اهي جايون خود فوجي ئي سياري جي موسم ۾ ٺاهي سگهن ٿا). لائق ماڻهن لاءِ ريجمينٽ ۾ ٽن يا چئن ڪميشنن ڪولڻ سان اسين انهيءَ خرابيءَ جي پاڙ پٽي سگهون ٿا. اهو ماڻهو ڪهڙيءَ طرح مذهبي خيال رکي سگهي ٿو (جي مذهب تي نٿو هلي ته پوءِ سٺو شهري نٿو ٿي سگهي) جڏهن ڪيس شادي ڪرڻ کان منع ٿي ڪئي وڃي، انڪري هر ڪنهن سپاهيءَ کي شاديءَ ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي ۽ عورتن يا ٻارن جو تعداد به اسان جي فوجن جي چرپر ۾ ڪابه رنڊڪ ڪونه وجهندو. سروس ۾ ريجمينٽ کي هلڪو ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته هندستاني مهم ڪا گهڻو وقت ڪانه وٺندي آهي، انڪري جڏهن اها ختم ٿئي تڏهن فوجين کي ڏيهي سپاهين وانگر سندن گهر واپس ڇڏيو وڃي. نتيجو اهو نڪرندو جو اهو خيال ته منهنجو ڪير ئي ڪونه آهي، انڪري ڪنهن جي لاءِ جيئرو رهجي، يورپي سپاهين جي دل مان نڪري ويندو. پر اعتراض ڪرڻ وارن جو رايو آهي ته جي سپاهي مري پون ته پوءِ انهن جي بيواهه زالن ۽ يتيم ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ اهي ته پوءِ سرڪار تي بار ٿي پوندا، ڇاڪاڻ ته سيني رنن زالن يا يتيم ٻارن کي پينشن ڏيڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. اهو به سچ آهي، پر ڇا اسان کي نوڪرياڻين جي ضرورت نه ٿيندي آهي؟ ڇا اهڙو

ڪو ڏنڌو ڪونہ آهي، جو ڪين سيڪاريو وڃي جنهن جي وسيلي اهي پيٽ گذر ڪري سگهن. آءٌ پانئيان ٿو تہ فوجين جي زالن ۽ ڌيئن کي جيڪڏهن زنانن ڪپڙن ناهڻ جو ڪم سيکاريو وڃي ڪهڙو نہ چڱو ٿئي. ڪين تبليغي اسڪولن ۾ يا سرڪاري ڪمن جهڙوڪ اسپتالن ۽ مسافرخانن رغيره ۾ ڪم تي لڳائي سگهجي ٿو. ساڳئي وقت ڪمپنيءَ جي انچارج آفيسر تي اها ڊيوٽي رکي وڃي تہ هرهڪ سپاهيءَ کان سندس پڙهڻ ۽ ڪم ڪار بابت پڇاڳاچا ڪري، ۽ ڪين سٺن ڪتابن جي ڏسڻ ۽ پڙهڻ جي هدايت ڪري. اهڙن اپائن اختيار ڪرڻ سان انهن ۾ وڏو سڌارو اچي سگهي ٿو. ماڻهو چوندا تہ اهي رڳا وهم آهن، پر انهن جو خيال نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ اهڙا بہ ماڻهو پيا آهن، جن کي سڌاري جي هر هڪ ڳالهہ وهم ئي نظر ايندي آهي.

ڪراچيءَ کي بندر جو درجو ڏيڻ اجايو آهي، ڇاڪاڻ تہ اتي لنگر هڻڻ جي جاءِ ڏاڍي خطرناڪ آهي. ان جي ڪاريءَ ۾ فقط ننڍڙيون ٻيڙيون اچي سگهن ٿيون، جي شهر تائين مس وڃي ٿيون پهچن. پر تيز هواجي وقت اها بہ جو ڪي ڪان خالي نہ آهي حقيقت ۾ سنڌ کي ڪوبہ بندر ڪونہ آهي. سنڌوءَ جي حجامڙي شاخ ۾ گهڙڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ خطرناڪ ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪنارو ايترو تہ هيٺتي آهي جو پري کان ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي. ازنسواءِ ڪناري تي ڪابہ اهڙي شيءِ نٿي ڏسجي، جا جهاز راني ڪنڌڙن کي رستو ڏيکاري. ريچل منهن وٽ البت گدامڙيءَ جي وٽن جو جهنگ آهي. جو ڪچ جي ناڪئن لاءِ جهاز رانيءَ مدد ڪندو آهي انهيءَ ۾ بہ پاڻي ستن-اٺن فٽڏمن * کان اوچتو لهيو وڃيو ٻن فٽڏمن تي ٻيهي حجامڙي جي جي منهن وٽ هڪ روڪ آهي جنهن جي چوڌاري سمنڊ جي

---

* فٽڏم- پاڻي ماپڻ جو ايڪو.

پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌل آهن جيڪڏهن ٻيڙو هتي اچي لڳي ته ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو ۽ خلاصين يا ناڪئن جو بچڻ به محال آهي. حجامڙي جي هڪ ڪيف وانگر آهي، جو ڪٿي ته ڪيترا سؤ وال ويڪرو آهي، ۽ ڪٿي ته اهو گهٽجيو هڪ ننڍڙي وهڪري تي وڃيو بيهي. سندس سيني پاسن کان زمين هيٺانهينءَ تي آهي وڪر گوٺ، جو ڪراچيءَ کان پوءِ مشهوريءَ ۾ ٻئي نمبر تي آهي، هڪ اجڙيل ۽ پٽتي پيل گوٺ آهي، جنهن جا گهر مٽيءَ ۽ ڪکن جا ٺهيل آهن. ان هوندي به منجهس ڏاڍو واپار آهي. شهر جي پر ۾ درياهه جي ويڪر به هڪ سؤ پنجاه وال هوندي، ۽ ڪناري وٽ به پاڻي چڱو اونهو آهي، انڪري منجهس وڏا وڏا ٻيڙا اچي سگهن ٿا ۽ واپارين جو مال لاٿو ۽ چاڙهيو وڃي ٿو.

ڪراچي ڏسڻ لاءِ مون کي تمام گهٽ وقت مليو. مون کي چڱو ڀلو ٿي حيدرآباد يا سکر واپس وڃڻ تائين اتي جي پوليٽيڪل جي ڊيوٽيءَ جي چارج وٺڻ جو حڪم مليل هو. پر تپ جي وري وري اچڻ مون کي خبردار ڪيو ته مون کي اڃا به ڪنهن چڱيرڙي هنڌ جي آبهوا ڏانهن وڃڻ گهرجي. چوڏهينءَ تاريخ تي آءٌ آڪلنڊ جهاز تي وڃي چڙهيس، جو بمبئيءَ وڃي رهيو هو. انهيءَ جهاز ۾ ڪراچيءَ جي يورپي ريجمينٽ جي سپاهين جون زالون چڙهيل هيون. سمنڊ ڏاڍو چڙهيل هو، ۽ آڳبوٽ ايڏو ته ٻئي اٿايو پٽليو جو ان تي چڙهڻ يا ان تان لهي ٻيڙيءَ تي سوار ٿيڻ جو ڪي کان خالي نه هو. عورتن کي رسڪڻ جي رستي جا سندن چيلهه ۾ ٻڌي ٿي ويئي، هيٺ لاٿو ٿي ويو ۽ جيڪو ماڻهو هيٺ ٻيڙيءَ ۾ بيٺو هو، تنهن کين ٽنگن کان جهلي ڪڍي ٿي ٻيڙيءَ ۾ اڇلايو. جيئن ته ويڙ چڙهيل هئي انڪري هي ڪم اهڙيءَ طرح ڪيو ٿي ويو، جو مسخريءَ ۾ ناڪئن کان هر هر وڏا ٺهڪ ٿي نڪتا. هر هر ۽ ڪنهن ڪنهن وقت اهي خوبصورت جسم اهڙيءَ طرح

تيزيءَ سان لاتا ٿي ويا، جو جيڪي هيٺ ٻيڙيءَ ۾ ڪين جهاڻ لاءِ بيٺا هئا، تن جن مٿان وڃي ٿي اهي ڪريا. مطلب ته اهو منظر اهڙو هو جنهن جي ذڪر ڪرڻ جي بدران انهيءَ جو خيال ئي ڪافي دلچسپ ٿيندو.

آخر اسان انهيءَ سڄي بار کي هيٺ لاٿو ۽ توب جي ٽڪاءَ سان بمبئيءَ ڏانهن اسهياسين. اهڙيءَ طرح مون سنڌ کي ايائن سالن جي جاکوڙ ۽ بيماريءَ کان پوءِ خيرباد چيو. منهنجي طبيعت بگڙي چڪي هئي ۽ حياتيءَ جا بهترين سال گذري چڪا هئا جيتوڻيڪ مون ڪجهه مهينا ٽڪرين ۾ گذاريا پر گرميءَ جي موسم جي اچڻ ڪري، تپ مون سان گڏ موٽي آيو. آخر مان هڪ ڊگهي ساموندي سفر کي آزمائڻ تي مجبور ٿي ويس، جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل مون کي فائدو ملندو هو، پر جيئن ته منهنجي طبيعت کي ڪاري زخم لڳي چڪو هو، انڪري اها نيڪ ڪانه ٿي ڇاڙ تي چڙهڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي بيمار رهڻ جي سزا ملي، يعني ته مون کي نوڪري مان خارج ڪيو ويو. ٻين سڀني هنڌن ڏي ۽ پڻ سنڌ ۾ به جتي پوليٽيڪل آفيسر مقرر ڪيل هئا، قاعدو هو ته جيڪو ماڻهو بيماريءَ سبب ڪم نٿي ڪري سگهيو، تنهن کي انهيءَ ساڳي عهدي تي رکيو ٿي ويو. انهيءَ بيانصافيءَ خلاف آواز اٿاري سگهجي ٿو، پر ٻيءَ ڌر وٽ به دليل موجود آهن، جن کي جاچڻ سان معلوم ٿيندو ته سنڌو نه سندن انهيءَ قدم ۾ نه فقط مصلحت آهي پر اهو انصاف تي به مبني آهي. ٻين لاءِ ڇا چوڻو ـ آءٌ پهريون ئي شخص هوس، جنهن سان اهي قاعدا لاڳو ڪيا ويا هئا. جيڪي به پوليٽيڪل آفيسر انهيءَ کان پوءِ بيمار ٿي ٿيا تن کي سندن ريجمينٽ ڏانهن موڪليو ٿي ويو. به يا ٽي سال ڪنيءَ هوا ۽ رهڻ ۽ سخت پورهيي کان پوءِ اگهائيءَ سبب ڪين ريجمينٽ جي حوالي ڪرڻ کان بهتر هو ته انهن کي ريجمينٽ ۾ ئي ڇڏيو وڃي ها، پر جيڪڏهن سندن ڪيل

خدمتن جو اعتراف ڪندي، ڪين ڪنهن صحتمند جاءِ تي هوا بدلائڻ ۽ ساهي پٽڻ لاءِ موڪلجي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي. جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو صبح جو اٺڻ سان پنهنجو نالو هيٺن لکيل ڏسي ته "سندن خدمتون هز ايڪسلنسي سپه سالاراعظم جي حوالي ڪيون ويٺون آهن" ته پوءِ ڪهڙو جوش ۽ جذبو وڃي منجهس رهندو؟ حقيقت هيئن آهي جو ان وقت هڪ نئون فرعون پيدا ٿيو هو، جنهن کي پوليٽيڪل موسيٰ جي ڪابه خبر ڪانه هئي. لارڊ ايلنبرو جي هندستان پهچڻ وقت اسان کي ڪابل ۾ تباهي نصيب ٿي. نئين گورنر جنرل کي اهو وهم ويهي ويو ته ننڍيا توڙي وڏا پوليٽيڪل آفيسر غلطيءَ تي هئا، انڪري هن هڪدم انهن کي خوفائنا ۽ سيمسن جهڙا ڦونشا هڻڻ شروع ڪيا. اهي ڊان ڪئڪزات (١) وارا وسڪارا بدقسمتيءَ سان، ڪنهن ڪنهن وقت بيگناهه گڏن جي قوم تي به ڪامياب ٿي ويا. ننڍڙن پوليٽيڪل آفيسرن کي ڪهڙو ڏوهه ڏيئي ٿو سگهجي، جن اتر سنڌ ۾ ايلچين يا پوليٽيڪل ايجنٽن جي هٿ هيٺان ڪم ٿي ڪيو. انهن فقط پنهنجن اڳواڻن جي اشاري جي تعميل ٿي ڪئي، ۽ راهه گناهه انهن جي خلاف بيوقوفيءَ جي هڪ رڙ پيدا ڪئي ويئي. جيڪڏهن ڪابه غلطي ٿيندي هئي ته انهيءَ لاءِ اهي عزت ماب بيوقوف نوجوان پوليٽيڪل آفيسرن کي ذميوار ٺهرائيندا هئا. منهنجو عرض آهي ته مهرباني ڪري نوجوانيءَ ۽ پيريءَ جي وچ ۾ مون کي فرق ٻڌايو وڃي ۾ اهو به ته نوجوانن ۾ مڙسن جون ڪهڙيون خصلتون ڪو نه آهن. مرد جي عمر جي ڪابه خبر نٿي پوي، پر ٻاراڻيءَ وهيءَ ماڻ کو

---

(١) ڊان ڪئڪزات، اسپين جي هڪ مسخري جو نالو آهي، جو انهيءَ نالي جي هڪ ناول جو مکيه ڪردار آهي. ڊان ڪئڪزات خيالات ۾ پهه پچائيندي هڪ جي بي ڪري چڏيندو هو.

چڙهي وڃي مرد ٿيندو آهي ته پوءِ پنهنجي مڙس ماڻهو هئڻ جي ظاهر ڪرڻ لاءِ، يا مڇن ڪي وٽي مٽي ڪندو آهي، يا ڪاڏيءَ جي وارن جو ٻٽ چڏيندو آهي يا ته مورڳوئي ڪنڊريل ۽ لڙڪيل مڇون رکڻ شروع ڪندو آهي؛ پر هيڏانهن انهن مهاندن کي ته ڏسو جي گهنجن ۽ وارن سان کهرا ٿي چڪا آهن. وري انهن جون ڏاڙهيون ته ڏسو، چيلهه تائين وڃي پهتيون آهن، ڇا پوءِ به انهن کي چوڪرو سڏيو ٿو وڃي؟ جي ائين آهي ته پوءِ مڙس وري ٻيا ڪهڙا ٿيندا آهن. ڏسڻ ۾ اچي ته، وقت جي ڪمائتن ماڻهن جي ميڙ کي "پوليٽيڪل چوڪرا" سڏڻ خوشفهميءَ جو هڪ چرچو آهي.

معاملن تي جيڪڏهن گنبيرتا سان سوچيو وڃي، ته پوءِ اها بيهودي بڪواس، جا پوليٽيڪل آفيسرن جي باري ۾ ڪئي وڃي ٿي، جيڪر بند ٿي وڃي. ريجمنٽ جو آفيسر ڏيهي معاملن ۾ وڏيڪ هوشياري ڏيکاري سندن زبان مان واقف ٿيو وڃي، ۽ ان کان پوءِ ٿي ڪيس ڊپلوميٽڪ ڪور (سياسي جٿي) لاءِ چونڊيو وڃي ٿو. انڪري ظاهر آهي ته پوليٽيڪل آفيسر فوجي ماڻهن کان علحده ڪو نه آهن. اهي گهڻو ڪري هوندائي فوجي آهن، جن کي جلدي يا دير سان اوڏانهين واپس موٽڻو پوندو آهي. انهن مال به فقط ڪي ٿورا قسمت وارا هوندا آهن، جن کي هيءَ نوڪري ڏني ويندي آهي ۽ اها به انهيءَ شرط تي ته اهي هندستان ۾ ڏهه يا ٻارنهن سال رهيا هجن. وڏي گريڊ جا ريزيڊنٽ ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ انهن ماڻهن مان ڪنيا ويندا آهن، جن ويهه يا ٽيهه سال نوڪري ڪئي هجي. انڪري ظاهر آهي ته انهن عهدن تي فقط اهي ماڻهو مقرر ڪيا ويندا آهن، جن جي عمر چاليهن سالن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه هوندي آهي. مثال طور منهنجو هڪ دوست جنهن جي پندرهن سال سروس هئي ۽ جنهن فرسٽ اسسٽنٽ جي حيثيت ۾ پاڻ چڱو موڪيو هو، تنهن جڏهن ريزيڊنسيءَ جي هڪ خالي جاءِ

لاءِ درخواست ڪئي، تڏهن ڪيس جواب مليو تہ جيتوڻيڪ سندس خدمتون تعريف جوڳيون آهن، پر چاڪاڻ تہ هو اڃا جونيئر هو، انڪري ڪيس اضافو ڏيئي انهيءَ جاءِ تي مقرر ڪرڻ ناممڪن هو!

پوليٽيڪل آفيسر جو ڪم ڏاڍو اوکو آهي ۽ سندس جوابداريون ساڳئي گريڊ جي فوجي آفيسر جي پيٽ ۾ تمام گهڻيون آهن. فقط جنگ جي وقت جڏهن فوجون پاڻ ۾ دوبدو وڙهي رهيون هجن، ان وقت فوجي آفيسر ڪانئن گوءِ ڪنيو وڃن. پوءِ جيڪڏهن اهڙن ماڻهن جي غفلت يا غلطيءَ جي ڪري ڪو نقصان يا بدنامي ٿي ٿئي تہ انڪي درگذر ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اهو ڊپلوميٽڪ ڪورئي آهي، جنهن مان مالڪوم، ايلفنسٽن، مونرو، ڪلوز، پاٽنجر، آئوٽرام، ۽ لارينس جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا، جن هندستان ۾ انگريزن جو منهن مٿي ڪري ڇڏيو.

لارڊ ايلنبرو جو تاريخ ٢٢- مئي، ١٨٤٢ع جي لکيل هڪ خط جو حصو جو هن الله آباد مان لکيو هو پڙهڻ وٽان آهي، چاڪاڻ تہ انهيءَ مان آئوٽرام، ڪرنل ٽيلر ۽ ٻين جو سندس هٿان ڊسمس ٿيڻ جو پورو پورو پتو پوي ٿو. هُن حاڪم اعليٰ جو چوڻ آهي تہ "برٽش آفيسر، پوءِ سندس ڪردار ڪهڙو بہ هجي، جڏهن ڪيس ڪنهن ڏيهي حاڪم جي دربار ۾ موڪليو ٿو وڃي تہ پوءِ هو پنهنجي ملڪي ماڻهن جي معاشري ڪان پري رهڻ ڪري هڪ برٽش آفيسر جي منصفانہ ۽ ٺوس خاصيتون وڃائي ويهي ۽ جن ماڻهن جي وچ ۾ هو رهي ٿو انهن جي عادتن جو مٿس ڏاڍو اثر ٿو ٿئي." عزت ماب لارڊ ايلنبرو جي انهيءَ رمارڪ ۾ عقل ڪان تمام گهٽ ڪم ورتل ٿو ڏسجي ۽ جيڪڏهن ڪو ساڻس آزمودي تي دليلبازي ڪري تہ سندس اهي لفظ غيـر منطقي ۽ بيوقوفيءَ تي مبني ڏسڻ ۾ ايندا. خبر نہ آهي تہ ڪهڙي خيال ڪان هُن عزت ماب اهو نڪتو چيو آهي تہ ڏيهي دربارن ۾ رهڻ ڪري برٽش ايلچين

يا عيوضين ۾ بہ ساڳيون ڳالهيون ۽ بڇڙايون پيدا ٿيو وڃن، جيڪي ڏيهي ماڻهن ۾ ڏنيون وڃن ٿيون! ڇا ائين ته ڪو نہ آهي ته سندس مطلب موجب جاڙيجن سان رهڻ جي ڪري ماڻهو سوسن ۽ ايماس کي ڪاٽي ننڍو ڪري ڇڏيندو. يا پاڻ کي ڪسمبا پياري پياري بيوقوف بنائي ڇڏيندو يا فرمانبرداري ڏيکارڻ لاءِ سڄا سارا ٻارنهن سال سوپاريءَ جي وٽڻ ۾ مٿي ڀر اونڌو ٿي بيهندو، يا حيدرآباد ۾ رهڻ جي ڪري سندس دل مذهبي درويشن ڏانهن مائل ٿي ويندي، هو گهٽيون زالون رکڻ يا زالن کي پردي ۾ رکڻ کي خراب نہ سمجهندو يا انگريزي ماکي، سوئر جي گوشت يا پرائي مادير شراب کان نفرت شروع ڪري ڏيندو. انهيءَ ساڳئي اصول تي آءٌ پانيان ٿوتہ پوءِ اهو پوليس وارو بہ ڏوهي نٿو ٺهرائي سگهجي، جو جيتوڻيڪ پاڻ چورن جهلڻ لاءِ مقرر ٿيل آهي، پر آهستي آهستي پنهنجو حرص وڌائي، پنهنجي پاڙيسريءَ جو ڪيسو ڪتري وٺي! تڏهن ڏسبو ته اهي ننڍڙيون ڏيهي درٻارون ئي آهن، جي مجبور پوليٽيڪل آفيسرن تي اثر وجهيو ڇڏين، ۽ نہ ڌارين ملڪن جون پرڏيهي درٻارون. پر اسين انهن کي ڏيهي درٻارن جي برابريءَ ۾ آڻيون ڪٿي ٿا. ڇئبو ته روسي يا فرينچ درٻارون اسان جي سفير متان ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيون ڪن. اتي اسان جي سفير جي هرڪا ڳالهہ ٺيڪ ٿي لڳي. فقط ٿورين ڳالهين ۾ ڪا هُو ڦيرگهير ڪندو هوندو، نہ ته آهي اهڙي جو اهڙو پر جي آءٌ نٿو ڄاڻان ته پوءِ انهن جي بہ ساڳي حالت آهي اتي، يعني ته انهن کي بہ پنهنجي ملڪ جي معاشري کان گهٽي وقت لاءِ پري رکيو وڃي ٿو. افسوس اهو آهي ته عزت ماب ايلنبرو انهيءَ "ڊگهي" وقت جي ڪابہ تشريح نہ ڪئي آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ٻڌائي ها ته سندس لفظ "ڊگهو" ڪهڙيءَ طرح سان سفيرن تي خراب نموني ۾ اثرانداز ٿئي ٿو. ماڻهوءَ جي حياتيءَ ۾ ڏهہ سال بہ ڊگهو وقت شمار ڪيو وڃي ٿو پر ٻئي طرف ڊگهي وئڪيشن

فقط ڪي مهينا هوندي آهي. ڪن حڪومتن لاءِ ٽي سال به جٽاءُ ڪرڻ لاءِ گهٽا هوندا آهن، پر ڪن حالتن ۾ پنج سال به ٿورا آهن. ڏينهن جوئي مثال وٺو ته سنڌ جي گرميءَ ۾ هڪ ڊگهو عرصو بنجيو وڃي پر شملي جي ٿڌي چوٽيءَ تي اهو ننڍو ٿيو پوي. تر ڪنڌڙ ڪاٺ کي هندستاني رڻ وانگر ڪنهن هنڌ تي پورو ڪري بيهارڻ کو وڏن کان سکي، يعني ته گهاڻين ناهڻ ۾ اهي ڪاريگر آهن. اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته اڌر سنڌ ۾ اسان جا پوليٽيڪل آفيسر ڪنهن به حالت ۾ يورپي ماحول کان پري ڪونه هئا. اسان جو ايجسيون ڪي درٻارن جي اندر ڏهيل ڪونه هيو. پر اهي علحده فوجي چانوڻيون هيون، جهڙوڪ سکر ۽ شڪارپور. پر ان هوندي به اسان کي انهن ننڍڙين درٻارن سان وابسته سمجهو ويو آهي، جن ٿيل ظلم، تشدد ۽ بهتان بازيءَ جو اسان کي پورو پورو احساس هو. سچ ته هي آهي جو جنهن گهاڻن لاءِ عزت ماب هندستاني پوليٽيڪل کي پنهنجي ملڪ جي مفاد خلاف ٿو سمجهي اها ساڳي گهاڻن پڇاڙي ۾ وڃيو انهن لاءِ فائديمند ثابت ٿئي. درٻارن ۾ ڊگهي وقت رهڻ ڪري انهن کي پاڻ سيني گهاڻين جي چڱائي ۽ براين کان واقف ٿي انهن جي غلط فهمين کي دور دور ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ته جيئن ڪي هيبتناڪ نتيجا نه نڪرن . سو انهيءَ ڪري منهنجا سائين، اهي هندستاني ماڻهن کي راضي ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪن ٿا، نه ته، جيڪر سڄو ملڪ اسان جي خلاف ٿي بيهي ۽ اسان کي حقارت ۽ نا اميديءَ جي شئي سمجهي ٻاهر نه ڦٽو ڪري ڇڏين. اسان کي اڃا انهيءَ وقت جو انتظار ڪرڻ گهرجي، جڏهن اسان کي هندستان جي ڪروڙين ماڻهن جي احساسن ۽ غلط فهمين کي لتاڙڻ جي سگهه ملي وڃي، جيڪي اسان جي سلطنت ۾ رهن ٿا.

خير جيڪي هوندو انهيءَ کي ڏٺو ويندو. منهنجي

بدقسمتي تہ ڏسو جو مون کي اها خبر ئي ڪانہ پيئي تہ مون تي ڪهڙي مصيبت اچڻي آهي. نئون مهينن تائين مون کي ڪل ئي ڪانہ پئي ڇا پئي وهيو ۽ واپريو. انهيءَ دؤر ۾ اعتدال اندر رهندي ۽ پگهار جيترو خرچ ڪندي، مون ڏنو تہ مون پنهنجي بچت جا بہ هزار روپيا ڪپائي ڇڏيا هئا. پر اها ڪهڙي فضيلت آهي جو تہ آءٌ ڪجهہ وڌيڪ چوڻ ئي نٿو نٿو گهران، جو سندن معاملي تي نئين سر روشني وجهي يا سندن فائدي ۾ هڪ نئين قسم جو دليل ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ جنهن وقت بدقسمت ٽالپرن سان ٽيل عهدنامو ٽوڙيو ويو هو، ان وقت آءٌ آٽي هوس ئي ڪونہ ۽ نہ وري مون ۾ ڪا ايڏي سگهہ آهي، جو سرڪاري بلوبڪ جي سيني غلطين جي ويهي هڪ فهرست ناهيان. پر آءٌ فقط انهيءَ چوڻ تي ڪفايت ڪندس تہ اتر سنڌ ۾ ميرن سان اسان جي ٽيل ڏي وٺ ۽ هلت، مير عليمراد خان کان سواءِ ، ٻين سنيي ميرن کي اسان جي خلاف ڪري ڇڏيو هو. وري وري چوڻ جي ڪري ماڻهو مون تي پلي ڦٽڪار وجهن، پر آءٌ انهيءَ چوڻ کان نہ گسندس تہ جيتوڻيڪ عهدنامي ۾ ٽيل شرط موجب سنڌو درياهہ جي ٻنهي ڪپن تي نهيل قعلن تي مير رستم‌خان جو حق قبول ڪيو ويو هو، پر ان هوندي بہ اسان نگي ڪري بکر جي قلعي تي بہ قبضو ڪري ان کي پنهنجي تصرف ۾ آڻي ڇڏيو. آءٌ اهو بہ دهرائيندس تہ اسان مڪر ڪري انهن کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ ڏَن وصول ڪرڻ جا حق اسان شجاع کان خريد ڪري ورتا هئا، ۽ پوءِ مٿن زور رکيو تہ ٢٨ لک (ٻہ لک اسي هزار پائونڊ پري ڏين. اهو اسان جي منهن تي نٿي پيو، ڇاڪاڻ تہ دوست‌محمد خان انهيءَ وقت ڪابل جو بادشاهہ ئي ڪونہ هو. جيڪڏهن دوست‌محمد خان اسان جي چال ۾ اچي وڃي ها، تہ اسين ضرور ڪيس افغانستان جو بادشاهہ تسليم ڪريون ها، پر دوست محمد خان بہ تہ ڪڏهن بہ سنڌ کان ڏَن ڪونہ اڳاڙيو

هو. ٻلوبڪ مان اهو به ظاهر آهي ته مير مبارڪ خان ٽي ٢٨ لڪن جو مڙهيل مطالبو، ٽن سالن تائين انهيءَ خيال سان ڊيگهه ۾ رکيو ويو، ته جيئن مقرر ڪيل وقت تي، انهيءَ لاءِ مٿس زور آندو وڃي، جيتوڻيڪ انهيءَ عرصي اندر خيالي قرضي مير مبارڪ خان ۽ خيالي لهٽيدار دوست محمد خان ٻيئي فوت ٿي چڪا هئا. اسان جو پوليٽيڪل ايجنٽ مير رستم خان سان روهڙيءَ جي ڪاردار ۽ وزير فتح محمد بابت ڪهڙيءَ طرح پيش آيو هو؟ اسان کي اهو به نه وسارڻ گهرجي ته بي ايمان ۽ چالاڪ منشين جي لوڻ، سنڌو نديءَ جي هڪ طرف محمد شريف جي ته ٻئي طرف مير عليمراد خان جي پٽيرائي ٿي ڪئي.

اچو ته هاڻي انهن واهيات بيانن جي سچائيءَ جو جائزو وٺون جي ٻلو بڪ ۾ ڏنل آهن. جهڙوڪ صفحي ٢٨١ ۾ ڏنل آهي ته فتح محمد خان ننڍي هوندي کان وٺي مير رستم خان جو ٻانهو هو، پر حقيقت ائين ڪانه آهي ڇاڪاڻ ته هو هڪ وڏي خاندان مان هو ۽ اڌ وهيءَ ۾ بهاولپور کان سنڌ ۾ آيو هو. ازانسواءِ جيڪي به منشي مير سان لڪپڙهه يا ٻئي وهنوار ۾ لڳايل هئا، سي گهڻو ڪري مير هٿان غداريءَ يا رشوت ۾ سزائون ڪائي چڪا هئا. وري ڪاغذن جو هيءُ حال هو جو هڪ خط مير نصيرخان حيدرآباد واري جو هڪ پرڏيهي دربار ڏانهن لکيل ٻڌايو ٿي ويو. جيتوڻيڪ اهو ڇڙتو هٿنات هو، پر اسان انهيءَ کي سورهن آنا سچ سمجهيو، خاص انهيءَ مطلب لاءِ ته اهو مير جي خلاف استعمال ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح اسان اهڙا ڪئين ڪاغذ ڏيهي ايجنسين جي معرفت مير جي خلاف پيش ڪيا، جن کي مير پنهنجو ڪيوئي ڪونه ٿي، پر ان هوندي به اسان انهن آفيسرن جي چوڻ تي، جن کي اها بولي ايندي ٿي ڪانه هئي، سچ سمجهيو ۽ انهيءَ کي ٻلو بڪ ۾ درج ڪري ڇڏيو.

ٻين ڳالهين کي ڇڏي جيڪڏهن رڳو بيبرگ ڏانهن لکيل

خط کي وٺجي، تڏهن به ڏسڻ ۾ ايندو ته اها شروع ۾ ئي هڪ جعلسازي آهي. انهيءَ لاءِ ٽي سبب آهن: هڪ ته ميرن اسان کي بيبرگ جي قبيلي جي ماڻهن کي جهلائڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ اهو ثابت ٿي ڪونه ٿيو ته منجهن ڪو ناهه ٿي ويو هو. ٻيوته اسان جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ ميرن کي بگٽين هٿان سخت شڪست پهتي هئي، جنهن ۾ سندن هڪ وڏي سردار پانهن وڃائي هئي ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا سردار مارجي ويا هئا. ٽيون ته مير جبلي ٻروچن جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ بيبرگ جي بدران بجرخان ڊومڪيءَ کي خط لکن ها، جنهن جو بيبرگ تي به اثر هو ۽ اهو هو به ميرن واري ساڳئي طاقتور قبيلي (رند) جو سردار.

اسان کي اهو به ياد ڪرڻ گهرجي ته ميرن سان ٿيل سيئي عهدناما سندن انڪار ڪرڻ کان پوءِ ٿيل هئا، جنهن ۾ هنن صاف طور چيو هو ته ڪين انگريزن سان دوستي رکڻ جو ڪوبه خيال ڪو نه آهي. هڪ خودمختار ملڪ ۾ سندن حاڪمن جي خلاف لشڪر وٺي اچڻ، سندن اجازت کان سواءِ ٻيان مان ڪاٺ وڍڻ، محصول نه ڏيڻ، قلعن ۾ حفاظتي فوجون رکڻ ۽ اناج ۽ چوپايو مال خريد ڪرڻ، اهي سڀ ڳالهيون يورپ ۾ جيڪر بين الاقوامي قاعدي جي ڏني وائني پڇڪڙي تصور ڪئي وڃي. پر منهنجي خيال ۾ سنڌ جو معاملو انصاف لاءِ اهڙو ته ڪراهت جهڙو آهي، جو اهو ان کي هڙپ ئي نٿو ڪري سگهي.

هاڻي ڇا ٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته معاملو هاڻي زير ويچار آهي ئي ڪو نه. جيڪي ٿيو سو ٿي چڪو. وڏا مير سڀ مري چڪا آهن، ۽ سندن ملڪيتون يا ته وڪرو ٿي ويون آهن يا ورهائجي ويون آهن. انهيءَ کان سواءِ انگريزي عوام انهيءَ ڳالهه مان راضي آهي. "ٽائيمس" راضي آهي، ان ڪري پباڪ کي به خوش ٿيڻ گهرجي. پر ڇا آءٌ پڇي سگهان ٿو ته هندستاني به راضي آهن؟ ڇا هندستان جي ڪروڙين ماڻهن ۽ انهن مسلمان سردارن کي "ٽائيمس" جي لکيي جي پرواهه آهي،

ڇا آهي راضي آهن؟ هندستان جي ڪنهن بہ شهر مان ڏهہ سمجهو ماڻهو ڪڍو ۽ انهن کان اهو سوال پڇو. انهيءَ دير سان ملندڙ انصاف لاءِ اڃا بہ موقعو آهي. مثال طور، مير صوبدار خان جو معاملو وٺو. سڀيئي اختياريون وڃي ڏسو، ڪنهن بہ هڪ اکر سندس خلاف نہ لکيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل هجي تہ هي ماڻهو انگريزن جو دوست ڪو نہ هو. سندس فائدي ۾ وڏا جلد ويهي لکجن، سو هاڻي بيڪار آهي. بلو بڪ ۾ انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ هيئن لکيل آهي: "جڏهن بہ مير نصيرخان هڪڙو رستو ٿي اختيار ڪيو، تڏهن مير صوبدار خان انهيءَ جي برعڪس ٿي هليو ۽ ڪڏهن بہ اهڙو ڪم نٿي ڪيائين، جنهن مان انگريز سرڪار کي نقصان پهچي. مير صوبدار هميشه انگريز جو طرفدار ٿي رهيو، پوءِ بيءَ سڄيءَ دربار جو ڀلي ڪهڙو بہ رايو هجي."

صفحي ٢٦٥ تي لارڊ ايلنبرو جي خط موجب هيئن ڏيکاريل آهي تہ "مير صوبدار خان ٻين ميرن سان مجبوراً شامل ٿيو هوندو ۽ هو موقعي ڏسي هڪدم انهن کي ڇڏي ويندو." خير اهو ماڻهو، جنهن جي سڄي حياتي انگريزن تي مهربانين ڪندي گذري، هاڻي مري ويو آهي، مئو بہ وري انگريزن جي قيد ۾ آهي. سندس ماءُ ۽ سندس وڏو پٽ، جو هڪ وڏي مرتبي جو جوان هو، اهو بہ مري ويو آهي ۽ سوبہ دل ٽٽڻ سبب! سندس فقط هڪ پٽ وڃي رهيو آهي. ڇا اها رحم جي نظر نہ ڇئبي جو ان سردار کي سندس ملڪ ۾ واپس موڪليو وڃي، ڇاڪاڻ تہ اهو هڪڙو ئي شهزادو وڃي رهيو آهي، جو ٽالپر گهراڻي جي پاڻي وجهندڙ فتح علي خان جي اولاد مان آهي. ڇو نہ اهي علائقا ڪيس واپس ڪيا وڃن، جي سندس پيءُ جي هٿ ۾ هئا ۽ ائين ڪندي اسين ٻروچ قبيلن جي وفاداري حاصل ڪري سگهنداسين، جي مير صوبدار خان کي پنهنجي قوم جو سردار ڪري مڃين ٿا؛ انهيءَ خاندان جي پيرمردن ۽ ڪمزور ماڻهن

ڪي صوبدار خان جي پٽ سان سندن ملڪ واپس موڪليو وڃي، تہ جيئن اهي وڃي پنهنجا هڏڙا پنهنجي ملڪ جي مٽيءَ ۾ پورين. مير محمد خان مان پلا ڪهڙو خوف، هو هڪ چڱو ۽ آرام پسند ماڻهو آهي. ڪيس پنهنجي شڪار ۽ وندر کان سواءِ بيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ جو خيال ڪو نہ هوندو آهي. انهن مسڪين قيدين تي مهرباني ڪري ڪين پنهنجي ملڪ واپس موڪليو وڃي، تہ وڃي ڪمپنيءَ کي دعا ڪن، جنهن جي جوڙجڪ اسان لاءِ هندستان جي حڪومت مهيا ڪري ڏني آهي.

باب تيرهون

ڪتاب جي خاتمي تي سنڌ پاران اپيل- ميرن تي ڪيل زيادتين
جو وڏي صحرا ۾ پڙاڏو- سنڌ سان اسان جي تعلقات جي
مختصر تاريخ- انهيءَ جعلسازيءَ جو هاڻي ظاهر ٿيڻ، جنهن
جي ڪري ميرن رستم خان کي تخت تان لاٿو ويو-
ميرن سان جنگ ڪرڻ ۾ بي انصافي-

ميرن رستم جون تڪليفون ڏسڻ ۽ سندس موت- سندس وزير
فتح محمد جو قيد ٿيڻ- فتح محمد جو وري اسان جي
دوست بهاولپور جي خان جڻ وچ ۾ پوڻ ڪري آزاد
ٿيڻ- فتح محمد جو ملتان وٽ سکن کي شڪست
ڏيڻ ۽ مولراج باغي جي خلاف پهرين سوپ-

ميرن رستم خان جي وڏي پٽ محمد حسين کي ديس نيڪالي ۽
تڪليفون- ميرن شهداد کي پنج سال هڪ معمولي ڏوهاريءَ
وانگر قيد ڪرڻ- انهيءَ کان پوءِ مٿس تهمت مڙهيل ڏوهه
جو مقدمو هلائڻ ۽ سندس عزت سان بري ٿيڻ-
ميرن نصير خان، ميرصوبدار خان ۽ سندس وڏي پٽ
ميرن فتح علي خان جي وفات- ٻين ميرن تي ٿيل
زيادتيون- سنڌ جي اپٽ جي تفصيل کي ڏسندي،

سنڌ کي پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ ۾
انگريزن جو نامناسب قدم-

هيپ ورٿ ڊرڪسن سچ چيو آهي ته "والٽر اسڪاٽ کان پوءِ مئڪاولي تاريخ جي مضمون ۾ ڏاڍو سٺو ليکڪ آهي." اهو ساڳيو رمارڪ هڪ ٻئي ممتاز تاريخدان لاءِ به ڏيئي سگهجي ٿو، جنهن جي ڪتاب ۾ تمام سهڻائيءَ سان انهن مڪيه ڪردارن جو احوال ملي ٿو، جنهن بابت هُن ويهي لکيو آهي. جادوءَ جي ڏنڊي سان هُن سنڌ جي واريءَ ۽ اتي جي ٺهيل ڪچن ڪوٽن کي چُهيو آهي، پر هاڻي اتي هڪ نئين مخلوق اچي ويئي آهي. اهي مهربان پراڻا مير ۽ رئيس، جي سدائين اسان جو آڌرياءُ ڪندا هئا، مري ڪپي ويا آهن ۽ سندن جاءِ تي دوزخي ظالمن جي هڪ قوم اچي ويئي آهي، جي پنهنجي ٻارن کي شيطاني دشمنيءَ سبب قتل ڪيو ڇڏين ۽ پنهنجن بيوس زالن کي پٽل جي ٺهيل چهڪ سان سزا ٿا ڏين، ۽ پنهنجيءَ رعيت کي انهيءَ ڪُڙيءَ هيٺان لتاڙيندا رهن ٿا، جا ظلم جي هٿيارن سان سجايل آهي. اسين به هاڻي انهن پُوتن ۾ سمائجي ويا آهيون، جي چوڌاري ٻيا ڏسجن ۽ انهن نظارن کي ياد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا آهيون، جي اڳي گهڻو ڪري عام جام پسبا هئا. ڇا هيءُ اهو ساڳيو ملڪ نه آهي، جتان اسين اڪيلا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻن گهوڙيسوارن سان سفر ڪندا رهندا هئاسين! پر هاڻي ته ڳالهه ئي ٻي آهي. مياڻيءَ جو هيرو هاڻي انهيءَ جُوءِ مان لنگهڻ بيوقوفي ٿو سمجهي، جتان هو گهڻو ڪري پنجاهه سوارن جي حفاظتي جتي سان گذرندو هو. ڇا هي اُهي رئيس نه آهن، جن سان اسان دائمي دوستيءَ جو سُنهن ڪنيو هو. ڇا هي اُهي ڪونه آهن، جن کان اسان سختيءَ جي وقت، سدائين مدد پئي گهري آهي؟ پر هاڻي ڇو ويهي پنهنجو قيمتي وقت انهن بيسود ڳالهين ۾ لڳائجي، ڇاڪاڻ ته انهن

جو معاملو ئي ڪمزور هو، انڪري ڇو ويهي پٽاڙ ڪجي!
اسين اهو اعتبار ئي نٿا ڪري سگهون تہ ماڻيٽو، اونهو سوچيندڙ
۽ ڪرستان انگريزي عوام، انهيءَ بيجا سزا تي (جا ميرن کي
ڏني ويئي هئي) خوش ٿيندو ۽ حقيقتن کي وساري ڇڏيندو،
يا ٿورن سالن جي گذرڻ کان پوءِ جيڪا نسوري بي انصافي،
قُـر ۽ قتلام سنڌ جي جنگ ۾ ٿيو آهي، تنهن کي وساري
ڇڏيو ويندو. پر سچيءَ دورانديشيءَ اهي حقيقترن آڻي ڪڍيون
آهن، جن کي ڪنهن بہ حالت ۾ پاسيرو نٿو رکي سگهجي.
آهي آسٽرين ماڻهو، جن جو رت هنگريءَ جي ماڻهن مٿان ٿيل
ظلمن تي ٿهڪي ٿو، تن کي جيڪر هتي اچي ڏسڻ گهرجي
تہ ڪهڙيون نہ زبردستيون ۽ ظلم انگريزن پاران هڪ آزاد قوم
جي مٿان ڪيا ويا آهن. ائين ٿي نٿو سگهي تہ اهي ماڻهو،
جي ٻين جي مصيبتن بابت خبرون ٻڌي تڪليف ۾ اچن، تن
کي ڪيئن هن ظلم جو احساس نہ ٿيندو! اهو هڪ تمام رحم
جوڳو معاملو آهي، جنهن جهڙو تڪليف ڏيندڙ ۽ ڏکار جو
معاملو ڪرستانن کو مشڪل ٻڌو هوندو. دياڪ يا ٻيا وحشي
قبيلا انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙي آهن.
ڇا اسين انهن کان بہ ويل آهيون، جو پنهنجن دوستن سان،
جن جي سنڀال جو اسان عهدنامن پٽيان عهدنامن ۾ ذمو کنيو
هو، تن سان ٿيل ظلم ۽ زبردستيءَ تي ڪو اعتراض جو هٿ
مٿي کڻون، يا زبان سان ڪجهہ چئون؟ انگلنڊ جا مَردؤ!
اوهان پنهنجي آزاديءَ جو دهل تہ وڄايو ٿا، پر انهن مردن
جو خيال نٿا ڪريو، جي پنهنجي آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ
مري ويا آهن. اهي ويچارا ڪنهن وقت اوهان جا دوست هئا.
ها، اوهان جا دوست، اوهان جا مهربان، جن جون اوهان تي
هر وقت نوازشون ٿينديون رهيون ٿي. آهي هاڻي هڪ ڏورانهين
ڏيهہ ۾ جلاوطن آهن ۽ انهن جي مٿان اوهان پگهاردار جيلر
مقرر ڪيا آهن. اهي، آهي ساڳيائي ماڻهو آڻو جن جي مهمانوازيءَ

۽ دوستيءَ جي اوهان کي هر وقت گهرج پوندي هئي. اي انگلنڊ جون عورتون! انهن شهزادن جي مائرن ۽ پيئرن بابت سوچيو، جن کان سندن سڀ زيور کسي، کين گهر ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ کين اهڙيءَ طرح بيوسيلو بنايو ويو، جو اهي بنان ڪنهن همدرد جي بڙديڪ جي جهنگ ۽ ان جي ڏهڻن ۾ رلنديون رهيون. اوهان جيڪڏهن نه پڌندؤ ته به پؤ ڪونه آهي، پر ائين نه سمجهو ته اوهان جي انهن زيادتين جي پين ماڻهن کي خبر ڪانه آهي. ڏورانهين آفريڪا ۾ ۽ ٻڻ وچ صحرا جي بريٽ ۾ به انهيءَ ظلم جو پڙاڏو آهي. ويجهو ٿي ڪنڊ ڏيو ته اوهان کي هڪ تازي آيل مسافر جي تصديق پڌايان، جو انهيءَ اجڙيل ديس جو دؤرو ڪري آيو آهي: ”بني وليد قبيلي جي سلطان جي اچڻ تي، جيڪا گالهه ٻولهه پئي هلي، سا بند ٿي ويئي. اهو سلطان حاج بن موسيٰ ايتانو هو، جو پنهنجي شاهوڪاريءَ ۽ طاقت جي ڪري مشهور آهي. هُو غدامش جي ڪيترن ئي با اثر قبيلن جو سردار آهي ۽ جيئن ته وڏيءَ عمر جو ماڻهو آهي، انڪري سندس نظر گهڻجي ويئي آهي. جڏهن منهنجي خبر پڌائين تڏهن ٿوري دير ماٺ ۾ رهي مون کي مخاطب ٿي چيائين: ’اي ڪرستان، سنڌ جي خبر اٿيئي؟‘ مون جواب ڏنو ته: ’هائو‘. انهيءَ تي هن پنهنجن ماڻهن ڏانهن منهن ڪري ڪجهه گالهايو، جو پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته هُن هيئن چيو: ’هيءُ ڪرستان مسلمانن جا سڀ ملڪ گڙڪائيندا وڃن.‘ پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چيائين ته: ’اوهان انگريزن اوڏانهن وڃي ڇو مسلمانن کي هڙپ ڪيو آهي. ڀانيان ٿو ته اوهان هتي به ايندؤ ته شڪ نه آهي!‘“ مون وراڻيو ته ”امير بيوقوف هئا ۽ هندستان ۾ انگريزن خلاف سازش ڪئي هئائون، پر سنڌ جي عام مسلمانن کي اهي ساڳيا حق ڏنا ويا آهن جي انگريزن کي آهن.“ ”اوهان ته ضرور ائين ئي چوندا پر اوهان ڇو ٿا ايڏو پري وڃي ماڻهن جا

ملڪ ڦريو.“ هن ورجائي چيو. مون جواب ڏنو تہ ”ترڪن بہ تہ ساڳي ڪار ڪئي آهي، اهي بہ تہ هن برپٽ ۾ آيا آهن.“ ”تڏهن اوهان بہ ترڪن جهڙائي ظالم ٿيڻ ٿا چاهيو؟“ هن ڪاوڙ مان چيو ۽ پوءِ مون کي تاڪيد ڪيائين تہ هاڻي انهيءَ معاملي تي وڌيڪ نہ ڳالهايان، جيڪي بہ اتي حاضر هئا تن پڻ بہ نہ ڪيڏي ۽ اها تڪليف ڏيندڙ ماڻ ڪجهہ وقت تائين جاري رهي.

اسان سنڌ کي فتح ڪري خاق ۾ پنهنجي لاءِ ڪهڙي نہ سهڻي راءِ قائم ڪئي آهي! انهيءَ ۾ هاڻي ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ انهيءَ بدقسمت ملڪ تي ٿيل ظلم ۽ زبردستين جي جڏهن ايتري ڏورانهين برپٽ ۾ بہ خبر آهي، تڏهن انگريزن جي هندستاني رعيت تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو هوندو؟ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو مثال وٺو جنهن سچ مان ڪوڙ نہ ڏٺو آهي ۽ جو هندستان جي ماڻهن کي سچائي ٿو: ساڳي وقت هُن انهن ماڻهن سان پاڻرن وانگر رستو رکي ڳالهايو آهي: اهڙي ماڻهوءَ جو چوڻ آهي تہ انهن جون دليون وڏائيءَ ۽ غرور کان خالي آهن، ۽ ساڻن ٿيل زيادتين کي ڏڪار ۽ بوساڻيل ڪاوڙ جي آگر سان پٿر جي ڦرهيءَ تي لکيو ويو آهي. بهاولپور جي خان، جنهن کي سنڌ جي فاتح ۽ گورنر جنرل سنڌ جي مال غنيمت مان ڪجهہ حصو بہ ڏياريو هو، تنهن انهيءَ ماڻهوءَ کي پئسا ڏيئي انگريزن کان آزاد ڪرايو، جنهن کي انگريزن تمام گهڻو ستايو هو. پر اهي آهن رڳو ڳالهيون، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انهيءَ معاملي کي چڱيءَ طرح ڏسڻو آهي، تہ پوءِ سنڌ جي تاريخ بابت بہ ڪجهہ چوڻو پوندو. سچ جو جيڪڏهن ذرو بہ ظاهر ڪجي يا حقيقتون ميدان ۾ آڻجن، تہ پوءِ اهي انهيءَ ڪوڙي داستان کي ختم ڪري ڇڏينديون، جيڪو وڏاءُ ڪري دنيا کي ٻڌايو ويو آهي.

عموماً هڪ ڪوڙو دليل اهو ڏنو ويندو آهي تہ ٽالپر

غاصب هئا، انڪري انگريز ڪانئن حڪومت ڪسڻ ۾ حق بجانب آهن، ڇاڪاڻ ته انهن به 'جيڪو ڏاڍو سو گابو' واري اصول تي هلي زبردستيءَ حڪومت هٿ ڪئي هئي. انهيءَ دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته ٽالپرن سنڌ ڪيئن هٿ ڪئي هئي: ١٧٧٤ع ۾ سنڌ جي حاڪم سرفراز خان ڪلهوڙي ٽالپرن جي چڪي مڙس ۽ سنڌ جي مشهور رئيس بهرام خان کي سندس پٽ سميت مارائي ڇڏيو. انهيءَ ڪڏي ڪم ڪري ظالم کي نيٺ تخت ڇڏڻو پيو، پر سندس جاءنشين غلام نبي ڪلهوڙي انهيءَ واقعي جو ڪوبه خيال نه ڪندي، شهيد ٿيل بلوچ رئيس جي باقي رهيل پٽ کي به قتل ڪرائي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو جنگ لڳي جنهن ۾ غلام نبي ڪلهوڙي هاريو ۽ مارجي ويو. فاتح بلوچ بجر خان جيڪڏهن چاهي ها ته ان وقت سنڌ سندس هئي، پر فراخدليءَ کان ڪم وٺندي هُن مارجي ويل ظالم جي ڀاءُ عبدالنبي ڪلهوڙي کي سنڌ جو حاڪم تسليم ڪيو، ۽ مندس اطاعت ڪئي. آزمودي مان ڪلهوڙن پرايوئي ڪونه، انڪري عبدالنبيءَ به بيوقوفي ڪري پنهنجي محسن بجر خان کي قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ قهري ڪارنامي ڪري سڄي سنڌ، انهيءَ دغاباز ظالم جي خلاف اٿي ڪڙي ٿي ۽ ڪيس سندس حڪومت مان ڊوڙائي ٻاهر ڪڍيو ويو. انهيءَ کان پوءِ سنڌ جي حڪومت ٽالپرن کي ملي جن کي سنڌ جي سيني ماڻهن پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو. انهيءَ ڳالهه جي تصديق اسان کي انهن ماڻهن جي بيانن مان ملي ٿي، جن سنڌ جو ڏورو ڪيو هو. ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ ملڪ ۾ آسودگي ۽ خوشحالي وڌي ويئي هئي. ميجو رينيل جي تصديق آهي ته ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنڌن حاڪمن جي ظلمن سبب ڪيترائي سنڌي گهراڻا لڏي، ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويا هئا. هاڻي انهيءَ بيان کي ميرن جي صاحبيءَ هيٺ حالتن سان ڀيڻيو. مسٽر هيڊل بمبئي سرڪار کي جيڪا

رپورٽ لکي هئي، انهيءَ ۾ ٻڌائي ٿو تہ ”سنڌ جا واپاري چُست ۽ چالاڪ آهن ۽ سندن پوري حفاظت ڪئي وڃي ٿي. ڊلون جيتوڻيڪ مٿن گريون مڙهيل آهن، پر ايتريون نہ جو هڪ پرڏيهي واپاري پنهنجو ملڪ ڇڏي سندن حڪومت ۾ نہ رهي سگهي. جيڪڏهن سنڌوءَ جي فرات سان پيٽ ڪئي وڃي، تڏهن بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنڌ، فرات جي وادي‌ءَ کان وڌيڪ تهذيب يافتہ آهي. حڪومت سخت آهي، پر ان هوندي بہ انهيءَ ۾ سهڻو انتظام آهي ۽ عام ماڻهن جو خيال رکيو وڃي ٿو. ٽالپرن کي پنهنجي مفاد جو برابر وڌيڪ خيال آهي پر ايڏو نہ، جو واپار ۽ پوڪ تباهہ ٿي وڃي. سنڌي ماڻهو فهميدا ۽ فرمانبردار آهن ۽ قانون جو احترام ڪيو وڃي ٿو.“

مسٽر ايلفنسٽن جو چوڻ آهي تہ ”ٽالپرن کي شروعات کان وٺي افغانن جي حملن خلاف جدوجهد ڪرڻي پيئي، جن مان هڪڙي مدد خان سڄي ملڪ کي اهڙي‌ءَ طرح اُجڙ ڪري ڇڏيو جو ٽيهن سالن گذرڻ کان پوءِ بہ اڃا نہ سڌريو آهي. انهيءَ هوندي بہ ميرن وڏي‌ءَ ڪاميابي‌ءَ سان دشمن کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو، ۽ ماڻهن ۾ پنهنجي لاءِ ويساهہ جو جذبو پيدا ڪيو. حيدرآباد جو شهر بہ سندن دؤر ۾ وڌيو ۽ ويجهيو، اهڙي‌ءَ طرح جو ٿوري وقت ۾ اهو هڪ ڳٽيل ۽ شاهوڪار شهر بنجي پيو. اها هڪ ڪليل حقيقت آهي تہ جنهن وقت افغانستان ۾ قتل ۽ ظلم جي بازار گرم هئي ۽ هندستان ۾ اسان جي پنهنجن علائقن ۾ خونريزي ۽ فساد جاري هئا، ان وقت سنڌ ۾ صلح ۽ سانت هئي. ميرن تي بهتان مڙهيندڙ ماڻهن کي اها ڳالهہ نہ وسارڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ميرن انصاف پسند ۽ هر دلعزيز نہ هجن ها، (جهڙي‌ءَ طرح سمجهيو وڃي ٿو) تہ پو هو ست سال انهيءَ ملڪ تي ڪيئن حڪومت ڪري سگهن ها. عجب تہ وري انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ انهيءَ سڄي دؤر ۾ سندن خلاف ڪوبہ بلوو يا فساد وغيره نہ ٿيو، ۽ نہ وري

هو ڪي پاڻ ۾ ئي وڙهيا. بهتان مڙهيندڙن ڪي اهو به جواب ڏيڻ گهرجي، ته سنڌ جي ماڻهن پنهنجي حاڪمن ڪي "چاريار" جو لقب ڇو ڏنو هو؟"

هاڻي اچو ته اسين سنڌ سان پنهنجي ناتي جي تاريخ تي ڪجهه غور ڪريون، جنهن جي شروعات ١٨٠٧ ۾ ٿي. هي اهوئي سال هو جنهن ۾ اسان جو هڪ ايلچي بمبئيءَ مان اچي سنڌ جي حاڪمن مير غلام علي ۽ مير ڪرم عليءَ سان مليو هو. اڄا انهن سان عهدنامو مس ٿيو هو، ته بي اعتباريءَ ۽ بي اصولي سبب، جا گهڻو ڪري هر وقت اسان جي ميرن سان تعلقات ۾ رهي آهي، اسان هڪ ٻي سفارت ڏانهن ١٨٠٩ع ۾ ڏياري موڪلي، ته اڳ ٿيل عهدنامي کي رد ڪيو وڃي. مسٽر هينڪي سمٿ، جنهن جي سرڪردگيءَ ۾ اها سفارت موڪلي ويئي هئي، تنهن کي هدايتون ڏنيون ويون ته اڳيون عهدنامو ختم ڪيو وڃي، ۽ ميرن کان انجام ورتو وڃي ته هو فرينچن کي سنڌ ۾ قدم جمائڻ نه ڏيندا. ساڳئي وقت انگريزن ۽ سنڌ جي حڪومت جي نظام بابت موزون مرتبا به مقرر ڪيا وڃن. اهو ڪهڙو نه عجيب ۽ بدسوڻ فقرو هو! جيڪڏهن هن معاملي کي ڪو اوپٽو ماڻهو پڙهندو ته اهو ضروري آهي، ته هو ٽوڪ خاطر اسان تي چڙ ڪري، ڇاڪاڻ ته جنهن وقت اسان پنهنجو سفير سنڌ ۾ دوستيءَ ۽ سڻي وهنوار خاطر موڪلي رهيا هئاسين، عين انهيءَ وقت اسان جو ڪابل وارو سفير گورنر جنرل کي اها صلاح ڏيئي رهيو هو ته سنڌ ملڪ کي هٿ ڪيو وڃي، ۽ ان جي آپت جو ڪجهه حصو سندس ازلي دشمن کي ڏيئي، ان کي برطانيه حڪومت جي علائقن سان ملايو وڃي. پانڌجي ٿوته اسان جي لائق ڪارڪن شايد انهيءَ خيال کان ته، مير اسان جي دشمنن (فرينچن) سان ملت ۾ آهن، يا ساڻن ڪو معاهدو ڪرڻ ۾ آهن، اها صلاح ڏياري موڪلي هئي.

لارڊ منٽو وڏي شان ۽ خيرخواهيءَ جي جذبي سان، جا

هڪ انگريز حاڪم کي سونهي، اها تجويز رد ڪري ڇڏي. هن نہ فقط ڪين خودمختار حاڪم ڪري مڃيو، پر ان سان گڏ انهيءَ دعويٰ کي باطل قرار ڏنو، جا اسان ميرن خلاف رٿي هئي تہ افغان بادشاهہ کي ڏينڌڙ ڏن هو انگريز کي ڀري ڏين. انهيءَ سفير ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ مڃيائين تہ هن جنهن غير سياسي ۽ بيواجب قدم لاءِ صلاح ڏني هئي اهو غلط خبرن جو نتيجو هو. پر ان هوندي بہ ميرن اسان جي باري ۾ جيڪو شڪ پنهنجي دل ۾ رکيو ويٺا هئا، اهو شڪ اسين ١٨١٦ع ۾ ڪڇيءَ تي حملي ڪرڻ سان بہ دور نہ ڪري سگهياسين، جيتوڻيڪ اسان انهيءَ تي سن ١٨١٩ع ۾ قبضو ڪري ورتو هو. اهو علائقو سنڌ سان لاڳو هو ۽ ڪنهن وقت غلام شاهہ ڪلهوڙي جي حڪومت جو حصو هو. ڪڇيءَ جي فتح کان پوءِ اسان ١٨٢٠ع ۾ ميرن سان نئين سر عهدنامو ڪيو. جنهن موجب اسان انهن سان سدائين لاءِ صلح ۾ رهڻ جو انجام ڪيو يعني تہ اوستائين، جيسين اسان کي پنهنجي دوستن جي ملڪ ڦهاڙڻ ۽ ڪين بند ڪري جيل موڪلڻ جو موقعو ملي. ١٨٢٨ع ۾ ميرن هڪ اهڙي آفيسر کي پاڻ وٽ دعوت ڏيئي گهرايو، جنهن جي ڪين سخت ضرورت هئي يعني تہ هڪ طبيب. خوشقسمتيءَ سان انهيءَ آفيسر جي دل ۾ ميرن لاءِ ڪو بہ بغض وغيره ڪونہ هو. پنهنجي سٺي طبيعت ۽ چڱن ڪمن جي ڪري هو ميرن ۾ اسان جي ماڻهن لاءِ چڱو رايو پيدا ڪري سگهيو، نہ تہ اهي اسان کي ڏاڍو خراب سمجهندا هئا، انهيءَ طبيب جي تصديق انهن سيني بهتانن کي رد ڪيو ڇڏي جي اسان ميرن خلاف مڙهي ڪين تخت تان لاٿو آهي. "سنڌ جي فتح" پڙهڻ سان اسان کي معلوم ٿو ٿئي، تہ ميرن هروقت ڪنهن نہ ڪنهن نشي ۾ ٻڏل هوندا هئا پر هن طبيب جو بيان جو وڻن مهينن جا مهينا رهيو هو، پڙهڻ سان ماڻهو اچرج ۾ پئجيو وڃي. سندس چوڻ آهي تہ "ميرن ۾ آهو

عيش عشرت بلڪل گهٽ آهي جو ٻين مسلمان بادشاهن ۽ شهزادن ۾ ڏٺو وڃي ٿو. مير مراد علي خان هڪ دفعي مون ڪان ڏاڙهونءَ جي استعمال بابت پڇيو جو مون غلطيءَ سان دارون (يعني شراب) سمجهيو. مون ڪي ان ڪري انهن سڀني شين جي خاصيتن بابت ٻڌائڻو پيو جيڪي وقتي قوت يا جوش پيدا ڪندڙ آهن ۽ جڏهن دارون (شراب) بابت ڪجهه چوڻ وارو هوس، تڏهن هن وچ ۾ روڪي مون کي هدايت ڪئي ته هڪ سچي مسلمان اڳيان مذهبي طور منع ٿيل انگورن جي رس جو نالو نه وٺان. مون ڪي ٻوءِ خبر پيئي ته مير صاحب جو مطلب ڏاڙهون ڪائڻ جو هو. اهو جيتوڻيڪ هڪ وڏي ميڙ ۾ ڏيکاءَ جو طريقو ٿي سگهي ٿو پر مير ڪنهن نشي ڏيندڙ شراب يا ٻوٽيءَ کي استعمال ڪرڻ کان هميشه پرهيز ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو نشي جي حالت ۾ سندن اڳيان ايندو هو ته ان جي بيعزتي ڪري ڪيس ٻاهر ڪڍائي ڇڏيندا هئا. بهادر خان ڪوڪر جو مثال وٺو، جو مير مراد علي خان جي نوڪريءَ ۾ هڪ وڏ-گهراڻو ٻروچ سردار هو. پر ان هوندي به هڪ دفعي شراب پي آيو هو، ان ڪري ڪيس نوڪريءَ تان گهٽي وقت لاءِ معطل ڪيو ويو. مير، عرق جي صورت ۾ يا اسپرٽ ملايل دوائن جي پيئڻ کان به پرهيز ڪندا هئا. سندن دربار ۾ اوهان کي حقو به ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندو، ۽ نه وري سندن خاندان جي ماڻهن ۾ ڪا آفيم وٺڻ جي عادت آهي." ميرن جي وزير يعني ته رازدار صلاحڪار بابت به ساڳيو ليکڪ هيئن ٿو چوي ته "هونئن به نواب ولي محمد خان لغاري بابت سندس فهميدي ڳالهائڻ ۽ پنهنجن ٻارن سان پيار ڪرڻ جو مون تي سٺو خيال ويٺل هو، پر هڪ ڏينهن جيئن آءٌ (بيماريءَ سبب) بيهوش پيو هوس، تيئن هن منهنجي بستري جو پاسو نه ڇڏيو. هوش ۾ اچڻ وقت جيڪا پهرين شيءِ مون کي نظر آئي، اهو هو عزت ماب پيرمرد، جو گوڏن ڀر ويهي مون لاءِ دعا گهري رهيو هو. اهڙو هڏ ڏوکي

ماڻهو سيڪنهن پاڪ صفت ۽ تعليم يافته قوم لاءِ بهترين مثال ٿي سگهي ٿو.” ڊاڪٽر برنس جو وڏيڪ چوڻ آهي ته ”مذهب جي معاملي ۾ به مير ۽ سندن خاندان جا ماڻهو ڏاڍا پابند هئا، چاڪاڻ ته مون پاڻ انهن مان ڪيترن کي دربار ۾ نماز پڙهندي ڏٺو هو.”

ڊاڪٽر برنس جي حيدرآباد ۾ اچڻ کان پوءِ اسان جي سنڌ سان لاڳاپي ۾ ڪا نئين ڦير گهير ڪانه آئي، تان جو ١٨٣١ع ۾ سر اليگزينڊر برنس (جو ان وقت هو) سنڌ ۾ وارد ٿيو. ڪيس انهيءَ مهم ۾ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه لاءِ سوڪڙيون وغيره ڪٽي وڃڻ جي ڪم سونپيو ويو هو، پر حقيقت ۾ ڪيس مخفي هدايتون هيون ته هو سنڌو نديءَ جي وهڪري بابت جاسوسي ڪري. ميرن ڏاڍين ماڻهن کي پنهنجي ملڪ کان ٻاهر رکڻ ۾ سدائين هوشياريءَ ۽ احتياط کان ڪم ورتو آهي. جڏهن اسان جي سفير هڪ سنڌي سپاهيءَ کي ٻڌايو ته ته هو بنان هٿيارن جي آيو آهي، ان هوندي به خبر اٿو ته هن ڪهڙو جواب ڏنو؟ هن چالاڪ نهايت ڦڙتيءَ سان رڙ ڪري چيو: ”بچڙائي ٿي چڪي. چاڪاڻ ته تو اسان جو ملڪ ڏسي ڇڏيو.” اليگزينڊر برنس جيئن ئي درياهه ۾ مٿيرو وڌيو، تيئن هڪ سنڌيءَ پنهنجي دوست ڏانهن منهن ڪري چيو ته ”افسوس سنڌ ويئي. جيئن ته انگريزن درياهه ڏسي ڇڏيو آهي، انڪري اهي سنڌ کي فتح ڪري ويندا.” ميرن کي سڄي خبر هئي ته اسان سندن ملڪ ۾ ڇو گهڙيا هئاسين، پر ان هوندي به هو اسان جي سفير سان چڱيءَ طرح مليا، ۽ جيڪي به ڪانئن گهريو ٿي ويو، انهيءَ جي هنن ترت منظوري ڏيئي ٿي ڇڏي. خيرپور جو مير رستم خان اسان کي خوش رکڻ ۾ ته حد لنگهي ويو. هن پنهنجو خاص عملدار محمد گوهر اسان جي سفير جي آجيان اسي ميل هيٺتي ڏياري موڪليو، ۽ برطانيه سان پوري نيازمندي ڏيکاري. مير رستم‌خان جيڪي ماڻهو ڏياري موڪليا

هئا، سي پاڻ سان الاهي مال جهڙوڪ رڍون، اٽو، ميوو، مصالحو، ڪنڊ، گيهه، تماڪ ۽ وغيره ڪڍي آيا، اهو سڀڪجهه اسان جي ماڻهن مزي سان ويهي ڪاڏو ۽ موج ڪئي. رڍون ڪٽيون ويون، چانور ۽ گيهه ملائي سوادي طعام ناهيا ويا. مون کي پڪ آهي ته آءٌ ۽ مون سان گڏ اهي سڀئي ماڻهو، مير رستم خان جي انهيءَ احساس تي سندس ٿورائتا ٿياسين، ڇاڪاڻ ته اها ڪا هڪ ڏينهن جي ڳالهه ته ڪانه هئي. جيسن اسين سنڌ ۾ هئاسين يعني ته سڄا سارا ٽي هفتا اهو مير جو لنگر پئي هليو.”

ٿوري وقت کان پوءِ مير رستم‌خان جو وزير فتح محمد غوري اسان جي سفير جي حاضريءَ ۾ رهيو، جو هڪ خوش خلق ۽ سٺين عادتن وارو پير مرد هو. ليفٽننٽ برنس جو چوڻ آهي ته ”اسان جو تمام سهڻي نموني ۽ دوستيءَ جي ماحول ۾ آدرياءُ ڪيو ويو هو، ۽ وزير صاحب اسان جي پهچڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو، ڇاڪاڻ ته سندس مالڪ اسان جي اچڻ ۾ وڏي دلچسپي وٺي رهيو هو. هن جو خيال هو، ته برطانيه سرڪار سان دوستيءَ جو ناتو رکجي، انڪري هو انهن جي عيوضيءَ سان ملڻ لاءِ ڏاڍو آتو هو. هن ٻڌايو ته مير رستم خان پاڻ کي انگريزن جهڙي زبردست قوم سان برابريءَ ۾ ته نٿو آڻي سگهي، پر سندس اها خواهش آهي ڪيس سندن خير خواهن ۾ شمار ڪيو وڃي، ۽ هو هر وقت ۽ هر ڪا مدد ڏيڻ لاءِ تيار رهندو.” ليفٽيننٽ برنس پوءِ مير رستم خان سان وڃي خيرپور ۾ مليو انهيءَ ملاقات کي وڏي اچرج سان ڏٺو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي فتح ۾ انهيءَ ساڳئي امير کي هڪ پوڙهو موالي، نياڳو ۽ شرابي ڪري تصور ڪيو ويو آهي. هاڻي پڙهندڙ کي پاڻ انصاف ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ برنس جو ڪجهه لکيل احوال ٿو ڏيان: ”مير جي ڪردار ۽ گفتار ۾ اهڙو ته اعتدال هو، جو مان اعتبار ئي نٿي ڪري سگهيس، ته ڪو آءٌ هڪ بروچ جي دربار ۾ آهيان. هُن منهنجي جلدي آسهڻ تي ڏک

ظاهر ڪيو ڇاڪاڻ ته سندس خيال هو ته آءٌ آتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو رهندس. هن اسان کي پنهنجو سرڪاري غوراب استعمال ڪرڻ لاءِ ڇيو ۽ پنهنجي وزير جو پٽ ساڻ ڪري ڏنائين، ۽ پڻ اها به گذارش ڪيائين ته جيستائين اسين خيرپور جي حدن ۾ آهيون، تيسين هڪ بروچ سپاهيءَ (سندس) جي مهمان نوازي قبول ڪريون. آءٌ اهو چوڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، ته جيڪا مهمان نوازي هُن سادگيءَ سان اسان کي آڇي هئي، انهيءَ ۾ اٺ يا ڏهه ريون ۽ سيڪنهن قسم جو ڪاڏو، هڪ سؤ پنجاهه ماڻهن لاءِ روزانو مهيا ڪيو ويندو هو. خيرپور ۾ رهڻ وقت اسان کي روزانو به دفعا ٻاهتر رڪيبين ۾ طعام پهچايو ويندو هو. اسهڙ وقت مير ۽ سندس خاندان جي ماڻهن اسان کي به خنجر ۽ به تلوارون پڻ سوڌيون ڏياري موڪليون، جن تي سون جو تهه چڙهيل هو. انهن مان هڪڙي ترار جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ اسي پائونڊ هوندي. ارانسواءِ ڪيترائي ڪپڙا ۽ پڻ ريشم جا وڳا ۽ هڪ پٽئون هزار رپين جو به مون کي پيش ڪيو ويو، جو مون نه ورتو. ڪائنس اهو چئي معافي گهريم ته مون کي ڪي ڪين ڪپي، ۽ آءٌ هروقت سندس ڪيل مهربانيون ياد ڪندو رهندس."

برنس جي سفرنامي جي ٽئين جلد کي ورائڻ سان اسان کي مير رستم خان جي شاهاڻي، اخلاقي ۽ لياقت سان پريل سپاهيءَ جي تصديق ٿي ملي. اهو آفيسر جو مير رستم خان سان مليو ۽ سندس ڪردار کان چڱيءَ طرح واقف ٿيو، جنهن کي ڪابه لالچ وغيره ڪانه هئي، هاڻي انهيءَ ماڻهوءَ جو بيان، انهن ماڻهن جي بغض سان پريل ٿهمتن جي بلڪل ابتڙ نظر ٿو اچي، جي ڪڏهن به سنڌ ۾ ڪونه آيا هئا ۽ نه وري سندن نيت ڪا ميرن ڏانهن صاف هئي. انڪري سندن ارادو به بلڪل ظاهر ظهور پيو ڏسجي. انگريزن کي پنهنجي لڳي پيئي هئي، ڇاڪاڻ ته هنن کي هاڻي پڪ ٿي ويئي هئي ته سنڌونديءَ ۾

جهازراني ڪري سگهجي ٿي. ميرن جي وري هيءَ عادت هئي جو جيڪي به يورپي وڻن ويندا هئا، انهن کي هيرا ۽ جواهر تحفي طور پيش ڪندا هئا، نتيجو اهو نڪتو جو انگريزن کي پڪ ٿي ته هو شاهوڪار آهن. انهيءَ ڪري هنن ميرن سان گهري ٽيڻ جي ڪوشش ڪئي. ساڳئي وقت جيئن ته سندن گاديءَ جو هنڌ هڪ سولي هنڌ تي نهيل هو، انڪري هنن ساڻن گهاٽي دوستي رکڻ ضروري سمجهي ته جيئن هو پنهنجي حفاظت ڪندڙن جو خرچ به پري ڏين. ١٨٣٢ع ۽ ١٨٣٤ء جي عهدنامن جي عمل ۾ اچڻ ڪري اسان سنڌونديءَ ۾ جهازراني شروع ڪري ڏني. ميرن کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي ويئي ته هاڻي هڪ نئين دور جو آغاز ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ واپار جو پڪي پنهنجي سونهري ڪنڀڙاتين سان ڪين اٿيو ڏن مهيا ڪري ڏيندو. سڄي ملڪ ۾ شاهوڪاري ۽ ان سان گڏ تهذيب پڪڙجي ويندي، ۽ ميرن آرام سان انگريزن جي جهنڊي جي ڇانو ۾ موجون ڪندا رهندا. اهي هئا مستقبل جا سونهري خواب، جن جي تعبير لاءِ ميرن کي درياهه مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ تان به هٿ کڻڻو پيو. شڪ ۽ شبهي کي دور ڪرڻ لاءِ پنهي ڌرين پاڻ ۾ عهدنامو ڪيو ته پيڙهيون گذري وڃن، پر ڪابه ڌر ٻيءَ ڌر جي ملڪ يا ملڪيت تي خراب نظر نه وجهندي" هيءُ فقرو جيتوڻيڪ زباني طور پنهي ڌرين سان لاڳو هو پر ميرن تي خاص طور مڙهيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته ميرن جي فوج فقط ڪن ٿورن هزارن بيقاعدي سپاهين تي مشتمل هئي، انڪري سندن هندستان تي حملو ڪري ان کي فتح ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو. باقي رهي اسان حڪومت تنهن وٽ پنج لک باقاعدي فوج هئي، انڪري ڪين سنڌ فتح ڪرڻ جي رات ڏينهن جهوري لڳي پيئي هئي.

پر انهيءَ ڳالهه کي هاڻي ڪٿي ڇڏيو ۽ اچو انهيءَ ٽياڪڙ عهدنامي تي جو ڪابل جي اڳئين مسلمان بادشاهه،

لاهور جي سک حاڪم ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ ٿيو هوء انگريزن کي هندستان تي روس جي حملي جو ڏاڍو ڊپ هو، انڪري هنن ان کي ٽارڻ لاءِ افغانستان ۾ روس جي خلاف رڪاوٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ اسڪيم کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اهو ضروري هو ته سنڌ مان لنگهجي ۽ انهيءَ ملڪ مان فوجن جي چڙهڻ جو انتظام ڪجي. افغانستان ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ تي بادشاهه ٿاڦڻ لاءِ به اسان کي پئسن جي ضرورت هئي. اسان پنهنجن دوستن ميرن تي ڪنهن به ڪم لاءِ زور آڻي سگهياسين ٿي، ۽ جڏهن ته اسان کي وٽائڻ سيکجهه، ڪسڻ جي طاقت هئي ان ڪري جيڪڏهن اسان ڪائڻ فقط ڪجهه حصو ڦري ورتو ته پوءِ ڪهڙي اربع خطا ٿي پئي! اسان انهن کان هنن ڳالهين جا مطالبا ڪيا: اسان جي فوج جو بنان ڪنهن اٽڪاءَ جي سنڌ مان لنگهڻ، ايڏي وڏيءَ فوج کي رسد جو سامان مهيا ڪري ڏيڻ، هڪ وڏيءَ روڪڙي رقم ڏيڻ، ساليانو ڏن، فوجي نقطه نگاهه کان اهم جاين جو انگريزن جي حوالي ڪرڻ، سندن دربار ۾ دائمي طور پوليٽيڪل آفيسر جو هجڻ، انگريزن جي بادشاهي تسليم ڪرڻ جنهن موجب هنن پنهنجي خودمختياريءَ جا ڪي حق به اسان جي فائدي ۾ ڇڏي ڏنا، وغيره وغيره. انهن سڀني ڳالهين جي بدلي ۾ اسان ميرن کي ڏنو ڇا! سندن حفاظت ڪرڻ ۽ انهيءَ ڏن کان ڪين آجو ڪرڻ، جو هنن کي شاهه شجاع کي ڏيڻو هو. حالانڪه ١٨٠٩ع ڌاري اها هڪ تسليم ٿيل ڳالهه ٿي ويئي هئي ته افغانن جو سنڌ کان ڏن وٺڻ غير معروج ٿي چڪو هو ۽ اهو به صحيح آهي ته شاهه شجاع فوجون وٺي انهيءَ آڌار تي ميرن کان پئسن جي ڦر ڪئي هئي، ته هو اصل ڪان وٺي سندس ڏن ڏيندڙ آهن. انهيءَ وقت ميرن کان پئسن حاصل ڪرڻ جي معاملي ۾ هو اسان جي رحم ۽ ڪرم تو هو، ڇاڪاڻ ته ميرن ساڳئي وقت بادشاه جي صحيح ۽ مهر سان، قرآن تي لکيل

ٻه دستاويز پڻ پيش ڪيا، جن ۾ ڪانئن اڳتي لاءِ ڏن نه وٺڻ جو انجام ڪيل هو. اسان جي ايجنٽ جڏهن اهي ڪاغذ ڏٺا، تڏهن منجهي پيو ۽ ڪارپٽ کي بچائڻ خاطر هن اهي ٻيئي دستاويز دبائي ڇڏيا. اها هئي اسان جي ديانتداري!

برطانيا جي ڪردار جي سچائيءَ ۽ ديانتداريءَ جو پول مير رستم خان سان ڪيل هلت مان ئي پڌرو ٿي پيو. گورنرجنرل بڪر جي قلعي کي هٿ ڪرڻ لاءِ آتو هو، چاڪاڻ ته ان کي فوج جي ڊيپوءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ ڏس ۾ سر ڊبليو مئڪناگهٽن، سر الينگزينڊر برنس کي هيٺن لکيو هو: ”توکي خبر آهي ته گورنر جنرل بڪر جي قلعي کي وڏي اهميت ٿو ڏئي ۽ اوهان مير رستم خان کان پڇي پڌايو ته اهو قلعو انگريزن کي ڏيڻ ۾ سندس ڪهڙي راءِ آهي ۽ ڪڏهن ٿو اسان کي اجازت ڏئي ته اچي ان کي والاريون. آءٌ هي دستاويز توکي ڏياري ٿو موڪليان، جنهن تي گورنر جنرل جي صحيح ۽ مُهر آهي ته اسان کي فقط ٿوري وقت لاءِ انهيءَ قلعي کي والارڻو آهي. جيڪڏهن ضرورت پوي ته اهو ڪيس ڏيکاريندا.“ سر الينگزينڊر برنس وري جواب ۾ اها صلاح موڪلي ته جيئن ئي اهو قلعو اسان کي قرض طور ملي، ته فوراً ان تي قبضو ڪري ڇڏيون، چاڪاڻ ته عهدنامن ۾ فقط انهن علائقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جي درياهه جي ٻنهي ڪپن تي آهن ۽ جيئن ته ٻيٽن وغيره لاءِ لکيل کي ڪينهي، ان ڪري اسين انهيءَ کي قبائڻ ۾ حق بجانب رهنداسين. قبول ڪرڻو پوندو ته اهو هڪ بچڙو ارادو هو، جو هڪ ڪرستان سياستدان جي دماغ ۾ نه اچڻ ڪپندو هو. ڏسوته سهي ته هو مير رستم خان جي مهماننوازيءَ کي، جنهن جي باري ۾ هن گهڻو ڪي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، ۽ پڻ انهن تحفن کي جي هُن ڪيس ڏنا هئا، ڪيئن نه وساري ويٺو! هِن ڪتاب ۾ گهٽ جاءِ هئڻ ڪري انهن اٿوٽندڙ ياداشتن تي بحث نٿو ڪري سگهجي، يعني ته اهي ظاهر ظهور

اٽڪلون جي اسان سنڌ جي معاملي ۾ استعمال ڪيون هيون. اهو چوڻ ڪافي آهي ته قلعو اسان کي انهيءَ شرط سان حوالي ڪيو ويو، ته اهو واپس ڪيو ويندو. مير جي انهيءَ دوستيءَ جي ننگ نباهڻ جي ڪري وڏي جوش ۽ جذبي سان شڪرگذاري ڪئي ويئي ۽ پڻ انهيءَ کي موٽائي ڏيڻ جي طريقي ۽ تاريخ ٻڌائڻ کان به معافي ورتي ويئي، يعني ته ”جڏهن به اسان کي وڻي تڏهن واپس ڪريون!“ اسان جي منشا کي فوقيت ڏيڻ خاطر مير رستم خان اهڙي ته ڪوشش ڪئي جو اتر سنڌ جي پوليٽيڪل ايجنٽ سندس ساراهه ۾ هي اکر بيلو بڪ ۾ لکيا: ”مون سندس عزت پرئي ۽ پاڻمرادو اعلان تي سندس دل ۽ جان سان شڪرگذاري ڪئي. اهڙيءَ وفاداريءَ کان پوءِ ڪانئس پئسا گهرڻ يا مٿس ٻيو ڪم مڙهڻ غير موزون ٿو لڳي. مون کي، سندس سچي دوست هجڻ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. ڪمزوريءَ جي وقت تي آزمائش ۾ هن جيڪا ارادي جي قوت ڏيکاري تنهن جو جواب ئي ڪونهي.“

٢٤- ڊسمبر ١٨٣٨ع تي مير رستم خان سان هڪ عهدنامو ڪيو ويو، جنهن ۾ ڏهه فقرا هئا ۽ ١١- مارچ ١٧٣٩ع تي حيدرآباد جي ميرن سان گهٽيءَ ريڙهه پيڙهه کان پوءِ چوڏهن فقرن وارو ٻيو معاهدو پڻ ڪيو ويو. خيرپور جي عهدنامي ۾ هي شرط هئا:

١- ڌرين جي دائمي دوستي. ٢- برطانيا حفاظت جو ذمو کنيو. ٣- خيرپور جو انگريزن سان زيردست رياست جي حيثيت ۾ پائيچارو. ٤- پنهنجي مائٽ يا دوست کان سواءِ ڪنهن به ڌارئي ملڪ جي سربراه سان جهيڙي سان لکپڙهه نه ڪرڻ. ٥- ڌارئي ملڪ طئي ڪرڻ ۾ برطانيا کي امين مقرر ڪرڻ. ٦- جنگ جي وقت وٽ سارو فوجون مهيا ڪري ڏيڻ. ٧- مير رستم خان جي خلاف سندس خاندان جي ٻئي ڪنهن به ماڻهو

جي نہ ٻڌڻ. ٨- سنڌونديءَ تي واپار جي وڌائڻ ۾ ميررستم خان انگريزن کي مدد ڪندو. ٩- عيوضين يا ايلچين جي مٽا سٽا. ١٠- پنجيتاليهن ڏينهن اندر عهدنامي جي قبوليت ڏيڻ.

مان حيدرآباد جي عهدنامي تي وڃڻ يا انهن زيادتين تي بحث ڪرڻ، جي ميرن تي ڪيون ويون هيون، بابت هتي لکڻ ضروري نٿو سمجهان. جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو اسان جي خلاف بيانصافيءَ جي فتويٰ ڏئي تہ پوءِ اهو ضروري آهي تہ هو اها فتويٰ اسان جي خيرپور سان ڪنيل قدم تي ئي ڏيندو! سڄيءَ ڪاروائيءَ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿي ويندو تہ اسان جو حيدرآباد وارن ميرن سان ڪهڙو رويو رهيو آهي، پر انهيءَ کي ڇڏي، رڳو خيرپور جي عهدنامي ڏانهن ڏسنداسين، تہ اهو اسان کي تنقيد سان گڏ بلوبڪ جي صفحي ١٠٨ تي ڏسڻ ۾ ايندو. انهن رماڪن مان جيڪڏهن ميرن، فقرو ٨ ڏسي وٺن ها تہ پوءِ ڪين سڄيءَ گالهہ جي خبر پئجي وڃي ها، اسين ساڻن ڇا ڪرڻ وارا هئاسين: "منهنجو چوڻ آهي تہ اسان جي ايجنٽ محصول معاف ڪرائڻ ۾ خوفناڪ قدم ڪنيو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيسين اسين پنهنجو اثر سنڌ ۾ قائم ڪريون، تيسين محصول ڏيڻ ۾ اهو فائدو رهندو، تہ ميرن اسان جي ملڪيت جي حفاظت لاءِ ٻڌل رهندا. محصول معاف هئڻ جي ڪري هو اسان جي ملڪيت جي حفاظت لاءِ جوبدار نہ رهندا". هاڻي اهو رمارڪ اسان جي سنڌ ڏانهن اختيار ڪيل پاليسيءَ کي پڌرو ڪيو وڃي. اسان کان جيڪو بہ بيواجبي قدم ڪڍي سگهيو، سو اسان ڪنيو ۽ جتي بہ اسان کي بنان خوف جي ڪنهن شيءَ تي قبضي ڪرڻ جو موقعو ٿي مليو، انهيءَ تي اسان قبضو بہ ٿي ڪيو. تان جو سڄي سنڌ فتح ڪئي ويئي. اهڙن ڪمن کي اسين دوستيءَ جو ناٽو ڪري سڏيندا آهيون. هڪ طرف اسان قسم ڪنيو ۽ چيو تہ ميرن جي ملڪ مان ذرو بہ نہ ڪٽنداسين؛ ۽ ٻئي طرف وري اسان جو ايجنٽ گورنر جنرل کي صلاح ڏيئي

رهيو هو، تہ افغانستان تي حملي ڪرڻ بدران پهرين سنڌ ۾ اثر قائم ڪجي ۽ اتي جي حڪمران کي تڙي ٻاهر ڪڍجي. اهڙيءَ منافقيءَ جي صلاح ڪان تہ پوءِ سرچارلس نيپئر جو سنئون سڌو جرئت واروحملو بهتر سمجهڻ گهرجي، ۽ انهيءَ پڙدي ڪرڻ واري نظاري ڪان، اسان کي هاڻي اڳتي وڌڻ گهرجي. ميرن سان اسان جي لهه وچڙ جي وچ واري عرضي تي گهڻو ڪجهه لکجي چڪو آهي، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ راس بيل ۽ ڪئپٽن برائون جي سکر پهچڻ تائين حالتون سازگار هيون ۽ دوستانہ ماحول هو. اهي ٻئي ڄڻا پاڻ سان دهليءَ مان سازشي آفيسرن جي لوڌ وٺي آيا هئا، جن مان سٿي ۾ سٿي آفيسر حياتيءَ جو گهڻو حصو جيل ۾ گذاريو هو. انهن اچڻ سان ميرن رستم خان ۽ ٻين ميرن خلاف بد زباني اختيار ڪئي. فقط مير عليمراد خان جو نالو نٿي ورتائون، جو هڪ اهڙو ماڻهو هو، جنهن سان ڪوبہ يورپي جيڪر هڪ گهڙي بہ گالهائڻ پسند نہ ڪري ها. معاهدي جي فقري ۷ جي ڪليل پڇڪڙي ڪندي نہ فقط عليمراد خان جي گالهہ کي ٻڌو ٿي ويو، پر مير رستم خان خلاف سندس سيني دعوائن ۾ ڪيس مدد بہ ڪئي ويئي. دهليءَ جو هڪ آفيسر جنهن کي هٿ نات ۽ جعلسازيءَ سبب جيل جي سزا مليل هئي، تنهن کي مير عليمراد خان جو وزير ۽ سندس خفيہ صلاحڪار مقرر ڪيو ويو. پوءِ انهيءَ ڪوڙي سازشيءَ جي ۽ اسان جي پوليٽيڪل ايجنٽ جي منشيءَ جي، جيڪو پنهنجي بدمعاشين جي ڪري مشهور هو، روزانو لکپڙهہ ٿيندي رهي. انهيءَ ٽنگ جو ٻگهاردار قاصد پوليٽيڪل ايجنٽ جي ڪئمپ سان هروقت گڏ رهندو آيو، ۽ ان کي گهڻو ڪري سيني خفيہ ڪاغذن جا نقل ڏنا ويا. نہ فقط ايترو پر اصلي دستاويز ٽڳائي، اهي بہ ظاهر ظهور بنان ڪنهن حياءَ ۽ شرم جي مير عليمراد خان کي وڪيا ويا. هڪ اکر ۾ تہ عليمراد خان، جو هميشہ اسان کان پري رهندو هو، تنهن کي اسان سندس ظالم ۽ گندي سازش ۾ چاڙهہ ڏيئي ڇڏي، مير رستم خان

جي چڱائيءَ ۽ دوستيءَ، جنهن کي لارڊ اڪلنڊ بهاولپور جي نواب جي برابر ساراهيو هو، تنهن سان تمام خراب ۽ ڏڪار جوڳو ورتاءُ ڪيو. مير رستم خان پوليٽيڪل ايجنٽ طرفان انهيءَ بيعزتيءَ جو ڪليل طور اظهار ڪيو ۽ ڪيس دڙڪو ڏنائين تہ هو انهيءَ باري ۾ گورنر جنرل وٽ شڪايت ڪندو. جنهن تي اسان وارو ايجنٽ پاڻ وڌيڪ ڪاوڙيو ۽ سندس دشمن ٿي پيو. هاڻي جيڪڏهن اهو معاملو هڪ غير جانبدار ماڻهوءَ جي حيثيت سان ڏٺو وڃي، تہ ٻوءِ ڏسڻ ۾ ايندو تہ مير، ان وقت ڪهڙي نہ ڏکيءَ پوزيشن ۾ اچي چڪو هو. ڪيس خبر هئي تہ هو جيڪي بہ چوندو يا ڪندو انهيءَ کي تمام غلط نموني ۾ پيش ڪيو ويندو. سندس وزير جي، جنهن کي هو پاءُ ڪري سڏيندو هو، سر عام بيعزتي ڪئي ويئي، ۽ جيئن تہ اسان جو ايجنٽ بہ ڪليل طور سندس دشمن هو، ان ڪري ڪيس نهايت بيدرديءَ سان سندس اڳيان تڙائي ٻاهر ڪڍيو ويو. ڇا هر انهيءَ شخص کي جو پاڻ کي انگريز سڏائي ٿو، هڪ پيرمرد تي ٿيل ظلم ۽ ستم تي شرم نہ ايندو، خاص ڪري جنهن پيرمرد لاءِ خود گورنر جنرل ڪئين دفعا ساراهہ جا ڍُڪ ڀريا هجن! هي ڪهڙي قسم جو دوستاڻو ناتو آهي، جنهن ۾ ڪمزور ڌر کي طاقتور ڌر جي نوڪر جي چريائيءَ جي ريڇڪن پوري ڪرڻ ۽ بيعزتي سهڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو! انهيءَ ڏس ۾ بيلو بڪ ۾ درج ڪيل دستاويزن تي وڃڻ جو ضرورت ئي ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي پوليٽيڪل ايجنٽ کي نڪا ايندي هئي فارسي ۽ نہ وري سنڌي ٻولي. هو مير سان پنهنجي لکپڙهہ هڪ منشيءَ جي معرفت ڪندو هو، جنهن جي بيانن کي سچ سمجهڻ، اسان کي نٿو سونهي. مثال طور، بيلو بڪ ۾ ڏيکاريل آهي تہ مير رستم خان سندس دربار ۾ هڪ انگريز آفيسر جي مقرريءَ سبب ڏاڍو خوش ٿيو آهي. پر حقيقت ائين آهي ئي ڪانہ ڇاڪاڻ تہ هو اهڙي قدم جي بلڪل خلاف هو. وري صفحي

٢٧٣ تي چيل آهي تہ مير رستم‌خان جي انگريزن سان عهدنامي ڪرڻ وقت فتح محمد سخت مخالفت ڪئي هئي، پر مير رستم خان ڪيس درگذر ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ فتح محمد ننڍي هوندي کان وٺي سندس غلام رهيو. اهي بہ بيان مسٽر بيل جي ڏنل اهڙين ٻين غلط حقيقتن جا مثال آهن. جيڪڏهن اوهان کي سچي حقيقت معلوم ڪرڻي آهي، تہ پوءِ مسٽر برونيل جي سفرنامي جي صفحي ٧٣ کي ورائي ڏسو، جنهن ۾ انهيءَ ساڳئي فتح محمد بابت مفصل بيان ڏنل آهي.

انهيءَ ۾ صاف طور ٻڌايل آهي تہ فتح محمد ڀهريون ٽي شخص هو جنهن مير رستم خان جي پاران انگريزن سان لهہ وچڙ ۾ اچي، ساڻن عهدنامو ڪيو هو. هاڻي وري اچو ٻئي بيان تي، جنهن کي رد ڪرڻ لاءِ ميجر ايڊورڊس جو ڏنل بيان ڪافي ٿيندو. هو چوي ٿو تہ "فتح محمد غلام ڪو نہ هو پر بهاولپور جو وزير هو، ۽ ننڍي هوندي نہ پر وڏيءَ عمر ۾ سنڌ ۾ آيو هو." مون کي پوري اميد آهي تہ اهڙن ذليل ڪوڙن تي ڪو بہ انگريز اعتبار نہ ڪندو، ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ ڪم انهن منشين جا هئا جي مير عليمراد خان وٽ پگهاردار نوڪرن جي حيثيت ۾ رهندا هئا ۽ انهن جو ئي مسٽر بيل کي اهڙن بيانن لکائڻ ۾ هٿ هو.

نيٺ اهڙو وقت بہ آيو، جڏهن خيرپور جي ستايل ميرن کي آرام جي وٺي ملي. ٣١- جولاءِ ١٨٤١ع ۾ مسٽر راس بيل مري ويو، ۽ سندس جاءِ تي سنڌ ۾ انگريزي سياست جي نظرداري هڪ چڱي ۽ ڪارگر ماڻهوءَ ميجر آئوٽرام جي حوالي ڪئي ويئي. جيڪڏهن ڪيس پنهنجي عهدي تي قائم رکيو وڃي ها، تہ پوءِ سنڌ جا ميدان ڪڏهن بہ رت سان نہ رڱجن ها، ۽ اهي بہ واقعا جنهن ۾ سنڌ جي هزارن ماڻهن جو مياڻيءَ ۽ ڏيهي وٽ ڪوس ٿيو هو، سي ڪڏهن بہ عمل ۾ نہ اچن ها. ١٨٢١ع جي تباهہ ڪندڙ سال جي پڇاڙيءَ ۽ ١٨٢٢ع جي اڳيائيءَ ۾

جڏهن اسين افغانستان سان جنگ جهيڙي ۾ هئاسين، تڏهن سنڌ جا مير اسان سان سچائيءَ ۽ سئيءَ نيت سان شامل حال رهيا، ۽ دوستيءَ جي ناتي تي پورا بيٺل هئا. حيدرآباد واري مير نصيرخان جي خلاف شڪايت هئي، تہ هو اسان جي شڪارپور ڦٽائڻ جي خلاف هو، پر اتر سنڌ جي ميرن لاءِ ڪجهہ بہ نہ چيو ويو، ۽ نہ وري ڪا اهڙي شڪايت سياسي ڊائرين ۾ ملي ٿي. ان وقت هڪ نئون ائڪٽر اچي سين تي پرگهٽ ٿيو. ١٨٤٢ع جي ٦- تاريخ تي لارڊ ايلنبرو سنڌ جي پوليٽيڪل ايجنٽ کي پهريون خط موڪليو. سندس اچڻ کان اڳ جيڪي خطرناڪ واقعا ٿيا هئا، انهيءَ جو نئين گورنرجنرل جي هندستان جي رياستن جي باري ۾ اختيار ڪيل پاليسيءَ تي ڏاڍو اثر ٿيو، ڇاڪاڻ تہ هاڻي مير ڪيس شڪ ۽ سختيءَ جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳا. هن ميرن سان پنهنجي لکپڙه تن خطن سان شروع ڪئي، جي دڙڪن سان پريل هئا ۽ ان کان پوءِ پوليٽيڪل عملي کي گهٽايو ويو، مير رستم خان کي سخت تڪليف ڏني ويئي. هڪڙي اوڦٽو ماڻهوءَ جو، جنهن تي مير جو ڪو بہ ضابطو نہ هجي، هر وقت دربار ۾ رهڻ ۽ پڻ سندس معاملن ۾ دستندازي ڪرڻ ڪهڙو نہ خراب ڪم آهي. انهيءَ وچ ۾ ميجر آئوٽرام انهن خطن جي تحقيقات پئي ڪئي، جي ڪجهہ مهينا اڳ حيدرآباد جي مير نصيرخان ملتان جي ساوڻ مل کي، ۽ مير رستم خان شير سنگهہ کي لکيا هئا. اهي خط لاهور جي ريزيڊنٽ مسٽر ڪلارڪ کي چڪاس لاءِ موڪليا ويا، جنهن انهن جي سچي هجڻ ۾ شڪ ظاهر ڪيو. ميجر آئوٽرام تيسين يعني تہ ٢٤- مارچ ١٨٤٢ع جي رپورٽ ڏياري موڪلي، تہ اهي خط سازش جو نتيجو آهن، جي هائي ختم ٿي چڪيون آهن. پڙهندڙن کي نہ فقط اچرج ٿيندو پر ڪين صدمو پهچندو تہ اهي خط جن جي سچي هجڻ ۾ شڪ هو، ۽ جن جي ڪري ميرن کي ستايو ويو هو، سي ميجر آئوٽرام کي مير رستم خان جي

جاني دشمن ،مير عليمراد خان جي هٿان ملڻا هئا. هاڻي ته سڄو معاملو اهڙو ظاهر ٿي بيٺو آهي، جهروڪ منجهند جو سڄ نروار ٿي بيهندو آهي! عليمراد خان انهن خطن ۾ اهڙيءَ طرح جعلسازي ڪئي هئي، جهڙيءَ طرح سليمان شاهه ميجر آڏوڻرام جي ڪوڙي صحيح ۽ مُهر ٺاهي ورتي هئي. هن آفيسر جو چوڻ هو ته "مون کي پاڻ ميرن وٽ شڪايت ڪرڻي آهي، چو ته منهنجي صحيح ۽ مُهر جي پڻ جعلسازي ڪئي ويئي آهي. جنهن موجب ڏيکاريو ويو آهي ته اهي خط منهنجا لکيل آهن، ۽ انهن کي پيش ڪرڻ سان ڪين زمين ڏني ويندي." هاڻي ڪير اهڙين بيهودين خبرن تي اعتبار ڪندو، ته شير سنگهه ڏانهن لکيل خط فتح محمد جو هو، ۽ مير رستم خان ۾ وري ڪنهن جوڳه شڪ نه آهي، چاڪاڻ ته هو اسان جي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪڏهن به اهو خط نه موڪلي ها. روهڙيءَ کان وٺي بهاولپور تائين سڄو علائقو مير رستم خان ۽ مير نصير خان جي قبضي ۾ هو ۽ اهو اعتبار ۾ ئي نٿو اچي ته عليمراد خان، جنهن کي ڪابه اختياري نه هئي، انهن خطن کي وچ ۾ ڪيئن هٿ ڪري ورتو. اهو هڪ عجيب اتفاق آهي، ته جنهن وقت حيدرآباد جي مير نصير خان جو ٻيرگ کي لکيل خط پڪڙيو ويو، ٺيڪ ساڳئي وقت حيدرآباد جي اسسٽنٽ رپورٽ ڪئي ته قلات جي نصير خان به ساڳئي معاملي بابت انهيءَ رئيس کي خط لکيو هو. (ٻيلو ٻُڪ صفحو ٢٣١-٢٣٢). ساڳئي آفيسر رپورٽ ڪئي ته ڪئپٽن پريڊيءَ کي ٻڌايو ويو آهي، ته جيتوڻيڪ اهي خط ميرن ڏانهن منسوب ڪيا ويا آهن، پر مٿن ڪابه مهر وغيره نه آهي. انهن هلڪين رڪاوٽن ۽ متضاد ڳالهين مان وريو کي ڪين، چاڪاڻ ته گورنرجنرل انهن خطن جي آڌار تي هڪ نئون ۽ وڏيڪ سخت قدم کڻڻ وارو هو. هاڻي اچو ته انهن خطن جي سچائيءَ تي ڪي حقيقتون پيش ڪريون:

(١) اهي خط برطانيا سرڪار کي انهن ماڻهن وٽان ملڻا،

جي ذليل ڪيل لڪندڙن جا دشمن هئا.

(٢) خط ڪي مهينا اڳ وچان ئي جهپيا ويا هئا. انهيءَ ڪري ظاهر آهي ته ڌرين جي وچ ۾ لکپڙهه بند ٿي چڪي هئي، ۽ اسان هروپرو انهيءَ کي واءُ ڏيڻ لاءِ اهي خط ظاهر ڪيا.

(٣) مهرن جي جعلسازي هڪ عام ڌندو ٿي ويو هو، چاڪاڻ ته خود اسان جي ريزنٽ جي به جڙتو صحيح ۽ سيل ناهي ويئي هئي، جنهن بابت هُن ميرن کي به شڪايت ڪئي هئي.

(٤) مير نصير خان جي جنهن منشيءَ بابت پڌايو ٿي ويو، ته هُن اهي خط لکيا آهن، تنهن کي پوءِ غبن ۽ جعلسازيءَ جي ڪري سزا ڏني ويئي، انڪري جيڪڏهن اهي خط هُن ٻيبرگ ڏانهن لکيا هئا، ته پوءِ ميرن کي انهن لاءِ ڪئين ٿو جوابدار ٺهرايو وڃي؟

(٥) جن آفيسرن اهي خط چڪاسيا هئا، انهن مان فقط به ڄڻا اهڙا هئا جي انهن کي پڙهي سگهيا ٿي، ۽ انهن پنهي آزموديگار آفيسرن انهن خطن جي سچائيءَ ۾ شڪ ظاهر ڪيو.

انهيءَ هوندي به انهن بيڪار بهانن تي گورنر جنرل ارادو ڪيو ته مير رستم خان جي ملڪ جو سرسبز حصو ڪانئس کسيو وڃي. انهيءَ معاملي ۾ هن سندس اسان تي سموريون مهربانيون وساري ڇڏيون، جنهن جو سندس اڳئين جانشين زوردار لفظن ۾ اعتراف ڪيو آهي. انهيءَ ارادي کي ڪرڻ لاءِ لارڊ ايلنبرو ٢٦- آگسٽ ١٨٤٣ع تي هڪ جنرل آفيسر مقرر ڪيو، جنهن کي فوجي معاملن ۾ وڏو آزمودو حاصل هو. ڪيس اتر توڙي ڏکڻ سنڌ جي ديواني سياسي فوجي ڪنٽرول جون ديواني، سياسي فوجي ڪنٽرول جون اعليٰ اختياريون ڏيئي ميجر آئوٽرام کي سندس زيردست ڪري رکيو ويو. انهيءَ

قدم کڻڻ جي ڪري ميرن ۾ جيڪا ناراضگي آئي هوندي، ان جو بيان ئي نٿو ڪري سگهجي. اُهي آفيسر جن سان هنن جي لهه وچڙ هئي، انهن کي يا تہ بلڪل هٽايو ويو يا تہ ڪين رتبي ۾ گهٽائي، سندن جاءِ تي سخت ۾ ڪهرن فوجين کي رکيو ويو. هنن کي ميرن جي ٻولي، اُٺ-ويهہ جي طريقن، تاريخ ۽ وسلن جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. فوجين کي ميرن کان نفرت هئي، انڪري اهي ڪين ستائڻ جي جذبي سان ٻريا پيا هئا.

٩- سيپٽمبر ١٨٤٢ع تي هيءُ فاتح جنهن کي سندس تاريخي ڀاءُ مارلين سان ڀيٽيو ويو آهي، سنڌ ۾ وارد ٿيو. هو آيوئي انهيءَ ارادي سان هو تہ ڌرين ۾ دشمني هڻڻ گهرجي، يا دشمني پيدا ڪئي وڃي. اهو وقت اهڙو هو جو انگريز آفيسر بنان ڪنهن حفاظتي جٿي جي سڄي ملڪ ۾ پيا گهمندا هئا. پر هن بيوقوفي ۽ اجائي وڏائيءَ ۾ ڀرجي پنجاهہ سپاهين جي هڪ جماعت سان درياهہ جو اوپارو سير ڪيو. ائين ڪرڻ جو ڀلا ضرور ڪهڙو هو؟ ڀانئيان ٿو تہ انهيءَ بحث ڪرڻ اجايو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ کان پوءِ غلطين، زيادتين ۽ ظلمن جا هڪئي مٿان تهہ چڙهندا ٿي وبا. جيڪي ماڻهن ڳالهين کي ظاهر ظهور ڏسڻ چاهين ٿا، تن کي آءٌ صلاح ڏيندس تہ "سنڌ جو فاتح" نالي هڪ ٽوڪبازيءَ جو ڪتاب پڙهن ۽ ان سان گڏ "سنڌ جي فتح تي هڪ تنقيد" جا ميجر آئوٽرام ڏاڍيءَ سخا سان پيش پيش ڪئي آهي، اها بہ ڏسن. اسان جو مطلب فقط هي آهي تہ اوهان کي هڪ اهڙي راندڪر جي سين ڏيکاريون، جو پڙدي جي پويان آرام سان ويٺو هجي، ۽ ڏکار يا ٽوڪ وچان مشڪندو، ڏاڍن کي پيو ڇڪي ۽ ڇڏي، جنهن تي سندس بيوس گڏا نچندا رهن. عليمرادخان جيڪو نگيءَ ۽ چالاڪيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو تنهن پنهنجي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ميشرس بيل ۽ برائون کي پنهنجو راندڪو ڪري ٿي استعمال ڪيو، تہ جيئن مير رستم‌خان جي تباهي ٿئي ۽ سندس نالو وڏي. سندن منشين کي

هن دل کولي رشوتون ڏنيون، ۽ پوءِ خوشامد ۽ چالبازين سان، خود سندن مٿان به چڱو اثر وڌو. مير عليمراد خان جي سڀ کان وڏي منشا هئي سندس مخالف فتح محمد وزير جي ڪردار ڪرڻ. انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي وڃڻ کان پوءِ هن جعلسازي ڪري شير سنگهه ۽ ٻيبرگ جي نالي جڙتو خط ٺاهي ورتا، ۽ اهي اسان جي ايجنٽ جي حوالي ڪيا. جيئن ته انهن مان ڪابه چالبازي ناڪامياب نه ويئي، انڪري هن انهيءَ کان پوءِ تمام ڳرا قدم کڻڻ شروع ڪيا. عليمرد خان ننڍي هوندي کان وٺي هٿڦاڙ هو، انڪري هن پنهنجي وڏي ڀاءُ وٽ ڪي ڳوٺ جهڙوڪ محمودآباد ۽ ٻيرلو وغيره گروي ڪيا يا وڪيا هئا. اهي ڳوٺ واپس وٺڻ لاءِ هن گهڻي وقت کان ڪوشش پئي ڪئي، ۽ اهوئي سبب آهي جو انهن جي قبضي لاءِ هن جو پنهنجي ڀاءُ مبارڪ ۽ ڀائيٽي نصيرخان سان جهڳڙو هلندو آيو. مير رستم خان ۽ برطانيه جي وچ ۾ ٿيل عهدنامي جي فقري ٧- موجب، ڪيس رسيل اهنج لاءِ مير رستم خان کي دانهن ڪرڻي هئي، جيڪو انهيءَ فقري موجب اتر سنڌ جو مالڪ ۽ مختار مڃيو ٿي ويو. پر ان هوندي به ڪئپٽن برائون، جو ان وقت سکر جي چارج ۾ هو، فوجون ڪٺيون ڪري خيرپور ڏي وڌيو ته جيئن مير رستم خان تي زور آڻي اهي ڳوٺ عليمراد خان جي حوالي ڪيا وڃن. خيرپور ۾ جيڪي فوجون ان وقت هيون، اهي عليمراد خان جي فوجن کان تعداد ۾ تمام گهٽ هيون. ان هوندي به انهن نهايت بهادريءَ سان سندن پيشقدميءَ کي روڪيو. نونهار وٽ جنگ لڳي جنهن ۾ پنهي ڌرين کي نقصان پهتو، پر فتح حملي آور عليمراد خان کي ئي ٿي. خيال ڪرڻ گهرجي ته ڪئپٽن برائون، وچ ۾ پئي عليمرادخان کان سندس آقا جي خلاف اهڙي سخت قدم کڻڻ بابت ڪا پڇا ڪري ها، پر ائين ڪونه ٿيو. فاتح عليمراد خان زبردستيءَ هڪ عهدنامو لکائي ورتو، جنهن ۾ اهي ڳوٺ، سڄا سارا ڪيس

حوالي ڪيا ويا. انهيءَ سوپ جي ڪري سندس من ڏاڍو وڏي ويو، ۽ هُن وڏي پيماني تي سازش شروع ڪري ڏني.

انهيءَ سڄي معاملي کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته مير رستم خان جي پيءُ مير سهراب خان جي ڪيل وصيت تي نظر وجهجي. هن بزرگ مرڻ وقت پنهنجو ملڪ حصا ڪري پنهنجن چئن پٽن ۾ ورهايو. انهن مان هڪ حصو مير رستم خان کي، ٻيو مبارڪ کي، ٽيون عليمراد خان کي، ۽ چوٿون رئيس يا مڪيم مير کي ڏياريو. رئيس بنائڻ لاءِ هن مير رستم خان ۽ ڪانئس پوءِ ٻين ٻن پٽن لاءِ عمر جي لحاظ کان وصيت ڪئي هئي. مبارڪ ان وقت مري چڪو هو، ۽ عليمراد خان جي مرضي هئي ته پڳ ڪيس ٻڌائي ويندي، ان ڪري هن مير رستم خان کي ڊيڄارڻ خاطر اهي رستا استعمال ڪيا ته جيئن هو تخت تان هٽ ڪٽي. مير رستم خان جو وري خيال هو ته پڳ سندس وڏي پٽ کي ٻڌائي وڃي، جو پنهنجي چاچي جو هم عمر هو ۽ دل جو صاف ۽ وڏيءَ دل جو مالڪ هو. هو پنهنجي سازشي، منافق، بي ايمان ۽ ڏوڪيباز چاچي جي بلڪل ابتڙ هو. مير رستم خان پاڻ به پنهنجن چاچن مير زنگي وغيره جي هوندي پڳ ٻڌي هئي، ۽ ازانسواءِ گورنر جنرل به انهيءَ ڳالهه کي تسليم ڪيو هو ته انهيءَ پير مرد رئيس جي منشا قدرتي هئي، ۽ هرهڪ نقطه نگاهه کان موزون به هئي (بلوبڪ صفحي ٤٨٠). پر سندس مخالف مير عليمراد خان کي اهو ڪي حاصل هو جو مير رستم خان کي ڪونه هو، يعني ته ايجنسيءَ جا منشي مير عليمراد خان جا پگهاردار يار هئا. سر چارلس نيپئر جڏهن سکر پهتو تڏهن ڪيس آساني سان مير عليمراد خان جي چالبازين ۾ جڪڙيو ويو. هن ميجر آئوٽرام جي ڏنل صلاح تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو، ۽ اهڙيون رٿون جوڙيون جن موجب ڏيجي جي رئيس خلاف سازشون عمل ۾ ايندیون ويون. ساڳئي وقت ڪيس اهو به يقين ٿي ويو هو،

حيدرآباد جو مير صوبدار خان

۽ سندس پٽ

مير فتح علي خان ثاني

محمد علي خان

تہ ميرن کي جنگ لاءِ پڙڪائڻ لاءِ مير رستم خان جي بيعزتي ڪرڻ يا ڪيس جيل ۾ وجهڻ ڪافي هو، ڇاڪاڻ تہ هو خاندان جو پوڙهي ۾ پوڙهو شخص هو، ۽ سندس ڏاڍي عزت ڪئي ويندي هئي. نيپئر کي اها به پڪ هئي تہ ميرن جيڪڏهن بچاءَ ۾ جنگ ڪئي تہ به نقصان ميرن کي ئي رسندو، جنهن ۾ هو يا تہ مارجي ويندا يا قيد ٿي ويندا. انڪري انگريز جرنيل عليمراد خان کي نڳڻ لاءِ همت افزائيءَ جا خط لکيا، جنهن تي هن مير رستم خان کي پڳ کان محروم ڪرڻ جو پورو ۽ پڪو ارادو ڪيو. هو پاڻ به اهي سڀ ڳالهيون مڃي ٿو ("سنڌ جي فتح ۽ تنقيد" ص ١١٤). هو جيئن تہ انهيءَ ملڪ جي قاعدي قانون ۽ رسمن وغيره کان واقف ڪونہ هو، ۽ نہ وري ڪيس ميرن جي شخصي ڪردار جي خبر هئي، انڪري هن ڪن فرضي الزامن تي ۽ هڪ ڪوڙي دغاباز جي ڳالهين تي لڳي انهيءَ پير مرد جي بيعزتي ڪئي، ۽ پوءِ ڪائس سڄو ملڪ ڪسي ورتو. عليمراد خان نڳيءَ ۽ ڏوڪيبازيءَ جي ڪري مشهور هو، جنهن نہ فقط پنهنجي گهر سان دغا ڪئي، پر اسان کي به ڏوڪو ڏنو. اهو سڄو ناٽڪ اهڙيءَ تہ آهستگيءَ ۽ عذاب سان ڪيڏيو ويو، جو ان جي پڇاڻيءَ وارو نظارو ميرن جي تباهيءَ ۽ سندن قيد ٿيڻ ۾ وڃي ختم ٿيو. بيبرگ ۽ شير سنگهہ ڏانهن لکيل خطن کي ڪئپٽن براڊون جي سند تي صحيح تصور ڪيو ويو، جنهن کي انهيءَ ۾ لکيل عبارت جو هڪ اکر به نٿي آيو. پر ان هوندي به گورنر جنرل تي زور آندو ويو تہ انهيءَ ڏوهہ جي پاداش ۾ مير رستم خان ۽ مير نصير خان جو ملڪ ڦٽايو وڃي. گورنر جنرل جي اجازت ملڻ کان پوءِ ميرن سان وري نئين سر عهدنامو ڪيو ويو، جنهن موجب روهڙيءَ کان وٺي سبزل ڪوٽ تائين سڄو ملڪ ضبط ڪيو ويو.

اسان هاڻي انهيءَ معاملي ۾ وڌيڪ وڃڻ نٿا گهرون، جو هڪ فرضي ۽ لهڻيدار جي وچ ۾ هو ۽ نه وري پوءِ زوريءَ قبضي ڪرڻ خاطر جيڪي غلطيون اسان کان ٿيون، انهن تي بحث ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن کي ميجر آڏوٽرام پنهنجي تنقيد ۽ پڻ ڪئپٽن ايسٽوڪ به پنهنجي تقرير (صفحي ٢٧) ۾ ڪولي ڪولي ٻڌايو آهي. اسين انهيءَ قبضي بابت انگريز جرنيل جي ڪنيل قدم تي به ڳالهائڻ مناسب نٿا سمجهون، جنهن ۾ بهاولپور کان وٺي روهڙيءَ تائين سڄو علائقو ڦٽايو ويو هو، پر جيئن ڪرنل آڏوٽرام لکيو آهي (ص ١٤٩) ته ڪيس اها خبر هئي ته گورنر جنرل جو اصل مقصد فقط اهي ضلعا هٿ ڪرڻا هئا، جي سبزل ۽ پنگو پاڙا جي وچ ۾ هئا. انهيءَ قدم ۾ لاشڪ ڏاڍ مڙسيءَ سان ڪليل ظلم ڪيا ويا، پر هڪڙي ڳالهه ظاهر ٿي پيئي، ته گورنر جنرل ۽ سر چارلس نيپئر بلڪل هڪ طرفو قدم ڪنيو هو، ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي معاملي ۾ هرهڪ ڏس ۾ به ساڳيوئي اصول استعمال ڪيو ٿي ويو. انهيءَ ڪم ۾ هنن ميرن خلاف سندن دشمنن کان الزام هڻايا ۽ پڻ اهڙن ماڻهن کان شاهديون ورتيون ويون، جن ميرن کي تباهه ڪرڻ جو قسم کڻي چڏيو هو. ڏٺو ويندو ته جيڪي به قدم ڪنيا ٿي ويا اهي فرضي ڳالهين تي ڪنيا ٿي ويا، ۽ انهن لاءِ ميرن کان پڇيو به نه ٿي ويو، ته ڪين ڇا چوڻو آهي؟ ميجر ڪليبارن، ليفٽيننٽ مائيلن ۽ ڪئپٽن برائون جي ڪوڙين ۽ بي بنياد شڪايتن کي جي هنن خيرپور جي مير نصير خان ۽ پڻ حيدرآباد واري مير نصير خان جي خلاف ڪيون هيون، تن جو ذڪر ڪرڻ به مناسب آهي. ميجر ڪليبارن نفشڪ ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ خبرن جو هڪ ڪاتو کڻي کوليو جنهن ۾ هرڪنهن قسم جون ڪوڙيون ۽ واهيات خبرون ۽ پڻ واهيات افواه به قبول ڪيا ٿي ويا. ٻري ٽڪرين ۾ ڪيس رسيل نقصان سندس مغز ڦيرائي وڌو هو، انڪري هو آپي ڪان

ٻاهر نڪري چڪو هو. هو انهن بهادر پروچن جي خلاف ٿي پيو هو، ۽ هرهڪ معمولي جڳهڙي تي سندس ڊپ وڌي ويندو هو، ته متان انگريزن خلاف عام سازش وجود ۾ نه اچي وڃي. پر انهن واهيات افواهن کي مڃڻ ۾ هو اڪيلو ڪين هو. انهي ڪم ۾ گورنر جنرل ۽ سندس سنڌ جو عيوضي به ساٿن گڏ هئا. سنڌ واري عيوضيءَ ته ان وقت سکر ۾ شينهن وارو يا ائين چئجي ته گڏهه وارو وات ڪري پئيو، جنهن ۾ اها هرهڪ بدنام ڪندڙ شڪايت جهٽي ٿي ويئي، جا ميرن جي خلاف ڪئي ٿي ويئي. اسان وارو جرنيل پنهنجي انهيءَ ارادي کي پوري ڪرڻ لاءِ ظاهر ظهور بهانا گهوڙڻ لڳو، ته جيئن ميرن کي زيربار ڪيو وڃي. اهڙي ڪم لاءِ ڪمينن ۽ ڪريل ماڻهن جي گهٽتائي به ڪانه هئي، جي پنهنجي حاڪمن جي خلاف دانهون نه ڪن، ۽ عجب نه آهي ته اهڙين هترادو نگين لاءِ، مير عاليمراد خان جا ايجنٽ نه ملي سگهن. ايڏي جاکوڙ کان پوءِ ميرن جي خلاف ڇا ملي؟ انهيءَ لاءِ هڪ بيريا ماڻهوءَ کي چڏيو ته وڃي انهن تهمتن تي به غور ڪري، جي ميرن خلاف مڙهيون ويون هيون، ۽ اهي شاهدبون به ڏسي، جن جي آڌار تي ميرن کي ڏوهي ٺهرايو ويو هو. ڏسڻ ۾ ايندو ته اسان بيڪار ۽ ٻاراڻيون ڳالهيون ٺاهي، انهن جي آڌار تي خودمختار شهزادن تي تهمتون مڙهيون، ۽ اهي شهزادا هئا به ڪير؟ اسان جا دوست ۽ مددگار. ڏنل فهرست ۾ ٢٤ تهمتون هيون، جي ڏکڻ سنڌ جي مير خلاف مڙهيون ويون هيون. انهن ۾ پهرين هيءَ تهمت هئي ته مير نصير خان پنهنجي ملڪ جي بچاءَ خاطر مير شير محمد خان جي خلاف فوجون جمع ڪيون هيون. (جنهن کي سر ڊبليو-نيپئر ميرپور جو شينهن ڪري لکيو آهي). هيءُ قدم عهدنامي جي فقري ٤ جي خلاف تصور ڪيو ٿي ويو، جنهن ۾ هيئن چاٽايل آهي:

”فقرو ٤- برطانيا سرڪار پنهنجي سر تي حيدرآباد جي ميرن جي ملڪ تي سيني ڌارين حملن جي خلاف، بچاءُ جو ذمو ڪٽي ٿي.“

هتي عهدنامي جي فقري ٤- جي خلاف ورزي تصور ڪئي ٿي وڃي ۽ مير شيرمحمد خان کي ڌاريو بادشاهه سمجهيو ويو، جيتوڻيڪ اهو حقيقت ۾ مير نصيرخان جو ماڻڪ، زيردست ۽ مرتبي ۾ به گهٽ هو. پر انهيءَ خسيس اٽڪل کي ڪري چڏيو. فقري ٤- ۾ چاٽايل آهي ته فقط ٻاهرئين حملي‌ڪان ميرن جي حفاظت ڪئي ويندي، پر انهيءَ جو اهو مطلب ته نه آهي ته ميرن کي پنهنجي ملڪ بچائڻ جو به اختيار ڪونه آهي! ڪنهن به حڪومت کي اهو اختيار نه آهي، ته ڪنهن به ماڻهوءَ‌کان يا ڪنهن به حڪومت‌کان پنهنجي بچاءُ جو حق‌ڪسي وٺي. هتي ته ڳالهه ئي اور آهي، يعني ته اها حڪومت اسان جي دوست حڪومت هئي. ساڳئي وقت جيڪڏهن انگريز سرڪار‌کي ميرن جي ملڪ جي بچاءُ جو خيال هجي ها، ته پوءِ هوءَ ڪڏهن به پنهنجا ماڻهو گڏ نه ڪري ها ۽ عقل به ائين ٿو چوي ته هوءَ ڪڏهن به ائين نه ڪري ها. اسان جي حڪومت سندس ملڪ جو بچاءُ نٿي ڪيو، انڪري اسان، ۽ نه هُن، عهدنامي جي خلاف ورزي ڪئي آهي. ٻي تهمت به اهڙي ئي واهيات آهي جهڙي پهرين. ٻارنهن ٻيون تهمتون وري محصول اڳاڙڻ متعلق هيون، جن‌کي عهدنامي جي ١١- نمبر فقري جي خلاف ورزي تصور ڪيو ويو. هيءُ فقروئي اهڙو هو جنهن جو ميرن جي مٿان مڙهڻ جو اسان کي ڪو به حق ڪونه هو. چاڪاڻ ته وحشي فوج رکڻ‌کان سواءِ اسان ٻيو ميرن لاءِ ڪي ڪين ڪيو هو، جنهن موجب ڪانئن محصول وٺڻ جو حق‌ڪسي وٺون، جو ١٨٣٤ع واري تجارتي عهدنامي موجب‌ڪين مايل هو. پر انهيءَ کان پوءِ ٻئي فقري ميرن‌کي انهن سيني شين تي محصول وٺڻ جو اختيار ڏنو هو، جي سنڌ ۾ آيون ۽ ويون ٿي. چا، ڪنهن

انهن شڪايتن تي غور ۽ ويچار ڪيو ٿي، جن تي انهن تهمتن جو مدار هو ۽ ڇا، انهن ۾ ميرن جو ڏنل سبب ته اهو محصول، اڇ-وڇ وقت انهن شين تي ورتو ويو هو، ڪنهن ٻڌو؟ پر ڇو ويهي انهيءَ سڄي معاملي تي پٽاڙ ڪجي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تهمتن جي جانچ پڙتال به ڪجي ها، تڏهن به ڪو ميرن کي انصاف ملي ها ڇا؟ هرگز نه. اسان جا آفيسر چارلس نيپئر جي تلوار ۽ پستول رکندڙ فوجي هئا، تن کي عدالت ۽ انصاف جي ڪهڙي خبر؟ جيڪڏهن ڪين انصاف جي نظام جي خبر به هجي ها، تڏهن به هو هتي جي ٻولين کان اڻواقف هئا، اهوئي سبب آهي جو سندن منشين کين آسانيءَ سان خريد به ٿي ڪيو ۽ وڪيو به ٿي.

اهي ڪوڙيون تهمتون انهيءَ مقصد سان گهڙيون ويون هيون ته ميرن جي خلاف ڪيس ناهي سگهجي ۽ سر چارلس نيپئر جي ميرن رستم خان خلاف ڪيل حملي کي بجا قرار ڏنو وڃي.

١- ڊسمبر ١٨٤٢ع جي اعلان موجب هن سڄو زرخيز ملڪ جو روهڙيءَ ۽ سنڌ ڪوٽ جي وچ ۾ هو، ضبط ڪري ورتو جنهن جي سالياني آمدني ڇهه لک چاليهه هزار هئي. ٽيپو صاحب جي ملڪ جو به ڪجهه حصو اهڙيءَ طرح ضبط ڪيو ويو هو، پر اهو به هڪ خوني جنگ کان پوءِ. پر ان هوندي به سر چارلس راضي نه ٿيو، ڇاڪاڻ ته ميرن رستم خان سندس يار علي مراد خان جي رستي ۾ اٽڪاءُ هو، انڪري اڃا به ڪيس ڪجهه وڌيڪ ڪرڻو هو. ٧- ڊسمبر تي ميرن سان ملاقات ڪرڻ کان سواءِ يا جيڪي ڪين چوڻو هو، اهو ٻڌڻ کان سواءِ، سر چارلس نيپئر هڪ وڏي فوج سان، انهيءَ ضبط ڪيل ملڪ کي والارڻ جو اعلان ڪيو. جيئن ته اسان کي خبر آهي ته ميرن ڏل جنس ۾ وٺندا هئا، پر انگريز جرنيل جو چوڻ آهي ته "ميرن نه فقط هن سال جي ڏل پر ايندڙ سال جو محصول به اڳاڙي رهيا آهن،" انڪري هن ميرن کي هيسائڻ لاءِ هڪدم

ٻيو اعلان جاري ڪيو. ساڳئي وقت اڌ چريي ميجر ڪليبارن وٽي هڪلايو تہ هزارين هٿياربند بهادر ٻروچ رات جو سکر تي حملو ڪرڻ وارا آهن. حقيقت وري هيئن آهي جو اسان جي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ ڪان وٽي اڄ ڏينهن تائين اتر سنڌ ۾ هڪ فٽر بہ نہ ڪيو ويو آهي! ٨- تاريخ چارلس نيپئر هڪ نئين نموني جو خط مير شيرمحمد خان جي باري ۾ گورنر جنرل کي لکيو، جنهن سان اسان جو جون ١٨٤١ع ۾ هڪ عهدنامو بہ ٿيو هو، (بلوبڪ ص ٢٩٦). پر ڏٺو ويندو تہ سر چارلس نيپئر کي انهيءَ عهدنامي جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، انڪري هن گورنر جنرل کي يقين ڏيارڻ ٿي گهريو، تہ جيئن ميرپور واري رئيس سال ڪوبہ عهدنامو نہ ٿيل آهي، انڪري ڪيس بہ ڪنهن معاهدي ۾ جڪڙيو وڃي. انهيءَ مير جي ڪردار جي بہ ڪيس کا خبر ڪانہ هئي. چاڪاڻ تہ ليفٽيننٽ برائون ٿي پهريون ماڻهو هو، جنهن ڪيس پڪ ڏياري تہ "جيتوڻيڪ سندس خلاف کا زندار تهمت ثابت نہ ٿي آهي، ان هوندي بہ هو اسان جو جاني دشمن آهي." ١٤- ڊسمبر تي جرنيل کي تابعداريءَ جا خط پهتا ۽ ڏوراپو بہ ڪيو ويو. اهو ڏوراپو جرنيل جي تڙتڪڙ ۾ درياهہ پار ڪري سندن ملڪ کي ڦٽائڻ جي ڪوشش متعلق ڪيو ويو هو. انهيءَ ساڳئي وقت خيرپور جي ڀر ۾ انگريزن جي آيل ٽپال روڪي سڀ خط گم ڪيا وبا. سر چارلس نيپئر هڪدم انهيءَ جو ڏوهہ مير رستم خان متان مڙهيو ۽ ڪيس ڏمڪين سان ڀريل خط لکي مڪائين. هاڻي پڙهندڙن کي نيڪ روشن ٿي وبو هوندو تہ انگريز جرنيل جو مقصد ڇا هو؟ جيڪڏهن هو ٿورو بہ سوچ ويچار ڪم وٽي ها، تہ سچي ڳالهہ جي خبر پئجي وڃي ها. پر هن بنان ڪنهن هٻڪ جي هڪ بيعزتي ڪندڙ خط مير رستم خان کي لکي موڪليو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڦٽر يا اهڙن ٻين ڪرتوتن لاءِ مير عليمراد خان ئي جوابدار ٿي سگهيو ٿي. جيئن تہ رپورٽ ۾ اها ڳالهہ سچي لکيل آهي انڪري اها

سچي ٿي پيئي ۽ افسوس ته وري اهو آهي، جو هن ڪوڙي رپورٽ ڪي سچ تصور ڪيو ويو. ٽربيونل اڳيان ڏنل بيانن مان ثابت ٿي چڪو هو، ته مير رستم خان بلڪل بيگناهه هو. پر علي مراد خان ڪي پڪ هئي ته جيڪڏهن انگريزن جي ٽپال سندن ڪئمپ جي ويجهو ڦرائي گم ڪرائي ڇڏيندو، ۽ اهو ڏوهه پنهنجي بدقسمت ڀاءُ تي مڙهيندو تڏهن به سندس دوست انگريز انهيءَ ڪي سچ ئي سمجهندا. سچ پچو ته ماڻهو اهي ڳالهيون پڌري نه فقط ڪڪ ٿيو پوي، پر شرم ۽ پشيمانيءَ ۾ پڏيو وڃي، ته ڪيئن اهي ماڻهو جي پاڻ ڪي انگريز سڏائين ٿا، سي اهڙن بدنام ڪوڙن تي اعتبار ڪندا هئا! پر سيني جو سرتاج وري هينئر ٿو اچيو. ٢٠- ڊسمبر تي ٽيپئر گورنرجنرل ڪي لکيو ته مير رستم خان پاڻ ڪي منهنجي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏڻ وارو آهي، ۽ پنهنجي اڻ سهوءَ ڀاءُ جي زياد تين ڪان تنگ ٿي منهنجي ڪئمپ ۾ پناهه وٺڻ وارو آهي. "پر مون ڪي اها ڳالهه نه وٺي" جنرل وڌيڪ لکيو، "چاڪاڻ ته پوءِ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پوي ها. مون ڪي پوءِ هڪ ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي، ته ڪيس علي مراد خان ڏانهن موڪلجي، ته جيئن هو ڪيس دستبردار ٿيڻ جي تلقين ڪري، چاڪاڻ ته مير رستم خان پاڻ به هاڻي ٽالپرن جي پڳدار ٿي رهڻ کان بيزار ٿي چڪو هو. انڪري مون رستم خان ۽ علي مراد خان ڪي خط لکيا، ۽ هڪ بجي رات جو مون ڪي علي مراد خان وٽان خبر پيئي ته سندس ڀاءُ وٽس پهچي چڪو آهي. هاڻي علي مراد خان صحيح معنيٰ ۾ ٽالپرن جو رئيس بنجي ويو آهي، ۽ مير رستم خان سندس هٿن ۾ اچي سندس چوڻ تي سيڪجهه ڪري رهيو آهي." انهيءَ خط جي پڇاڻي هنن اکرن ۾ ٿيل آهي:

"آءٌ نٿو ڄاڻان ته جناب اعليٰ جو مير علي مراد خان جي پٽ جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ پر انهي متعلق سائس هينئر ئي انجام ڪرڻ مناسب نه ٿيندو، چاڪاڻ ته پڳ جو

صحيح وارث، علي مراد خان کان پوءِ سندس پائٽيو آهي، جو مير رستم خان جو پٽ آهي. علي مراد خان مون کي پنهنجي پٽ لاءِ ضرور چونڊو پر انهيءَ لاءِ آءٌ جناب اعليٰ جي فيصلي جو منتظر آهيان. جيئن ته اڳي ٻڌايو ويو آهي ته مير رستم خان عهدنامي جي منظوري ڏيئي صحيح به ڪئي آهي، پر سندس پٽ اسان جو مخالف هو ۽ هُن اسان جي خلاف فوجون جمع ڪيون هيون."

ڏنو ويندو ته هن معاملي ۾ هڪ انگريز جرنيل ڪهڙي طرح هڪ دوست جي خلاف منصوبو گهڙي، ڪيس مجبور ڪيو ته هُو پنهنجي مرضيءَ سان نهيل ٿڪيل عهدنامي کي قبول ڪري، ساڳئي وقت هن اها به سازش ڪئي ته ڪيس سندس ٻاءُ جي رحم ڪرم تي ڇڏيو وڃي، ته جيئن هو نه فقط پڳ تان هٿ کڻي پر ان سان گڏ انهن زمينن تان به دستبردار ٿئي جي پڳدار کي وصيت موجب مايل هيون. بلوڊ جي صفحي ٤٨٣ جي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته اهو سر چارلس نيپئر ئي هو، جنهن مير رستم خان سان اها سڄي بي انصافي ڪرائي، جنهن بابت اوهان کي وڌيڪ ٻڌائڻ وارو آهيان.

انهيءَ باري ۾ پنهنجا اکر هي آهن ته "مون کي فقط هڪ طريقو سمجهه ۾ آيو، جنهن مان اسان جي ڪاميابي يقيني نظر آئي: اها هيءَ هئي ته ڪنهن رئيس کي طاقت ۾ آڻي پنهنجي هٿ هيٺ رکون. انڪري مون علي مراد خان کي جناب اعليٰ جي مدد جو آسرو ڏنو، ته پڳ ڪيس ڏياري ويندي، ۽ اهو عاليجناب (گورنر جنرل) به منظور ڪيو آهي. ٻيو قدم هي هو ته سندس ٻاءُ جي حياتي ۾ ڪيس طاقت استعمال ڪرڻ جو حق ملي، ۽ انهيءَ ۾ به آءٌ ڪامياب ٿي ويس. چاڪاڻ ته مير رستم خان کي ريجهائي سندس ٻاءُ قبضي ۾ آڻي وڌم." ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته سر چارلس ايتري ۾ به راضي ڪونه ٿيو، ۽ انصاف جي سيني اصولن کي پري رکي هن اها به ڪمينپائي ڪئي،

جو گورنر جنرل کي صلاح ڏنائين تہ پڳ مير علي مراد خان جي پٽ کي ملي ۽ محمد حسين خان کي جو انهيءَ جو حقدار هو. سندس چوڻ هو تہ محمد حسين خان انگريزن جو مخالف هو، ۽ هن فوجون بہ جمع ڪيون هيون. انهيءَ ڪوڙي تهمت کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي، تہ انگريزن جي فوج ڪڏهن بہ هن بدقسمت شهزادي جو منهن ئي ڪونہ ڏٺو هو! نہ فقط ايترو پر هن ڪڏهن بہ پنهنجي پيءُ سان گڏجي، جنگ بہ ڪانہ ڪئي هئي. ساڳئي وقت هن انگريزي حڪومت جي ڪنهن بہ گهٽ ۾ گهٽ درجي جي ملازم خلاف نہ ڪڏهن هٿ کنيو آهي، ۽ وري ڪڏهن ڪجهہ چيو بہ آهي! مير رستم خان، جنهن کي انگريز جنرل سندس پاءُ علي مراد خان جي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو هو، تنهن جو ڪهڙو حال ٿيو؟ ٿورو اڳتي وڌو تہ ٻڌايانو جڏهن تہ قبر بہ اهڙا راز نٿي لڪائي، تہ پوءِ هڪ ڪميني ماڻهوءَ جا دوست ڪيئن ٿا اهي سانديءَ سگهن!

٤- فيبروري ١٨٥٠ع تي اخبارن ۾ خبر آئي تہ مير مراد علي خان جي شرارتن ڪري سرڪار جي بدگماني وڌي ويئي آهي. سندس اڳئين وزير شيخ علي حسين (اهو ساڳيو علي حسين آهي جنهن جي باري ۾ سال اڳ هڪ لکيل چٽاءُ، جي پوليٽيڪل ايجنٽ کي هٿ ۾ ڏنو هو)، سندس رازدار پير علي گوهر ۽ ايجنسي جي منشيءَ جوڪي رام طرفان علي مراد خان جي خلاف مڙهيل تهمتن جي جانچ پڙتال لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويئي. انهن شخصن مان شخص هاڻي جيل جون هوائون پيو کائي! ڪميشن نيٺ ويٺي، ۽ جيڪا رپورٽ انهن پيش ڪئي، اها جيڪڏهن سچي آهي تہ پوءِ علي مراد خان سان جيڪو رويو اختيار ڪيو ويو هو. ڪين سندن ڪيل ڏوهن بابت کي ڪين ٻڌايو ويو، تان جر سچو معاملو پورو ٿي چڪو ۽ ڪين پنهنجي طرفان صفائيءَ ۾ شاهدن پيش ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني ويئي هئي. سچ پچو تہ نہ مقدمو هليو، ۽ نہ وري ڪو بچاءُ ورتو

وبو. هڪ جڙتو خط ۽ ڪوڙي مهر ڪي سندن خلاف صحيح ثابتي تصور ڪئي ويئي، ۽ ڪين سزا ڏني ويئي. مير عليمراد خان جي خلاف مهر وغيره شاهدين ۾ بلڪل ڪانه ورتي ويئي. هن پنهنجا شاهد آندا، پنهنجي مخالفن جي پاڻ پڇا ڪيائين، پوءِ ڪيس بري ڪيو ويو. انهيءَ ناپاڪ ويساهه گهاتيءَ تي اڃا به ڪڪ پيل آهن، پر شاهدين کي ڪتي ٿو لڪائي سگهجي؟ هاڻي پورو پتو پئجي چڪو آهي ته مير رستم خان سندس ڀاءُ ۽ انگريز جنرل جي ڏاهيل سازش جو شڪار ٿيو هو. مير رستم خان کي پوءِ ڏيجي جي قلعي ۾ موڪليو ويو، جتي سندس نوڪرن کي بدلي ڪري، سندن جاءِ تي مير عليمراد جا ماڻهو رکيا ويا، ۽ اتي ڪيس مجبور ڪيو ويو ته تخت تان هٿ ڪڍي. انهيءَ ۾ به هو راضي نه ٿيا، چاڪاڻ ته ڏيجي جي رئيس، چارلس نيپئر کي ٻڌايو ته رستم خان نه فقط پڳ تان هٿ ڪنيو آهي، پر ان سان گڏ انهن زمينن تان به دستبردار ٿيو آهي، جي پڳدار هئڻ ڪري ڪيس مليل هيون. ساڳئي وقت هن انهيءَ ملڪ جي حصي تان به هٿ ڪنيو جو مير سهراب خان جي پٽ هئڻ ڪري سندس حصي ۾ آيو هو. ڏنو ويندو ته مير رستم خان پنهنجي پٽن ۽ ڌين لاءِ به ڪي ڪين ڇڏيو، ته جيئن اهي ڪانئس پوءِ پيٽ گذر ڪري سگهن ۽ بک نه مرن. اهو سڀڪجهه هن انهيءَ لاءِ ڪيو هو، ته سندس پيارو ۽ فهميدو ڀاءُ خوش رهي. (هڪ وحشي جانور به ڪانئس وڌيڪ رحمدل هوندو). هائو، هائو، هن سڀڪجهه ڏيئي ڇڏيو. عليمراد خان پنهنجن ڪوڙن ۾ اڳي ڪان به اڳرو هو، ۽ اسان وارو جرنيل اهو سڀ سچ سمجهي هائوڪار ڪندو ويو. سچ پڇو ته هن انگريزن سان به ٺڳي ڪئي. ميائيءَ جي موتمار جنگ ڪان پوءِ، هن ڪئپٽن برائون جي منشيءَ محي‌الدين کي رشوت ڏيئي ايجنسيءَ مان خفيه ڪاغذ چورارايا، ته جيئن نونهار جو عهدنامو گولي ڪڍجي. انهيءَ ڪان پوءِ هن پنهنجي

طرفان هڪ معاهدو تيار ڪري گورنر جنرل کان منظور ڪرايو، جنهن موجب ڪن ڳوٺن بدران ڪيس هڪ وڏو ملڪ هٿ چڙهي ويو. جيڪي به انگريز آفيسر سندس لڇاڻ کان واقف هئا، تن کي هُن رشوتون ڏيئي ماٺ ڪرائي ڇڏيو، ۽ اهي به ڪچي سون ۾. اهي سيئي ڳالهيون سندس اڳئين سوب جي ڪري ئي وجود ۾ آيون. اسين انهن سيني خرابين ۾ سندس ساٿي رهياسين، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هو نهايت بيباڪ ٿي پيو هو. نيٺ جڏهن هن اسان کي ٺڳڻ شروع ڪيو، تڏهن سندس خلاف هڪ طوفان کڙو ٿي پيو. جيسين هن مير رستم خان خلاف لشڪر گڏ ڪري ڪيس شڪست ڏيئي، ڪانئس سڀڪجهه ڦري ورتو، يا جيسين هُن اسان جي منشين کي رشوت ڏيئي ٽپال جي ڦر ڪري، اهو ڏوهه پاڻس مير رستم خان مٿان مڙهيو ۽ ڪيس قيد ڪري ڏيجيءَ موڪليو؛ ۽ جيسين هُن ٻين ميرن کان دڙڪا ڏيئي زبردستي استعيفا لکائي ورتي، تيسين هو ٺيڪ هو پر جڏهن هُن ٺڳي ڪري اسان کان ڪجهه ملڪ جو ٽڪر (ضلع) ٺڳائي ورتو، تڏهن اسان کانئس ويرِ وٺڻ جا سانباها ڪيا. اسان جي وزيرن کي چا، اها چاڻ ڪانهي ته اهڙيون بدمعاشيون ڪيون ويون آهن، جن جي اسان جي حڪومت کي ثابتي به ملي چڪي آهي، پر ان هوندي به آهي بي انصافيءَ ۾ منڊڙي هنيو، ماٺ ڪيو ويٺا آهن، ۽ هڪ اکر به ڪونه ٽا چون. ڏٺو ويندو ته اهي نه ته خدا کان ٽا ڊڄن ۽ نه ماڻهن کان. ڇا مسٽر گليڊسٽن اسان کي ٻڌائي سگهندو ته انصاف جي مٽي ڪيئن پليت ٿي آهي؟ ته ڇو بيگناهه ماڻهن کي نيپلس ۾ قيد ڪيو ويو هو؟ انهيءَ باري ۾ اسان جي سرڪار جي اهڙي ته تنقيد ٿي جو انهن ماڻهن کي، جي آزاديءَ جا ڪوڏيا آهن تن کي ان لاءِ اڄ تائين ڏڪار آهي. اسان (عوام) کي هرڪو حق آهي ته پنهنجن نمائندن تي زور آڻي، اهو محسوس ڪرايون، ته اهي

انهيءَ معاملي ۾ سرڪار ڪان پڇن ٿا اها ماڻهن يا حڪومتن جي معاملي ڪهڙا ڪهڙا ڪلور ڪري رهي آهي. سنڌ جي مثال کي ئي وٺو ته اسان ڪيئن نه هڪ ڪوڙن قسمن ڪٽندڙ بدمعاش کي راضي رکڻ لاءِ ڪوڙن جو پندار هٿ ڪيو، ۽ ان کي انهن شهزادن جي خلاف شاهديءَ طور استعمال ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو اسان ڪانئن سڀڪجهه ڪسي ڪين هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ڊوڙائيندا رهياسين ۽ آخر ڪين قيد ڪري بند ڪري ڇڏيوسين. ڪين جيڪڏهن ڪو آزام نصيب ٿيو ته اهو قبر ۾ ئي ٿيو هوندو. اسان کي پڪ آهي ته اسان جو عوام جيتوڻيڪ، هندستان جي رعيت خلاف ڪيل ظلم ۽ زيادتيءَ تي دلي همدردي نٿو رکي، پر ان هوندي به آءٌ پانيان ٿو ته هي معاملو سندن ڌيان ڇڪائي سگهي ٿو ته مَنَ ڪو ڌيان ڪن.

هاڻي اچو ته انهيءَ ڏُکاري ڳالهه جي پڇاڙي ڳولين. آءٌ پانيان ٿو ته تمام ٿورن ماڻهن آئوٽرام جي ڏنل سچي ۽ دل تي اثر ڪندڙ حقيقتن کي پڙهيو هوندو. عجب آهي ته ڪو هيءُ حقيقت پڙهي ويچار ۾ نه آيو هجي! جنهن معزز شهزادي مون سان ملاقات ڪرڻ تي گهري اهو پنجاسي ورهين جو پيرمرد هو، پر ان کي سرچارلس نيپئر مسخريءَ ۾ ”ڪمزور پوڙهو“ ڪري سڏيو آهي. ڪمزور پوڙهو ته برابر هو، چاڪاڻ ته عمر جي لحاظ کان ڪجهه جهڪي ويو هو، پر نه انهيءَ سبب ڪري جنهن جو سندس ملڪ ڪسيندڙ قوروءَ ۽ سندس ٻاءُ ذڪر ڪيو آهي. انهن ٻنهي جو چوڻ آهي ته هو گهڻي ٻيڻ جي ڪري جهڪي پيو هو، جو بلڪل غلط آهي. ڏکيا ڏينهن مٿس اچي چڪا هئا. ڌاريا، جن کي هن پنهنجو دوست بنائي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ ڏنو هو، انهن هڪ وڏيءَ فوج سان سندس ملڪ فتح ڪري ورتو هو. ماڻهن ۾ اڳيئي اها مَقال هئي، ته سندن نيت خراب آهي. ڪنهن به ڪيس دلاسو يا دلبو نٿي ڏنو ۽ نه وري ڪو ڪيس دلداري ڏيڻ وارو هو. يعني ته

اهو ماڻهو جنهن کي چاليهن سالن تائين عزت، احترام ۽ محبت سان خطاب ڪيو ويندو هو، انهيءَ کي هاڻي رعب ۽ دڙڪن سان خطاب ڪيو ٿي ويو. هو ويچارو پاڻ به ائين ٻيو چوندو هو، ته ڪيس اچي مٿي ۾ بيعزت ڪيو ويو آهي. هن انهيءَ ماڻهوءَ سان ملاقات ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، جنهن جي هٿ ۾ سندس ۽ سندس ملڪ جي ماڻهن جي قسمت جي واڳ هئي. انهيءَ مطلب سان ته جيڪا وڏيڪ تڪليف ڪيس وٺائنس رسٽي هئي، تنهن کي روڪي يا گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ڪيس معلوم ٿي وڃي ته آخر ساڻس ٿيڻو ڇا آهي؟ ۽ اڃا ڪهڙي مصيبت مٿس مڙهي ويندي؟ سندس ڀاءُ، جنهن تي ۽ جنهن جي سياسي هوشياريءَ تي ڪيس اعتبار هو ته هو ڪيس پوريون ۽ سربستيون خبرون پڌائيندو، تنهن ساڻس ٺڳي ڪري ڪيس غلط خبرون پڌايون ۽ انگريزن خلاف ڀڙڪايو، ته هو ساڻس دغا ڪرڻ وارا آهن. ويچارو ڀيرمرد سندس ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ انڪري هو هروقت انگريزن جي باري ۾ شڪ ڪان ڪم وٺندو آيو. نتيجو اهو نڪتو جو سندس دل جي ڊپ کي اسان وارو جرنيل به دور نه ڪري سگهيو. تان جو سندس ملڪ هضم ڪيو ويو ۽ ڪيس قيد ڪري ملڪ بدر ڪيو ويو.

اهڙا ماڻهو جن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي، يعني ته ڪمزور پوڙها، جن جي پنهنجي خاندان وارا عزت ۽ پرستش ڪندا هئا، تن کي جنرل نيپئر هڪٻئي پنيان ڏک هٿ ۾ ڏاڍو مزو محسوس ٿي ڪيو. هرڪا بيعزتي، تڪليف، ڏکار ۽ ست ستاءِ، روا رکيو ويو. وري ويڙن ته ڏسو جو گورنر جنرل به انهيءَ راءِ سان متفق ٿي ويو، ته مير رستم خان جي پٽ کي به پڳ کان محروم رکيو وڃي. هو انهن سيني ڪمن کي جائز قرار ڏيندي پڌائي ٿو ته "مير علي مراد خان کي جيڪڏهن اسان جي مدد سان پڳ ملي وڃي ته پوءِ شڪ نه آهي ته هو هڪ قدرتي ۽ واجبي وراثت جو بنياد وجهندو ۽

پڳ جي معاملي کي ڪا قانوني صورت ڏيندو. آءٌ مير علي مراد کي مير رستم خان جي پيٽ ۾ حقي وارث تسليم ٿو ڪريان، پر ساڳئي وقت انهيءَ اصول جو آهيان، تہ جهڙيءَ طرح مير علي مراد پاڻ پڳدار بنيو آهي، اهڙيءَ طرح اهو ساڳيو قاعدو سندس پٽ سان بہ لاڳو ڪيو وڃي." مير رستم خان جي پٽ محمد حسين خان کي پڳ ۽ وراثت جي حق کان محروم ڪرڻ لاءِ لارڊ ايلنبرو ۽ سر چارلس نيپئر وٽ آخر ڪهڙو جواب آهي؟ جڏهن تہ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ علي‌مراد خان، محمد حسين خان کي پنهنجي ملڪيت جو انهيءَ شرط تي اڌ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو، تہ جيئن هو ڪيس مير رستم خان ۽ اسان (انگريزن) جي خلاف ڏوڪيبازيءَ ۾ سندس ساٿ ڏيندو. پر هن اشراف شهزادي ڏڪار وچان انهيءَ بدمعاش جي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو. ڇا پٿر بہ اهڙن ماڻهن خلاف دانهن نہ ڪندا.

٢١- ڊسمبر تي سر چارلس نيپيئر لکيو تہ، "اتر ۽ ڏکڻ سنڌ جي سيني اميرن عهدنامو قبول ڪيو آهي".

٢٧- ڊسمبر تي جنرل وري هيئن ٿو لکي، "اڄا جنگ جو ڪوبہ اعلان وغيره نہ ڪيو ويو آهي ۽ نہ وري انهيءَ جي ضرورت آهي." جيتوڻيڪ عهدنامو قبول ڪيو ويو هو، پر ان هوندي بہ هن امام گڙهہ جي قلعي تي حملي ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو، جو مير محمد خان جي مِلڪ هو. مير محمد خان غلام حيدرخان جو پٽ هو، جنهن سان هن ڪابہ لکپڙهہ وغيره بہ ڪانہ ڪئي هئي. انگريز جنرل پنج دفعا پنهنجو پاڻ کي انهيءَ زور زبردستيءَ متعلق ردڪد ڪيو آهي.

١- چوي ٿو تہ "ڪيس امام گڙهہ تي حملي ڪرڻ جوهرڪو حق هو. انهيءَ ڪري تہ متان مير رستم خان پڇي نہ وڃي." ڏٺو ويندو تہ هُن مير رستم خان جي پاڇ کان اڳيئي ان تي حملو ڪرڻ ٿي چاهيو. (پر هيءُ هڪ بهانوئي آهي).

٢- وري چوي ٿو تہ "جيتوڻيڪ اهو مير محمد خان جي

مِلڪ آهي. پر علي مراد خان جي رئيس ٿيڻ کان پوءِ اهو قلعو به سندس ملڪيت ٿي ويو". (بلو بڪ نمبر ٤٤٨). هاڻي ڪانئس سوال ڪجي ته جڏهن مير رستم خان پڳدار رئيس هو، تڏهن به ته اهو مير محمد خان جي ملڪيت ۾ شمار ڪيو ٿي ويو. پر جيڪڏهن اهو قلعو رئيس جي مِلڪ هو، تڏهن پوءِ مير رستم خان کان دستاويز لکائڻ وقت ڇو نٿي هيءُ قلعو به لکائي ورتو، جڏهن ته شاهه ڳڙهه ۽ ٻين قلعن جو انهيءَ ۾ ذڪر ٿيل آهي.

٣- چوي ٿو ته "اتر سنڌ جا سڀئي قلعا پڳدار جي مِلڪ آهن. (سپليمينٽري بلو بڪ ١٤٣). انهيءَ باري ۾ جيڪڏهن مير سهراب خان جي وصيت ڏني ويندي ته پوءِ هيءَ ڳالهه حقيقتن جي بلڪل اُبتڙ ثابت ٿيندي.

٤- وري چوي ٿو ته "اهو قلعو اصل مير علي مراد جو هو پر ٽي سال اڳ ٻنهنجي هڪ عزيز کي ڏنو هئائين."

٥- هو چوي ٿو ته "هزهائينس مير علي مراد سنڌ جو باقاعدي رئيس هو ۽ انهيءَ قلعي جو مالڪ مير محمد خان سندس خلاف هڪ باغي هو." (سنڌ جي فتح - هڪ تنقيد ص ٢٥٠).

ساڳئي خط ۾ جنرل هڪ دوست رئيس جي قلعي تي حملي ڪرڻ جو هيءُ بهانو ڏنو آهي، ته مير علي مراد جي وزير مير رستم خان جي پياري دوست فتح محمد غوري کي قيد ڪيو آهي. علي حسين، (جنهن کي هن غلطي سان شيخ علي نصير سڏيو آهي) سندس خيال موجب هڪ وڏو نڳ مڙس هو. هي اهو ماڻهو هو جنهن جي هٿن ۾ جنرل، راندڪي مثل پئي ٽينگ ٽپا ڏنا ۽ ائين ڪندي هن انگريز قوم جي مفاد کي بلڪل قربان ڪري ڇڏيو. اهو سڀڪجهه هن انهيءَ لاءِ ٿي ڪيو ته جيئن سندس مالڪ مير علي مراد جو بخت بيدار ٿئي ۽ هو وڌندو رهي. جيتوڻيڪ اسان وارو جنرل هڪ راندڪي مثل هو، پر ساڳئي وقت اڪين کان سچو به ته ڪو نه هو، جو ڏسي نه سگهي. گورنر جنرل ڏانهن لکيل هڪ ٻئي خط ۾ هُن مير رستم خان

جي ڀاڄ جو احوال هن ريت ڏنو آهي. ”مير رستم خان ڏاڍو گيدي شخص آهي، چاڪاڻ ته هن سدائين اهي پور پئي پچايا آهن ته آءٌ ڪيس قيد ڪرڻ وارو آهيان. ڪيس اهو به خيال ويٺل آهي ته اسين (يعني ته آءٌ ۽ سندس ڀاءُ علي مراد) انهيءَ سازش ڪي جلد پورو ڪرڻ وارا آهيون. ڀانئجي ٿو ته علي مراد ئي انهيءَ پيرمڙد کي ڊيڄاري ڪيس پڇڻ تي مجبور ڪيو آهي، ته جيئن پڳ ڪيس ملي.“ مير علي مراد پنهنجي ڀاءُ کي انهيءَ حالت ۾ ڏِڪي ڇڏڻ تي مجبور ڪري وڌو. تاريخدان نيپئر امام گڙهه جي قلعي جي تباهيءَ واري احوال ۾ سندس ڀاءُ کي ڏاڍن وڏن اکرن ۾، خوشيءَ ۾ نه ماپندي، سڪندر يوناني ۽ سان پيتيو آهي. انهيءَ ۾ ڏسجي ٿو ته هن وڏي ٻٽاڪان ڪم ورتو آهي. سر چارلس نيپئر ٽن سَون ماڻهن ۽ ٻين توبن سان هڪ اهڙو ته قلعو تباهه ڪري وڌو، جنهن جون ڀتيون ڪافي مضبوط هيون ۽ جنهن جي اندر بچاءُ لاءِ هڪ به ماڻهو ڪو نه هو. ميرن جو وري هي حال هو جو ڪين جنگ ۾ ڦاسائڻ يا ظاهر ظهور دشمنيءَ لاءِ پڙڪائڻ به ڪو سولو ڪم ڪو نه هو؛ نه ته هو سولائيءَ سان جنرل ۽ سندس مٺ جيترن سپاهين کي انهيءَ برپٽ جي وچ ۾، جتي پاڻيءَ جو ڍڪ به نٿو ملي، تباهه ڪري ڇڏين ها. انگريزن لاءِ اهو هڪ ڏاڍو نازڪ وقت هو، چاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪليارن جي ڪِل جهڙي جاسوسيءَ جي رپورٽ تي اعتبار به ڪجي، تڏهن به ان وقت، اتي ويجهڙائي ۾ مير رستم خان سان ست هزار ماڻهو ساڻ هئا. حقيقت اها آهي جو ايترا سَوَ ماڻهو به ڪو نه هئا مير رستم خان وٽ، پر سندس مقصد اهو هو ته سندس خاندان جي ماڻهن جو بچاءُ ٿئي. ڊپ ۾ پڇڻ جي ڪري محمد حسين خان جي پوڙهي ماءُ ڪجاوي تان ڪِري پيئي ۽ سندس ٻانهن ڀڄي پيئي، ۽ سندس ٻئي ٻانهيون به بروقت مري ويون. انهن بدقسمت شهزادين کي پڇڻ ڪان سواءِ ٻي ڪابه واهه ڪانه هئي. سندن زيورن ۽ ڪپڙن جو پوءِ ڪوبه بچاءُ نه ٿي

سگهي ها. حيدرآباد جوئي مثال وٺو جتي ڪنهن به قسم جو مقابلو نه ڪيو ويو هو، تڏهن به اتي ديوان مٺارام جي چوڻ موجب عورتن کان سندن ڪپڙا به لهرايا ويا هئا ۽ اهو ساڳيو ئي حال ٿئي ها مير رستم خان جي گهر وارن جو.

خيرپور جي تباهي ۽ ميرن جي پاڻ، فتح محمد غوري جو جهاجي قيد ٿيڻ، امام گڙهه جو ڊهڻ، مير رستم خان کان زبردستي پڪ تان دستبرداري لکائي وٺڻ ۽ ان سان گڏ انهيءَ سان لاڳو زمينن تان به ڪيس هٽ ڪٽائڻ، محمد حسين ۽ ٻين مير رستم خان جي پٽن جو حق غصب ڪرڻ، مير رستم خان کي دڙڪن سان ڀريل اعلان ڏياري موڪلڻ، ۽ مٿانئن ڪوڙ ۽ فريب جون تهمتون مڙهڻ وغيره، انهن سڀني معاملن ۾ انگريز جنرل ڏاڍي خوشي محسوس ٿي ڪئي. نه فقط ايترو پر مسخري ۽ ٺوڪ خاطر ميرن کي جمع ڪري کين چوندو هو ته عهدنامن تي صحيحون ڪن. اهو سڀ اهڙيءَ طرح سان ڪندو هو، جهڙوڪ اسين هڪ ڪتي کي پاڻ ڏانهن سڏيندا آهيون، پر نيت اسان جي ڪيس ڦاهي ڏيڻ جي هوندي آهي. حيدرآباد جي ميرن جا اياچي صوبدار خان ۽ حسين علي خان خيرپور ۾ جنرل سان گالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ پهچي چڪا هئا، پر کين ملاقات جو شرف نه مليو. چاڪاڻ ته جيڪڏهن کين جنرل سان ملڻ جو موقعو ملي ها ته پوءِ جنرل پنهنجي جنگي ارادن کي پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي ها. اهو ممڪن ئي نه هو ته جيڪي به شرط اسين کين ٻڌايون ها، انهن کي هوقبول نه ڪن ها، پر صلح کي ٽارڻ لاءِ هڪ نئون منصوبو کوڙي ڪڍيو ويو، ۽ انهيءَ کي تيار ڪرڻ لاءِ ميجر ڪليبارن جي پروچن وٺان چڱو خاصو مواد ملي ويو. اهي خط اهڙا ته رڪارڊ توڙ ٺاهيا ويا هئا جو مير علي مراد به جيڪر نه ٺاهي سگهي ها! ان وقت اهو به ممڪن هو ته مير رستم خان شايد پيش پوي ها ۽ پڪ تان هٽ ڪڍي ها پر ڪيس ائين ڪرڻي

ڇو ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته پوءِ ڪيس قيد ڪيڻ ڪري سگهجي ساڳئي وقت هڪ اهڙو رئيس، جنهن کي ملڪ جا ماڻهو عزت ۽ پيار سان چاهيندا هئا، ان کي ملڪ ۾ ڇڏي ڏيڻ، انهيءَ ملڪ ۽ دشمن دغاباز لاءِ خراب ثابت ٿئي ها، جو سندس جاءِ تي زبردستيءَ آندو ويو هو. ان وقت حالت ڏاڍي اڻ سهائيندڙ هئي، پر اسان سنڌ جي معاملي ۾ گهڻيئي فائديمند ڳالهيون ٿاهيون هيون، انڪري ڪنهن نئين مڪر کي ڪم ۾ آڻڻ کو ڏکيو ڪم ڪونه هو. مير رستم خان ۽ سندس پائيٽي نصير خان کي حڪم ڪيو ويو ته اهي حيدرآباد هليا وڃن نه ته ساڻن دشمن واري هلت ڪئي ويندي. ساڳي وقت ڏکڻ سنڌ جي ايڇلين کي حڪم ڏنو ويو ته اهي موڪي وڃن ۽ پڻ ميجر آئوٽرام کي به هدايتون ڏنيون ويون ته هو اتي اچي ڪين ملي. ميجر آئوٽرام جي ڏنل صلاح کي اسين نٿا چئون ته ڪو واهيات سمجهي بلڪل ڇڏيو ويو، انهيءَ پاڻ هڪ ڪمائتي فهرست جو ڪم ڏنو ۽ اهوئي سبب آهي جو انهيءَ جي بلڪل ابتڙ قدم کنيا ويا. اهڙيءَ طرح اسان جا هيٺيان تي وڏا مطلب پورا تي ويا:

١- مير رستم خان کي پنهنجن پائرن يعني ته حيدرآباد جي ميرن تي محتاج ڪري اڇليو ويو، ته جيئن شرافت ۽ دلي همدردي سبب اهي ڪيس تباهيءَ ۽ بيعزتيءَ کان بچائڻ تي مجبور ٿين. اهڙيءَ طرح ڪين زبردستيءَ بچاءُ لاءِ جنگ ۾ ڏکيو وڃي ۽ پڻ سندن بلوچ مائٽن کي ڪاوڙ ڏياري پڙڪايو وڃي.

٢- ائين ڪرڻ سان انگريزن کي ڪافي وقت ملي ويو. ڇاڪاڻ ته عهدنامو اتي جو اتي، موقعي تي صحيح ٿيڻ نه ڏنو ويو ۽ ان ۾ دير ٿي. نه فقط ايترو پر مير رستم خان جو ڏکڻ سنڌ ڏانهن ڏکجي وڃڻ ڪري اهو عهدنامو صحيح ٿي ڪونه ٿي سگهيو.

٣- جنهن وقت ميجر آئوٽرام حيدرآباد جي ميرن سان گالهه ٻولهه ڪري رهيو هو، ان وقت انگريز جنرل پنهنجي لشڪر سان شهر تي حملو ڪيو. اهي گالهيون حقيقت ۾ هڪ قسم جي مسخري هئي، پر اهو سڀڪجهه انهيءَ لاءِ ڪيو ويو تہ جيئن ٻاهريون ماڻهو ائين سمجهي تہ ميرن کي اختيار تہ پنهنجي ملڪ جو ڪجهه حصو (شاهوڪار حصو) انگريزن کي ڏيئي باقي ملڪ پاڻ وٽ رکي سگهيا ٿي.

ميجر آئوٽرام جيڪڏهن انهن پناهگرن کان اڳ حيدرآباد ۾ پهچي وڃي ها، تہ پوءِ هو ڏکڻ سنڌ جي ميرن کي ٻڌائي ها تہ ميرن رستم خان جو سندن تختگاه ۾ اچڻ سندن تباهي آهي. اهوئي سبب هو جو ميجر آئوٽرام جنرل کي اجازت طلب ڪئي تہ جيئن هو اتي وڃي، ۽ هن عرض ڪيو تہ ڪيس اها موڪل جلد ڏني تہ جيئن وڃي هو وقت تي وڃي اتي پهچي. پر ميرعلي مراد کو اويسلو ڪونہ هو جو اها اجازت پهچڻ ڏي، انڪري هن انهيءَ اجازت نامي کي وچ ۾ ئي روڪي ورتو. اهڙيءَ طرح پنهنجي خواهشن جي پوئواري ۾ هن هيءَ آخري رڪاوٽ هٽائي ڇڏي، انگريزي فوج جي حيدرآباد ڏانهن واٽ جي هوندي بہ ميرن عهدنامو صحيح ڪيو، پر هاڻي دير ٿي چڪي هئي. ميررستم خان وٽن پهچي ويو هو، ۽ ساڻس ٽيل ظلمن جي سڀني کي خبر پئجي ويئي هئي. اهي ظلم اهڙا تہ هئا جو جيڪر ڌارئين ماڻهو جو رت بہ جوش ۾ اچي وڃي. بهادر ٻروچ پاڻ جهلي نہ سگهيا ۽ هنن وٺي جنگ ۾ جلهه ڪئي، ۽ مارجي ويا. سنڌ سندن رت سان رڱجي ويئي آهي، ۽ سندن هڏا مياڻي ۽ دبي جي ميدانن تي پکڙيا پيا آهن. سندن گهر هاڻي اجڙ ٿي ويا آهن، پر سچو خدا ضرور هڪ ڏينهن انهن ظلمن جو داد ڪندو مياڻيءَ جي فاتح جا پنهنجا ئي هي اکر جي هن پنهنجن ڪرتوتن جي خلاف ڏنا آهن ۽ جيڪي لکت ۾ موجود آهن، اوهان کي پڙهي ٿا ٻڌايون. وڌيڪ لکڻ جو

ڪو ضرور ڪونهي:

”انگريز هندستان ۾ اڳرائي ڪندڙ هئا ۽ جيتوڻيڪ اسان جو فرمانروا ڪو غلط ڪم نٿو ڪري پر ان هوندي به سندس وزير اهو ڪن ٿا. ڪنهن به ليکڪ يا ماڻهوءَ کي نيپولين تي ڏوهه مڙهڻ کان اڳ انگريز وزيرن جي گناهن ڏانهن ڏسڻ گهرجي، جن هندستان ۽ آسٽريليا فتح ڪيو هو، ۽ جن ماڻهن اتي ظلم جي بازار گرم ڪري رکي هئي، تن جي هنن حفاظت ڪئي. اسان جي وزيرن جا ڏوهه نيپولين کان به وڌيڪ ۽ خراب هئا. چاڪاڻ ته نيولين اسپين جي بادشاهه جي خرابين جي ڪري لالچ ۾ اچي ويو هو، نه ته سندس مقصد ڪميڻپائي يا ظلم تي پڌل ڪونه هو پر انگريز حڪومت جو خاص ملطب هو پنهنجي واپارين کي شاهوڪار بنائڻ.“ ’شاپو ڪرسي، جو خوب نالو ڏنو آهي ماڻهن انهيءَ کي اهڙو گندو ۽ ذليل ظلم ڪڏهن به ڪنهن حڪومت طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ نه ڪيو هوندو. اسان جو هندستان (سنڌ) فتح ڪرڻ جو خاص مقصد هو پئسو ۽ پئسي جي لالچ، جو چون ٿا ته گذريل ست سالن ۾ هڪ ارب (هڪ سؤ ڪروڙ) پائوند هندستان مان ڇڪي ڪڍيا ويا آهن! اهوئي سبب آهي جو اسان اتي بي انداز ظلم ۽ زيادتيون روا رکيون ۽ ماڻهن کي ستايو. انهن ڏوڪڙن جو هرهڪ شلنگ رت جي تلاءُ مان چونڊي ڪڍيو ويو آهي ۽ رت اُگهي قاتل جي ڪيسي ۾ وڌو ويو آهي. اوهان انهيءَ کي ڪيترو به اُگهو يا توئي صاف ڪريو پر رت جو ٽڪر ڪڏهن به انهيءَ تان ڪونه لهندو. اهو رت جو ٽڪو مٿس لڳو ايندو ۽ اسان کي انهيءَ جو بدلو ضرور ملڻو آهي. منهنجو ايمان آهي ته آءٌ ظالم نيپولين کي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ظالمن کان وڌيڪ چڱو ٿو سمجهان: هڪ ماڻهو جو فقط طاقت جو متوالو هوندو آهي، انهيءَ جو اصول هوندو آهي ته فتح ڪيل ملڪن ۾ چڱو ڀير ڪڍجي ته جيئن نيڪ نالو قائم ٿئي. پر اهي ماڻهو جي عالمگير غبن جا

گهورا هوندا آهي، انهن جي نيت فقط شاهوڪار ٿيڻ جي هوندي آهي، پوءِ پل ته انهيءَ آزادي پوري ڪرڻ ۾ لڪين ۽ ڪروڙين ماڻهن جون خوشيون تباه ٿي وڃن! هڪڙي ڪي ته اسين خطاڪار يا مليل فرشتو چئي سگهون ٿا، پر ٻئي ڪي ”دوزخ ۾ ڇاول شيطان“ ڪان گهٽ نٿا سڏي سگهون. اهي اڪر ڇا انهيءَ سان لاڳو نٿا ٿي سگهن، جو رت جو درياه جهاڳي حيدرآباد جي خزاني تائين پهتو هو. ڇا ”دوزخ جا پيدا ٿيل شيطان“ جو اصطلاح، جو نيپئر ميرن استعمال ڪيو آهي، انهن ماڻهن سان لاڳو ٿي سگهي ٿو، جي هميشه صلح جا خواهان هئا ۽ جن جو چوڻ هو ته جنگ جو سنڌ ۾ ڪو جواز ئي ڪونهي، پر هن بنان ڪنهن سبب جي، بي انصافيءَ ۽ بي مروتيءَ سان سنڌن خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. افسوس غريب انسانيت، افسوس!

سنڌ جي انهن بدقسمت شهزادن جي مختصر احوال ڏيڻ کان پوءِ اهو ضروري آهي ته اوهان کي سنڌن خاندان جي زوال ۽ سنڌن تختگاهه جي تباهيءَ کان پوءِ، انهن تي جيڪي وهيو ۽ واپريو تنهن تي ڪجهه تبصرو ڪري ٻڌايان.

ميرِ رستم خان، جو اسي سالن کان به مٿي عمر جو پيرمرد هو، ۽ جو ڪمزوريءَ سبب ڪبو ٿي ويو هو، تنهن کي پنهنجن سڀني گناهن جي سزا ملي، يعني ته هن پنهنجي حياتيءَ جا آخري ڏينهن انهن ئي ماڻهن جي قيد ۾ گذاريا، جن جي هن خدمت ڪئي هئي! قيد جي حالت ۾ جيڪي به انگريز آفيسر ڪيس مليا انهن سندس ساراهه ڪئي ته هن نهايت مستقل مزاجيءَ سان سڀڪجهه سٺو ۽ پنهنجيءَ قسمت تي راضي هو. ڊاڪٽر برٽ، جو پوني ۾ ميرن جي چارج ۾ سول سرجن هو، تنهن هن بابت هي احوال ڏنو آهي:

”اڳيرن ميرِ رستم خان، سندس ننڍو پٽ علي بخش ۽ سندس پائٽيو ميرِ نصير خان، مارچ ١٨٤٤ع کان وٺي منهنجي

چارج ۾ هئا. انهيءَ وقت ڪان وٺي اڄ تائين مون منجهن ڪڏهن بہ غير معتدل هجڻ يا شرابخوريءَ جو اهڃاڻ نہ ڏنو آهي، جيتوڻيڪ پڌڻ ۾ آيو ٿي تہ اهي انهن ٻنهي ڪمزورين جا عادي آهن. مون انهن جي روزانو ۽ پڻ ڪن خاص وقتن تي ٽپاس ڪئي آهي ۽ سندن طبيعت کان پوريءَ طرح واقف آهيان. مير رستم خان، جو عمر ۾ آسي سالن کان بہ مٿي آهي، ساڳئي حال ۾ آهي. سندس ياداشت ٺيڪ آهي ۽ هو مذهبي رسمن جي پوري ڪرڻ ۾ ڏيو سخت آهي. رهڻي ڪهڻيءَ ۾ هو نهايت پرهيزگار شخص آهي. هو روزانو هڪ دفعو گوشت کائيندو آهي ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي يا ڪير استعمال ڪندو آهي. ميجر آئوٽرام پڻ انهيءَ ڏس ۾ انهن سڀني پوليٽيڪل آفيسرن جا رايا قلمبند ڪيا آهن، جن جو ميرن سان ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان واسطو رهيو آهي. اهي سڀئي انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ ميرن تي "سنڌ جي فتح" ۾ پيئڻ وغيره بابت جيڪي بهتان مڙهيا ويا آهن سي ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن. انهن تهمتن جو ايڏو تہ رد لکت ۾ موجود آهي، جو وڌيڪ لکڻ ناممڪن ٿيو پوي. پر ان هوندي بہ آءٌ اوهان کي هڪ مثال پڌرائڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. ميرن جي چارج ۾ ڪئپٽن گارڊن جي خط جو اقتباس ڏجي ٿو جو هن ريت آهي: "اوهان جي سوالن جي جواب ۾ آءٌ پڌرائڻ ٿو گهران تہ مير نهايت معتدل طبيعت جا ماڻهو آهن. اهي نہ فقط شراب پر ٻين نشيدار شين کان بہ پرهيز ڪن ٿا. ايتريقدر جو ٻيڙي بہ ڪونہ ٻين، چاڪاڻ تہ تماڪ جي ڌپ کان ڪين ڪرهت ٿيندي آهي. شراب يا تماڪ جي استعمال ڪرڻ جي سوال تي مير اسان لاءِ هڪ بهترين نمونو آهن. اسان رڳو پنهنجي اعليٰ تهذيب جو ڊونگ رچائيندا رهون ٿا ۽ انهيءَ اخلاق ۽ ڪردار جي ٺاهي دعوا ڪندا رهون ٿا، جو اسان ۾ آهيئي ڪونہ.

آءٌ پائنيان ٿوتہ هاڻي انهن ماڻهن ڪي اهو اطمينان ٿي ويو

هوندو تہ جيڪي بهتان مٿن مڙهيا ويا هئا، سي غلط هئا. هاڻي اهو رئيس آرام سان سُتو پيو آهي ۽ ڪيس اهو سُڪون ملي ويو آهي، جنهن جو انگريزن ڪيس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. جيڪي ميڙ باقي بچيا آهن، سي ڪيس ياد ڪري افسوس ڪندا رهن ٿا، پر سندن ستائيندڙن کان ڪوبہ آجورو ڪونہ ٿا گهرن، ۽ نہ وري جيڪي ڪانئن ڦريو ويو آهي، اهو واپس ٿا گهرن. جيڪي ٿيو سو گذريو. هاڻي هو فقط اهو چاهين ٿا تہ سندن پياري رئيس جا هڏا ڪين ڏنا وڃن، تہ اهي ڪٽي پنهنجي ملڪ وڃن، جتي هو ڄائو هو. ڪين اها اميد آهي تہ انگريزن جي هن لاءِ جيڪا ڏڪار آهي سا قبر تائين جٽاءُ نہ ڪندي ۽ اهي ان عرض اگهاڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪندا، ڇا ڪرستان حاڪم انهيءَ ڀيڙيءَ بيوه جو اهو آخرين عرض بہ قبول نہ ڪندا تہ جيئن هو پنهنجيءَ مٽيءَ کي پنهنجي مرحوم مڙس جي مٽيءَ سان گڏ پورائي. ڇا ڏهن سالن جي جلاوطنيءَ، غربت ۽ سڄائيءَ کان پوءِ بہ سندن اهو آخرين عرض نہ اگهائبو؟

ميڙ رستم کان پوءِ جمار جي ڪري سندس وزير فتح محمد غوري آهي. سندس باري ۾ اڳيئي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪيئن نہ ساڻس بي انصافيءَ جو ورتاءُ ڪيو ويو ۽ اسان جي پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر راس بيل ڪهڙي نہ ذليل هلت ساڻس ڪئي هئي. جيئن تہ هو هر وقت انهيءَ دغاباز علي مراد جي خلاف رهندو آيو، ان ڪري اسان جي سڄي لعنت ملامت مٿس ئي پوڻ لڳي. ڪئپٽن برائون کي ميڙ علي مراد جي وزير سندس خلاف ڪري چڙيو ۽ اهي ساڳيا شڪ سر چارلس نيپئر جي دل ۾ بہ پيدا ٿي ويا. اسان ڪيس پنهنجي دربارين ۾ ڪڏهن بہ اچڻ ڪو نہ ڏنو، چاڪاڻ تہ اسان ڏرئون اهو اعلان ڪيو هو تہ اسين هن کي ميڙ رستم خان جو وزير ئي نٿا ڪري ليکيون. جيتوڻيڪ اها هڪ دوست جي معاملن ۾ دستندازي برابر هئي، پر اسان انهيءَ تي بہ اڪتفا ڪانہ ڪئي. ويچاري وزير تي اها تهمت بہ مڙهي

ويئي تہ هن اسان واري ڪڇيءَ جي گورنر محمد شريف کي، قيد مان پڇي وڃڻ ۾ مدد ڪئي هئي. هي ڏوهہ مير رستم خان خلاف مڙهيل ڏوهن ۾ شامل هو ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان سندس ملڪ کي تباهہ ڪري مٿس قبضي ڪرڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهيو. ڪهڙي نہ ڪِل جي ڳالهہ آهي، جو هڪ طرف تہ اسين فتح محمد کي مير رستم خان جو وزير ئي تسليم نٿا ڪريون ۽ ٻئي طرف وري مير رستم خان کي انهيءَ ساڳئي ماڻهو جي ڪردار لاءِ جوابدار پيا سمجهون. فتح محمد پنهنجي حاڪم سان وفادار هو، انڪري هو ساڻس پڇي ويو. پوءِ ڪيس مير رستم خان سان گڏ قيد ڪيو ويو. مير علي مراد ڪانئس وير وٺڻ خاطر سر چارلس نيپيئر کي لکيو، تہ جيئن تہ شيخ علي حسين فتح محمد کان ڇهہ هزار رپيا لهڻي انڪري ڪيس سندس ٻانهن ڏني وڃي. اهو سيڪڇهہ ڊونگ هو، ڇاڪاڻ تہ علي حسين جڏهن سنڌ ۾ داخل ٿيو هو، تڏهن هو هڪ سچو ماڻهو هو ۽ هڙ ۾ پائي بہ ڪانہ هئس. پر هاڻي تہ ڏيجي جو وزير ۽ حڪومت جو صحيح معنيٰ ۾ مالڪ ٿي چڪو آهي. انگريزجنرل هڪدم انهيءَ عسڪين (فتح محمد) کي سندس جاني دشمن جي رحم ڪرم تي ڇڏي، ڪيس علي مراد جي حوالي ڪيو، جنهن کڻي بند ۾ وڌس. آسي سالن جو هيءُ پيرمرد، هڪ معمولي قيدي وانگر سڄا سارا ٻارنهن مهينا جيل ۾ پيو هو. آخر ڌڻي تعاليٰ مٿس رحم ڪيو ۽ ڪيس سندس ستائيندڙن کان نجات ڏياري. بهاولپور جو خان، جنهن جي پيءُ جي دربار ۾ هو وزير رهي چڪو هو، تنهن سر چارلس نيپئر کي لکي موڪليو تہ سندس پيءُ جي پراڻي دوست ۽ صلاحڪار جي ٻانهن ڪيس ڏني وڃي. سر چارلس وري قاصدکي علي مراد ڏانهن راهي ڪيو. علي مراد ڏٺو تہ بهاولپور جو خان انگريزن سان ٺهيل آهي، ان ڪري مٿس ٿوري ڪرڻ جي خيال سان قرض جا ڇهہ هزار وٺي، ڪيس انهيءَ ذليل قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو. فتح محمد خان جيئن ئي

واپس بهاولپور پهتو، تيئن اتي جي خان‌ڪيس ويهه هزار رپيا ڏيئي، هڪ ٻارنهن هزارن واري جاگير به عنايت ڪئي. خان ڪيس وزارت جي عهدي تي مقرر ڪرڻ جو خيال ڪيو، جا جاءِ اجا اتي خالي پيئي هئي. هڪ ته آسي سالن جي عمر ۽ تڪليفون جي هن قيد ۾ سڀيون تنهن سان گڏ سندس وڏي ٻٽ جو موت، انهن سڀني گڏجي سندس هوشياريءَ ۽ لياقت کي مڏو ڪري ڇڏيو. هن کي پاڻ به ته ملازمت جو ڪو شوق ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ عهدي لاءِ پاڻ کي وڏيءَ عمر جي ڪري بلڪل ناموزون تصور ٿي ڪيو. هن نيٺ وڃي اهي زمينون وسايون جيڪي ڪيس ڏنيون ويون ۽ جيڪڏهن ملتان ۾ بلوو نه ٿئي ها، ته اسين انهيءَ لائق شخص جي باري ۾ ڪي ڪين ٻڌون ها. سڪن سان ٻي جنگ شروع هئڻ جي ڪري لاهور جي ريزيڊنٽ بهاولپور جي خان کي چوائي موڪليو ته مولراج جي خلاف ليفٽيننٽ ائڊورڊس جي مدد ڪري. بهاولپور جي خان فتح محمد کي هيڏي وڏي عمر هوندي به بهاولپور جي فوج جو سپه سالار اعظم مقرر ڪيو ۽ هن ٣١- مئي ١٨٤٨ع تي ستلج ندي کي فوجن سميت پار ڪيو. ليفٽيننٽ ايڊورڊس جي فوجن کي جيڪا مدد فتح محمد ڪئي هئي انهيءَ جي اهميت خود انهيءَ آفيسر جي پنهنجن لفظن مان ملي ٿي:

"فتح محمد غوريءَ جو محاذ تمام خطرناڪ آهي ۽ منهنجي فتح جو دارومدار پڻ سندس سوڀ تي آهي." ١٤-جون تي فتح محمد پنج سؤ سپاهين ۽ يارهن توبن سان ليفٽيننٽ ايڊورڊس جي چوڻ موجب گوائين وٽ مورچا ٻڌي ويهي رهيو، جو شجاع آباد کان ٻارهن ڪوهه پري هو. سندس ڪمان هيٺ جيڪي فوجي هئا، اهي بيقاعدي سپاهي هئا جن ڪڏهن به توب مان گولا ڇٽندي ڪونه ڏٺا هئا. سڪ جرنيل رنگرام (مولراج جو سالو) اتر طرف پندرهن ملين جي پنڌ تي نوَ هزار باقاعدي فوج ۽ ڏهن توبن سان تيار ويٺو هو. اولهه طرف چناب

جي پراڻ دائودپوٽن جي ڪئمپ جي آمهون سامهون ليفٽيننٽ ايڊورڊس ۽ جنرل ڪورٽلينڊٽ ٽي هزار ماڻهن سان مورچا وجهيو ويٺا هئا ۽ وٽن ڏهه توپون هيون. ١٧- تاريخ سڪ فوج هيٺ لهي آئي ۽ اهڙي هنڌ اچي بيٺي جو بيٺي انگريزي فوجون هڪبئي کي مدد نه ڪري سگهن. سڪن درياهه جي پٽڻ تي به قبضو ڪري ورتو. سڪن جي انهيءَ چال کي ختم ڪرڻ لاءِ دائودپوٽن پير ابراهيم جي صلاح تي، ڪانيري وٽ اهڙيءَ طرح وڃي مورچا ٻڌا، جو ليفٽيننٽ ايڊورڊس کي درياه آڪرڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي. ١٨- جون تي جڏهن ليفٽيننٽ ايڊورڊس درياهه پار ڪري رهيو هو تيئن سڪ فوج جا مٿانهينءَ تي هئي، فتح محمد جي فوج جي ساڄي بازوءَ تي حملو ڪري ڏنو ۽ زبردست جنگ شروع ٿي ويئي. اها جنگ ڏينهن جي ڳچ حصي تائين هلي ۽ توبن جا ٽڪاءَ ڇهه ڪلاڪ لاڳيتا هلندا رهيا. بيقاعدي فوج، جنهن هيترو وقت هڪ باقاعدي فوج سان جنگ ڪئي، انهيءَ مان فتح محمد جي ثابت قدميءَ جو پتو پوي ٿو. ساڳئي وقت انهن هڪ مضبوط هنڌ تي به قبضو ڪري ورتو هو، يعني اهو جهنگ جنهن جي نه هجڻ سان هُو جيڪر ڪيتري به بهادري ڪن ها، پر ان هوندي به تباهه ٿي وڃن ها. ٢ بجي فتح محمد کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ۽ هو پنهنجن فوجن کي درياءَ تان وٺي آيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جنگ جي جيڪا مصيبت سندس فوجن تي هئي، اها هاڻي ليفٽيننٽ ايڊورڊس جي پٺاڻ فوجن تي پوڻ لڳي. اهي بهادر سپاهي مورڳوئي جهليا نٿي ٿيا، جو هنن پاڻ کي دشمن جي توبخاني مٿان ڪٽي اڇلايو. جيئن ته سڪن کي هاڻي مقابلي ۾ دائودپوٽن جي گولن جو خوف ڪونه هو، انڪري هنن پٺاڻن ۾ تباهي مچائي ڏني ۽ اهو به اهڙي وقت جڏهن هو حملي ڪرڻ کان جهليا نٿي ٿيا. ڏنو ويندو ته سڪ ليفٽيننٽ ايڊروڊس جي پٺاڻ فوج کي ختم ڪري

چڏين ها، پر جنرل ڪورٽاينڊٽ طرفان ڪيس موڪليل ڪمڪ تمام تڪڙي تڪڙي اچي پهتي. انهيءَ ۾ ڇهه توبون ۽ پيادن جون به ريجيمينٽون هيون، جن جي اچڻ ڪري ڏينهن جي قسمت ۾ ڦيرو اچي ويو. سڪ پيادن جو جيڪو وڏو حصو پٺاڻن جي ويجهو اچي چڪو هو، تنهن کي نئين آيل فوج جي گولن اچي ڪنيو، جن جي ڪين ڪا خبر ڪانه هئي. ساڳئي وقت مددي فوج جي ٻن ريجيمنٽن به حملو ڪري ڏنو. پٺاڻ سوارن جي هڪ جتي به سندن سات ڏنو. نتيجو اهو نڪتو جو هنن سڪن جي ٻن توبن تي وڃي قبضو ڪيو ۽ سڪ مونجهه ۾ وٺي ڀڳا. سندن مهندار رنگرام اڳيئي پڇي چڪو هو. ويتر جو ليفٽيننٽ ايڊوردس جي سڄي فوج به وڏي آئي، انڪري اهي ويتر تڪڙا ڀڳا. دائودپوٽن ان وقت پاڻ سنڀالي ورتو ۽ چڱو ڪم ڏنائون ۽ سڪن جي پڇنڌڙ فوج ڪان به توبون ٻيون به ڪسي ورتائون. اهو اتو ڪانيري جي جنگ جو احوال ۽ جنهن ۾ اهو ساڳيو فتح محمد هو جنهن کي هڪ انگريز جرنيل جي حڪم تي هڪ جڙتو قرض جي باري ۾ قيد ڪيو ويو هو، مٿس انگريزن جي قيديءَ کي پڇائڻ جو ڏوهه مڙهيو ويو هو، ۽ ڪيس نه فقط سندس عهدي تان لهرايو ويو هو پر ان سان گڏ اتر سنڌ جي پوليٽيڪل ايجنٽ ۽ سندس نائب، هن جي بيعزتي به ڪئي هئي. هاڻي انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ فوج جي هڪ خاص حصي جي ڪمان سنڀالي انگريزن جي جاني دشمن مولراج تي پهرين ۽ شاندار فتح حاصل ڪئي. ليفٽيننٽ ايڊوردس بنان ڪنهن رياءَ جي فتح محمد جي بهاديءَ جي ساراهه ڪئي آهي، ۽ پاڻ مڃي ٿو ته سندس ڏي حڪم موجب دائودپوٽن جي فوج ڇهن ڪلاڪن جي جنگ کان پوءِ پوئتي هٽي هئي، ۽ پنهنجي بيهڪ ساڄي بازو مان ڦيرائي ڏائي بازوءَ تي آندي هئي. هن پوڙهي وزير تي بيوقوفيءَ جو الزام ڌري ڀڏايو آهي ته جنهن وقت توبن جا گولا سندس مٿان

پئي گذريا، ان وقت هو وڻ هيٺان بيپرواهه ٿيو تسبيح جا داڻا سوري رهيو هو. سندس چوڻ آهي ته جوش ۾ هو عمر جي ڪمزوري وساري چڪو هو، ۽ جڏهن هُن هڪ نظر انهيءَ ڏکنڌڙ پوڙهي تي وڌي، جو ڏانهنس اچي اچي رهيو هو، تڏهن هُن ڪيس ائين ڏٺو جڻڪ هن ڪيس سڃاتوئي ڪونه ٿي. ڏسڻ ۾ ايندو ته هڪ اهڙو ماڻهو جو ريڊزڪي يا ويلنگٽن جي عمر کان وڌيڪ عمر گذاري چڪو هو ۽ جو چار ويهون (آسي) سالن جون پوريون ڪري چڪو هو ۽ تازو جيل مان نڪري آيو هو، هاڻي اهڙو ماڻهو ڪيئن ٿو هڪ بهترين يورپي آفيسر سان هوشياريءَ ۽ لياقت ۾ پڄي سگهي. جيڪڏهن هو وڻ جي هيٺان بنان ڪنهن ڪم ڪرڻ جي ويهي رهيو هو، ته انهيءَ ۾ ڀؤ ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ليفٽيننٽ ايڊورڊس پاڻ به ته ساڳي ڪار ڪئي هئي. جُون جي ساڙيندڙ آس ۾ جتي وڻ کان سواءِ ٻي ڪابه ڇانوَ نه هجي ۽ جتي نه پاڻيءَ جو ڍڪ ملي ۽ نه ٺڏي هوا هجي، ته ٻوءِ اهڙي حالت ۾ وڻ جي هيٺان نه ويهجي ته ڪٿي ويهجي. سڪ مهندار رنگرام پاڻ به ته بنان ڪنهن ڪم ڪار جي ويٺو هو، جنهن کي اسان جي ڪمانڊرن کان وڌيڪ خبردار ٿيڻ کپندو هو. چون ٿا ته هو نونار جي ڳوٺ جي پرسان ٽڪريءَ تي هڪ هاٿيءَ مٿان چڙهيو بيٺو هو، ۽ اتان بيٺي جنگ جو تماشو ڏٺائين. جڏهنَ اسان جون وڏڻ لڳيون تڏهن هو جنگ جي ميدان کان تمام گهڻو پري وڃي بيهي رهيو. انگريزن جيڪي ڪيس تڪليفون ڏنيون هيون انهن جي صلي ۾ پين ڏيهي رئيسن وانگر فتح محمد جو ڪم هو ته هو ميدان چڏي وڃي يا وڃي دشمن سان ملي. پر فتح محمد ائين ڪونه ڪيو. هو سڄو وقت حملي جي سٽ جهليندو رهيو، ۽ جنگ ڪندو رهيو. ان کان پوءِ هو سڄي بازوءَ تان پاڻ بدلائي ڪيي هٿ تي وڃي بيٺو، ۽ دشمن کي تباهه ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏنائين. هڪڙو ماڻهو جنهن انهيءَ جنگ ۾ اهم حصو ورتو هو تنهن جو رايو

آهي تہ فتح محمد تي ڪنهن بہ قسم جي تنقيد ڪرڻ جو ڪو جواز ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ هو ڪڏهن بہ ڪنهن خوف کان نہ ڊنو آهي. جيڪڏهن هو دشمن کان هٿ ڪيل توبن ڪي جنگ جي ميدان ۾ نہ رکي ها تہ پوءِ متس ڪڏهن بہ ڪمزوري وغيره جو الزام نہ مڙهيو وڃي ها. سندس دعويٰ هئي تہ اهي توبون اسان جي گڏيل فوج جي وڏي حصي سان وابستہ هيون، جن ڇهہ ڪلاڪ دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ ساڳئي وقت سوار فوج بہ مهيا ڪري ڏني، جنهن دشمن ڪي پڇاڻ ۾ وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو. اهڙين توبن کي جنگ جي ميدان ۾ ڇڏڻ کان هن نابري واري، ڇاڪاڻ تہ اهي سندن فوج دشمن کان هٿ ڪيون هيون. انهن توبن کي ڇڏي ڏيڻ سان سندن فوجن جي دل شڪني ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ اهي وڏيءَ محنت سان دشمن کان کٽيون ويون هيون. ساڳئي وقت پٺاڻن وٽ ڪو بہ ڊور ڊگهو وغيره ڪو نہ هو، پر فتح محمد وٽ ان وقت ڇهہ سؤ ڊگها هئا، جن کي هن جوتائي توبون جنگ جي ميدان مان ڪڍارائي ورتيون. ميجر ائڊورڊس جي ڪتاب جي ٤١٧ صفحي تي فتح محمد جي باري ۾ هڪ غلط قصو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هن کي "ڀاڄوڪڙ" جو خطاب ڏنو ويو آهي. انهيءَ قصي جي متڻ موجب ڪيس دغابازي ۽ ملڪ دشمن ڪري ثابت ڪرڻو آهي، پر ساڳئي وقت ڪيپٽن ايڊورڊس جو اهو بہ بيان آهي تہ فتح محمد جو انگريزن جي طرف هجڻ سندن خوش قسمتي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو انگريزن کان وڌيڪ سنڌ ۽ ان سان لاڳو ملڪن جي حالتن کان پنجاهہ سالن کان وٺي واقف هو. فتح محمد انهيءَ غوري خاندان سان تعلق رکي ٿو، جنهن هندستان کي شهنشاهہ ڏنا هئا، پر جنهن شاخ مان هو آيو هو، تنهن مان ڪوبہ وڏي عهدي تي ڪونہ هو ۽ سندس پيءُ هڪ اسڪول ماسٽر هو. فتح محمد بنهنجي اوائلي زندگي هڪ مشهور پير جي مريديءَ ۽ صدق ۾ گذاري، جنهن کي درياهہ جي ٻنهي ڪپن تي وڏو

ملڪ قبضي ۾ هو، پر جيئن ته پير هڪ سخت ۽ جهيڙاڪ ماڻهو هو، انڪري فتح محمد ڪيس ڇڏي وڃي بهاولپور جي خان وٽ نوڪريءَ ۾ ٻيٺو، جو هاڻوڪي خان بهاول جو ڏاڏو هو. هي واقعو اٽڪل پنجاهه سال اڳ جو آهي جڏهن فتح محمد پنجتيهه يا چاليهه سالن جو هوندو. انهيءَ ڪان پوءِ پيرَ بهاول خان سان به تڪرار ڪري وڏو، جنهن تي بهاول خان آچ تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪيو. پيرَ پڇي وڃي خيرپور ۾ پناهه ورتي، ۽ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو بهاول خان ۽ سنڌ جي ميرن جي وچ ۾ سخت جنگ لڳي. فتح محمد ان وقت بهاول خان جي فوج جو مهندار هو پر ڪيس شڪست ملي ۽ پيرَ کي وري به آچ جي گادي ڏياري ويئي. ڪيس فقط شهر جي حڪومت ڏياري ويئي پر سندس زمينون واپس نه ملينون ۽ وقت گذرندو ويو. بهاول خان مري ويو ۽ سندس جاءِ تي سندس پٽ سعادت خان تخت تي ويٺو، جنهن جي دؤر ۾ فتح محمد وزارت جي عهدي تي مقرر هو. هڪ ڏينهن خان پنهنجي وزير فتح محمد سان گڏ، ساڳئي آٽ تي سوار هو، خان اڳيان ۽ فتح محمد پٺيان، جيئن ئي آٽ هڻشيو ته سوار لهن، تيئن سعادت خان جي هڪ مائٽ سنجر خان، خان تي حملو ڪري ڪيس زخمي ڪري وڏو. تلوار جي ڌڪ آٽ کي به ڦٽي وڏو، انڪري آهو اٿي ڀڳو ۽ فتح محمد هيٺ ڪري پيو. هٿ ۽ گوڙ ۾ سنجر خان ڪسڪي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جيئن ته فتح محمد ڪري پوڻ سبب پنهنجي آقا جي مدد نه ڪري سگهيو، انڪري سمجهيو ويو ته هو به انهيءَ سازش ۾ سنجرخان سان شريڪ هو. فتح محمد کي انهيءَ ڪري پنهنجي جان بچائڻ خاطر پڇڻو پيو. هو پهرين ملتان هليو ويو جنهن جو حاڪم مظفرخان هو. هي اهو مظفرخان هو، جو رنجيت سنگهه خلاف شهر جي بچاءَ ۾ جنگ ڪندي مارجي ويو هو. بهاولپور جي خان ڪيس تاڪيدي نياپو ڏياري موڪليو ته فتح محمد کي پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍي، پر هن صاف

انڪار ڪري ڇڏيو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جنگ لڳي جنهن ڪي ميجر ايڊورڊس بنان ڪنهن سبب جي فتح محمد جي شرارت قرار ڏنو آهي، جنهن ۾ هن جو مطلب ستاج ۽ شجاع آباد جي وچ ۾ سڄي ملڪ تي قبضو ڪرڻو هو. ملتانين کي شڪست پهتي ۽ فتح محمد لاهور پڄي ويو، جتي رنجيت سنگهه وٽ سندس وڏي مان سان آجيان ڪئي ويئي. مذهبي يا ڪنهن ٻئي خيال کان هن رنجيت سنگهه وٽ نوڪري ڪانه ڪئي ۽ ديره غازي خان جي رستي اتر سنڌ ۾ پهتو، جتي ڪيس هڪدم وزير اعليٰ جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. خيرپور ۾ ٿيل سندس آجيان، مير سهراب ۽ رستم جو سندس لاءِ پيار، ۽ ان جي ابتڙ ميجر ايڊورڊس جو سندس باري ۾ ڏنل بنان، ڪنهن طرح سان نٿو ٺهڪي اچي، پر انهيءَ کان وڌيڪ غير موزون وري اهو قدم هو جو سڀ کان پوءِ ڪنيو ويو. بي بنياد شڪ، جن جي ڪري ڪيس بهاولپور مان پڇڻو پيو سي هاڻي دور ٿي چڪا هئا، ۽ سندس بيگناهي اهڙي ته پڌري ٿي پيئي هئي، جي هاڻوڪي خان سندس آزادي، مير علي مراد کان خريدي، ڪيس وڏي ۾ وڏو عهدو به ڏيڻو ڪيو فتح محمد جي معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو پڌائڻ ضروري ٿيندو ته اتر سنڌ ۾ هيءَ پهريون ئي ماڻهو هو، جنهن انگريزن جي سفير جو آدرپاءُ ڪيو هو. برنس جي سفرنامي جي ٽئين جلد ۾ سندس ۽ انهيءَ آفيسر جي ملاقات جو هيءُ بيان ڏنل آهي: اسان جي درياهه جي ڪپ تي خيرپور جي وزير سان اچرج جهڙي ملاقات ٿي، جنهن کي مير رستم خان اسان ڏانهن موڪليو هو. هُن انهيءَ وقت ئي اسان جي انگريز حڪومت سان عهدنامي ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي ۽ انهن پاڙيسري رياستن جو ذڪر به ڪيو هو جن جو وجود انگريزن سان ڪيل عهدنامن جي ڪري موجود هو، جهڙوڪ داؤدپوٽن جو رئيس، جيسلمير جو راول ۽ بيڪانير جو راجا. هُن اهو پڻ ٻڌايو ته جوتشين جي اڳڪتي آهي ته انگريز هڪ

ڏينهن سڄي هندستان تي قبضو ڪندا ۽ انهيءَ اڳڪٿيءَ ۾ پنهي جو يعني سندس ۽ ميرر رستم خان جو ايمان هو. جڏهن ڪانئس اهو پڇيو ويوتہ خيرپور جا مير انگريزن سان ڇو عهدنامي ڪرڻ جي خيال ۾ آهن، تڏهن وراڻيائين تہ انگريزن جو تارو چوٽ تي آهي ۽ سندن بخت بلند آهي.

مون کي هاڻي وڌيڪ هي چوڻو آهي، تہ فتح محمد هاڻي هڪ جاگير تي رهي ٿو جا بهاولپور جي خانڪيس ڏياري آهي ۽ اتي ڪيس عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. مون کي اميد آهي تہ ڪانيري جي فتح، جنهن سندس ستائيندڙن جي عزت وڌائي آهي، ان کي خيال ۾ رکي، من ڪو سندس خدمتن جو اعتراف ڪيو وڃي. جن ماڻهن لاءِ هو اها جنگ وڙهيو هو، يعني تہ انگلنڊ جا ماڻهو، سي انعام ڏيڻ ۾ آهن تہ سست، پر ان هوندي بہ مون کي اميد آهي تہ مَن ڪيس کو اجورو ڏيارين.

مرتبي جي لحاظ کان خيرپور جي ميرن ۾ ٻيو نمبر مير رستم خان جي وڏي پٽ محمد حسين جو آهي. سندس عمر هاڻي پنجيتاليهہ سال ٿيندي. هو جيتوڻيڪ اترسنڌ ۾ هڪ فوج جو مهندار هو، پر ان هوندي بہ هن سر چارلس نيپئر جي دشمنيءَ واريءَ اڳرائي خلاف کو بہ قدم نہ کنيو هو. هن پنهنجي پيءُ کي اها بہ صلاح ڏني هئي تہ، گهر جي ماڻهن کي خيرپور کان ٻاهر نہ موڪليو وڃي ۽ ساڳئي وقت مير رستم خان جي حيدرآباد پڄي وڃڻ وقت بہ هن پنهنجي پيءُ سان گڏ وڃڻ کان بلڪل نابري واري هئي. هن ڪڏهن بہ پڇنديءَ سارو انگريز جنرل کي ناراض ٿيڻ جو موقعو نہ ڏنو هو. سندس پيءُ ۽ پاڙرن جي قيد ٿي وڃڻ کان پوءِ هو پنهنجي ماءُ، مير رستم خان جي بيوه ۽ خاندان جي ٻين عورتن سان بڙديڪا مان لنگهندي، مرين ۽ مزارين وٽ ڪي ڏينهن ترسيو هو، جن سندس بدقسمتيءَ تي ترس کائي ڪيس پناهہ ڏني هئي. ڪجهہ سالن کان پوءِ هو ملتان

هاڻو ويو، پر اڻي جي سڪ حاڪم بہ ڪيس شهر ۾ اندرگهڙڻ کان منع ڪئي. پر ڪيس اها اجازت ڏنائين تہ سرحد تي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڀلي وڃي رهي، ۽ آتيئي هو اچا تائين رهيو پيو آهي. ميرعليمراد تي جيڪا ڪميشن ويٺي هئي انهيءَ ۾ هو پاڻ لنگهي آيو ۽ گرفتاريءَ جو بہ خيال نہ ڪيائين. اتي اچي اهڙي تہ سادگيءَ ۽ دل ٺيائينڙ نموني ۾ شاهدي ڏنائين، جو سيني ماڻهن جي دل ۾ سندس لاءِ عزت پيدا ٿي ۽ هو سندس ساراهہ ڪرڻ لڳا. انگريز گورنمينٽ سندس ڪيل گناهن جي پاداش ۾ ڪيس پنج سؤ رپيا مهينو پينشن منظور ڪري ڏني، جا هن وٺڻ کان نابري واري ۽ چيائين تہ اها رقم سندس ۽ سندس خاندان جي ماڻهن لاءِ بلڪل اڻپوري آهي. ساڳئي وقت هن انهيءَ خيال کان بہ انڪار ڪيو جو ڪنهن ڏوهہ جي مٿس تهمت مڙهي ۽ ڪيس پوءِ پينشن ڏني وڃي. اها سندس لاءِ بيعزتيءَ جو باعث ٿيندي. اهو اٿوَ محمد حسين جنهن کي اسان سندس ملڪ مان تڙي ڪڍيو، ۽ هو پنهنجي خاندان جي زالن سان هڪ پناهگير وانگر ڏکا ڪاٽيندو رلندو رهيو. ننڍڙن اميرن جي ميرر رستم خان ۽ مبارڪ خان جي اولاد مان هئا تن کي سرچارلس نيپئر، ميرعلي مراد جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڪيني ۽ ڏڪار سبب مٿن هرڪنهن قسم جا ظلم ۽ زيادتيون روا رکيون. نتيجو اهو نڪتو جو اهي بک ۽ آڄ، ٿڌ ۽ اگهاڙپ ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪرڻ لڳا. هنن جيڪو سر چارلس نيپئر کي ياداشتنامو موڪليو هو، تہ سندن حالت اهڙي تہ خراب آهي جو انهيءَ کان سندن لاءِ بهتر آهي تہ مري وڃن. علي مراد جو هڪ معمولي نوڪر بہ سندن حالت جي پيٽ ۾ آرام سان آهي ۽ خوشحال گذاري ٿو. انهن مان بہ ڪيترا تہ گذاري ويا آهن ۽ باقي جيڪي رهيا آهن، انهن لاءِ جيڪڏهن انگريز سرڪار وچ ۾ نہ پوندي، تہ اهي بکن وگهي، انهن ظلمن ۽ زبردستين جو شڪار ٿي مري ويندا.

”هي اهي سؤٽ ۽ پائٽيا آهن، جن جو سؤٽ ۽ چاچو حڪومت جو مالڪ هئڻ ڪري آزاد آهي، پر آهي پنهنجن جو ويري.“

حيدرآباد ۾ قيد ٿيل ميرن جي ڪي گهٽ ڄاڻ آهي، مير نصير خان، صوبدار خان ۽ صوبدار جو وڏو پٽ فتح علي جهان ڇڏي ويا آهن. ميرپور جو مير شير محمد خان لاهور ۾ آهي ۽ هو سيکن واريءَ جنگ جي عرصي ۾ سڄي وقت اتي رهيو. هن اتي پنهنجيءَ تلوار سان اسان جي دشمن جي مدد ڪئي هئي، پر فقط انهيءَ ڪري جو ڪيس سندس گهر مان تڙي باهر ڪڍيو ويو هو. غلام عليءَ جو پٽ مير محمد خان ۽ سندس پائٽيا يعني تہ مير نور محمد ۽ مير نصير خان پٽ اڃا جئيرا آهن. اٺ سال ٿي ويا آهن، جو ڪين سندن خاندان کان ۽ ويجهن عزيزن جدا ڪيو ويو آهي. نور محمد جي وڏي پٽ شهداد خان کي سورت جي قلعي ۾ هڪ معمولي ڏوهاري وانگر قيد ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ مٿس اها تهمت هئي تہ هن ڪئپٽن اِينس کي قتل ڪيو هو، آخر گورنر جنرل ڪيس بچاءَ ۾ ڳالهائڻ جي اجازت ڏني. ٢٠- مئي ١٨٤٨ع تي ڪورٽ منعقد ٿي جي اڳيان مقدمو هلايو ويو ۽ پوءِ ڪيس عزت سان بري ڪيو ويو. اهو اٿو انگريزن جو انصاف! پنج سال هڪ قيدي شهزادي کي معمولي ڏوهاريءَ وانگر جيل ۾ رکي ۽ پوءِ ڪيس باعزت بري ڪرڻ جي سزا ڏني ويئي. انهيءَ کان پوءِ ڪٿي هيءُ ماڻهو سندن جند ڇڏين ها، پر نہ. سورت جي ڇٽي پر وري بہ ڪيس پنهنجي گهر کان گهڻو پري بنگال جي اٿوٽندڙ ۽ گنديءَ هوا ۾ اڇلايو ويو ظلم جي بہ هڪ حد ٿيندي آهي ۽ هيءُ انگريزي ظلم جو هڪ آخرين نمونو هو، جو انهيءَ شهزادي جي خلاف استعمال ڪيو ويو هو. ڇيو وڃي ٿو تہ شهدد خان فقط ڪي مهينا اتي جيئرو رهيو ۽ پوءِ مري ويو. ڪلڪتي ڏانهن ويندي شهداد خان سان هڪ اهڙي

انگريز جي ملاقات ٿي، جو تمام وڏي عهدي تي فائز هو، ۽ هن هيءُ بيان سندس باري ۾ ڏنو آهي: ”ميرشهداد خان سان منهنجي گفتگو اهڙيءَ طرح ٿي جهڙي هڪ اوپتو ماڻهوءَ جي ٿيندي آهي. حالتن موجب مون کي به ڪلاڪ اسٽيمر تي رهڻو پيو، ۽ جيئن ته هو مون کي هڪ عزت وارو، خوش پوشاڪ ڏيهي ماڻهو ٿي ڏسڻ ۾ آيو، انگريز مون سائس ملاقات ڪرڻ گهري. مون کيس وڃي سلام ڪيو، جنهن جو هن نهايت فهميدي نموني سان، جو اوپر جي ملڪن جي عام عادت آهي، سلام جو جواب ڏنو. جيتريقدر مون کي يادگيري آهي ته مون کانئس سندس سفر متعلق پڇيو ۽ پوءِ اسان پنهي ٻاڦ جي طاقت ۽ ان تي هلندڙ مشينن بابت گالهه ٻولهه ڪئي. آخر هن مون کان پڇا ڪئي ته هينري پاٽنجر ڪڏهن موٽي ايندو؟ هن وڌيڪ ٻڌايو ته پاٽنجر سندس ۽ سندس خاندان جو دوست آهي، انگريز کيس سائس ملاقات ڪرڻ جي وڏي خواهش آهي. هن مون کان سنڌ بابت ۽ پڻ مير علي مراد خان بابت ڪي سوال به ڪيا. جيئن ته آءٌ ڪلڪتي ۾ رهيو هوس، ۽ ميرن کي سوار ٿيندي ڏٺو هوم، انگريز وري ڪلڪتي بابت گالهه ٻولهه ٿيڻ لڳي. هن پوءِ مون کان پڇيو ته سرچارلس نيپئر ڇا ڪري رهيو آهي ۽ سندس باري ۾ چيائين ته هو هڪ بهادر جرنيل آهي. هن اهو خيال ظاهر ڪيو ته سرچارلس نيپئر هڪ سٺو ماڻهو ٿي سگهي ها، جيڪڏهن کيس هتي جي ماحول جي خبر هجي ها ۽ ماڻهن جي ٻوليءَ، رهڻي ڪرڻيءَ ۽ ريتن رسمن کان واقف هجي ها، ساڳئي وقت اها به خبر ڪانه هئي، ته ميرن جا ڪهڙا حق آهن نه ته هو ڪڏهن به سائن اهڙي هلت نه ڪري ها. هينري پاٽنجر يا ٻين ڄاڻو معزز حضرات وانگر جيڪڏهن کيس ماحول جي خبر هجي ها، ته هو ڪڏهن به سندس خاندان کي نقصان نه پهچائي ها. اهو هو اسان جي گفتگوءَ جومتن. مون کي ياد آهي ته آءٌ انهيءَ مير

جي برداشت جي جذبي ۽ سخاوت تي حيران ٿي ويو هوس، چاڪاڻ ته هو هڪ اهڙي جرنيل جي ساراهه ڪري رهيو هو، جنهن سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو. ٿي سگهي ٿو ته ڪيس (سرچارلس ڪي) به انهيءَ رواداريءَ جو احساس ٿيو هجي. شهداد جي انهن لفظن ڪي نيپئر جي اکرن سان پيٽيو ۽ فيصلو ڏيو ته ڪهڙا اکر اسان جي مذهب جي اصولن سان وڌيڪ ملي جُلي اچن ٿا. ”پنهنجي دشمن کي پيار ڪريو انهن کي دعا ڪريو جي اوهان کي پيٽين ٿا، ۽ انهن سان چڱائي ڪريو جي اوهان کي ڌڪارين ٿا.“ سرچارلس نيپئر کي رڳو انهيءَ ڳالهه تان ڪاوڙ لڳي هئي، جو هنن ميرن ڪيس ڪيل درخواست ۾ عيسيٰءَ جي نالي تي رحم جي درخواست ڪئي. ڇا، ڪيس اها خبر نه آهي ته مسلمان عيسيٰ عليه‌السلام کي هڪ وڏو پيغمبر ڪري ٿا مڃين ۽ ڪيس روح الله ڪري ڪونين ٿا. انهيءَ ۾ ڪا عجب عجب ڳالهه نه آهي، جو هو ڪرستانن کي هڪ اهڙي نالي سان درخواست ڪن ٿا، جنهن کي هو تمام گهڻي عزت ڏين ٿا. هاڻي ٻڌايو ته انهن ٻنهي مان ڪهڙو غير غير مهذب آهي. اهو جو نجات ڏيندڙ جي نالي تي رحم ٿو طلبي يا اهو جو رحم نٿو ڪري؟ جيڪو سندس نالي تي رحم جي درخواست رد ٿو ڪري، اهو سمجهو ته عيسيٰءَ کي ئي ٿو رد ڪري.

آخر ۾ انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ هي ٿورا اکر چوڻ ضروري آهن، ته سنڌ جي فتح نه فقط هڪ گناهه هو پر فرينچن جي ٿوڪ واري چوٽيءَ ۾ انهيءَ کان به وڌيڪ خراب يعني ته هڪ سياسي غلطي هئي. حيدرآباد جي قلعي ۾ جيڪڏهن سچ پچ به ڪروڙ رپيا هجن ها، جيئن سر اليگزينڊر برنس ٻڌايو هئو آهي يا لارڊ ايلنبرو جي چوڻ موجب نئين مصر جي چاندي جي چمڪندڙ لارَ اسان جي بمبئيءَ واري ضربخاني ۾ سڪن ڌاهڻ جي ڪم اچي ها، ته پوءِ مڙيئي خير

هو. چاڪاڻ تہ زر جي لالچ ۾ انهن بدقسمت ماڻهن سان ٿيل ظلم جي باري ۾ هر ڪو ڪن بند رکي ها. ماڻهن ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ هوندو آهي، جو حرام جو هٿ ڪيل مال واپس ڪري، چاڪاڻ تہ ڪنهن به قوم غلط نموني ۾ هٿ ڪيل نفعو ڪڏهن به واپس نہ ڪيو آهي، پوءِ انهيءَ ۾ پل تہ ڪهڙي به قسم جون زيادتيون ڪيون ويون هجن. ميجر آئوٽرام جو مثال ٻڌائڻ ڪافي ٿيندو. ڪيس ٥ (پنج) لک انعام طور ڏنا ويا، پر هن ونڊ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چاڪاڻ تہ ڪيس اهو احساس هو تہ انهن پئسن جي ڪري ئي ميرن جي مٿان تباهي مڙهي ويئي هئي. اهوئي سبب آهي جو هن آخر ۾ هڪ زبردست اپيل ڪري ڇڏي آهي. اها اپيل هڪ خراب ۾ خراب، انساني لوڀ جي جذبي کي ڪيل آهي، ۽ پڻ اسان جي پئسن گڏ ڪرڻ جي حرص کي آهي. پرقسمت سان يا بدقسمت سان، جيڪو چاندي ۽ جو چمڪاٽ ستيو ويو هو، سو گلٽ ۾ بدلجي ويو. اسين پڙهندڙن کي گذارش ڪنداسين تہ نيپئر جا اکر پڙهي ۽ پوءِ ان کي انهيءَ سچي فهرست سان پيٽين جا اسان هن گڏ رکي آهي:

”سنڌ جي آپت سان تعلق رکندڙ سيني ماڻهن جي اها هڪ عام راءِ آهي، تہ اها تمام گهڻو وڏي ويندي. سٿي ۾سڻو ڪليڪٽر سمجهي ٿو تہ اها پنجن سالن ۾ ڏهہ لک پائونڊ ٿي ويندي. ساڳئي وقت اهو به ضروري نہ آهي تہ ڪو سرڪارجو خرچ وڌندو.“ انهيءَ راءِ کي رد ڪرڻ لاءِ سچن انگن اکرن پيش ڪرڻ کان اڳ، اسان کي ميرن جي آپت ۽ ان جي آڳاڙڻ جي طريقي تي تبصرو ڪرڻ ضروري ٿيندو. ائين ڪرڻ ۾ اسين سمجهون ٿا تہ اسين پڙهندڙن کي مصر جي پراڻي چوٽي ياد ڏياري رهيا آهيون. چاڪاڻ تہ اها پڪ آهي تہ جنرل جي ڏيري گئونءَ پنهنجي اڳينءَ متاري جائنشين گئون کي گڙڪائي ڇڏيو آهي ۽ مال اوتري جو اوترو رهيو!

سنڌ جي ايراضي ٤٥٠٠٠ چورس ميل ٿيندي ۽ انهيءَ جو پنجون حصو مير عليمراد جي ملڪ آهي. آدمشماريءَ جي بہ عجيب نموني ڳڻپ ٿي آهي. هاڻي جيڪو نئون مقالو "ڪلڪتا ريويو" ۾ ڇپيو آهي تنهن موجب انگريزن جي هٿ هيٺ سنڌ ۾ ٥٢٥٠٠٠ ماڻهو رهن ٿا ۽ ان ۾ جيڪڏهن هڪ پاڳي آٺ مير عليمراد جي رعيت ڳنڍيون (ڇاڪاڻ تہ سندس ملڪ ايڏو آباد ڪونهي) تہ پوءِ جملي آدمشماري ٦٩٠٠٠٠ ٿيندي. انهيءَ موجب هرهڪ چورس ميل ۾ ڳڻپ جي لحاظ کان پندرهن ماڻهو في چورس ميل ۾ ايندا. آدمشماري تي نظر ڪرڻ سان اسان کي انهيءَ ملڪ جي آباديءَ ۽ ان جي حالت جو پورو پورو اندازو ٿي سگهي ٿو.

قسمت سان اسان کي سنڌ جي ماڻهن بابت پهريون دفعو هڪ صحيح فهرست ملي آهي جا اسان پڙهندڙن اڳيان رکون ٿا. جنهن ۾ جدا جدا جنسن جي ورهاست بہ ڏيکاريل آهي:

سنڌ جا مير هڪ اهڙي ملڪ تي حڪومت ڪندا هئا، جنهن جي ايراضي ٤٥٠٠٠ چورس ميل هئي، ۽ انهيءَ جو آدم يارنهن لک کن هو. جنهن جو مطلب آهي تہ هر چورس ميل تي چووبهہ ماڻهو رهندا هئا. هاڻي اهڙو ملڪ جنهن جي ايتري ڇڊي آبادي هجي، اتي ڇهن لکن کان مٿي محصول حاصل ڪرڻ کو ڏکيو ڪم ڪو نہ هو. سنڌ جي آدمشماري برٽش انڊيا جي آدمشماري جو هڪ پاڳي چورانوي حصو هو، ۽ ساڳئي وقت ان جي ايراضي برٽش انڊيا جي هڪ پاڳي ڏهہ هئي. اهو ملڪ جيڪر هڪ آباد ڪئالينورينيا ٿي سگهي ها، ۽ سر چارلس نيپئر جي خواب جو تعبير بہ ٿي وڃي ها. (پر ائين نہ ٿي سگهيو).

هاڻي اچو تہ انهن سڌارن تي بحث ڪريون جي اسان جي حڪومت وڌيڪ آپت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيا هئا. ميرن جي وقت ۾ سنڌ، جدا جدا پرڳڻن يا صوبن ۾ ورهائي ويئي هئي، جي وري تپن يا ضلعن ۾ ورهايل هئا. هرهڪ پرڳڻي تي

هڪ سزاوال يا وڏو ڪليڪٽر مقرر ڪيل هو، جنهن ڪي هڪ خزانچي ۽ اٺن-ڏهن گماشتن ۽ سپاهين جي جماعت مدد لاءِ ڏني ويئي هئي. تپي تي وري ڪاردار رکيل هو، جنهن کي پڻ زيردستن جو هڪ ننڍو عملو ڏنل هو، پر اهو هو سزاوال جي زيردست. انهن عملدارن کي چڱو پگهار ڏنو ويندو هو، خاص ڪري سزاوال کي، جي گهڻو ڪري سٺي خاندان مان هئا ۽ چڱي لياقت رکندڙ هئا، ڪين پنج سو روپيا پگهار ڏنو ويندو هو، جنهن سان آهي سنڌ جهڙي هڪ غريب ملڪ ۾ فراغت سان گذاريندا هئا. سال ۾ ٻه دفعا لاباري جي وقت يعني ته بهار ۽ سرءُ جي موسم ۾ هرهڪ مير جو مخفي ماڻهو، عيوضيءَ جي حيثيت ۾ سندس ملڪ ۾ وڃي پهچندو هو، ۽ اتي وڃي سزاوال کان حساب ڪتاب وٺندو هو. جيڪا به غلطي وغيره هوندي هئي اها ٺيڪ ڪندو هو، ۽ ماڻهن جي درخواستن تي به انهيءَ وقت غور ڪري فيصلو ڪيو ويندو هو. هي خاص عيوضي ميرن جو مائٽ هوندو هو ۽ اهو سندس فرض هو ته ڏسي ته ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتي ته نٿي ٿئي. چاڪاڻ ته هاريءَ ناريءَ تي جيڪڏهن ڪنهن هڪ هنڌ تي ظلم ٿيندو هو، ته پوءِ هو انهيءَ امير جو ملڪ ڇڏي وڃي ٻئي جون زمينون وسائيندو هو. انهن عملدارن کي ۽ پڻ سزاوال ۽ ڪاردارن ۾، جي نوڪري ۾ هئا، هڪ اٽلي خاصيت اها هئي جو هو ماڻهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندا هئا. انهن جي روزگار جي ذريعي، انهن جي عادتن ۽ پڻ انهن جي آٽ ويهه، کان به هو واقف هوندا هئا. جيئن ته اهي سڄي عمر اتي رهندا ٿي آيا ۽ اتي جي ٻولي وغيره کان به واقف هئا، انڪري رعيتي ماڻهو ساڻن ڪا ڳڙي يا دولاب نه ڪري سگهندا هئا، جا هو هڪ ڏارئين يا پرڏيهي ملڪ جي ماڻهن سان ڪندا آهن. اسين ٻاڻ کي ڪيڏو به ڪٽي پڏايون، پر اهو قبول ڪرڻو پوندو ته ميرن جي انهيءَ روينيو آفيسرن جي هٿ هيٺ ماڻهو خوشحال گذاريندا هئا. وڏو فائدو ڪاتيدار کي

اهو هو، جو سيني فصلن تي ڍل به ڪائن جنس ۾ ورتي ويندي هئي. فقط تماڪ، ڪمند ۽ پاڇين وغيره تي، جي گهڻو ڪري شاهوڪار ماڻهو پوکائيندا هئا، روڪڙ ۾ ڍل ورتي ويندي هئي. انهيءَ ڪان سواءِ ٻين سيني زمينن تي سرڪاري حصو جنس ۾ ورتو ويندو هو. جنهن ۾ ڍل جو حصو موسم جي آپت جي آڌار تي ورتو ويندو هو، ۽ زمين جي ايراضي موجب نه اڳاڙيو ويندو هو. بٽئيءَ وقت هڪ ٿورو حصو ڪاسگيءَ جي نالي سان، رڌن زميندارن ڪان ورتو ويندو هو. ڏنو ويندو ته سرسري طور سرڪاري حصو آپت جو به پاڳي پنج يا هڪ پاڳي به وڃي بيهندو هو، جو هاڻي اتر-اولهه واري علائقي ۾ زمين جي مقرر ڪيل ڍل جي برابر آهي.

هاڻي اچو ته ڏسون ته نيپئر انهيءَ نظام ۾ ڪهڙا سڌارا آندا. سڀ ڪان پهرين سزاوال جنهن جي آزمودي ۽ صلاح انگريزن کي ملڪ جي واءُ سواءُ ڪان واقف ڪيو هو، تنهن جو عهدو گهٽائي ڪيس ڪاردار بنايو ويو. ڪين جيڪو پگهار ميرن وٽان ملندو هو، انهيءَ کي گهٽائي پهرين هڪ پاڳي پنج ۽ پوءِ هڪ پاڳي ڏهه ڪيو ويو، ۽ سندن عهدن تي يورپي ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا، جن کي ڪابه تربيت وغيره نه ڏني ويئي هئي. اهي ايتريقدر ته اڻڄاڻ مقرر ڪيا ويا، جو ڪين فصلن بابت ڪابه خبر ڪانه هئي. اڳين ڪاردارن جو پگهار به گهٽائي اڌ ڪيو ويو هو، ۽ ڪين ۽ سزاوالن کي بنان ڪنهن امتياز جي بي اصول بدمعاش ڪري تصور ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح ٿوري وقت ۾ اشراف ماڻهن کي چونڊي ڪڍيو ڪڍيو ويو، ۽ سندن جاءِ تي اهڙا هيڻي مقرر ڪيا ويا، جن کي فقط ڪمائيءَ جي لڳي پيئي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو آهي رعيت کي بنان ڪنهن ڊپ ڊاءِ جي تمام گهڻو ڦرڻ لڳا. انهيءَ ڪان پوءِ هڪ عالمگير ڏڳيءَ اچي منهن ڪڍيو. رستن تي بدمعاشن جون قطارون پنهنجي جي پوشاڪ پهري، ماڻهن ۾

سرڪاري نوڪر هجڻ جي وجهڻ لڳا. مارشلا لڳل هو، جنهن جي ڪري فقط تهمت لڳڻ سان ماڻهو سخت عذاب ۾ اچي ويندو هو. سزائون ڏاڍيون ڳريون رڪيل هيون، جنهن ۾ معمولي سزا ڏهن، پندرهن ۽ ويهن هزارن رپين تائين هوندي هئي. ان ساڻ گڏ زنجيرن ۾ جڪڙجي قيد ٿيڻ جي به سزا ڏني ويندي هئي، جنهن جو مدو ستن يا ڏهن سالن کان به مٿي هوندو هو. اهي سزائون بروقت عمل ۾ آنديون هيون، انڪري ماڻهن جي عمل آنديون هيون، انڪري ماڻهن جي سخت بيعزتي ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ اپيل وغيره جو به حق ڏنل هو، ۽ اهو به ضروري ڪونه هو، ته سيني جي اپيل تي غور ڪيو وڃي. ميرن جي دور ۾ روينيو (ڍل) جو حساب ڪتاب هڪ خاص مهيني ۽ پورو ڪيو ويندو هو. پر هاڻي ته موسم پٽيان موسم گذري ويئي آهي، پر اڃا تائين ڪابه سيٽليمنٽ نه ٿي سگهي آهي. سزائون ڏاڍيون سخت هيون ۽ جيئن ته يورپي حاڪم اڻڄاڻ ۽ بي آزمودگار هئا، انڪري ڪاردار ۽ سندن زبردست، ماڻهن کي ڦرڻ ۾ چرواڳ ٿي پيا. ساڳئي وقت ڪاتيدارن تي روينيو في به مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن جو نرخ سيني کان هڪجيترو اڳاڙيو ويندو هو. انهيءَ نيئن ڍل مڙهڻ ۾ زمين جي خاصيت، ۽ ان جي ايراضيءَ ۽ پڻ پاڻيءَ جي سهولت يا موسم وغيره جو ڪوبه خيال نه ڪيو ويندو هو سيني کي هڪجيتري ڍل ڏيڻي پوندي هئي. ٿورن ايڪڙن جي زميندار کان به ساڳي ڍل ورتي ويندي هئي، جا دو آبي ۾ سٺي زمين جي هڪ تمام کان وصول ڪئي ويندي هئي. درخواستن ۽ عرضداشتن تي ڪوبه غور وغيره نه ويندو هو. "سب ريون ٻوٽ ڪاريون جي اصول تي عمل ڪيو ويندو هو.

سنڌ کي نئين حڪومت مان جيڪي ڪجهه هڙ حاصل ٿيو، اهو اسان ڏسي ورتو هاڻي اچو ته حساب ڪتاب ڪري ڏسون. چاڪاڻ ته اسين سر چارلس نيپئر جي ڪيل پيشنگوئي کي داد

ڏيئي سگهون ٿا. جنهن چيو هوتہ سنڌ جي آپت پنجن سالن ۾ ڏهن لکن تائين پهچي سگهندي! هن گڏ ڏنل شيڊول سان پڙهندڙن کي پتو پوندو تہ انهيءَ حساب تي ڪيتريقدر اعتبار ڪري سگهجي ٿو. هن معاملي ۾ ڏنل بيانن کي حساب ڪتاب ذريعي غلط ثابت ڪري سگهجي ٿو، پر جتي حساب ڪتاب جي ضرورت نہ آهي، اتي ٿي سگهي ٿو تہ اهي بيان صحيح هجن!

سال	آپت	خرچ	تفاوت
١٨٤٣–٤٤	٩٣٧٩٣٧	٧٦٦٢٩٧٩	٦٧٢٥٠٤٢
١٨٤٤–٤٥	٢٧٤٠٧٢٢	٥٨٥٤٢٠٦	٣١١٣٤٨٤
١٨٤٥–٤٦	٢٨٠٠٨١٧	٦٨٣٠٩٨٤	٤٠٣٠١٦٧
١٨٤٦–٤٧	٢٦٩١٨٧٠	٦٥٤٧٢٧٢	٣٨٥٥٤٠٢
١٨٤٧–٤٨	٣٠٣٠٢٣٠	٥٤٤٣٥٥٩	٢٤١٣٣٢٩
١٨٤٨–٤٩	٢٩٢٣٥١٥	٤٨٣٠٥٠٤	١٩٠٦٩٨٩
١٨٤٩–٥٠	٢٩٨٣٧٥٠	٤٣٩٢٤٢٠	١٤٠٨٦٧٠

٢٣٤٥٣٠٨٣

يا

٢٣٤٥٣٠٨ پائونڊ

انهيءَ ۾ باقاعدي فوج جو پگهار ۽ الائونس شامل نہ ڪيل آهي جي سنڌ ۾ ٻوءِ عام فوجين ۾ ملايا ويا.

اسٽيٽيڪل آفيس

١١- آگسٽ ١٨٥١ع

سنڌ کي والارڻ جي وقت کان وٺي ستن سالن اندر اسان هندستاني حڪومت کان ادائي ماڻين (٢٥ لک) قرض وٺي انهيءَ جي انگ کي وڌائي ڇڏيو آهي. ڇا اهو اسين انهيءَ بي انصافي جي بدلي ۾ نہ لوڙهي رهيا آهيون، جا اسان سنڌ ماڪ ۽ ان جي اميرن سان روا رکي هئي. اسان کي پڌايو ويو هوتہ هندستاني حڪومت کي آپت جي خيال کان ڏاهيو ويندو، پر هتي تہ مورڳو

٢٥ لڪن جو مٿس بار وڌو ويو آهي. انهيءَ تي جيتوڻيڪ ناراضپو به ڏيکاريو ويو آهي، پر ان هوندي به هڪ ملڪ کي ڦهائڻ لاءِ سندن آپت تي ايڏو بار وڌو وڃي ٿو. اسان کي هونئن به سڀڪنهن قسم جون سهولتون سنڌ ۾ ملنديون ڏيون، ۽ پڻ سرحد جي معاملي ۾ به اهو فائديمند هو. هاڻي ٻڌايو ته ٢٥ لڪن جي اجائي خرچ جي ڪري هندستان جي سڌاري تي ڪيڏو نه اثر پيو هو؟ انهيءَ رقم سان جيڪر نوان واهه کوٽجي وڃن، ۽ نيون ريلون پڪڙجي وڃن ها. انهيءَ معاملي تي پڻ ته مئنچيسٽر ۽ لورپول جا واپاري يا "دڪاندار" جيئن سر چارلس نيپئر کين سڏيو آهي، سوچين ۽ سمجهن ته هندستان جو ڏڏهن ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن انهيءَ کي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان ڇڏائي، هڪ غير جوابدار وزارت جي حوالي ڪيو ويندو. اها وزارت به اهڙي جنهن جو هرهڪ قدم بي انصافيءَ ۽ بي ايمانيءَ تي ٻڌل هوندو ۽ جي هرهڪ ڳالهه کي پنهنجو گندي ۽ لوڀ سان ڀريل بي اصول مطلب لاءِ ٺيڪ سمجهي روا رکندا.

ضميمو -١

ميجر ڊائونينگ جي ڪليل ڪهر ۾ جو آبوءَ ۾ هو ـ ٿرما ميٽر جي انگن اکرن ۾ ڦيرگهير، مهينو اپريل ١٨٤٠ع.

تاريخ	صبح	منجهند	٣ بجي منجهند	شام	رمارڪ
١٦	٧٢	٧٦	٧٩	٧٧	صاف آسمان، هلڪو واءُ
١٧	٧٢	٧٦	٧٩	٧٧	صاف آسمان، واءُ مٿيرو
١٨	٧٦	٨٠	٨٣	٨١	صاف آسمان، واءُ مٿيرو
١٩	٧٨	٨٢	٨٥	٨٢	صاف آسمان، تيز هوا
٢٠	٨٠	٨٥	٨٨	٨٦	صاف آسمان، ٺار ـ هلڪو واءُ
٢١	٨٢	٨٦	٩٠	٨٨	صاف آسمان، ٺار ـ هلڪو واءُ
٢٢	٨٢	٨٨	٩٠	٨٧	صاف آسمان، ٺار ـ هلڪو واءُ
٢٣	٨٢	٨٨	٩٠	٨٧	صاف آسمان، ٺار ـ هلڪو واءُ
٢٤	٨٠	٨٦	٨٨	٨٦	صاف آسمان، ٺار ـ هلڪو واءُ
٢٥	٨١	٨٧	٩١	٨٦	صاف آسمان، معتدل واءُ
٢٦	٨٠	٨٨	٩١	٨٨	صاف آسمان، وچولي هوا
٢٧	٧٩	٨٧	٨٩ سادا	٨٤	صاف آسمان، تيز هوا ۽ رات جو طوفان
٢٨	٧٨	٨٣	٨٦	٨٢	صاف آسمان، تيز هوا
٢٩	٧٤	٨٢	٨٣	٧٩	صاف آسمان، ٺڏو واءُ
٣٠	٧٣	٨١	٨٤	٨١	صاف آسمان، هلڪو واءُ

هن فهرست ۽ پڻ آبوءَ جي نظاري لاءِ، جو ڪتاب جي منڊ ۾ ڏنل آهي، آءٌ پنهنجي دوست مسٽر وليم اسٽراچي، جو راجپوتانا ۾ گورنر جنرل جي ايجنٽ جو اسسٽنٽ هو، ٿورائتو آهيان.

ضميمو - ١

ابوءَ ۾ ميجر ڊائوننگ جي ڪليل گهر ۾ رکيل ٿرمامينٽر جي انگن ۾ ڦيرگهير- مهينو مئي ١٨٠٤ع

تاريخ	صبح	منجهند	٣ بجي	شام	رمارڪ
١	٧٦	٨٣	سادا ٨٤	٨٥	سخت واءُ - صاف آسمان
٢	٨٣	سادا ٨٨	٩١	٨٧	تکيون ۽ گرم هوائون
٣	٨٩	٨٩	سادا ٩٢	سادا ٨٩	نئون چنڊ - گرم هوائون
٤	٧٩	٨٦	٨٩	٨٦	اوپر کان ٿڌي ۽ وٽندڙ هوا
٥	٧٦	٨٣	سادا ٨٤	٨٢	گهميل واءُ
٦	٧٢	٨٣	٨٦	٨٤	ٿڌو ۽ ڦڙت واءُ - اوپر ۽ ڏکڻ کان
٧	٧٥	٨٢	٨٦	٨٣	چست ٿڌو واءُ
٨	٢٤	٨٠	٨٢	٨٠	اوپر ۽ ڏکڻ کان ٿڌي واءُ ۽ ٿورو مينهن
٩	٧٢	٨١	٢٤	٨٣	سخت واءُ - رات جو طوفان ۽ مينهن
١٠	٦٥	٨٥	٨٦	٨٢	٥ بجي - چڱيرڙا وسڪارا
١١	٧٤	٨٧	٨٩	٨٦	سانتيڪو صبح - ١٠ بجي هير لڳڻ
١٢	٧٧	٨٩	٨٩	٨٧	صبح جو گهٽ - شام جو هير
١٣	٨٠	٩٠	٩١	٨٨	واري تي اولهه جو واءُ
١٤	٨١	٨٩	سادا ٩٠	٨٧	واري تي اولهه جو واءُ
١٥	٧٩	٨٦	—	٧٨	ٿڌڙو ماحول
١٦	٧٥	٨٤	٨٥	٨٢	ٿڌڙو ماحول
١٧	٧٣	٨٤	٨٦	٨٢	وٽندڙ هير
١٨	٧٣	٨٢	٨٥	٨٢	ٿڌي ۽ وٽندڙ هير

ضميمو - ١

ابوءَ ۾ ميجر ڊائونگ جي ڪليل گهر ۾ رڪيل ٿرمامينٽر جي انگن اکرن ۾ ڦيرگهير - مهينو مئي ١٨٤٠ع.

تاريخ	صبح	منجهند	٣ بجي	شام	رمارڪ
١٩	٧١	٨١	٨٤	٨١	ڏکڻ اولهه کان سخت ۽ ٿڌي هوا
٢٠	٧١	٨٠	٨٤	٨١	ڏکڻ اولهه کان سخت ۽ ٿڌي هوا
٢١	٦٩	٨٠	٨٣	٨١	ٿڌي هوا ۽ ڏکڻ اولهه افق تي ڪڪر
٢٢	٦٨	سادا ٨١	سادا ٨٤	٨٢	تيز، ڏکڻ اولهه جي هوا
٢٣	٦٩	٨١	٨٤	٨١	اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان هري هري ۽ سخت واءُ
٢٤	٦٩	٨٠	٨٥	٨١	ساڳي پر گهٽ تيز
٢٥	٧٣	٨٢	سادا ٨٥	٨٢	صبح سانتيڪو، منجهند جو اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان هوا
٢٦	٧٤	٨٤	٨٦	٨٢	رات جو هلڪو ڌرتي جو ڌڻ
٢٧	٧٣	٨٢	٨٦	٨٢	گهٽو واءُ نه
٢٨	٧٣	٨٢	٨٦	٨٣	وٽندڙ ڏکڻ اولهه جي هير
٢٩	٧٨	سادا ٨٢	سادا ٨٤	٨٢	— —
٣٠	٧٥	٧٨	سادا ٨٢	٨٠	ڏکڻ جي ٿڌي هوا
٣١	٨٢	٧٩	سادا ٨٢	سادا ٨٠	— —

ضميمو - ١

ابو ۾ ٿرمامیٽر جو حساب ـ جون ١٨٤٠ع

تاريخ	صبح	منجهند	٣ بجي	شام	رمارڪ
١	٧٣	٧٩	سادا ٨٢	—	ڏکڻ جي ٿڌي هوا ۽ جهڙ
٢	٧٣	٧٩	٨٣	—	ساڳيو ـ پرشام جو گهٽ
٣	٧٣	٨٤	سادا ٨٦	—	ڪڏهن ڪڏهن ڏکڻ جو واءُ ـ گهٽ ـ جو اولهه کان هوا
٤	٧٦	٨٢	٨٤	—	صبح جو هوا بند ـ منجهند جو گوڙ ـ شام ٿڌي
٥	٧٨	٨٥	٨٦	—	ڏينهن جو هوا بند ـ منجهند جو گوڙ
٦	٧٨	سادا ٨٦	٩٠	—	ساڳيو
٧	٨٠	٨٩	٩٢	—	هلڪي اولهه جي هوا ـ ٿورن ڪلاڪن لاءِ جهڙ
٨	٨٣	٨٩	سادا ٩٢	—	— — —
٩	٨١	٨٩	٩٠	—	اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان تازي هوا
١٠	٨٠	٨٦	٨٨	—	گوڙسان مينهن ـ جنهن جي ڪري ٿرمامیٽر هڪدم ڏهه ڊگريون هيٺ ٿي ويو.
١١	٧٥	٨٢	سادا ٨٣	—	ڏينهن جو ماٺ پر ٿڌي هوا ـ نوين بجي رات جو گوڙ ۽ سڄي رات مينهن
١٢	٧٢	٧٧	٨٣	—	صبح جو جهڙ ـ سڄو ڏينهن ٿڌڪار
١٣	٧٢	٧٧	٧٩	—	ابو چڏي ٥ بجي سروهي

١٤	—	٩٤	٩٦	— پهتس جو ميدانن ۾ آهي— اتي ٿرمامير وڏي وڃي ٩٦ ڊگرين تائين پهتو يعني ته ابو ڪان ١٧ ڊگريون مٿي

منجهند جو اتي هڪ تنبو ۽ ڪليل جاءِ جي وچ ۾ ڇهه ڊگريون فهرنيٽ جو فرق آهي. ١٨٤٠ع جي ٩ ڏينهن جي حساب ۾ ابوءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ درجه حرارت هڪ پاڳي ٧٦ ڊگريون رهيو، ۽ وڌ ۾ وڌ ٨٦ ڊگريون. انهيءَ موجب به پاڳي تو فرق نڪتو. جيئن ته ان وقت آبهوا گرم هئي، انڪري مٿين فهرست ڪي اتي جي آبهوا جو پيمانو نٿو وٺي سگهجي. پر گهڻو ڪري سيني حالتن ۾ ابوءَ جي هوا ميدانن کان ١٥ ڊگريون ٿڌي آهي.

نڪي تلاءَ تي رڪيل ٿرمامير جي رجسٽر ۾ داخلائون، جو ١٨٤١ع جي اونهاري ۾ اتي رڪيو ويو هو. پوياڙيءَ جي چڪاس ٽين يا چئين بجي ورتي ويندي هئي، جو ڏينهن جو وڏي ۾ وڏو درجه حرارت سمجهيو وڃي ٿو. رات جو چڪاس نوين بجي ورتي ويندي هئي. مهينو اپريل ١٨٤١ع.

تاريخ	صبح	پوياڙي	رات	رمارڪ
٨	—	٧٨٤٧	٧٦٤٥	—
٩	٧٢	٨١٤٥	٧٦	لڙاٽيل
١٠	٧٥	٩٧٤٥	٧٤	لڙاٽيل
١١	٧١٤٥	٧٨٤٥	٧٥٤٥	اولهه جي هوا
١٢	٧١٤٢	٧٧٤٣	٧٣٤٧	اوپر جي هوا — جهڙ— چٽڪار ١١ بجي
١٣	٦٩٤٥	٧٤٤٨	٧٠٤٨	جهڙاٽيل
١٤	٦٧٤٥	٧٥	٧٢٤٥	جهڙاٽيل
١٥	٦٧٤٧	٧٦٤٢	٧٢٤٥	—

١٦	٧٢٤٥	٧٩	٧٦	اوپرجي هوا جهڙاٽيل
١٧	٧١	٧٦٤٧	٧٣٤٣	—
١٨	—	٧٥٤٧	٧١٤٧	اولهه جي هوا
١٩	٦٨	٧٥٤٥	٧٢	هوا بلڪل نه
٢٠	٦٩	٧٦٤٧	٧٣٤٣	هوا بلڪل نه
	رات ڏيڍ			
٢١	٧٦	٧٨٤٥	٧٦	گهاٽا ڪڪر، گوڙ ۽ ٿورو مينهن
٢٢	—	٧٥٤٥	٧٢٤٧	اوپر کان واچ
٢٣	٧١٤٥	٧٠	٦٦٤٣	طوفاني هوا- گوڙ
	صبح ٠—٨			
٢٤	٧٢٤٥	—	٧١٤٥	—
٢٥	٦٩٤٥	٧٧	٧٤٤٣	—
٢٦	٧١	٠	٧٥	اولهه جي تکي هوا
٢٧	٦٨٤٥	٧٦٤٥	٧٥	اولهه جي تکي هوا
٢٨	—	٧٤٤٧	٧٤٤٧	اولهه جي تکي هوا
٢٩	٧١	٧٤٤٣	٧١	٢ بجي اولهه کان ڏوڙ جو طوفان
٣٠	٦٨	—	٧٣٤٣	اوپر جو جهڙاٽيل واءُ

مئي ١٨٤١ع

تاريخ	سج اڀري	پوياڙي	رات	
١	٦٨	—	٧٦	
٢	٧٢٤٣	٧٨٤٨	٧٧٤٨	
٣	—	٧٩٤٥	—	تکي اولهه جي هوا
٤	٧١	—	٧٥٤٣	
٥	—	٧٩	—	
٦	—	—	—	

٧	—	٧٨	—	
٨	٦٩٤٧	—	—	
٩	٧٤٤٥	٨٠٤٥	٨٠٤٥	
١٠	٧٦	—	—	
١١	—	—	—	
١٢	—	٨٢٤٥	—	تکي اولهه جي هوا
١٣	٧٥	٨١٤٣	—	اولهه جي بد لجندڙ هوا
١٤	—	—	—	
١٥	٧٦	٨١٤٦		جهڙاٽيل - ٽوري هوا
١٦	—	—	—	
١٧	—	٨٥	—	لڙهاٽيل اولهه جي هوا - بين بجي وسڪار
١٨	٧٧	٨٥		هوا بلڪل نه
١٩	—	—		
٢٠	٧٥	٨٣٤٥		اولهه جو واءُ
٢١	٧٧	٨٤		
٢٢	٧٦	٨٣		اوپر جو واءُ
٢٣	٧٣	٨١		ڏکڻ اوپر کان گهميل واءُ
٢٤	٧٣	—	—	
٢٥				
٢٦				
٢٧	٧١٤٥	٨٠		سخت گهميل اوپر ۽ ڏکڻ جو واءُ
٢٨				
٢٩				
٣٠				
٣١	٧٧	٨٣		

جون ١٨٤١ع

تاريخ	سج اپري	پوجاڙي	رات	رمارڪ
١	—	—	—	—
٢	٧٥	٨٢٤٥	—	—
٣	٧٣٤٥	٨٣	—	—
٤	٧٧٤٣	٨٣٤٥	—	—
٥	—	—	—	—
٦	—	—	—	—
٧	—	—	—	—
٨	—	—	—	—
٩	—	—	—	—
١٠	—	—	—	—
١١		٨٧٤٥	—	—
١٢	٧٣	٨٠	—	—
١٣	—	—	—	—
١٤	٧٤	٨٢	—	—
١٥	٧٦٤٥	٨١٤٥	—	—
١٦	٧٧	٨٠٤٥	—	—
١٧	—	—	—	—
١٨	٧١	٧٩	—	—
١٩	—	—	—	—
٢٠	٧٠	٧٩	—	—
٢١	٧٠	٧٩	—	—
٢٢	٧٢٤٥	—	—	—
٢٣	—	—	—	—
٢٤	٧٢	٨٠	—	—

٢٥	٧٤	٧٢٤٥	—	گهڻي هوا- چٽڪار
٢٦	—	—	—	لاڳيتو مينهن ۽ واچ
٢٧	—	—	—	لاڳيتو مينهن ۽ واچ
٢٨	—	٦٩	—	واچ
٢٩	—	٧٤	—	جهڙاٽيل
٣٠	—	٧٦٤٥	—	جهڙاٽيل

جولاءِ ١٨٤١

تاريخ	سج اڀري	پوجاڙي	رات	رمارڪ
١	٦٩	٧٥	—	جهڙاٽيل
٢	٦٩	٧٥	—	اولهجو واءِ-آسمان صاف
٣	٧١٤٥	٧٦	—	اولهجو واءِ-آسمان صاف
٤	٧١	٦٥	—	هي ٿيمپريچر گروسڪر تي ورتو ويو جا ابوجي اوچي ۾ اوچي چوٽي آهي.
٥	—	٧٥٤٥	—	—
٦	٧١	٧٦	—	—
		٩ بجي صبح		
٧	٧٢	٧٧	—	—
٨	٧٢	—	—	—
٩	—	—	—	—
١٠	—	—	—	ساڳي ڏينهن تي سيرشي پهچڻ تي، جو ميدانن ۾ آهي، گهر اندر ٿرما ميٽر منجهند جو وڃي ٢٤ ڊگرين کي پهتو. ڏسڻ ۾ ايندو تہ ابوءِ تي ۽ انهيءَ هنڌ جي حرارت ۾ ١٧ ڊگرين جو فرق هو.

نوٽ: صبح جو سج اڀرڻ وقت ٿرما ميٽر کاڀل واءُ ۾ گهر کان ٦ ڊگريون گهٽ ڏيکاريون. آلي بلب وارو ٿرما ميٽر سڪي

بلب جي ٿرمامينٽرڪان ڏهه ڊگريون هيٺ تي هو. تان جو جون جو مهينو شروع ٿيو. انهيءَ ڪان وٺي جولاءِ جي انين تاريخ تائين، لاچار اڌ فرق محسوس ٿي ٿيو.

بارومينٽر جي اوچائي ابوءَ جي پاڙ ۽ ان جي چوٽيءَ وٽ هيٺئين موجب ڏٺي ويئي:

٨- اپريل انادورا ڳوٺ وٽ جو ابوءَ جي پاڙ وٽ آهي، چئن چڪاسن جو تت هيٺن هو:

٢٨٤٩٦٧ بيروم	٩٠٤١	٩٠٤٩

٩- اپريل نڪي تلاءِ وٽ چئن چڪاسن جو تڪ:

٢٤٤٢٣٧ بيروم	٧٨	٧٨

٥- جولاءِ گروسڪر وٽ اوچي ۾ اوچي چوٽي:

٢٤٤٤٨٠ بيروم	٧٥٤٥	٧٥٤٥

٤- جولاءِ نڪي تلاءِ وٽ ٽن چڪاسن جو تت:

٢٦٤٠٤٢ بيروم	٧٥٤٥	٧٥٤٥

سمنڊ جي سنوت تي بيروميٽر جي اوچائي هيٺن هئي:

٢٩٤٩٠٨ بئر ٨٤ ڊگريون ٨٤ ڊگريون

انادورا سمنڊ جي سنوت ڪان ٩٦٨ فوٽ، نڪي تلاءُ ٣٨٣٦ يا ٢٨٦٨ فوٽ ۽ گروسڪر ٥٦٢١ يا ١٧٨٥ فوٽ مٿي هئا.

نڪي تلاءُ اپريل ۾ ١٥ ڊگريون انادورا ڪان ٿڌو هو، جو هرڪنهن ١٩١ فوٽن لاءِ هڪ ڊگري جي گهٽتائي ڏيکاري ٿو. گروسڪر وري نڪي تلاءُ ڪان ٿڌو آهي، ۽ اتي هرڪنهن ١٧٨ فوٽن جي اوچائي لاءِ هڪ ڊگري جي گهٽتائي آهي. اڙيا ۽ اچل ڳڙهه نڪي تلاءُ ۽ گروسڪر جي اوچائي جي اڌ جيترا مٿي آهي ۽ انهن جو درجه حرارت به انهن جي اڌ جيترو آهي. انهن ٻنهي شهرن جي وچ ۾ ستن ميلن جو فاصلو آهي.

ضميمو - ٢

آهي ڪو اهڙو جو هيٺينءَ لکپڙهه ڪي ڏسي اسان کي پڌائي ته اهي هندستاني حاڪم، جن جي اسان کان تڪليف پهتل هجي، يا جي سمجهن ٿا ته ساڻن ظلم ٿيو آهي، سي ڪهڙو رستو اختيار ڪن. اسان سمجهون ٿا ڪوڙيون شاهديون يا هڪ ٻئي ڏانهن بدگماني يا ڪن ٻين سبن، انهن ماڻهن جي فيصلي تي اثر وڌو آهي، جن هندستاني شهزادن جي خلاف تمام سخت فيصلا ڏنا آهن. اسين اهو به گمان ٿا گريون، ته جيڪي پاڻ کي هندستاني معاملي ۾ نهايت هوشيار ٿا سمجهن. اهي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ئي آهن. پر اهي به هندستاني شهزادن بابت افسوس جو اظهار ڪندي چون ٿا ته متن مڙهيل فرضن جي ڪري هو عام طريقو اختيار نٿا ڪري سگهن، ته پوءِ ڇا ڪجي. گمان ڪريو ته اهي سڀ آفيسر جيڪي انهيءَ شهزادي جي دربار ۾ تمام وڏي عرصي لاءِ موڪلل هجن، ۽ اهي سڀيئي سندن حق ۾ هجن، ته پوءِ اهڙن معاملن لاءِ اپيل جي ڪورٽ ڇونه ٿي مقرر ڪئي وڃي، جا انهن جي معاملن جي وري نئين سر غور ڪري، يا ته وري اهي معاملا پارليامينٽري ڪميٽين کي سپرد ڪيا وڃن، جي اڳيئي گهڻي ڪم سان ستيون پيئون آهن. حقيقت هيئن آهي جو ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس پاڻ ئي اپيل جي عدالت ٿي سگهن ٿا، ۽ جيترو به انهن تي گهٽ ضابطو رکيو وڃي اوترو چڱو ٿيندو.

"ٽائيمس" اخبار جي ايڊيٽر جي نالي

جناب! اسان توهان جي ۽ انگلنڊ جي پبلڪ جي اطلاع لاءِ هي عرض ٿا ڪريون، ته اسان کي سنڌ جي ميرن هتي

موڪليو آهي، تہ اسين سندن معاملو اوهان جي اڳيان پيش ڪريون، تہ جيئن ان جو ڪو تدارڪ ٿئي. اهي بدنصيب مير جي هاڻي حڪومت وڃائي ويٺا آهن، تن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ هندستان ۾ سندن داد ٿئي، پر اتي وريو ڪي ڪين. انڪري سخت تڪليف ۾ اچي انهن اسان کي اوهان ڏانهن ڏياري موڪليو آهي. هتي پهچڻ کان پوءِ اسان سر رابرٽ پيل، هندستاني معاملن جي بورڊ آف ڪنٽرول ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس سان ملڻا آهيون، پر ڪنهن بہ اسان جي نہ ٻڌي. ايتريقدر جو هنن اسان جي معاملي ۾ ڀڃا ڳاڃا بہ ڪانہ ڪرائي، ۽ ائين ئي رڳو جواب ڏيئي ڇڏيائون. جيئن تہ اسان جا پئسا ڪپي ويا آهن، انڪري اسين انگلنڊ ۾ وڌيڪ عرصو نٿا رهي سگهون، ۽ واپس پيا وڃون، پر اسان جي خواهش آهي تہ اسان جو معاملو اوهان جي اخبار جي معرفت پبلڪ جي اڳيان رکيو وڃي، تہ جيئن اهي انهيءَ جي عيب صواب تي ويچار ڪري سگهن ۽ انهيءَ تي صاڳدليءَ ۽ بنان ڪنهن رياءَ جي فيصلو ڏين."

انهيءَ خط جو نقل جو اميرن هندستان جي گورنرجنرل کي لکيو هو.

(فارسيءَ تان نقل)

"هندستاني صوبن جا گورنر جنرل.
نواب عاليجناب معلي القاب سر هينري هاردنج بهادر،
شل تنهنجي حڪومت ۽ شاهوڪاريءَ جي باغ جا گل تيزندا رهن؛ شان ۽ ديدبو اچيو تو وٽ پناهہ وٺي؛ شل خدا توهان کي سلامت رکي، ۽ پنهنجي لطف جو مينهن اوهان جي مٿان وسائيندو رهي. گهڻن سلامن ۽ نيازن کان پوءِ عرض ٿو ڪجي تہ:

اوهان جي مبارڪ آمد جي ڪري، اسان کي اميد هئي ته اسان کي پنهنجي حضور ۾ گهرائڻ جو شرف بخشيو ويندو. پر جيئن ته ڪجهه وقت گذري چڪو آهي، ۽ اوهان ياد نه فرمايو آهي، انڪري اسين گذارش ٿا ڪريون، ته اسان کي انهيءَ عنايت کان سرفراز ڪندا، ته اهو اسان جي لاءِ خوشيءَ جو باعث ٿيندو. جيتوڻيڪ اسين انگريز سرڪار جا دوست هئاسين، پر جيڪي ظلم لارڊ ايلنبرو ۽ سر چارلس نيپئر اسان تي ڪيا آهن، سي اسين پائنيون ٿا ته اوهان کان ڳجها ڪين هوندا. اسان کي تمام وڏي عرصي کان قيد ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اسان ذهني طرح ڏاڍي تڪليف سٺي آهي. پر ان هوندي به اسان کي انگريز حڪومت جي مهربانيءَ ۽ نوازش جي قوي اميد آهي.

خدا شل توهان کي وڏي ڄمار بخشي.

فقط ٢٥- شعبان ١٢٦٠هجري مطابق ٦- سيپٽمبر ١٨٤٤ع

مهر مير صوبدارخان مهر ميرمحمد خان مهر ميرمحمد نصيرخان

انهيءَ خط جو ترجمو جو هندستاني گورنر جنرل جي سيڪريٽري مسٽر ايف ڪوري سنڌ جي قيدي ميرن مٿان رڪيل سپرنٽينڊنٽ کي لکيو هو.

تنهنجي خط جي جواب ۾ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي، ته تو کي اطلاع ٿو ڏيان ته گورنر جنرل ميرن کي بارڪپور ۾ ملاقات ڪرڻ جو شرف بخشڻ جو ڪو به ضرور نٿو سمجهي. ان جو مطلب اهو آهي ته گورنر جنرل صاف لفظن ۾ ٻڌائڻ ٿو گهري، ته هو ڪو به اهڙو لفظ انهن شهزادن سان نٿو ڳالهائي سگهي، جنهن موجب انهن جي حالت ۾ ڪو فائدو يا ڦيرگهير اچي سگهي. ان هوندي به جيڪڏهن هو هروڀرو ملاقات ڪرڻ چاهين ٿا ته پوءِ گورنر جنرل کو ڏينهن انهيءَ لاءِ مقرر ڪندو."

ميرن وٽان گورنر جنرل ڏانهن

(فارسيءَ ۾ نقل)

هندستاني صوبن جو گورنر جنرل

”نواب عاليجناب معلي القاب سر هينري هار ڊنج بهادر
شل تنهنجي حڪومت ۽ شاهوڪاريءَ جي باغ جا گل تازا رهن، شان ۽ ڏيڏيو اچيو تو وٽ پناهه وٺي، شل خدا توهان کي سلامت رکي، ۽ پنهنجي لطف جو مينهن اوهان جي مٿان وسائيندو رهي. گهڻن سلامن ۽ نيازن جي عرض ته اسين اوهان جي دوستانه رويي جا شڪر گذار آهيون.

اسان جي اڳيئن خط جي حوالي سان جيڪو اسان حضور جن کي ڪئپٽن گارڊن جي معرفت موڪليو هو. انهيءَ جو موڪليل جواب اسان کي ڪئپٽن گارڊن جي منشيءَ جي معرفت پهتو، جنهن مان پتو پيو ته حضور جن کي ڪوبه اکر نه چوٽو آهي، جنهن ۾ اسان کي ڪو فائدو پهچي يا اسان جي حالت ۾ ڦيرگهير اچي سگهي. اسان سمجهيو ٿي ته حضور جن کي اسان جي انگريز سرڪار سان دوستي جي بدلي ۾ اسان تي ٿيل ظلم ۽ بي انصافيءَ جي پوري خبر هوندي، پر جيئن ته حضور جن کي دخل اندازي ڪرڻ جي سگهه نه اهي، انڪري اسان اهان کي پاڻ تي ٿيل مصيبتن جي تفصيل کان آگاهه ڪرڻ جي تڪليف ڏيڻ نٿا گهرون، چاڪاڻ ته انهيءَ ۾ تمام گهڻي ظلم ۽ تشدد کان ڪم ورتو ويو آهي. اسان لاءِ هاڻي دادرسيءَ جو فقط هي رستو آهي، ته اسان مان ٻن-ٽن ماڻهن کي اجازت ڏني وڃي ته اهي وڃي پنهنجو معاملو ملڪه معظمه، حڪومت جي وزيرن ۽ ٻين رئيسن جي اڳيان (سندن فيصلي لاءِ) پيش ڪن. جيئن ته اوهان کي سڄو معاملو نيڪ روشن آهي انڪري اسان کي اميد آهي ته اوهان عرض

ڪيل گذارش جي منظوري ڏيڻ فرمائيندا، جيڪڏهن حضور جن اسان جي معاملي تي، جيئن اوهان ڪي روشناس ڪرايو ويو هو، غور ڪن ها تہ جيڪر اسان کي پنهنجو حق پئلہ پوي ها، ۽ اسان کي انگلنڊ وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿئي ها. جيئن تہ اوهان کي اسان جي معاملي جي پوري خبر آهي، انڪري اسان کي اميد هئي تہ اسان سان پورو پورو انصاف ٿيندو. پر هاڻي جيئن تہ اسان جون زندگيون، ملڪيتون ۽ عزتون انگريزن جي هٿ ۾ آهن، انڪري اسان قوي اميد ٿا ڪريون تہ اسان کي لنڊن وڃڻ کان نہ روڪيو ويندو. اسان کي پنهنجن پيارن کان پري رکيو ويو آهي، ۽ پڻ اهڙيءَ حالت ۾ آندو ويو آهي، جنهن جو اسان کي خواب خيال ئي ڪونہ هو. اهو سڀ شايد اسان کي انهن خدمتن جي بدلي ۾ ملي آهي، جي اسان وقت بوقت انگريز سرڪار لاءِ سر انجام ڏنيون هيون. اسان سان اهڙي هلت نہ ٿيڻ ڪپندي هئي. اسين اهو ٻڌائڻ گهرون ٿا تہ انگريزن جي قاعدي موجب ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پوءِ اهو ڪهڙي بہ وڏي ڏوهہ جو ڏوهاري هجي، ڪيس ٻڌڻ کان سواءِ سزا نٿي ڏيئي سگهجي. هر ڪنهن کي ڪليل ڪورٽ ۾ پنهنجي ڪيس پيش ڪرڻ جو حق آهي ۽ ڪورٽ جا معزز ماڻهو (جيوري) انهيءَ کي توري تڪي ڪنهن فيصلي تي پهچن ٿا. انهيءَ کان پوءِ ئي ڏوهي يا بيڏوهي هجڻ جو فيصلو ڏنو وڃي ٿو. جيستائين اسان پنهنجي معاملي جو فيصلو لنڊن کان نہ ٻڌو آهي تيسين سمجهنداسين تہ اسان کي انهيءَ جي آزمائش جو پورو پورو حق آهي. انڪري اسين گذارش ٿا ڪريون تہ حضور جن اسان جي ڪيل درخواست ڪرڻ فرمائين. اجازت ملڻ کان پوءِ اسين پنهنجي پارٽيءَ مان ٻن يا ٽن ماڻهن جا نالا حضور جن کي پيش ڪنداسين، جي اسان جو ڪيس ڪٽي لنڊن روانا ٿيندا.

خدا شل اوهان کي شاد ۽ آباد رکي.

تاريخ٢٦-مهينو رمضان ٢٢٦٠ هجري بمطابق١١- آڪٽوبر١٨٤٤ع"
مهر مير صوبدار خان مهر مير مير محمد خان مهر مير محمد نصير خان

ميرن جون مهرون

گورنر جنرل جي سيڪريٽريءَ مسٽر ڪُري جي خط جي فارسي ترجمي جو انگريزي ترجمو، جو هن ڪئپٽن ايم-ايف گارڊن کي لکيو هو، جو فقد ٿيل ميرن جي مٿان سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيل هو:

"اوهان جر خط مورخ ٥١- آڪٽوبر ٻين ڪاغذن سان گڏ جي ميرن جي طرفان گورنر جنرل ڏانهن لکيل هئا، تہ انهن مان ٻن ڇڻن کي انگلنڊ آسهڻ جي اجازت ملي، تہ جيئن اها پنهنجا اهنج وڃي مهاراڻيءَ اڳيان پيش ڪن، پهتو.

جواب ۾ توکي اطلاع ٿو ڏجي، گورنر ان ڪائونسل، انهيءَ درخواست جي منظوري نٿو ڏيئي سگهي.

توکي آگاهہ ٿو ڪجي، تہ ميرن کي انهن واقعن کان واقف ڪر، جي تمام ويجهڙائيءَ ۾ سرزد ٿيا آهن. دهليءَ جي شهنشاهہ ريجهڙائيءَ ۾ پنهنجي معاملي پيش ڪرڻ لاءِ ڪي ماڻهو انگريز سرڪار ڏانهن موڪليا هئا، پر جيئن تہ انهن جي منظوري ورتل ڪانہ هئي ۽ نہ ئي وري اهي ڪنهن صحيح اختياريءَ واري جي معرفت موڪليا ويا هئا، انڪري بورڊ آف ڊائريڪٽرس نہ تہ انهن کي ملاقات جو شرف بخشيو ۽ نہ وري ڪا انهن جي ڳالهہ ٻڌي ويئي."

انهيءَ خط جو نيل جو سر رابرٽ پيل سنڌ جي ميرن جي موڪليل قاصدن کي جواب ۾ لکيو هو:

"سر رابرٽ پيل آخوند حبيب‌الله، ديوان مينا رام ۽ ديوان ڏيارام کي نياز عرض ٿو ڪري ۽ انهيءَ خط جي پهچ ٿو ڏئي، جو انهن کيس ٣- تاريخ لکيو هو.

سرڪار رواج موجب سر رابرٽ پيل انهيءَ خط ڪي، ارل آف رپن کي موڪليو آهي، جو مهاراڻيءَ جو وزير ۽ هندستاني معاملن جي شعبي جي صدر آهي.“

هندستان جن معاملن جي بورڊ آف ڪنٽرول جي صدر جي خط جو نقل، جو هن ميرن جي سفيرن ۽ پڻ خود هڪ مير جي خط جي جواب ۾ لکيو هو:

”_انڊيا بورڊ، ٧- اپريل ١٨٤٥ع

حضرات، هندستاني معاملن جي جي ڪمشنر جي هدايتن پٽاندر، آءٌ اوهان جي انهيءَ خط جي پهچ ٿو ڏيان، جو اوهان هن بورڊ جي صدر کي ٣- تاريخ تي موڪليو هو. انهيءَ ۾ اوهان سنڌ جي ميرن مير نصير خان، مير مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان پاران وڪيل بنجي پنهنجي مالڪن طرفان اختيار نامو پيش ڪيو هو، ۽ ان سان گڏ اهو به عرض ڪيو هو، ته جنهن مقصد سان اوهان هن ملڪ ۾ آيا آهيو اهو پيش ڪجي.

ڏنل هدايتن مطابق آءٌ اهو مُهر ٿُٿل لفافو، جنهن ۾ اهي اختيار نامو پيل آهن، اوهان ڏانهن واپس ٿو ڪريان، ۽ اوهان کي اطلاع ٿو ڏيان ته هندستاني حڪومت بابت جيڪي به درخواستون انگلنڊ جي اختياريءَ وارن کي موڪلجن، سي دستوري طور ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي معرفت موڪليون وڃن.

اوهان جو نيازمند
جي ايمرسن ٽينينٽ

انهيءَ خط جو نقل جيڪو ميرن جي عيوضين ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي لکيو هو.

”معزز صدر ۽ نائب صدر، ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ايسٽ انڊيا ڪمپني، معزز حضرات! اسين هيٺ صحيح ڪندڙ سنڌ جي ميرن هزهائينيس مير محمد نصير خان، مير مير محمد خان ۽ صوبدار خان پاران انهن جا وڪيل، اوهان جي معرفت عزت ماب ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان مسٽر جي ايمرسن ٽينينٽ وٽان ڪالهه شام جو پهتل خط، ۽ پڻ ارل آف رپن ۽ مهاراڻي جي پاران هندستاني معاملن جي ڪمشنر جو خط، اختيارنامن سان جي لکپڙهه ۾ ذڪر ڪيا ويا آهن، عرض ڪريون ٿا ۽ عزت ماب ڪورٽ کي نماڻائيءَ سان گذارش ٿا ڪريون، ته سنڌ جي ميرن جو اهو معاملو نوازش فرمائي مهاراڻيءَ جي حڪومت اڳيان پيش ڪيو وڃي.

١٩ هارلي گهٽي ڪئوينڊش اسڪوائر

١٨- اپريل ١٨٤٥ع

اوهان جا نيازمند ۽ فرمانبردار نوڪر
آخوند حبيب الله
ديوان ميٺارام
ديوان ڏيارام“

متئين درخواست جي جواب ۾ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان پهتل خط جو نقل:

”ايسٽ انڊيا هائوس، ڪئوينڊش گهٽي
١٨ اپريل ١٨٤٥ع

مهربان- اوهان جو خط جيڪو اوهان ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي، سنڌ جي اميرن جي وڪيلن جي حيثيت ۾ اختيارنامن سان گڏ موڪليو هو، ۽ جنهن ۾ سندن پاران عرضداشت ڪرڻ لاءِ اجازت گهري هئي، سو پهتو ۽ ان کي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي آڏو رکيو ويو.

انهيءَ جي جواب ۾ مون کي حڪم ٿيل آهي ته اوهان کي ٻڌايان ته ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان اهڙي درخواست سنڌ جي اڳين اميرن پاران نٿي وٺي سگهي، جيسين اها هندستان جي حڪومت جي معرفت نه موڪلي وڃي، انڪري آءٌ اوهان جا موڪليل اختيارنامه واپس ٿو ڪريان.

اوهان جو نيازمند نوڪر

جيمس ميلوِل"

انهيءَ نوٽ جي ڪاپي جا ميرن جي عيوضين طرفان ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي صدر کي پيش ڪئي ويئي هئي:

آخوند حبيب‌الله، ديوان ميٺارام ۽ ديوان ڏيارام، سنڌ جي اڳين اميرن جا وڪيل، پنهنجا نياز ايسٽ انڊيا ڪمپني جي صدر کي عرض رکن ٿا، ۽ انهيءَ موقعي لاءِ عزت جي نگاهه سان واجهائين ٿا، جڏهن کين ساڻن ملاقات جو شرف بخشيو ويندو."

مٿئين نوٽ جو جواب ۽ ٻڌ ان سان گڏ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان پهتل اطلاع:

"ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو صدر پنهنجا نياز آخوند حبيب‌الله، ديوان ميٺارام ۽ ديوان ڏيارام کي عرض رکي ٿو. سرڪاري طور ڏنل جواب مان کين سمجهڻ گهرجي ته ڊائريڪٽر کين ملاقات جو شرف نٿا بخشي سگهن، جنهن لاءِ سندن درخواست ٿيل آهي.

ايسٽ انڊيا هائوس

١٨- اپريل ١٨٤٥ع"

انهيءَ خط جي ڪاپي جا سنڌ جي ميرن جي ايلچين ارل آف رپن کي پيش ڪئي:

ڇڏي وڃي پنهنجي خالق سان ملبو. باقي رهيل مير بہ بيمار رهن ٿا، ۽ جيڪڏهن اڃا بہ ڪين زبردستيءَ، آتي رهايو ويندو تہ پوءِ اهي بہ جلدي گذاري ويندا، انڪر انهن جو هن معزز هائوس کي عرض آهي تہ ڪين يا تہ بمبئيءَ موڪليو وڃي يا پوني ڏانهن موڪلجي، ڇاڪاڻ تہ انهن پنهي هنڌن جي آبهوا سندن طبيعت لاءِ موافق ڏسڻ ۾ آئي آهي.

تہ هز هائينيسز جي ديرن ۽ سندن خاندان کي اجازت ڏني وڃي، تہ اهي اچي ڪين ملن، ۽ انهيءَ لاءِ مير عباس علي، مير محمد علي يا ٻئي ڪنهن ننڍي مير کي انهن معزز عورتن کي ميرن ڏانهن وٺي وڃڻ تي مامور ڪيو وڃي. جيئن تہ انهن ساموندي سفر ڪونہ ڪيو آهي، ۽ انهيءَ کان اڻواقف آهن، انڪري ڪين هڪ اِسٽيمر ڏيارڻو وڃي، جو ڪين وڃي ميرن تائين پهچائي. جيڪڏهن انهن مان ڪي ساموندي سفر اختيار نہ ڪن، تہ پوءِ ڪين خشڪيءَ جي رستي موڪليو وڃي، ۽ انهيءَ سفر ۾ پردي جي انتظام ۽ سندن رتبي ۽ سڀيم حالت جي مدنظر سندن سنڀال ۽ آرام جو بندوبست ڪيو وڃي. انهن عورتن مٿن ٿيل مصيبت جو داستان هن درخواست جي رستي، جا هنن اسان کي سونپي ڏني هئي، عرض رکون ٿا تہ جيئن انهن بدنصيبن جا دوست، انهيءَ کي مهاراڻيءَ جي اڳيان پيش ڪري سگهن."

—

بلقيس وانگر وڌند رهي.

"شال مهاراڻيءَ جي شان ۽ شڪت جو پاچو پاڪدامن انهيءَ واقعي کي گذرئي ٻہ سال ٿيندا، جو سر چارلس نيپئر فوج ۽ توبخانو وٺي سنڌ ۾ آيو هو، ۽ اچي اسان جي گهرن کي لٽيائين ۽ جيڪي بہ قيمتي شيون جهڙوڪ پسڻا ڏوڪڙ، زر زيور يا هيرا جواهر هن اتي ڏٺا، سي اسان کان کسي ويو. نہ فقط ايترو اسان جا مرد ماڻهو، يعني تہ مير ۽ اسان جا ٻار اسان کان کسي،

انهن کي قيدي بنائي، هندستان موڪلي ڇڏيائين. اسان کان هاڻي اها طاقت کسجي ويئي آهي، جا سر چارلس نيپيئر جي اچڻ کان اڳ اسان وٽ هئي. انڪري اسين هاڻي بيوس ۽ لاچار ٿي ويون آهيون. اهو ڪهڙو طريقو آهي، جو هو اسان جي گهرن ۾ گهڙي آيو، ۽ اسان جو الهه-تلهه ڦري ويو، ۽ ايترو به نه ڇڏيو اٿس، جنهن سان اسين پنهنجو گذر سفر ڪري سگهون. ٻن سالن کان وٺي اسان کي پنهنجي اصلوڪي شهر ۽ گهر کان پري جهوپڙين ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. اسان کي ايترو ته بيوس ۽ لاچار ڪيو ويو آهي، جو اسان کي پورو کاڌو به نٿو ملي. جيڪو پٽو اسان کي مهيني لاءِ ڏياريو وڃي ٿو، سو هڪ هفتي ۾ ختم ٿيو وڃي اسان کي جيڪا ڪاڌي ۽ ڪپڙي جي تنگي آهي، انهيءَ جي خدا کي ئي خبر آهي. ۽ جيئن ته اسان کي اميرن کان پري رکيو ويو آهي، انڪري اسين ڏک ۽ عذاب ۾ آهيون ۽ جيئڻ مان ڪڪ ٿي پيئون آهيون. ماڻهو جيڪڏهن خدا جي حڪم سان مري ٿو، تڏهن ان ۾ ڪو به مهڻو نه آهي، پر هتي ته روزانو نئين موت جي تڪليف ڏسڻي ٿي پوي، جا ڏاڍي بچڙي شيءِ آهي. جيئن ته تون راڻي آهين ۽ اسين به تو وانگر ڪنهن وقت راڻيون هيونسين، انڪري اميد ڪريون ٿيون ته اسان تي ڪهل آڻي، اسان سان همدرديءَ جو سلوڪ ڪيو وڃي، ۽ اسان کي اهي سڀ شيون واپس ڏياريون وڃن، جي سر چارلس نيپيئر اسان کان ڦريون آهن. جيئن ته اسان جون دليون ميرن ۽ پنهنجن پٽن جي جدائيءَ ۾ ڦٽجي چڪيون آهن، انڪري اسين عرض ٿيون ڪريون ته اسان کي انهيءَ آزار کان نجات ڏياري وڃي، نه ته پوءِ اسين پنهنجي حياتي ختم ڪرڻ کي هڪ ثواب جو ڪم سمجهنديونسين. شل خدا توکي وڏي چمار ڏئي.

٢٧- شوال ١٢٦٠ هجري جي حيدرآباد سنڌ ۾ لکيو ويو.

ديرن جون صحيحون

بيگم ميرڪرم علي خان بيگم ميرمحمد نصير خان
بيگم ميرنور محمد خان بيگم ميرمير محمد خان
بيگم ميرصوبدار خان"

—

"اوهان جون عرضدارٿيون وڌيڪ هي به عرض ٿيون ڪن ته: جيڪو الائونس ديرن کي ڏيارڻو وڃي ٿو، سو سندن لاءِ ۽ سندن وفادار نوڪرن لاءِ، جن ديس-نيڪاليءَ ۾ به ساڻن سات ڏنو آهي، بلڪل اڻپورو آهي، انڪري نوازش روءِ انهيءَ تي غور ڪيو وڃي، ۽ سندن رتبي ۽ وڏائيءَ موجب وڌائي ڏنو وڃي، ۽ پڻ ميرن ۽ سندن ديرن کي سندن ملڪ جي رواج موجب رهڻ لاءِ چڱا گهر مهيا ڪري ڏنا وڃن.

جيڪي هيرا ۽ جواهر، ۽ ٻي خانگي ملڪيت جا ميرن ۽ سندن ديرن کان ڦري ويئي آهي، کين واپس ڏياري وڃي. پڻ سر چارلس نيپئر کي حڪم ڏنو وڃي ته هز هائينيسز جا خانگي ڪاغذ ۽ سامان جون فهرستون، کين واپس ڪيا وڃن ته جيئن اهي انهن کي ڏسي پنهنجي ملڪيت واپس وٺي سگهن.

اهي سڀ امير جيڪي جدا جدا هنڌن جهڙوڪ پونا، سورت، هزاري باغ ۽ ڪلڪتي وغيره ۾ نظربند آهن، تن سيني کي هڪڙي هنڌ گڏ رهايو وڃي.

پيو ته ميرڪرم علي خان جي گهر جي معزز عورتن کي ڪجهه جاگيرون هيون، جي سر چارلس نيپئر انهن کان کسي ورتيون اهن. جيئن ته ڪيترن پروچ سردارن کي سندن جاگيرون واپس ڏنيون ويون آهن انڪري انهن عزت ماب عورتن

به جي هاڻي ٽالپر خاندان جون سردار آهن، سندن اصلوڪ
زمينون سندن جواهرن ۽ خانگي ملڪيت سان گڏ و
ڪيون وڃن.

وڏيڪ ته انهن بدنصيب بيواهن کي، رهڻ لاءِ مو
جايون ڏنيون وڃن، (چاڪاڻ ته سندن اصلوڪا گهر سرچار
نيپٿر جي هٿ ۾ آهن) ۽ ڪين اجازت ڏني وڃي، ته
باقي حياتيءَ جا ڏهاڙا سنڌ ۾ گذارين، ۽ ڪين پنهنجي ما
ڪان پري، ڌارئين هنڌ رهڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي.

انهيءَ لاءِ تنهنجا عرضدار هر وقت دعا ڪندا."

—

درخواست جو نقل

شل حضور اعليٰ کي هيءُ عرض قبول پو
"عزت ماب مهاراڻي وڪٽوريا، گريٽ برٽن ۽ آئرلنڊ جي را
اسين آخوند حبيب الله، ديوان ميٺارام ۽ ديوان ڏيار
سنڌ جي شهزادين پاران موڪليل ايلچي، حضور اعليٰ کي د
گذارش ڪريون ته ڏٺي سگوري بادشاهن کي پنهنجي
مٿان وڏائي بخشي آهي، ۽ حڪومت جون واڳون سو
ڏنيون آهن. روءِ زمين جا تخت سندن حوالي ڪيا آهن
ڪين ماڻهن لاءِ انتظام ناهيندڙ بنائي موڪليو ويو آهي،
جيئن اهي خدا جي مخلوق جي سنڀال رکن، ته جيئن د
ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ تي ظلم ۽ زبردستي نه ڪري. جيئن ته ا
کي برٽش سرڪار هٿان سخت ظلم ۽ بي انصافي نصيب
آهي، اذڪري اسان هڪ ڏورانهين ملڪ کان هن شهر
انهيءَ مقصد سان آيل آهيون ته اسان سان ٿيل ظلمن
تدارڪ ٿئي.

اسان هن روشن ضمير تخت ڏياڻي جي ڄاڻ لاءِ هيءُ
ص ڪنداسين ته ١٨٠٩ع کان ١٨٣٩ع تائين، سنڌ جي دربار
ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نوڪرن سان جيڪي به عهدنامما
هئا، انهن سڀني جي ڀڃڪڙي ڪئي ويئي، ۽ هڙهائينس تي
- شرط مڙهيا ويا هئا، اهي به ميرن ضرورت جي مدنظر
ل پئي ڪيا آهن. اهڙو ڪو به مثال ڪونه آهي، جنهن ۾
ن جا حاڪم ڪنهن به انجام يا عهدنامي کي پاڙڻ کان
با هجن.

سر چارلس نيپئر سنڌ ۾ پهچڻ سان، سکر مان هڪ نئون
. نامو اسان جي حاڪمن ڏانهن ڏياري موڪليو، جو هينئر اسان
، موجود آهي. اسين نهايت نئڙت سان عرض ڪنداسين، ته
ور اعليٰ جن (ڪائونسل ۾) انهن عهدنامن تي ڌيان ڏيئي،
. وجهندا، ۽ ڏسندا ته حقيقت ۾ انهن انجامن جي ڪنهن
ڀڃڪڙي ڪئي آهي.

سر چارلس نيپئر جي اها دعويٰ آهي، ته ڪيس کي خط
نصير خان جي مهر ٿيل هٿ لڳا آهن، جي مير نصير خان
گ بگٽي (بلوچ ٽڪريون) ۽ ملتان جي گورنر ديوان وسڻ مل
، لکيا هنا. اهوئي سبب ڏيکاري، هن ميرن تي زيادتيون
رڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهيو. اسان انهيءَ ڪري نهايت
ت سان عرض ڪنداسين، ته اسان مان ئي هڪڙي ديوان
رام کي محمد نصير خان سر چارلس ڏانهن روهڙيءَ ڏياري
ڪليو هو، ته انهن ضبط ٿيل خطن بابت پڇا ڳاڇا ڪري.
چارلس نيپئر ان تي جواب ڏنو ته ”مون کي خطن وغيره جي
ابه خبر نه آهي ۽ تي سگهي ٿو ته ان جي خبر لارڊ ايلنبرو
هجي. آءٌ به تو وانگر هڪ موڪايل وڪيل (نائب يا
ضي) آهيان ۽ جيڪي به وٺائنس هدايتون پهچن ٿيون، تن
مون کي پوئواري ڪرڻي آهي.“ انهيءَ کان پوءِ جڏهن اسان
حاڪم شهزادا ميجر آئوٽرام حيدرآباد جي پوليٽيڪل ايجنٽ

سان مليا، تڏهن هن به اهوئي ٻڌايوتہ ڪيس ڪا خبر ڪانہ آهي. ۽ اهو معاملو هن سر چارلس نيپئر ڏانهن ڏياري موڪليو. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن اهي شهزادا قيد ٿيا تڏهن هنن ڪمپٽن گارڊن کان انهن خطن بابت پڇا گاڇا ڪئي، جنهن وراڻيو تہ ڪيس پوري خبر آهي. تہ اهي خط گورنر جنرل وٽ هن پاڻ ڏنا هئا. آخر ۾ جڏهن اهي قيدي شهزادا ڪلڪتي پهتا، تڏهن هنن گارڊن تي زور آندو تہ انهن خطن ۽ مهرن بابت پوري پڇا گاڇا ڪئي وڃي، جن جي ڪري ڪين تڪليف پهتي آهي. 'آءٌ انهيءَ بابت پوري پڇا ڪندس ۽ اعليٰ مرتبت شهزادن کي ٻڌائيندس.' ٻن ڏينهن کان پوءِ هن اچي ٻڌايو تہ اهي خط لارڊ ايلنبرو انگلنڊ ڏانهن اختياري وارن کي موڪليا آهن. انهيءَ واقعي کان ٿورو پوءِ لارڊ ايلنبرو کي واپس گهرايو ويو، ۽ سندس جاءِ نشين سر هينري هارڊنج اچي ڪلڪتي پهتو.

انهيءَ مانَ واري صاحب کي به اسان جي شهزادن خط لکي مرڪليو، تہ سندن معاملي تي غور ڪيو وڃي، پر هن به هڪ مختصر جواب ڏياري موڪليو، تہ جيئن تہ اهو معاملو سندس اختيار کان ٻاهر آهي، انڪري هو سندن ڪابہ مدد نٿو ڪري سگهي. جيئن تہ اسان جي رئيسن جو هندستان ۾ ڪوبہ داد نہ ٿيو، انڪري هنن اسان کي هن ملڪ ڏانهن ڏياري مڪو آهي، هاڻي جيئن تہ لارڊ ايلنبرو به هتي انگلنڊ ۾ آهي، انڪري اسان اها اميد رکنداسين تہ ڪانئس انهن خطن ۽ مهرن بابت پڇا گاڇا ڪئي ويندي، ۽ اسان جي شهزادن جي بيگناهہ ثابت ٿيڻ کان پوءِ مٿن ٿيل ظلم ۽ ستم پڌرو ٿي پوندو، ا ن ارل آف رپن، بورڊ آف ڪنٽرول جي صدر، ڪورٽ آف ڊائرڪٽرس وغيره کي درخواستون ڪيون آهن، پر هنن اسان کي ڪان نابري واري آهي. اسان لاءِ انڪري هاڻي فقط مهاراڻ ۽ جي رحم جي آرزو آهي. اسين انهيءَ ڪري عرض ٿا ڪ ون تہ هيءَ بختاور تخت ڏياڻي، انهيءَ معاملي تي انڪوائر ڪرڻ

جو حڪم صادر فرمائيندي تہ جيئن اسان کي انصاف پلئہ پوي.

اسان اوهان جي تخت ۽ بخت جا خيرخواهہ. شل ڏٺي سائين اوهان کي هن گذارش پڌڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اسين آهيون اوهان جا نوڪر

آخوند حبيب الله

ديوان ميٺارام

ديوان ڏيارام

لنڊن ١٩- هارلي گهٽي

٣٠- مارچ ١٨٤٥ع

ضميمو ٣

اسين آخوند حبيب الله، ديوان ميٺارام ۽ ديوان ڏيارام، سنڌ جي ميرن جا عيوضي خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي، اعلان ٿا ڪريون ته اسان ڪنهن به وقت پنهنجن رئيسن جي خلاف مڙهيل تهمتن جي سچائيءَ ۾ ڪڏهن به پاڻ کي ملوث ڪو نه ڪيو آهي. اسان جو نه فقط انهيءَ ڳالهه ۾ اعتبار آهي، پر ان سان گڏ اسان زوردار لفظن ۾ انهيءَ ڳالهه جي به تائيد ٿا ڪريون، ته جيڪي خط بيبرگ بگٽيءَ ڏانهن ميرن نصيرخان جا لکيل ٻڌايا وڃن ٿا، سي نسورو هٿناٽ هئا.

اسين خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي، اهو به ٿا چئون ته ميرن انهن مڙني مٿن مڙهيل تهمتن کان بيڏوهي آهن.

صحيحون

آخوند حبيب الله

ديوان ميٺارام

ديوان ڏيارام

١٩- هارلي گهٽي

١٥- آگسٽ ١٨٤٥ع

ضميمو ۴

انهيءَ بيان جو ترجمو جو ديوان ميٺارام ميرن جي حڪم جي تعميل ۾ ٺاهيو هو:

پهريائين لارڊ منٽو ۱۸۰۹ع ۾ ميرن سان عهدنامو ڪيو ۽ ڪانئس پوءِ گورنر وليم ڪاويندش بينٽنڪ به عهدنامو ڪيا، پهريون ۱۸۳۲ع ۾ ۽ ٻيو سر هينري پاٽنجر جي معرفت ۱۸۳۴ع ۾. انهن عهدنامن ۾ لکيل هو ته انگريز سرڪار جو سنڌ ڏانهن دوستيءَ جو رستو، قيامت تائين رهندو، ۽ انگريز حڪومت ميرن جي ملڪ مان هڪ فوٽ زمين جي به خواهش ڪانه ڪندي.

انهيءَ ڪان پوءِ سر هينري پاٽنجر سنڌ ۾ گورنر جنرل پاران ايلچي بنجي آيو، ۽ عرض ڪيائين، ته واپارين کي ۽ واپاري ٻيڙن کي سنڌو درياهه مان جهاز راني ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ ڪانئن ڪوبه محصول وغيره نه اڳاڙيو وڃي. جيئن ته سنڌ جي ميرن کي دوستي انگريزن سان نباهڻي هئي انڪري هُنن انهيءَ گذارش جي اجازت ڏني. ساڳئي وقت سنڌ حڪومت جي هٿ هيٺ علائقن ۾ سيني واپارين کي بنان ڪنهن رنڊڪ يا تڪليف جي اچ وڃ جي اجازت ڏني ويئي. پاٽنجر جڏهن ٻيون دفعو اچي پرگهٽ ٿيو، تڏهن اچي چيائين ته انگريز فوجون ڪابل ۽ افغانستان وڃڻ خاطر، سنڌ مان گذرنديون. انهيءَ تي به ميرن اجازت ڏيئي ڇڏي. انگريز فوجون جڏهن سنڌ ۾ پهتيون، تڏهن ميرن کي چيو ويو ته اهي پنهنجن ڪاردارن ڏانهن حڪم جاري ڪن ته اهي انگريزن کي ٻيڙيون، ڪاٺ ۽ اٽ وغيره پهچائي ڏين. جيتوڻيڪ اهڙو ڪوبه شرط عهدنامي ۾ ڪونه هو، پر ان هوندي به ميرن انهيءَ دوستي کي پڪو

ڪرڻ لاءِ، جا انگريزن سائن سڄي عمر لاءِ رڦي هئي، ٻيڙيون، آٽ، اناج، ڪاٺ ۽ ٻيون ضروري شيون انگريزن کي مهيا ڪري ڏنيون، جي ڪين خراسان واري مهر لاءِ گهربل هيون. اميرن جي انهيءَ قدم تي، ته انگريزن کي ضروري شيون مهيا ڪري ڏجن، بلوچ قبيلا سخت ناراض ٿي پيا. ساڳئي وقت اميرن انهيءَ ڪم جي ڪري پٺاڻن سان به دشمني ڪري وڌي. پر انهن سيني ڳالهين هوندي به انهيءَ دائمي دوستيءَ کي پڪو ڪرڻ لاءِ، اميرن بلوچ قبيلن کي حڪم جاري ڪيا ته انگريز فوج جي ڪابه مخالفت نه ڪن، ۽ اهو به اعلان ڪيو هئائون ته جيڪو به انگريز فوج جي واڌ ۾ رڪاوٽ يا هراس وجهندو، انهيءَ کي سخت سزا ڏني ويندي. انهيءَ حڪم جي ڪري بلوچ قبيلا ماڻ ۾ رهيا، ۽ انگريز فوج کي ڪابه تڪليف نه ڏنائون.

جڏهن سر جان ڪئن جهرڪن وٽ پهتو، جو حيدرآباد کان ٻارهن ڪوهه پري آهي، تڏهن هُن عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪئپٽن ايسٽوڪ جي هٿان هڪ ميمورنڊم ڏياري موڪليو. انهيءَ ۾ هن لکي موڪليو. ته هن کان پوءِ ميرن انگريز لشڪر جي رهائش جو ساليانو خرچ لاءِ ٽي لک رپيا ڀري، ڏين ۽ انهيءَ کان سواءِ ايڪيهه لک رپيا هڪدم خرچ لاءِ ڀري ڏين، نه ته انگريزن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن! اهي شرط زوري قبول ڪرائڻ ميرن سان نسورو ظلم هو پر ان هوندي به انهن دوستيءَ جي ناتي جي خيال کان ناموزون ۽ بي انصافيءَ جي اصول تي ٻڌل هئا. ميرن نيٺ اهي پئسا به ڀري ڏنا، جي آڪلنڊ ڪائن گهريا هئا، ۽ اهي پئسا ميرن پنهنجن خانگي خزانن مان ڏنا. جڏهن سر جان ڪئن ڪابل ڏانهن روانو ٿي ويو، تڏهن ميرن رستا ۽ لنگهه کولي ڇڏيا ۽ انگريزن جي اسٽيمرن جي اچ وچ ۾ ڪابه رنڊڪ نه وڌي. انهي جي شاهدي ليفٽيننٽ پوسٽن ۽ ٻيا ڏيندا، جي ان وقت آتي موجود هئا.

جيڪڏهن ميرن انگريزن جي اهڙيءَ طرح مدد نه ڪن ها تہ پوءِ انگريزن جي ڪابل واري مهم ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿئي ها. اهو سڀڪجهہ ميرن انهيءَ لاءِ ئي ڪيو تہ ڪين انگريز حڪومت وٽان انهن خدمتن جو پورو پورو معاوضو ڏنو ويندو، ۽ نہ انهيءَ لاءِ تہ ڪين اهڙي مصيبت ۾ وڌو ويندو جنهن ۾ هو هينئر مبتلا آهن.

پر هاڻي وڏو انهيءَ گهالهہ کي تہ سر جان ڪئن جي وڃڻ کان پوءِ سر هينري پاٽنجر ١١- مارچ ١٨٣٩ع تي هڪ ٻيو عهدنامو آڻي ڪڍيو، جنهن تي لارڊ آڪلينڊ جي صحيح ۽ مُهر پيل هئي. جهڙيءَ طرح، اڳين عهدنامن ۾ لکيو ٿي ويو، اهڙيءَ طرح هن عهدنامي ۾ بہ ائين مذڪور هو تہ هي عهدنامو سڪندر جي ديوار وانگر مضبوط ۽ هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين محڪم رهندو! انهيءَ کان پوءِ سر هينري پاٽنجر چين ڏانهن اسهيو ۽ سندس جاءِ ميجر آئوٽرام ورتي، جو حيدرآباد جو ريزيڊنٽ مقرر ٿيو. ميرن کي وري بہ انهيءَ نئين ريزيڊنٽ جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو. ميجر آئوٽرام ٿوري وقت کان پوءِ بلوچستان هليو ويو، ۽ سندس جاءِ تي سندس نائب مسٽر ليڪي حيدرآباد جي دربار تي مقرر ڪيو ويو. مسٽر ليڪي کي مير محمد خان اطلاع ڏياري موڪليو تہ حيدرآباد جا مير پنهنجي طرفان هڪ عيوضي لنڊن جي دربار ڏانهن موڪلڻ چاهين ٿا، تہ جيئن پنهنجا ڏک سور ۽ اهنج ايذاءِ وغيره آتي پهچائي سگهن. مسٽر ليڪي منشي ساڌورام جي معرفت، جو پڻ انگريز سرڪار جو هڪ نوڪر آهي، جواب ڏياري موڪليو تہ مير پنهنجو عيوضي شايد ڪمپنيءَ جي خلاف شڪايت ڪرڻ لاءِ ٿا موڪلين، انهيءَ تي ڪمپني ناراض ٿي پوندي ۽ انهيءَ جي ميرن سان دشمني ٿي پوندي. ميرن کي انهيءَ تي لاچار پنهنجي عيوضي موڪلڻ جي ارادي کي ترڪ ڪرڻو پيو. انهيءَ واقعي کان ٿورو پوءِ مسٽر ليڪي

بيمار ٿي پيو ۽ ڪراچيءَ هليو ويو، ۽ سندس جاءِ تي مسٽر ماڊلن حيدرآباد ۾ مقرر ٿي آيو.

سن ١٨٤٢ع ۾ سرچارلس نيپئر پهرين ڪراچيءَ پهتو ۽ بيماريءَ سبب ڪجهه وقت اتي رهي، پوءِ حيدرآباد هليو آيو. ميرن سندس ڏاڍي شان ۽ مان سان استقبال ڪرڻ جون تياريون ڪيون، ۽ سندس چڙهڻ لاءِ هڪ پالڪي موڪلي، جنهن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل هو. سندس ساٿي آفيسرن لاءِ پڻ سون ۽ چانديءَ سان سجايل اُنيون موڪليون ويئون، تہ جيئن اهي مٿن چڙهي اچن. ساڳئي وقت مير عباس علي خان ۽ ٻين مڪيہ ميرن‌کي سندن آجيان لاءِ اڳواٽ موڪليو ويو، تہ جيئن اهي ڪين وٺي اچن. اهڙي شان ۽ دبدبي جي ٺٺ سان سر چارلس نيپئر ميرن سان ملاقات ڪئي، ۽ واپس ڪئمپ ۾ وڃي، ٻئي ڏينهن صبح جو اسٽيمر تي چڙهي سکر هليو ويو.

ٿوري وقت‌کان پوءِ ڪئپٽن اسٽينلي، سکر مان حيدرآباد پهتو، ۽ پاڻ سان هڪ نئون عهدنامو خط سميت‌کڻي آيو. ميرن جڏهن خط ۽ عهدنامو ڏٺو، تڏهن حيران ٿي ويا، ۽ احتجاج طور ٻہ دفعا سر چارلس نيپئر ڏانهن قاصد ڏياري مُڪائون، تہ انهيءَ نئين عهدنامي ۾ ميرن جي تباهي آهي. انهيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا شرط هئا جن موجب ميرن کي پنهنجي ملڪ جا ڪيترا علائقا انگريزن کي ڏيڻا ٿي پيا. سر چارلس نيپئر ٻڌايو تہ ڪيس ڪابہ خبر نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس فقط لارڊ ايلنبرو جا حڪم مڃڻا آهن. هُن قاصدن کي وڌيڪ ٻڌايو تہ ”آءٌ فقط اوهان وانگر هڪ وڪيل آهيان، ۽ منهنجو ڪم آهي ٻين جي حڪمن جي پوئواري ڪرڻ.“ انهيءَ‌کان پوءِ سرچارلس نيپئر فوج ۽ توبن سان خيرپور تي حملو ڪيو، ۽ صلح جي وقت ۾، مير رستم‌خان کي پنهنجي موروثي حڪومت مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. مير رستم خان کي پنهنجن ٻارن زالن سميت مينهن ۽ سخت واءُ ۾ برپٽ ڏانهن ڇڏي وڃڻو پيو. انهيءَ وچ

۾ ميجر آئوٽرام بمبئيءَ مان سکر پهچي ويو ۽ ڏيجيءَ وٽ وڃي سر چارلس نيپئر سان ملايو. انهيءَ کان پوءِ سر چارلس نيپئر امام گڙهه جي قلعي ڏانهن وڌيو، جو مير رستم خان جي پٽڻيي مير محمد خان جو رهائشگاهه هو. قلعي کي بلڪل تباهه ڪيو ويو، ۽ ان ۾ رکيل اناج جا انبار لٽيا ويا. اتان پوءِ سرچارلس منزلون ڪندو حيدرآباد ڏانهن وڌيو. ميرن جڏهن سندس واڌ جو ٻڌو، تڏهن ڏانهنس قاصد ڏياري موڪليائون، ته اسان پنهنجي مرضيءَ جي خلاف، انهيءَ نئين عهدنامي کي به قبول ڪيو آهي، ته پوءِ تون ڇو فوج ۽ توبن سان حيدرآباد وڌي رهيو آهين؟ ميرن جيڪي وڪيل سر چارلس نيپئر ڏانهن ڏياري مڪلا هئا، انهن جا نالا ميرزا خسرو بيگ ۽ يوسف خدمتگار هئا، ۽ اهي سر چارلس نيپئر کي نوشهري وٽ وڃي مليا، جو حيدرآباد ۽ سکر جي وچ آهي. اهي ميرن جون مهرون به اتي ڪٽي ويا، ته جيئن نئين عهدنامي جي قبوليت تي هنيون وڃن. سرچارلس نيپئر کين اهي مهرون هٿ نه ڏنيون، ۽ هڪ خط ڏيئي واپس موڪليو، ته جيڪي به اهي شرط شروط هئا، تيئن انهن جي هڪدم تعميل ڪئي وڃي. انهيءَ خط ۾ مذڪور هو ته مير، مير رستم خان کي هڪدم حيدرآباد ۾ گهرائي وٺن، ته جيئن ميجر آئوٽرام اتي پهچي مير رستم خان جو معاملو طئي ڪري، ۽ ساڳئي وقت عهدنامي تي به سيل مهر ڪئي وڃي. خط ۾ اهو به لکيل هو ته سر چارلس نيپئر جي مرضي هئي ته حيدرآباد تي چڙهائي ڪري، پر هاڻي هو انهيءَ کي في الحال مهمل ٿو رکي، پر جيڪڏهن مير رستم خان ميجر آئوٽرام سان نه ملندو، ته پوءِ ڪيس دشمن سمجهيو ويندو. اهڙيءَ طرح مير رستم خان ۽ سندس به وڪيل ٨- فيبروري ١٩٤٢ع تي اچي حيدرآباد ۾ مليا. جيئن ئي ميجر آئوٽرام اچي اتي پهتو، تيئن هُن ميرن ڏانهن نياپو موڪليو ته عهدنامو بحال ڪيو وڃي ۽ جيئن ته ميرن لاءِ ٻيو ڪو بلو ڪو نه هو، ۽ اهو عهدنامو هو به بي انصافيءَ تي مبني،

پر ان هوندي به ميرن انهيءَ کي قبول ڪيو، ۽ پنهنجيون مهرون ڏياري موڪليون. پئي ڏينهن، ٩- فيبروري تي، ميجر آئوٽرام ميرن سان ملاقات ڪئي، جن ڪيس ٻڌايو ته انگريزن جي لڳاتار واڌ سبب ٻروچ جوش ۾ اچي ويا آهن، ۽ ڪيس ياد ڏياريائون ته هنن مهرون هڪ ڏينهن اڳيئي ڏياري موڪليون آهن. ميرن انهيءَ تي ميجر آئوٽرام کي گذارش ڪئي ته ڪو آفيسر سرچارلس نيپئر ڏانهن موڪلي، ته جيئن هو پنهنجي چڙهائيءَ کي روڪي. ميجر آئوٽرام اهو چوڻ ڪري هڪ آفيسر مير نصيرخان ڏانهن ڏياري موڪليو، ۽ ميرن انهيءَ کي هڪ تيز رفتار اُٺ تي چاڙهي سر چارلس نيپئر ڏانهن روانو ڪيو. اهو آفيسر وڃي انگريز ڪئمپ ۾ پهتو ۽ ١٢- فيبروري تي اهو ساڳيو اوني انهيءَ آفيسر کي واپس وني آيو. اهو آفيسر پاڻ سان هڪ خط ڪئي آيو، جو منشي ميلارام جو لکيل هو. اهو اوني ميرن جي حڪم سان سر چارلس نيپئر جي ڪئمپ ۾ موجود هو، ۽ هن ڏٺو ته خط جي پهچڻ شرط سر چارلس نيپئر پنهنجي ڪئمپ ٽوڙي حيدرآباد ڏانهن ڪوچ ڪري ڏنو. ميرن اها خبر ميجر آئوٽرام کي ڏياري موڪلي، جو ساڳئي ڏينهن يعني ته ١٢- فيبروري جي ٢- بجي منجهند جو ميرن وٽ آيو، ۽ چيائين ته جيڪڏهن اوهان انهيءَ عهدنامي تي مهرون هڻندا ته پوءِ هو ڪيس پنهنجي طرفان پاڻ هڪ خط لکي ڏيندو. هُن اهو به چيو ته جيڪڏهن اهو خط مير پنهنجي ڪنهن به آفيسر جي هٿان سرچارلس کي ڏياري موڪليندا، ته پوءِ هُو اتر سنڌ ڏانهن واپس هليو ويندو. ميرن کي لاچار انهيءَ عهدنامي کي مڃڻو پيو ۽ هنن انهيءَ تي صحيحون ڪيون ۽ مهرون به هنيون. انهيءَ وقت ميرنصير خان ميجر آئوٽرام کي چيو ته مير رستم خان کي وڏيءَ عمر ۾ ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ وڏي سختي آهي ۽ جيئن ته ڪانئس سندس سٺيون زمينون (روهڙيءَ کان سبزل ڪوٽ تائين) کسيون ويون آهن، انڪري ڪيس باقي علائقو واپس ڪيو وڃي. مير نصير خان

ڪيس اهو به ٻڌايو ته سر چارلس نيپئر به انهيءَ معاملي جو فيصلو مٿس ڇڏيو آهي، انڪري انهيءَ جو منصفانه فيصلو ڪيو وڃي. ميجر آئوٽرام تنهن تي ٿلهو جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ چيائين ته ميرر رستم خان جي باري ۾ ڪوبه فيصلو وغيره نٿو ڪري سگهجي. جنهن وقت اهي ڳالهيون ٿي رهيون هيون، ان وقت حيات خان جو هڪ نوڪر حيدرآباد جي قلعي ۾ اچي پهتو، ۽ ٻڌايائين ته حيات خان جيئن حيدرآباد اچي رهيو هو، تيئن سر چارلس نيپئر ڪيس پڪڙي قيدي بنائي ڇڏيو آهي. پروچن، ميرر رستم خان سان ٿيل ظلم، حيات خان جي قيد ٿيڻ ۽ سر چارلس نيپئر جي ڪنهن به ڳالهه تي نه اچڻ سبب ناامميد ٿي، اهو ارادو ڪيو ته جيئن ته ميجر آئوٽرام قلعو ڇڏي، تيئن مٿس حملو ڪيو وڃي. ميرن کي جڏهن خبر پيئي تڏهن هنن پروچن ڏانهن حڪم ڏياري موڪليو ته هو انهيءَ ارادي کان باز اچن ۽ ميجر آئوٽرام کي ڪيترن ئي معزز رئيسن جي همراهيءَ ۾ ڪئمپ تي صحيح ۽ سلامت پهچايو ويو. ميجر آئوٽرام پوءِ اهو خط جنهن جو هن ميرن سان انجام ڪيو ڏياري موڪليو، ته جيئن سر چارلس نيپئر پنهنجي چڙهائي روڪي. اهو خط پوءِ ميرن جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو. قاصد جيڪو خط ڪڍي ويو هو، تنهن اچي ٻڌايو ته جنرل خط ڏسڻ شرط ڪئمپ ٽوڙي حيدرآباد ڏانهن تڪڙو تڪڙو وڌڻ شروع ڪيو. ميرن انهيءَ تي پنهنجي طرفان به هڪ خط جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو، ته جڏهن سندس ٻيئي تڪليف ڏيندڙ شرط مڃيا ويا آهن، ته ان هوندي به هو حيدرآباد ڏانهن وڌي رهيو آهي، تنهن جو مطلب ڇا آهي؟ ميرن انهيءَ خط ۾ اهو به پڇيو ته ڇا سندس مطلب جهيڙي ڪرڻ جو آهي ڇا؟ جي ائين آهي ته پوءِ ميرر شهر خالي ڪري وڃي برٽ وسائين ۽ پوءِ اتان پنهنجو وڪيل لنڊن موڪلي انصاف حاصل ڪن. انهيءَ گذارش جو به سر چارلس نيپئر کو جواب ڪونه ڏنو.

سر چارلس نيپئر جي چڙهائي، ۽ حيات خان جي گرفتاريءَ سبب ٻروچن جو هڪ جٿو جنهن جو تعداد پنجن هزارن کان مٿي نه هو، حيدرآباد جي قلعي ۾ اچي جمع ٿيو. ميرن جيتوڻيڪ سر چارلس جي نون شرطن کي به مڃيو، پر ان هوندي به هن پوئتي موٽڻ جي نه ڪئي. ان تي ميرن ۽ سندن ٻروچ سردار شهر جي ٻاهران اچي گڏ ٿيا، ۽ چيائون ته پل نيپئر اچي اسان کي قتل ڪري ۽ پوءِ وڃي اسان جا گهر لٽي ڇاڪاڻ ته اسين جيئري ڪيس اهو ڪم نه ڪرڻ ڏيندا سين. ميرنصير خان جڏهن ڏٺو ته ٻروچ پاڻ کي تباهه ڪرڻ پئيان آهن، تڏهن هن ميجر آئوٽرام ڏانهن نياڻو ڏياري موڪليو، ته هو ٻروچن کي سمجهائڻ وڃي رهيو آهي پر ڪيس صلاح ٿو ڏئي، ته اسٽيمر تي چڙهي هليو وڃي، نه ته ٿي سگهي ٿو ته ٻروچ سرچارلس نيپئر تي حملي ڪرڻ سان گڏ مٿس به حملو نه ڪري ڏين. جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ ميرن لاءِ بيعزتيءَ جو باعث ٿيندو انهيءَ باري ۾ هڪ خط به ميجر آئوٽرام کي لکيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ١٥- تاريخ ميرنصير خان ٻروچن کي سرچارلس نيپئر تي حملي ڪرڻ جي ارادي کي ترڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ٻئي ڏينهن هن سرچارلس کي وڪيل ڏياري موڪليا، ته جيئن هو به انهيءَ حملي ڪرڻ کان باز اچي جو هو حيدرآباد تي ڪرڻ وارو هو.

١٥- تاريخ منجهند جو ٻروچن جي هڪ جٿي ميجر آئوٽرام جي ڪئمپ تي حملو ڪري ڏنو. ميرمحمد خان جو ان وقت حيدرآباد جي قلعي ۾ هو، تنهن هڪدم دلاور خدمتگار کي ٻروچن ڏانهن ڏياري موڪليو، ته انهيءَ دنگي فسادڪان باز اچن. دلاور تڪڙو تڪڙو اچي اتي پهتو ۽ پاڻ کي وڏندڙ ٻروچن ۽ ايجنسيءَ جي وچ ۾ آڻي، ٻروچن کي هدايت ڪرڻ لڳو. جيئن ئي اهي ايجنسيءَ جي پرسان لنگهيا تيئن اتي جي هڪ چوڪيدار بندوق جي فئر سان هڪ ٻروچ ماري وڌو. دلاور

گهٽوئي سمجهاين پر وريو ڪي ڪين، ۽ بيئي ڏريون ٽڪاٽڪيءَ ۾ لڳي ويئون. نتيجو اهو نڪتو جو به بروچ ۽ هڪ ريزيڊنسي گارڊ مارجي ويا. انهيءَ ڪان پوءِ آئوٽرام ۽ سندن ساٿي وڃي اسٽيمر تي چڙهيا. بروچن ٻن يورپي سپاهين کي قيد ڪيو، جنهن مان هڪڙي کي مير نصير خان وٽ آندو ويو. ميرن هن کي گوشت ۽ شراب مهيا ڪري ۽ پوءِ ڪين آزاد ڪري ڇڏيائون. مير محمد خان ته پنهنجي قيديءَ کي هڪ تيز رفتار اٺ تي چاڙهي جهرڪن پهچايو، ۽ پوءِ ڪيس آزاد ڪري ٻيڙيءَ رستي درياءَ جي ٻي پر موڪليو ويو.

انهيءَ ڪان پوءِ مير نصير خان انگريز ڪئمپ ڏانهن وري به هڪ وڪيل موڪلڻ تي هو پر تنهن وچ ۾ سر چارلس نيپئر بروچن تي حملو ڪري ڏنو، ۽ توبن جو آواز سنڀي کي ٻڌڻ ۾ آيو. دوبدو لڙائي ختم ٿيڻ تي ڪيترائي بروچ مارجي ويا ۽ ٻيا واپس وريا. مير نصير خان کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڇاڪاڻ ته سڀڪجهه سندس مرضيءَ جي خلاف ٿيو هو، تڏهن فقط فقط حيدرآباد جي پسگردائيءَ مان ٻارهن هزار بروچ اچي جمع ٿيا هئا. مير نصير خان انهن سڀني کي وڙهڻ ڪان ڪڍي، ۽ ڪين حڪم ڪيو ته ٽڙي پڪڙي وڃن. ١٨- تاريخ ميرنصيرخان پنهنجي مرضيءَ سان سر چارلس نيپئر جي ڪئمپ ۾ هلبو ويو ۽ اتي تلوار کولي جنرل کي پيش ڪئي. جنرل پنهنجي هٿن سان اها تلوار مير نصير خان کي واپس ڪري وري ڪيس ٻڌي ڇڏي ۽ ڪيس دلداري ڏني ته پنجويهه ڏينهن اندر سندن معاملي جو فيصلو ٿيندو ۽ سندن ملڪ ڪيس واپس ڪيو ويندو. ان ملاقات ۾ اهي لفظ ميجر آئوٽرام جي زوبرو چيا ويا هئا. ٻئي سر چارلس نيپئر ريزيڊنسيءَ ۾ ويو ۽ ميرن مٿان ماڻهو رکيائين. ٻن ڏينهن ڪان پوءِ ميجر آئوٽرام بمبئيءَ ڏي آسهيوءَ ۽ سندس وڃڻ ڪان پوءِ منشي علي اڪبر، جنرل وٽان ميرن ڏانهن اهو نياپو آندو ته هو قلعي کي ڏسڻ ٿو گهري. مير نصير خان

انهيءَ تي آخوند بچل، ديوان ميٺارام ۽ بهادر خدمتگار کي ڏياري موڪليو ته جيئن اهي جنرل کي پاڻ سان وٺي اچن. سر چارلس نيپئر پوءِ ڪرنل پٽين ۽ ٻين آفيسرن سان گڏجي قلعي ۾ داخل ٿيو، ۽ پاڻ ۾ توپون ۽ پيادل توڙي سوار فوجن جون ٻه ريجمنٽون وٺي آيو. انهيءَ کان پوءِ ـ صاحب ٻين آفيسرن ۽ سپاهين سان گڏ مرحوم مير ڪرم علي خان جي زنانخاني ۾ هليو ويو، ۽ مرزا خسرو بيگ کي گڏر کان جهاڻي بيعزت ڪيو. تنهن کان پوءِ هن حڪم ڏنو ته جيڪي به پئسو پنجڙ، زيور يا قيمتي شيون وغيره هجن سي هڪدم ڪيس آڻي ڏيون وڃن اهڙيءَ طرح هنن پندرهن لکن جو مال هٿ ڪيو. مير ڪرم علي خان جي گهر جي جڏهن هيءُ نظارو ڏٺو تڏهن ـ صاحب کي عرض ڪيائون ته ڪين پالڪي گهرائي ڏني وڃي ۽ ٽن جوڙن ڪٽڻ جي اجازت ڏني وڃي. ـ صاحب اهو عرض رد ڪندي، منشي علي اڪبر سان گڏ زبردستيءَ زنانخاني ۾ گهڙي ويو ۽ اتي وڃي زنانن زيورن، سون ۽ چاندي جي ٽانون ۽ ڪپڙن وغيره جي ڦر شروع ڪري ڏني. ڪن حالتن ۾ ته عورتن جي ٻانهن ۽ پيرن مان به زبردستيءَ زيور لاٿا ويا. اهي بدنصيب عورتون ڊپ ۽ شرم وچان شهر مان ڀڄي نڪتيون ۽ پيرين پنڌ وڃي ڪتڙ پهتيون، جو حيدرآباد کان پنج ڪوهه پري آهي. ... صاحب ۽ ... صاحب، مير نور محمد جي زنانخاني ۾ گهڙي ويا ۽ اتي به ڦر عورتن کي مجبور ڪيائون ته اهي پيرين پنڌ هوسڙي ڏانهن هليون وڃن. ... صاحب مير فتح علي جي پٽ مير صوبدار کان به قيمتي بازو بند گهريا جي ڪيس ڏنا ويا.

مير صوبدار جي گهر جي هڪ عورت، ڪجهه رپيا ڪمر پٽي ۾ ٻڌي ڇڏيا هئا. پاڻ ۾ ڪي رپيا هيٺ ڪري پيا، جنهن تي ڪيس يڪدم پڪڙيو ويو ۽ پٽو وڍي پئسا ڪڍيا ويا. پوءِ هرهڪ عورت کي پاسيرو وٺي سندس ٻانهن

پيرن، ڪن ۽ نڪ جا زيور لاٿا ويا. قلعي ۾ اندر اچڻ جي منع ڪئي ويئي ۽ مرحوم مير نورمحمد ۽ مير نصيرخان جي گهر جي عورتن کي ٻن ڏينهن تائين پاڻيءَ کان سواءِ آڇ ۾ رکيو ويو. مير نصيرخان جي ٻن پٽن مير حسين علي ۽ مير عباس علي، جي ٻيئي قلعي ۾ قيد هئا، تن پاڻيءَ لاءِ صاحب کي نياپو ڏياري موڪليو، جنهن تي جواب مليو تہ سر چارلس نيپئر جو حڪم آهي تہ جنهن کي بہ پاڻي پيئڻو هجي، سو گارڊ جي ڪمانڊنگ آفيسر جي بنگلي تي وڃي پاڻي پيئي. آخر ڏاڍيءَ جفاڪشيءَ کان پوءِ پنج سؤ ماڻهن لاءِ جنهن ۾ عورتون ۽ ٻار هئا، هڪ ڪُلي پاڻيءَ جي هٿ ڪئي ويئي، جنهن سان آهي فقط نِڙي آلي ڪري سگهيا، پر رهيا ساڳيءَ آڇ ۾. انهيءَ کان ٿورو پوءِ صاحب ۽ سپاهي انهيءَ درن وٽ آيا، جتي عورتون هيون ۽ انهن کي ڪهاڙين سان ڀڃي ڪوليائون. اندر گهڙڻ سان عورتن کان زيورن وغيره جي گهُر ڪيائون، جي انهن سيني لاهي ڏنا. ٻئي ڏينهن صاحب انهيءَ ساڳين ڪمرن ۾ گهڙيو ۽ آلهہ تلهہ ڀاري ڪٽي ويو. هڪ عورت، جنهن کي ريشم جو جوڙو پيل هو تنهن ڀڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس قلعي جي دروازي تي جهلي ڪپڙا لهرايا ويا. مير نورمحمد خان جي بيوه ڪجهہ ڪپڙا هڪ نوڪرياڻيءَ کي وڪري لاءِ ڏنا، تہ جيئن ڪاڏي پيتي جو سامان وٺي اچي. صاحب جي منشيءَ محمد حسين انهيءَ کي جهلي مار ڏني ۽ ڪانئس ڪپڙا ڦري ورتا. انهيءَ کان پوءِ ٻن عورتن کي آڻي، قلعي جي در وٽ بيهاريائون، تہ جيئن اڇ وڃ ڪندڙ سيني عورتن جو جهاڙو ورتو وڃي. ٿورن اڪرن ۾ تہ جيڪا بہ ميرن جي ملڪيت هئي اها سڀ ڪانئن کسي ويئي. مير صوبدار کي پوءِ ٻاهر ڪڍيو ويو، ۽ ڪيس انگريز ڪئمپ ۾ قيدي بنايو ويو، ۽ جيڪي تلوارون سندس پٽن کي ڏنيون ويئون هيون، سي ڪانئن واپس ورتيون ويئون. ميرزا خسرو بيگ جو بہ گهر ڦريو ويو ۽ ڪيس قيدي بنائي ڪئمپ ڏانهن نيو

ويو. انهيءَ کان پوءِ ڪيس وري قلعي ۾ آڻي ايڏي تہ مار ڏني ويئي جو گهڻي وقت تائين بيهوش ٿي ويو هو. جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن ڪيس ٻڌي واپس ڪئمپ ۾ آندو ويو ۽ نظربند رکيو ويو.

ٿوري وقت کان پوءِ ميرن کي بمبئيءَ موڪليو ويو ۽ اتان پوءِ ميسور ڏانهن موڪليو ويو، جتي ڪين ڏهہ مهينا قيد رکيو ويو. ڪين پوءِ ڪلڪتي وڃي ويا، جتي لارڊ ايلنبرو ڪين هڪ آجڙيل جاءِ هزاري باغ ۾ نظربند رکڻ نيڪ سمجهيو. ميرن لارڊ ايلنبرو کي ميسور مان ڪلڪتي ڏانهن منتقل ڪرڻ جي شڪايت ڪئي، جتهن تي ايلنبرو کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. نتيجو اهو نڪتو جو هُن ميرنصيرخان، حسين علي خان ۽ ميرنورمحمد خان جي پٽن، ۽ مير نصيرخان ۽ شاهہ محمد خان جي ڀائرن ۽ مير شاهہ محمد جي پٽ کي ٻين ميرن کان جدا ڪري، ڪين هزاري باغ ۾ رکيو ۽ ٻين وڏن ميرن کي هن ٻيءَ اجڙيل جاءِ ۾ رهائڻ جو خيال ڪيو. ايتري ۾ ڪيس ڊسمس ڪيو ويو، ۽ انڪري هو لنڊن واپس هليو ويو.

انهيءَ کان پوءِ بدقسمت مير نصير خان ڏک ۽ نئين مصيبت جنهن ۾ سندس پٽ ڪانئس ڦرجي ويو، ۽ رات ۽ ڏينهن هنجون هاريندو رهيو، تان جو مؤت ڪيس اچي انهن سورن مان نجات ڏني. لارڊ ايلنبرو جي ڊسمس ٿيڻ کان پوءِ سرهينري هاردنج گورنر جنرل مقرر ٿيو. مون ڪيس بہ هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هنن، ڪين رسيل اهنجن کي دور ڪرڻ جي گذارش ڪئي، ۽ پڻ ملاقات جي لاءِ بہ عرض ڪيو. انهيءَ خط جي جواب ۾ سيڪريٽري (مسٽر ڪُوري) ميرن تي نظرداري ڪندڙ ڪئپٽن گارڊن کي لکي موڪليو تہ گورنر جنرل انهيءَ معاملي ۾ ڪي ڪين ٿو ڪري سگهي پر ان هوندي بہ جي مير هرو پرو ملاقات ڪرڻ ٿا چاهين تہ پوءِ گورنر جنرل انهيءَ لاءِ ڪو ڏينهن مقرر ڪندو. اها ملاقات بئرڪپور ۾ ٣٠- سيپٽمبر ١٨٤٤ع

۾ ٿي، جنهن ۾ سر هينري هارڊنج صاف طور ڪاميل اڪرن ۾ چيو ته جيتوڻيڪ ميرن سان بي انصافي ٿي آهي پر ان هوندي به هو ڪين ڪا مدد نٿو ڪري سگهي. تنهن ڪان پوءِ ميرن به دفعا سر هينري هارڊنج کي لکيو، ته جيڪڏهن ڪيس مدد ڪرڻ جو اختيار نه آهي، ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ميرن مان ڪن کي اجازت ڏني وڃي، ته اهي وڃي راڻيءَ وٽ پڪارين. انهيءَ تي گورنر جنرل مسٽر ڪوري جي معرفت انڪاري جواب ڏياري موڪليو. پي ڪاب واهه نه ڏسي ميرن قرض ڪڍي انگلنڊ ڏانهن هي وڪيل ڏياري موڪليا، جن هندستان لاءِ وزير لارڊ رپن، ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ۽ راڻيءَ وغيره سان ملاقات لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيا. آخر پئسن جي گهٽتائيءَ سبب هو واپس هندستان وڃي رهيا آهن، جتي وڃڻ ڪان پوءِ هو پنهنجون دانهون ڪوڪون ڏٽيءَ جي در ڪندا ته جيئن ڪين انصاف پلئه پوي ۽ رب سائين ڪين اهو ڏياري، جنهن جي ڏيڻ ڪان ماڻهن انڪار ڪيو آهي.

چنچر ٢٢- آگسٽ تي ديوان مهتارام لکيو.

١٦- فيبروريءَ ١٨٤٣ع جي پوياڙيءَ جو انگريز فوج هالا ڪان ايڪيهه ميل پنڌ ڪري، ٽڪجي ٽٽي اچي مٽياري جي ڳوٺ وٽ ڪئمپ لڳائي، جا حيدرآباد ڪان اتر طرف ١٧ ميلن جي پنڌ تي آهي. برطانيا جي فوج جو تعداد ان وقت ٣٠٠٠ هزار هو، ۽ ان جي ڪمان ميجر جنرل سر چارلس نيپئر جي هٿ هيٺ هئي.

مٽياري سنڌو درياهه جي ڪپ ڪان ميل يا ٻن ميلن جي پنڌ تي آهي، ۽ ميجر آئوٽرام، جو ان وقت ميرن سان لهه وچڙ ۾ هو، سو به پنهنجي اسٽيمر "پلينيٽ" تان اچي لٿو، سائس گڏ لائيٽ ڪمپنيءَ جو حفاظتي جٿو به هو جنهن جو تعلق هز مئجسٽي مهاراڻيءَ جي ٻاويهين ريجمينٽ سان هو. هن انهيءَ ڳالهه جي اچي تصديق ڪئي ته ميرن اڳئين صبح جو ڪئمپ

تي حملو ڪيو هو، جا سر چارلس نيپئر هالن ۾ اڳيئي ٻڌي هئي. آئوٽرام ٻڌايو تہ ريزيڊنسي، جا حيدرآباد کان اتر-اولهہ جي طرف ٽن ميلن جي پنڌ تي هئي، تنهن کي گهوڙيسوار ۽ پيادي فوج جي هڪ وڏيءَ جماعت اچي گهيرو ڪيو هو، ۽ ۽ انهيءَ جو مهندار مير شهداد خان نالي هڪ مير هو. انگريز حفاظتي جٿي چار ڪلاڪ نهايت بهاديريءَ سان مقابلو ڪيو پر پوءِ بارود کٽڻ جي ڪري، انهن کي درياهہ ڏانهن پٺتي موٽڻو پيو. ان وقت درياهہ ۾ ٻہ اسٽيمر بيٺا هئا، جنهن تي چڙهي اچي مٿياريءَ پهتا آهيون.

ميجر آئوٽرام ٻڌايو تہ ٻروچ وڏي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيا هئا، ۽ پاڻ کي شڪارگڙهہ ۾ لڪائي ڇڏيو هئائون، جو مٿياري ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ آهي. خيال ڪيو ٿي وبو تہ جيڪڏهن انهيءَ جهنگ کي باهہ ڏبي تہ دشمن ڏکجي ٻاهر نڪري ايندو، انڪر ميجر آئوٽرام ٻن سؤ سپاهين کي انهن ٻنهي اسٽيمرن تي انهيءَ ڪم لاءِ موڪليو. جيتوڻيڪ جهنگ جو ڪجهہ حصو ساڙيو ويو پر ان هوندي بہ اها اٽڪل ڪامياب نہ ويئي، ڇاڪاڻ تہ ١٧ تاريخ وارو جنگ جو ميدان اڃا پريرو هو. ٻروچن رات وچ ۾ شڪارگڙهہ خالي ڪري ڇڏيو هو پر اسان شڪارگڙهہ جي بيهڪ کان اڻواقف هئڻ ڪري غلطي ڪري وڏي.

١٧- تاريخ صبح جو فوجن ڪوچ ڪيو، جن ۾ سنڌي گهوڙيسوارن جو جٿو ڪئپٽن جيڪب جي ڪمان هيٺ سڀ کان اڳ ۾ هو. سندن پٺيان ڪئپٽن هيندرسن جي ڪمان هيٺ سڀپرس هئا، جن سان سان سؤ کن ڪمي سپاهين جو جٿو بہ ساڻ هو. اهي انهيءَ ڪري گڏ ڪنيا ويا تہ آهي توبن جي وڏن لاءِ رستو صاف ڪندا وڃن. جيئن تہ انهيءَ جوءِ ۾ تمام گهڻا واهہ ڪوٽيل هئا، انڪري انهن کي پار ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت درڪار هئي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي توبخاني

کي اڳتي وڌڻ ۾ دير لڳي. اسان گهڻو ڪري واهه جي ڪپن کي ڪوري، انهيءَ جي مٽي وچ ۾ اڇلائي ٿي، پر ان هوندي به آٿ توبن کي ڇڪي نه سگهيا. اسان کي انڪري واهن ۾ سٺي لاهي ناهڻ لاءِ، سڄي رات ڪم ڪرڻو پيو. ساڳئي صبح جو اسان کي مٽياري جي پر ۾ ٻن واهن مٿان رستو ناهڻ ۾ هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ لڳي ويو. انهن ٻن واهن جي پرياں، اسان ڏٺو ته ميرن پنهنجي توبخاني جي سولائيءَ لاءِ سڄو رستو ناهي ڇڏيو هو، انڪري اسان جي توبن کي اڳتي وڌڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿي.

ستن ميلن جي واڌ اسان کي آٿي قليليءَ وٽ ڪڍيو، جا سنڌو درياهه جي هڪ شاخ آهي. پر ان وقت انهيءَ جو پيٽ سڪو پيو هو. قليلي جي آپرندي ڪپ سان لاڳو ٻن-ٽن ميلن تائين سڌو رستو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي لڳو لڳ ڪيترائي ڳوٺ هئا ۽ ٻڻ وٽن جا ڪي جهڳٽا به انهن جي وچ ۾ ٿي ڏٺا. انگريز فوج اڃا پهريون ڳوٺ ڇڏي، ٻئي ڳوٺ تائين پهتي ئي ڪانه هئي ته ڪين پري کان توبن جي ڇٽڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. سر چارلس نيپئر انهيءَ تي يڪدم پنهنجي فوج جي اڳئين حصي يعني ته توبخاني کي هڪ واهه ۾ ڇڏي، سنڌي گهوڙيسوار فوج کي قليليءَ جي پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ نون پائونڊن وارا گولا اڇلائيندڙ ٻن توبن کي آجو ڪرائي، جنگ لاءِ تيار ڪرائي بيهاري ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ سنڌي گهوڙيسوار فوج جو هڪ جٿو قليليءَ جي پار شڪارگڙه جي چوڌاري جاسوسي ڪرڻ خاطر ۽ باقي رهيل گهوڙيسوارن کي دشمن جي جاچ پڙتال رکڻ لاءِ، اڳتي موڪليو ويو. آخر خاطري ٿي ته دشمن ٻئي طرف کان هو. انڪري جنرل وري به اڳتي وڌيو، ۽ هڪ اهڙي ڳوٺ وٽ اچي پهتو، جتي حيدرآباد جو رستو درياهه جي ڪپ کان الڳ ٿي ٿيو. ان وقت جنرل جي ساڄي هٿ تي قليليءَ جو سڪل پڌو هو، جنهن جو رُخ

ڏکڻ طرف هو. سندس ٻئي هٿ تي هڪ ڪچي ديوار هئي جنهن جي اندر هڪ گهاٽو شڪارگاهه هو ۽ سندس سامهون ظاهر ٻهرچي جو گوٺ هو، جو گوٺن جي انهيءَ سلسلي جو آخرين گوٺ هو. انهيءَ گوٺ کان اڌ ميل جي پنڌ تي وري هڪ ٻيو شڪارگاهه هو، جو ڦليليءَ جي ڪپ سان ساندهه ميل کن گڏ هليو ٿي ويو ۽ انهيءَ ۾ سندس ڪاڻي بازو واري فوج ڏڪجي ٿي ويئي.

سنڌي گهوڙيسوارن جا ٻه جٿا ڪئپٽن رسيل ۽ ڪئپٽن جيڪب جي هٿ هيٺ اڳتي وڌندا رهيا. جڏهن هوڪبي طرف مڙيا تڏهن هڪ اهڙي هنڌ وڃي پهتا، جو دشمن جي توبن کان اڌ ميل يا ان کان ڪجهه گهٽ فاصلي تي هو. هتي اچي انهن قطارون ٺاهيون ۽ هتي ئي ٻيو جٿو، جو ڦليليءَ جي ڪناري تي شڪارگاهه جي جاچ وٺڻ ويو هو، سو به اچي ڪين مليو. اهڙيءَ طرح اهي بهادر جٿا دشمن جي توبن جي زد ۾ اچي، دشمن جي چرپر تي نظر رکندا آيا، تان جو سڄي انگريز فوج وڌي آئي.

جنرل انهيءَ رستي تان، جو سندس سامهون واري شڪارگاهه جي ڪبي پاسي کان ٿي گذريو، هزارڪن وال اڳتي وڌي آيو. اتي هُن ڏنو ته هو دشمن جي توبخاني جي سڌائيءَ ۾ هو، انڪري سڄي فوج جي اتي پهچڻ تائين هُو ماڻ ۾ رهيو. فوج جي پهچڻ ۾ دير انهيءَ ڪري ٿي، جو رستن جي خراب هجڻ، توبن جي واڌ ۾ ڏاڍو اٽڪاءُ ڪري وڌو. جيئن ته توبن کي آڻڻ ۾ ڇڪو وقت لڳي ويو، ان ڪري جنرل کي دشمن جي صحيح پوزيشن کي جانچڻ لاءِ ڪافي وقت مليو.

اسان جي سامهون جيڪو شڪارگاهه هو، انهيءَ جون ٻيون دشمن جي توبخاني جي ماڻهن سان ڀريون پيئون هيون، خاص ڪري انهيءَ جي ايرندي واريءَ پڇڙيءَ تي ته ڏاڍا سپاهي ويٺل هئا. انهيءَ ماڳ کان دشمن جي ساڄي بازوءَ تائين توبخاني

جي فوج جا بہ ڳٽل جهڳٽا ٿي ڏٺا، جي ٻن جهنڊن جي چوڌاري اچي جمع ٿيا هئا. انهن جي پٺيان گهوڙيسوار فوج پئي ڏٺي، جڻ جي اڳيان ڪيترين ئي توبون رکيل هيون. انهن توبن مان ڪي توبون اڳيئي سنڌي گهوڙيسوار فوجن تي فئر ڪري رهيون هيون، پر هاڻي انهن پنهنجن توبن جو منهن جنرل ۽ سندس فوجن ڏانهن ڪيو. جيئن تہ دشمن جي توبن ۽ جنرل جي فوج جي وچ ۾ وڏو فاصلو هو، ان ڪري ڪيل فئر بيڪار ويا. دشمن جي توبخاني جو ساڄو بازو وٽن جي هڪ جهڳٽي ۾ لڪل هو، جنهن ۾ هڪ ڳوٺ بہ هو، جنگ جو ميدان بہ ميرن پاڻ چونڊيو هو، جتي هو هڪ طاقتور فوج سان اڳيئي قبضو ڪيو ويٺا هئا.

اسان جو مقابلو جيئن تہ هڪ اهڙي دشمن سان ٿيڻو هو جنهن سان اسان ڪڏهن بہ زور آزمائي نہ ڪئي هئي، ان ڪري اسان کي دشمن جي فوج جي جائزي وٺڻ جو وڏو وقت ملي ويو. خيال ڪيو ٿي ويو تہ انهيءَ وقت آٺ هزار پيادا ۽ ٽي هزار گهوڙيسوار فوج، جنرل جي دابي واري جاءِ ڪان ڏٺي ويئي. اهو هنڌ جنگ جي ميدان کان اٽڪل هڪ ميل پري هو، ان ڪري پروچن جي سڄيءَ طاقت جو ڪو بہ پتو نہ پئجي سگهيو. انهيءَ جو هيءُ بہ سبب هو تہ اها سڄي جوءِ، ديوارن شڪارگڙهہ ۽ وٽن جي جهڳٽن سان ڀري پيئي هئي، جنهن جي پٺيان قليليءَ جو ڀڙو هو، ان ڪري پورو پتو نہ پئجي سگهيو.

آخر فوج جي پهچڻ سان جنرل اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ هُن اهو رستو اختيار ڪيو جو شڪارگڙهہ جي ڀيٽ سان گڏ، ٽن سؤ والن جي فاصلي تي گڏوگڏ پئي ويو. اها ڀيٽ پروچن سان ڀري پيئي هئي پر جيئن اسين ويجهو پهتاسين، تيئن اهي ڪک پَن ٿي ويا. اها ڀيٽ اٽڪل آٺ فوٽ اڀي هئي ۽ انهيءَ ۾ ڪو بہ سوراخ يا لنگهہ وغيره ڪو نہ هو. ان ڪري انهيءَ ڀيٽ دشمن کي اڳرائيءَ ڪرڻ جو ڪو بہ فائدو نٿي ڏنو، پر

اسان جي توبن جي فئرن کان بچڻ لاءِ اها اجهي طورکين وڏي ڪم آئي. فوج جي اڳياڙي جڏهن سامهون ڪبي هٿ تي اچي پهتي، تڏهن ڪين هدايتون ملڻيون ته اهي پريان بيٺل وڻ جي پر ۾ جيڪو رستو آهي، انهيءَ ڏانهن وڌن. جيئن ئي انهن فوجن چڱو ميدان والاري ورتو تيئن ئي ڪين ساڄي هٿ تي موڙي قطارن ۾ بيهاريو ويو. توبن کي وري ميجر لائڊ جي ڪمان هيٺ شڪارگڙهه جي پر ۾ پيادي فوج جي ساڄي هٿ تي سٺبرس سان گڏ بيهاريو ويو. توبخاني ۾ چار توبن پائونڊن واريون، ٽي ڇهن پائونڊن واريون، ٻه چوويهن پائونڊن واريون ۽ ٻه ٻارنهن پائونڊن واريون توبون هيون. ساڄي بازوءَ جي پٺيان نو - بنگال گهوڙيسوار فوج جا، ٽي سؤ پنجاهه سپاهي رزرو ۾ رکيا ويا هئا، سنڌي گهوڙيسوار فوج، جنهن جو تعداد پنج سؤ کن هو، اهو ساڳيو هنڌ جهليو بيٺا هئا، جتي ڪين ڪلاڪ اڳ بيهاريو ويو هو. اهي پيادي فوج جي قطارن کان اٽڪل ٽن سؤ وال اڳيان بيهاريا ويا هئا، جتي اهي بيٺل هئا اتي هڪ واٽر ڪورس جو سرسبز پڌو هو، جنهن جي ڪنارن لڳ ڪٽي ڪٽي ڇڙوڇڙ وڻ به بيٺل هئا. اهو پڌو سڌو سيد سلطان شاهه جي وسيءَ يا ڪاڙي ڏانهن ٿي ويو، جتي انهيءَ دشمن جي ساڄي بازوءَ کي ڏيکيو ٿي، ساڄي کان کاڀي تائين انگريزن جي پيادي فوج هيئن هئي:

سڀ کان پهرين هر مئجسٽي راڻيءَ جي ٻاويهه - ريجمينٽ، پوءِ اتر هندستان جي پنجويهه، ٻارنهن ۽ آخر ۾ فرسٽ گرينڊيرس. اتر هندستان جي سڄي طاقت تيرهن سؤ پنجاهه سنگينن تي مشتمل هئي. ڪئپٽن ٽيٽ جي هٿ هيٺ پونا جي سوار فوج هئي، جنهن سان به سؤ گرينڊيرس ۽ به ڇهن پائونڊن واريون توبون هيون. انهن کي پڇڙيءَ ۾ ساڳه فوج طور رزرو ۾ رکيو ويو ۽ جنگ ۾ ڪم نه آندو ويو.

انگريزن جي فوجن جي اڳيان هڪ سوڙهو ميدان هو،

جنهن ۾ ننڍڙيون واريءَ جون ڊبون ۽ لاٽي جا ٻوٽا هئا. اهو ميدان ڦليليءَ تائين اٽڪل (١١٠٠) يارهن سؤ والن جي وٽيءَ ۾ هو. انهيءَ ميدان کي ايڙ طرف هڪ نندي نالي هئي، جنهن ۾ ساوڪ ۽ پڻ ڪجهه وڻ به هئا. آتي هڪ واهه هو جو آڪرڻ جهڙو ڪونه هو. اولهه طرف به اهو ميدان شڪار گڙهه جي پٽ سان بنديو پيو هو، جا اتر-اوير ڪنڊ کان ڦليليءَ تائين ڏکڻ-اوير جي طرف ڇهه سؤ والن تائين پکڙيل هئي. اها ديوار انهيءَ گوٽ کان پڻ ست سؤ والن جي فاصلي تي هئي، ۽ اها وٽي اڳتي هلي جنگ جو ميدان ٿيڻو هو. دشمن اهو ميدان سوچي سمجهي هٿ ڪيو هو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ ڦليليءَ جي پڏي کين مورچي جو ڪم ٿي ڏنو. برطانيا جي توبخاني ۽ گهوڙيسوار فوج کي انهيءَ ڪري اجهي نه سبب ڏاڍي تڪليف ٿي، جئين هن بيان جي نتيجي ۾ ڏيکاريل آهي.

جيئن ئي اسان جي فوج قطارون ناهي بيٺي ۽ جنگي جوڌن کي ميدان ۾ موڪليو ويو، توبن کي به ڏکي به سؤ وال کن اڳتي ڪيو ويو. يارهين بجي صبح جو دشمن جي توبخاني تي گولي بازي ڪئي ويئي. هر مئجسٽيءَ جي ٻاويهن-ريجمينٽ توبخاني کهي هٿ تي ۽ باقي ريجمينٽون پٺيان ويهن قدمن جي فاصلي تي قطارون ڪري بيهاريون ويون، دشمن جي جي توبن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ اسان وري به پنهنجيون توبون به سؤ پنجاهه قدم اڳتي ڪيون. دشمن جي توبن ڪوبه چاڙهو ڪونه ڏيکاريو، ڇاڪاڻ ته اهي اسان کي ڪوبه زيان نه پهچائي سگهيون، ويتر جو اسان جي توبن مٿن سڌا ڏڪ هڻڻ شروع ڪيا، تن هڻي کين ٿڌو ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت شڪارگڙهه ۾ هڪ گڙڪ ظاهر ٿي پيو، جو اسان جي ساڄي بازوءَ جي بلڪل ويجهو هو. ٻاويهين-ريجمينٽ جي ڪئپٽن ٿيو کي انڪري هڪدم دشمن کي پڇائڻ لاءِ اوڏانهين موڪليو ويو، ڪئپٽن ٿيو جيڪو اوڏانهين هڪ نندي جٽي سان ويو هو،

تنهن شڪار گڙهه جي منهن وٽ جتي جهنگ به هاڪو هو، بروچن کي پوئتي هٽايو. ڪئپٽن ٽيو البت پاڻ مارجي ويو، ۽ ڪمپنيءَ کي به ڪجهه نقصان رسيو، پر هو شڪارگڙهه مان دشمن کي پڇاڙي ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ٽيون داهو ڦلياي کان ٽن سؤ والن تي ڪيو ويو هو انهيءَ وچ ۾ برطانيا جي ڪن توپن شڪارگڙهه جي ٻاهران گولا باري ڪئي ته ڪن وري دشمن جي توپخاني تي فئر ڪيا. نتيجو اهو نڪتو جو دشمن جو توپخانو بلڪل خاموش ٿي ويو. پيادي فوج، جا ريجمنٽن سان بلڪل لاڳو بيهاري ويئي هئي تنهن کي آخري حملي لاءِ تيار رکيو ويو.

جڏهن آخري حملي جو حڪم ٿيو تڏهن هز مئجسٽيءَ جي ٻاويهين-ريجمينٽ، جا اسان جي يورپي ريجمينٽ هئي، نهايت سهڻي نموني ۾ اڳتي وڌي. دشمن جي جامڪيدار بندوقن مان ڪئين فئر ڪيا ويا، پر هنن انهن کي نهايت بردباريءَ سان برداشت ڪيو جيتوڻيڪ جواب ۾ هنن به فئر ڪيا، پر وريو کي ڪين، ڇاڪاڻ ته بروچ ڦليليءَ جي ڪناري جي آڙ ۾ هئا انڪري انهن نهايت خبرداريءَ سان چيست وٺي اسان ڏانهن بندوقن جا فئر پئي ڪيا. نيٺ اتر هندستان جي پنجويهين-ريجمينٽ جنگ ۾ مشغول ٿي ويئي ۽ ٻارهين-ريجمينٽ ۽ گرينڊيئر به جنبي پيا. هن طرف دشمن ساجي بازوءَ کان به وڌيڪ طاقتور هو. اهو انهيءَ سبب ڪري جو پڏن ۽ ڳوٺ جي گهرن انهن لاءِ بچاءُ جو وڏو ڪم ٿي ڏنو. اسان جي فوجن جي اڳتي وڌڻ ڪري دشمن پنهنجون توپون خالي ڪري ڇڏي ويا، جن مان ڪيتريون ئي اسان جي قبضي ۾ اچي ويون پر جيئن ئي فاصلو گهٽ ٿيندو ويو، تيئن بهادر بروچن کي جنگ ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. انهن ڇا ڪيو جو پنونجون جامڪيدار بندوقون ڪٽي اڇلايون ۽ تراريون ڪٽي گهڙي پيا جنگ ۾. هنن اهڙيءَ طرح ته بهاديريءَ سان حملو ڪيو جو

اسان جي فوج کي ڪيترائي دفعا ڏکي پوئتي ڪري ڇڏيائون. اتر هندستان جي ٻارهين-ريجمينٽ، کي هنن ٻه-ٽي دفعا ماري پٽتي هٽايو، پر وري ٻه انهن کي سندن آفيسرن اڳتي آڻي ٽي ڪڍيو. بريونٽ ميجر جئڪسن فوجن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهوڙي تان لهي پيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي جان قربان ڪيائين. هو فقط ٻن حوالدارن سان اڳني وڌيو هو ۽ ٿورو وقت جنگ ڪرڻ کان پوءِ دشمن جي تلوار سان وڍجي مري ويو. پهرين ۽ ٻارهين ڪريندير ريجمينٽ کي ئي دشمن اهڙو منجهايو، جو هو پڇڻ تي مجبور ٿي ويا ۽ جنگ ۾ ايترو حصو نه وٺي سگهيو. پنجويهين ريجمينٽ جو اڳواڻ ڪماندر ميجر تسيدل سپاهين کي همٿائيندي مارجي ويو، جي ميدان ڇڏي پڇي ويا ها. ليفٽيننٽ ڪرنل پين فادر ٻاويهين-ريجمنٽ جي اڳواڻ کي ٻه بندوق جي گولي لڳي ۽ هو مارجي ويو. سندس جاءِ ميجر پول وڃي ورتي. اهو اهڙو وقت هو جو يورپ جي بهادر فوج ٻه ٻروچن جي خطرناڪ حملي سبب اڳتي نه وڌي سگهي ۽ هڪ جاءِ تي جمي سنگينن جي مدد سان دشمن کي ماريندي رهي. اهڙي طرح اهي پاڻ کي دشمن جي تلوار جي ڪاچ ٿيڻ کان بچائيندا رهيا. اهو انهيءَ ڪري جو ٻروچ جنگ لاءِ چتا ٿي پيا هئا، ۽ انهن مان ڪيترن جو ٻنگ يا آفيم استعمال ڪيل هو. ليفٽيننٽ مڪمرڊو اسسٽنٽ ڪوارٽر ماسٽر جنرل جو جڏهن گهوڙو مارجي ويو، تڏهن هُن هڪ ٻروچ رئيس سان هٿو هٿ جنگ ڪري ڪيس ماري وڌو، ۽ سندس سون جي هٿيي واري تلوار تي قبضو ڪري ورتو. ان هوندي ٻه اسان جا بهادر آفيسر ۽ سپاهي ماريا پئي ويا. جنگ جي اهڙي حالت ڏسي سر چارلس نيپئر پنهنجي گهوڙي کي آڙي هٽي اڳتي وڌايو ۽ ٻاويهين-ريجمينٽ ڏانهن مُنهن ڪري پنهنجي ٽوپيءَ کي لوڏيندي، انهن بهادر سپاهين جي همٿ افزائي ڪئي. هُن پنهنجي بچاءُ جو ڪو به خيال نه ڪندي اڳتي وڃي اتر هندستان جي

پنجويهين-ريجمينٽ کي اڳتي وڌڻ جي هُشي ڏني. جنرل جي ان وقت اها منشا هئي تہ زبردست حملو ڪري دشمن کي نديءَ (ڦليلي) جي پڌري مان ٻاهر ڪڍون پر اها پوري نہ ٿي سگهي. سنگينون تمام گهٽ ڪم آنديون ويئون هيون، ۽ جامڪيدار بندوقن ۽ چمڪندڙ ترارين جي جهلڪ بہ گهٽ ٿي ويئي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ننڍڙين توبن ڦليليءَ جي ڪڙ وٽان فئر ڪري جيڪي بہ سامهون آين ٿي تنهن کي سمهاري ٿي ڇڏيو. اها موتمار ڪشمڪش ڪلاڪ کان مٿي جاري رهي، تان جو برطانيا جون فوجون ڦليليءَ جي پيٽ ۾ لهي پيئون پر اوستائين اهو ڦٽيلن ۽ مئلن جي لاشن سان ڏنيو پيو هو. انهن سيني ماڻهن جي ٽيلهن ۽ سوٽي ڪپڙن ۾ باهہ لڳي ويئي هئي، جا ٿي سگهيو ٿي تہ سندن جامڪيدار بندوقن جي چوچڙين جي ڪري لڳي هجي. سندن سڙندڙ ۽ ڦٽيل جسمن سچ تہ هڪ دل ڏاريندڙ نظارو پيش ٿي ڪيو. ڪيترن ٻروچن جا لاشا ڦليليءَ جي ڪپ تي مٿي بہ سندن دشمنن جي لاشن سان گڏ پيل هئا، جنهن مان سندن بهاديءَ جي گونگي شاهدي ٿي ملي. آمانَ، نہ تہ گهري ٿي ويئي ۽ نہ ڏني ٿي ويئي. جيڪي زخمي ٿيا هئا، اهي يا تہ اسان جي سپاهين هٿان مارجي ويا هئا، يا تہ ڪين سنگينن سان ختم ڪيو ٿي ويو. زخميلن بہ آڻ نٿي مڃي ۽ آخري دم تائين پنهنجي ترارين سان وڙهندا رهيا.

انهيءَ وچ ۾ اسان جو توبخانو ۽ گهوڙيسوار فوج بہ ڪا واندي ڪانہ بيٺي هئي. سچ پچو تہ اهو سندن ئي ڪردار هو، جنهن جو جنگ جي فيصلي ڪرڻ ۾ وڏو هٿ هو. ميدان جي سوڙهہ سبب توبخاني مان فقط چار توبون ڪم آنديون ويئون. ڪئپٽن هٿ جي هڪ توب سَئپَرس جي مدد سان پيٽ جو ڪجهہ حصو ڪيرائي وڌو ۽ شڪارگهڙهہ تي بمباري ڪري اتي تباهي مچائي ڏني. باقي ٽن توبن وري ڦليليءَ جي ساڄي ڪپ تي ۽ پڻ سامهون مارا ماري ڪئي، جنهن ۾ گول ۽

گريپ شاٽ گولا استعمال ڪيا ويا.

سخت جنگ وقت گهوڙيسوار فوج ڪي حڪم ڏنو ويو ته دشمن جي ساڄي بازوءَ تي حملو ڪري. نائين-بنگال ڪئولري کي اڳيئي اسان جي ڪپي بازوءَ جي مدد لاءِ موڪليو ويو هو، جنهن هاڻي فرسٽ گرينڊيئر فوج جي پٺيان پوزيشن سنبالي ورتي هئي. حڪم کي غلط سمجهڻ ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري پوئين ريجمينٽ جنهن جو منهن ساڄي طرف هو تنهن ڪجهه پوئتي موٽ ڪاڏي پر سندن آفيسرن کين روڪي وري وڃي ساڳئي هنڌ تي بيهاريو. بروچ تمام گهڻي انداز ۾ پاسي وارن گوٺن، لوڙهن، پڻن وغيره مان اچي پرگهٽ ٿيا. ليفٽيننٽ ڪرنل پيٽل نائين-گهوڙيسوار فوج جو اڳواڻ، جيڪو ڪمان ۾ ٻيو نمبر هو، تنهن کي جنرل وٽان اڳتي وڌڻ جو ڪو به حڪم نه مليو هو. پر هن وقت جي نزاڪت ڪي پروڙيندي ۽ جيئن مون کي ٻڌايو ويو آهي، ته ڪئپٽن ٽيوڪر جي فوري عرضداشت تي گهوڙيسوار فوج ڪي ڪاروائي ڪرڻ جي اجازت ڏني. اهو وقت ڏاڍو نازڪ هو. نائين-گهوڙيسوار فوج جنهن جي اڳواڻي اهو بهادر آفيسر ڪري رهيو هو، سا اسان جي توبخاني ۽ گوٺ جي وچ ۾ وڏي وڃي، دشمن تي ڦليليءَ جي پڏي ۾ ڪڙڪي. بروچن جو هڪ جتو، جو انهيءَ گوٺ ۾ هو، تنهن نهايت جوانمرديءَ سان مقابلو ڪيو ۽ اسان جي انهيءَ بهادر جتي ڪي نقصان پهچايو. ڪئپٽن ٽيوڪر کي ڇهه ڏڪ لڳا ۽ هو وڃي ڪريو، پر ڪئپٽن بيزيٽ جنهن وڃي سندس جاءِ ورتي، تنهن ڪاميابيءَ سان دشمن تي حملو ڪري ان کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو.

٣- اسڪئڊرن جي پٺيان ٢- اسڪئڊرن فوج هئي جنهن جي اڳواڻي ڪئپٽن گئرٽ ڪري رهيو هو. تنهن گوٺ تي حملي ڪرڻ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل پيٽل کي ڏاڍي مدد ڏني. انهيءَ وقت پهرين ڪئپٽن ويمس جي هٿ هيٺ هئي جنهن گرينڊيئر ۽

ٻارهن-ڏيهي پياده فوج جي رج ۾ پڙاءُ ڪري ڦليليءَ کي پار ڪيو ۽ ان جي ٻيءَ پر وڃي دشمن جي فوجن کي ڊوڙائي ڪڍيو. ايجوٽنٽ ڪئپٽن ڪڪسن انهيءَ وقت مارجي ويو، ۽ ٽي ٻيا آفيسر زخمي ٿي پيا. ليفٽيننٽ ڪرنل پيٽل ٣- اسڪئڊرن جي ٿورن ماڻهن سان ڳرٽ ۾ دشمن جي ڏاهيل مورچن تي حملو ڪيو، ۽ ڪيس پرءِ ٢- اسڪئڊرن به مدد ڪئي. نتيجو اهو نڪتو جو، ڳوٺ کي دشمنن جي فوج کان خالي ڪرايو ويو. اسان کي جيڪو نقصان پهتو اهو انهن فئرن مان ٿيو هو، جي ويجهڙائيءَ جي واهن ۽ باغن مان لڪي ڪيا ٿي ويا. سنڌي گهوڙيسوارن جو جتو ڳوٺ کي ڦري وڃڻ ۾ ناڪامياب ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته رستي ۾ جيڪو واهه هو، اهو دشمن جي فوجن سان ڀريو پيو هو اهوئي سبب آهي جو انهن کي به اسان جي پيادل فوج ۽ ڳوٺ جي وچ مان ئي لنگهڻو پيو. ائين ڪندي اهي به اهي به اچي انهن فوجن سان گڏيا، جي ڦليليءَ جي پيٽ ۾ دشمن سان جنگ جوٽيو بيٺا هئا.

ميز ته اڳيئي جنگ جو ميدان ڇڏي، حيدرآباد پڇي ويا هئا، پر تنهن هوندي به اتي ڪيترائي بهادر ماڻهو ڏٺا ويا، جن نهايت دليريءَ سان مقابلو ڪيو. اسان جي فوجن مان جن سندن پٺ وٺي کين قتل ٿي ڪيو، اهي پاڻ به مارجي ٿي ويا. ڪئپٽن جيڪب جو گهوڙو سندس هيٺان مارجي ويو هو. انڪري هُن ليفٽيننٽ فٽز گرالڊ کي دشمن جي پويان وڃڻ جو حڪم ڏنو. ٿورو اڳتي وڃڻ کان پوءِ هن کي پروچن هڪ وڏي جماعت ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جنگ ۾ حصو نه ورتو هو. انڪري هو واپس موٽي آيو. سنڌي گهوڙيسوار فوج کي ان وقت اسان جي سامان جي حفاظت تي معمور ڪيو ويو ۽ بنگال جي گهوڙيسوارن جي هڪ جتي وري دشمن جي ڪئمپ تي قبضو ڪري ورتو. پر پوءِ جنرل جي حڪم ملڻ تي ڪئمپ کي باهه ڏيئي خالي ڪيو ويو.

انگريزن جي فوج جڏهن هڪ بجي نديءَ (ڦليلي) کي

پار ڪيو، ان وقت جنگ ختم ٿي چڪي هئي، پر اچا فئر ختم ڪونہ ٿيا هئا. چاڪاڻ تہ دشمن جا ڪيترائي ماڻهو اچا هيڏانهن هوڏانهن پئي پڌڪيا. جيسين اسان توبون آڪاري ٻيءَ پر ٿياسين، ۽ ڳوٺ ۾ ۽ پن موچن وغيره مان دشمن کي ماري پڇايوسين، تيسين اهي تڪليف ڏيندا رهيا. جنرل پنهنجي ڪئمپ جنگ واري ميدان ۾ لڳائي ۽ سامان سڙو بہ وچ ۾ ڇڏيو ويو هو، ۽ سپاهي بہ اتيئي سمهي پيا.

اهڙيءَ طرح اهو ڏينهن ختم ٿيو. پاڻجي ٿو تہ ٻروچن انهيءَ ڏينهن جيڪا بهادري ڏيکاري هئي، سا هنن کا ورلي ڪنهن ٻئي موقعي تي ڏيکاري هجي. يوروپي بہ بهاديءَ ۽ عزم سان اڳتي وڌندا رهيا. پر سندن سڄي بهادري سندن آفيسرن جي ڪري ئي هئي، جن جرات جو انهيءَ ڏينهن تي لاثاني مظاهرو ڪيو. سپاهين جي هست افزائيءَ ۾ هنن ڪين گهٽايو ۽ اهوئي سبب آهي، جو هنن نهايت مردانگيءَ سان حملو ڪيو هو. اسان جي فوج جي حملي کي ٻہ-ٽي دفعا روڪي پٺتي هٽايو ويو هو، ۽ جيڪڏهن اهڙا آفيسر نہ هجن ها، تہ ٻوءِ سپاهين لاءِ ميدان جهلڻ محال هو. توبخاني ۽ گهوڙيسوار فوج بہ پنهنجي فرض جي پوري ادائگي ڪئي هئي، پر چاڪاڻ تہ ميدان ٿورو هو، انڪري سندن ڪم سست رهيو. آخر ۾ اهو مڇڻو پوندو تہ گهوڙيسوار فوج جو دشمن جي ساڄي بازوءَ تي حملي جنگ جي پڇاڻيءَ تي وڏو اثر ڇڏيو.

اسان جو انهيءَ جنگ ۾ قليل فوجن جي استعمال ڪرڻ ڪري وڏو نقصان ٿيو. يعني تہ ٻاهٺ مارجي ويا ۽ هڪ سؤ چورانوي زخمي ٿيا، جنهن ۾ اوڻيهہ آفيسر هئا. "ڇهہ مئا ۽ تيرهن زخمي ٿيا(١)." دشمن چار سؤ ماڻهو تہ فقط قليليءَ جي

---

(١) گهوڙا تہ ڏاڍا مارجي ويا هئا ۽ ٻنهي طرفن انهن جو ڏاڍو گرو نقصان ٿيو. دشمن جي گهوڙيسوار فوج کا گهٽ جنگ کانہ ڪئي. پر هنن گهوڙن تان لهي گهوڙن کي بچاءَ خاطر اڳيان قطاري بيهاريو تہ جيئن گولا ۽ فئر انهن کي لڳن.

پڌي ۾ مئل ڇڏيا، ۽ اوترائي ٻاهر ميدان ۽ شڪارگاهه ۾ مئل پيا هئا، جي اسان جي توبخاني جي فئرن ۽ گهوڙيسوارفوج جي هٿان مارجي ويا هئا. ڪن خاص حالتن ڪان سواءِ جنهن ۾ امان ڏني ٿي وئي(١) دشمن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويئي، انڪري ڇئي نٿو سگهجي ته جيڪي زخمي ٿي پڳا هئا، انهن جو تعداد ڪيترو هو. پر ڀانئجي ٿو ته اهو مئلن جي تعداد کان وڌيڪ هوندو. ٻروچ سندن مارجي ويل ماڻهن جو تعداد تمام وڌيڪ ٻڌائين ٿا، پر اهو اجايو وڌاءُ آهي. ٻروچن جو نقصان انگريزن جي نقصان جي ڇهوڻ ڪان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونه هو، جو حقيقت ۾ هڪ تمام وڏو ڇيهو آهي. ڇاڪاڻ ته سندن فوجن جي بيهڪ جنگ جي ميدان ۾ نهايت فائديمند پوزيشن تي هئي. ازانسواءِ انهن جي فوج به تمام گهڻي هئي، ساڳئي وقت منظم به هئي. اها ثابتي اسان کي سندن فئرن مان ملي ٿي جي انهن تڪڙا ۽ نهايت برجسته ڪيا هئا.

دشمن جو سڄو توبخانو جنهن جو تعداد پندرهن هو، سندن جهنڊو، بارود، تنبو ۽ ڪجهه خزانو اسان جي هٿ اچي ويو، جنگ جا پهريان نتيجا نهايت اهم ثابت ٿيا. ايندڙ ٻن ڏينهن ۾ ڇهن اميرن اچي پاڻ کي قيد ٿيڻ لاءِ پيش ڪيو، ۽ ٿوري وقت ڪان پوءِ حيدرآباد تي قبضو ڪيو ويو(٢). ڏکڻ سنڌ کي پوءِ برطانيا جي سلطنت جو هڪ علائقو قرار ڏنو ويو.

---

(١) جيئن ته امان ڪانه ٿي ڏني ويئي، انڪري ٻروچن نهايت بيجگريءَ سان مقابلو ٿي ڪيو. انڪري اسان لاءِ به ناممڪن هو ته ڪين جيئرو ڇڏيون. (٢) حيدرآباد تي ٢١- تاريخ تي ميجر اڏوترام جي وچڻ کان پوءِ قبضو ڪيو ويو، چون ٿا ته قلعي ۾ ويهن لکن جو خزانو پيل هو. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ خزاني جو وڏو حصو پاسيرو پيل هو. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ خزاني جو وڏو حصو پاسيرو ڪري رکيل ٿو ڀانئجي. اسان کي جيڪي هٿ آيو سو انهيءَ خزاني جي چوٿين پتي مس هو.

ضميمو -٦

اسين سنڌ جا مير، بروچ آهيون پر انهن بروچن مان نہ آهيون، جن کي ايران ۾ ڪوچ بلوچ ڪري سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اسان اصل نسل ۾ عرب آهيون ۽ پنهنجو نسبنامو امير حمزه کان شروع ٿيا ڪريون، جو هشام بن عبد مناف جو پٽ هو. ڪين جو چوڻ آهي تہ اهو اميرحمزه حضرت علي ؑ جو پٽ هو.

اسلام کي وڌائڻ جي خاطر جڏهن حجاز جي فوجن يوسف (١) جي پٽ جي هٿ هيٺ پنهنجا قدم جمائڻ ٿي گهريا، تڏهن انهن رستي تي ڪيچ مڪران کي بہ زير ڪيو هو، جتي اسان جا وڏا انهيءَ ملڪ جي قبضي ۾ رهيا. ۽ باقي فوجون سنڌ ڏانهن روانيون ٿيون هيون. انهن کي جيڪو اولاد ٿيو تنهن کي بروچ ڪري سڏيو وڃي ٿو. ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ انهن مان ڪن هجرت ڪري ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازيخان وارو ملڪ وسايو، جتي چوٽي (يا چبل جي چوٽي) سندن رهائشگاهہ بنجي ويو. انهيءَ ساڳئي وقت ميان شاهل محمد ڪلهوڙو جو پاڻ کي حضرت عباس جي پيڙهيءَ مان هئڻ ڪري عباسي سڏائيندو هو، تنهن سنڌ ملڪ ۾ وڃي، پوک لاءِ زمينون هٿ ڪيون. ان وقت سنڌ دهليءَ جي چغتائي(٢) بادشاهن جي هٿ هيٺ هئي. اهي زمينون پوءِ آهستي آهستي ڪلهوڙن جي ملڪيت ٿي ويون. ڪلهوڙا مذهب جا شيعا هئا ۽ جونپور جي سيد ميران شاهہ جونپوريءَ جا مريد هئا.

---

(١) يوسف مان مراد حجاج بن يوسف ثقفي آهي، جنهن پنهنجي سؤٽ محمد بن قاسم ثقفي کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.

(٢) چغتائي لفظ دهليءَ جي مغل بادشاهن لاءِ استعمال ڪيل آهي.

اسان جو ڏاڏو مير شهداد خان وڏو، پنهنجي چاچي مير صوبدار کان ناراض ٿي، اچي ڪلهوڙن وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو ۽ سندن مذهبي اصول قبول ڪيائين، يعني ته شيعو مذهب اختيار ڪيائين. جيئن ته هو بروچن جو رئيس هو انڪري ڪيترا بروچ سائس گڏ سنڌ ۾ اچي رهيا. هي واقعو بروچن جو سنڌ ۾ پهريون دفعو بنياد پوڻ جو آهي. مير صوبدار خان وڏي جو خيال هو ته ڇڙي رهڻ جي ڪري ماڻهو خدا جي چڱيءَ طرح عبادت ڪري سگهو ٿو، انڪري هُن ڪڏهن به شادي ڪانه ڪئي. پاڪائيءَ ۽ سخاوت ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس وفات کان پوءِ سندس پائٽيو يعني ته مير شهداد خان وڏو قبيلي جو سردار ٿيو.

نادر شاهه جي حملي ٿائين (سنه ١٧٣٩ع) سنڌ جو گورنر دهليءَ جي دربار جو هڪ امير هوندو هو، پر سندس قتل کان پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙو انهيءَ علائقي جو صوبيدار ٿيو ۽ احمد شاهه بادشاهه کي پنهنجو ڏن ڏياري موڪلياائين. جڏهن نورمحمد مري ويو تڏهن سندس جاءِ سندس پٽ محمد مراد والاري ۽ اهو مسند تي ويٺو.

انهيءَ ساڳئي وقت مير شهداد خان وڏو گذاري ويو. ڪيس هڪ زال مان مير جمندا، مير چاڪر ۽ مير بهرام نالي ٽي پٽ هئا، ۽ ٻيءَ زال مان هڪ پٽ مير خيرو هو. نادر شاهه، سندس هڪ پٽ نالي مير جمنداڪي، نورمحمد ڪلهوڙي جي پٽن سميت يرغمال طور پاڻ سان وٺي ويو هو، ۽ اهو مشهد ۾ گذاري ويو. مير شهداد خان جي پٽن مان سڀ کان سٺو لائق مير بهرام خان هو جو پنهنجي پيءُ جو وارث ٿيو ۽ بروچن جو رئيس بڻيو.

گورنر سنڌ محمد مراد جي زيادتين کان تنگ اچي ڪلهوڙن مير بهرام سان گڏجي سازش ڪئي ۽ محمد مراد کي تخت تان لاهي قيد ڪيائون ۽ سندس جاءِ تي سندس ڀاءُ ميان عطرخان تخت تي ويهاريائون، پر انهيءَ چوند ۾ به اهي نڳجي

ويا، انڪري ڪيس تخت تان لاهي جيل ۾ وڌائون ۽ غلام شاهه ڪي ڪٽي تخت تي ويهاريائون جو نور محمد جو ٽيون پٽ هو. اهو حاڪم لائق ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ ته هن سڄي ملڪ کي قبضي ۾ آندو ۽ حيدرآباد جو قلعو پڻ اڏايو. سنه ١٧٧٠ع ۾ سندس موت ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان محمد سرفراز تخت تي ويٺو.

مير بهرام، جو بروچن جو رئيس هو تنهن کي به پٽ هئا. مير بجرخان ۽ مير صوبدارخان. مير بجرخان جي غيرحاضريءَ ۾ جو ان وقت گهرو نااتفاقيءَ سبب حج تي ويل هو، محمد سرفراز سندس ٻيءُ ۽ ڀاءُ ٻنهي کي مارائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته بهرام خان وڏين خوبين جو مالڪ هو، انڪري سرفراز سندس اثر ۽ مقبوليت جي ڪري ڪانئس ڏاڍو ڊڄندو هو.

جڏهن ڪلهوڙن جي چڱن مڙسن کي هن واقعي جي خبر پيئي تڏهن هنن مير فتح خان کي پاڻ سان ملائي، سرفراز کي تخت تان لاهي جيل موڪليو ۽ غلام شاهه جي ٻئي پٽ محمد خان کي تخت تي ويهاريو. پر راڄي ليکي نالي هڪ با اثر ڪلهوڙو هو، تنهن کي ڳالهه نه وڻي، ۽ هُن محمد خان کي تخت تان لاهي جيل ۾ وڌو ۽ سندس جاءِ تي غلام نبيءَ کي تخت تي ويهاريو جو محمد خان جو چوٿون پٽ هو.

انهيءَ نازڪ مرحلي وقت مير بجرخان حج تان موٽيو ۽ مسقط، گوادر، ڪيچ ۽ مڪران کان ٿيندو قلات ويو، جتي هُن نصيرخان بروهيءَ کان فوجي مدد گهري، جيئڻ هو پنهنجي ٻيءُ ۽ ڀاءُ جي ٿيل بيگناهه خون جو بدلو وٺي. مير نصيرخان مدد ڏيڻ کان انڪار ڪيو، انڪري مير بجر سنڌ هليو آيو. سنڌ ۾ ڪيترائي بروچ، جي ميان غلام نبيءَ جي خلاف هئا، سي اچي ساڻس ملڻا، ڇاڪاڻ ته اهي راڄي ليکي جي غلام نبيءَ کي تخت ويهارڻ جي خلاف هئا. نيٺ جنگ لڳي، جنهن ۾ غلام نبي مارجي ويو. ميان سرفراز جيتوڻيڪ سندس ٻيءُ ۽ ڀاءُ کي مارائڻ

۾ وڏو گناهه ڪيو هو، پر جيئن ته مير بجر خان ۽ هُو ننڍي هوندي گڏ ڪيڏيا هئا، ۽ دوست هئا انڪري هُن اهو خيال ظاهر ڪيو ته ميان سرفراز کي جيل مان آزاد ڪري، مان ۽ شان سان هاٿي ۽ تي چاڙهي، وري اچي تخت تي ويهارجي. پر جيسين بجر خان اهو سخاوت جو ڪم ڪري ئي ڪري، تنهن کان اڳ عبدالنبيءَ، جو ڪلهوڙي جو پنجون پٽ هو، تنهن وجهه وٺي سيني شاهي قيدين جهڙوڪ محمد مراد، ميان عطر خان، محمد سرفراز ۽ سندس پٽ ميان نور محمد کي جيل ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ دردناڪ حادثي کان پوءِ مير بجر خان لاچار ٿي نالي ماتر ميان عبدالنبيءَ کي تخت تي ويهاريو، پر حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ رکيون.

انهن واقعن کان پوءِ عبدالنبيءَ، جنهن پنهنجا هٿ پنهنجي عزيزن جي خون سان اڳيئي رڱيا هئا، هڪ ٻئي ماڻهو جي بيگناهه خون ڪرڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڏس ۾ هُن ڪي قاصد، خانگي طور، جوڌپور جي راجا ڏانهن ڏياري موڪليا هئا، ۽ انجام ڪيو هئائين ته هو امرڪوٽ جو قلعو ڏيارڻ لاءِ انهيءَ شرط تي تيار آهي ته هو ڪيس مير بجر خان جي مارائڻ ۾ مدد ڪندو. جوڌپور جي راجا مير بجر خان کي قتل ڪرڻ خاطر ٻارهن راجپوت سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليا. اهي جڏهن مير بجر خان جي دربار ۾ پهتا، تڏهن پاڻ کي راجا جو سفير ظاهر ڪري ڪيس چوائي موڪليائون، ته هو جوڌرپور جي راجا وٽان اڪيلائيءَ ۾ ڪا خوشخبري ٻڌائڻ گهرن ٿا. مير بجر خان کي انهن جي سازش جي خبر جيسلمير جي راجا اڳيئي ڏياري موڪلي هئي، پر هن انهيءَ خيال کان ته ماڻهو نه چون ته ڊنو آهي، ڪين اڪيلائيءَ ۾ پاڻ وٽ گهرايو. انهيءَ چريائيءَ جي ڪيس پوري سزا ملي جو سندس بار بار دوستيءَ جي ناتي کي دهرائڻ تي به هنن ڪيس نه ڇڏيو ۽ ڪُهي ڇڏيائون. انهيءَ خون کان پوءِ عبدالنبي ڪلهوڙو

مير بجر خان جي پٽ مير عبدالله ۽ مير صوبدار جي پٽ مير فتح خان وٽ ويو ۽ ڪين ويساهه ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائين ته انهيءَ سازش ۾ سندس ڪوبه هٿ ڪونه آهي. ان کان پوءِ ڪين زور ڪيائين ته هو ساڻس گڏجي محلات ۾ هان ۽ سندس مهمان ٿي رهن. حقيقت ۾ هن جي دل ۾ اهو فتور هو ته موقعي ملندي ئي ڪين قتل ڪري ڇڏجي. مير چاڪر خان جي ٻن پٽن مير فتح علي خان ۽ مير سهراب خان کي انهيءَ منصوبي جي خبر هئي، انڪري هنن پڻ ٻين کي انهيءَ خطري کان خبردار ڪيو، ۽ پاڻ ڪاڙهي ڏٽي جو گهوڙا ڪاهي نڪري ويا. نتيجو اهو نڪتو جو مير عبدالله مير فتح خان ۽ ميرزا ٽيئي عبدالنبي جي هٿان مارجي ويا. مير فتح علي ۽ سهراب خان کي جڏهن انهيءَ واقعي جي خبر پيئي، تڏهن هنن لشڪر گڏ ڪري ڪيترين ئي خونريز جنگين ڪرڻ کان پوءِ ظالم عبدالنبيءَ کي ملڪ مان ڏيڙي ٻاهر ڪڍيو.

اهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جي گهراڻي جي حڪومت پوري ٿي.

مير فتح علي خان ۽ مير سهراب خان پوءِ بادشاهيءَ تي ويهڻ جون سڀ رسمون ادا ڪيون ۽ دهليءَ جي شاهه تيمور ڏانهن نذرانا ڏياري موڪليا، جنهن وري موت ۾ ڪين بادشاهيءَ جو لقب ڏياري موڪليو. مير فتح علي خان ارڙهن سال حڪومت ڪئي ۽ وفات ڪرڻ وقت فقط هڪ پٽ نالي مير صوبدار خان ڇڏيائين، جو ان وقت نوي ڏينهن جو هو.

مير فتح علي خان کي ٽي ڀائر مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان هئا، جي سندس خاص دوست ۽ صلاحڪار هئا.

مير فتح علي خان وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ مير غلام علي تخت تي ويٺو.

محمد صادق دائود پوٽي مير صوبدار خان جو طرف وٺي مير غلام علي خان سان جنگ ڪئي. پر مير غلام عليءَ ڪيس اهڙي ته سيکٽ ڏني جو هو هيراوار جي قلعي ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿي ويو، پر پوءِ آڻ مڃڻ تي ڪيس وري سندس ملڪ جو بادشاهه بنايو ويو، ۽ مٿس پندرهن هزار رپين جو ڏنڊ به مقرر ڪيو ويو. مير غلام علي پوءِ سبزل جو قلعو پنهنجي هٿ هيٺ رکيو ۽ دائود پوٽي کان قرآن تي عهدنامو لکائي ورتائين. مير غلام عليءَ دائودپوٽي رئيس جي پٽ کي به يرغمال طور پاڻ سان وٺي ويو، پر پوءِ ڪيس عزت ۽ احترام سان پٽس ڏانهن واپس ڪيائين. هُن ڏهه سال حڪومت ڪئي ۽ ١٨١١ع ۾ وفات ڪيائين. هن به هڪ پٽ نالي مير محمد خان ڇڏيو جو ان وقت اڑهن سالن جي عمر جو هو.

سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ مير مراد علي خان تخت نشين ٿيو. مير ڪرم علي خان جيتوڻيڪ مير مراد عليءَ کان وڏو هو، پر ان هوندي به هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي حق ۾ تخت تان هٿ کنيو. اهوئي سبب آهي جو مير مراد علي خان ڪيس ڏاڍو ڀائيندو هو، ۽ سندس ڏاڍي عزت ڪندو هو.

مير ڪرم علي خان انهيءَ کان پوءِ به اٺتيهه سال جيئرو رهيو ۽ وفات وقت فقط هڪ ڀاءُ ڇڏيائين، جو تخت ۽ تاج جو اڪيلو وارث هو. اهو هو منهنجو پيءُ، جنهن پاڻ کي خودمختار حاڪم ظاهر ڪيو، ۽ ڪنهن کي به ساليانو ڏنڊ وغيره نه ڏنائين. سندس حڪومت ۾ سڄي سنڌ، سبزل وارو علائقو ۽ پڻ شڪارپور به شامل هئا. هو هروقت پنهنجي ڀاءُ (مير ڪرم علي خان) جي وقت تي ڏک ڪندو رهندو هو، انڪري ڪيس دل جي ڀرسان هڪ قسم جو سور محسوس ٿيندو هو ستن سالن جي آسودگي حڪومت کان پوءِ هن وفات ڪئي، ۽ مون منهنجي ڀاءُ نور محمد خان ۽ سندس ٻن پٽن کي سنڌ جي گڏيل بادشاهي ڏيئي ويو.

حصو -٢

سنڌ ۾ ويجهڙائيءَ جي واقعن تي تبصرو

اسان جي تخت نشين ٿيڻ کان ٿورو پوءِ ڪرنل هينري پاٽنجر اسان ڏانهن اهو ساڳيو عهدنامو بحال ڪرڻ لاءِ موڪليو هو جو اسان جي عزتماب پيءُ مير مراد علي خان ۽ گورنر جنرل لارڊ وليم بينٽڪ جي وچ ۾ ٿيو هو. چاڪاڻ ته انهيءَ عهدنامي ۾ اسان جو ذڪر به چاٽايل هو. اهو چوڻ به ضروري ٿيندو ته انهيءَ عهدنامي مطابق اسان جي والد انگريزن کي ۽ ٻئ ڪمپنيءَ جي واپارين کي واپار لاءِ اچ وچ جون سهولتون ڏنيون هيون. اهڙيءَ موڪل ڏيارڻ ۾ سچ پچو ته منهنجوئي وڏو هٿ هو، چاڪاڻ ته مون ئي پنهنجي پيءُ تي اثر وجهي اها اجازت ڏياري هئي. جڏهن ڪرنل پاٽنجر حيدرآباد ۾ گورنر جنرل پاران اهڙي اجازت وٺڻ آيو هو، تڏهن منهنجو والد اهڙي موڪل ڏيڻ کان نٽائي رهيو هو، پر منهنجي زور رکڻ تي هُن اهڙي اجازت ڏني. اهو ٻڌائڻ به آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته مون فقط هن دفعي پنهنجو اثر انگريز سرڪار جي فائدي ۾ استعمال ڪيو هو، پر انهيءَ عهدنامي جي پاس ٿيڻ کان اڳ جڏهن سر اليگزينڊر برنس، لاهور وڃڻ لاءِ منهنجي پيءُ کي لکيو هو، ته انهيءَ وٽندڙ ندي (يعني سنڌوءَ) مان ڪيس سفر ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. انهيءَ وقت به مون پنهنجي پيءُ کي راضي ڪري ڪيس اجازت ڏيڻ تي مجبور ڪيو. افسوس آهي انهيءَ ڳالهه جو، ته جيتوڻيڪ مون کي انگريز سرڪار لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري ڪين سهولتون ڏياريون، پر مون کي جنهن نموني ۾ ان جو معاوضو مليو اهو عالم آشڪار آهي.

ڪرنل پاٽنجر عهدنامي کي بحال ڪرڻ لاءِ ٿورا ڏينهن پوءِ اسان سان اچي مليو، ۽ اسان جي والد جي وفات تي ڏک ظاهر ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ هو ڪيچ هليو ويو ۽ لارڊ اڪلنڊ

جي مهر سان هڪ خط اسان ڏانهن ڏياري موڪليائين، جنهن ۾ لکيل هو تہ گورنر جنرل اسان کي پنهنجو دوست ٿو تصور ڪري ۽ هو ڪڏهن بہ ڪنهن سبب يا عذر جي ڪري اسان جي ملڪ يا حڪومت تي بري نظر نہ وجهندو، اهو خط ڏسي اسان جي دل کي يقين ٿيو تہ انگريز اسان سان ڪڏهن بہ نہ ڪؤ نسندا، ۽ اسان کي پنهنجي ملڪ جي حفاظت جو ذري جيترو شڪ بہ دل ۾ نہ رهيو. انهيءَ يقين سبب اسين اهو محسوس نہ ڪري سگهياسين، تہ قسمت جي قلم اسان جي نيرڙ تي ڇا لکيو آهي.

انهيءَ کان پوءِ اسان هڪ ميٽنگ ڪوٺائي ۽ انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو ڪيو تہ انگريز حڪومت جو هڪ وڪيل يا سفير اچي اسان جي دربار ۾ رهي. انهيءَ ڏس ۾ اسان سر هينري پاٽنجر کي بہ لکيو، جنهن جواب ڏنو تہ هو اسان وٽ سفير رکڻ جي ڪابہ ضرورت محسوس نٿو ڪري. پر ان هوندي بہ هو اسان جي انهيءَ خواهش کي گورنر جنرل جي ڄاڻ لاءِ سندس اڳيان رکندو ۽ انهيءَ جو سربستو احوال ڏياري موڪليندو.

انهيءَ کان ٿورو پوءِ ڪرنل اسان سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اسان وڏيءَ خوشيءَ سان سندس اها عرضداشت قبول ڪئي ۽ پنهنجيءَ دربار جا امير ڏياري موڪليا جي ڪيس عزت ۽ احترام سان وٺي آيا. ملاقات جي هلندي ڪرنل اسان کي چيو تہ انگريز فوج کي ڪابل جي مهر تي وڃڻ لاءِ ان کي درياهہ ۽ پڻ خشڪيءَ جي رستي لنگهڻ جي اجازت ڏني وڃي. جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي ميرن ۽ سيني پروچن کي خبر پيئي، تڏهن سيني گڏجي ان جي مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ انگريزن کي نئين نئين سهولتن ڏيڻ سان هو پاڻ کي ڪنهن وڏي آزار ۾ وجهي ڇڏيندا. پر جيئن تہ اسين دل جا صاف ماڻهو آهيون، ۽ هر ڪنهن کي اهڙوئي سمجهون ٿا، انڪري مون ۽ منهنجي ڀاءُ ڪرنل پاٽنجر جي انهيءَ گذارش کي بہ

قبول ڪيو، ۽ پروچن کي به گهڻي سمجهائڻ کان پوءِ مس مس راضي ڪيوسون. انهيءَ اجازت ڏيڻ وقت اسان ڪرنل پاٽنجر کي اطلاع ڏنوته اها اجازت اسان وڏيءَ مشڪل کان پوءِ ڏيئي سگهيا آهيون. اجازت ملڻ کان پوءِ ڪرنل پاٽنجر حيدرآباد مان هليو ويو ۽ هن درياهه جي ڪپ تي ڪئمپ لڳائي، انگريز فوج کي بمبئيءَ مان ڪابل ڏانهن سنڌ جي رستي وڃڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ اجازت ڏيڻ جي ڪري اسان تي ڏاڍي نڪتچيني ٿي ۽ اسان ماڻهن جا ڪيترائي ڏوراپا سٺا. اهو انهيءَ ڪري جو اسان اها اجازت پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي مرضيءَ جي خلاف ڏني هئي. اسان اها اجازت انهيءَ ڪري ڏني هئي، ته انگريز سرڪار اسان تي ڪنهن به طرف کان ٽيل اڳرائيءَ کان وقت سر مدد ڪندي. پر آزمودي ڏيکاري ڇڏيو آهي ته جيڪي اسان سوچيو هو، انهيءَ جي بلڪل ابتڙ ٿيو. انگريزن جي فوج جڏهن باري گارا وٽ پهتي، تڏهن اسان کي چيو ويوته نه فقط رسد جو سامان پهچايون، پر ان سان گڏ اسٽيمرن لاءِ پرندڙ ڪاٺ به رسايون. ڪهڙيءَ طرح اهي شيون مون انگريزن کي رسايون، انهيءَ جو هتي جو هتي ذڪر ڪرڻ فضول آهي. انهيءَ ضرورت جي وقت آءٌ جيڪو انگريزن سان وهيس اهڙو پيو ڪو به ڏيهي حاڪم نه وهيو هوندو.

انگريزن جي فوج جڏهن حيدرآباد کان چوڏهن ڪوهه پري جهرڪن وٽ ڪئمپ هنئي، تڏهن سر جان ڪئين عهدنامي ۾ ڏنل فقرن جي خلاف ورزي ڪندي، اسان کان فوج جو خرچ ايڪيهه لک رپيا جنس ۾ اڳاڙڻ جي طلب ڪئي، ۽ پڻ ٽي لک ساليانو ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. انگريزن وٽ اها ڳالهه عام رهي آهي، ته هو پنهنجي عهدنامن ۾ اهو فقرو ضرور شامل ڪندا آهن، ته اهو "هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ تائين قائم رهندو". پر حقيقت ۾ اهي پنهنجي عهدنامي جو مڏو پنهنجي مرضيءَ ۽ سولائيءَ خاطر وڌائيندا ۽ گهٽائيندا رهيا آهن. اهوئي

سبب آهي جو اسان کي انهيءَ جو نهايت اگرو نتيجو پوڳٽو پيو آهي.

انهيءَ کان پوءِ هڪ نئون عهدنامو منهنجيءَ صحيحيءَ لاءِ موڪليو ويو، جنهن ۾ چوويهه فقرا هئا، انهيءَ به مون قبول ڪيو. پر اڃا منهنجي صحيحيءَ ۾ استعمال ڪيل مَس سُڪي ئي ڪانه هئي، تہ ميجر جنرل سر چارلس نيپئر پنهنجي فوج سان سنڌ ۾ داخل ٿيو، ۽ منهنجي منظوريءَ لاءِ هڪ ٻيو عهدنامو ڏياري موڪليائين. انهيءَ عهدنامي جا شرط نهايت ذليل هئا، ۽ انهن کي قبول ڪرڻ ۾ اسان جي پڇاڻي هئي. انڪري اسان هڪ وڪيل سکر ڏانهن ميجر جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو، تہ جيئن هو ڪيس سڄو معاملو وڃي سمجهائي. پر هُن ڪا ڳالهہ ڪانہ ٻڌي ۽ صاف طور چيائين تہ هو ڳالهيون ڪرڻ ڪو نہ آيو آهي. هو فقط لارڊ ايلنبرو جي حڪمن جي پوئواري ڪرڻ آيو آهي، ۽ جيڪڏهن اسان انهيءَ عهدنامي جي شرطن کي قبول نہ ڪيو، تہ پوءِ هو بربادي جي باهہ ٻاري ڏيندو. هُن پوءِ سکر وٽ ندي اُڪري لاهوريءَ وٽ ڪئمپ هنئي ۽ خيرپور جي رئيس مير رستم خان کان حڪومت تان دستبردار ٿيڻ جي گهُر ڪئي. نيپئر ڪيس اهو به دڙڪو ڏياري موڪليو، تہ جيڪڏهن هُن ائين نہ ڪيو تہ پوءِ پاڻ صبح جو خيرپور تي حملو ڪندو. هُن پڻ سندس خانگي رهائشگاهہ تي فوجين جي حملي جو به ڪو جواب ڪو نہ ڏنو. مير رستم خان، ويچارو ميرمرد ۽ ڪمزور ۽ بي يار ۽ مددگار هو، تنهن ڏٺو تہ خبر نہ آهي تہ ڇا ٿئي، سو خيرپور ڇڏي باجيءَ هليو ويو ۽ اتان نار کان ٿيندو وڃي ڪانوڙيءَ کان نڪتو. سندس ڏوهہ فقط اهو هو انگريزن جي فوجي ٽپال مان هڪ خط ڪم ٿي ويو هو، ۽ اهو شڪ ڪيو ويو تہ ڪنهن بدمعاش اهو چورايو آهي. سر چارلس نيپئر انهيءَ تي مير رستم خان کان انهيءَ چور جي ٻانهن گهُري، پر جيئن تہ مير رستم خان ڪشف جو علم ڪونہ ڄاڻندو

هو، انگري انهيءَ نامعلوم ڏوهاريءَ کي پيش ڪري نہ سگهيو. ميجر جنرل انهيءَ تي ڪيس حڪومت ڪرڻ جي لائق نہ سمجهي، ڪيس سندس حڪومت مان ڊوڙائي ٻاهر ڪيو. مير رستم خان جي منٿن ۽ ايلازن ميجر جنرل تي ڪو بہ اثر نہ ڪيو. انگري هُن فقط هڪ سهارو ساري حيدرآباد جو رخ رکيو، تہ من اتي سندس معاملو طئي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ميجر جنرل پاڻ بہ تہ حيدرآباد ڏي اچي رهيو هو.

اسان ميجر جنرل جو دشمنيءَ وارو رويو ڏسي ميجر آئوٽرام کي انهيءَ جي تفصيل کان واقف ڪيو. ميجر آئوٽرام انهيءَ تي يڪدم خيرپور کان حيدرآباد پهتو ۽ اسان کي اطلاع ڏنائين تہ جيسين اسين انهيءَ عهدنامي تي، جيڪو ميجرجنرل اسان کي موڪليو آدي، صحيحون نہ ڪنداسين، تيسين اسان جي ڪابہ گالهہ نہ ٻڌي ويندي. اسان نيٺ ميجر جي اها خواهش بہ پوري ڪئي. هو اسان وٽ نائين فيبروريءَ تي وري آيو ۽ اسان جون گالهيون ٻڌي چيائين، تہ هو اسان وٽ هڪ يورپي موڪلي رهيو آهي، جنهن کي هڪ ٽيڪي اُٺ تي چاڙهي، سر چارلس ڏانهن موڪلجي، تہ جيئن پنهنجن فوجن جي اڳرائي کي روڪي. اسان ائين بہ ڪيو. پر يارهينءَ فيبروريءَ جو اهي اٺ سوار، جي انهيءَ يورپيءَ سان گڏجي ويا هئا، سي موتي آيا ۽ اچي ٻڌايائون تہ انهيءَ يورپيءَ جي پهچڻ کان پوءِ سر چارلس نيپئر ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ حيدرآباد ڏانهن اچي رهيو هو. اسان اها خبر بہ ميجر آئوٽرام کي پهچائي ڏني، جو هڪدم اچي اسان کي قلعي ۾ مليو، ۽ قسم تي ويساهہ ڏنائين، تہ سرچارلس نيپئر جي اسان سان ڪابہ دشمني ڪانهي ۽ اشان جيڪڏهن انهيءَ عهدنامي تي سيل مهر هڻنداسين تہ هو واپس هليو ويندو. مون جڏهن اهو عهدنامو ڪيس سيل مهر ڪري ڏنو، تڏهن هُن چيو تہ هاڻي دلجاءِ ڪريو، آءٌ هڪدم هي عهدنامو سر چارلس ڏانهن پنهنجي طرفان هڪ خط سميت ڏياري ٿو

موڪليان. مون کي پڪ آهي ته انهيءَ جي ملڻ سان هو هڪدم واپس هليو ويندو.» ميجر انهيءَ تي هڪ خط انهيءَ عهدناميءَ سان گڏي ڏنو، ۽ مون اهو هڪدم هڪ اوٺي سوار جي هٿان سر چارلس ڏانهن ڏياري مڪو. چوڏهين تاريخ تي اهو اوٺي سوار به واپس موٽي آيو ۽ ٻڌايائين ته انهيءَ خط به ڪو ٻوٽو ڪونه ٻاريو. مون انهيءَ تي بنان ڪنهن دير جي اها خبر ميجر آئوٽرام کي پهچائي، پر هُن انهيءَ تي ڪوبه وڌيڪ خيال ڪونه ڏيکاريو. انهيءَ روش تي پروچ بگڙي پيا، چاڪاڻ ته منهنجي ڪري ئي هنن انگريزن کي سندن ملڪ مان، ڪابل جي مهم وقت رستو ڏنو هو، منهنجي ڪري هنن انگريزن کي ايڪيهه لک رپيا خرچ طور ۽ ٽي لک رپيا ساليانو به ڏيڻ قبول ڪيو هو؛ ۽ آخر ۾ جڏهن انگريزن پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين عهدناميءَ جي پڇڙي ڪئي، تڏهن به هو ماٺ ۾ رهيا. پر جڏهن ڏٺائون ته هيترين رعايتن ۽ لحاظ کان پوءِ به انگريز دشمنيءَ تي ڪمرڪشي ٻيٽو آهي، تڏهن سندن ڪاوڙ دبجي نه سگهي، ۽ هُو چريا ٿي پيا ۽ منهنجي حڪمن جو ڪوبه خيال ڪونه ڪيائون.

ڪين جڏهن اها خبر پيئي ته سرچارلس نيپئر حيات خان کي قيد ڪيو آهي، تڏهن هنن اهو عهد ڪيو ته انهيءَ جو بدلو ميجر آئوٽرام کان ورتو وڃي. جڏهن مون اهو ٻڌو، تڏهن جهان خان ۽ حاجي غلام محمد کي ٻارهن هٿياربند ماڻهن سان ميجر آئوٽرام جي همراه ڏياري موڪليم ته متان بگڙيل پروچ مٿس حملو نه ڪري ڏين، ۽ هو ڪيس حفاظت سان سندس ماڳ تائين پهچائي اچن. اهڙيءَ طرح ڪيس تمام سٺي نموني ۾ سندس ڪوارٽرن تائين پهچايو ويو، جيتوڻيڪ ان وقت پروچن جا ڪي جٿا ڪانئس ويرونڻ جي ارادي سان هيڏانهن هوڏانهن پئي وڙڪيا. آخر ۾ جڏهن مون کي اها خبر پيئي ته پروچ ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪرڻ وارا آهن، تڏهن مون وقت


PLAN
OF THE
BATTLE OF MEANEE
FOUGHT on the 17th FEBY 1843,
Between the British Force under Major General Sir Chas Napier K.C.B. and
The Beloochi Army of the Ameers of Scinde.
By Major C. Wadehouse, Commanding Engineer with the British Force.
Fooleiee River
Fooleiee River
Fooleiee River
Beloochee retreating
Beloochee retreating
Beloochee retreating
Beloochee Cavalry retreating
Sabre
Sabre
Sabre

تي اها خبر ميجر آڏوٽرام تائين پهچائي. مان يقين آهن تہ جيڪڏهن ميجر کي اها خبر وقت سر نہ پهچي ها، تہ پوءِ ڪيس جان جو وڏو خطرو هو. انهن مثالن مان ڏي منهنجي انگريزن ڏانهن نيڪ نيتي پوريءَ طرح پڌري ٿيل آهي.

١٤- تاريخ ٦ سوار واپس آيو ۽ ٻڌايائين تہ ميجرجنرل ڪنهن بہ گالهہ جو خيال نہ ڪندي، جنگ جي نيت سان حيدرآباد ڏانهن تڪڙو تڪڙو وڌي رهيو آهي. انهيءَ تي پروچ، جن جو تعداد چار يا پنج هزار هو، سي سندس حملي کي روڪڻ لاءِ حيدرآباد کان ٻاهر نڪتا. مون جڏهن اهو ٻڌو تڏهن سندن پٺيان ويس، ۽ ڪين سمجهايم تہ انگريز ڪڏهن بہ اڳرائي نہ ڪندا ۽ ميجر جنرل ڪڏهن بہ هڪ دوست ملڪ تي اهڙيءَ طرح حملو نہ ڪندو. آءٌ پاڻ بہ ساڻن گڏ هوس.

اسان کي جنگ ڪرڻ جو ڪو بہ خيال ڪو نہ هو، جيڪڏهن منهنجو اهڙو ارادو هجي ها تہ پوءِ آءٌ شروعات کان وٺي اهڙو قدم ڪٽان ها، آخري وقت تائين ڪونہ ترسان ها. انهيءَ صورتحال مان پڻ منهنجي بيگناهي ثابت ٿي ٿئي. پہ راتبون ۽ هڪ ڏينهن جي سمجهائڻ کان پوءِ مس.مس پروچ انهيءَ گالهہ تي راضي ٿيا، تہ هو وڙهندا ڪونہ. پر جيئن تہ انگريزن جون فوجون اڳرائي ڪري وڌي رهيون هيون، انڪري هو ميدان ڪونہ ڇڏيندا. هو انهيءَ گالهہ تي بہ راضي ٿيا تہ سرچارلس نيپئر ڏانهن هڪ وڪيل موڪلي ڪيس آگاهہ ڪجي تہ اسين اڃا تائين انگريزن جا دوست آهيون.

ٽئين ڏينهن پرهہ ڦٽيءَ جو جنرل جي فوجن اسان جي مٿان توبون ڇوڙي گولن جا وسڪارا ڪري ڏنا. پروچن بہ لاچار جواب ۾ توبون هلايون. اسان جي طرف هزارين ماڻهو مارجي ويا، ۽ ٻيا ٽڙي پڪڙي ويا. آءٌ ميدان تي فقط ارڙهن ماڻهن سان وڃي رهيس. پر جڏهن مون ڏٺو تہ سڀ پڇي ويا آهن ۽ انگريز بہ ظلم ۽ تشدد تي سندرو ٻڌيو بيٺو آهي، تڏهن آءٌ

حيدرآباد واپس هليو ويس.

حالتن کي ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. منهنجا پنهنجا ماڻهو مون کي چيني رهيا هئا: انهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن آءٌ شروعات کان وٺي انگريزن کي سنڌ مان لنگهڻ نہ ڏيان ها، تہ جيڪر هيءُ ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها. جيڪڏهن مون کي انگريزن سان وڙهڻو هجي ها، تہ پوءِ آءٌ حيدرآباد ڇڏي جبلن ۾ هليو وڃان ها، ۽ فوجون گڏ ڪري ساڻن جنگ جوٽيان ها، پر مون کي دل ۾ اهڙو ڪوبہ خيال ڪونہ هو. اهوئي سبب آهي جو ٻئي ڏينهن آءٌ پاڻ انگريز ڪئمپ ۾ هليو ويس ۽ پنهنجي تلوار جنرل کي پيش ڪيم ۽ چيومانس تہ: ”تو مون سان ڇو جنگ ڪئي آهي، جڏهن تہ مان تنهنجو سڀڪو چوڻ مڃيندو آيس.“ جنرل مون کي تلوار واپس ڪندي ڪلي چيو تہ، ”پريشان نہ ٿيءُ. پنجويهن ڏينهن اندر تنهنجو معاملو فيصل ڪيو ويندو“، ۽ وڌيڪ چيائين، ”تہ فوجن کي واپس ڪري ڇڏ ۽ ميرر رستم خان کي گهرائي وٺ، مون کي ساڻس ملڻو آهي.“

مون فوجن کي هتيار کولي واپس وڃڻ جو حڪم ڏنو، ۽ ميرر رستم خان بہ اچي حيدرآباد پهتو. مون سان گڏ ڪيس ۽ پڻ ميرر شهداد خان کي قيد ڪيو ويو. سر چارلس نيپئر ميجر ريڊ ۽ ٻين انگريز حضرات کي انهيءَ ٻهاني سان قلعي ۾ موڪليو تہ هو قلعي جو معائنو ڪندا.

✓ سياڻا ماڻهو جڏهن اها خبر ٻڌندا تڏهن اچرج ۽ افسوس وچان ڏندين آڱريون پڻجي ويندن. اهي هيون حالتون جن ۾ اسان کي قيد ڪيو ويو. قلعي کي ڏسڻ جي ٻهاني تي هنن مٿس قبضو ڪري ورتو، ۽ اهڙي تہ قرلٽ ۽ تباهي مچائي ڏنائون، جو سپاهين جي ٻانهن هيٺان هيرا ۽ جواهر اهڙيءَ طرح ڪيرڻ لڳا جهڙا واريءَ جا داڻا.

قلعي ۾ داخل ٿيڻ کان ٿي ڏينهن پوءِ ميرر محمد خان

کي قيد ڪيو ويو، ۽ ٻئي ڏينهن مير صوبدار خان کي ٻاهر آڻي قيد ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ مير صوبدار خان جي ٻن پٽن مير فتح علي خان ۽ مير محمد علي خان ۽ منهنجي پٽن مير حسن علي ۽ عباس علي کي قيد ڪري اتي آندو ويو، جتي آءٌ اڳيئي نظربند هوس. منهنجي پٽن جي اهڙي تہ حالت ڪئي هئائون جو نہ تہ ڪين شاهاڻو چوغو پيل هو، ۽ نہ وري ڪا تلوار ٻڌل هئن. جن گهوڙن تي هو چڙهي آيا هئا، تن کي سونا سنج پيل هئا. اهي ڪانئن ڪسيا ويا ۽ سندن اصرار ڪرڻ تي بہ ڪين واپس نہ ڪيا ويا. جيڪو بہ سون ۽ قيمتي شيون هٿ آيون، انهن کي بند ڪري بمبئيءَ موڪليو ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ مير حسن علي خان، مير محمد خان ۽ مير يار محمد خان کي بمبئيءَ موڪليو ويو. اهو ڦر جو مال جو بمبئيءَ ڏانهن موڪليو ويو، تنهن جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ ارڙهن ڪروڙ رپين جي هوندي.

اسان تي جيڪي ڪجهہ گذريو، انهيءَ جو تفصيل ڏيڻ بيڪار آهي. اسان جا غاليچا، پٽراڻيون، چادرون ۽ پائڻ جا ڪپڙا بہ اسان کان ڪسيا ويا. نہ فقط ايترو پر اسان جا ڪتاب جن سان اسين دل وندرائيندا هئاسون، اهي بہ اسان کان انگريز ڦري ويا. جيڪي اسان جي قسمت ۾ هو، اهو اسان سٺو. آءٌ انڪري نہ تہ لارڊ ايلنبرو يا سر چارلس نيپئر جي شڪايت ٿو ڪريان، ۽ نہ وري ڪنهن ٻئي انگريز اختياريءَ واري جي خلاف ڪجهہ چوڻ ٿو گهران، ڇاڪاڻ تہ منهنجي تقدير ۾ اهو لکيل هو، تہ جن سان مون دوستي رکي هئي، سي منهنجا دشمن ٿي ويا! سڀ ساراهون الله پاڪ کي ئي آهن. آءٌ سمجهان ٿو تہ پنهنجي ڪٽا ٻڌائڻ ۾ ڏاڍي ڊيگهہ ڪري ويو آهيان، انڪري اهو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ اسان کي قيد ڪري، پهرين بمبئيءَ موڪليو ويو، پوءِ ساءور ۽ اتان پوءِ مير شهداد خان کي اڪيلو سورت ڏانهن موڪليو ويو. سال کن گذرڻ کان

پوءِ اسان کي ڪلڪتي ۾ آندو ويو. (جتي اسين هاڻي آهيون).

اها هڪ اچرج جهڙي ڳالهه چئبي، تہ انهيءَ سڄي عرصي ۾ بمبئيءَ جي گورنر کان سواءِ پيو ڪو بہ ماڻهو اسان کان اهو پڇڻ ڪو نہ آيو، تہ اسان جو گناهہ ڪهڙو آهي، جنهن جي ڪري اسين هي سزا پوڳي رهيا آهيون!

(حصي پهرئين ٿي نوٽ)

(١) هجرت کان پيانوي سال پوءِ (٦٧٧) بغداد جي خليفن دين اسلام جي جذبي هيٺ ۽ پڻ سنڌ جي بُت پرستن کان (اهي لفظ مسلمان عماماً هندن لاءِ استعمال ڪندا هئا) بيعزتي جي ويرِ وٺڻ لاءِ هڪ فوج هئي، جا انهيءَ ساڳئي رستي کان سنڌ ۾ داخل ٿي جو مقدونيہ جي بهادر، واپس بابل وڃڻ وقت اختيار ڪيو هو. (پاٽنجر ٽريولس ان بلوچستان ائنڊ سنڌ).

(٢) ڪلهوڙن جو خاندان پنهنجو شجرو حضرت عباس جي پيڙهيءَ ۽ شاهي گهراڻي کان شروع ڪري ٿو، جو پيغمبر جو چاچو هو، پر سنڌ ۾ سندن لئي آدم شاهہ جي ڪري ٿي، جو بلوچستان جو رهاڪو هو. هو پنهنجي چڱيءَ چال ۽ نيڪ زندگيءَ جي ڪري هڪ مشهور مسلمان درويش جو مريد چونڊيو ويو. سندس پويان انهيءَ اعزاز جي ڪري پندرهينءَ صديءَ عيسويءَ جي وچ ڌاري هي ڏاڍيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا هئا. ١٧٠٥ع ۾، اورنگزيب بادشاهہ کين جاگير عنايت ڪئي، جنهن جي ڪري سندن مذهبي اثر ۾ ڦاٽ گهٽو وڌي ويو. ساڳئي وقت، جڏهن اورنگزيب کين هڪ فرمان جي ذريعي سندن عيوضيءَ کي ٿتي جي حڪومت عطا ڪئي تڏهن تہ ڀاڻ سندن رعب ۽ تاب ماڻهن ۾ پيدا ٿي ويو. (اي وزٽ ٽو دي ڪورٽ آف سنڌ باءِ ڊاڪٽر. جي. برنس. ڪي. ايچ ص ١٣).

(٣) جنهن کي قوم جو گل (يا هيرو) ڪري سڏجي- (ايضاً- ص- ١٣).

(٤) ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته نادرشاهه جي حملي وقت ميان نورمحمد اڳيئي، ٿئي جو گورنر ٿيو ويٺو هو. انهيءَ عهدي تي ڪيس مغل بادشاهه محمد شاهه به تسليم ڪيو هو. اهڙيءَ ريت، انهيءَ ساڳيءَ سند موجب، نادرشاهه سنڌ جي فتح کان پوءِ، وري به انهيءَ علائقي جي حڪومت سندس حوالي ڪري ڪيس شاهه قلي خان جو لقب ڏنو هو ۽ سندس سٽي چال متعلق ضمانت ۾ سندس ٽي پٽ (مراد يارخان، عطرخان ۽ غلامشاهه خان) پاڻ سان وٺي ويو، جن جي باري ۾ مير نصيرخان اڳي ٻڌايو آهي. نادر شاهه جي قتل ٿي وڃڻ کان پوءِ انهن ٽنهي پاڻرن کي سندن پيءُ ڏانهن واپس ڪيو ويو. (پاٽنجر ۽ پوسٽنس).

انهيءَ جملي جي سمجهاڻيءَ ۾ مير ٻڌايوته نادرشاهه جي موت کان پوءِ نورمحمد ملڪ تي قبضو ڪري ورتو، پر ان هوندي به هو افغانن جو ڏَن- ڀَرو ٿي رهيو.

(٥) مراد ياب خان يا مراد يار خان، جو نادرشاهه جو يرغمال هو.

(٦) پوسٽنس جي چوڻ موجب مراد ياب خان کان پوءِ غلام شاهه تخت تي ويٺو ۽ ٿوري وقت ۾ عطر خان سندس ٻاءُ کانئس حڪومت کسي پاڻ حاڪم بنجي ويو، پر پوءِ غلام شاهه وري طاقت ۾ اچي وبو ۽ تخت ڏئي ٿيو.

(٧) ڪچ جي راجپوتن کان ويو وٺڻ خاطر، جي پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا هئا ۽ پڻ، ڪچ جي ماڻهن جي پنهنجي ملڪ ۾ بهاديءَ سان مدافعت ڪرڻ سبب، هو ايڏو ته ڪاوڙيو، جو هُن ڪچين کي ستائڻ لاءِ حڪم ڏنو، ته درياهه جي ٻيءَ پر هڪ بند ٻڌو وڃي، ته جيئن درياهه جو پاڻي ڪچ ملڪ کي آباد نه ڪري سگهي. اهڙو ظالماڻو حڪم فقط ايشيا جا ظالم حاڪم ئي ڏيئي سگهن ٿا. انهيءَ حڪم جو ڪچ ملڪ ۽ ان

جي آباديءَ تي اهڙو ٿم خراب اثر پيو جو ايندڙ نسلن ۾ بم بادگار رهندو. بند ٻڌائڻ کان سواءِ هن درياهه جي پاڻيءَ کي گهٽائڻ ۽ چڙوچڙ ڪرڻ خاطر ڪئين واهه کوٽايا، انهيءَ غرض سان ته پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به ڪچ ڏانهن نه وڃي سگهي. نتيجو اهو نڪتو جو ڪچ جي راجا جي اڌ اپت مارجي ويئي، ۽ ان سان گڏ هن هزارين خاندانن جي اميدن ۽ آسرن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. هڪ سرسبز ۽ آباد ملڪ صفا اجڙ ٿي ويو، ۽ اهو ڪچ تي اهڙو ٿم ڪاري زخم ٿي لڳو، جنهن جي اڃا تائين ڪابه تلافي نه ٿي سگهي آهي، ڇاڪاڻ ته پوءِ سمنڊ جي وير اچڻ جي ڪري اهو سڄو ملڪ ڏُڻن سان ڀريل هڪ ڪارو ميدان ٿي ويو آهي ۽ اڃا تائين ڀڙيانگ لڳو پيو آهي.

– (ڊاڪٽر. جي. برنس. ص. ١٣).

(٨) صوبدار خان.

(٩) ڪئپٽن پوسٽنس ٻڌائي ٿو ته ميان محمد خان جيئن ته حڪومت هلائي نه سگهيو، انڪري سندس جاءِ سندس ڀائٽيي غلام شاهه خان ورتي. جيئن ته اها چونڊ به ٺيڪ نه نڪتي، ان ڪري سن ١٧٧٨ع ۾ وري غلام نبيءَ کي مسند تي ويهاريو ويو.

(١٠) به قاتل. (برنس ۽ پوسٽنس).

(١١) ۽ مير بهرام جو پوٽو.

(١٢) هيءُ ميان ڪئپٽن پوسٽنس ۽ ڊاڪٽر برنس جي بيان سان نٿو ملي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بجرخان جي قتل ٿيڻ کان پوءِ سڀ ٽالپر ڪلهوڙن جي خلاف اٿي ڪڙا ٿيا هئا.

عبدالنبيءَ جي ڀاڄ ۽ وري افغانن جي مدد سان سندس تخت نشين ٿيڻ. سندس هٿان عبدالله خان جو خون ۽ پوءِ سندس آخرين ڀاڄ وغيره. هُن پنهنجا پويان ڏينهن گمنامي ۾ پورا ڪيا. "غربت ۽ ڏڪار جي جلاوطني".

(١٣) وير يا ڪنهن نامعلوم ڏڪار جي باهه وچان انڌو ٿي پيو، جو مير عبدالله خان کي بيعت ڪرڻ جي ٽن ڏينهن

کان پوءِ قتل ڪرائي ڇڏيائين. (ڪئپٽن پوسٽنس).

(١٤) ڪئپٽن پوسٽنس جي سند موجب مير فتح علي خان جي پائٽيي مير سهراب خان ۽ فتح خان جي پٽ مير تارا، فتح علي خان جي اختياريءَ کي نہ مڃيندي لاهوري بندر ۽ شاهبندر تي قبضو ڪري ورتو، ۽ تيمور شاهہ کي ڏن موڪلي خود مختار تي ويا. اهڙيءَ طرح، ملڪ تن حصن ۾ ورهائجي ويو. هرهڪ مٿان هڪ خود مختار حاڪم نهي ويو. ليفٽيننٽ پاٽنجر جو چوڻ آهي، تہ فتح خان ملڪ جا وڏا حصا پنهنجي خاندان جي فردن ۾ ورهايا هئا، جن ۾ مير سهراب خان ۽ مير تارا خان کي چڱو چوکو حصو مليو. جڏهن مير نصير خان کان انهيءَ بابت پڇا ڪئي ويئي، تڏهن هُن انهيءَ جي تصديق ڪئي. شاهبندر جي جاگير مير تارا خان کي ڏني ويئي، مير سهراب جي حڪومت جي گادي خيرپور آهي.

(١٥) ڪيس تيمور شاهہ سنڌ ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جي اختياري ڏني هئي. ليفٽيننٽ پاٽنجر ۽ ڪابل جي بادشاهہ بہ ڪيس اهڙي سند ڏيئي، سندس حڪومت تسليم ڪئي هئي.

(١٦) هيءُ هڪ اهڙو خال آهي جو دلچسپيءَ جي مضمون سان ڀريل آهي ۽ انهيءَ جو مڪمل احوال پوسٽنس جي ضخيم ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

(١٧) تخت بي ويهڻ سان هُن فراخدل شهزادي پنهنجن ننڍن پائرن مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان کي بہ انهيءَ اوچي درجي تي فائز ڪري، ڪين پاڻ سان گڏ حڪومت ۾ ڀاڳي ڀائيوار بنايو. انهن چئني پوءِ متفق ٿي اهو فيصلو ڪيو تہ چارئي گڏجي، سنڌ تي "سنڌ جا امير يا رئيس" جي نالي سان حڪومت ڪندا. هنن پاڻ ۾ اهڙي تہ زوردار ۽ اٽ ٽٽندڙ محبت قائم ڪئي، جو ڪين "چار يار" جي مشهور لقب سان ياد ڪيو ويندو هو، جنهن جي معني آهي چار دوست. ڊاڪٽر برنس.

(١٨) مير غلام علي ١٨١٢ع ۾ هرڻ جو شڪار ڪندي هڪ ڦاڙهي جي ٽڪر لڳڻ سبب مري ويو. (پاٽنجر).

(١٩) مير فتح علي خان وفات وقت پنهنجو سڄو ملڪ ميراث ۾ پنهنجن ٽن پائرن کي ڏيئي ڇڏيو، (انهيءَ ملڪ کان سواءِ جو مير سهراب ۽ تارا جي قبضي ۾ هو، جنهن ۾خيرپور ۽ آتر سنڌ جا علائقا به اچي ٿي ويا) جي عمر جي لحاظ کان سنڌ جا امير يا رئيس سڏيا ٿي ويا. مير فتح علي خان جي ملڪ مان مٿو انهن مان وڏي (غلام علي) کي ۽ سوا باقي رهيل ٻن حصن مان هرهڪ مليو، مکيه امير (غلام علي) کي وڏيڪ اختياريون مليون.

(٢٠) هاڻوڪا سنڌ جا امير يعني ته اهي بهادر ٻروچ جن جي ڪردار کي سندن اڳين جانشينن سان پيٽي سگهجي ٿو، تن کي هڪٻئي لاءِ ڏاڍي محبت ۽ الفت هئي. اها ٽالپر خاندان جي وڏي ۾ وڏي خاصيت هئي ۽ اهوئي سبب هو جو هو گهڻي وقت تائين طاقت ۾ رهيا. مير نصير خان جو مثال وٺو جو تمام گهڻين ڌتاريندڙ لالچن هوندي به اعتدال کي وڏيڪ پسند ڪندو هو. هيءُ رئيس ڪرڙوڙ عمر کي پهچي چڪو آهي، پر ان هوندي به هُو ايڏو فراخدل، داناءُ ۽ خوش ذوق ماڻهو آهي، جو ماڻهو ڪيس دل و جان سان محبت ڪن ٿا. هُن کي يورپين جي سنگت ۾ مزو ايندو آهي، ۽ ڪيس چڱي ۽ بري پير ڪڻڻ جي طاقت به آهي، پر ان هوندي به هن ڪڏهن به غلط رستو استعمال نه ڪيو ۽ اها سڄي قوت هُن گڏيل حڪومت جي استحڪام کي قائم ڪرڻ ۾ صرف ڪئي آهي. سندس ٻين ٻن پائرن لاءِ به مون کي هڪ اهڙي آفيسر کان خبر پهتي آهي، جو سرحد تي مقرر ٿيل هو، ته اهي به اڻ ٽٽندڙ محبت جي ناتي ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. مير محمد خان ۽ صوبدار خان جيتوڻيڪ گهڻ مشهور آهن، پر ان هوندي به هو وڏو اثر رکن ٿا، جنهن کي استعمال ڪرڻ

سان هو ڪجهه ڪري سگهيا ٿي. خاص ڪري، مير صوبدار خان، جنهن کي پنهنجي هڪ طاقتور ٻروچ جماعت بہ آهي، پر هن ڪڏهن بہ انهيءَ کي غلط نموني ۾ استعمال نہ ڪيو آهي. اهي سڀ مثال انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿا، جي هن ڪتاب ۾ ڇاپايا ويا آهن.

ـ (ڊاڪٽر برنس، اپريل ١٨٣٩ع مهاڳ ص-٩)

مير محمد خان

مير غلام علي خان جو پٽ مير محمد خان رتبي جي لحاظ کان مڪيہ ميرن کان پوءِ پهريون نمبر مير آهي. سندس عمر ٽيهہ سال کن ٿيندي، ۽ هو هڪ سهڻو شخص آهي، رڳو سَهي وانگر ٿُلهن چپن جي ڪري خراب پيو لڳي. ڪيس پنهنجي پيءُ کان وڏي ملڪيت ۽ سياسي اثر ورثي ۾ مليو. هو ڪجهہ وقت پنهنجن چاچن سان گڏ مسند تي ويهندو هو ۽ ساڻن گڏ ڪيس بہ ٻاهران ايندي، قلعي جي ديوار تان سلامي ملندي هئي. پر جيئن تہ هو هڪ معتدل ۽ مانيٽو شخص هو، انڪري سندس ملڪيت جو ڳچ حصو مير مراد علي ۽ سندس قربدار نوڪر انهيءَ بهاني تي ڦهائي ورتو، تہ هو انهيءَ جي سنڀال نہ ڪري سگهي. ساڳئي وقت هن انهن سڀني اعزازن ۽ شاهي اهڃاڻن تان بہ بنان ڪنهن پڇتاءَ جي دستبرداري ظاهر ڪئي. هو هڪ سٺي سياءَ جو ماڻهو آهي، جنهن کي حڪومت جي معاملن يا پريد وغيره سان ڪابہ دلچسپي ڪانهي. ڪيس سندس زيردست ڏاڍو پائيندا آهن، جن مان ڪيترن سندس نوڪريءَ مان چڱو فائدو پرايو آهي، ۽ شاهوڪار ٿي ويا آهن. مير محمد خان کي ڪوبہ ڪتب وغيره ڪو نہ آهي.

ـ (ڊاڪٽر برنس، اپريل ١٨٣٩ع، ص-٥٧)

مير محمد نصير خان

مير محمد نصير خان، مير مراد علي خان جو ٻيو پٽ آهي، سنڌ جي حاڪم خاندان ۾ هڪ رلڻو ماڻو ۽ هردلعزيز شخص

آهي. سندس عمر پنجويهه سال آهي ۽ سندس شبيهه به سهڻي آهي. سندس منهن مان شاهاڻي شان ۽ شوڪت ۽ وڏائي بکي رهي هئي. سندس شبيهه کي ڏسڻ سان ئي ماڻهو ڀانپي ويندو ته هو شاهاڻو ٻار آهي، ۽ سندس منهن سندس پيءُ يا ڀاءُ جي منهن وانگر ڪنهن به طرح خراب ٿيل نه آهي. اهو تفاوت نه فقط شبيهه ۾ آهي پر ان سان گڏ سندن ڪردار ۾ به ساڳيو فرق آهي. جهڙائي هو آهن سخت، اهڙوئي هي آهي سخي. هن خزاني مان ماڻهن کي ايترو ته فراخدليءَ سان ڏنو آهي، جو ماڻهن ۾ سندس نالو آهي. پوءِ اها سٺي خاصيت هجي يا خراب، پر اهڙي ڪردار کي ايشيا جي ملڪن ۾ وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. — ص ٥٩

هن هڪ ڪتاب به تصنيف ڪيو آهي، جنهن کي "ديوان جعفري" ڪري سڏيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اهو ڪتاب سندس پنهنجو ناهيل آهي ته پوءِ هن ڪيرون لهڻيون.

مير نصيرخان انگريزن ڏانهن هميشه سٺو رجحان رکيو آهي، ۽ نهايت فهميدي نموني ۾ اسان جي حيدرآباد واري ريزيڊنٽ سان پيش ايندو رهيو آهي. مان جڏهن حيدرآباد ۾ اچي رهيس، تڏهن هو هميشه منهنجو خيال رکندو هو. فوجين ۾ به هو ڏاڍو هردلعزيز آهي، ڇاڪاڻ ته هن ۾ سڀئي مڙسائيون عادتون ۽ قوتون موجود آهن. ٿي سگهي ٿو ته نئين ميرن ۾ سندس جهڙو ڪو ٻيو پيدا ٿئي، جو ڏسڻ ۾ ته ڏاڍو مشڪل پيو لڳي. هو قوت ارادي جو پڪو ڪونه ٿو ڏسجي، ۽ نه وري ڪردار جو لوڀي آهي. پر اها اڳڪٿي ڪرڻ به ناممڪن آهي، ته جيڪڏهن هو لوڀ ۾ منهن وجهي به ته پوءِ ڪيتريقدر انهيءَ ۾ ڪامياب ويندو، ڇاڪاڻ ته هو ماڻهن ۾ هردلعزيز آهي، ۽ عوام ڪيس دل و جان سان پيار ڪري ٿو.

مير صوبدار خان

ميرن جي ڏنل بيان ۾ اڳيئي ڄاڻايل آهي، ته ميرصوبدارخان مير فتح علي خان جو پٽ آهي، يعني ته اهو فتح علي خان

جنهن جي صدقي ميرن کي وڏائي نصيب ٿي. مير صوبدار خان پنهنجي پيءُ جي وفات کان ٿورا ڪلاڪ اڳ چائو هو، جيڪو مرڻ وقت سنڀال لاءِ پنهنجي پائرن کي پارت ڪري ويو هو، هو ڪيترا سال مير ڪرم علي خان جو گود ۾ ورتل پٽ ٿي رهيو. ڪئپٽن پوسٽنس جي خيال موجب هو هڪ صلح پسند انسان هو، جنهن جي تصديق سندس ڏيک ۽ اُٺ ويهه جي عادتن مان ملي ٿي. هو آپاهج به هو. ڇاڪاڻ ته ننڍي وهيءَ کان وٺي هو مرگهيءَ جو مريض آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪيس گهٽي اهميت نه ڏني ويندي هئي. ڊاڪٽر برنس جي اچڻ کان ڪجهه مهينا اڳ ڪيس مڪيه ميرن (مراد علي خان ۽ ڪرم علي خان) جي حاضريءَ ۾ پئيان هلندڙ لانڊي ۾ هڪ نماڻي درباري وانگر ڏٺو ويو. پر ٿورو وقت پوءِ هن ميرن خلاف بغاوف ڪري، ساڻن برابري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي هئي، انهيءَ ڏس ۾ هو اسلام ڪوٽ ڪسڪي ويو، جو ٿر جي بيابان ۾ آهي، ۽ اهي پنجن - ڇهن ڏينهن اندر ڪيترائي سازشي ۽ سندن پوئلڳ اچي ڪيس مليا. اهڙي طرح پندرهن هزارن ماڻهن جي فوج سان هن حيدرآباد ڏانهن رخ رکيو. مڪيه ميرن کي سندس انهيءَ آرهه زورائي جي بلڪل خبر نه پئجي سگهي، انڪري هنن اوچتي حملي سبب، سياڻپ سان معاملي کي طئي ڪيو، جنهن موجب صوبدار خان کي ملڪ جو ڪجهه حصو ۽ ڪيس حڪومت ۾ پاڻهن ڀيلي ٿيڻ جو حق به ڏنو ويو. سندس انهيءَ ترقيءَ تي مڪيه ميرن اطمينان ظاهر ڪيو، ۽ سندن خانداڻ جي ٻين فردن پڻ قبوليت جو اظهار ڪيو.

سنڌ جي تاريخ جو اختصار

(جيستائين اها لکي ويئي آهي)

(ڪئپٽن پوسٽنس جا سنڌ تي ذاتي راين جا اقتباسات)

سنڌ تي برهمڻن جو راج، تان جو محمد بن قاسم اچي ان کي فتح ڪيو ٧١١ عيسوي سال

سنڌ ۾ بنو اميه جي خليفن جي حڪومت ٧٥٠ ”

سنڌ جو محمود غزنويءَ هٿان فتح ٿيڻ ١٠٢٥ ”

سومرن جو طاقت ۾ اچڻ ١٠٥٤ ”

سمن جو سومرن کان حڪومت کسڻ ١٣٥١ ”

شاهه بيگ ارغون جي فتح ١٥١٩ ”

سنڌ جو همايون باد شاهه جي هٿ هيٺ اچڻ ١٥٤٠ ”

ترخانن جو طاقت ۾ اچڻ ١٥٥٥ ”

اڪبر جو سنڌ کي پنهنجي حڪومت ۾ ملائڻ ١٥٩٠ ”

سنڌ جي نور محمد ڪلهوڙي کي صوبيداري ملڻ ١٧٣٦ ”

نادر شاهه جي سنڌ تي ڪاهه ١٧٤٠ ”

سنڌ جو افغانن جي هٿ هيٺ اچڻ ١٧٥٠ ”

ٽالپرن جو ڪلهوڙن کان حڪومت کسڻ ١٧٨٦ ”

انگريزن جو سنڌ فتح ڪرڻ ١٨٤٣ ”

ڏٺو ويندو ته متين يارن سؤ سالن ۾ يارهن خاندانن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي.

ضميمو — ٨

حيدرآباد جي ميرن جو خاندان



سنڌ جي آدمشماريءَ جو نقشو ١- فئبروري ١٨٥١ع

ضلع	شهرن ۽ ڳوٺن جو تعداد	مسلمان			هندو			ٻيا			ٽوٽل		
		مرد	زالون	ٽوٽل	مرد	زالون	ٽوٽل	مرد	زالون	ٽوٽل	مرد	زالون	ٽوٽل
ڪراچي	١١٤٤	٨١٠٩٩	٥٨٣٦١	١٣٩٤٦٠	٢٣٧٦٥	١٧٨١٢	٤١٥٧٧	٢٥٥٨	١٩٥٥	٤٥١٣	١٠٧٤٢٢	٧٨١٢٨	١٨٥٥٥٠
شڪارپور	١٤١٠	١٤٢٦٠٤	١١٤٤٢٤	٢٥٧٠٢٨	٤٢١٥٨	٣٨٣٧٣	٨٠٥٣١	٧٠٥٦	٥٧٨٦	١٢٨٤٢	١٩١٨١٨	١٥٨٥٨٣	٣٥٠٤٠١
حيدرآباد	٤٩٧٧	٢٢٧٧٥١	١٨٢٤٤٣	٤١٠١٩٤	٦١٥٩٣	٤٧١٤٣	١٠٨٧٣٦	١٨٢٥٤	١٤٦٢٧	٣٢٨٨١	٣٠٧٥٩٨	٢٤٤٢١٣	٥٥١٨١١
ٽوٽل	٧٥٣١	٤٥١٤٥٤	٣٥٥٢٢٨	٨٠٦٦٨٢	١٢٧٥١٦	١٠٣٣٢٨	٢٣٠٨٤٤	٢٧٨٦٨	٢٢٣٦٨	٥٠٢٣٦	٦٠٦٨٣٨	٤٨٠٩٢٤	١٠٨٧٧٦٢

هن شيڊول ۾ مردن ۽ زالن ۾ جيڪو وڏو فرق ڏيکاريل آهي، اهو انهيءَ ڪري آهي جو اوڀر ملڪ جي ماڻهن ۾ عام طرح ۽ خاص ڪري مسلمانن ۾ زالن يا گهر جي ماڻهن بابت پوشيدگي رکي وڃي ٿي، ۽ انهن جو نالو به ظاهر نٿو ڪيو وڃي. انڪري ٿي سگهي ٿو ته ڪيترين ئي عورتون ۽ ٻانهيون هن ۾ شمار نه ڪيون ويئون هجن.